# قومي ۽ عالمي تناظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت

ڊاڪٽر غلام علي الانا

سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو

# قومي ۽ عالمي تناظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت

ڊاڪٽر غلام علي الانا

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2018ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڪتاب نمبر (303)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# قومي ۽ عالمي تناظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت


ليکڪ: ڊاڪٽر غلام علي الانا

ڇاپو پهريون: جنوري، 2018ع

ڪمپوزنگ: حسين احمد ميمڻ ، محمد رمضان

ٽائيٽل: اسدالله ڀٽو

تعداد : 1000

قيمت : 600/= رپيا

ناشر: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، پاڪستان

**Catalogue Reference**
Allana, Ghulam Ali .Dr
Qaumi Ain Aalmi Tanazar Men Sindhi Boli Ji Haisiyat=
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN 978-969-625-146-0

QAUMI AIN AALMI TANAZAR MEAN SINDHI BOLI JI HAISIYAT

| | |
|---|---|
| Authored by: | Dr. Ghulam Ali Allana |
| First edition: | January, 2018 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | Rs.600/- |
| Composing: | Hussain Ahmed Memon, Muhammad Ramzan |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Published by: | Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-3 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | contact@sindhila.edu.pk,sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | M/S Pakeeza printers, Hyderabad. |
| Digitized by | M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. |

پاران ايم ايڇ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# انتساب

آءُ پنهنجي هيءَ ڪاوش، سنڌ جي ڀڄڪٽي مؤرخ،

پير حسام الدين شاهه راشديءَ جي نالي ارپيان ٿو،

جنهن کان مون پنهنجيءَ زندگيءَ ۾

تمام گهڻو ڪجهه پرايو ۽ حاصل ڪيو.

**غلام علي الانا**

# فهرست


| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| _ | ناشر پاران | 7 |
| _ | مهاڳ | 9 |
| 1. | سنڌو ماٿر ۾ رهندڙ قديم لوڪ ۽ اُنهن جي ٻولي/ ٻوليون | 17 |
| 2. | سنڌو تهذيب جي قديم ۽ اصلوڪي ٻوليءَ جي تسلسل ۽ باقيات جو اڀياس | 48 |
| 3. | قومي ۽ بين الاقوامي تناظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت | 74 |
| 4. | سنڌي ٻوليءَ لاءِ پيدا ڪيل مسئلا ۽ اُنهن ۾ حاصل ڪيل ڪاميابيون | 105 |
| 5. | پنهنجيءَ مادري زبان سنڌيءَ سان سنڌي ماڻهن جو نفسياتي ڳانڍاپو | 127 |
| 6. | البيرونيءَ جي وقت ۾ سنڌ جي علمي، ادبي، سماجي، ثقافتي ۽ لسانياتي سڃاڻپ | 176 |
| 7. | پاڪستان ۾ قومي ٻوليءَ جو مسئلو | 227 |
| 8. | سنڌي ٻولي، اُن جو ماضي، موجوده مقام ۽ مستقبل لاءِ ڪي تجويزون | 249 |
| 9. | "لغات سنڌي مخففات" جو مقدمو | 299 |
| 10. | لاڙ جي بدين واري علائقي ۾ قديم دور ۾ ڪم ايندڙ رسم الخط | 340 |
| 11. | اولهه ڀارت، بلوچستان، سرائڪي ٻوليءَ واري خطي ۽ ماڃڪي واري خطي ۾ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب صدين کان قائم آهي | 346 |
| 12. | سماجي لسانيات جي روشنيءَ ۾ سچل سرمست جي ڪلام جو مطالعو | 375 |
| 13. | تفصيلي ببليوگرافي | 404 |

# ناشر پاران

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي شخصيت ڪنهن تعارف جي محتاج نہ آهي، الانا صاحب سنڌي ٻوليءَ تي جيترو ڪم ڪيو آهي، اهو يقيناً قابل فخر آهي. ڊاڪٽر الانا صاحب سنڌي ٻوليءَ جي لسانيات، صوتيات ۽ لهجن ڪانسواءِ ان جي تاريخي ورثي تي بہ ڪم ڪيو آهي. هي ڪتاب "قومي ۽ عالمي تناظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت" هڪ نئون اضافو آهي. جيڪو ٻوليءَ جي سماجي ڪارج ۽ حيثيت کي اجاگر ڪري ٿو. ڊاڪٽر الانا صاحب پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا" ۾ ڪي اهم عنوان ڏنا هئا، جيڪي موجوده دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت تي مدار رکن ٿا. هي ڪتاب انهن جو تسلسل آهي.

هن ڪتاب ۾ تيرهن مک عنوانن آهن، جن ۾ تفصيلي ببليوگرافي بہ شامل آهي. سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان هي هڪ منفرد ڪتاب آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڇپرايو ويو آهي. اٿارٽيءَ جي ڪوشش آهي تہ شروع کان ٻوليءَ جي حوالي سان جيڪي ڪم منظور ٿيل هئا، يا ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان رڪارڊ تي آيل آهن، انهن کي تڪميل تائين پڄايو وڃي. الانا صاحب بہ هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ: "..... هن وقت سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ئي سنڌ ۾ سرڪاري توڙي خانگي ادارن مان هڪ اهڙو ادارو آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ لاءِ 1997ع کان منظور ٿيل مذڪوره رٿائن تي ڪم ڪري رهيو آهي، حقيقت هي آهي تہ هن اداري، سال 1992ع کان وٺي اداري جي منظور ٿيل رٿائن تي باقاعدگيءَ سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو." ڊاڪٽر الانا صاحب پاڻ هن اداري جا چيئرمئن رهي چڪا آهن، ۽ کين اها بہ خبر آهي تہ هن وقت تائين هن اداري ڪيترا اهم ڪم ڪيا آهن، توڙي جو سنڌي سماج جون توقعات وڌيڪ آهن، پر ان ڳالهہ ۾ بہ شڪ نہ آهي تہ جڏهن جڏهن ڪم ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويو تہ اهو پورو ڪيو ويو. تمام گهڻين مجبورين ۽ حدبندين باوجود اٿارٽي ڳاٽيٽي جيڏو ڪم ڪيو آهي. هي ڪتاب هن سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. جيڪا يقيناً سنڌي ٻوليءَ جي شاگردن، استادن ۽ محققن لاءِ هڪ اهم وٿ ثابت ٿيندي

20 ڊسمبر، 2017ع
حيدرآباد، سنڌ

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ
چيئرمئن

# مهاڳ

1- سنڌي ٻولي، مُوجود دور ۾ ننڍي کنڊ پاڪ ـ هند جي ٻولين تہ خير پر دنيا جي اهم، ترقي پذير، علمي، ادبي ۽ معياري ٻولين مان هڪ آهي، جنهن ۾ سنڌي ڪلاسيڪي ادب، معياري ادب، لوڪ ادب، لوڪ ڪلا کان سواءِ جديد ۽ ترقي پسند ادب ۽ ادب عاليہ جا شهپارا بہ ڇپجي چڪا آهن. هن ٻوليءَ ۾، ڪلاسيڪي شاعرن ۾، پير شمس سبزواري ملتاني، پير صدرالدين، قاضي قادن، دادو ديال، مهامتي پراڻ ناٿ، شاهہ ڪريم بلڙائي، مخدوم نوح سرور، شاهہ لطف الله قادري، شاهہ عنايت صوفي نصرپوري، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، سامي، بيدل، بيڪس ۽ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جهڙا اعليٰ شاعر پيدا ٿيا. لوڪ ادب ۾، سانوڻ فقير، مائي مرڪان شيخڻ، پاڳوپان، سمنگ چارڻ، ڪبيرشاهہ ۽ جلال ڪتيءَ جهڙا مجيل شاعر، عروضي شاعريءَ ۾ مير عبدالحسين خان ’سانگي‘، مير حسن علي خان ’حسن‘، سيد فاضل شاهہ، سيد گدا شاهہ، گل محمد ’گل‘ ۽ محمد قاسم هالائي وغيره جهڙا نامور شاعر، جديد ۽ ترقي پسند شاعريءَ توڙي نثر نويسيءَ ۾، ڪشنچند ’بيوس‘، حيدربخش جتوئي، ڪيئلداس ’فاني‘، پرسرام ’ضياء‘، شيخ اياز شيخ عبدالرزاق ’راز‘، نارائڻ ’شيام‘، هري دريائي ’دلگير‘، موتي پرڪاش، عبدالڪريم گدائي، اُستاد بخاري، نياز همايوني، تنوير عباسي، شمشيرالحيدري، بردو سنڌي، ذوالفقار راشدي، تاجل بيوس ۽ امداد حسينيءَ کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي شاعر پيدا ٿيا.

نثر نويسن ۾ مرزا قليچ بيگہ ديوان ڪوڙومل چندن مل، تيرت وسنت، منگهارام ملڪاڻي، نارائڻداس ڀمڀاڻي، خانچند درياڻي، احمد چاڳلا، جي . ايم سيد، محمد ابراهيم جويو مولانا غلام محمد گرامي، محمد عثمان ڏيپلائي، پير حسام الدين شاهہ راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جمال ابڙو، امرجليل، نسيم کرل، قمرشهباز انور پيرزادو عبدالقادر جوڻيجو سراج الحق ميمڻ، علي احمد بروهي، آغا سليم، ابن حيات پنهور، حميد ’سنڌي‘، غلام رباني آگرو، مدد علي سنڌي، شوڪت شورو، ماهتاب محبوب، ثميره زرين، جي جي زينت عبدالله چنا، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ’سنڌي‘، ابن الياس سومرو، خيرالنساء جعفري، ڊاڪٽر فهميده حسين، نورالهديٰ شاهہ، ڊاڪٽر نور افروز خواجہ، ڊاڪٽر سحر امداد، تهمينہ مفتي، سلطانہ وقاصي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي ۽ ٻيا بہ سوَن جي تعداد ۾ ناول نگار، ناٽڪ نويس، افسانہ نويس، ڪالم نويس، صحافي، نقاد ۽ محقق ٿي گذريا آهن، جن جي ڪاوش، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب کي اعليٰ معيار وارين ٻولين جي صف ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي.

دراصل هيءَ هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن جي سنڌ جي ادارن طرفان تحقيق ڪرائي، ڪتاب شايع ڪرائي سگهجن ٿا. ڇاڪاڻ تہ هيءَ ڪم ڪنهن اڪيلي ماڻهوءَ جي پهچ کان گهڻو وسيع آهي.

سنڌ ۾ اڄڪلهہ سرڪاري توڙي خانگي طور ڪيترائي ادارا آهن جن هن ڏس ۾ تعريف جوڳو ڪم ڪيو آهي، پر سنڌي ادب جي مفصل تاريخ يا اُن جي ڌار ڌار صنفن جي تحقيقي ۽ تنقيدي تاريخ تي اجا ڪنهن بہ اداري ڪو پروگرام ناهي باقاعدي تحقيق ڪانہ ڪرائي آهي. اهڙيءَ طرح ڀارت جي ڌار ڌار رياستن ۾ جتي جتي سنڌي قوم آباد آهي، اُتي اُنهن رياستن جي طرفان، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي ترقيءَ لاءِ بہ ادارا قائم ڪيا ويا آهن. ساڳئي وقت ڀارت ۾ خانگي طرح بہ ڪيترن ئي اديبن جي طرفان ناهيل ادبي منڊلين، جديد ۽ ترقي پسند سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي آهي، پر اُتي بہ سنڌي ادب جي ڌار ڌار صنفن جي تاريخ اجا تائين لکجي ڪانہ سگهي آهي، سواءِ هڪ صنف، ناٽڪ جي. اهڙيءَ طرح ڀارت ۾، ڪڇ ضلعي ۾، سنڌي لوڪ ادب جي سلسلي ۾، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، ڊاڪٽر ڄيٺي لالواڻيءَ ۽ ڪانياواڙ ۾ سنڌي لوڪ ادب جي سلسلي ۾ شري ڄيٺنت ريلاڻيءَ ۽ اجمير جي پروفيسر ڊاڪٽر ڪشني ڦلواڻيءَ تعريف جوڳو تحيقي ڪم ڪيو آهي، پر تنهن هوندي بہ اهو سڀ ڪجهہ ڪافي نہ آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي ڌار ڌار پهلوئن جي سلسلي ۾، هن وقت تائين ڀارت ۾ انفرادي طور تمام گهڻو ۽ معياري ڪم ٿيو آهي. اُنهن ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي، ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻي، ڊاڪٽر ستيش روهڙا، ڊاڪٽر ڪنيي ليکواڻيءَ ۽ ڊاڪٽر روشن گولاڻيءَ ڪان سواءِ ٻين ماهرن بہ وڏو ڪم ڪيو آهي، پر پاڪستان ۾ هن موضوع تي اجا ايترو گهڻو ڪم ڪونہ ٿيو آهي. البت علم اللسان جي لحاظ کان پاڪستان ۾ جيترو معياري ۽ سائنسي طريقي سان تحقيقي ڪم، سنڌي ٻوليءَ ۾، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ ٿيو آهي، اوترو معياري ۽ سائنسي طريقي سان تحقيقي ڪم، اردوءَ سميت پاڪستان جي ٻيءَ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ هن وقت تائين ڪونہ ٿيو آهي.

2- اردو ٻوليءَ ۾، علم اللسان جي حوالي سان گهڻو ڪري 'مقتدره قومي زبان' اداري تعريف جوڳو ڪم ڪيو آهي. هيءَ وفاقي حڪومت جو ادارو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ هن کان اڳ، سنڌي ادبي بورڊ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ئي اهڙا ادارا هئا، جن سنڌي ادب جي هر موضوع تي تعريف جوڳو ڪم ڪيو هو جيتوڻيڪ انهن ٻنهي ادارن کي، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ وفاقي سرڪار طرفان ڪنهن بہ قسم جي ۽ ڪڏهن بہ ڪا مالي مدد ڪانہ ڪئي وئي آهي. جڏهن تہ اردو زبان لاءِ ڌار ڌار ادارن کي ڪروڙين رپيا گرانٽ طور ڏنا ويندا آهن، پر حقيقت هيءَ آهي تہ سنڌي ادبي بورڊ جنهن کي صوبائي سرڪار طرفان ساليانی گرانٽ ڏني ويندي آهي، اُن جو ڪم پاڪستان

۾ هر اداري کان وڌيڪ معياري ۽ وڌيڪ مفيد رهيو آهي. هن اداري ادب عاليه جا شهپارا به ڇپايا آهن. انهن ادارن کانسواءِ، سنڌ سرڪار طرفان 1975ع ۾ قائم ڪيل 'ڊپارٽمينٽ آف ڪلچر ۽ ٽورزم' به سنڌي لٽريچر، سنڌي ادب، شاهه لطيف ۽ سچل سرمست تي لاثاني ڪم ڪيو آهي.

3- سنڌ سرڪار طرفان، 1991ع ۾، 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ' جي نالي سان، ادارو قائم ڪيو ويو. هن اداري جا هيٺيان ٽي مقصد آهن:

(i) سنڌ جي دفترن ۽ ڪورٽن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال لاءِ ڪم ڪرڻ

(ii) سنڌ جي تعليمي ادارن ۾، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ڏيڻ جو بندوبست ڪرڻ

(iii) سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ ڪم ڪرڻ

هن اداري جو باني چيئرمئن، بين الاقوامي سنڌالاجسٽ، جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هو. ڊاڪٽر صاحب، هن اداري جا مضبوط بنياد رکيا، ۽ شروع ۾ ڪي پروگرام مرتب ڪري، اُنهن تي عملي قدم کڻڻ شروع به ڪيائين. پر ٽن سالن کان پوءِ، ڊاڪٽر صاحب جي مقرريءَ جي مدي پوري ٿيڻ کان پوءِ، ڊاڪٽر صاحب کي هن اداري کي الوداع ڪرڻو پيو. جيڪڏهن ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي هن اداري جو تاحيات چيئرمئن مقرر ڪيو وڃي ها ته اڄ هيءُ ادارو سنڌي ٻولي جون اهي سڀ گهرجون پوريون ڪري ها، جن جي پوري ڪرڻ لاءِ هي ادارو قائم ڪيو ويو هو.

1997ع ۾ هن اداري جو چيئرمئن مون کي مقرر ڪيو ويو. اُن زماني ۾، هن اداري جي ساليانيrecurring گرانٽ پندرهن لک روپيا هئي. منهنجيءَ گذارش تي، اُن وقت جي وزيراعليٰ محترم لياقت علي خان جتوئيءَ اداري جي گرانٽ پنجاهه لک مقرر ڪرڻ جي منظوري ته ڏني، پر فائننس ڊپارٽمينٽ، اها رقم جاري ڪرڻ کان انڪار ڪيو. بهرحال سال 2000ع تائين، پندرهن لکن جي گرانٽ تي ئي گذارو ڪرڻو پيو.

منهنجي چيئرمنيءَ واريءَ مدت ۾، مون، اداري لاءِ 'ننڍي مدت' (short term) ۽ 'ڊگهي مدت' (long term) لاءِ رٿائون جوڙي، بورڊ آف گورنرس کان منظور ڪرايون. ڊگهيءَ مدت وارين رٿائن ۾ 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا'، 'سنڌي انفرميٽڪس' قائم ڪرڻ، سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي ادب، ٻارن لاءِ ادب ۽ حوالاجاتي ادب (reference tools) جهڙيون رٿائون شامل هيون. انهن رٿائن تي عملي ڪم شروع به ڪيو ويو.

هن وقت سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ سنڌ ۾، سرڪاري توڙي خانگي ادارن مان هڪ اهڙو ادارو آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ لاءِ، 1992ع کان منظور ٿيل مذڪوره رٿائن تي ڪم ڪري رهيو آهي. حقيقت هيءَ آهي ته هن اداري، سال 1992ع کان وٺي، اداري جي منظور ٿيل رٿائن تي باقاعدگيءَ سان تحقيقي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو. هن اداري قائم ٿيڻ واري زماني (1991ع) کان وٺي موجوده زماني (2017ع) تائين بيشمار علمي ۽ سنڌي

ٻوليءَ جي حوالي سان تاريخي ڪتاب شايع ڪيا آهن. انهن ۾ ڪيترن ئي موضوعن تي ڊڪشنريون، ٻارن لاءِ ادب ۽ سائنسي ادب تي معياري ڪتاب پڻ شايع ٿيا آهن. اداري جا ٻه تحقيقي پروجيڪٽ. هرهڪ: انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۽ مفصل سنڌي لغت. اهڙا اهم پروجيڪٽ آهن. جن جي ڪري نه فقط اداري جو مان مٿاهون ٿيو آهي. پر سنڌي ٻوليءَ جو مقام، دنيا جي مختلف ملڪن جي ٻولين جي مقام تائين رسائي ڇڏيو آهي. اڄ ٻاهرينءَ دنيا ۾ آباد سنڌي قوم، پنهنجي ٻوليءَ تي فخر ٿي ڪري

اهڙيءَ طرح اليڪٽرانڪ ميڊيا جي سلسلي ۾، سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر جي دنيا. خاص ڪري اميريڪا، يورپ ۽ جپان ۽ ڏور مشرق ۾ رهندڙ سنڌي نوجوانن جي ڪوششن. سنڌي ٻوليءَ کي ڪمپيوٽر جي ٻولي بنائي ڇڏيو آهي، ۽ سنڌي ٻوليءَ کي انٽرنيٽ تي آڻي، اُنهن، دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي قوم کي هڪٻئي جي ويجهو آڻي ڇڏيو آهي. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻولي هاڻ. 'وڻج واپار واري ٻولي' (business language) پڻ بڻجي وئي آهي.

ساڳيءَ طرح سيٽلائيٽ جي مدد سان موجوده وقت هلندڙ ست سنڌي چئنلز هڪ ڪي. ٽي اين، سنڌ ٽي. وي، ڪشش، ڌرتي، مهراڻ ۽ آواز ٽي. وي ۽ پي ٽي وي، سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ادب، سنڌ جي ثقافت، سنڌي راڳ، شاهه لطيف، سچل سرمست توڙي ٻين صوفي شاعرن جي ڪلام کي، سنڌي ٻوليءَ ۾ نشر ڪري، گهڻ ۾ گهڻ هڪ سؤ ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي قوم جي ماڻهن ۾، سنڌ ۽ سنڌيت جي باري ۾ وڏي جاڳرتا آڻي ڇڏي آهي.

پر سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم جي حوالي سان، سنڌي ٻوليءَ لاءِ اڃا ٻه گهڻوئي ڪم ڪرڻو آهي، جنهن لاءِ اٿارٽيءَ کان سواءِ سنڌ ۾ قائم ڪن يونيورسٽين جي I.T ڊپارٽمينٽن کي گڏجي ڪي رٿائون جوڙڻ گهرجن، ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ڪمپيوٽر جي ٻولي بنائڻ لاءِ ڪي رٿائون جوڙي، اُنهن تي عملي ڪم ڪرڻ گهرجي.

هن اداري ۾ قائم ريسرچ سينٽر کي هيٺ ڏنل عنوانن تي 'حوالاجاتي مواد' (Reference and resource tools) تيار ڪرڻو هو:

- سنڌ ڊيناٻيئنڪ
- سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ۽ ڇپجندڙ ڪتابن جي ببليوگرافي
- سنڌي اهل قلم جي ڊائريڪٽري
- سنڌي اخبارن ۽ رسالن جي ڊائريڪٽري
- عالمي سطح تي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪندڙ محققن جي باري ۾، يعني whos who in Sindh معلومات

4- هن وقت تائين، سنڌ توڙي هند ۾، سنڌي ٻوليءَ جي ٻين مسئلن جي ڀيٽ ۾، ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد‘ واري موضوع تي وڏيڪ تحقيق ضرورتي آهي، پر حقيقت ۾ سنڌي لسانيات، سنڌي وياڪرڻ، قومي ۽ بين الاقوامي تناظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت، سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم، عملي لسانيات (Applied linguistics)، ۽ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بنائڻ جهڙن موضوعن کان سواءِ اولهہ ڀارت، بلوچستان، سرائڪي علائقي، ماچڪي خطي ۽ ايران جي جدگال خطي ۾، سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي ادب، لوڪ ادب، لوڪ ڪلا ۽ سنڌي ثقافت کان سواءِ انهن علائقن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ٻهچ ۽ پکيڙ جي باري ۾ وڏي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

هن ڪتاب ۾ شامل ڪن مقالن ۾، اولهہ ڀارت جي ڪڇ، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ اولهہ راجستان ۾، سنڌي ٻولي، سنڌي ڪلاسيڪي توڙي لوڪ ادب ۽ سنڌي لوڪ ڪلا کان سواءِ سنڌي شاعرن، سگهڙن ۽ سنڌي فنڪارن جي ڪيل ادبي خدمتن جا حوالا ڏنا ويا آهن. اهڙيءَ طرح بلوچستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان سنڌ جي ڀهچٽي ڏاهي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر داد محمد بروهيءَ ۽ مرحوم الله بچائي سمي جي ڪيل تحقيقي ڪم مان، بلوچستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مٿي ڄاڻايل موضوعن جي باري ۾ تمام گهڻي معلومات ملي ٿي. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي ڪتاب ۾ بہ هن سلسلي ۾ مطالعو پيش ڪيو ويو آهي. هوڏانهن پنجاب صوبي جي سرائڪي ۽ ماچڪي وارن علائقن ۾، سنڌي ٻوليءَ جي ٻهچ ۽ پکيڙ کان سواءِ سنڌي ڪلاسيڪي ادب، سنڌي لوڪ ادب، سنڌي لوڪ ڪلا ۽ سنڌي سگهڙن، شاعرن ۽ ڪلاڪارن جي ڪيل ادبي ۽ ثقافتي خدمتن جي باري ۾، هن وقت تائين ڪنهن بہ سڄڻ ڪجهہ بہ لکيو نہ آهي، يا جيڪڏهن ڪجهہ لکيو بہ ويو آهي تہ اُهو منهنجي نظر مان نڪتو نہ آهي.

(ت) سنڌي ڪمپيوٽنگ ۽ ڪمپيوٽر ذريعي سنڌي ٻوليءَ جي استعمال جي باري ۾ مون، ’سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا‘ ڪتاب کان سواءِ انگريزي ٻوليءَ ۾ ڇپجندڙ منهنجي نئين ڪتاب `Let's learn Sindhi` ۾ ڪمپيوٽر تي سنڌي ٻوليءَ جي استعمال جي حوالي سان پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي، پر جيئن تہ هيءَ هڪ فني مسئلو آهي، انهيءَ ڪري هن موضوع تي ڪو اهڙو ماهر وضاحت سان روشني وجهي ۽ رهبري ڪري، جيڪو ڪمپيوٽر جي لاءِ، سنڌي ٻوليءَ جي گهرجن جي باري ۾ هر پاسي کان جائزو پيش ڪري. هن وقت تائين جيڪي ڪجهہ لکيو ويو آهي، اُن مان آءٌ ذاتي طرح مطمئن نہ آهيان.

5- سنڌي ٻوليءَ جي ڏار ڏار مسئلن جي باري ۾، ٽماهي مهراڻ رسالي ۾ ڇپيل مضمون ۽ مقالن کي گڏ

ڪرڻ ۽ اُنهن کي ترتيب ڏيڻ جي سلسلي ۾، اڄ کان پندرهن کن سال اڳ، قبلي مخدوم جميل الزمان سائينءَ زباني طرح مون کي حڪم فرمايو تہ مهراڻ رسالي ۾، سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ ڇپيل مضمونن ۽ مقالن کي آءٌ گڏ ڪري، اُنهن کي ترتيب ڏيئي، بورڊ جي حوالي ڪريان تہ جيئن بورڊ جي طرفان اهو ڪتاب شايع ڪيو وڃي. وڌيڪ اهين بہ فرماياڻون تہ: "اسين بورڊ طرفان اوهان کي لکت ۾ بہ اهڙي گذارش ڪنداسين" مون مخدوم صاحب جن سان هائوڪار تہ ڪئي پر بورڊ طرفان لکت ۾ اهڙي حڪمنامي جو انتظار ڪندو رهيس. پوءِ بورڊ ۾ تبديلي اچي وئي. نئون بورڊ آف گورنرس نهيو ۽ مون کي انهيءَ سلسلي ۾ ڪوبہ خط وغيره ڪونہ مليو.

وري 2011ع ۾، سنڌ سرڪار جي ڪلچر ڊپارٽمينٽ جي تڏهوڪي ڊائريڪٽر جنرل، محترم منظور احمد قناسري، مون سان اهڙي ئي قسم جو اظهار ڪيو جيئن مخدوم صاحب جن حڪم فرمايو هو. جيئن تہ مون اڳ ۾ ئي مهراڻ رسالي توڙي ٻين رسالن ۾، سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ڇپيل منهنجن مقالن ۽ مضمونن کي گڏ ڪرڻ شروع ڪيو هو انهيءَ ڪري قناسري صاحب جي حڪم جي تعميل ڪندي، انهن گڏ ڪيل مقالن کي جڏهن ترتيب ڏيڻ شروع ڪيم تہ منهنجا تي ڪتاب تيار ٿي ويا. اُنهن مان هڪ ڪتاب: 'قومي ۽ عالمي تناظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت' جي عنوان وارو هي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي.

6- هي ڪتاب، سنڌي ٻوليءَ جي مختلف موضوعن تي، لکيل تيرهن مقالن تي مشتمل آهي. انهن مقالن مان 8 مقالا، هن کان اڳ ڪنهن بہ رسالي ۾ ڇپيل نہ آهن. جيڪي مقالا اڳ ۾ رسالن ۾ ڇپايا ويا هئا، اُنهن تي بہ هن ڪتاب جي ضرورت پٽاندر نظرثاني ڪئي وئي آهي. مجموعي طور سڀ مقالا، سنڌي ٻوليءَ جي ڌار ڌار پهلوئن جي باري ۾ مفيد ۽ نئين معلومات وارا آهن.

علم اللسان، هڪ خشڪ ۽ سائنسي علم آهي. هن علم تي جيڪڏهن هر اديب يا دانشور پنهنجو توجهہ نہ ڏيندو تہ اُن تي ڪابہ ميار ڪانهي، البت ٻوليءَ/ ٻولين جي اُستادن کي هن علم جي باري ۾ ڇپيل مواد ضرور پڙهڻ گهرجي.

علم اللسان ۽ سنڌي زبان هڪ وسيع موضوع آهي. هن موضوع جا ڪيترائي پهلو آهن. انگريزي ٻوليءَ ۾ تہ علم اللسان جي ڌار ڌار پهلوئن تي ماهرن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. صرف مون وٽ ئي اهڙا بہ سؤ کن ڪتاب موجود آهن. پر سنڌي ٻوليءَ ۾، علم اللسان جي حوالي سان، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، سنڌي صوتيات، سنڌي لسانيات، سنڌي وياڪرڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي پارٽ ۾ تہ ڊاڪٽر ليمڻ کوبچنداڻيءَ، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، ڊاڪٽر ستيش روهڙا،

ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻيءَ، ڊاڪٽر يشوڏرا واڌواڻيءَ، ڊاڪٽر سندري پرچاڻيءَ، ڊاڪٽر ڪنيي ليکواڻيءَ کان سواءِ ڀارتواسي سنڌي ودوان شري جٺرامداس دولترام ۽ پوني يونيورسٽيءَ جي ودوانن، هن موضوع تي واکاڻ جوڳو ڪم ڪيو آهي. پاڪستان ته خير، پر صرف سنڌ ۾ به هن موضوع تي ڪو ايترو گهڻو تحقيقي ڪم ڪونه ٿيو آهي. پاڪستان ۾ به سواءِ قائداعظم يونيورسٽيءَ جي، ٻيءَ ڪنهن به يونيورسٽيءَ ۾، علم اللسان جي سلسلي ۾ سکيا ڏيڻ يا تحقيقي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪو شعبو ئي ڪونهي. 1963ع کان وٺي، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ بي - اي آنرس ۽ ايم - اي فائنل جي ڪورسن ۾، سنڌي صوتيات ۽ سنڌي لسانيات جي ڪيترن ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ پيپر رکيل آهي، جنهن جي پڙهائڻ لاءِ اڳي لسانيات ۾ تربيت يافته اُستاد موجود هوندا هئا. اُنهن اُستادن جي رٽائر ٿي وڃڻ کان پوءِ، هاڻي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾، انهيءَ نصاب جي پڙهائڻ لاءِ ڪوبه تربيت يافته اُستاد موجود ڪونهي. اهڙيءَ طرح ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ اردو شعبي سان لسانيات جي مطالعي لاءِ هڪ سيڪشن شامل هوندو هو جيڪو علم اللسان جي باري ۾، شاگردن کي اوائلي ڄاڻ ڏيندو هو. اُن زماني ۾ ڊاڪٽر ابواليث صديقي صاحب هن مضمون جي سکيا ڏيندو هو. ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان، سنڌي شعبي جي ڪنهن اُستاد کي، علم اللسان جي مضمون ۾ سکيا وٺڻ لاءِ، پاڪستان کان ٻاهر ڪٿي به موڪليو وڃي جتان هو، هن مضمون ۾ تربيت وٺي اچي. ڇاڪاڻ ته خالي ڪتاب پڙهي، ڪوبه اُستاد هن مضمون ۾ اُها لياقت حاصل ڪري نه سگهندو جو هو صاحب اهو مضمون پڙهائي سگهي.

7- هن ڪتاب ۾ شامل مقالن جو جڏهن مطالعو ڪجي ٿو تڏهن محسوس ٿو ٿئي ته سڀ مقالا، سنڌي لسانيات جي موضوع تي دلچسپي رکندڙ اُستادن، شاگردن توڙي عام اديبن ۽ شاعرن لاءِ به مفيد ۽ معلوماتي مواد سان ڀريل آهن. جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي لسانياتي مطالعي لاءِ هر لحاظ کان گهربل ضرورتون پوريون ڪن ٿا.

آءٌ پنهنجو هيءُ مسودو، منظور احمد قناسري صاحب تائين ته پهچائي نه سگهيس، جوته سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي اڳوڻي چيئرمئن ۽ منهنجي دوست، محترم سرفراز راڄڙ، مون سان اظهار ڪيو ته هي ڪتاب، اٿارٽيءَ طرفان شايع ڪيو ويندو ۽ پاڻ اُهو مسودو مون کان وٺي ويو ۽ پبليڪيشن ڪميٽيءَ کان هن جي ڇپائيءَ جي منظوري به ورتائين، ۽ پوءِ ڪمپوزنگ جو ڪم به شروع ڪرائي ڇڏيائين.

آءٌ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي موجوده چيئرمئن، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ صاحب جو

شڪرگذار آهيان جو هن صاحب. ڪائنس اڳ واري چيئرمئن جي فيصلي کي بحال رکيو ۽ هن ڪتاب جي اڳتي ڪمپوزنگ جاري رکڻ لاءِ ڊائريڪٽر. بيورو آف پبليڪيشن ۽ پراڊڪشن کي اجازت به ڏنائين.

آءٌ هن ڪتاب جي اوهان جي هٿن تائين پهچڻ وارن سڀني مرحلن لاءِ امين محمد لغاري صاحب جو تهه دل سان شڪرگذار آهيان. مون کي يقين آهي ته منهنجو هي پراڻو ساٿي مون سان جيڪڏهن تعاون نه ڪري ها ته منهنجو هي ڪتاب به ائين ڦٽو ڪيو وڃي ها. جيئن محترم عبدالقادر جوڻيجي جي اٿارٽيءَ جي چيئرمئن مقرر ٿي اچڻ کان اڳ، منهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' جي مسودي کي، اسٽور ۾ پراڻن فائيلن سان گڏ رکيو ويو هو. اُهو ڪتاب به امين محمد لغاري صاحب جي سعودي عرب کان واپس اچڻ کان پوءِ، سندس ئي ڪوشش ۽ مهربانيءَ سان شايع ٿيو.

آءٌ پبليڪيشن شعبي جي پٺي عملي ۽ خاص ڪري ڪمپيوٽر سيڪشن جي محترم حسين احمد ميمڻ ۽ محمد رمضان جو ٿورائتو آهيان. جن وڏي محنت ڪري، مختلف مضمونن جي مواد کي ڪمپوز ڪري، موجوده شڪل ۾ آندو.

هن مسودي ۾ شامل مضمونن جي متن ۾ ڪي اوڻايون به هونديون. آءٌ پڙهندڙن جو احسانمند رهندس جيڪڏهن اُهي، مون کي منهنجن انهن اوڻاين کان آگاهه ڪندا.

| | |
|---|---|
| حيدرآباد- سنڌ | سنڌي ٻوليءَ جو فدائي |
| 7- نومبر، 2016ع | غلام علي الانا |

# سنڌوماتر ۾ رهندڙ قديم لوڪ ۽ اُنهن جي ٻولي/ ٻوليون

1 ـ قديم آثارن جي ماهرن جي ذهنن ۾ هي سوال پيدا ٿيندو رهيو آهي تہ سنڌو ـ ماتر تي مشتمل، هن قديم ملڪ کي، قديم زماني ۾، ڪهڙي نالي سان پڪي ڪوٺيو ويو آهي؟ هي سوال بہ اهم آهي تہ ڇا سنڌو ـ ماتر، ڪنهن هڪ ملڪ تي مشتمل هئي يا اُها ڌار ڌار ملڪن ۽ رياستن ۾ ورهايل هئي؟ جيڪڏهن اها پوري ماتر، ڌار ڌار ملڪن ۾ ورهايل هئي تہ پوءِ اُنهن ڌار ڌار ملڪن جي تهذيب ۽ اُنهن جي ٻولي ساڳي هئي يا اُنهن ملڪن جون ٻوليون بہ ڌار ڌار هيون؟

انهن ٻن سوالن مان پهرئين سوال جو جواب تہ هاڻ ملي چڪو آهي تہ قديم زماني کان، بلڪ آرين جي، سنڌو ـ ماتر ۾ اچڻ کان صديون اڳ، سنڌو ـ ماتر، هڪ سڌريل تهذيب ۽ تمدن جي مالڪڻ هئي. اُن کي پنهنجي زبان هئي ۽ پنهنجو معاشرو هو. پر هي سوال اڃا تائين تحقيق طلب رهيو آهي تہ جيڪڏهن سنڌو ـ ماتر هڪ ئي ملڪ تي مشتمل هئي، ۽ اُن ملڪ جي تهذيب ۽ تمدن بہ ساڳيو هو ۽ اُن جي ٻولي بہ ساڳي هئي، ۽ سنڌو ـ ماتر جي اُها ٻولي، ڌار ڌار شاخن ۾ ورهايل هئي، تہ پوءِ سوال هيءُ ٿو پيدا ٿئي تہ آرين جي اچڻ کان اڳ، ۽ آرين جي هن ملڪ تي قبضي کان پوءِ، هي ملڪ ڪهڙي نالي سان سڏجڻ لڳو هو؟

سنڌ جي تهذيبي، تمدني، سياسي ۽ سماجي تاريخ سان دلچسپي رکندڙ محققن کي، هن سلسلي ۾، آڳاٽي ۾ آڳاٽو احوال رگ ويد مان ملي ٿو جنهن کي ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن ۽ ماهرن، ترجمن جي صورت ۾، پنهنجن پڙهندڙن لاءِ، سندن ئي ٻولين ۾ پيش ڪيو آهي، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ اُن جو ڪو مڪمل ترجمو منهنجي نظر مان گذريو نہ آهي.

هن موضوع جي باري ۾ وڌيڪ بحث مباحثي ۽ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ کان اڳ، هن سرزمين جي سياسي ۽ سماجي تاريخ جو پس منظر ڄاڻڻ بہ ضروري آهي. رگ ويد توڙي هندن جي ٻين مذهبي ڪتابن کان سواءِ، پارسين جي مذهبي ڪتاب، 'اويستا' توڙي قديم ايراني ۽ قديم يوناني مؤرخن، قديم چيني سياحن ۽ ياترين، ۽ سنڌ ۾، عربن جي حڪومت جي شروع واري زماني ۾ آيل عرب سياحن ۽ جاگرافيءَ جي ماهرن جا لکيل احوال بہ، هن سلسلي ۾ تحقيق ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪن ٿا.

اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ سنڌوماتر ۽ اُن جي رهاڪن توڙي سنڌو درياءَ جي باري ۾، آڳاٽي ۾ آڳاٽو احوال، 'رگ ويد' مان ئي ملي ٿو. رگ ويد کان پوءِ، هن ملڪ جو قديم احوال، چيني، ايراني ۽ يوناني

مؤرخن جي تاريخن مان ملي ٿو. انهن تاريخن مان معلوم ٿو ٿئي تہ ايران جي 'هخامنشي' خاندان جي باني بادشاهہ خسرو اول (588 ق. م کان 530 ق. م تائين)، سڀ کان پهرين، سنڌ ملڪ طرف رخ رکيو ۽ نيٺ سجي ملڪ تي قبضو ڪيائين. خسرو اول کان پوءِ 'دارا اعظم پهريون' (522 ق. م کان 486 ق. م تائين)، 516 ق. م ۾، سنڌونديءَ جي چوڙ واري علائقي تائين، سنڌ تي ڪاهي آيو ۽ هي سڄو ملڪ پنهنجي تابع ڪيائين. (Encyclopaedia Britanica)

'ائبٽ' (Abbot) جي خيال موجب، سنڌونديءَ، سرحد طور، قديم سنڌو- ماٿر تي مشتمل حڪومت ۽ ايراني حڪومت جي سرحدن کي ڌار ٿي ڪيو. آئبٽ (Abbot) لکي ٿو:

> ”ٽاڊ (Tod) جي خيال موجب، 'سنڌو'، 'تاتاري' يا 'ستين' (Scythian) ٻوليءَ جو لفظ آهي. 'سنڌوُ' لفظ 'سِڌ' مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'ورهائيندڙ'. 'سنڌو' يا 'حد ڏيکاريندڙ' يا 'پري ڪندڙ'. يونانين ئي هن (سنڌو) درياءَ کي، 'هند ملڪ' ۽ 'ايراني سرزمين' کي ڌار ڪندڙ درياءُ سڏيو هو. ايرانين، هن درياءَ کي، 'هندو' سڏيو ڇو تہ ايراني ٻوليءَ ۾ [س] کي [هہ] آواز ۾ تبديل ڪري، اُچاريو ويندو آهي. اڳتي هلي، [هہ] آواز حذف ٿي ويو ۽ لفظ 'هندُو' يا 'اِندوُ' اُچارجڻ لڳو“. (Abbot, J., 1977: 23)

2- ايرانين کان پوءِ، هن ملڪ ۾ يوناني آيا. انهن کان پوءِ 'موريا گهراڻي' وارا آيا. سن 275 ق. م ۾، 'مهاراجا چندر گُپت' موريا، هن گهراڻي (موريا گهراڻي) جو پايو وڌو. 'مهاراجا اشوڪ'، هن ئي گهراڻي جو هڪ مضبوط ۽ مشهور حاڪم هو. هُن، ٻڌمت اختيار ڪيو ۽ پنهنجيءَ حڪومت ۾، ٻڌمت کي زور وٺايائين. مهاراجا اشوڪ جي حڪومت واري زماني ۾، 'تڪش شلا' وارو علائقو ۽ 'تڪش شلا يونيورسٽي'، علم ادب ۽ ٻين ڪيترن ئي علمن جي سکيا جو وڏو مرڪز بڻجي وئي.

گپتا گهراڻي جي خاتمي کان پوءِ، هڪ ٻئي پٺيان، ساڪن (ستين)، پارٿين، ڪشانن ۽ سفيد هَنن، سنڌوماٿر جي ڪيترن ئي علائقن تي قبضو ڪيو. سن 455ع ۾، سفيد هنن حملو ڪري، تڪش شلا واريءَ تهذيب (گنڌارا تهذيب) کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو.

ڪشان حاڪم بہ، ٻڌمت جا پيرو هئا. ڪشان گهراڻي جي حڪومت واري زماني تائين، ٻڌمت، سنڌوماٿر ۾، عوام جو مذهب بڻجي چڪو هو ۽ راءِ گهراڻي جي حڪومت (492ع ـ 642ع تائين)

جي خاتمي تائين، هي مذهب سنڌو تهذيب جو مذهب رهيو. (Pahnwar, M. H., 1983: 114)

راءِ گهراڻي جو باني، راءِ ديوائجي (ڏيوجي) هو. هُو ٻ ڌمت جو پيرو هو. هن حاڪم، ايران جي ساساني خاندان جي بادشاهه، 'ڪئڪباد' کي شڪست ڏيئي، قديم سنڌ ۾ ايراني حڪومت جو خاتمو آندو. (Pahnwar, M. H., 1983: 114)

راءِ گهراڻي جا پنج حاڪم ٿيا، اُهي هئا: (i) راءِ ديوائجي (ڏيوجي) (ii) راءِ سهارس پهريون، (iii) راءِ سهاسي پهريون، (iv) راءِ سهارس ٻيو ۽ (v) راءِ سهاسي ٻيو. راءِ گهراڻي جي حڪومت (492ع - 642ع) کان پوءِ، چچ برهمڻ جي اڳواڻيءَ هيٺ، برهمڻ سنڌ جا حڪمران بڻيا (علي ڪوفي، 1954ع: 98). هن حڪومت جي زماني ۾ هندو ڌرم، سرڪاري طور، حڪومت جو ڌرم رهيو. انهيءَ ڪري هي ڌرم، سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم تي اثرانداز ٿي ويو. پر عربن جي سنڌ تي فتح واري زماني (93هه/ 712ع) تائين، ٻڌ ڌرم، عوام جي دلين تي اثرانداز هو ۽ اِهو ڌرم (ٻڌ ڌرم)، عوام جي اڪثريت جو مذهب رهيو هو. جنهن ڪري برهمڻ حڪومت جي زماني ۾ هن ڌرم جي مڃيندڙن تي مصيبتون نازل ڪيون ويون، جن جو ازالو عربن جي حڪومت واري دور ۾ ٿيو.

محمد حسين پهنور صاحب جي راءِ موجب، چچ برهمڻ، 640ع ۾، سنڌ جي تخت تي ويٺو. پر چيني سياح، 'هيون سئنگ' (Hieun —Tsang)، جيڪو انهيءَ عرصي دوران، يعني 642ع ۾، سنڌو- ماٿر ۾ موجود هو. تنهن جي بيان موجب، اُن زماني (سندس آمد واري زماني) ۾ هن ملڪ يعني سنڌوءَ جو حاڪم، 'شوُدر' (Sudra) هو. جيڪو راءِ ديوائجيءَ جي خاندان مان هو. اُن لحاظ کان چئبو تہ سنڌ ۾، برهمڻ گهراڻي جي حڪومت، 642ع ۾ شروع ٿي هوندي. پروفيسر پيرومل آڏواڻي لکي ٿو:

> ''هوان- شيانگ' نالي چيني مسافر، عيسوي سن ستين ۾، راءِ سهاسيءَ جي وقت ۾ آيو هو. هن صاحب پنهنجي سفرنامي ۾ ڄاڻايو آهي تہ سنڌ جو راجا هڪ 'شودر' هو. ڀانئجي ٿو تہ انهيءَ وقت کان سگهوئي پوءِ، اِهي (راءِ گهراڻي) حاڪم، کتري راجپوت سڏجڻ ۾ آيا." (پيرومل آڏواڻي، 1956ع: 55).

هن ساري بيان مان هي ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌ تي قديم مسيح واري زماني کان وٺي، ڌارين قومن جا حملا ٿيندا رهيا. اُنهن ۾ آرين جا تاريخي دور کان وٺي حملا، آڳاٽي ۾ آڳاٽا حملا هئا. جن جو تفصيلي احوال 'رگ ويد' ۾ ملي ٿو ۽ رگ ويد مان ئي، سڀ کان پهرين اها خبر پوي ٿي تہ سنڌو- ماٿر، ڪهڙي ملڪ جي نالي سان سڏبي هئي.

### 2- قديم ملڪ جو نالو:

(الف) ماهرن جي راءِ موجب، رگ ويد ۾، هن ملڪ (سنڌو- ماٿر تي مشتمل) جو نالو 'سپت- سنڌو'، يعني 'ستن دريائن وارو ديش' ڄاڻايل آهي، پر ڊاڪٽر احمد حسن دانيءَ جي راءِ موجب:

"لفظ 'سنڌو'، رگ ويد جي ڪيترن ئي سلوڪن ۾ آيل آهي، اهو لفظ هڪ نديءَ جي اسم خاص جي معنيٰ ۾، توڙي نديءَ جي اسم عام طور پڻ ڪتب آندو ويو آهي. پهرينءَ معنيٰ ۾، نديءَ جي لاءِ اهو چيو ويجي ٿو ته اهو درياءَ 'ورڻ ديوتا'، کوٽيو هو. اُهو هڪ زبردست درياء آهي، جنهن جي ٻنهي پاسن کان شاخون، اُن ۾ پاڻي پهچائين ٿيون. جن شاخن کي 'سنڌوَ' ائين ضابطي ۾ رکي ٿي، جيئن ڪو جنگجو راجا، پنهنجي لشڪر جي ٻن پاسن کان سالاري ڪندو آهي؛ ٻيءَ معنيٰ ۾، اُن کي، رگ ويد وارن، 'سپت- سنڌ واهه'، يعني 'اُتم ديش' جي اصطلاح ۾ به استعمال ڪيو آهي، ٻنهي لفظن مان، ڪنهن به صورت ۾ اهو لفظ محدود علاقائي مفهوم ۾ استعمال نه ڪيو ويو آهي." (احمد حسن داني، ڊاڪٽر، 1982ع: 51)

(ب) رگ ويد مان، مشهور ايراني عالم، ڊاڪٽر علي اڪبر جعفريءَ، هيٺيون شلوڪ نقل ڪري پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ ڏنو آهي جنهن ۾ 'لفظ سنڌو'، 'درياء' توڙي 'ملڪ' لاءِ استعمال ڪيل آهي، مثال طور:

"اي آجهل، اَٿموٽ سنڌو[1]،
ٻلّ واري، سگهاري سنڌو
ڏيهن ۽ ميدانن مان،
اَپار پاڻيءَ جا ڦهلاءَ کڻي،
جرڪندي، ڪڙڪاٽ ڪندي، وَهندي رهي ٿي،
جهڙي آبلق گهوڙي، سونهاري ۽ سوپيا وان،
سنڌو يلن گهوڙن ۾ شاهوڪار آهي،
۽ آهي شاهوڪار رٿن ۽ ويسن وڳن ۾،
سهڻي گهڙيل سون ۾ شاهوڪار
اَڻ مئي مايا جي مالڪ،

---

[1] هت لفظ 'سنڌوءَ مان مراد 'سنڌ ملڪ' آهي.

هتان جا گاهہ نيڻ ٺار ۽ لذت وارا،
اَنَ اهڙي جو ويٺو ڏس،
شربت جو ميناج نہ پڇ"(سنڌو ڪشت، رگ ويد جو هڪ سنڌي رشي)

(علي اڪبر جعفري، ڊاڪٽر، 1982ع: 108 ۽ 110)

غالباً هي اهوئي منڊل آهي جنهن جو ڊاڪٽر احمد حسن دانيءَ بہ ذڪر ڪيو آهي.

پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ، انهيءَ ئي منڊل جو ذڪر، هين لفظن ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي:

(i) "آڳاٽن آرين، سنڌونديءَ جي اُستتي (ساراهہ) ڪئي آهي. اُنهيءَ اُستتيءَ جو مضمون وڏو ۽ وڻندڙ آهي، جنهن ۾ هڪ رشي چوي ٿو تہ:

"اي سنڌو!

جڏهن تون ميدانن مان وهين ٿي،
تڏهن بيشمار ڪاڏو پاڻ سان آڻين ٿي،
تنهنجو پاڻي اُتم آهي.

اي سنڌو!

جيڪڏهن تنهنجي خوبصورتيءَ جي ڀيٽ ڪجي تہ:

تون نووراني ڪُنئار وانگر آهين،
تون سدائين جوان ۽ سدائين سهڻي آهين،
سنڌوءَ جي گھڙگاٽ، ڌرتيءَ تان اُتي ٿي،
۽ اُها آسان پريو چڙهي،
سنڌو نهايت زور سان وهي ٿي ۽ منهن مٿيادار اٿس،

سندس پاڻيءَ جو آواز اهڙو ٿو ٿئي جو ائين پيو ڀانئجي تہ جڻ تہ:

مينهن جون اورڪون گجگوڙ ڪري پئيون وسن،
اِجها سنڌو ڍڳي وانگر رنڀندي پيئي اچي.

اي سنڌو:

جيئن سؤٽا گانئيون کير سان ڀريل اوهن سان،
پنهنجن ڦرن ڏي ڊوڙن ٿيون،
تيئن ٻيون نديون جدا جدا هنڌن مان پاڻي کڻي،
توڏي رنڀنديون اچن ٿيون."

(پيرومل آڏواڻي؟ 171 ۽ 173)

پروفيسر ڀيرومل آڏواڻي اڳتي لکي ٿو:

”رگ ويد ۾ جنهن رشيءَ اهي لفظ چيا آهن، تنهن جنهن مهل سنڌوءَ جي پرتي ڪنڌڙ ندين کي، سنڌوءَ طرف وهندو ڏٺو آهي، تنهن مهل تشبيهه ڏئي اور ڪم آندي اٿس: چوي ٿو ته:

اي سنڌو!

جيئن ڪو راجا جُڌ ڪرڻ لاءِ نڪرندو آهي، ۽
پنيان لشڪر هوندو اٿس، تيئن تون به (شاهاڻي شوڪت سان)
ندين جي اڳيان، مهندار ٿي هلين ٿي، ۽ ٻيون نديون
پلٽيون ڪري، تنهنجي پنيان اٿين هلن ٿيون جو جڏهن ته
ساڄئي رَٿ ۾ سوار آهيو“

(ڀيرومل آڏواڻي؟: 173)

پروفيسر ڀيرومل اڳتي رگ ويد جي حوالي سان اجا به اڳتي لکي ٿو ته:

”سنڌو جا اَجيت آهي (ڪنهن جي به جيتڻ جي ڪانهي)
سا، سڌي وَهي ٿي، سندس وَرَڻ يا رنگ اُجو ۽ روشن آهي
(پاڻي لڙائيل نه اٿس)
۽ هُوءَ وڏي ندي آهي، سندس پاڻيءَ ۾
تک گهڻي آهي، ۽ چئني طرف ٻوڙبوڙان ڪري ٿي،
جيڪي به متحرڪ يا چُرندڙ شيون آهن سي اهڙيون تيز رفتار نه آهن
جهڙيءَ هيءَ سنڌوندي“.

(ڀيرومل آڏواڻي؟: 173 ۽ 174)

سياڳي سنڌو جا
ماڪي ڏيندڙ گلن سان سينگاريل آهي“

(ڀيرومل آڏواڻي؟: 171)

ڊاڪٽر دانيءَ ’سپت_ سنڌ واهه‘ لفظ ۾ ’واهه‘ پڇاڙيءَ جو حوالو ڏيئي، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اها پڇاڙي (_ واهه)، ملڪ/ ملڪن جي نالي لاءِ علامت طور ڪم آندي ويندي هئي، ۽ قديم ايراني حڪمرانن جي زماني ۾ ’وا‘ پڇاڙي، شهرن جي نالن وارن لفظن جي پنيان، لڳائي ويندي هئي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

"فتح نامي جي قلمي نسخن ۾، برهمڻ آباد نالي جي صورتخطي، 'برهمناباد' آهي. بهر صورت هن نالي جي پڇاڙي 'آباد' مان ظاهر آهي ته هي اصل ايراني نالو آهي. تاريخ مان دليل نڪري ٿو ته هي شهر غالباً ايران جي بادشاهه 'بهمن اردشير' جي حڪم سان ٻڌو ويو ۽ انهيءَ لحاظ سان هن جو اصل نالو 'بهمن آباد' هو مگر پوءِ اهو به 'بهمينا' سڏجڻ لڳو". (علي ڪوفي، 1954ع: 397).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، مجمل التاريخ جي حوالي سان، چچنامي جي صفحي 397 تي، حاشئي ۾ لکي ٿو ته:

"سنڌ کي 'بهمن اردشير'، ايراني حاڪم، پنهنجي بادشاهيءَ هيٺ آندو. هن، سندس نالي پٺيان به شهر آڏايا، هڪڙو ترڪن ۽ هندن جي سرحد تي 'قندابيل' (گنداوا) ۽ ٻيو ٻڌيه پرڳڻي ۾، 'بهمن آباد'، جنهن نالي سان هينئر منصوره سڏيو وڃي ٿو.

برهمڻ دور ۾، هن شهر کي برهمڻ آباد سڏيو ويو. البيرونيءَ، هن شهر جو نالو 'بهمنوا' لکيو آهي، جنهن مان هن شهر جي اصلي ايراني نالي جي تائيد ٿئي ٿي."

(علي ڪوفي، 1954ع: 347)

انهن مثالن مان، 'گنداوا' ۽ 'بهمنوا' نالن مان ثابت ٿو ٿئي ته 'واهه' يا 'وا' پڇاڙي، شهرن، ملڪن ۽ خطن جي نالن پٺيان استعمال ڪئي ويندي هئي، جيئن ڊاڪٽر دانيءَ، 'سپت- سنڌ واهه' نالي سان، 'واهه' پڇاڙيءَ جي شامل هجڻ سان ثابت ڪيو آهي.

ديوان ميرچندانيءَ، موجوده شهر روهڙيءَ کي، قديم سؤوير ديش جو تخت گاهه، 'رو رُوڪا'، 'رووُوا' يا 'اروڙ' سڏيو آهي. انهن لفظن ۾ به 'وا' پڇاڙي توجهه طلب آهي.

هن کان اڳ، 'آئبٽ' (Abbot) جو به، هن سلسلي ۾ رايو ڏنو ويو آهي. هُو لکي ٿو:

"تاڊ جي خيال موجب، 'سنڌو'، 'تاتاري' يا 'سٿين' ٻوليءَ جو لفظ آهي، سنڌو لفظ، 'سِڌ' مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'ورهائيندڙ'، 'سَنڌ' يعني حد ڏيکاريندڙ يا پري ڪندڙ'. مشرقي جاگرافيدان (Oriental geographers)، 'سنڌ' نالي کان اڻڄاڻ هئا. يورپ جي ماهرن هن نالي کي گهڻو مشهور ڪيو ۽ اُن جي واقفيت به ڪرايائون. يونانين هن کي 'Indos' سڏيو. ايرانين ئي هن درياءَ کي 'هندوُ' سڏيو ڇوته ايراني ٻوليءَ ۾ [س] کي [هه] آواز ۾ تبديل ڪري اُچاريو ويندو آهي. اڳتي هلي [هه] آواز حذف ٿي ويو ۽ 'هندو' لفظ بدلجي 'اندوُ' اُچارجڻ لڳو يعني ته قديم ايرانين، هن ملڪ (سنڌوُ) کي 'هَپت- هندو' سڏيو". (Abot, J., 1977:23)

(خ) مشهور ايراني عالم، ڊاڪٽر علي اڪبر جعفري، جنهن جي مقالي جو اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، سو لکي ٿو ته:

" 'جهيڻو ڳالهائيندڙ' يا 'نَرَم ٻولڻ' (the soft speakers)، رواجي طرح 'س' کي 'ھ' ۾ مٽائيندا هئا. اُهي ڪِن 'سُرن' کي، 'ڊگهو' يا 'گهُٽو' ڪندا هئا. ۽ ڪن وينجنن کي، 'وسرگ' ڪندا هئا. جيئن 'سپت_ سندو' لفظ کي 'هپت— هندو' اُچاريندا هئا." (علي اڪبر جعفري، ڊاڪٽر، 1982ع: 108 ۽ 110).

4_ (i) هن موضوع تي، ديوان ڀي. ڊي ميرچندائيءَ به وضاحت سان لکيو آهي. هُو لکي ٿو ته:

"اها عام روايت هوندي آهي ته ملڪن، شهرن، جبلن ۽ ندين کي، تاريخي مشاهيرن، فاتحن، قومن ۽ ذاتين جي باني جي نالن سان، منسوب ڪيو ويندو آهي. رامائڻ ۾، 'ڪيڪيه'، 'سنڌوُ' ۽ 'سؤوير' نالا ملن ٿا جيڪي ملڪن جا نالا آهن. ڪاليداس جي لکڻ موجب، 'رام'، 'سنڌو ديش'، کي 'ڀرت' جي حوالي ڪيو. 'ڀرت' پوءِ، گنڌرارا فتح ڪري، اهو علائقو سندس پٽن کي تحفي طور ڏنو جن اُتي 'پُشڪلاوتي' ۽ 'تڪش شِلا' جا شهر اڏايا. هت، 'سنڌو_ ديش' مان مراد 'سنڌو ملڪ' آهي. 'پاڻينيءَ' به پنهنجن شلوڪن ۾ 'سنڌو_ديش' سان گڏ، 'تڪش شلا' جا نالا ڪم آندا آهن."

(Mirchandani, B. D.,? 19)

(ii) مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته دنيا جا ڪيترائي ملڪ، انهن ملڪن جي وچ مان وهندڙ دريائن جي نالن جي پٺيان سڏيا ويا آهن. 'سنڌ ملڪ' لاءِ به عام رايو اِهو ئي آهي. هن سلسلي ۾ مرزا قليچ بيگ، پنهنجي ڪتاب، 'قديم سنڌ ۽ اُن جا ماڻهو' ۾ لکي ٿو:

"سنڌ ملڪ تي نالو 'سنڌ' تان پيو جيئن هندستان يا 'هند' تي نالو 'هند' تان پيو. 'سنڌ' ۽ 'هند' ٻئي ڀائر هئا، ۽ حام بن نوح عليه جا پٽ هئا". (مرزا قليچ بيگ، ؟ : )

(iii) مولائي شيدائي، سيد ابوالحسن جي حوالي سان لکي ٿو: "اسلامي تاريخ ۾ لکيل آهي ته 'هند' ۽ 'سنڌ'، حام بن نوح عليه جا پٽ هئا، جن جي هن سرزمين تي، سندس اولاد سميت، گهڻو وقت حڪومت رهي، تنهن ڪري سندس نالي پٺيان ئي، هن ملڪ تي 'سند' (سنڌ) نالو پيو". (مولائي شيدائي، 1985ع: 3)

مولائي شيدائي اڳتي لکي ٿو:

"رگ ويد ۾، سنڌ جو نالو 'سپت_ سنڌوَ'، يعني 'ستن دريائن وارو ملڪ' لکيل آهي. آرين لوڪن، سنڌ تي، 'سنڌو_ درياءَ' جي ڪري اهو نالو وڌو." (مولائي شيدائي، 1985ع:6)

(iv) پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ 'قديم سنڌ' ڪتاب ۾ پروفيسر مئڪس مولر جي حوالي سان لکيو آهي تہ:

"سنڌ تي، اهو نالو 'سنڌونديءَ' تان پيو آهي. سنسڪرت ۾ 'سنڌو' معنيٰ آهي 'سمنڊ' يا 'وڏو درياءُ' (پيرومل آڏواڻي، ؟ : 44)

پروفيسر پيرومل، ساڳئي ڪتاب (قديم سنڌ) ۾ صفحي 47 تي لکي ٿو تہ:

"سڪندراعظم سان جيڪي تاريخ نويس گڏ آيا هئا، تن بہ سنڌو- ماٿر ۾ رهندڙن کي، 'سنڌوُ' (هندو) سڏيو پر اُچار ڦيرائي ڪيائون 'اِندوُئي' (Indoi)، ۽ نديءَ کي سڏيائون 'اِندوُس' (Indus) ۽ 'انڊيڪوس' (Indicos)، پوءِ لئٽن بوليءَ ڳالهائيندڙن، لفظ 'اِندوُس' (Indos) جو اُچار ڪيو 'اِندَس' (Indus)، ۽ هندستان کي 'انڊيا (India) سڏيائون". (پيرومل آڏواڻي، ؟ 47)

پروفيسر پيرومل اڳتي لکي ٿو:

"قديم ايراني لوڪ، 'سنڌو- ماٿر' (پنجاب ۽ سنڌ) کان پري ڪونہ ويا، تنهن ڪري جيڪو ملڪ ڏنائون تہ آريا لوڪ والاري ويٺا هئا، تنهن کي 'هندستان' (هندو- آستان) سڏيائون، مطلب تہ 'سنڌونديءَ وارو ملڪ". (پيرومل آڏواڻي، ؟ 465)

پروفيسر پيرومل، ساڳئي ڪتاب (قديم سنڌ) ۾ اجا بہ اڳتي، Cambridge History of India جي حوالي سان، صفحي 324 تي لکي ٿو:

"اويستا ۾ 'India' (هندستان) جو نالو 'هندوُ' ڄاڻايل آهي، جيڪو قديم فارسي زبان ۾ 'Hin (n) du' آهي، جيڪو 'سنڌو' (سنسڪرت) 'درياءُ' جي نالي تان ورتل آهي". (پيرومل آڏواڻي، ؟: 46)

West Pakistan Gazetteer (Sindh Region) ۾، ڊاڪٽر سورلي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. هُو لکي ٿو تہ:

"علم اللغات جي ماهرن (Philologists) کي، لفظ 'سنڌوءَ' جي بڻ بنياد جي باري ۾ ڪا بہ ڄاڻ ڪانهي، پر اِهو هند- يورپي' لفظ معلوم ٿئي ٿو (Abbo, J., 1977: 23) جيڪو قديم زماني کان، هن درياءَ تي رکيو ويو آهي، 'سنڌ'، 'هند' ۽ 'انڊ' (Ind) ساڳيا ۽ ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ آهن، جن ۾ [س ۽ هہ] آوازن جو بدلجڻ هميشہ ممڪن رهيو آهي". (Sorley, H.T., 1968: 1)

ڊاڪٽر سورلي اڳتي لکي ٿو:

"اهو چئي نٿو سگهجي تہ 'سنڌو درياءَ' جو نالو 'سنڌ ملڪ' تان پيو آهي، يا 'سنڌ' جو نالو سنڌو درياءَ جي نالي جي ڪري سنڌ ملڪ تي پيل آهي." (Sorley, H.T., Dr. 1988: 1)

(vi) شريف ڪُنجاهي صاحب، ڊاڪٽر سورلي جي هن راءِ کي قبول نٿو ڪري، هُو لکي ٿو تہ:

"ڊاڪٽر سورلي اهو قبول ڪيو آهي تہ ڪيس 'سنڌو' لفظ جي 'اصل نسل' يا 'بڻ بنياد' جي خبر ڪانهي، ۽ ڪوبہ عالم اهو ٻڌائي نٿو سگهي تہ سنڌ جي سرزمين تي 'سنڌ' يا 'سنڌو' نالو 'سنڌو درياءَ' جي نالي جي ڪري پيو آهي، يا سنڌو درياءَ تي اهو نالو (سنڌو)، 'سنڌو ملڪ' جي نالي جي ڪري پيو". (Sharif Kunjahi, 1991: 12)

شريف ڪُنجاهي صاحب، اهو بہ قبول نٿو ڪري تہ ڪو:

"دنيا ۾ ڪٿي بہ، ڪنهن نديءَ تي، اُن ملڪ جي ڪري نالو پيو آهي، جنهن ملڪ جي وچان، اُها ندي وهندي آهي، تنهن ڪري سنڌو درياءَ تي، 'سنڌو' نالو 'سنڌوُ ملڪ' (سرزمين سنڌ) جي ڪري ڪونہ پيو آهي، پر دراصل، سنڌو درياءَ جي ڪري ئي هن سرزمين تي، 'سنڌو' نالو پيو آهي، جنهن سرزمين (ملڪ) جي وچان هيءَ ندي وهي ٿي."
(Sharif Kunjahi, 1991: 12)

شريف ڪُنجاهي صاحب اڃا بہ اڳتي لکي ٿو:

" 'سِينَ' بہ سنڌوءَ جو هڪ نعم البدل آهي جو تہ صوبہ خيبر پختونخوا ۾، هن درياءَ (سنڌو درياءَ) کي 'آباسين' چوندا آهن، جنهن جي معنيٰ آهي 'وڏي ۾ وڏي ندي' يا 'سپني دريائن جو آبو'". (Sharif Kunjahi, 1991: 13)

شريف ڪُنجاهي صاحب، اڃا بہ اڳتي لکي ٿو:

"اسان کي، 'سنڌ' ۽ 'سئنڌوَ' جي باري ۾ ڄاڻ، رگ ويد واري دور کان اڳ نٿي ملي، ڇاڪاڻ تہ رگ ويد کان اڳ، ڪوبہ لکيل مواد، اسان وٽ موجود ڪونهي. رگ ويد ۾ هن ملڪ کي، 'سپت- سنڌوَ'". (ڊاڪٽر داني 'سنڌ واهہ' ٿو لکي) سڏيو ويو آهي، جنهن کي 'اوستا' ۾، 'س' کي 'هہ' ۾ بدلائي، 'هَپت- هِندَوَ' لکيو ويو آهي. اِن لفظ جي معنيٰ 'ستن- دريائن وارو ملڪ'. اهي ست درياءَ هئا:

ڪُڀا (ڪابل)، سِوَ ستوُ (سوات)، ڪُروُمَ (ڪُرم)، گومتي (گمال)، سنڌو ويپاس (پياس) ۽ سرسوتي. انهن نالن مان، اها خبر نٿي پوي تہ رگ ويد ۾، 'سپت- سِنڌُوَ' ڪهڙيءَ نديءَ

کي سڏيو ويو آهي. ڊاڪٽر دانيءَ جي راءِ موجب، انهن ندين مان مکيہ ندي، ’سنڌو‘ هئي، ۽ ٻيون سنڌوءَ جون پرتي ڪندڙ نديون هيون: سِوَستوُ، گوري (پنجڪوره)، ڪُڀا (ڪابل)، ڪروُما، گومتي، وِتاشتا (جهلم)، اسيڪني (چناب) ۽ پرئوشني (راوي) وپاسا (وياس) ۽ سُتدرا (ستلج)“. (Sharif Kanjahni, 1991: 13)

شريف ڪنجاهي صاحب، پنهنجي دليل کي جاري رکندي، اڃا بہ اڳتي لکي ٿو تہ:

”آريا جڏهن هن ملڪ ۾ آيا تڏهن هي ملڪ يا هيءَ سرزمين، ڪو وارياسو ميدان ڪانہ هئي، پر هن ملڪ مان جيڪي نديون وهنديون هيون، تن تي نالا بہ رکيل هئا. انهيءَ ڪري اسان کي اهو محسوس پوندو تہ هن ملڪ تي ’سنڌوُ‘ / ’سنڌوَهہ‘ نالو آرين جي اچڻ کان اڳ جو نالو آهي، جيڪو هن درياءَ ۾ هن ملڪ تي رکيل هو ۽ ائين بہ ممڪن آهي تہ آرين، هن علائقي ۾ اچڻ کان پوءِ، هن ملڪ يا هن درياءَ جو اصلوڪو نالو بدلائي، سنڌوُ/ سنڌوَهہ‘ رکيو هجي“. (Sharif Kunjahni, 1991: 14)

(vii) ڊاڪٽر سورلي جو رايو آهي تہ:

”پلني لکي ٿو تہ مقامي ماڻهو درياءَ کي ’سنڌو درياءَ‘ سڏيندا هئا، ۽ هاڻ هن درياءَ کي سنڌ وارا، ’سنڌوندي‘ سڏيندا آهن“. (Sorley, H.T., 1968: 1)

(viii) هن کان اڳ، ايراني عالم، ڊاڪٽر علي اڪبر جعفريءَ جي مقالي مان، هن ملڪ جي نالي جي باري ۾، ڊاڪٽر جعفريءَ جي راءِ ڏني وئي آهي. ڊاڪٽر جعفري لکي ٿو:

”رگ ويد ۾، ’سنڌوءَ‘ (نديءَ) کي پاڻ- وَهيٽي‘ ۽ ’سونَ- ورني‘ ندي سڏيو ويو آهي. آريا، هن ملڪ جي هڪ تمام وڏي علائقي ۾ آباد هئا، جيڪو ’اويستا‘ واري زماني ۾، ’سورهن ڏيهن‘ (ملڪن) اندر ورهايل هو. هُو هڪ ٻئي کي، اَباڻن ۽ قبائلي نالن سان سڏڻ کان سواءِ، ملڪن جي نالن پنيان پڻ سڏيندا هئا. ان ڪري ئي اسين ڏسون ٿا تہ ايرانئي هزار ورهيہ اڳ جي ’هخا منشي‘ بادشاهن، پنهنجن جوڙايل ٺلهن جي ڪتبن ۾، سورهن آريائي پرڳڻن جا ڪي تيهہ نالا ڄاڻايا آهن، اُنهن ۾ اسان کي ’هندِوُ‘ (سنڌوُ) نظر اچي ٿو. اهو پهريون ڀيرو هو جو هن ماثريءَ جي رهواسين جي نالي ڏيڻ لاءِ، ’سَئنڌُئي/ سنڌي لفظ لکت ۾ ڪم آندو ويو.“ (علي اڪبر جعفري، ڊاڪٽر، 1982ع: 109 ۽ 110)

(IX) ڊاڪٽر جعفريءَ، رگ ويد مان جيڪو ’منڊل‘ چونڊي ڏنو آهي، اُن ۾ لفظ ’سنڌو‘، ٻن مفهومن جي وضاحت ڪري ٿو. هن منڊل جي شروعات ۾ ڪم آندل لفظ، ’سنڌوُ‘، ’سنڌو درياءَ‘ جو مفهوم ادا ڪري

تو ۽ اُن کان پوءِ ڪم آندل لفظ ’سنڌوءَ مان مراد ’سنڌ ملڪ‘ آهي، جيئن:

سنڌو پلن گهوڙن ۾ شاهوڪار آهي،
۽ آهي شاهوڪار رتن ۽ ويسن وڳن ۾،
سهڻي گهڙيل سون ۾ شاهوڪار،
آڻ مئي مايا جي مالڪ،
هتان جا گاهہ نيڻ نار ۽ لذت وارا
اُن اهڙي جو وينو ڏس،
شربت جو ميناج نہ پيچ.“(علي اڪبر جعفري، ڊاڪٽر، 1982ع: 109 ۽ 110)

رگ ويد جي انهيءَ منڊل کان پوءِ، ’هخامنشي‘ بادشاهن جي نهرايل ٿُلهن تي لکيل ڪتبن جا مثال ڏيئي، ڊاڪٽر علي اڪبر جعفريءَ ’سنڌوُ‘ لفظ مان ’سنڌ ملڪ‘ جي معنيٰ ڪئي آهي، ۽ اُن (سنڌوُ) جي صفتي روپ ’هندُويہ‘ يعني ’سنڌوُئي‘/ سنڌُئي مان مراد، هن ملڪ جا رهاڪو يعني ’سنڌي ماڻهو‘ (سنڌي لوڪ/ سنڌ ملڪ جا رهندڙ) ورتي آهي. اها لکت ’مهاڀارت‘ واري لکت (سنڌوُ) ۾ رڪارڊ کان سوا ٻہ هزار سال پراڻي آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ ’سنڌو‘ لفظ، سنڌو- ماٿر ۾ آرين جي اچڻ کان گهڻو اڳ، ٻن مفهومن يعني ’سنڌو درياءَ‘ ۽ ’سنڌ ملڪ‘ لاءِ رائج هوندو هو. ٿورن لفظن ۾ هيئن چئبو تہ ’سنڌو لفظ جو اصل مفهوم هو ’سنڌونديءَ جي ماٿريءَ (سنڌو- ماٿر) وارو ملڪ، جنهن ۾ ’قديم سنڌ‘، ’موجوده پنجاب‘، ’ڪشمير‘، ’گنڌارا وارو علائقو‘ ۽ ’گنڌارا تهذيب واري جو ڪجهہ حصو‘ اچي ٿي ويو. (پيرومل آڏواڻي، ؟ 16)

هت اهو بيان ڪرڻ بہ ضروري آهي تہ راءِ گهراڻي جي حڪومت واري زماني ۾ بہ چين، جپان ۽ ڪوريا تائين، ٻڌ ڌرم جي پکڙجي وڃڻ جي ڪري، گنڌارا ۽ سنڌو- ماٿر ۾، ڪيترائي چيني سياح، ماهر ۽ ودوان ايندا رهيا. انهن سيني، سياحن ۽ ماهرن، سنڌو- ماٿر جي ڌار ڌار خطن تائين پهچڻ، اُنهن خطن ۾ رهڻ ۽ اُنهن خطن جي سماجي، ثقافتي، سياسي، علمي ۽ ادبي ماحول جي باري ۾، پنهنجن سفرنامن ۾ گهڻوئي ڪجهہ لکيو آهي. مثال طور چيني سياحن ۽ ياترين، پنهنجن اُنهن سفرنامن ۾، هن درياءَ جو نالو هن ملڪ جو نالو هن ملڪ ۾ اُن زماني ۾ آباد شهرن ۽ قصبن جا نالا ۽ هن ملڪ ۾ رهندڙ ماڻهن ۽ حڪمرانن جي باري ۾ گهڻي معلومات ڏني آهي. ان سلسلي ۾، جنهن چيني سياح جو سڀ کان پهرين نالو ملي ٿو، سو هو ’فاهيان‘ (Fa- Hsien). هيءُ سياح، راءِ گهراڻي جي حڪومت شروع ٿيڻ کان لڳ ڀڳ هڪ سؤ سال اڳ، يعني سن 399ع ڌاري، هن ملڪ ۾، اُن زماني ۾، ٻڌمت جي مرڪزي ۽ مشهور شهر، ’تڪش شلا‘ ۾ آيو هو. ’فاهيان‘ جي لکيل احوال مان، معلوم ٿو ٿئي تہ اُن زماني ۾ بہ سنڌ ملڪ (سنڌوءَ) ۽ ’سنڌو

درياءَ' (سنڌوءَ) جو نالو 'سنڌو' ئي هوندو هو يعني تہ هتي جا ماڻهو 'سنڌوُ' لفظ، ساڳئي ئي وقت، 'درياءَ' ۽ 'ملڪ' لاءِ ڌار ڌار مفهوم طور ڪم آڻيندا هئا. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ رگ ويد، اويستا، مهاڀارت، رامائڻ ۽ هندن جي ٻين ڌرمي ڪتابن کان سواءِ، چيني ودوان ۽ ياتري 'فاهيان' (Fa-Hsien) بہ پنهنجي سفرنامي ۾ هن ملڪ ۽ هن ملڪ جي وچان وهندڙ درياءَ لاءِ هڪ ئي نالو يعني 'سنڌو' ڪم آندو آهي.

فاهيان کان پوءِ، چئن ٻين چيني سياحن جا نالا ملن ٿا، جن بہ پنهنجن سفرنامن ۾ 'سنڌو درياءَ' ۽ 'سنڌ ملڪ' لاءِ هڪ ئي نالو يعني 'سن- تُوُ' (Sin-tu)، يعني 'سنڌوُ' ڪم آندو آهي. فاهيان، 399ع کان وٺي 420ع تائين وارو عرصو 'تڪش شلا' ۽ اُن جي آس پاس وارن علائقن ۾ گذاريو هو. هن سياح (فاهيان) جي باري ۾، 'ثقافتي ورثو' ڪتاب ۾ هن طرح لکيل آهي:

"چلاس کان هيٺ، ڏکڻ طرف، سنڌو درياءَ جي کاٻي ڪناري تي، 'شتيال' ۽ 'سازين' نالي بہ اهڙا قديم ماڳ آهن، جتي اڄ بہ درياءَ جي ڪناري سان لڳو لڳ، جبلن جي ڇپن تي، ٻڌمت جي سياحن، شاگردن، ياترين ۽ پرچارين، پنهنجا پنهنجا نشان ۽ اُهڃاڻ اُڪريل حالتن ۾ ڇڏيا آهن.

'فاهيان'، بہ 'شتيال' ۽ 'سازين' وٽان، سنڌو درياءَ تي موجود 'ٽُڙ' تان، درياء اُڪري، درياءَ جو ساڄو ڪنارو وٺي، 'داريل جي واديءَ' ۾ ويو هوندو. جتان يا تہ پُشڪلاوتي (پشاور) واري واٽ ورتي هوندائين، ۽ يا وري 'گوربند واري واديءَ' ذريعي، سوات واريءَ ماٿريءَ ۾، 'اُڏِگرام' واريءَ بستيءَ ۾ پهتو هوندو. جيڪا بستي اُن زماني ۾، ٻڌمت جو مرڪز هوندي هئي، ۽ جتي وڏو مندر پڻ نهيل هوندو هو.

فاهيان، 'تڪش شلا' ۾ سکيا وٺڻ لاءِ، پندرهن کن سال رهيو. هن (فاهيان)، پنهنجي سفرنامي ۾، اُن درياءَ جو نالو 'سن- تو' (Sin-tu) لکيو آهي. جيڪو درياءَ هن (فاهيان)، 'شتيال' يا 'سازين' وٽان (انهن مان ڪنهن بہ هڪ بستيءَ وٽان) پار ڪيو هو. اهو درياءَ، دراصل سنڌو درياءَ ئي هو ۽ اڄ بہ اهو درياءَ، انهن بستين وٽان ئي وهندو آهي. جيڪو فاهيان بہ پار ڪيو هو. سنڌو درياءَ، انهيءَ علائقي مان، وڏيءَ دهشت ۽ گجگوڙ سان اڄ بہ وهندو آهي، ۽ هيٺ ڏکڻ طرف وهي، پنجاب ۽ سنڌ ۾ اچي ٿو.[1] (غلام علي الانا، ڊاڪٽر، 1999ع: 47 ۽ 48)

---

[1] مون صوبہ پختونخوا جي سرحدي شهر 'اٽڪ' وٽ 'هنڊ- گهيڙ' ۽ 'تربيلا' کان وٺي مٿي 'ٺاڪوٽ'، ۽ ٺاڪوٽ کان بہ مٿي، شاهراهہ ريشم (شاهراهہ ڪراڪرم) ذريعي 'شتيال'، 'سازين'، 'پٽن'، 'ڪوميلا'، 'داسوُ' ۽ چلاس وٽ، شاهراهہ ريشم ذريعي، سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن تي درياءَ جي دهشت ۽

ڦاهيان، پنهنجي سفرنامي جي پهرينءَ منزل (چلاس تائين) جي باري ۾ لکي ٿو:

"هيءَ هڪ تمام مشڪل ۽ جابلو رستو آهي. هت جبلن جي جڳهه تہ هڪ ديوار نهيل آهي، جيڪا ڏهہ هزار فوٽن جي اوچائيءَ تي ٿيندي جڏهن جبلن جي اوتاهين تان هيٺ نهارجي ٿو تہ نيڻ ـ نهار تائين. ڪاٻہ راهہ ۽ هلڻ لاءِ ڪوبہ پيچرو نظر نٿو اچي. هيٺ هڪ ندي وهي ٿي، جنهن کي سنت + اُوچون ٿا." (الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 1999ع: 47، 48 ۽ 197)

ڦاهيان سياح کان پوءِ، 'سُنگ ـ يُن' (Sung- Yen) نالي ٻيو چيني سياح، سنڌو ـ ماٿر ۾ آيو. هي هڪ مها ودوان هو. هُن کي، چين جي عظيم 'ڦي' (Wei) خاندان جي مهاراڻي، 'دوواگر' (Dowager)، سنڌوماٿر مان، ٻڌمت تي لکيل ڪتابن جي هٿ ڪري اچڻ لاءِ موڪليو هو. هن سياح جي اچڻ جي سَنَ جي خبر پئجي ڪانہ سگهي آهي، پر هن جي زماني (455ع) ۾، 'سفيد هَنن' (White Huns)، 'تڪش شلا' تي حملو ڪري، اُن شهر کي اهڙو تہ تباهہ ڪيو جو هي شهر وري ڪڏهن بہ اُسري نہ سگهيو.

'سگ ـ يُن' (Sung — Yun) کان پوءِ، بہ ٻيا چيني سياح ۽ ودوان، هڪ ٻئي پٺيان، هن خطي ۾ آيا. اُنهن جي اچڻ واري زماني تائين، تڪش شلا تہ لڳ ڀڳ ختم ٿي چڪو هو پر ممڪن آهي تہ سوات جي وادي ۽ سنڌو ـ ماٿر ۾ هيٺ، ذڪر ۾، ڪنهن شهر / ڪن شهرن ۾، ٻڌمت جي سکيا کي جاري رکيو ويو هجي، ڇاڪاڻ تہ سنڌو ـ ماٿر ۾ ٻيا بہ ڪيترائي شهر موجود هئا، جن ۾ ٻڌمت جي سکيا جاري هئي. انهن سياحن جي اچڻ واري زماني ۾، سنڌو ـ ماٿر ۾، راءِ گهراڻي جي حڪومت هئي، جيڪا ٻڌمت سان عقيدو رکندڙ حاڪمن جي حڪومت هئي. اُن حڪومت کان پوءِ، سن 642ع ۾، برهمڻ گهراڻي جي حڪومت شروع ٿي. برهمڻ، هندو ڌرم کي مڃيندڙ هئا، جيئن اڳ ۾ بہ چيو ويو آهي.

بهرحال انهن سياحن کان پوءِ هن هڪ چيني سياح جو نالو ملي ٿو. هُن جو نالو 'هِيون ـ چُئانگ' (Hsieun — Chuang) هو جيڪو سنڌو ـ ماٿر ۾، راءِ گهراڻي جي حڪومت جي آخري زماني يعني 627ع ڌاري آيو هو. هن سياح، موجود 'صوبہ خئبر پختونخوا' جي 'ٽوپي شهر' جي ويجهو سنڌو درياءَ جي 'هند ـ گهيڙ' وٽان، سنڌو درياءَ پار ڪيو. هن سياح، لڳ ڀڳ 18 ـ 19 سال، يعني سال 645ع (راءِ گهراڻي جي خاتمي ۽ برهمڻ گهراڻي جي شروعات) واري زماني ۾، 'پُشڪلاوتي' (پشاور)، 'ڪيڪيہ ديش' ۽ 'سنڌو ـ ماٿر' ۾ ڪي ڏينهن گذاريا. هن سياح، سوات واريءَ واديءَ جي مشهور بستين، 'اُديگرام' ۽ 'منگورا' کان اُتر طرف، سنڌو درياءَ جي واديءَ ڏانهن وڃڻ واري سلسلي ۾ جيڪا رپورٽ لکي آهي، اُن ۾ هن بہ سنڌو

---

گجگوڙ سان گڏ، انهن ڪنارن تي موجود قديم آثارن، ماڳن ۽ مڪانن کي آڪٽوبر 1983ع ۾ پهريون پيرو ۽ پوءِ ڪيترائي دفعا تفصيل سان گهمي ڏٺو هو. انهن جو تفصيل، 'ثقافتي ورثو' ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي.

درياءَ جو نالو 'سن ـ تو' (Sin- tu) لکيو آهي. هُو لکي ٿو:

"منگورا شهر کان اُتر – اولهه طرف ويندي ۽ جبلن جون قطارون پار ڪرڻ کان پوءِ، 'سِن – تو' (Sin-tu) درياءَ جي واديءَ ۾ پهتاسين. هن واديءَ ۾ رستا نهايت ئي اٽانگا ۽ جوکائتا هئا. جبل ۽ وادي، 'ڏُنڊ واري' ۽ 'ڪارسري' تي نظر آئي. ڪٿي ڪٿي رسين وارين وڏين پُلين جي مدد سان، درياءَ اُڪرڻو ٿي پيو ته ڪٿي ڪٿي وري، درياءَ جي ٻنهي ڪنارن تي مضبوط ٻڌل لوهي تارن کي جهلي، درياء پار ڪرڻو ٿي پيو. ڪٿي ڪٿي ته درياءَ پار ڪرڻ لاءِ ٽپ ڏئي وڃڻو ٿي پيو ۽ ڪٿي ڪٿي ته ترڻو ٿي پيو. درياهه ڪناري سان ڪٿي ڪٿي ته درياءَ پار ڪرڻ لاءِ ڦِرهون به ٺهيل هيون". (الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1999ع: 197).

اهڙيءَ طرح هڪ ٻيو سياح، جيڪو جاگرافيدان پڻ هو ۽ محقق البيرونيءَ وانگر، هنن خطن (اُديگرام، سوات ۽ سنڌوءَ جي وادين) ۾ گهڻي دلچسپي رکندڙ ۽ سنڌو ـ ماٿر جي تاريخ ۾ شهرت حاصل ڪندڙ هو سو هو 'هيون ـ سئنگ' (Hsieun- Tsang). هي سياح ۽ ودوان، 'هيون ـ چُئانگ' (Hsieun- Chuang) کان، ٽي سال پوءِ يعني سن 630ع ڌاري، ڀهرين 'تڪش شلا' واري خطي ۾ آيو. هُو 643ع تائين، ڪيڪيه ديش، 'سنڌو ديش'، 'سؤوير ديش' (موجوده سنڌ) ۽ بلوچستان جي 'سيويءَ' واري علائقي ۾ گهمندو رهيو.

جنهن زماني ۾، يعني سن 642ع ۾، هيون سئنگ (Hieun-Tsang) سنڌو ـ ماٿر ۾ آيو هو تنهن زماني ۾ هن علائقي ۾، راءِ گهراڻي جي حڪومت ختم ٿي چڪي هئي، ۽ چچ برهمڻ، سنڌ جو حاڪم بڻيو هو. حڪمرانن جي دربار ۾ ٻڌمت جو اثر ختم ٿي چڪو هو. ڇاڪاڻ ته هاڻ وقت جا حڪمران، هندو برهمڻ هئا، پر عوام جي دلين ۾ ٻڌمت لاءِ احترام موجود هو ۽ عوام ٻڌمت کي مڃيندڙ هو.

هيون ـ سئنگ به، سنڌو درياءَ ۽ سنڌ ملڪ کي 'سِن ـ تؤ' يعني 'سنڌو' جي نالي سان سڏيو آهي، ۽ ائين ٿو معلوم ٿئي ته اُن زماني ۾، 'سنڌو' لفظ ٻنهي مفهومن، يعني، 'سنڌو درياءَ' ۽ 'سنڌو ملڪ' لاءِ ڪم ايندو هو. هيون – سئنگ لکي ٿو:

"هند ـ گهيڙ وٽان، درياءَ اُڪرڻ، خطري کان خالي ڪونه هوندو هو. ڇاڪاڻ ته هن هنڌ وٽ، 'سن – تو' (Sin- tu) جو وهڪرو تيز هوندو هو. پاڻيءَ جي تري (درياءَ جي پاڻيءَ جي تري) ۾، خطرناڪ زهيريلا اَجگر (dragons) ۽ بلائون وڏي تعداد ۾ رهنديون هيون. اُهي ماڻهن جي ٻيڙين ۾ املهه ماڻڪ، موتي ۽ ٻيو قيمتي ۽ جوکم وارو سامان هوندو هو. اُنهن جون ٻيڙيون، پاڻيءَ جي لهرن جي سٽ جهلي نه سگهنديون هيون، ۽ اونڌيون ٿي ونديون هيون. اُن سبب جي ڪري، مسافر هتان، درياءَ پار ڪرڻ مهل 'سوُتر' پڙهندا هئا". (الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 1999ع، 263).

مطلب تہ رگ ويد واري زماني کان وٺي، سن 642ع تائين، لکيل سيني ڪتابن ۽ سفرنامن ۾، سنڌونديءَ ۽ سنڌ ملڪ کي، 'سنڌوءَ' جي نالي سان سڏيو ويو هو ۽ اُنهن کي 'سنڌو' نالي سان ئي رڪارڊ ڪيو ويو آهي، بلڪ راءِ گهراڻي جي تئين حاڪم، راءِ سهاسي ٻئي جي طرفان، سنڌ تي ايرانين جي حڪومت جي خاتمي ۽ ايرانين کي سنڌ مان هڪالي ڪڍڻ جي فتح جي خوشيءَ ۾، اُن موقعي تي 'سنڌو- سنبت' / 'سنڌو- ڪال' شروع ڪرايو. انهن لفظن ۾ سنڌ ملڪ لاءِ 'سنڌو' نالو ڪم آندل آهي. اڳتي عربن جي حڪومت واري دور (هه 93/ 712ع) ۾، عرب سياحن جي اچڻ واري عرصي ۾ لکيل، سنڌ جي تاريخ 'چچنامي' ۾ بہ، هن ملڪ کي، 'سنڌو' نالي سان سڏيو ويو آهي.

البيرونيءَ جي بيان مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ راءِ گهراڻي جي حاڪم، 'راءِ سهارس ٻئي' سن 626ع ۾، جڏهن ايران جي ساساني حاڪم کي، شڪست ڏيئي، سنڌ ملڪ کي ايرانين جي تسلط کان آزاد ڪرايو هو اُن جنگ ۾ جيتوڻيڪ راءِ سهارس ٻيو پاڻ تہ شهيد ٿي ويو، پر سندس پٽ، راءِ سهاسي ٻيو سنڌ جو خودمختيار حاڪم بڻيو. هن حاڪم (راءِ سهاسي ٻئي)، سنڌ تي، ايران جي تسلط کي ختم ڪرڻ ۽ سنڌ جي آزادي حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ ۾، يادگارطور، 'سنڌو- سنبت'/ 'سنڌو- ڪال' (Sindh Era) جي شروعات ڪئي، اهو سن، 4 مارچ، 626ع/ پهرين چيٽ، وڪرماجيت سنبت 548 هو. (نبي بخش خان، بلوچ، ڊاڪٽر، 1982ع: 154)

مطلب تہ هن وقت تائين، سيني پراڻن توڙي پوءِ انگريزن جي دور ۾ ڇپيل تاريخي مواد ۾، 'سنڌو' لفظ، ٻنهي مفهومن، يعني 'سنڌو درياءَ' ۽ 'سنڌ ملڪ' جي نالن طور ڪم آندو ويو آهي. هن سلسلي ۾، پروفيسر پٺاوالا، مولائي شيدائي، ڊاڪٽر لئمبرڪ، ڊاڪٽر سورلي، ديوان ٻي- ڊي ميرچنداڻيءَ، ڊاڪٽر علي اڪبر جعفريءَ، ڊاڪٽر ڊانيءَ، ڊاڪٽر مشتاق الرحمان ۽ شري جيٺرامداس دولترام جا رايا ۽ سندن لکيل بيان، مثال طور هيٺ پيش ڪجن ٿا:

(i) سنڌ جو پراڻو تاريخدان، مولائي شيدائي لکي ٿو تہ:

> "رگ ويد ۾، سنڌ جو نالو 'سپت- سنڌو' يعني 'ستن دريائن وارو ملڪ' آهي. آرين لوڪن، سنڌ تي، سنڌو درياءَ جي ڪري اهو نالو وڌو". (مولائي شيدائي، 1985ع: 6)

(ii) پاڪستان جو مشهور جاگرافيدان، پروفيسر پٺا والا جنهن سنڌ ۽ سنڌو- ماٿر جي جاگرافيءَ جي باري ۾، گهڻوئي تحقيقي ڪم ڪيو هو تنهن لکيو آهي تہ:

> "سنڌ جي سرزمين (سنڌ ملڪ)، سنڌو درياءَ جو هڪ انمول تحفو آهي. هيءَ قديم درياءَ (سنڌوءَ)، هن سرزمين جي جياپي ۽ جيوت جو سهارو رهيو آهي. هن صحرائي سرزمين

ڪي، سنڌو درياءَ، بيابان مان، خيابان بنايو آهي، ۽ هن درياءَ (سنڌوءَ) جي نالي پٺيان ئي هن ملڪ کي، 'سنڌ' نالو ڏنو ويو آهي". (Pithawalla, M., 1959: 9)

پروفيسر پٿا والا، سنڌو درياءَ جي باري ۾ اڳتي لکي ٿو ته:

"هيءُ درياءَ ايترو ته قديم ۽ پراڻو آهي جو رگ ويد ۾ به هن درياءَ کي پوتر درياءَ سڏيو ويو آهي. رگ ويد جي خالقن، هن درياءَ جي پاڻيءَ کي 'اَمرت' سڏيو آهي." (Pithawalla, M., 1959: 9)

پروفيسر پٿا والا اڃا به اڳتي لکي ٿو:

"رگ ويد جا لکندڙ ڪوي (شاعر)، سنڌوماٿر جي مٿئين علائقي، ٽئڪسيلا/ تنول جا رهاڪو هئا". (Pithawalla, M., 1959: 9)

اهڙيءَ طرح، ڊاڪٽر لئمبرڪ، سنڌو درياءَ ۽ سنڌو ملڪ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

"سنڌ، جنهن جو صحيح اُچار 'سنڌوُ' آهي، سو شروعاتي طرح، اُنهيءَ نديءَ جو نالو آهي جيڪا اُلهندن ملڪن ۾ 'انڊوُس' (Indus) جي نالي سان سڃاتي ويندي آهي. اهو غلط اُچار انهيءَ ڪري قائم رهيو جو اهو سڪندراعظم جي ساٿين، سندس ڪاهن جي تذڪرن ۾ ڪتب آندو هو ۽ اهو لفظ پوءِ عام استعمال ۾ اچي ويو. بعد ۾، 'سنڌ' جو نالو اُنهيءَ سرزمين (ملڪ) تي پيو، جنهن کي 'سنڌونديءَ' جو هيٺيون وهڪرو ريجائي ٿو يعني اهو ملڪ. اُنهن ندين جي سنگم کان هيٺ پرو آهي، جن جي گڏيل نالي تي، ۽ اُن کان مٿاهين ملڪ کي، 'پنجاب' سڏيو ويو جنهن منجهان اُهي وهن ٿيون.

اها ڳالهه بلڪل مناسب آهي جو سنڌ جي سرزمين، 'درياءَ شاهه' جي نالي پٺيان، 'سنڌ' سڏجي ٿي، ڇاڪاڻ جو اُن سرزمين کي سرجيوئي 'درياءَ شاهه' آهي." (Lambrik, H. T., 1975: 1.4)

ڊاڪٽر لئمبرڪ اڳتي لکي ٿو:

"هيءُ اُنهن علائقن جو مختصر ذڪر آهي، جنهن جون ڪڏهن نديون ته ڪڏهن وڏيون ايراضيون، اُن سرزمين سان شامل رهيون آهن، جنهن کي سياسي طور، 'سنڌ' جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. ائين چئبي سگهجي ٿو ته طبعي لحاظ کان، سنڌ جي اوير وارا وارياسا پٽ، راجپوتانا جا اُتر ۽ اولهه وارا ننڍا ٽڪرا، بلوچستان جو حصو آهن. تحقيق، اُلهندي ڪوهستان يعني ڪاڇي جا، ۽ اُپرنديئين ريگستان يعني ٿر جا رهواسي، 'سنڌي

هئڻ' جي ڳالھ ڪندا آهن هنن وٽ 'سنڌ' جي معنيٰ اهائي اصل واري سرزمين آهي، يعني اُها سرزمين جنهن کي سنڌونديءَ ناهيو ۽ آباد ڪيو آهي." (Lambrik, H. J., 1975: 4)

ڊاڪٽر مشتاق الرحمان بہ هن راءِ جو آهي تہ هن ملڪ تي، 'سنڌ' نالو هن ملڪ (سنڌ) جي وچ مان وهندڙ سنڌو درياءَ جي ڪري پيو آهي. اُن وقت سنڌ جون سرحدون، هڪ طرف اُتر ۾ ڪشمير تائين هيون تہ اوپر ۾ ڪنوج تائين هيون، اولھ ۾ ايران جي صوبي ڪرمان تائين هيون، تہ ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ جي ساحل تائين پکڙيل هيون."

ڊاڪٽر مشتاق الرحمان اڳتي لکي ٿو تہ:

"سنڌ نالو سنسڪرت لفظ 'سنڌوُ' تان ورتل آهي. اهو نالو آرين، سنڌوءَ تي رکيو جنهن کي پوءِ گريڪ ٻوليءَ ۾، 'انڊوُس' (Indus) سڏيو ويو. مقامي طور هن درياءَ کي اڄ بہ 'سنڌ' يا 'سنڌوُ' سڏيو ويندو آهي. لفظ 'هند' ۾ تہ فقط [س ۽ ھ] جي صوتياتي تبديلي آهي."
(Mishtaq-ur- Rehman, Dr. ?: 2)

(V) هن ڪان اڳ، ڊاڪٽر دانيءَ جي مقالي جي حوالي سان 'سنڌو- سؤوير'ديشن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن سلسلي ۾ اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ سن 400 ق- م ۾، 'پنڊت پاڻينيءَ' بہ 'سنڌوديش' جو ذڪر ڪيو آهي. هن سلسلي ۾، ديوان ٻي- ڊي ميرچندائيءَ لکيو آهي تہ ڪوي ڪاليداس بہ 'سنڌو-ديش' جو حوالو ڏنو آهي. ميرچندائي، پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ لکي ٿو:

"شري رامچندر پنهنجي پاءُ، 'ڀرت' کي، 'سنڌو- ديش' حوالي ڪيو." (Mirchandani, B.D., ? :19)

ديوان ميرچندائي اڳتي لکي ٿو:

"هت، لفظ 'سنڌو- ديش' مان مراد، 'سنڌو ملڪ' آهي، جيڪو موجوده پنجاب واري علائقي ۾ واقع هوندو هو. مارڪنڊيہ'، پُراڻن ۾، اتر- اولھ جي رهاڪو ماڻهن جي هڪ لڙهي ڏني آهي، جنهن ۾ 'سنڌو- سؤوير'، 'مَدَرَڪ' ۽ 'سدَرج' (ستلج جا رهاڪو) جا نالا ڏنل آهن، جيڪي سڀ، اُن زماني ۾ بہ پنجاب جا رهاڪو هئا." (Mirchandani, B.D., ?: 21)

مطلب تہ قديم زماني کان وٺي، سنڌو- ماٿر واري سڄي علائقي کي، هڙاپا تهذيب واري خطي تائين، هڪ ئي ملڪ جي نالي سان سڏيو ويندو هو يا هي سڄو علائقو (سنڌو ماٿر وارو)، ڌار ڌار ۽ ننڍين ننڍين ملڪن تي مشتمل هوندو هو تنهن لاءِ تاريخدان ۽ قديم آثارن جا ماهر، ڪهڙو رايو رکن ٿا، اُن جي باري ۾، ڄاڻ رکڻ ضروري آهي. اُن سلسلي ۾ هيٺيان سوال ڇنڊڇاڻ گهرن ٿا:

(i) سنڌو- ماتر وارو علائقو سياسي طور، ڪنهن هڪ ملڪ تي مشتمل هو يا هي علائقو ڌار ڌار حڪومتن / ملڪن ۾ ورهايل هو ۽ هر ملڪ، ڌار ڌار حاڪم جي قبضي هيٺ هو.

(ii) سنڌو- ماتر جون سياسي ۽ جاگرافيائي حدون ڪيستائين پکڙيل هيون؟

(iii) ڇا 'سنڌو'، 'سؤوير' ۽ 'ڪيڪيه ديش'، هڪ ئي ملڪ هو يا اِهي ٽيئي، قديم سنڌو- ماتر جون ڌار ڌار رياستون / حڪومتون هيون، جن جي ٻولي، تهذيب ۽ تمدن ساڳيو هو يا هر خطي جي ٻولي، تهذيب ۽ تمدن بہ ڌار ڌار هو؟

ماهرن جي راءِ موجب، 'سنڌو- ماتر' جو اُلهنديون علائقو، ٽن رياستن يعني ٽن ملڪن تي مشتمل هو ۽ اُهي ٽي رياستون هيون: 'سنڌوديش'، 'سؤوير ديش' ۽ 'ڪيڪيه ديش'. پر هي نقطو بہ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ اهي ٽيئي رياستون، هڪ ئي مرڪزي حڪومت جو حصو هيون، ۽ هر رياست، اُن مرڪزي حڪومت جي صوبائي حيثيت رکندي هئي. انهن ٽنهي رياستن جي ٻولي، اُنهن جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت ۾ بہ هڪجهڙائي هئي. جيئن راءِ گهراڻي، ۽ اُن کان پوءِ برهمڻ گهراڻي جي حڪومتن واري زماني ۾، سنڌو- ماتر تي هڪ ئي خاندان حڪومت ڪندو هو جنهن جو تخت گاهہ 'الور' / 'اروڙ' هوندو هو. اها بہ تاريخي حقيقت آهي تہ هيءُ ملڪ، ڇئن رياستن ۾ ورهايل هو. هر رياست جو رياستي / صوبائي نواب، ڌار ڌار هوندو هو ۽ اهي نواب، رياستي تخت گاهن ۾ رهندا هئا.

هن ڪان اڳ، 'سنڌو- سؤوير'، 'سنڌو' ۽ 'سؤوير ديش' جي نالن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هاڻي ڏسڻو هي آهي تہ جيڪڏهن 'سنڌو- ديش' ۽ 'سؤوير ديش' بہ ڌار ڌار رياستون هيون تہ پوءِ اُنهن جون جاگرافيائي حدون ۽ سندن جاگرافيائي بيهڪ ڪهڙي هئي ۽ ڪيئن هئي؟ هن سلسلي ۾، چيني سياح، هيون- سئنگ، سر گريئرسن، ڊاڪٽر دانيءَ، ديوان بي- ڊي ميرچندائيءَ ۽ شري جيرامداس دولترام جي ڏنل راين کي، دليل طور پيش ڪري، نتيجا ڪڍيا ويا آهن. ديوان ميرچندائيءَ، هيون- سئنگ جي حوالي سان، هن موضوع جي وضاحت، 'آنند روما باروآهہ' (Anandroma Barooah) جي ڪتاب، 'Ancient Geography of India' جو حوالو ڏيندي، هن طرح ڪئي آهي:

"سنڌو- ديش، اُن ملڪ کي چوندا هئا، جيڪو سنڌونديءَ جي مٿاهين (اُپِي) حصي، يعني اُترئين حصي ۾ پکڙيل هوندو هو." (Mirchandani, B. D., ? : 55)

پر هن کان اڳ، ائين بہ چيو ويو آهي تہ 'هيون- سئنگ'، 630ع ڌاري 'تڪش – شلا' پهتو هو ۽ 643ع تائين، سنڌو- ماتر ۾ ئي رهيو هو يعني هن (هيون- سئنگ)، سنڌو- ماتر ۾ ڪافي زمانو گذاريو ۽ پورو ملڪ گهمي ڏٺو هئائين. 641ع ڌاري هُو سنڌو درياءَ جي اولهہ واريءَ رياست ۾ بہ آيو هو. اُن حڪومت

۽ اُن رياست کي، ’هيون_ سئنگ‘، ’سِن_ تو‘ (Sin-tu) سڏيو آهي، يعني ’سِن – توُ‘(Sin- tu) يا ’سنڌو‘ نالي سان ڪو ملڪ يا ڪا رياست بہ قائم هئي. ميرچندائيءَ جو هن سلسلي ۾ خيال آهي تہ:

”اُهو ملڪ، يعني ’سِن_ تو‘ (Sin- tu)، پنجاب وارين حدن اندر هوندو هو. هيون_ سئنگ، ’گُرجَر‘ (Gurjara) ملڪ کان، هن علائقي (سن_ تو) جو سفر شروع ڪيو هو. هيون_ سئنگ، ’گُرجَر‘، ملڪ جي جاگرافيائي بيهڪ، موجوده، مارواڙ (ڏکڻ_ اولهہ راجپوتانا) جي ڏکڻ_ اولهہ ۾ مقرر ڪئي آهي. ’گُرجر ملڪ‘ جو تخت گاهہ هيون_ سئنگ جي بيان موجب، ’Pi- lo-no-lo‘ يعني ’پِلمال‘[2] هو. پلمال جو شهر هاڻ ’ابو جبلن‘ جي اُتر_ اولهہ طرف، پنجاهہ ميلن جي مفاصلي تي گجرات(پارت) ۾ آهي.“ (Mirchandani, B.D., ?: 22)

هيون_ سئنگ جي حوالي سان، ميرچندائي لکي ٿو تہ:

”اسين پوائتي بيابان (wild desert) جي وچان، 1900 لِي (هڪ لي = 4.88 ميل) پنڌ ڪري، وڏي درياءَ، ’سن_ تو‘ (Sin-tu) تي پهچي، درياءَ اُڪري، ’سن – تو‘ (Sin- tu) حڪومت ۾ پهتاسين. اُتان پوءِ، اوڀر طرف، 900 لي سفر ڪري، سنڌو درياءَ جو اُڀرنديون ڪنارو وٺي، اسين ’Mu-lo-san-pulu‘ (مُولستان پورا) يعني ’ملتان‘ پهتاسين. اُن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ ’سنڌو‘ ۽ ’ملتان‘ ٻئي موجوده پنجاب واري علائقي ۾ هئا، ۽ هڪ ٻئي جا پاڙيسري ملڪ هئا“. (Mirchandani, B. D., ?: 22)

ليڪن هي نقطو بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ ’هيون_ سئنگ‘ جي سنڌ جي ياترا واري زماني ۾، يعني 641ع ۾ راءِ گهراڻي جي حڪومت جا پويان ڏينهن هئا. پر ملتان وارو علائقو اُن زماني ۾ ’سنڌو حڪومت‘ جو هڪ صوبو هوندو هو جنهن جو صوبائي تخت گاهہ ’ملتان‘ هو پر مرڪزي حڪومت جو تخت گاهہ ’اروڙ‘ هوندو.

ديوان ميرچندائيءَ اڳتي، ’هيون سئنگ‘ جي حوالي سان، ’سن_ توُ‘ ملڪ جي باري ۾، هن طرح وضاحت ڪئي آهي. هُو لکي ٿو تہ:

---

[2] ’پلمال‘ شهر جو ذڪر، محقق البيرونيءَ پڻ وڏي فخر سان ڪيو آهي، جاڪاڻ تہ اُن شهر ۾ ’برهمر گُپت‘ جي نالي سان، هڪ مها ودوان ٿي گذريو هو جنهن جي ڪتابن کي البيرونيءَ، عربي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. ’پلمال‘ شهر هڪ طرف علم نجوم، علم هيئت ۽ چند وديا جي ودوانن جي ڪري مشهور هو تہ ٻئي طرف، سنڌ ۽ پلمال جي عالمن جا هڪبئي سان پراڻا ۽ گهاٽا تعلقات ۽ لاڳاپا هئا. ’پلمال‘ ۾ برهمڻ گهراڻي جي زماني کان وٺي، بنو علافي قبيلي جا عرب رهندا هئا. اُنهن جو سردار محمد بن الحارث علافي، 680ع ڌاري، قديم سنڌ ۾ اچي رهيو هو ۽ راجا ڏاهر جي اعتماد وارن ماڻهن ۾ سندس شمار ٿيندو هو. هن (علائقيءَ)، مقامي ماڻهن سان پنهنجا اثر رسوخ وڌايا، اُن ڪري هتي جي ماڻهن، محمد بن قاسم جي سامهون پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪيا، ۽ جنگ ڪرڻ ۽ وڙهڻ کان گريز ڪيائون. اهو بہ هڪ سبب هو جو سنڌ جي فتح ڪرڻ کان پوءِ، سنڌ ۽ پلمال جي وچ ۾ رشتا هيڪاري مضبوط ٿيا. جنهن ڪري علم ۽ سائنس جي فروغ ۾ گهڻي مدد ملي. ’پلمال‘ ۽ ’برهمر گپت‘ جو ذڪر، پريم ايبچندائيءَ بہ پنهنجي مقالي ۾، ڀرپور نموني سان ڪيو آهي.

"'سن_ تؤ' (Sin- tu)، هڪ اُهو ملڪ آهي جيڪو اٽڪل 7000 لي همچورس ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهي. هن ملڪ جو تختگاهه Pi-shen-p'o-pulo آهي. اهو شهر، 30 لي همچورس ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهي. هن ملڪ ۾ چانور، ڪڻڪ ۽ مڪئي گهڻي مقدار ۾ پيدا ٿئي ٿي. هت سون، چاندي ۽ ٽامي جون کاڻيون آهن. هت ڳائو مال، ڊور ڍڳا، رڍون، اُٺ، گهوڙا ۽ ٻيا جانور گهڻي تعداد ۾ پاليا ويندا آهن. هت ڳاڙهي لوڻ جون کاڻيون آهن. هت اڇي ۽ ڪاري لوڻ جا جبل آهن (موجوده وقت، انهيءَ خطي کي کيوڙا وارو خطو چوندا آهن، جيڪو جهلم کان ڪجهه مفاصلي تي آهي.) اهو لوڻ دوائن ٺاهڻ ۾ ڪم ايندو آهي.
هت، 'سنگهارامس' (Sangaramas) جون، سون جي تعداد ۾ ياترائون آهن، جن ۾ ڏهه هزار کن، برهمڻ رهن ٿا. هت ٽيهه کن مندر آهن. هتي جو حاڪم، 'شودرَ' جاتيءَ مان آهي. هُو ٻڌمت جو مڃيندڙ آهي." (Mirchandani, B.D., ?: 22)

'شودرَ' جاتيءَ جي حاڪم جي باري ۾، پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ جو وضاحتي رايو هن کان اڳ وارن صفحن ۾ ڏنو ويو آهي. جنهن ۾ پروفيسر پيرومل لکي ٿو تہ:

"هيون سئنگ نالي هڪ چيني مسافر، عيسوي، ستينءَ صديءَ ۾، راءِ سهاسي ٻئي جي وقت ۾ آيو هو. هن صاحب، پنهنجي سفرنامي ۾ ڄاڻايو آهي تہ سنڌ جو راجا هڪ 'شودر' هو. ياتئجي ٿو تہ انهيءَ وقت کان سگهوئي پوءِ، اهي (راءِ گهراڻي وارا) حاڪم، 'کتري راجپوت' سڏجڻ ۾ آيا." (پيرومل. آڏواڻي، پروفيسر، 1956ع: 55).

هيون_ سئنگ جي بيان تي، ديوان ميرچنداڻي، پنهنجو رايو ڏيندي لکي ٿو تہ:

"هيون – سئنگ جي بيان ڪيل مذڪوره 'پهاڙي لوڻ واري علائقي' مان ائين ٿو ثابت ٿئي تہ 'سِن – تو' (Sin- tu) 'شهنشاهت'، لوڻ وارن جبلن واري علائقي ۽ اُن جي آس پاس واري ملڪ جي ايراضيءَ تي مشتمل هئي. 'سن_ تو' (Sin- tu)، يعني 'سنڌوُ'. يقيناً اُن ملڪ جو نالو هو جيڪو 'سن_ تو' يعني 'سنڌو شهنشاهت' جي سرحدن ۾ اچي ٿي ويو. لهاذا اها دعويٰ، وثوق سان ڪري سگهجي ٿي تہ هن پوري علائقي کي، 'سن_ تؤ' يعني 'سنڌوُءَ' جي نالي سان سڏيو ويندو هو ۽ هن علائقي تي اهو نالو يعني 'سن_ تؤ' (سنڌوُ)، 'سن_ تؤ درياءَ' جي نالي پٺيان رکيو ويو هو جيڪو (سنڌو درياءَ) هن ملڪ جي پوريءَ ايراضيءَ جي وچان وهندو هو." (Mirchandani, B.D., ?: 22)

ديوان ميرچنداڻي، 'هيون_ سئنگ' واري 'سنڌو_ ديش' کي پنجاب ۾ ۽ سنڌو درياءَ جي ڏاکڻين حصي واري ملڪ (سؤوير ديش) جي وضاحت جي سلسلي ۾، 'وَراهہ مِهرا' (Varaha Mihira) (وَراهہ مِهرا)،

ڇهين صديءَ عيسويءَ ۾، ستارن جي علم (astronomy) جو هڪ وڏو ڄاڻو ٿي گذريو آهي) جي ڪتاب. 'برهتسمِهتا' (Brhatsamihita) جي حوالي سان ڄاڻايو آهي ته 'سنڌو- ديش' ۽ 'سؤوير ديش' نالن سان به ڌار ڌار ملڪ موجود هئا. جيڪي 'وراهه مِهرا' پنهنجي ڪتاب ۾ ڄاڻايا آهن. اهو فرق (يعني اهي به ڌار ڌار ملڪ سمجهڻ). محقق البيرونيءَ پڻ ڄاڻايو آهي. اهڙيءَ طرح، ديوان ميرچندائيءَ پڻ وضاحت سان، 'سنڌو' ۽ 'سؤدير' ديشن جي جاگرافيائي بيهڪ ۽ انهن جي جاءِ وقوع تي، پنهنجي ڪتاب ۾ بحث ڪيو آهي ۽ هن نتيجي تي پهتو آهي ته:

هن ملڪ جي، پوريءَ ايراضيءَ ۾، سمنڊ جي ساحل تائين، موجوده سنڌ ملڪ وارو علائقو پڻ شامل هو. اِنهن ماهرن جي خيال موجب، 'سؤوير ديش' جو تخت گاهه 'روروُڪا' (Roruka) يا 'رو روُوا' (Roruva) هو. اهو شهر، موجوده 'روهڙي' يا 'الور' يا 'اروڙ' هو.

اڳتي هلي، 'سنڌو' ۽ 'سؤوير' ديش پاڻ ۾ ضم ٿي، هڪ ملڪ بڻجي ويا. ۽ اُنهن ٻنهي لاءِ هڪ ئي نالو 'سنڌوُ' استعمال ٿيڻ لڳو يعني اڳوڻو 'سنڌوديش' ايراضيءَ وارو سڄو ملڪ (گنڌارا واريءَ واديءَ کان هيٺ وارو سڄو ملڪ). 'ڪيڪيه ديش' ۽ ملتان جي چئني طرفن وارو سڄو علائقو هيٺ ڏکڻ ۾ سامونڊي ساحل تائين وارو سڄو علائقو 'سنڌوُ' جي نالي سان سڏجڻ لڳو." (Mirchandani; B.D., ? 27-30)

ميرچندائي صاحب اڳتي لکي ٿو:

> "ڀارت ورش' ۾، قومن ۽ ذاتين پنهنجا نالا، ضلعن علائقن ۽ خطن تي به رکيا آهن. پر 'سنڌو' نالو اُنهن مان ڪنهن به ضلعي جو نالو نه هو ۽ نه ئي وري 'سنڌو' ڪنهن نسل يا ذاتيءَ جو نالو هو بلڪ 'سنڌو' هڪ ملڪ/ ديش جو نالو هو.
>
> 'هيون- سنگ' جي بيان مان ظاهر آهي ته 'سن- تو شهنشاهت'، سنڌو درياءَ جي، ٻنهي پاسن، يعني اوير ۽ اولهه طرف، موجوده ديره جات واري علائقي ۽ اُن علائقي جي ڏکڻ طرف واري پوري ملڪ تي، مشتمل هوندي هئي. جا اولهه ۾ سليمان جبلن ۽ اوير ۾ لوڻ وارن جبلن جي ايراضيءَ تائين پکڙيل هئي."

ديوان ميرچندائي اڳتي لکي ٿو ته:

> "لوڻ وارن جبلن مان حاصل ٿيندڙ لوڻ کي، سنڌيءَ ۾ 'سينڌو (Saindho) لوڻ'، سنسڪرت ۾ 'سنڌوُ لَوَڻَ' (Sindhu Lavana) ۽ بنگاليءَ ۾ 'سئندَوُ' (Saindava) لوڻ سڏيندا آهن. انهيءَ لوڻ تي اهو نالو يقيناً "قديم ملڪ سنڌوُءَ' مان واسطيداريءَ ڪري پيو آهي".
>
> (Mirchandani, B.D.? : 23)

ديوان ميرچنداڻي، ’سنڌو ملڪ‘ جي باري ۾ اجا بہ وڌيڪ وضاحت ڪندي لکي ٿو:

"هيون۔ سئنگ وارو ڄاڻايل ملڪ ’سن۔ تو‘، اُهو ملڪ هو جنهن جو تخت گاهہ ’الور‘ هو. چاڪاڻ تہ هيون۔ سئنگ، هن علائقي ۾ پنهنجي اچڻ واري زماني واري ’سن۔ تو‘ ملڪ جو حاڪم، ’شودر‘ (Shu-to-lo) ڄاڻيءَ وارو ٻڌايو آهي، ۽ تاريخي رڪارڊ مان بہ معلوم ٿو ٿئي تہ هيون۔ سئنگ جي، هن خطي جي ياترا واري زماني، يعني سن 641ع ۾، ’سن۔ تو‘ ملڪ جو حاڪم، ’شودر‘ ڄاڻيءَ مان هو اهو حاڪم، ’راءِ سهاسي ٻيو‘ هو. ’شُودر‘، سنڌ جي راجائن کي چوندا هئا. اهي برهمڻ نہ، پر ڪتري هئا." (Mirchandani, B.D.,? : 23)

هن راءِ مان اهو پڻ ثابت ٿو ٿئي تہ راءِ گهراڻي جي حڪومت واري زماني ۾، ’سن – تو‘ ملڪ، راءِ گهراڻي جي حڪومت جو حصو هو پر پوريءَ شهنشاهت جو تخت گاهہ ’الور‘ هو.

سر گريئرسن جو خيال آهي تہ:

"ڪنهن زماني ۾، سنڌو۔ ماٿر جي پشاور کان وٺي پنجاب (لهندا زبانن وارو علائقو) ۽ سنڌ سميت، ساحل واروعلائقو ٽن حڪومتن ۾ ورهايل هوندو هو. اُنهن مان سر اُتر واريءَ حڪومت کي ’گنڌارا جي حڪومت‘ چوندا هئا، جنهن ۾ ’ڪيڪيہ ديش‘ بہ اچي ٿي ويو ۽ اُن کان هيٺ پرو سنڌو۔ ماٿر جو اُهو حصو اچي ٿي ويو جنهن کي ’سنڌو۔ ديش‘ چوندا هئا، ۽ اُن کان هيٺ ڏکڻ واري حصي کي ’سؤوير ديش‘ چوندا هئا." (Grierson, G., 1919:)

تاريخ جي مطالعي مان اهو بہ معلوم ٿو ٿئي تہ راءِ گهراڻي جي حڪومت يعني ’سنڌو شهنشاهت‘ جون سرحدون، ڪشمير تائين پکڙيل هيون، جنهن ڪري ’سنڌوُ شهنشاهت‘ ۾ ’سؤوير ديش‘، ’سنڌوديش‘ ۽ ’ڪيڪيہ‘ ۽ ’گنڌارا‘ واري حڪومت بہ شامل هئي، جيتوڻيڪ انهن ٽنهي ملڪن جا سڀ علائقا ۽ ايراضيون، سنڌو۔ ماٿر يا ’سنڌُو شهنشاهت‘ جي نالي سان سڏيون وينديون هيون، پر حقيقت ۾، هن شهنشاهت ۾ چار ملڪ يا رياستون – سنڌويش، سؤوير ديش، ڪيڪيہ ديش ۽ ڪشمير۔ اچي ٿي وئيون، جيئن مارڪنڊيہ بہ لکيو آهي.

انهيءَ سلسلي ۾ ڪئپٽن هيگ، وضاحت ڪندي لکي ٿو تہ:

"راجا چچ، لوڻ وارن جبلن تائين وارو سڄو ملڪ فتح ڪري، پنهنجيءَ حڪومت جون سرحدون، اوستائين، بلڪ اڃا بہ اُتر طرف، مٿئين حصي تائين وڌايون هيون، ۽ ممڪن آهي تہ ’هيون۔ سئنگ‘، ’غلطيءَ وچان اهو لکي ويو هجي تہ ’سن۔ تو‘ حڪومت جو تخت گاهہ ملتان جي ويجهو اولهہ ۾ هو پر منهنجي خيال ۾، ’هيون۔ سئنگ‘، ’قديم

سنڌو' (ملڪ) جي هڪ رياست جي تخت گاهه ڪي، سڄيءَ شهنشاهت جو تخت گاهه سمجهيو ٿي". (Haig, M. R., 1972: 35)

هن سلسلي ۾ ڪننگهام به پنهنجي ڪتاب Ancient Geography of India ۾ صفحي 286 ۽ 287 تي لکي ٿو ته:

"641ع ۾ راءِ سهاسي بيو سنڌ جو حاڪم هو". (Cunningham, ? :286 & 287)

اهڙيءَ طرح Vincent Smith به پنهنجي ڪتاب Early history of India ۾ صفحي 369 تي لکيو آهي ته:

"سنڌ تي راءِ سهاسي بيو حڪمران هو جيڪو ٻڌمت جو مڃيندڙ هو ۽ 'شودر' جاتيءَ جو هو." (Smith V., 1914: 369)

محقق سمٿ، 'هيون- سئنگ' جي راءِ تي پنهنجا خيال ظاهر ڪندي لکيو آهي ته:

"هيون – سئنگ، هن حاڪم (راءِ سهاسي ٻئي) جي حڪومت جي تخت گاهه جو نالو P'i-shen-p'o-pu-lo لکيو آهي، جيڪو دراصل 'اروڙ' يا 'الور' هو ۽ چچ برهمڻ سنڌ جي هن تخت گاهه تي، 646ع ۾ قبضو ڪيو هو. لهاذا P'i-shen-p'o-pu-lo شهر جي تلاش، ديره جات وارن خطن ۾ ڪرڻ گهرجي." (Smith, J., 1914: 369)

سنڌ جي تاريخ جو وڏو مؤرخ، ڊاڪٽر لئمبرڪ به پنهنجيءَ تحقيق ۾ هيون- سئنگ واري سن- تؤ ملڪ کي، موجوده اُترينءَ سنڌ (Northern Sindh) جي اُتر طرف واري حصي کي مڃي ٿو. ڊاڪٽر لئمبرڪ جو خيال آهي ته:

"اِئين مڃيون به ڪٿي ته 'الور' جو اُن وقت (641ع ۾)، ڪو بيو نالو هو. تڏهن به سنڌو نديءَ اُن زماني ۾ 'الور' جي اوير طرف کان ڪونه وهندي هئي". (Lambrik, H.T., Dr. 1975: 148)

هن سلسلي ۾ مشهور سنڌ شناس، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

"مارڪنڊيه هڪ نامعلوم مصنف جي حوالي سان سڄيون ساريون ستاويهه ٻوليون، 'آپڀرنش' جي دفعي ۾ شمار ڪري ٿو. مارڪنڊيه، 'اپڀرنش' جا ٽي قسم ڄاڻايا آهن: هڪ 'ناگر' جيڪا مڙني ۾ مکيه آهي، ٻي 'وراچڊ'. جا 'ناگر' مان نڪتي ۽ 'سنڌو- ديش' ۾ جنم ورتائين ۽ ٽين 'ناگر اپڀرنش' جا 'ناگر' ۽ 'وراچڊ' جي سنگم مان اُسري. مارڪنڊيه جي انهيءَ بيان مان، گريئرسن ۽ بين ائين سمجهيو آهي ته 'وراچڊ'، سنڌ ۾ اُسري، موجوده سنڌي، 'وراچڊ' مان نڪتي، ۽ 'وراچڊ'، 'آپڀرنش' مان. حقيقت ۾ مارڪنڊيه ۽ بين آڳاٽن لکندڙن، 'سنڌو' يا 'سؤوير' جا نالا کنيا آهن ته اُن مان مراد، موجوده سنڌ ڪانهي، بلڪ ملتان ۽ ڏکڻ- اولهه پنجاب وارو خطو آهي." (Baloch, N.A., Dr., 1990: 28)

هن ڏس ۾ ڊاڪٽر احمد حسن دانيءَ پڻ پنهنجي مذڪوره مقالي- 'سنڌو- سؤوير' ۾ وضاحت ڪندي لکيو آهي ته:

"البيرونيءَ پنهنجو مواد 'وايو پراڻ' مان ڪٺندي اهي ٻئي جاگرافيائي اصلاح- سنڌو ۽ سؤوير- شامل ڪري ٿو ۽ ڄاڻائي ٿو ته پوئين نالي مان مراد (گهڻو ڪري گهٽ ۾ گهٽ سندس وقت ۾) 'ملتان' ۽ 'جهرور' جو ٽڪر هو ٻئي پاسي اهو سمجهڻ پڻ ممڪن آهي ته اهو سمورو علائقو نه پر 'سن- تو' جي گاديءَ وارو شهر هو جيڪو سنڌونديءَ جي اولهه ۾ هو. جيڪڏهن اسان هيءَ صلاح قبول ڪنداسين ته پوءِ اهو سمجهڻ ڏکيو نٿو ٿئي. ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻولي رڳو هيٺين سنڌوءَ تائين ئي محدود آهي جڏهن ته انهيءَ ڏري گهٽ ساڳيءَ ايراضيءَ ۾ هاڻ سرائڪي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي جيڪا البيروني 'سؤوير' جي بيهڪ ڏيکاري ٿو. سرائڪي ڳالهائيندڙ علائقي جي هن سمجهاڻيءَ جي آڌار تي اٿين چئي سگهجي ٿو ته 'سرائڪي' نالو شايد اصل لفظ 'سؤويراڪي' جي بگڙيل صورت آهي." (Dhani, A.H., Dr., 1982: 53)

لهاذا اهو مڃڻو پوندو ته سنڌو- ماٿر واري شهنشاهت تن ملڪن جي سرحدن تي مشتمل هئي ۽ اُهي ملڪ هئا:

'سنڌوديش'، 'سؤوير ديش' ۽ 'ڪيڪيه ديش'، ۽ اڳتي هلي اهي ٽيئي ملڪ هڪ ئي ملڪ يعني 'سنڌوءَ'سان سڃاڻجڻ لڳا.

## 3 ـ سنڌوُ ملڪ (سنڌو ـ ماٿر) جا اصلوڪا رهاڪو ڪهڙي نالي سان سڏبا هئا ۽ سندن ٻولي/ ٻوليون ڪهڙن نالي سان سڏيون وينديون هيون؟

محققن، قديم ملڪ 'سنڌوءَ' جي اصلوڪن رهاڪن ۽ اُنهن جي نسلن ۽ جاتين جي نالن جي سلسلي ۾ به پنهنجا رايا ڏنا آهن. هن قديم ملڪ جي اصلوڪن رهاڪن کي، 'رگ ويد' ۾ عام طور ڪهڙي نالي سان سڏيو ويو آهي، اُن سلسلي ۾، هن ڪان اڳ، 'ائبٽ' جو رايو بيان ڪندي چيو ويو آهي ته:

"جيمس ٽاڊ جي خيال موجب، 'سنڌو'، دراصل 'تاتاري' يا 'سِٿڪ' (Scythic) ٻوليءَ جو لفظ آهي، جيڪو اُن درياءَ لاءِ ڪم آندو ويو هو جيڪو هن ملڪ (سنڌوءَ) ۾ وچان وهندو هو. يونانين 'سنڌو' لفظ کي 'انڊوس' (Indos) جي صورت ۾ آندو. سنسڪرت زبان ۾ به اهو نالو (سنڌو) جي اُچار ۾ استعمال ڪم اچڻ لڳو يعني ته يونانين سنڌو درياءَ کي 'انڊوُس' سڏيو ۽ اُن (انڊوُس) جي ماٿريءَ ۾ رهندڙ ماڻهن کي 'اِنڊوُئي' سڏيو. ايراني ٻوليون ڳالهائيندڙن، 'سنڌوُءَ' کي 'هندو' سڏيو يعني [س] کي [هه] ۾ بدلائي ڇڏيائون." (Abbot, J., 1977: 23)

ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته 'سنڌو ملڪ' جي اصلوڪن رهاڪن کي قديم زماني ۾ 'سنڌوُئي' سڏيو ويندو هو. اهو لفظ (سنڌوُئي) اڳتي هلي، ٻهرين 'سِنڌُئي' ۽ پوءِ 'سنڌي' تي ويو. هن سلسلي ۾ پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ جو رايو اڳ ۾ ڏنو ويو آهي جيڪو هت وري دُهرائجي ٿو. هُو لکي ٿو:

"قديم ايرانين وٽان، قديم يونانين کي، هندستان جي سُڌ پيئي. سڪندراعظم سان جيڪي تاريخ نويس گڏ آيا هئا، تن به سنڌو ـ ماٿر ۾ رهندڙ ماڻهن کي سڏيو 'سنڌو' (هندو)، پر اُچار ڦيرائي ڪيائون 'انڊوئي' (Indoi)، نديءَ کي سڏيائون 'انڊوُس' (Indos)، ۽ سڄي ملڪ کي سڏيائون 'انڊيڪا' (Indica) ۽ 'انڊيڪوس' (Indicos)." (پيرومل آڏواڻي، ؟: 47)

پروفيسر پيرومل اڳتي لکي ٿو:

"خود سنسڪرت ساهت ۾، 'سنڌو' لفظ جي ڪيترن ئي هنڌ معنيٰ آهي: 'سنڌونديءَ وارو ملڪ'، ۽ 'سنڌو' يا 'سئنڌَوَ' لفظ جي معنيٰ آهي 'سنڌ ملڪ جو رهاڪو'". (پيرومل آڏواڻي، :47)

پروفيسر پيرومل، پنهنجي ساڳئي ڪتاب جي، صفحي 46 تي لکي ٿو ته:

"رگ ويد واري زماني ۾، آڳاٽا لوڪ، سنڌوندي ۽ اُن جي پرتي ڪندڙ شاخن جا ڪنارا، پاڻيءَ جي سهنج ڪري، والاري وينا هئا. تنهن ڪري ايرانين سيني هنڌن جي رهاڪن کي گڏي، 'سنڌوُ' سڏيو پر اُچار ڦيرائي ڪيائون 'هندو'. جو جو ايراني لوڪ، عام طور

[س] کي ڦيرائي [هـ] ڪندا آهن. انهيءَ ريت، 'هندو' لفظ جي معنيٰ ٿي سنڌونديءَ جي ڪناري تي رهندڙ لوڪ." (پيرومل آڏواڻي،؟: 46)

ساڳيو مصنف (پيرومل آڏواڻي)، پنهنجي ساڳئي ڪتاب ۾ ساڳئي صفحي يعني صفحي 46 تي هيٺ حاشئي ۾ لکي ٿو ته:

"'هندو' لفظ لاءِ قديم اوستا ۾ ڪم آندل لفظ 'هِندَوَ (Hendeva) آهي ۽ سنسڪرت ۾ اُن لفظ کي 'سَئنڌَوَ' (Saindhava) چوندا هئا، جنهن جي معنيٰ آهي: سنڌونديءَ جي ڪناري تي رهندڙ لوڪ". (پيرومل آڏواڻي؟، : 46)

انهن مثالن ۽ دليلن مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته رگ ويد واري زماني ۾، سنڌو- ماٿر جي قديم لوڪن (رهاڪن) کي 'سئنڌوَ' (Saindhava) لوڪ جي نالي سان سڏيندا هئا، جنهن جي مراد هئي: 'سنڌونديءَ جي ڪناري تي يا سنڌو- ماٿر ۾ رهندڙ لوڪ'. اهو لفظ اڳتي هلي 'سنڌو' ۽ پوءِ 'سنڌي' ٿي ويو.

آرين، انهن لوڪن (سنڌو- ماٿر جي اصلوڪن رهاڪن) کي انهيءَ ئي نالي (سنڌوَ) سان ڪوٺيو ۽ سندن ٻوليءَ کي سنڌئي (سنڌي) سڏيائون. هونئن به ته سنڌي وياڪرڻ جي اصولن موجب، 'سنڌو' لفظ جي صفتي صورت، 'سنڌوئي'/ سنڌُئي[3] ٿيندي اها صورت يعني 'سنڌُئي' اڳتي هلي 'سنڌي' بڻجي وئي، ۽ وچ واري سُر (Vowel)، 'اُو' کي 'اُ' سر ۾ تبديل ڪيو ويو.

سِنڌُئي لفظ صفت آهي، سنڌي ٻوليءَ ۾ موجوده وقت به اهڙين صفتي جي صورتن جا ڪيترائي مثال ملن ٿا، جيئن:

| اسم | صفت | اسم | صفت | اسم | صفت |
|---|---|---|---|---|---|
| ٺٽو | ٺٽائي/ ٺَٽئي | هالا | هالائي | ٽڙ | ٽڙائي |
| ٽنڊو | ٽنڊائي/ ٽنڊّئي | سما | ساموئي | ڪُڏ | ڪُڏائي |
| ساڪرو | ساڪرائي | | | جهرڪ | جهرڪائي |
| ڪارو | ڪارائي | | | سَن | سنائي |
| جهنڊو | جهنڊائي | | | پٽ | پٽائي |
| جُهڏو | جُهڏائي | | | پيين | پيائني |
| دادوُ | دادُوئي/دادُئي | | | بلڙي | بلڙائي |

[3] سنڌُئي، مرتب لفظ آهي. سنڌي وياڪرڻ موجب هن ترڪيب وارا ڪيترائي لفظ ڇچنامي ۾ ملن ٿا.

اهڙيءَ طرح ’سنڌوُ‘ لفظ جي صفتي صورت ٿيندي: ’سنڌوُئي‘/ ’سنڌُئي‘، جا اڳتي هلي ’سنڌي‘ بڻجي وئي. انهن مثالن ۽ دلين مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌو۔ ماٿر ۽ ’قديم سنڌو ملڪ‘ جي اصلوڪن رهاڪن کي ’سنڌوُئي‘/ ’سنڌُئي‘ جي نالي سان سڏيو ويندو هو. اهو نالو پوءِ اڳتي هلي ’سنڌي‘ بڻجي ويو.

قديم ’سنڌوديش‘ ۾ رهندڙ لوڪن ۽ جاتين جي سلسلي ۾، شري ليلي رچنداڻيءَ جو ’جپسي قوم‘ جي باري ۾، مهراڻ رسالي جي نمبر 3، سال 1967ع ۾، صفحي 39 کان 44 تائين ڇپيل مقالي ۾ شامل مواد، هن سلسلي جي مطالعي ۾ گهڻو مددگار ثابت ٿيو آهي. اُن مقالي ۾، ’جپسي قوم‘ ۽ ’سنڌي قوم‘ جي وچ ۾ جيڪي ثقافتي هڪ جهڙايون آهن، تن جي آڌار تي، شري ليلي رچنداڻيءَ جو خيال آهي تہ ’جپسي قوم‘، اصل سنڌ ملڪ جي رهاڪو هئي، هُو لکي ٿو تہ:

”جپسي قوم يورپ جي ڪن حصن ۾ پاڻ کي زنگلي[4] تہ ڪٿي ’رومي‘ تہ ڪٿي وري ’سنتي‘ سڏائيندي آهي. ’سنتي‘[5] لفظ ’سنڌيءَ‘ جي بدليل صورت ٿي لڳي ڇو تہ [ت] ۽ [د] جي تبديليءَ جا بہ ڪيترائي ملن ٿا.“ (ليلو رچنداڻي، مقالو سماهي مهراڻ۔3، 1967ع، 39۔44)

خود جپسي جاتيءَ وارا، هڪ ٻئي کي مخاطب ٿيڻ مهل، ’سِنتي‘ سڏيندا آهن. جنهن جي معنيٰ آهي ’ساٿي‘. پنهنجيءَ دعويٰ جي ثبوت لاءِ، پنهنجي مقالي ۾، هيروڊوٽس جو حوالو ڏيندي، ليلو رچنداڻي لکي ٿو:

”سنڌي نالي هڪ ننڍڙي قوم، ڪاري سمنڊ جي ويجهو ’ٽامن‘ نالي هڪ ٻيٽ ۾ رهندي هئي. اهو سمو عيسوي سن کان، ڇهہ۔ اٺ سؤ ورهيہ اڳ جو آهي.“ (ليلو رچنداڻي، 1967ع: 39 ۔44)

پنهنجي ساڳئي مقالي ۾، اڳتي هلي، چمن لال جو حوالو ڏيئي، ليلو رچنداڻي لکي ٿو تہ:

”پنجاب جي هڪ ايراضيءَ ۾، ’جَنگر‘ نالي هڪ پنڌتي ٻيل قوم، هن وقت بہ رهندي آهي، جا ’سنڌوُئي‘ قوم جو حصو آهي، ۽ جنهن جي ٻولي، سنڌي ٻوليءَ سان ملي جهلي ٿي. اِها قوم ايران جي اندروني خطن تائين ويل ٿي ڏسجي“. (ليلو رچنداڻي، 1967ع: 39 ۔44)

پاڪستاني پنجاب صوبي ۾، ’شورڪوٽ‘ ۾ ’ڏنيءَ‘ واري خطي ۾ هن وقت بہ، هڪ ’جاتي‘ رهندي آهي، جنهن کي ’جانگلي‘ سڏيو ويندو آهي. هن جاتيءَ جي، پنهنجي ٻولي آهي جنهن کي ’جانگلي‘ ٻولي

---

[4] پنجاب ۾ هن وقت بہ شورڪوٽ ۽ ڏنيءَ وارن علائقن ۾ رهندڙ هڪ قوم ’جانگلي‘ نالي سان سڏبي آهي. ممڪن آهي تہ ’جانگلي‘ لفظ اُچار ۾ بدلجي ’زنگلي‘ ٿيو هجي.

[5] اهو بہ ممڪن آهي تہ ’سنتي‘ لفظ ’سنڌي‘ جي بدليل صورت هجي.

سڏيو ويندو آهي. 'جانگلي' جاتيءَ کي، پنجاب جي قديم ۽ سنڌو- ماٿر جي مقامي جاتي تسليم ڪيو ويو آهي. اهو بہ ممڪن آهي تہ 'جانگلي' قوم، سنڌو- ماٿر جي قديم 'سنڌُئي' قوم جي باقيات مان هجي.

مطالعي مان اهو بہ ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌ ۾، عربن جي فتح کان پوءِ، آيل سياحن بہ 'سنڌ ملڪ' ۽ 'سنڌي ٻولي' لفظ، ملتان، ديبل، سيوهڻ ۽ ٻين شهرن ۾ استعمال ٿيندي ٻڌا هئا. انهن سياحن جا سفرناما، سنڌي ٻوليءَ جي اُن زماني ۾ بہ موجود هجڻ جي سلسلي ۾ لاثاني ثبوت آهن؛ پر هن ڏس ۾، وڏي ۾ وڏو ثبوت، محقق البيرونيءَ جي مشهور ڪتاب، 'ڪتاب الهند' مان ملي ٿو جنهن ۾ هن (البيرونيءَ)، برهمڻ آباد ۾، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪم ايندڙ رسم الخط کي، 'سئنڌَوَ' جي نالي سان، رڪارڊ ڪيو آهي. البيروني لکي ٿو:

> "ڏکڻ سنڌ ۾، ڪاري واري خطي تائين، 'مالوَ شائوُ' (Malwashau) نالي جيڪو رسم الخط ڪم ايندو آهي، اُن کي 'مالواڙي' بہ چئبو آهي؛ 'ٻهمنوا' (المنصوره) ۾ 'سئنڌَوَ' رسم الخط ڪم ايندو هو؛ لاڙي خط لاڙ ديس ۾ ڪم ايندو هو؛ ارڌ ناگري رسم الخط، ڀاٽيا ۽ سنڌ جي ڪن حصن ۾ لکيو ويندو هو." (Sachau Edward, C., Dr., 1910: 173)

محقق البيرونيءَ جي هن دليل مان ثابت ٿو ٿئي تہ 'سنڌ' جي ٻوليءَ کي پهرين، 'سئنڌَوَ' سڏيو ويندو هو. پر 'ٻهمنوا' جهڙي مشهور ۽ مرڪزي شهر ۾ رائج، رسم الخط کي بہ اُن پراڻي نالي سان يعني 'سئنڌَوَ' سڏيندا هئا.

انهن مڙني دليلن ۽ ثبوتن مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ 'سنڌوُ' ملڪ جي رهاڪن کي پهرين 'سنڌُئي' ۽ پوءِ 'سنڌي' نالي سان سڏيو ويو. اهڙيءَ طرح 'سنڌُئي' لوڪن جي ٻوليءَ کي پهرين 'سنڌو' پوءِ 'سنڌُئي' ۽ پوءِ 'سنڌي' سڏيو ويندو هو ۽ سنڌي وياڪرڻ جي هڪ اصول، 'سنڌيءَ' يا 'ادغام' (assimitatian) جي اصولن موجب، 'سنڌُئي' لفظ ۾ 'ڌُ' واري جز جي سُر 'اُ' ۾ تخفيف آئي، ۽ 'سنڌُئي' لفظ پهرين 'سنڌو' ۽ پوءِ بدلجي 'سنڌي' ٿي ويو.

# حوالا

## سنڌي ڪتاب ۽ مقالا


1_ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1999ع، ثقافتي ورثو ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، ص ص 47، 48، 179 ۽ 263

2_ بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: 1982ع، مقالو سنڌي۔ ڪال/ سنڌو۔ سنبت، سنڌ صدين کان سيمينار ۾ پڙهيل، ص ص 6 ۽ 154

3_ بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: 1990ع، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ٽيون ڇاپو ڄامشورو: پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ص 28

4_ ڀيرومل، آڏواڻي: 1956ع، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ص 55

5_ ڀيرومل آڏواڻي ؟، قديم سنڌ، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 44، 46، 47، 173، 174 ۽ 465

6_ داني، احمد حسن، ڊاڪٽر: 1982ع، سنڌو۔ سؤوير، سنڌ جي اوائلي تاريخ تي هڪ نظر، ترجمو: سنڌ صدين کان، مرتب: ممتاز مرزا، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ص ص 51 ۽ 53

7_ علي اڪبر جعفري: 1982ع، اوائلي آريا دور ۾ سنڌ ۽ سنڌي، 'سنڌ صدين کان سيمينار' ۾ پڙهيل مقالو مرتب: ممتاز مرزا، ڪراچي: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ص ص 108 ۽ 110

8_ علي ڪوفي: 1954ع، فتح نامو عرف چچنامو مترجم: مخدوم امير احمد، حيدرآباد سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 98، 397

9_ مرزا قليچ بيگ ؟، قديم سنڌ، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ

10_ محمد حسين پنهور جي راءِ موجب، راءِ گهراڻي جي حڪومت، 499ع کان 632ع تائين رهي.

11_ مولانا، سيد ابوالحسن، 1305هه، مطبع نظامي، ڪانپور: ص ص 3 ۽ 6

12_ مولائي شيدائي: 1985ع، جنت السنڌ، ڇاپو ٻيو ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 3

13_ ليلو رچنداڻي: 1967ع، مقالو ٽماهي مهراڻ، نمبر3، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 39 _44

## English Books & Articles


14- Abbot, J., 1977, Sindh, reprinted by Indus publications, Karachi: P.23

15- Cunningham, ?, Ancient Geography of India, pp. 286 to 287

16- Encyclopaedia Brittanica, Vol: VIII, p. 59

17- Grierson, G., Sir, 1919, Linguistic Survey of India, Vol VIII, part-1, p.?

18- Haig, M., R., 1972, Indus Delta country, Karachi: Indus publications, p. 35

19- Lambrik, H.T., 1975, Sindh A General Introduction, Hyderabad: Sindhi Adabi Board, pp. 1, 4, 148

20- Mirchandani, B. D., ?, Glimpses of Ancient Sindh, a collection of Historical papers, pp. 19, 21, 22, 23, 25, 27- 30

21- Mushtaq-ur-Rehman, Dr., ?, A Geography of Sindh Province of Pakistan, Karachi: The Karachi Geographical Association, p.2

22- Pahnwar, M.H., 1983, Chronological Dictionary of Sindh, Jamshoro: Institute of Sindhology, P. 114

23- Pithawalla, M., Professor, 1959, A physical and Economic Geography. Of Sindh, Hyderabad: Sindhi Adabi Board, P.9

24- Sachau Edward, C., Dr., 1910 Al- berumi's India, London: Kegam And Trench Trubner, p. 173

25- Smith, V., 1914, Early History of India. Oxford: P. 369

26- Sorley, H. T. Dr., 1968, Gazetteer of West Pakistan (Sindh Region) Government of West Pakistan, Lahore: p.1

27- Sharif Kunjahi, 1991, Panjab- Scandinevian Language Contact, Gujrat (Pakistan): Chenab Academy, 61- Mazhar Colony, pp. 12, 13 and 141.


- سنڌ ۾ حيدرآباد ۽ ٽنڊي محمد خان روڊ تي، هيٺ ڏکڻ ۾، موجوده نورائي بستي، ڪٽڙ اسٽيشن جي ويجهو گوني واهه (موجوده پڄاري واهه) جي ساڄي طرف، 'سُڌ 'سڌيرڻ جو ٽلهه'. ٻڌمت جو وڏو آستان هوندو هو. هن ٽلهه ۾، چون ٿا تہ مهاتما گوتم ٻڌ. جون هائيون (رک) دفن ڪيون ويون هيون. هن پوري علائقي کي، خاص ڪري جهرڪن جي شهر جي سامهون. سنڌو درياءَ جي ڪاٻي طرف واري پوري علائقي کي، 'ٻڌڪا ٽڪر' سڏيندا آهن.

'سُڌ سڌيرڻ' واري ٽل وٽ ميدان تي، هر سال ويساک جي مهيني ۾ وڏو ميلو لڳندو هو ممڪن آهي تہ 'هيون_ سئنگ'، هت بہ آيو هجي. 'سڌ_ سڌيرڻ' جي ٽلهہ کان سواءِ، جهرڪن جي شهر جي ويجهو ڏکڻ طرف، ٽڪر تي، ماجيراءِ جي ماڙي ۽ ٻيا بہ آستان هوندا هئا، جتي ٻڌمت وارن جو هر سال ميلو لڳندو هو.

# سنڌو تهذيب جي قديم ۽ اصلوڪي ٻوليءَ جي تسلسل ۽ باقيات جو اڀياس

1_ سنڌي ٻولي ۽ سنڌو تهذيب جي باري ۾ ماهرن جي اڪثريت جي راءِ ۾ انهن ٻنهي، يعني سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌو تهذيب جو واسطو سنڌوماٿر ۾، آرين جي اچڻ کان اڳ واريءَ تهذيب ۽ ٻوليءَ سان آهي. ايتري قدر جو دنيا جي سڀ کان پهرئين عالم، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، جنهن 1872ع ۾ پنهنجي مشهور ڪتاب 'A Grammar of Sindhi Language' ۾ اها دعويٰ ڪئي هئي ته:

"The Sindhi is a pure Sanskritical language, more free from foreign elements than any other of the North Indian vernaculars. The old Prakrit Grammari'ans may have had their good reason, to designate the Apabhramsha dialect from witch the modern Sindhi is immediately derived, as the lowest of all the Prakrit dialects; but if we compare now the Sindhi with its sister tongues, we must assign to it, in a grammatical point of view, the first place among them. It is much more closely related to the old Prakrit, than the Marathi, Hindi, Panjabi, and Bangali of our days, and it thes preserved an exuberance of grammatical forms, for which all its sisters may well envy it." (Trumpp, E. Dr. 1872: Introduction, P. I & II)

پنهنجي ساڳئي ڪتاب جي Introduction جي آخري صفحي (III) تي، ڊاڪٽر ٽرمپ وري هيئن ٿو لکي:

"The object of these introductory remarks is to show the relative position, which the Sindhi holds to the Sanskirit and Prakrit; and in order to elucidate this subject, we shall lay down the rules and principles, by which the present Sindhi vowel and consonantal system has been derived from the Sanskrit by the medium of Prakrit. Thus, we hope, a solid basis aiso will be gained for intercomparing the Sindhi with its sister- tongues. By this process alone, which will enable us to assign to the Arian stock, what has been taken from it, though much altered now in shape and outward appearance by dint of contraction and assimilation, we shall on the other hand be able to trace out a certain residuum of vocables, which we must allot of to an old aboriginal language, of which neither name nor artent is now knows to us, but which, in all probability, was of the Tatar stock of languages and spread throughout the length and breadth of India before

irruption of the Arian race, as all the other vernaculars contain a similar non-Arian residuum of words, which have been already designated as `Provincial' by the old grammarians." (Trumpp, E., Dr. 1872: Introduction, P. III)

2 – اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر ٽرمپ، ڊاڪٽر ڪالڊويل، پٽاچاريہ، ڊاڪٽر پنڊيا، پروفيسر ڀيرومل آڏواڻي، سرجان مارشل، ڊاڪٽر هيريماٽ، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ ۽ ٻين ڪيترن ئي ماهرن جي تحقيق جي آڌار تي 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' ڪتاب جي صفحي 35 تي لکيو ويو آهي تہ:

"موجوده سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙيون بيشمار خصوصيتون ثابت ڪيون ويون آهن، جيڪي غير- آريائي خصوصيتون آهن ۽ اُهي خصوصيتون آريائي ٻولين ۾ اڻلڀ آهن. جيئن 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' (ٻيو ڇاپو)، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ جي ڪتاب ۽ 'Origin and growth of Sindhi Lanuguage' ڪتاب مان معلوم ڪري سگهجي ٿو." (الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 2002ع:؟)

انهن ڪتابن ۾ جيڪا راءِ ڏني وئي آهي، سا هت وري دُهرائجي ٿي تہ جيئن وري بہ ڪا غلط فهمي پيدا نہ ڪئي وڃي:

"سنڌي ٻولي، غير- آريائي خاندان واري ٻولي آهي، جنهن جون پاڙون 'موهن جي دڙي واريءَ تهذيب' ۾ کُتل آهن. جيڪا آرين جي اچڻ کان گهڻو اڳ، هن واديءَ ۾ نہ فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر لکي بہ ويندي هئي. جيڪا دراوڙي ٻولين جي قديم خاندان سان هڪجهڙائي رکي ٿي. جنهن ۾ آرين جي اچڻ کان پوءِ، پراڪرت ٻولين جا بيشمار لفظ داخل ٿي ويا، پر اُن (سنڌي ٻوليءَ) جي سٽاءَ (structure) تي آريائي ٻولين جو ڪو معمولي اثر مس ٿيو ۽ اُن جو سٽاءُ گهڻو ڪري اهوئي ساڳيو قديم ۽ ديسي رهيو. سنڌي ٻوليءَ، جيڪڏهن آريائي ٻولين کان ڪجهہ ورتو تہ انهن کي گهڻوئي ڪجهہ موٽ ۾ ڏنو بہ. انهيءَ جي خبر تڏهن پوندي جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي، آريائي ٻولين- سنسڪرت ۽ فارسيءَ- سان ڀيٽ ڪبي" (الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 2006ع، 35 ۽ 36)

پروفيسر ڀيرومل ۽ ڪن ٻين ماهرن جو وري هي خيال آهي تہ:

"موجوده سنڌي ٻولي، سنسڪرت مان، پراڪرت، پالي، شؤرسيني، اپڀرنش ۽ وراچڊ اپڀرنش ذريعي، يارهين صديءَ عيسويءَ ڌاري، ڌار ٿي، هاڻوڪي صورت ورتي هئي". (ڀيرومل آڏواڻي، پروفيسر، 1956ع: 5).

پروفيسر ڀيرومل جي هن راءِ کي ٻن حصن ۾ ورهائي، ڪي سوال ڪيا ويا آهن. پهريون حصو هي آهي تہ 'ڇا سنڌي ٻولي سنسڪرت جي شاخ آهي، ۽ اُها وراچڊ اپڀرنش مان ڦٽي نڪتي آهي؟' ٻئي حصي لاءِ هي سوال ڪيو ويو آهي تہ 'ڇا، واقعي سنڌي ٻولي، يارهين صديءَ عيسويءَ ڌاري، وراچڊ اپڀرنش کان ڌار ٿي، هاڻوڪي صورت ورتي هئي'؟ انهن ٻنهي سوالن جا جواب 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' (ٻيو ڇاپو) ۽ انگريزي ڪتاب: 'Origin and Growth of Sindhi Language' ۾ ڏنا ويا آهن. انهن ٻنهي ڪتابن ۾ اهو پڻ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ "سنڌي ٻولي، ڪن صوتي ۽ صوتياتي تبديلين کان سواءِ پنهنجي سٽاءَ ۾ باقي اهائي ساڳي ٻولي آهي، جيڪا موهن جي دڙي واريءَ تهذيب جي جاهہ و جلال واري وقت ۾ بہ هن علائقي ۽ سنڌوماٿر ۾ ان وقت بہ رائج هئي، ۽ جيڪا زماني جي تبديلين سان گڏوگڏ، ڌار ڌار حملہ آورن ۽ سنڌو ماٿر جي فاتحن جي ٻولين کان اثر وٺندي، پنهنجي لغوي خزاني ۾ واڌارو آڻيندي رهي آهي، پر انهيءَ هوندي بہ پنهنجي قديم صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ ۽ ساخت کي قائم رکندي آئي آهي. البت ايترو ضرور آهي تہ جيستائين موهن جي دڙي واري لکت پڙهي نہ وئي آهي، تيستائين اهو يقين سان چئي نٿو سگهجي تہ سنڌو۔ ماٿر جي اُن قديم ٻوليءَ جو نالو ڇا هو ۽ اُن جو سٽاءَ ڪهڙو هو؟

'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' (ڇاپو ٻيو) ۽ 'Origin and Growth of Sindhi Language' ڪتابن ۾ اها راءِ بہ ڏنل آهي:

> "موهن جي دڙي واريءَ تهذيب ۾ رائج ٻولي، قديم سنڌو/ سنڌي ٻولي هئي، جيڪا موجوده سنڌي ٻوليءَ، هندي ٻوليءَ، گجراتي، ڪڇيءَ، راجستانيءَ، پيليءَ، هڙوتيءَ، باگڙيءَ، ڪشميريءَ، بروهيءَ، درديءَ ۽ قديم دراوڙي ٻولين جي ماءُ هئي."

انهن ڪتابن ۾ سنڌوماٿر جي انهيءَ قديم ٻوليءَ جي انهن ڌار ڌار شاخن جو نقشو بہ ڏنو ويو آهي. جنهن جو انهن ڪتابن مان اڀياس ڪري سگهجي ٿو.

## 2 - سنڌو ماٿر جي اها قديم ٻولي اڄ تائين قائم ۽ دائم رهندي رهي آهي:

قديم آثارن جا ماهر هن وقت بہ هن راءِ جا آهن تہ 'سنڌو۔ تهذيب' جو سلسلو موهن جي دڙي ۽ هڙپا واريءَ تهذيب جي ظاهري طور خاتمي جي باوجود، قائم ۽ دائم رهندو آيو آهي. ۽ هن تهذيب جون ڪيترين ئي نشانيون ۽ اُن جا آثار ۽ اُهڃاڻ، موجوده دور ۾ بہ جاري ۽ قائم رهندا آيا آهن. (Abdul Haq, Mahar, Dr. 1992: 43)

انهن ماهرن جي راءِ موجب، اج بہ موهن جي دڙي واري بيل گاڏي، ختم ڪانہ ٿي آهي، پر دادو ضلعي جي اُتر ۾، لاڙڪاڻي ضلعي ۽ بلوچستان جي سبيءَ واري علائقي ۾، عام طور استعمال ٿيندي نظر ايندي آهي. اهڙيءَ طرح موهن جي دڙي جي ويجهو هڪ بستيءَ، 'حسڻ واهڻ' ۾ ٻارن لاءِ هن وقت بہ ٺهندڙ رانديڪا ۽ مٽيءَ جا ٿانو انهيءَ ساڳئي نموني جا ٺاهيا ويندا آهن، جنهن نموني جا موهن جي دڙي جي کنڊرن جي کوٽائيءَ مان هٿ آيا آهن. 'حسڻ واهڻ ڳوٺ' ۾ اج بہ اهڙوئي ساڳيو 'ڪنڀارڪو چڪ' استعمال ڪيو ويندو آهي، جهڙو موهن جي دڙي واريءَ تهذيب جا ڪنڀار ڪم آڻيندا هئا. (Abdul Haq, Mahar, Dr. 1992: 43)

اهڙيءَ طرح، موهن جي دڙي، مهرڳڙهہ ڪوٽ ڏجيءَ، آمريءَ جي دڙن جي کنڊرن مان، جن جن پکين، جانورن، وڻن ٽڻن، گلن ٻوٽن، ٿانون ۽ زيورن وغيره جا نمونا هٿ آيا آهن، اُنهيءَ ئي ساڳئي نموني جي زيورن، ٿانون، جانورن ۽ پکين وغيره جهڙيون رانديڪن جي شڪل ۾ ٺهيل مورتيون، اج بہ هن خطي ۾ ٺاهيون وينديون آهن، ۽ اُهي اج بہ اُن خطي ۾، بلڪ سڄيءَ سنڌ ۾، عام استعمال لاءِ ڪم آنديون وينديون آهن. اڳتي هلي اهو بہ بيان ڪيو ويو آهي تہ اج بہ انهن ٿانون ۽ زيورن تي اهڙائي ساڳيا چٽ ۽ نقش توڙي شڪليون ڪڍيون وينديون آهن، جن جهڙيون شڪليون ۽ چٽ، موهن جي دڙي ۽ ٻين دڙن مان هٿ آيل برتنن ۽ زيورن تي چٽيل نظر اينديون آهن. انهن پکين، جانورن يا چٽن ۽ نقشن ۾ ڪڍيل شڪلين کي کهڙن نالن سان سڏيو ويندو هو ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر آسڪو پرپولا، سيمو پرپولا ۽ ڊاڪٽر فيئر سروس توڙي ٻين اميريڪي ماهرن، پنهنجن رپورٽن ۾ ڪافي ڪجهہ لکيو آهي. جيڪڏهن انهن ماهرن جون اهي پڙهڻيون ۽ موهن جي دڙي مان هٿ آيل seals تي اُڪريل شڪلين جا انهن جي طرفان مقرر ڪيل ملهہ صحيح مڃجن تہ پوءِ هيئن چئبو تہ موهن جي دڙي ۽ هڙپا واريءَ سنڌو۔ تهذيب واري معاشري ۾ جيڪا ٻولي رائج هئي، اُها ڪا ٻي ٻولي نہ پر 'سنڌوُ/ سنڌي ٻولي ئي هئي، جنهن جي لغوي خزاني يا لفظن جي ذخيري کي، سنڌو۔ ماٿر ۾، آرين جي اچڻ کان اڳ واري ٻولي چئبو. اُن قديم ٻوليءَ جي لفظن کي، پراڪرت جي وياڪرڻين، 'ديسي لفظ'، يعني آرين جي اچڻ کان اڳ واريءَ سنڌو۔ تهذيب ۾ رائج، مقامي ۽ اصلوڪي ٻوليءَ جا لفظ يا انهن جي 'باقيات' (ديسي لفظ) سڏيو. ڊاڪٽر ٽرمپ بہ نيٺ اهائي ڳالهہ ڪئي آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ اِهي، اُهي لفظ آهن جيڪي سنڌو۔ ماٿر جي اصلوڪي ۽ قديم ٻوليءَ جي لغوي خزاني جي باقيات آهن. ۽ اِهي لفظ انهيءَ ئي قديم ٻوليءَ جي لغوي ذخيري سان واسطو رکن ٿا. اهي ديسي لفظ، اُن قديم ٻوليءَ جا بچي ويل يادگار ۽ اُن جي باقيات جو حصو آهن، ۽ بچي ويل لفظ، اُن قديم ٻوليءَ (سنڌيءَ) جو ئي ذخيرو آهن. اهي ديسي لفظ، اُن قديم ٻوليءَ جو ئي بچيل ذخيرو آهن، جيڪا هزارين

سالن جي گذري وڃڻ جي باوجود، سنڌو تهذيب جي رهاڪن، پنهنجيءَ روزمره واريءَ ٻوليءَ ۾ سنڀالي، اُنهن کي قائم رکيو آهي. پروفيسر ڀيرومل آڏواڻي، انهن ديسي لفظن جي باري ۾ لکي ٿو ته:

"ديشي يا ديسج (ديس = ڏيهه+ ج = جن = ڄڻڻ) معنيٰ ديس ۾ ڄاول يا پيدا ٿيل. ديشي (ديسي يا ڏيهي) لفظ اُهي آهن، جي آرين جي اچڻ کان اڳ ٿي، ديس (هندستان) ۾ چالو هئا، يا آرين جي اچڻ کان پوءِ بہ ديس ۾ چالو هئا، پر بنياد سنسڪرت مان نہ اٿن. اُهي ڪولن، پوءِ سنٿالن، دراوڙن ۽ ٻين اصلوڪن رهاڪن جي ٻولين مان اُڌارا ورتل ليکجن ٿا. (ڀيرومل آڏواڻي، 1956ع: 176 ۽ 177)

ساڳئي موضوع تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڪئپٽن جارج شرٽ ۽ جان بيمس جي حوالي سان لکي ٿو ته:

"عربي ۽ فارسي لفظن کان سواءِ، سنڌيءَ ۾ جيڪي ٻيا الفاظ آهن، تن ۾ پڻ ڪيترائي اهڙا آهن، جن جو سنسڪرت سان ڪو لاڳاپو ڪونهي: (مثلاً لفظ 'اسان' يا 'اسين'، سنسڪرت ۾ آهن ئي ڪونہ). جارج شرٽ سوال اُٿاري ٿو تہ 'لغت جو اهو پنهنجو ذخيرو ڪٿان آيو؟ اهي لفظ سندس خيال ۾ يقيني طور، انهيءَ ٻوليءَ جا آهن جيڪا سنسڪرت کان اڳ جي هئي. سندس نظريي مطابق اهي لفظ ڪنهن دراوڙي ٻوليءَ جا آهن، چوي ٿو تہ:

جڏهن (سنڌيءَ مان) سڀ سنسڪرت، عربي ۽ فارسي لفظ خارج ڪجن ٿا تہ بہ هڪ وڏو ذخيرو اهڙن لفظن جو باقي بچي ٿو جن کي جان بيمس (Beames)، پنهنجي تقابلي گرامر (Comparative Grammar) ۾ 'ديسي' لفظ سڏي ٿو. (سنڌيءَ ۾) درحقيقت اهو ذخيرو ايترو تہ گهڻو آهي جو جيڪر فقط اهڙن لفظن کي استعمال ڪندي پورو مڪالمو مرتب ڪري سگهجي ٿو. اهي لفظ ڪٿان آيا؟

منهنجي خيال ۾، انهيءَ ۾ ڪو شڪ نٿو ٿي سگهي تہ اهي لفظ، انهيءَ زبان جي بقايا آهن جيڪا آرين جي آمد کان اڳ، سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي. آرين غالباً انهن دراوڙي نسل جي ڪن قبيلن کي، جيڪي (موجوده) بروهين جا وڏا هئا، پهاڙن ڏي هڪالي ڪڍيو ۽ سنڌ جي باقي باشندن کي گهٽ ذات جي طبقي ۾ ملائي ڇڏيو." (بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 1990ع: 7، 6، 11 ۽ 13).

سنڌوماٿر جي قديم تهذيب جي باري ۾ سر جارج مارشل، پنهنجيءَ تحقيق ۾ هن راءِ جو اظهار ڪيو هو تہ:

"سنڌو ماٿر واري تهذيب، قبل- آريائي (Pre- Aryan) تهذيب ۽ سنڌو- ماٿر جي ٻولي يا ٻوليون، يقيناً قبل- آريائي ٻولي يا ٻوليون هيون. اُنهن ٻولين مان ڪا هڪ ٻولي (جيڪا ڏهن اُتي هڪ ڪان ڪي وڏيڪ ٻوليون هيون)، دراوڙي ٻولي هئي". (John Marshal, 1931: 24)

بهرحال اهي ديسي لفظ، ڪولن جا هجن يا ڀيلن، سنٿالن، اوڏن، باگڙين يا بروهين (دراوڙن) جا، اهي لفظ صحيح معنيٰ ۾ سنڌو- ماٿر ۾ رهندڙ اُنهن قديم ۽ اصلوڪن باشندن جي ٻوليءَ جي باقيات جا آهن، جيڪي اهو ثابت ٿا ڪن تہ آرين جي اچڻ کان اڳ، هن (سنڌو- ماٿر) ۾ ڪي قومون آباد هيون، جن کي پنهنجو سماجي ۽ ثقافتي ورثو هو ۽ پنهنجي ٻولي هئي.

هن سلسلي ۾ اهو بہ چئي سگهجي ٿو تہ موهن جي دڙي مان هٿ آيل مهرن تي لکيل اکرن جي پڙهڻين جي سلسلي ۾، هن وقت تائين جيڪي رپورٽون مليون آهن، يا ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ جي مقالي: 'سنڌڪي ۽ دراوڙي شخصي نالن ۾ هڪجهڙايون' (پرسوگدواڻي، ڊاڪٽر 1994ع: 49 ۽ 57) جي اڀياس جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ: 'سنڌو تهذيب ۾ رائج، قديم ٻولي، سنڌُو/ سنڌي ٻولي هئي جيڪا اڳتي هلي، ڏهن مکيہ شاخن، جهڙوڪ: ڏاکڻي شاخ (سنڌي)، الهندي شاخ (سرائڪي)، وسطي يعني وچين شاخ (موجوده پنجابي ٻوليءَ جا لهجا)، اُيرندي شاخ (گجراتي)، ڏکڻ اوڀر واري شاخ (راجستاني)، اُتر- اولهہ واري شاخ (داردري)، اُترين شاخ (ڪشميري)، بروهڪي، اُتر- اوڀر واري شاخ (هڙوتي) ۽ آڳاٽي دراوڙيءَ شاخن ۾ ورهايل هئي، جيڪي سنڌو تهذيب جي ڌار ڌار خطن ۾ ڳالهايون وينديون هيون.

مطالعي مان اهو بہ ثابت ٿيو آهي تہ راجستانيءَ، گجراتيءَ، هڙوتيءَ، باگڙيءَ، ڀيليءَ، ڪڇيءَ، ڪشميريءَ، داردريءَ ۽ دراوڙي ٻولين جي لغوي ۽ وياڪرڻي ساخت ۽ سٽاء ۾ جيڪا هڪجهڙائي هن وقت بہ نظر ايندي آهي، اُن جو وڏو ڪارڻ بہ اهوئي آهي جو اهي سڀ ٻوليون هڪ ئي بڻ بنياد مان ڦٽي نڪتل ٻوليون آهن، جيڪا (ٻولي) آرين جي نندي ڪندہ ۾ اچڻ کان اڳ جي قديم ۽ اصلوڪي ٻولي هئي.

هاڻي جيڪڏهن، ماهرن جي اها راءِ قبول ڪئي وڃي تہ سنڌو- ماٿر جا اصلوڪا رهاڪو ڪٿان بہ ٻاهران، ڪنهن ٻئي ملڪ مان لڏي هن ماٿر ۾ ڪونہ آيا هئا، پر اهي ماڻهو سنڌو- ماٿر جا اصلوڪا يعني بنيادي ۽ مقامي رهاڪو هئا، جن جي ٻولي بہ هن واديءَ ۾ رائج قديم ۽ اصلوڪي يعني مقامي ٻولي هئي، جيڪا (اُها مقامي ٻولي)، هن ئي واديءَ (سنڌو- ماٿر) ۾ اُڀري هئي، هتي ئي اُسري هئي، هتي ئي وڌي ۽ ويجهي هئي، سا (ٻولي) يقيناً ڪا غير- آريائي ٻولي هئي. دنيا جي ماهرن جو اهو گروهہ جيڪو سنڌو- ماٿر جي تهذيب ۽ تمدن کي، هتي جي اصلوڪن رهاڪن جي ٻوليءَ/ ٻولين کي، هن ئي سرزمين ۾ جنم ورتل/ ڄاول يعني غير- آريائي يعني اصلوڪي ۽ مقامي ٻولي/ ٻوليون ٿو مڃي، ۽ جڏهن تہ آثار قديمہ

علم اللسان ۽ علم الانسان جا موجوده زماني جا مڃيل ماهر (سر جان مارشل، ڊاڪٽر آسڪو پرپولا، سيمو پرپولا، ڊاڪٽر ڊيلس، ڊاڪٽر فيئر سرورس، ڊاڪٽر لوئيس فليم، ڊاڪٽر جان ڪنائر، ڊاڪٽر مهر عبدالحق، ڊاڪٽر آلچين ۽ مسز آلچين، ڊاڪٽر محمد رفيق مغل، ڊاڪٽر پرسوگدواٿي ۽ شيخ خورشيد حسن) اها دعويٰ ثابت ڪن ٿا ته سنڌوءَ ماٿر جي قديم زماني واري تهذيب، تمدن ۽ ٻولي، پنج هزار سال گذري وڃڻ جي باوجود ختم ڪانه ٿي آهي. اُها تهذيب ۽ ٻولي، اڄ به پنهنجن ڪيترن ئي ٻچي ويل لفظن، اُهڃاڻن ۽ نشانين سميت، اسان جي سماج ۾ ڪن معمولي صوتياتي تبديلين سان گڏ، قائم ۽ دائم رهندي آئي آهي. اُن ٻوليءَ ۽ تهذيب ۾ تسلسل (Continuity) قائم رهندو آيو آهي. اُن قديم سنڌو تهذيب ۽ تمدن جون ڪيتريون ئي ٻچي ويل ۽ محفوظ ڪيل خوبيون ۽ خصوصيتون، قديم هنرن ۽ فن، قديم قومن ۽ جاتين، وڻن ٽڻن، گلن ٻوٽن، فصلن ۽ پوکن، ٿانون ۽ برتنن، ڪنڀارڪي چڪ، جانورن ۽ پکين، زيورن ۽ برتنن تي ٺهيل چٽن نقشن ۽ نشانن، علامتن ۽ اُهڃاڻن، آمد رفت ۽ وڻج واپار لاءِ بيل گاڏين ۽ ٻيڙين، هنرمندن جي هنرن ۾ ڪم ايندڙ اوزارن ۽ هٿيارن کيتيءَ ٻاڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ هَر، وڻج واپار ۾ ڪم ايندڙ سامان، جهڙوڪ: تور ۽ ماپ ڪرڻ لاءِ وَٽن ۽ وزن ڪرڻ لاءِ تورا، شين جي تورڻ ۽ وزن ڪرڻ لاءِ ٽڪڻي/ ٽڪڻي/ ٽڪڙي، پاٽي ۽ پڻڪي، ڏڪو ڳڻڻ ۽ ڳاڻيٽي لاءِ انگن ۽ عددن لاءِ لفظ، اڄ به سنڌي سماج ۾ رائج، قائم ۽ دائم هلندا ٿا اچن. ايڏي وڏي لغوي ذخيري جي محفوظ هجڻ ڪان پوءِ هيءَ دعويٰ چونه ڪجي ته سنڌوءَ تهذيب وارين خصوصيتن سان گڏ، سنڌي ٻولي به مسلسل قائم ۽ دائم رهندي آئي آهي. سنڌوماٿر جي قديم تهذيب ۽ تمدن، هتي جي قديم ٻوليءَ تي، هر گذريل زماني ۾، حملہ آورن ۽ فاتحہ قومن، انهن جي ڌار ڌار تهذيب ۽ تمدن، توڙي انهن قومن جي ٻولين جي اثرن جي باوجود، سنڌوءَ ماٿر جي قديم ۽ اصلوڪي ٻولي، سنڌوءَ/ سنڌيءَ جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاء لڳ ڀڳ ساڳي رهندي آئي آهي.

4 ـ ماهرن، ڪيترن ئي ڪتابن، مضمونن ۽ مقالن ۾، قديم سنڌي ٻوليءَ جي باقيات جون لڙهيون به ڏنيون آهن جيڪي انهن ماهرن (پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، ڊاڪٽر ڪالڊويل، ڊاڪٽر هيريماٿ ۽ ڪن ٻين ماهرن) جي تجزين تي آڌاريل آهن. اهڙي ئي هڪ تمام وڏي فهرست، ننڍي ڪنڊ جي هڪ وڏي ڏاهي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به پنهنجي مضمون ۾ ڏني آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي اها لسٽ، هن مقالي جي آخر ۾ پيش ڪئي وئي آهي.

اهڙي ئي هڪ وڏي لڙهي، ڊاڪٽر آسڪو پرپولا، سيمو پرپولا، ڊاڪٽر فيئر سروس طرفان، موهن جي دڙي مان هٿ آيل مهرن ۾ ڏنل تصويرن، چٽن، نقشن ۽ نشانين جي پڙهڻين ۽ سندن طرفان اُنهن (چٽن ۽ نشانين وغيره) لاءِ دراوڙي ٻولين جي مدد سان، 'مُلهہ' (values) مقرر ڪيا ويا آهن.

مون پنهنجن مضمونن، مقالن ۽ ڪتابن ۾، مٿين ماهرن طرفان مقرر ڪيل 'مُلهن' جي سامهون، سنڌي ٻوليءَ مان لفظ چونڊيا، انهن نشانين جا سنڌي مُلهه مقرر ڪيا آهن. ۽ ائين به چيو اٿم ته "جيڪڏهن اهي ماهر، سنڌي ۽ سرائڪي ٻوليون ڄاڻندا هجن ها ۽ دراوڙيءَ ٻولين جي بدران، سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين مان ملهه مقرر ڪن ها ته جيڪر ڪين، سنڌو- تهذيب مان هٿ آيل مهرن واري لکت پڙهڻ ۽ اُنهن لاءِ مُلهن جي مقرر ڪرڻ لاءِ، هزارين سال اڳ، سنڌو- ماٿر ڪان ڇڇي ڏار ڏيل دراوڙي ٻوليءَ يا ٻين ٻولين جي ڊڪشنرين جي مدد وٺڻي نه پوي ها. انهيءَ هوندي به انهن ماهرن جي مقرر ڪيل مُلهن جي مطالعي مان اهو ضرور معلوم ٿو ٿئي ته اُنهن ملهن مان ڪي اڄ به سنڌيءَ ۽ سرائڪي ٻولين ۾ رائج آهن، جيڪي دروارڙي لفظ نه، پر سنڌيءَ ۽ سرائڪي ٻولين جا لفظ آهن." اهڙو اظهار پروفيسر پروين ٽالپر پنهنجي تازي ڪتاب 'Indus seals symbols and signs (2600- 1900 BCE): from geometry to Iconography and their socio-cultural meaning' ۾ ڪيو آهي.

جيڪڏهن انهن ماهرن جا ڪيل اهي نتيجا صحيح سمجهبا ۽ سندن طرفان مقرر ڪيل ملهه قبول ڪبا ته پوءِ هيٺين ڳالهه چٽي سگهبو ته قديم سنڌو- ماٿر واريءَ تهذيب ۾ جيڪا ٻولي رائج هئي سا يقيناً قديم سنڌو/ سنڌي ٻولي ئي هئي جيڪا موجوده سنڌي، لهندي ۽ قديم دراوڙي ٻولين جي ماءُ هئي، جنهن ٻوليءَ تي پوءِ، ڏار ڏار زمان ۾ آيل تبديلين ۽ ڌار ڌار فاتحن جي ٻولين ۽ اُنهن جي تهذيب ۽ تمدن جو اثر ٿيو.

5- ڀارت جي 'پوني يونيورسٽيءَ' ۾، سنڌو- ماٿر جي تهذيب ۽ تمدن، قديم تاريخ ۽ قديم آثارن جي ماهر، ڊاڪٽر ڪي پديا (K. Paddaya)، پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکيو آهي ته:

> "سنڌ ڪي پنهنجي قديم تاريخ، قديم تهذيب ۽ تمدن آهي. آثار قديمه جي هڪ ڄاڻوءَ جي حيثيت ۾ آءٌ، انهيءَ ڳالهه تي زور ڏيندس ته سنڌ جو تاريخ ڪان اڳ وارو دور گهڻو شاهوڪار دور رهيو آهي. موهن جي دڙي واريءَ تهذيب، سنڌ ڪي تاريخ ۽ آثار شناسيءَ واري علم ۾ امر بنائي ڇڏيو آهي. سنڌ جي اها تاريخ ۽ قديم تهذيب ۽ تمدن، دنيا جي ثقافتي ورثي جو حصو بڻجي چڪي آهي. مون کي اها دعويٰ ڪندي خوشي حاصل ٿي ٿئي ته سنڌ جي سرزمين، پنهنجيءَ انهيءَ قديم ۽ قيمتي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي جي هر نشان ۽ اُهڃاڻ کي محفوظ رکيو آهي." (Paddaya, K. Dr.,?: 3)

ڊاڪٽر پديا، پنهنجي ساڳئي مضمون ۾، سر جان مارشل جي حوالي سان لکيو آهي ته:

> "اها سر جان مارشل جي موهن جي دڙي جي باري ۾ ڪيل تحقيق ئي هئي جنهن ۾ سر جان مارشل، 1924ع ۾ اها دعويٰ ڪئي ته: 'ڀارت کي پنهنجي پراڻي تهذيب آهي جنهن جي

مصري ۽ ميسوپوٽيميا جي تهذيبن سان ڀيٽ ڪري سگهجي. اهڙيءَ طرح بلوچستان ۾ مهر ڳڙهه جا قديم آثار جيڪي سنڌ جي اُتر ۾ قائم آهن، اهو ثابت ٿا ڪن ته 'سنڌو-ماٿر جي تهذيب'، ڇهين ۽ ستين millennium ق-م واري اُن زماني سان واسطو ٿي رکي، جنهن زماني ۾ قديم انسان آباد ٿيڻ يعني رهائش واريءَ زندگيءَ جي شروعات ڪئي هئي.

آخرڪار، ٽئين millennium ق-م جي شروعات واري زمانـ ۾، اُن قديم انسان جي اها ڳوناڻي رهائش واري زندگي، شهري زندگيءَ (Urbanised way of life)، سماجي ۽ سياسي تنظيم، ڪنجهي مان هٿيار ناهڻ کان سواءِ سنڌن بيمثال ۽ يادگار عمارتسازيءَ جي هنر ۽ لکڻ جي هنر کي اهميت ڏني. موهن جي دڙي جي "بنيادي ۽ وڏن آثارن جي کوٽائيءَ کان پوءِ، ڪيترن ئي ننڍين ننڍين ۽ تاريخي دڙن جا ماڳ ۽ هنڌ به لڌا ويا". (Paddaya. K.,: 3)

سنڌو- ماٿر جي، قديم تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت، ڪافي زماني کان، ڪيترن ئي ملڪي ۽ غير-ملڪي ماهرن جو ڌيان ڇڪايو آهي. اوڻيهين ۽ ويهين صديءَ واري زماني ۾، ماهرن، هن خطي جي تهذيبي، تمدني، علم اللسان ۽ علم الانسان وارن موضوعن تي وڏيون تحقيقون ڪيون آهن. انهن جي تحقيقي رپورٽن مان اهو به ثابت ٿو ٿئي ته سنڌ جي قديم رهاڪن جي روزمره واريءَ زندگيءَ ۾، مذهبي عقيدن ۽ ڪريا ڪرمن جا اهي طريقا، سنڌن ثقافتي ۽ سماجي زندگي، زراعتي طور طريقا، سنڌن ريتيون رسمون، هنر ۽ ڏانوَ، سنڌن رانديون ۽ وندرون، سنڌو- ماٿر جي ٽئين millennium ق- م واري زماني سان واسطو رکن ٿيون.

ويجهڙائيءَ ۾، هن ڏس ۾ جيڪا تحقيق ٿي آهي، اُن مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته واديءِ سنڌ جي اها قديم تهذيب ۽ ثقافت، هنر ۽ ڏانوَ، ٺوريءَ تبديليءَ کان پوءِ، نه فقط قائم ۽ دائم رهندا آيا آهن، پر انهن ۾ تسلسل به جاري رهندو آيو آهي. ماهرن جي انهيءَ تحقيق مان اهو پڻ ثابت ٿو ٿئي ته سنڌو- ماٿر جي اها قديم تهذيب ۽ ثقافت توڙي اُن قديم ٻوليءَ جا اُهڃاڻ ۽ آثار به ڪافي آڳاٽا ثابت ٿين ٿا. (Shaikh Khurashid Hassan, 1991: 110)

(ii) موجوده سنڌ جي ماڻهن، سنڌن قديم زماني کان وني ڪين سنڌن ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ مليل خوبين ۽ خصوصيتن کي، پاڻ وٽ هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين، سانديو سنڀاليو ۽ محفوظ رکيو آهي. جيتوڻيڪ سنڌن (سنڌي) هنرن، فنن ۽ ثقافت تي ايراني، يوناني، سٿين، پارٿين، ڪشانن، عربن ۽ مغربي قومن جي هنرن ۽ فنن جو تمام گهڻو اثر ٿيو آهي.

6- (i) مون پنهنجن مضمونن، مقالن، ڪتابن ۽ تقريرن ۾، هن کان اڳ به ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته سنڌ جي موجوده تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جو سنڌو سنئون واسطو ۽ لاڳاپو سنڌوماٿر واريءَ تهذيب ۽

ثقافت سان آهي. مون هميشه ائين پئي چيو آهي ۽ لکيو آهي تہ قديم سنڌ جي اها تهذيب ۽ تمدن، ٻولي ۽ ثقافت، ايڏي وڏي عرصي جي گذري وڃڻ جي باوجود، ڪنهن نہ ڪنهن طريقي ۽ وسيلي سان، ٿوريءَ گهڻيءَ ڦير گهير کان پوءِ، هر دور ۾ قائم ۽ محفوظ رهندي آئي آهي. ۽ اُن يعني سنڌو تهذيب واريءَ ٻوليءَ ۽ ثقافت جو تسلسل، ماڻهن جي ڌنڌن، هنرن، فنن، وڻن ٽڻن، گلن ٻوٽن، راڳ ۽ راڳ جي سازن، راندين ۽ وندرن ۾ اڄ بہ قائم ۽ محفوظ رهندو آيو آهي. جيتوڻيڪ قديم زماني کان وٺي موجوده وقت تائين، سنڌ جي سماجي، ثقافتي ۽ معاشي قدرن ۽ ماڻهن جي اُٿڻي ويهڻيءَ ۾ وڏو فرق بہ آيو آهي.

(ii) موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان هٿ آيل سامان، جانورن ۽ پکين جي مورتين، برتنن ۽ ٻئي سامان تي نڪتل چٽن، نقشن، مواصلاتي وسيلن (بيل گاڏين ۽ ٻيڙين)، ماڻهن جي روزانہ ڪاروهنوار ۽ ڌنڌن وغيره ۾ ڪم ايندڙ اوزارن ۽ هٿيارن، جهڙوڪ: زراعت جي ڪم، مڇي مارڻ، ڪنڀارڪي هنر، ڪاشيءَ جي هنر، لوهارڪي ڪم، ڇر جي ڪم، ڪپڙي اُڻڻ جي ڪم ۽ ڀرت سازيءَ، هار سينگار جي سامان، جيئن: چوڙيون، ڦٽي ۽ ڏار ڏار قسمن جي زيورن جي گهري اڀياس کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ اڄ جي روزمره جي زندگيءَ ۽ ڪاروهنوار ۾، اسان کي اهي شيون (يعني اوزار ۽ هٿيار) اڄ بہ هنرمند ۽ ڪاريگر ڪم آڻيندي نظر ايندا آهن. سنڌو تهذيب ۾، اڄ بہ اهڙي ئي ساڳي بيل گاڏي ڏسڻ ۾ ايندي آهي، جنهن جهڙي، اڄ کان پنج هزار سال اڳ موهن جي دڙي واري علائقي ۾ ڪم آندي ويندي هئي. ڪنڀارڪو چڪ بہ اهڙوئي ساڳيو آهي، ٽري واريون ٻيڙيون بہ اهڙيون ئي ساڳيون آهن. مهاڻو مڇي مارڻ لاءِ، اُن قديم زماني ۾ جيڪا ڳنڍي ڪم آڻيندو هو اهڙي ئي ساڳئي نموني واري ڪنڍي، اڄ جو مهاڻو بہ ڪم آڻيندو آهي. ڪتي جي شڪل ۾ اڄ بہ ڪو فرق ڪونهي. پپل جو وڻ بہ ساڳئي ئي نموني وارو آهي، يعني تہ اها هڪ جهڙائي ايتري قدر ويجهي بلڪ ساڳي آهي جو اڄ جو سونارو چانديءَ ۽ سون جي زيورن تي جيڪي چٽ چٽي ٿو گل ڻاهي ٿو نقش ڪڍي ٿو اهي بہ لڳ ڀڳ اهڙائي ساڳيا آهن، جهڙا موهن جي دڙي ۽ ٻين قديم ماڳن ۽ مڪانن جي دڙن مان هٿ آيل زيورن تي ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

پاڪستان آرڪيالاجي کاتي جو اڳوڻو ڊائريڪٽر، شيخ خورشيد حسين، پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو:

> "سنڌو تهذيب جون، حيرت ۾ وجهندڙ خصوصيتون اُنهن جو روايتي، ڊگهو ۽ دائما تسلسل آهي. انهن مان ڪي خصوصيتون، اڄ ڏينهن تائين قائم ۽ دائم رهنديون آيون آهن. مثال طور، موهن جي دڙي جي پيروارن ڳوٺن ۾ ڪنڀر، اڄ ڏينهن تائين ساڳئي ئي قسم جا مٽيءَ جا برتن ٺاهيندو آهي، جن جهڙا (ساڳئي قسم وارا) برتن، سنڌس ساڳئي ڌنڌي وارا، اُن ئي علائقي ۾، قديم زماني ۾ بہ ٺاهيندا هئا.

وڏي وزن واريون بار بردار بيل گاڏيون. اچ بہ اُتر سنڌ ۾ عام طور ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهن. جن جهڙيون ڪل مٽيءَ مان جوڙيل رانديڪن نما بيل گاڏيون، موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان هٿ آيل ٻئي سامان سان گڏ مليون آهن." (Shaikh Khurshid Hassan, 1991: 108)

سنڌو تهذيب جي قديم آثارن جي کوٽائيءَ مان هٿ آيل ان ثقافتي، تهذيبي ۽ تمدني سامان جي اڀياس مان اهو بہ ثابت ٿو ٿئي تہ هن قديم تهذيب تي حملي آورن جي قبضي ٿيڻ کان پوءِ، هن تهذيب جا سڀ رهاڪو پنهنجا گهر گهاٽ، ماڳ ۽ مڪان ڇڏي، هتان ڀڄي، اوڙي پاڙي وارن جهنگلن ۽ جبلن ڏانهن ڪوچ ويا هوندا، پر انهن ماڻهن جي وڏيءَ اڪثريت، فاتح قومن جي ماتحت رهي، پنهنجن ئي ماڳن ۽ مڪانن ۾، رعيت طور رهڻ جو فيصلو ڪيو هوندو. البت ڪي ڪٽنب ۽ قبيلا، فاتح قومن جي خوف خاطر ڊڄي، پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي، ڀڄي ويا هوندا.

اُهي قديم جاتيون ۽ قومون، پنهنجا ماڳ ۽ مڪان ڇڏي ڪوچ ويا هئا، پر اهي سنڌو- ماٿر جي جدا جدا ڪُنڊن ۽ ماڳن ۾ ئي رهجي ويا. انهن جاتين ۽ نسلن جي باقيات اڃا تائين سنڌ، سرائڪي خطي، ٿارت ۾ راجستان، ڪڇ، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ پنجاب ۾، آباد نظر ايندي آهي. انهن جاتين ۽ نسلن مان ڪن جي نالن ۾ البت ڪي صوتياتي تبديليون ضرور آيون آهن، پر هن ڏس ۾ ڊاڪٽر ڪالڊويل، ڊاڪٽر هيريمٺ، ڊاڪٽر پرسي گدوائيءَ، ڊاڪٽر سنتي ڪمار چٽرجيءَ ۽ پروفيسر ڀيرومل آڏوائيءَ جا بيان پڙهي سگهجن ٿا.

هن ڏس ۾ "Indian School of Dravidia linguistics" جا ماهر، ڊاڪٽر ڪالڊويل ۽ ڊاڪٽر هيريمٺ لکن ٿا:

"قديم هندوستاني (سنڌو- ماٿر) تهذيب، زرعي بنياد تي بدلي، شهري تهذيب هئي، جنهن جو مدار آب ڪلاٽيءَ تي ٿيندڙ زراعت کان سواءِ مڇي مارڻ، ٻيڙياتن (ناکوئن)، ميربحرن ۽ واپار تي هوندو هو. اُنهن مان واپاري قوم کي Fanis سڏيو ويندو هو." (Hiremath, R.C., Dr., 1984: 53)

'فونيشين' (فنيقي) قوم، جنهن کي 'Fanis' سڏيو ويندو هو اُها قوم، حقيقت ۾، سنڌو تهذيب جي 'پڻي' قوم هئي. ڊيمس (Dames) هن سلسلي ۾ لکي ٿو تہ:

"Fanis شايد 'پڻي' ئي هجن". (Dames, M.L. 1904: 254)

سنڌ جي هڪ وڏي 'سنڌشناس' (Sindhologist)، 'تاج محمد صحرائيءَ'، 'پڻيا' ۽ 'پڻين' جي باري ۾ سندس ڪتاب، 'Lake Manchar' ۾، هن سلسلي ۾، تفصيل سان لکيو آهي. هُو لکي ٿو تہ:

"سنڌ، سپت سنڌو شايد 'پڻي قوم' جو وطن هجي. کيرٿر جبلن جي قطار سنڌو يا سنڌوءَ جي ڪا شاخ ۽ منڇر ڍنڍ، شايد 'پڻي قوم' جي قبضي هيٺ هجن.

'پٽي'، سنڌ جي مقامي قوم هئي. اُن قوم جو واسطو شايد دراوڙي نسل سان يا موهن جي دڙي جي دراوڙن يا اُن جي ڪنهن شاخ سان هجي. اُهي دراوڙ موهن جي دڙي واريءَ سنڌو تهذيب جا معمار هئا. جن 6500 ق. م کان وٺي 1500 ق۔ م واري زماني ۾ هن تهذيب کي ناهيو ۽ اُن کي ترقي وٺرائي. انهن دراوڙن جا بٽيبلون ۾ واپاري گماشتا هوندا هئا. پٽي قوم وارا، پنهنجي زماني جا نہ فقط بهترين ڪوري هوندا هئا، پر اُهي تمام سٺا ۽ ڪامياب کهنباتي، واڍا، ٻيڙيون ناهيندڙ ۽ ناکئا بہ هئا، پر هو سٺا ۽ ڪامياب واپاري بہ هئا." (Taj Muhammad Sahrai, 1997: 19,170 and 171)

سنڌو تهذيب جي ٻي مشهور ۽ وڏي قوم مهاڻا (ميد، ميربحر، ملاح ۽ گهاتو) هوندي هئي. شيخ خورشيد حسن ۽ ڊاڪٽر لئمبرڪ، هن قوم جي سماجي ۽ ثقافتي ((ethno- archaeology) تاريخ ۽ سندن جيوت تي روشني وڌي آهي. شيخ خورشيد حسن جو رايو آهي تہ:

"مهاڻا، سنڌو تهذيب جا سڀ کان پراڻا ۽ قديم رهواسي آهن. اُنهن جي مهاڻن جا ڪارا آرڪاٺا ۽ سندن پراڻيون رسمون ۽ رواج توڙي سندن عادتون، محققن کي منجهايو وجهن. جيئن ڪي (محقق) ائين سمجهندا آهن تہ اهي (مهاڻا) دراوڙ نسل جا آهن. اهي (مهاڻا)، عام طور ٻيڙين تي نهيل گهرن ۾ رهندا آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن لاءِ رهائش جو ڪو ٻيو وسيلو آهي ئي ڪونہ. مهاڻا، حقيقت ۾ سنڌو تهذيب جي هڪ پراڻي ۾ پراڻي، جاتي ڇئي سگهجي ٿي، ڇاڪاڻ تہ سنڌو تهذيب جي ٻي ڪا بہ جاتي، اهڙي دعويٰ ڪري ئي نٿي سگهي تہ اُها جاتي، سنڌو تهذيب جي ڪنهن پراڻي ۾ پراڻي جاتيءَ سان سڌوسنئون واسطو ٿي رکي. البت سنڌو تهذيب واري زماني کان وٺي، ڍنڍن تي رهندڙ هن قوم جو رت، هاڻ ٻين قومن جي رت سان گڏجي، ڪاڏڙ ٿي ويو آهي." (Shaikh Khurshid Hassan, 1991: 6, 170 and 171)

ڊاڪٽر لئمبرڪ بہ، پنهنجيءَ تحقيق ۾ ساڳين خيالن جو اظهار ڪيو آهي. هُو لکي ٿو تہ:

"نسلي تاريخ جي لحاظ کان، مهاڻا، موهن جي دڙي جي جاتين/ نسلن جا پونير آهن. موهن جي دڙي مان هٿ آيل هڪ هڏائين پڃري جي مطالعي مان معلوم ٿيو آهي تہ هن تهذيب جا قديم رهاڪو ڏار ڏار جاتين وارن نسلن سان واسطو رکندا هئا. هن حقيقت جو وڏو امڪان هي بہ آهي تہ منڇر ڍنڍ جا مهاڻا، هن تهذيب جي اصلوڪن رهاڪن مان آهن، ۽ هن قسم جي دعويٰ سنڌ جو ٻيو ڪو بہ نسل ڪري نہ سگهندو." (Lambrick, T.H., 1975: 102)

سنڌو ماٿر جي قديم ماڻهن جي گهرن ۽ جهوپڙين ۾ رهائش جي تسلسل جو ذڪر ڪندي، ڊاڪٽر هيريمٺ، پنهنجيءَ تحقيق ۾ لکيو آهي ته:

"اهو پتو پوي ٿو ته هتي جي مهاڻن جي ساري 'مڏي ۽ ملڪيت'، ساڻن گڏ، سندن ٻيڙين منجهه ٿي هوندي هئي. اهي (مهاڻا)، ڍنڍين، سنڌو درياءَ ۽ ڪاري (سمنڊ) تي، سندن گذر ۽ معاش جي سلسلي ۾، سدائين سفر ڪندا رهندا هئا، بلڪل اهڙين جيئن ڪشمير ۾ مهاڻن ڪي گهرن نما ٻيڙيون هونديون هيون، جن ۾ اهي رهندا به هئا. اهڙي ئي قسم جون ٻيڙيون اڄ به، سنڌو درياءَ تي، خاص ڪري سنڌ ۾ نظر اينديون آهن."(Hiremath, R.C., Dr., 1984: 83)

هن وقت به سنڌ ۾ منڇر جا مهاڻا، پنهنجين ٻيڙين تي ٺاهيل گهرن ۾ رهندا آهن."

سنڌي ڪلچر ڪتاب ۾، هن سلسلي ۾ بيان ڏنل آهي ته:

"منڇر جي مهاڻن جا گهر ۽ سندن جهوپڙيون، ڏاڍيون دلچسپ آهن. منڇر ڍنڍ تي، هزارن جي تعداد ۾ رهندڙ مهاڻا، سندن تراڪڙن ترن وارين ٺهيل ٻيڙين ۾، پنهنجيءَ سموريءَ مڏيءَ ۽ ملڪيت سميت رهندا آهن. انهن مان ڪي ننڍين بستين ۾، ڍنڍ جي ڪناري تي رهندا آهن، پر منڇر ڍنڍ، بانس جي لڪڙن مان ٺهيل ترندڙ ٻيڙين جي، انسان ذات جي ڪالوني پيئي لڳندي آهي." (Allana, G.A., Dr., 1984:? )

7۔ اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي ته سنڌوماٿر جي تهذيب، قديم زماني کان هٿ جي ٺهيل هنرن ۽ فنن جو هڪ گهوارو رهي آهي، اهو به عرض ڪيو ويو آهي ته سنڌ جي گهرو هنرن ۽ فنن جي اوائلي تاريخ، موهن جي دڙي واريءَ تهذيب سان واسطو رکي ٿي. هن خطي جا اصلوڪا ۽ قديم رهاڪو گهرو هنرن ۾ به ماهر هوندا هئا. ۽ انهن ماڻهن جي، سنڌو تهذيب ۾ رهندڙ اجوڪي نسل، پنهنجي انهيءَ اباڻي ۽ ڏاڏاڻي هنر ۽ فن کي به سنڀاليو آهي ۽ جاري رکيو آهي، ۽ اهو به چئي سگهجي ٿو ته، انهن ماڻهن جو ايندڙ نسل به سندن اباڻي هنر ۽ فن کي آئنده به جاري رکندو ايندو. شيخ خورشيد حسن، هن سلسلي ۾، وضاحت ڪندي لکيو آهي:

"سنڌ جي موجوده هنرن ۽ فنن جون پاڙون، سنڌو تهذيب جي لوڪ/ گهرو هنرن سان واسطو رکن ٿيون. سنڌ ۾ پٿر ۽ ڪاٺ تي ٿيندڙ اُڪر جو ڪم، سنڌو تهذيب جو پراڻو هنر آهي. هن تهذيب جي قديم ۽ اصلوڪن رهاڪن کي اها 'جاڻ' هئي ته 'چيڪيءَ' جي مدد سان، پٿر کي ڪنهن به شڪل / صورت ۾ آڻي سگهجي ٿو ۽ اُن مان گهرو ڪم ڪار ۽ شڪار لاءِ هٿيار ۽ اوزار به ٺاهي سگهبا آهن. پٿر مان جُڙيل هٿيار ۽ اوزار، سنڌ ۾ مختلف

ماڳن تان، وڏي تعداد ۾ هٿ آيا آهن. انهن هٿيارن ۽ اوزارن مان تيرن جا 'منهن'، نيزن جا منهن، هٿوڙا، متر ڪا، چيٽيون، ڪُرپيون ۽ ڇريون (وڍيندڙ اوزار)، وڏي تعداد ۾ هٿ آيا آهن."

جيتوڻيڪ پوءِ، سنڌو ماٿر جي هنرن ۽ فنن تي ايراني، يوناني، ستين، پارٿين، ڪشانن، عربن، وچ مشرق، مغل ۽ راجستان جي هنرن ۽ فنن جو به وڏو اثر رهيو آهي. پرڏيهي ۽ مقامي هنرن جي روايت سنڌوماٿر ۾ اڳتي هلي به جاري رهي آهي. سنڌ جي انهن قديم هنرن ۽ فنن جي فهرست، هيٺ موجب ڄاڻائي سگهجي ٿي:

"فن عمارتسازي، مجسمي سازي، ساڌو ڪنيارڪو هنر، ڪاشيءَ جو هنر، جنديءَ جو هنر، ڪپڙي اُڻڻ ۽ ڇُرَ جو هنر، رنگريزيءَ جو هنر، پرت جو هنر، ڪاٺ ۽ پٿر تي اُڪر جو هنر، خاطوبنديءَ جو هنر، سونارڪو هنر، لوهارڪو هنر، ڪتابت ۽ خوشخطيءَ جو هنر، راڳ ۽ راڳداريءَ جو فن وغيره. اهي سڀيئي هنر ۽ فن، اسان جي مشاهدي ۾، اسان جي سوچ ۽ فڪر ۾، اسان جي جذبن، احساسن ۽ اُمنگن کان سواءِ، اسان جي طبيعت ۾ ذوق جماليات وارو جذبو اُجاگر ڪن ٿا."

8- اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ آمري، ڪوٽ ڏجي، مهرڳڙهہ، موهن جو دڙو، چانهوءَ جو دڙو، ڀنڀور ۽ برهمڻ آباد (منصوره) جي دڙن جي کوٽائيءَ مان هٿ آيل سامان جي مطالعي مان اهو ثابت ٿيو آهي تہ سنڌو تهذيب، لوڪ ۽ گهريلو هنرن ۽ فنن ۾ قديم زماني کان وٺي شاهوڪار تهذيب رهي آهي. مٽيءَ مان سادا ۽ رنگين ٿانو جيڪي ڪنيارڪي چڪ، بادامي رنگ جي مٽيءَ مان جُڙيل پڪا ٿانو شطرنج راند جو تختو ٽامي مان ٺهيل هٿيار ۽ اوزار، ٻن ڦاڪن واريءَ ٻيل گاڏيءَ جا ٽامي مان ٺاهيل نمونا، چانديءَ ۽ سون جون چوڙيون، ڪن جا زيور، ڳچيءَ جا هار ۽ ٻيا زيور ۽ اهڙي نموني جو ٻيو هٿرادو ٺهيل سامان، سنڌو تهذيب جي انهن قديم آثارن مان هٿ آيو آهي.

مٽيءَ جا برتن ٺاهڻ، سنڌوـ ماٿر جو هڪ ٻيو اهم ۽ قديم هنر آهي. مٽيءَ مان برتنن ٺاهڻ جو هنر، سنڌوـ ماٿر جو هڪ اهڙو هنر آهي، جنهن ۾ اڄ ڏينهن تائين ڪوبہ فرق يا تبديلي ڪانہ آئي آهي. ائين ٿو محسوس ٿئي تہ اڄ جي دور ۾ بہ ڳوٺن ۾ رهندڙ ڪنيار، قديم زماني جي تاريخ مان گذرندو اڄ بہ اهوئي ساڳيو قديم ڪاريگر آهي. هن جي هنر ۾ اڄ بہ ڪا تبديل ڪانہ آئي آهي. هن جي هنر ۾ ڪم ايندڙ اوزار سندس اهوئي پراڻو چڪُ ۽ اُن چڪ کي ڦيرائڻ لاءِ لٺ. اڄ بہ گذريل ڪيترين ئي صدين کان وٺي، اُهائي ساڳي هلندي تي اچي، ۽ اڄ بہ هو اهڙائي ساڳيا برتن ٺو ناهي. جيڪي قديم زماني کان وٺي سندس ابا ڏاڏا ٺاهيندا هئا. اُنهن جي ناهڻ ۽ انهن جي نمونن ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي. (Shaikh Khurshid Hassan, 1996: 138)

مطلب تہ سنڌو تهذيب جو اهو روايتي قديم، مٽيءَ جي ٿانون ٺاهڻ وارو هنري ورثو گذريل 7000 ق۔ م کان 5000 ق۔ م ورهين کان، قائم ۽ دائم رهندو اچي. مٽيءَ مان ٺهيل اهي ٿانو ڌار ڌار نمونن، شڪلين ۽ صورتن وارا آهن. اهڙيءَ طرح ڪاشيگريءَ جو هنر بہ سنڌو۔ ماٿر ۾ هڪ مشهور ۽ اهم هنر ليکيو ويندو هو. سر جان مارشل جو هن سلسلي ۾ رايو آهي تہ:

"سنڌو ماٿر ۾ مٽيءَ جي برتنن جا ڌار ڌار نمونا. شڪليون ۽ ٿانو ايران ۽ ميسوپوٽيميا ۾ ٺهندڙ ٿانون کان بلڪل انوکا ۽ نرالا هوندا هئا. اهو وثوق سان چئي ٿو سگهجي تہ هن خطي ۾، مٽيءَ جي ٿانون ٺاهڻ جو هنر، اڻڄاتل زماني کان وٺي جاري رهندو اچي."
(John Marshal, Sir, 1931: 42)

سنڌو تهذيب جو اهو هنر (ڪنڀارڪو هنر)، قديم زماني کان وٺي اڄ تائين جاري رهندو آيو آهي. اڄ بہ حسڻ واهہ، هالا، لقمان، جوهي، بلڙي شاهہ ڪريم، بدين، ماتلي، سيوهڻ، نصرپور ۽ ٻين ڪيترن ئي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ اهو هنر جاري آهي، البت ماحول جي اثر جي ڪري، انهن جي رنگن ۾ فرق ضرور نظر اچي ٿو. اڄ جو ڪاشيگر، ڪاشيءَ جي ڪم ۾ ٺهندڙ گلن لاءِ گهرو آسماني، ڦڪو ۽ سونهري رنگ ڪم آڻيندو آهي.

سنڌو تهذيب ۾ ڪپڙي اُڻڻ، ڇُرڻ ۽ رنگريز/ کهنباتيءَ جا هنر، اڄ بہ ملڪ جي اهم هنرن ۾ شمار ٿين ٿا. اڄ بہ ڪپڙي تي ڇر جو ڪم، اُڻت ۽ اوڃي جو هنر ۽ کهنباتيءَ جو هنر، هزارين سالن کان، جاري رهندو اچي. قديم زماني کان وٺي، سنڌ ۾ اُٺيل، ڇريل ۽ رڱيل ڪپڙو وڏي تعداد ۾ هتان، سنڌ جي بندرن تان، پرڏيهن ۾ روانو ڪيو ويندو هو. سنڌ جو اهو ڪپڙو دنيا ۾ بهترين قسم جو ڪپڙو سمجهيو ويندو هو. اهو ڪپڙو پنهنجي اوڃي جي نفاست ۽ باريڪيءَ جي ڪري، نفيس قسم جو ڪپڙو سمجهيو ويندو هو. انهيءَ قسم واري ڪپڙي کي 'سِنڌڻ' (Sindhun/ Sindhon) جي نالي سان ڄاتو ۽ سڃاتو ويندو هو.
(Nabi Bux Kazi, Dr.: 1970, 165)

سنڌ جو اهو هنر، قديم زماني کان سنڌ ۾ قائم رهندو آيو آهي. اڄ بہ سنڌ جي شهرن جهڙوڪ: هالا، مٽياري، پٽ شاهہ، خيرپور (لقمان)، ٽنڊو آدم، نصرپور، گنبٽ، ٽنڊومحمد خان، سعيدپور، ٽنڊو جان محمد، مٺي، هٿونگو، غلام نبي شاهہ، بلڙي شاهہ ڪريم، ميرپور بٺورو، سانگهڙ، ميرپورخاص، راڄو خاناڻي، لڪي، ڪنڊيارو، روهڙي، شڪارپور، ٺٽي، نصرپور، ميرپورساڪري، چوهڙ جمالي ۽ باجاري شريف ۾ ڌار ڌار قسمن جا آڏاڻا موجود آهن، جن ۾ ڌار ڌار قسم جو ڪپڙو اُڻيو ويندو آهي.

پرت جو هنر بہ سنڌو تهذيب جو هڪ خاص ۽ پراڻو هنر آهي. هن هنر کي، سنڌ جي ڌار ڌار خطن جون زائفائون، قديم زماني کان وٺي، قائم ۽ دائم رکنديون اچن. موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان، اهڙي قسم

جون، ڪنجهي مان ٺهيل سنهيون سيون بہ هٿ آيون آهن، جن جهڙيون سيون، اڄ بہ سنڌ ۾ پرت جي هنر ۾ ڪم آنديون وينديون آهن.

سنڌ ۾ ڌار ڌار ذاتين ۽ قومن جي پرت جا ڌار ڌار نمونا آهن. سنڌي پرت جا اِهي سونهن پريا ڌار ڌار نمونا، سنڌ جي ڌار ڌار خطن ۾ رائج چٽن، گلن، نقشن ۽ تصويرن جي ڪري اڄ بہ مشهور آهن. انهن ۾ ٿر، لاڙ، ڪوهستان، ڪاڇي، ڪاري (ساموندي ساحل)، شڪارپور، ٺٽي، جيڪب آباد، بدين ۽ راجستان جا سرحدي خطا (پارت سميت)، پنهنجي فني نفاست، رنگ، ٽوپي، ۽ ٽانڪي جي ڪري وڏي شهرت رکن ٿا.

سنڌو۔ ماٿر جو اهو هنر، گذريل 5000 سالن کان وٺي، اڄ تائين، بناڪنهن رڪاوٽ جي پنهنجي تسلسل سان قائم رهندو آيو آهي. سنڌ جو اهو هنر، ڌار ڌار چٽن، گلن، ٻوٽن، نقشن ۽ شڪلين سان، اڄ بہ سنڌ ۾ پنهنجي سونهن قائم رکندو اچي.

9- چانديءَ، سون ۽ ٽامي مان زيورن ٺاهڻ جو هنر بہ، سنڌ جي قديم هنرن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. سر جان مارشل، موهن جي دڙي مان هٿ آيل زيورن جي باري ۾، پنهنجيءَ راءِ جو اظهار ڪندي لکي ٿو تہ:

"اُهي پنهنجيءَ گهڙت، بناوت ۽ سجاوٽ جي لحاظ کان اهڙا تہ عمدا ۽ سهڻا ٺاهيا ويا آهن، جو ائين ٿو محسوس ٿئي تہ ڄڻ تہ اِهي 5000 سال اڳ جي تاريخ واري دور جي بدران، اڄوڪي 'بانڊ اسٽريٽ' (لنڊن ۾ زيورن جي مشهور بازار) مان آندا ويا هجن."
(John Marshall, Sir, 1931: 24)

شيخ خورشيد حسن، پنهنجي ڪتاب (Chankhandi Tombs) ۾ لکي ٿو:

"موهن جي دڙي جي آسپاس وارن ڳوٺن ۾ رهندڙ اڄ بہ 5000 سال اڳ وارن زيورن جي نمونن جهڙا ٺهيل زيور پائينديون آهن." (Shaikh Khurshid Hassan, 1996: 146)

قديم آثارن جو هڪ وڏو اميريڪي ماهر، ڊاڪٽر مارڪ ڪنائر، پنهنجيءَ رپورٽ: 'Living legacy- The Indus Civilization lives on in Sindh in customs, architecture and Jewellery more' ۾ لکي ٿو تہ:

"سرن جي ديوارن اندر آباد شهر، موهن جو دڙو ۾، جنهن ثقافت ۽ تهذيب زور ورتو، اها ساڳي تهذيب ۽ ثقافت، هن وقت بہ ننڍي ڪنڊ ۾، خاص ڪري 'سنڌو ماٿر' ۾ قائم ۽ دائم آهي. سنڌو تهذيب جي ماڻهن جي طبيعت ۾ جيڪا جدت اڳ هئي سا هن وقت بہ، بناڪنهن ڦيرگهير ۽ تبديلي جي قائم ۽ دائم آهي. ڪچين سرن مان جوڙيل سنڌي گهرن، موهن جي دڙي ۽ هڙپا ۾، کليل گهٽين سان گڏوگڏ وهندڙ گندي پاڻيءَ جي نالين ۽

لاهور جي بازار ۾ موجود خوبصورت چوڙين جي اصليت جي اپياس مان ثابت ٿو ٿئي تہ انهن جو سلسلو سنڌو ماٿر جي قديم تهذيب سان ملي ٿو ۽ ائين ٿو معلوم ٿئي تہ 4500 سال قديم طرز واريون ڊزائينون ۽ انهن جي گهڙت واري فن جو اهو ساڳيو ئي طريقو اڄ بہ استعمال ڪيو ويندو آهي. ان مان ائين ٿو ثابت ٿئي تہ انهن (چوڙين) جي گهڙت واري طريقي ۾ اڄ بہ ڪو فرق ڪونہ آيو آهي." (Kenoyer, J. Mark: 1977)

يان مارڪ ڪنائر وڌيڪ لکي ٿو تہ:

"لاهور جي صراف بازار ۾ گهمندي، قديم زماني جي انهيءَ تهذيب جو منظر، پنهنجين اکين سان ڏسي سگهجي ٿو. انهيءَ بازار ۾، انهن پراڻن طرز جي زيورن کي ڳاريءَ اُنهن مان زيورن جا نوان نمونا ٺاهيا ويندا آهن. انهيءَ کان سواءِ انهيءَ بازار ۾ سونارا، سون ۽ سچن موتين جي تور ڪرڻ لاءِ، قديم سنڌو تهذيب وارو اهو ساڳيو پراڻو طريقو اڄ بہ رائج رکيو اچن. اهي سونارا، سون جي وزن ڪرڻ لاءِ ننڍي ڪنڊ ۾، انگريزن جي فتح کان اڳ وارو ساڳيو وٽ (تور جو وزن) ڪم آڻيندا آهن. سون جي تورڻ جو اهو 'رتين ۽ مڱن' (Arbus precatorius) وارو وزن استعمال ڪيو ويندو هو. سون جي تورڻ جو بيو ڪوبہ طريقو هن وشال ملڪ ۾، ايڏي وڏي عرصي گذري وڃڻ جي باوجود، معياري نٿي سمجهيو ويو." (Kenoyer, J. Mark, 1977)

ڊاڪٽر ڪنائر، زيورن جي انهيءَ قديم هنر جي روايت جي جاري رهڻ جي سلسلي ۾ لکي ٿو:

"ڪراچيءَ جي ڀرپاسي وارن علائقن ۽ خاص ڪري ملير واري خطي ۾، 'الهڏنو' واريءَ وسنديءَ مان، کوٽائي ڪندي قديم دور جا جيڪي زيور هٿ آيا آهن، انهن جو واسطو موهن جي دڙي واريءَ تهذيب سان ثابت ٿئي ٿو." (Kenoyer, J. Mark, 1977)

سنڌو تهذيب جا اهي روايتي ۽ قديم هنر ۽ فن، اُن قديم زماني کان وٺي اڄ ڏينهن تائين، هنرمندن ۽ ڪاريگرن جي هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين، هڪ ٻئي کي ورثي ۾ ملندا آيا آهن، ۽ اهوئي سبب آهي جو اڄ بہ اهي قديم روايتي هنر ۽ فن، پنهنجيءَ قدامت ۽ روايت سان، قائم ۽ دائم رهندا آيا آهن. انهن هنرن ۽ فنن مان، ٻين هنرن کان سواءِ، زيورن جي باري ۾، شيخ خورشيد حسن پڻ پنهنجن مٿي ڄاڻايل ڪتابن ۾، تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي.

10_ چٽن، گلن، شڪلين ۽ صورتن ۾ تسلسل اڄ بہ جاري آهي:

ماهرن جي راءِ ۾ سنڌ جا هنرمند ۽ ڪاريگر، سونهن، سينگار ۽ سجاوٽ جي لاءِ، پنهنجن هنرن ۾، چٽن، گلن، نقشن، شڪلين ۽ صورتن جي ناهڻ ۾ وڏي مهارت رکندا هئا. مصوريءَ، ڪاٺ ۽ پٿر تي اُڪر جي ڪم، پرت، ڪپڙي جي اُڻَ، چرڻ، ڪاشيگري ۽ جنڊيءَ جي ڪم، زيورن تي اهڙا تہ سهڻا چٽ، نقش، گل، ٻوٽا، شڪليون ۽ تصويرون ناهيندا هئا، جن کي ڏسي ماڻهو دنگ رهجيو وڃي.

مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ سونهن، سينگار ۽ سجاوٽ جي اهڙن نمونن، چٽن، گلن، نقشن ۽ شڪلين جي انهن پراڻن ۽ قديم طريقن کي، اڄ جي هنرمندن ۽ ڪاريگرن، قديم زماني کان انهن ساڳين خصوصيتن کي نسل درنسل قائم ۽ محفوظ رکيو آهي. سنڌو تهذيب جي ماهرن، سونهن، سينگار ۽ سجاوٽ جي انهن چٽن، نقشن، گلن ٻوٽن ۽ شڪلين، اُهڃاڻن ۽ علامتن کي ڌار ڌار قسمن ۾ ورهايو آهي. اُن سلسلي ۾، سر مارٽمر وهيلر لکيو آهي تہ:

"ڪيترائي تصويري چٽ، نقش، گل ٻوٽا، وڻن جا ڌار ڌار قسمن جا پن، چلرن جهڙا سنهڙا تهہ، چاريدار ڪم، ٻڪين (مثاني) جي شڪلين جهڙا چٽ، ڦٽيءَ جي شڪلين وارا چٽ، لهريدار چٽ، ڪجيءَ جي وڻن جون ٽاريون، پپل جي وڻن جي پنن ۽ گلاب جي گل جي شڪلين جهڙا چٽ، پرپل ڪپڙي، مور ۽ مڇيءَ جون شڪليون ڏسڻ ۾ آيون آهن."
(Whealer, E.M., Sir, 1950: 86 and 87)

'Threadlines of pakistan' ڪتاب جي مرتب، هن سلسلي ۾ لکيو آهي تہ:

"موجوده زماني ۾، ڪپڙي سازيءَ واري رائج هنر ۽ فن ۾ جيڪي چٽ ۽ نقش نظر اچن ٿا، اهڙا ساڳيائي چٽ، نقش ۽ شڪليون، سنڌ ۾ تاريخ واري زماني کان اڳ وارن ماڳن، جهڙوڪ: ڪوٽ ڏجي ۽ آمريءَ جي قديم آثارن جي کوٽائيءَ مان هٿ آيل مٽيءَ جي برتنن تي پڻ چٽيل ڏسڻ ۾ آيا آهن. انهن برتنن تي شطرنج جي راند وارو تختو مڇيءَ جي چلرن وارا، داغدار ۽ ٻنا داغن وارا چٽ، گهڻ_ ليڪائيون چورس شڪليون، سپ (ٻن ڪوپن واري)، مڇي، پپل جي وڻ جا پن، ساڳئي مرڪز واريون ٽن گولن واريون شڪليون ۽ سج جي شڪل، سونهن ۽ سجاوٽ لاءِ چٽيل آهن. اهي سڀ چٽ ۽ نقش، مٽيءَ جي برتنن تي سينگار ۽ سجاوٽ لاءِ چٽيا ويا آهن. اهي سڀ چٽ، نقش ۽ شڪليون، ڳاڙهي، مخملي، ڪاري ۽ ناسي گڏيل پس منظر ۾ ناهيون وئيون هيون."

هن سلسلي ۾، ٽيڪساس يونيورسٽيءَ جي هڪ ماهر، Mrs: Bunting جو خيال آهي تہ آڳاٽيءَ سنڌو تهذيب جا، سينگار ۽ سجاوٽ جا اهي ذريعا ۽ وسيلا، سنڌو تهذيب واري زماني کان پوءِ بہ جاري رهيا. هوءَ پنهنجيءَ تحقيق ۾ لکي ٿي تہ:

"پٿر تي اُڪريل ڪيترائي چٽ ۽ شڪليون، اهڙيون ئي آهن. جيڪي زيورن، ڪپڙي سازيءَ جي هنرن، ڪاٺ تي اُڪر جي ڪم، خاطوبنديءَ جي ڪم توڙي مٽيءَ جي ٿانوَن تي اڄ بہ ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهن. انهن مان ڪيتريون ئي شڪليون، چٽ ۽ نقش، اُهي ئي آهن جيڪي سنڌو تهذيب واري زماني کان وٺي متواتر هن خطي ۾ قائم ۽ دائم رهندا ايندا رهيا آهن." (Eathel- Jane, W. Bunting, 1980: 5)

سينگار ۽ سجاوٽ جي نشانين، اُهڃاڻن، علامتن، چٽن ۽ نقشن جي موجوده زماني تائين محفوظ ۽ قائم رهڻ جي باري ۾، ڊاڪٽر مارڪ ڪنائر بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي آهي. هُو لکي ٿو تہ:

"هندومت ۾ پدمت ۾ ٻار جي جمڻ جي علامت طور، مڇيءَ کان سواءِ، ڪيترن ئي قسمن جي پکين جون شڪليون پڻ ڪڍيون وينديون هيون. اهڙيءَ طرح پاڪستان ۾ بہ، ڪيترين ئي ترڪن تي ٽيل نقش نگاريءَ ۾ مڇيءَ جا چٽ پڻ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. انهن نشانن ۾ اُهڃاڻن کان سواءِ 'ڏيگو'، جنهن کي طاقت جي علامت سمجهيو ويندو هو ۽ پيپل جي وڻ کي 'سهاري' جي علامت طور مڃيو ويندو هو. اِهي ۽ اهڙا ٻيا چٽ، نقش ۽ نشان، مٽيءَ جي برتنن تي گهڻي قدر ڏسڻ ۾ ايندا آهن. جن مان ڪي ٿانو چڪ جي ڪم اَٽڻ کان سواءِ، هٿن سان ئي ٺاهيا ويندا هئا. مٽيءَ جي انهن برتنن تي پکهہ پکيءَ جي شڪل ٺهيل هوندي هئي، جنهن جي پيرن جي هيٺان، ڇاريءَ جي شڪل ٺهيل هوندي هئي. ساڳئي ئي قسم جي شڪل پختونخوا صوبي جي بنو علائقي مان هٿ آيل برتنن تي پڻ ٺهيل ڏسڻ ۾ آئي". (Kenoyer, J. Mark, 1977)

اهو ٻڌائڻ بہ مناسب ٿيندو تہ سنڌ ۾، ٿري پيرت ۾، هن خطي ۾، اسلام جي اچڻ کان اڳ واريءَ مقامي ثقافت ۽ مقامي 'ڏند ڪٿا' (mythology) جا اثر ظاهر ظهور ڏسڻ ۾ ايندا آهن. 'ٿري پيرت' جي ڪن نمونن ۾، تارن جي شڪلين جي نقشن ۽ چٽن، ڪنول جي گل (lotus) کان سواءِ ٻين مقامي گلن ٻوٽن ۽ ولين جون شڪليون، لهريدار نقشن ۽ چٽن کان سواءِ طوطي جي شڪل ۽ واريءَ جي پٽن جون شڪليون (ٿري پيرت ۾) پريل ڏسبيون آهن. اهڙيءَ طرح ٽلسيءَ جي ٻوٽي، گڻيش ۽ 'سواستيڪا' جون شڪليون پڻ، ٿري پيرت ۾ عام طور ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهن. اهي سڀ شڪليون، چٽ، گل، ٻوٽا ۽ وليون، سنڌ جي ٻين هنرن ۾ بہ عام طور ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهن.

11- مٿي بيان ڪيل قديم ثقافتي ورثي مراج بہ تسلسل قائم آهي:

(i) سنڌو تهذيب جي قديم ثقافتي ورثي جو موجوده زماني تائين قائم ۽ دائم رهڻ جي سلسلي ۾ ڪيل مطالعي جي مدد سان اهو چئي سگهجي ٿو تہ سنڌو تهذيب ۾ قديم زماني کان رائج ٻولي، اج بہ ختم ڪانہ ٿي آهي، يعني اها ٻولي، سنڌو تهذيب جي قديم ثقافتي ورثي ۽ تهذيبي سرمائي سان گڏ، هر دور ۾ محفوظ، قائم ۽ دائم رهندي آئي آهي.

(ii) موهن جي دڙي واري تهذيب جي آثارن جي کوٽائيءَ مان هٿ آيل شين، انهن تي چٽيل چِٽن، نشانن ۽ اُهڃاڻن کان سواءِ، اُن تهذيب جي هنرمندن جي اوزارن ۽ هٿيارن جي مطالعي کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ انهن هنرمندن ۽ ڪاريگرن جي اوزارن ۽ هٿيارن کان سواءِ، اُن تهذيب ۾ رهندڙ قومن، انهن جي ڏنڌن، اوزارن، هٿيارن، اُن دور جي جانورن، پکين، وڻن ٽڻن، گاهن ۽ ٻوٽن کي، اُن زماني ۾ جن جن نالن سان ڪوٺيو ويندو هو اُهي ساڳيا ئي نالا، اڳتي هلي هر دور ۾، ڪن ٿورين صوتياتي تبديلين کان پوءِ ساڳيائي قائم رهيا آهن، جيئن اج بہ پپل جي وڻ، تلسي ٻوٽي، پٽي (واٽيا) قوم، کان سواءِ ٻين هزارين شين جا اج بہ ساڳيا ئي نالا، سنڌو تهذيب ۾، اصلي حالت ۾ قائم ۽ دائم رهندا آيا آهن. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر آسڪو پرپولا، سيمو پرپولا، ڊاڪٽر فيئر سروس، سر وهيلر، ڊاڪٽر هيريماٿ، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، ڊاڪٽر ڪالڊويل، پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، جان بيمس، ڊاڪٽر سنتي ڪمار چٽترجيءَ، تاج محمد صحرائيءَ، شيخ خورشيد حسن، مسز بنٽنگ، ڊاڪٽر ڪنائر ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جهڙن علم الانسان، علم اللسان ۽ قديم آثارن جي قداور بين الاقوامي عالمن جي تحقيقي رپورٽن، مضمونن ۽ مقالن مان معلوم ٿئي ٿو. انهن ماهرن جي رپورٽن ۾، سنڌو تهذيب جي قديم ٻوليءَ جي خزاني جو وڏو ذخيرو موجود آهي، جيڪو اُن زماني ۾ بہ، اُن قديم تهذيب جا ماڻهو پنهنجي روزمره جي ڪاروهنوار ۾ ڪم آڻيندا هئا. اهي لفظ اج بہ سنڌو- ماتر جي هاڻوڪين ٻولين- سنڌي، سرائڪي، پنجابي، راجستاني، گجراتي، ڪڇي، ڪانياواڙي، ڪشميري ۽ دارديءَ کان سواءِ بلوچستان جي جهالاوان، لس ٻيلي ۽ جدگال وارن علائقن ۾، اُتي جي ماڻهن جي روزمره جي ٻوليءَ ۾ اج بہ عام طور ڳالهايا ويندا آهن. انهيءَ لغوي ذخيري کي ديسي لفظن جي باقيات سڏيو ويو آهي. اهڙن ديسي لفظن جي باقيات مان ڪن جون لڙهيون هيٺ پيش ڪجن ٿيون. انهن لفظن جي گهري مطالعي جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ: سنڌوتهذيب ۾ رائج ٻولي، اج بہ هن تهذيب ۾، هر دور ۾ متواتر قائم ۽ دائم رهندي آئي آهي. انهيءَ لغوي خزاني مان ڪي ملاحظي لاءِ هيٺ پيش ڪجن ٿا:

(i) **جاتين ۽ نسلن جا ڪي نالا:**

پٽي/ واٽيا، اَشوُرَ، آهيرَ، داسَ، شوُدر/ سودر، اوڏ، مهاٽا/ ميھ، سنڌوُ ڪوهلَ، ڀيل، باگڙي/ واگڙي، جنگلي، برهوئي، ڪانيو سنيا، پرهياڻ پلي/ پَلَ، شِينَ ۽ ڪَرَ وغيره.

(ii) **زراعت جا لفظ:**

چَڪَر (نار وارو)، چَڪ (ڪنيار وارو)، اُر/ هَرُ، اوڙ (هر جي) مُنيو/ مُٺ (هر جي)، ڦُني (ڪپھ جي) ۽ پڙ (ڪپھ جو).

(iii) **مواصلات جا لفظ:**

واهڻ، نائو بتيلو ۽ بيل گاڏي

(iv) **وڻج واپار، ماپ، تور، وزن ۽ وٽن جا لفظ:**

پٽڪي (پاتي)، ڪوڙي، منڏيڙو (آنا ماتا) چُڪَ، موُر، نورو ڊِگ، ڏڪو (تولو)، تڪڻ، تڪٽي/ تڪڙي، پتي/ پاءُ، پائلي، وَڪَٽ (هڪ)، لٺن (ٻ)، مونِ (ٽي)، نال/ نار (چار)، آٺَ ۽ آڏ.

(v) **گهريلو سامان ۽ گهرن ٺاهڻ لاءِ سامان لاءِ لفظ:**

ڪٽ، ڪتولو ٺانئو سُئي، ٻاڪڙو (گهر جو دروازو)، ٻُنيو آڳنڌ، ٻِڏر اَڏَ، ٿوٽي، واڙ (لوڙهو)، ڪوٺي، ماڙي، مَنهہ، ڪوٽ.

(vi) **جاگرافيءَ جا لفظ:**

پاڻي، مِينهن، نيرُ، واءُ، ڪو/ ڪوهہ، ڦِهپُ/ پاٽ (سج اُڀرڻ جي مهل)

(vii) **مٽيءَ مائٽيءَ جا لفظ:**

اَمِي، آمڙ، اما، آيا، جيجل، ڀيڻ ۽ ادي

(viii) **انسان جي جسم جا عضوا:**

نونٽ، تارُون، واٽُ، ڪاٺوُ

(ix) **ڪپڙن لٽن ۽ هار سينگار جا لفظ:**

پگڙي، چُٽُ، چوٽ/ چوٽو، چوڙي، ڦڻي ۽ مالها

(x) **برتنن جا نالا:**

چاڏي، گهڙو، مٽُ، رَڃُ

(xi) **هٿيارن ۽ اوزارن جا لفظ:**

تيرُ، آر، ڪُندي، ڪاواتي، ڪاوڙ/ ڪامڻ، ڏندي/ ڏندو، ڪتار

(xii) **ڪاڻن جا نالا:**

پِس، تاهري

(xiii) **ڏنڌن لاءِ لفظ:**

گهاتو ڳنوار هاري ناري، نيائين، چور ۽ ويڙ (ڪمان سان انسان جي شڪل)

(xiv) **جانورن، پکين ۽ مڇيءَ لاءِ لفظ:**

ڏاند، رڍ، مِينَ، ڪُتُو/ ڪُتُو ڪُتُو، چوُ چوُ ڪوُر/ ڪوُر ڪوُر

(xv) **اسم، صفتون ۽ ظرف:**

ڪار، ڪاڙهو ٻَلُ، مَلوُڪ، ڪاپار ياڳ (حصو)، مَتِي

(xvi) **پرم ۽ سؤنڻ:**

چوڪُ چندِو

(xvii) **راڳ جا ساز، وندرن ۽ ناچ لاءِ لفظ:**

بوٽيندو چنگ، ڏمال/ تنبل، پڙاءُ/ پڙو ۽ ڏانديو.

(xviii) **وڻن ٽڻن ۽ گلن ٻوٽن جا لفظ:**

پپل، تُلسي

12_ هن سلسلي ۾ سنڌ جي بين الاقوامي سنڌ شناس، جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، قديم سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي باقيات جي سلسلي ۾، ’سنڌي ٻولي‘ جرنل ۾ ڏنل راءِ نهايت ئي وزندار آهي، جنهن موجب ڊاڪٽربلوچ صاحب لکي ٿو:

> ”هن سلسلي ۾ تيون ’پانيو‘ هيءَ پڻ تجويز ڪري سگهجي ٿو تہ ’سنڌو لکت‘ کي پڙهڻ لاءِ اُن جي ڪتبن ۽ پاڳن ۾ خود سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۽ فقرن جي مطابقت تلاش ڪجي. اهڙي ’پانيي‘ تي اعتراض ٿي سگهي ٿو تہ سنڌي هن دور جي رائج ٻولي آهي، جنهن جو قديم سنڌو تهذيب واريءَ ٻوليءَ سان لاڳاپو تصور نٿو ڪري سگهجي، پر اهو ساڳيو اعتراض دراوڙيءَ تي بہ ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ جو دراوڙي لفظ جيڪي هن وقت ڳالهائجن ٿا ۽ جن جي معنيٰ هن وقت معلوم آهي، سي قديم سنڌي ٻوليءَ جي ’لکت‘ ۾ ڪيئن ٿا سمايل ٿي سگهن! جيڪڏهن ڪي دروارڙي الفاظ ’قديم سنڌو لکت‘ واريءَ ٻوليءَ جا بچيل آثار آهن تہ موجوده سنڌيءَ ۾ رائج ڪي قديم الفاظ پڻ ’قديم سنڌي تهذيب واريءَ ٻوليءَ‘ جا بچيل آثار ٿي سگهن ٿا، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي تجزئي مان اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ ڪي اهڙا عام اسم توڙي خاص نالا،

جيڪي هن وقت رائج آهن. سي ڪم از ڪم پوڻا تيرهن سؤ سال اڳ بہ رائج ھئا. جو اُهي 8 صدي عيسويءَ جي رڪارڊ (جيڪو ڪتاب فتحنامي ۾ محفوظ آهي) ۾ لکيل صورت ۾ موجود آهن. جيتوڻيڪ اُهي اڃا بہ ڪي صديون اڳ جا تسليم ڪري سگهجن ٿا. موجوده ڄاڻ موجب 'سنڌو تهذيب' جو آخري دور 18 صدي قبل مسيح ٿائين هو پر ممڪن آهي تہ اُن کان گهڻو پوءِ ٿائين هلندڙ هجي. ۽ 'قديم سنڌو لکت واري ٻولي' اُن کان پوءِ هلندڙ هجي. جيڪڏهن بحيثيت ٻوليءَ جي اها ختم ٿي وئي هجي تہ بہ ڪي الفاظ باقي بچيا هوندا. جن جو 'قديم سنڌي' ۾ سمايل هجڻ جو امڪان ٿي سگهي ٿو.

بهرحال هي بہ هڪ اهڙو 'پانيو' آهي. جنهن مطابق 'سنڌو لکت' کي پڙهڻ ۽ حل ڪرڻ جي ڪوشش ٿي سگهي ٿي. پر اُن لاءِ ضروري آهي تہ اسان پاڻ اُن ڏس ۾ وک وڌايون. يا ڪم از ڪم هن 'پانيي' مطابق 'قديم سنڌو' لکت تي تحقيق ڪندڙ ماهرن لاءِ بنيادي مواد مهيا ڪريون: يعني تہ سنڌي لغات مان اهڙا لفظ چونڊي جدا ڪريون. جن جا اشتقاق. فارسيءَ. عربيءَ. پاليءَ. سنسڪرت يا تاريخي دور واريءَ ٻيءَ ڪنهن معلوم ٻوليءَ مان ثابت نہ هجن: البت جيڪڏهن انهن جي اصل بابت ڪن قديم ٻولين. جهڙوڪ: دراوڙي. پروٽو ويدڪ. مُنڊا. سُميري. مصري يا بابليءَ جو گمان هجي تہ في الحال اهي پڻ تہ تجارتي لسٽ ۾ شامل رهن.

اهڙا لفظ چونڊي ڪڍڻ سولا نہ آهن. پر هن ڏس ۾ قدم وڌائڻ ۽ وڌيڪ ويچار ڪرڻ لاءِ موجوده سنڌيءَ ۾ رائج ڪن اهڙن گماني لفظن جي هڪ مختصر ۽ عارضي لسٽ مثال طور هيٺ ڏجي ٿي. جنهن کي وڌيڪ غور ۽ تحقيق سان واڌائي سگهجي ٿو." (بلوچ. نبي بخش خان: 1994ع: 3 _7)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب. اهڙن لفظن جي جيڪا لسٽ ڏني آهي. سا هيٺ هُوبهو پيش ڪجي ٿي. اهي لفظ ثابت ٿا ڪن تہ سنڌو تهذيب ۾. ويدڪ دور کان بہ گهڻو اڳ ڪا زبان رائج هئي. جنهن جي باقيات موجوده سنڌي ٻوليءَ ۾. سنڌو تهذيب جي اُن قديم ٻوليءَ جي باقيات جي صورت ۾ موجود آهي. جيڪا واديءِ سنڌ ۾ آرين جي اچڻ کان اڳ بہ ڳالهائي ۽ لکي ويندي هئي:

(i) **عزازت ۽ سماج جا لفظ:**

ادو ادا. اديون. ڀاٽر. ڀيڻرون. گهوٽ. ونو ونواهہ. دولهہ. نهو ٻڻ ۽ پُري وغيره.

(ii) **رڌ پچاءُ ۽ کاڌو:**

مانيِ. هڪ مانيِ. سڄو کاڌو پڙ (معنيٰ ايترو کاڌو کائڻ جو وڌيڪ کائڻ جو چاهہ نہ ٿئي). ٻاهہ ۽ ٽانڊو وغيره.

(iii) **گهر جو سامان:**

گهڙو دلو رَڇُ ۽ ٿانءُ

(iv) **چم ۽ جسم جا پاڳا:**

ڏُڪي (ماديءَ جي پيٽ ۾ ڦر هجڻ)، سُٿا (ڪير ڏيندڙ)، چَرَ (ويم وقت ڦر وارو پردو)، تنجڻ (نئين چاول ٻار کي ڪپڙي ۾ ويڙهڻ تہ لُڇي پڇي نہ ۽ آرام ڪري)، ٺونٺ (ٻانهن جو سنڌ)، ڏؤنرو (ٻانهن جي مٿئين حصي جي ٻنڌي) ڪُڙي (پير جي پوئين گول تر وارو پاڳو)

(v) **رهائش گاهہ، بستي ۽ گهر:**

وانڊ (عارضي بستي)، ٻنيو (گهر جو در)، لوڙهو (ڪکائين گهر جي پناهہ)، ڍنگر (ڪنڊن واري وڻ جون ٽاريون جن سان لوڙهو ڏجي)، ڪِڙي (سَر جي تيلين، پکن، توئن، کرڙ ۽ ڪٿن سان ٺاهيل ننڍڙو گهر).

(vi) **ڏک هٽڻ، شڪار ڪرڻ ۽ پنهنجي بچاءُ ڪرڻ جا هٿيار:**

ٻوٽهڻ، پٿر، ٺٺڪو (گولائون پٿر جيڪو اُڇلي هڻجي)

(vii) **جانور ۽ مال:**

ڏاند= ڍڳو مادي، رڍ. گهٽو نر گهٽو ٻڪرين= ٻڪريون، ڏاگهو= نر اُٺُ، ڏاچي= مادي اُٺِ، رَمڙ (مال وارن جانورن جو ولر)، ڌڻ (رڍن ۽ ٻڪرين جي گهٽائي)

(viii) **زمين ۽ جبل:**

پونو (سنئين سڌي سطح واري زمين)، کرڙو (پاڻيءَ ماريل پڪي زمين) ڏونگر (جبل)

(ix) **کيتي:**

اُرلو/ هُرلو= پوک لاءِ هيٺان پاڻي ڪيڏي ڇڪي مٿي آڻڻ واري اَنڪل، کَڙَ= هر ڏنل زمين، ڀنجهو= هر ڪاهيل ۽ ٻج ڇٽيل زمين، جنهن ۾ اجا پاڻي نہ پيو هجي، گَپ= پاڻيءَ گڏيل آلي زمين.

(x) **معدنيات:**

ٻات= گڏيل ڌاتو جنهن مان ٽانو ٺهن.

ڪُٽ= گڏيل ڌاتو جنهن مان ٽانو ٺهن.

(xi) **واءُ ۽ مينهن:**

ڳڙو ڳڙا= اولو اولا

کنوڻ = جهڙ ۽ بجليءَ واري تجلي

(xii) **پاڻي، مڇي ۽ مڇيءَ وارا:**

ڍنڍ (وڏو تلاءُ)، ڪُرڙو (مڇيءَ جو قسم)، جرڪو (مڇيءَ جو قسم)، گوج (مڇيءَ جو قسم)، ميد/ ميه/ مهاڻو (مڇيءَ وارو)، گهاتو (سمنڊ يا وڏي درياءَ ۾ مڇي ماريندڙ)

(xiii) **وزن ۽ تور:**

ڪانو (جنهن سان وزن ڪجي)، مڻ (چاليهن سير جو يا ٻيو گهٽ وڌ وزن)

(xiv) **ڳاڻيٽي جا عدد:**

برک (هڪ)، ٻه (ٻـ).

حاصل مطلب ته مٿي بيان ڪيل لفظن، جاتين، قومن ۽ قبيلن جي روزمره واريءَ ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ شين، جانورن، پکين، ڏنڌي روزگار ۾ ڪم ايندڙ اوزارن، هٿيارن، عزيزن ۽ رشتيدارن لاءِ ڪم ايندڙ لفظ جن جا اوائلي اُهڃاڻ ۽ نشان پار، موهن جي دڙي واريءَ تهذيب مان هٿ آيا آهن، ۽ جيڪي اڄ به سنڌو تهذيب ۾ عام ڪار وهنوار ۽ روزمره جي ٻوليءَ ۾ رائج آهن. ته پوءِ ائين چوڻ چئجي ته صوتي تبديلين کان پوءِ به هزارين سالن جي وڏي عرصي گذري وڃڻ جي باوجود، اها قديم ٻولي، هر دور ۾ متواتر قائم ۽ دائم رهندي آئي آهي. سنڌو تهذيب جي اُها قديم ٻولي اڄ به زنده ۽ محفوظ آهي، جنهن جي باري ۾ وڌيڪ ڪجهه تڏهن چئي سگهبو، جڏهن موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي دڙن جي کوٽائيءَ مان هٿ آيل مهرون پڙهيون نه وڃن.

# حوالا

## سنڌي ڪتاب ۽ مقالا


1_ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 2000ع، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، ڇاپو ٻيو ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي

2_ نبي بخش خان، بلوچ، ڊاڪٽر، 1993ع، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، ڄام شورو: پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي

3_ نبي بخش خان، بلوچ، ڊاڪٽر، 1994ع، مقالو 'سنڌو تهذيب جي لکت جي پاڄ'، سنڌي ٻولي، شمارو2، جلد 4، اپريل- مئي ۽ جون، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ص 3_7

4_ ڀيرومل آڏواڻي، پروفيسر، 1956ع، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ

5_ گدواڻي، پرسو ڊاڪٽر، 1994ع، مقالو 'سنڌي ۽ دراوڙي شخصي نالن ۾ هڪجهڙايون ۽ ميڳهواڙ شخصي نالا' سنڌي ادب، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.


## English books & Articles


6- Abdul Haq, Mahar, Dr. 1992, The Soomras, Multan: Beacon book, p.43

7- Allana, G. A., Dr. 2002, Origin and Growth of Sindhi Language, Jamshoro: Institute of Sindhology, p.

8- Dames, M. L. The Baloch Race, a Monograph, Published in JRAS, Vol: V, London: p. 254

9- Eathel- Jane W. Bunting, 1980, Sindhi Tombs and Tetile, The Persistence of Patterns, the university of Tercas, p.5

10- Hiremath, R.C., Dr. 1984, The Genisis and growth of Dravidian, Trivandrum: Dravidan Linguistic Association publication No: 39, p.53

11- John Marshal, Sir, 1931, Mohen -- jo- Daro and the Indus Civilization, Vol: 1, London: Arthur probsthain, p.24

12- Ibid, p.42

13- Kenoyer, J. Mark, 1977, 'Living Legacy- The Indus Civilization lives and in Sindh in customs, architecture and jewelery more', an article published in monthly Herald, Karachi: Dawn Bureau of publication

14- Kenoyer, J. Mark, 1977, Ancient Cities of the Indus Valley, an article published in Karachi: Daily Dawn, Tuesday, June 3

15- Lambrick, T. H. 1975, History of Sindh. A general Introduction, 2nd ed, Hyderabad: Sindhi Adabi Board, P. 102

16- Nabi Bux, Kazi, Dr. 1970, 'Sindon' an article published in journal of Institute of Sindhology, Jamshoro: P.165

17- Paddaya, K. Dr. Cultural and Linguistic Connections in Indian Subcontinent, p/3

18- Shaikh Khurshid Hassan, 1996, Chaukhandi Tombs of Pakistan, Karachi: Royal Book Company, p.146

19- Taj Muhammad Sahrai, 1997 Lake Manchar, Karachi: Sindhi Kitab Ghar, pp. 170-171

20- Wheeler, E.M., Sir, 1950 Five Thousand years of Pakistan, London: Royal Indian Pakistan Society, pp. 68 to 87

# قومي ۽ بين الاقوامي تناظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت

'زبان': قومي اور بين الاقوامي تناظر مين' جي عنوان تي مضمون، پاڪستان جي مشهور دانشور ڊاڪٽر سليم اختر لکيو هو جيڪو 'اخبار اردو'، اسلام آباد جي، ڊسمبر 2010ع واري شماري ۾ ڇپيو هو. مون انهيءَ مضمون جو هوبهو ترجمو ته نه ڪيو آهي، البت اُن مضمون مان، ڪن پئراگرافن کي پنهنجي هن مضمون ۾ شامل ضرور ڪيو اٿم، ۽ اُنهن پئراگرافن جي متن جا حوالا به ڏنا اٿم.

**1- ٻولي هڪ قومي سرمايو آهي:**

هر انسان ڪنهن نه ڪنهن مخصوص سماج ۾، اُن سماج جي ٻين ماڻهن سان گڏ رهندو آهي، ڇاڪاڻ ته هر سماج ۾ رهندڙ هر ماڻهوءَ لاءِ پنهنجي اُن سماج جي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان گفتگو ڪرڻ، سندس مجبوري ۽ ضرورت هوندي آهي. علم الانسان جي عالمن جو به اهو رايو آهي ته ڪنهن به فرد واحد کي، جيڪڏهن ڪنهن بوتل ۾ به ڪٺي بند ڪيو وڃي ته انهيءَ حالت ۾ به هُو پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ، يعني 'خود ڪلامي' ڪرڻ شروع ڪندو آهي، ڇاڪاڻ ته خود ڪلامي به هر فرد واحد لاءِ زنده رهڻ جو هڪ وڏو سهارو هوندي آهي.

هر ڪا ٻولي، پنهنجيءَ قوم جو سڀ کان اهم ۽ وڏو قومي سرمايو ۽ اثاثو هوندي آهي. ماهرن جو به اهو رايو آهي ته هر ڪا ٻولي، پنهنجي پنهنجي سماجي ماحول اندر ئي جنم وٺندي آهي ۽ اُهو سماج ئي اُن ٻوليءَ کي زنده رکندو آهي. انهيءَ ڪري چوندا آهن ته: "جهڙو سماج تهڙي ٻولي". ماهرن جو اهو به رايو آهي ته ڪو به سماج ۽ اُن سماج ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻولي، ٻئي هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم هوندا آهن. اُن جي باوجود، اُهو سماج ۽ اُن سماج ۾ رائج ٻولي، هممصر يا هم عمر تي نه سگهندا آهن. ڇاڪاڻ ته ڪڏهن ڪڏهن اُهو سماج ته برقرار ۽ زنده رهندو آهي، پر اُن سماج ۾ ڪم ايندڙ اُها ٻولي، ختم تي ويندي آهي. جيئن سنسڪرت ٻولي، لاطيني ٻولي يا ڪيلٽڪ ٻولي اڄ وجود ۾ نه آهن. اهي ٻوليون ته ختم تي وئيون، پر 'يارتي هندو سماج' ۽ انهن ٻين ٻولين جا سماج زنده جاويد رهندا آيا آهن.

2-اها به هڪ مڃيل حقيقت آهي ته ڪنهن به سماج جي وسعت، اُن سماج ۾ علم ۽ فن جي وسيع هئڻ سان گڏ اُن جي تخليقي سرگرمين جي ڪري، ترقي ڪري پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪرائي سگهندي

آهي. انهيءَ ڪري هر ٻوليءَ جي ترقي ئي، اُن ٻوليءَ جي سڃاڻپ هوندي آهي. ماهرن جي نظر ۾ ڪنهن به ٻوليءَ جي وسعت ۽ اُن ٻوليءَ جو وجود، جن جن ڳالهين تي مدار رکن ٿا، اُنهن مان ڪي ڳالهيون هيٺ موجب آهن:

(i) **ٻين ترقي يافته ٻولين جا لفظ ۽ اصطلاح اُڌارا وٺڻ:**

هر اُها ٻولي وسيع سمجهي ويندي آهي، جيڪا ٻين ترقي يافته ٻولين جا لفظ ۽ اصطلاح وغيره اُڌارا وٺي، اُنهن لفظن ۽ اصطلاحن کي پنهنجي لسانياتي (وياڪرڻي ۽ لغوي) ڍانچي ۾ وجهي، اُنهن کي پنهنجو بڻائي ڇڏيندي آهي. لسانيات جي ماهرن جو اهو به خيال آهي ته ٻين ٻولين مان اُڌارا ورتل لفظ ۽ اصطلاح، اُن ٻوليءَ ۾ تازي خون مثل ڪم ڪندا آهن. ۽ اُهي اُڌار ورتل لفظ ۽ اصطلاح، اُن ٻوليءَ کي نئين زندگي بخشيندا آهن. ماهرن جو اهو به خيال آهي ته جيڪڏهن ڪنهن به ٻوليءَ ۾ نوان لفظ ۽ نوان اصطلاح اُڌارا وٺڻ لاءِ دروازا بند ڪري ڇڏبا ته پوءِ اُها ٻولي، بيٺل پاڻيءَ جي اُن ڍُٻي جهڙي بڻجي ويندي، جنهن ۾ تازي پاڻيءَ جي وهڪري جي داخلا بند هجڻ ڪري، اُهو بيٺل پاڻي گندو ۽ بدبودار ٿي ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته جهڙيءَ طرح ڪنهن نديءَ لاءِ پاڻيءَ جو وهڪرو لازمي هوندو آهي تيئن ڪنهن به ٻوليءَ يا ٻولين ۾ نون لفظن ۽ اصطلاحن جي فراواني، اُن ٻوليءَ جي رواني‌ءَ کي متحرڪ رکندي آهي. ۽ اُن ٻوليءَ کي وسيع ۽ مالدار به بڻائيندي آهي.

(ii) **ٻوليءَ جو تخليقي ڪارج:**

هر ٻوليءَ جو تخليقي عمل، اُن ٻوليءَ جي علم ادب ۽ اُن جي ادبي صنفن جي صورت ۾ ڪارفرما هوندو آهي. هر ٻوليءَ جو تخليقي عمل، اُن ٻوليءَ جي ڌار ڌار صنفن ۾ پنهنجي محدود لغوي دائري ۾ ادبي صنفن جي مفهوم واري ڪارج مان ترقي ڪري، نئين علامتن، نئين تمثيلن، تشبيهن، استعارن ۽ اصطلاحن جي صورت ۾ استعمال ٿيڻ لڳندو آهي. اهڙيءَ طرح نون ۽ تخليق ڪيل لفظن ذريعي، اُن ٻوليءَ جو اُسلوب، بيان ڪري سگهبو آهي. اهڙي عمل سان، اُن ٻوليءَ ۾ حسن بياني ۽ جمالياتي اندازِ بيان به پيدا ڪري سگهبو آهي.

حقيقت ۾ تحقيقي، تخليقي ۽ تنقيدي ادب ذريعي ئي ڪا ٻولي، پنهنجو ادبي ۽ تنقيدي معيار ۽ مقام اعليٰ منزل تي پهچائي سگهندي آهي. ايتري قدر جو اُن ٻوليءَ ۾ فلسفي، منطق ۽ سائنسي مضمونن توڙي ٻين علمن جا بيان به، اُن ٻوليءَ جي عظمت ۽ وقار جا ضامن بڻجي ويندا آهن.

(iii) **تهذيبي، تمدني ۽ تاريخي رڪارڊ جي دستيابي:**

ماهرن جو اهو به خيال آهي ته مٿي بيان ڪيل اُن ٻوليءَ جو قديم ورثو قومي، علمي، ادبي، سياسي، سماجي، تاريخي، ثقافتي توڙي تهذيبي ۽ تمدني تاريخ جو رڪارڊ محفوظ ڪري سگهبو آهي. مثال طور

اُن قديم ٻوليءَ ۾ سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال، جمجما سلطان، دودو چنيسر، ٻوبنا جراڙ ڏولا مارو اُڏو ڪيھر ۽ ھوٿل پدمڻيءَ جھڙا تاريخي ۽ نيم تاريخي قصا ۽ داستان به، تاريخ جو حصو بڻجي ويندا آھن. اھڙيءَ طرح سنڌيءَ توڙي ٻين مادري زبانن ۾ رائج چوڻين، پھاڪن ۽ اصطلاحن، جھڙوڪ:

- اَنڌير نگري چوپٽ راجا، ٽڪي سير ڀاڄي، ٽڪي سير کاڄا
- آھير ڪٺي اوٺي تہ رن ويچائي رنبو
- جھڙو ديس تھڙو ويس
- چانديا چور ۽ مگسي شاھد ۽
- ڪوڏين مُٺ

توڙي ٻين پھاڪن ۽ چوڻين جي مطالعي مان، ڪنھن ملڪ جي اُن وقت جي اقتصادي، تجارتي، سماجي، سياسي، تھذيبي ۽ تمدني تاريخ جي باري ۾ گھڻي معلومات ملي ٿي. مثال طور ’ڪوڏي‘ ۽ ’ٽڪي‘ لفظن جي استعمال سان، اُن زماني جي قديم سنڌ جي اقتصادي ۽ تجارتي تاريخ جي باري ۾ ڪافي معلومات ملي ٿي.

### 3۔ دنيا ۾ ٻوليءَ جي ابتدا ۽ اوسر:

’سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا‘ ڪتاب ۾، دنيا ۾ ٻوليءَ جي ابتدا ۽ اوسر جي باري ۾، حوالن جي مدد سان، تنصيلي روشني وڌي وئي آھي. اھڙيءَ طرح ننڍي کنڊ جي ٻولين، خاص ڪري سنڌي، ھندي، اردو پنجابي، بنگالي، گجراتي، مرھٽي، راجستاني، اُڙيا، پشتو، بلوچي، سرائڪي، ھندڪو ۽ براھوئي وغيره ٻولين توڙي ٻين مادري زبانن جي ابتدا ۽ اوسر جي باري ۾ تہ ڪافي ڪجھہ لکجي چڪو آھي، پر سنڌوماٿر يا سنڌو تھذيب جا اصلوڪا ۽ اوائلي رھاڪو ڪير ھئا، اُن تھذيب جا باني ڪير ھئا، اُن تھذيب جا اصلوڪا ۽ اوائلي رھاڪو ڪھڙي ٻولي يا ڪھڙيون ٻوليون ڳالھائيندا ھئا؟ اُن جي باري ۾، علم بشريات ۽ قديم آثارن جا ماھر، اڃا تائين ڪنھن بہ آخري نتيجي تي پھچي نہ سگھيا آھن. البت سنڌي ٻوليءَ جي بُڻ بنياد، سنڌي وياڪرڻ ۽ سنڌي صوتيات جي موضوعن تي 1836ع کان وٺي، موجوده وقت تائين ڪافي تحقيقي ڪم ٿيو آھي.

دنيا ۾ ٻولين جي شروعات ڪيئن ٿي، ڪٿي ٿي ۽ ڪنھن ڪئي؟ اُن جي باري ۾ سائنسي لحاظ کان تمام گھٽ لکيو ويو آھي. سنڌي ٻوليءَ ۾ تہ اھو بہ تمام گھڻو گھٽ لکيو ويو آھي تہ دنيا جو پھريون انسان، يعني ’ابوالبشر حضرت آدم عليہ‘ ڪٿي وجود ورتو ۽ ھُو ڪھڙي ٻولي ڳالھائيندو ھو؟ سنڌي ٻوليءَ ۾ اھا معلومات بہ تمام گھٽ ٿي ملي تہ جڏھن حضرت آدم عليہ، بيبي حوا کي، جنت ۾ پنھنجي پھلوءَ ۾

محسوس ڪيو. تڏهن اُنهن پنهنجي پاڻ ۾ کهڙيءَ ٻوليءَ ۾ پنهنجيءَ ڪيفيت جو اظهار ڪيو هو؟ اُتي نانگ، کهڙيءَ ٻوليءَ ۾ بيبي حوا کي ترغيب ڏني هئي، ۽ پوءِ جڏهن حضرت آدم عليه ۽ بيبي حوا کي جنت مان نيڪالي ڏني وئي، تڏهن اُن حالت کان پوءِ اُنهن پنهنجي پاڻ ۾ کهڙيءَ ٻوليءَ ۾ پڇتاءُ جو اظهار ڪيو هو؟

ڊاڪٽر سليم اختر، پنهنجي مضمون ۾ هڪ ماهر، صيفي صاحب جي ڪتاب: 'فرهنگ آصفيہ' جي صفحي 55 جي حوالي سان لکي ٿو تہ: "حضرت ابوالبشر، آدم عليه السلام جي پنهنجي ٻولي 'سرياني' هئي. حضرت آدم عليه السلام کي جڏهن جنت مان نڪري وڃڻ جو حڪم ڏنو ويو تڏهن حضرت جبرائيل ۽ حضرت ميڪائيل فرشتن، حضرت آدم عليه السلام سان، 'سرياني ٻوليءَ' ۾ ئي گفتگو ڪئي هئي، پر جڏهن حضرت آدم عليه السلام کي الله تعاليٰ جي طرفان، معافيءَ جو شرف بخشيو ويو تڏهن حضرت آدم عليه السلام کي، عربي ٻوليءَ ۾ پنهنجي مقصد بيان ڪرڻ جي اجازت ملي هئي، ۽ پوءِ هُو آئنده جي لاءِ عربي ٻولي ئي ڪم آڻڻ لڳو هو ۽ اهڙيءَ طرح پوءِ سڄي ملڪ ۾ عربي ٻولي رائج ٿي وئي، اهوئي سبب آهي جو اُهي ماڻهو پوءِ، 'يعرب ابن قحطان' جي نالي سان سڃاڻجڻ لڳا. انهيءَ بيان مان اهو ظاهر ٿو ٿئي تہ دنيا ۾ پهرين عربي ٻولي رائج ٿي، ۽ اُن کان پوءِ سرياني ٻولي رواج ۾ آئي."

لفظ 'حوا' جو مطلب بہ انهيءَ ئي دعويٰ جي دليل طور پيش ڪري سگهجي ٿو. جڏهن حضرت آدم عليه السلام کان 'حوا' نالي جو مطلب پڇيو ويو تہ فرمايائون تہ:

"جيئن تہ بيبي صاحبہ منهنجي جسم جو حصو آهن ۽ مخلوق مان پيدا ڪئي وئي آهي، انهيءَ ڪري اُن جو نالو 'حوا' رکيو ويو. جڏهن الله تعاليٰ دنيا ۾ انسان ذات کي پيدا ڪرڻ چاهيو تڏهن زمين تي پهرين اُهو انسان پيدا ڪيائون جيڪو 'سرياني ٻولي' ڳالهائيندو هو. سرياني لفظ جي معنيٰ آهي 'مايوس'. انهيءَ لفظ جي معنيٰ 'مايوس' انهيءَ ڪري ڪئي اٿن جو حضرت آدم عليه السلام کان جيڪا 'سهو' ٿي هئي، انهيءَ ڪري اُن کي 'خطاوار' سڏيو ويو ۽ انهيءَ ڪري هُو رب ڪريم جي رحمت کان محروم ٿي ويو. جيئن تہ حضرت آدم عليه السلام کي، عربي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ جو حڪم مليو هو، انهيءَ ڪري سندس اولاد ۾ اُهائي، يعني سندن والد واري 'سرياني ٻولي' رائج رهي." (مقدمہ فرهنگ آصفيہ، ص 55).

طوفان نوح عليه السلام کان پوءِ جڏهن دنيا نئون جنم ورتو، تڏهن دنيا ۾ نئيون ٻوليون وجود ۾ آيون. فرهنگ آصفيه جي صفحي 59 جي حوالي سان، ڊاڪٽر سليم اختر لکي ٿو:

"الله تعاليٰ پوءِ، حضرت آدم عليه السلام کي دنيا جي سڀني ٻولين جي لغت سيکاري ۽ هن (حضرت آدم عليه) پوءِ پنهنجي اولاد مان، هرهڪ سان الڳ الڳ ٻولين ۾ گفتگو ڪئي. علام بن نوح عليه جي احوال ۾ لکيو ويو آهي ته اُن جي اولاد ۾، ارڙهن ٻوليون رائج هيون. سام بن نوح جي احوال ۾ بيان ٿيل آهي ته اُن جي اولاد ۾ 19 ٻوليون ڳالهايون وينديون هيون.

محققن جي اها به راءِ آهي ته حضرت نوح عليه جي پٽن، 'سام' 'آرام'، 'علام'، 'عبر' ۽ 'اشور' توڙي وري اُنهن جو اولاد، ڌار ڌار ٻوليون ڳالهائيندو هو يعني 'آرام' ۽ اُن جو اولاد، 'آرامي ٻولي' ڳالهائڻ لڳو. 'آشور' ۽ اُن جو اولاد، 'عربي ٻولي' استعمال ڪرڻ لڳو هو ۽ اهڙيءَ طرح 'سوميري' ۽ 'اڪادي' ٻوليون پڻ وجود ۾ آيون. اُن زماني ۾، دنيا محدود هئي. دنيا جي آبادي به ايتري گهڻي ڪانه هئي، انهيءَ ڪري مخصوص علائقن ۾ آباد، ڪن نسلن اندر اهي ٻوليون رائج هيون.

'عهدنامه قديم' ۾ ڄاڻايل آهي ته: "بابل جي ماڻهن هڪ منارو تعمير ڪرڻ شروع ڪيو هو. اهو منارو ايتريءَ ته اوچائيءَ تي پهچي ويو هو جو آسمان جي مخلوق کي اهو ڊپ ٿيڻ لڳو ته ڪٿي دنيا وارا، آسمان تائين پهچي نه وڃن. انهيءَ ڪري آسمان جي مخلوق، دنيا وارن ۾ تفرقو وجهڻ لاءِ اُنهن جي ٻولين کي، الڳ الڳ ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح دنيا جي مخلوق جو ڪوبه ماڻهو ڪنهن به ٻئي ماڻهوءَ جي ڳالهه سمجهي نه سگهندو هو ۽ نه ئي وري هُو اُها ٻولي ڳالهائي سگهندو هو. انهيءَ ڪري اُنهن ماڻهن لاءِ هڪٻئي کي سمجهڻ ئي مشڪل ٿي پيو هو ۽ پوءِ اُهو منارو ٺهڻ رُڪجي ويو.

**4- دنيا ۾ ٻولي/ ٻوليون ڪيئن شروع ٿيون:**

هن موضوع جي باري ۾ مختلف مذهبن، پنڌن ۽ تهذيبن جا ماهر، ڪهڙي ڪهڙي راءِ رکن ٿا، اُن سلسلي ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' ڪتاب ۾، مثالن ۽ حوالن سان،اُنهن مذهبن جي ماهرن/ اڳواڻن، ۽ اسلام جي سلسلي ۾، قرآن ڪريم مان حوالا ڏيئي، هن موضوع تي روشني وڌي وئي آهي. اُنهن سڀني مثالن کي، هن مقالي ۾ دُهرائڻ نهايت ئي مناسب ٿيندو.

'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' ڪتاب جي صفحي نائين کان صفحي ٻارهين تائين، دنيا ۾، ٻوليءَ/ ٻولين جي ابتدا جي باري ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته:

"دنيا ۾ ٻوليءَ/ ٻولين جي ابتدا ڪيئن ٿي، ڪڏهن ٿي، ڪٿي ٿي ۽ ڪهڙيءَ ريت ٿي؟ اهي سڀ اهڙا موضوع آهن، جن جي باري ۾ لسانيات ۽ علم الانسان جي ماهرن، وڏي جاکوڙ ۽ تفتيش ڪئي آهي.

هڪ ماهر، 'گوربن هيوز' (Golden Hewes) جي راءِ موجب: "انهيءَ سلسلي ۾ لڳ ڀڳ ڏهه کن هزار حوالا ملن ٿا." هن جي راءِ موجب: "انهيءَ موضوع تي، اوڻيهين صديءَ کان وٺي، جدا جدا رايا ملن ٿا. ۽ آخر ۾ 1866ع ڌاري هڪ اهڙو وقت به آيو جو پئرس جي 'Linguistic Society' طرفان، وڏيڪ ڪنهن به قسم جي راءِ ڏيڻ کان ماهرن کي روڪيو ويو. بهرحال هن موضوع تي سنڌيءَ توڙي ٻين پاڪستاني ٻولين ۾، مواد آڻڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته هن موضوع تي اسان جي ٻولين ۾ سچ پچ ته اڃا ڪجهه لکيو ئي نه ويو آهي." (ص 9)

ساڳئي ڪتاب ۾ صفحي 10، 11 ۽ 12 تي اڳتي هن طرح روشني وڌي وئي آهي:

"هن سلسلي ۾ ڌار ڌار ماهرن، پنهنجي پنهنجي سماج ۽ سماجي ماحول، تهذيب ۽ تهذيبي روايتن، ۽ خاص ڪري مذهبن جي حوالي سان، ٻوليءَ جي ابتدا جي سلسلي ۾ ڌار ڌار نظريا پيش ڪيا آهن. انهيءَ ڪري مناسب ٿيندو ته ڏسجي ته اهي ماهر، جن اسان جي تهذيب ۽ تمدن کي سنواريو سينگاريو، ڦاهيو ۽ اُن کي ڪا صورت بخشي، تن، ٻوليءَ ۽ اُن جي ابتدا ۽ لکت جي باري ۾ ڪهڙا ڪهڙا رايا ڏنا آهن؟"

ساڳئي ڪتاب ۾ صفحي ڏهين تي اڳتي ڄاڻايل آهي ته:

"انسان هڪ عجيب جانور آهي. ماهرن، انسان ذات کي، گونگي جانور کان الڳ شمار ڪيو آهي ڇاڪاڻ ته اُها ڳالهائڻ جي قوت ئي آهي، جنهن انسان کي 'اشرف المخلوقات' بنايو آهي. انسان ذات کي اهو پختو يقين آهي ته الله تعاليٰ کيس ڳالهائڻ جي قوت انهيءَ لاءِ عطا ڪئي آهي ته جيئن اُن (انسان) ۾، سياڻپ، ڏاهپ، دانائيءَ، طاقت ۽ تخليق ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي. هن سلسلي ۾ ڌار ڌار ملڪن ۽ ڌار ڌار مذهبن جي ماهرن، پنهنجا ڌار ڌار رايا ڏنا آهن جن جو مختصر جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

**(1) قديم مصرين جو رايو:**

مصر جي هڪ قديم ديوتا جو نالو 'ٿوٿ' (Tehuti/ thoth) چون ٿا. 'ٿوٿ' جي نالي ۾ وڏي قوت سمجهي ويندي هئي. ڪنهن به جاندار يا بيجان شيءِ جو وجود، 'ٿوٿ' جي وجود کان پوءِ ئي تسليم ڪيو

ويندو هو. مصرين جي عقيدي موجب، 'ٿوٿ'. ڪي منتر پڙهيا ۽ ڪي ٻول ٻوليا، جن جي برڪت سان، هيءَ دنيا وجود ۾ آئي. 'ٿوٿ' کي چنڊ جو ديوتا بہ تسليم ڪيو ويندو هو. هُو جادوءَ جي منترن ۽ منڊن، پاڪ لکت ۽ مس جو ڪرتار، ڪتابن جو مصنف ۽ ڪتابت جي فن جو ديوتا مڃيو ويندو آهي. مصرين جي عقيدي موجب، لکت جي فن جي ديوي، 'سيشيت' (Seshet)، سيڪريٽريءَ طور هن ديوتا سان هميشه گڏ هوندي هئي. 'ٿوٿ'، نہ فقط هڪ جادو بيان مقرر، سخنور ۽ گفتگو ڪندڙ عالم هو پر هو علم شماريات، تقرير ۽ تحرير جي فن ۾ بہ مهارت رکندو هو. مصرين جي عقيدي موجب، 'ٿوٿ' نہ فقط 'ڪتابت' جي فن جو ديوتا سمجهيو ويندو هو پر هو هڪ وڏو حڪيم، طبيب، وڪيل ۽ معمار (architect) پڻ هوندو هو. هُو جيڪي ڪجهہ فرمائيندو هو تنهن کي 'عهدنامو' (Gospel) سمجهيو ويندو هو.

**(2) بابلي تهذيب جي ماهرن جو رايو:**

بابلي تهذيب جي هڪ ڏند۔ ڪٿا موجب، 'بابلي تهذيب' جو پهريون مهذب انسان، 'Oannes' هو جيڪو هڪ راڪاس جي روپ ۾، 'اڌ ماڻهو ۽ اڌ مڇيءَ' جي صورت ۾ هوندو هو. جيڪو 'ايراني نار' ڏانهن سمنڊ ذريعي تري ويو ۽ اُتي لکت جو فن ۽ ٻيا فن جاري ڪيائين.

**(3) چيني تهذيب جي ماهرن جو رايو:**

چيني ڏند۔ ڪٿا موجب، قدرت طرفان، درياءَ مان هڪ 'دريائي گهوڙو' يا 'ڪڇونءَ' جهڙو جانور پيدا ٿيو جنهن چيني ٻوليءَ ۾ گفتگو ڪئي. هن، 'لکت' واري ڏات، پنهنجي هٿ ۾ ڪاڻ ڪنئي پر هن جي پٺيءَ تي جيڪي چٽ چٽيل هئا، تن ئي سندس عطا ٿيل انهيءَ ڏات، يعني لکت واريءَ ڏات جي نشاندهي ٿي ڪئي. اُن کان پوءِ قانون لکيا ويا، ۽ نيم ۽ اُصول جڙيا.

چيني قوم وٽ، شهنشاهہ 'Celestial' جي لاءِ گهڻو احترام هوندو هو. هُو پکين جون لاتيون ۽ تنوارون گهڻي شوق ۽ چاهہ سان ٻڌندو هو ۽ اُنهن جي اُڏامي وڃڻ کان پوءِ، خاموشيءَ سان، نرم واريءَ تي، اُنهن جي چڏيل پيرن جي نشانن کي نقل ڪندو هو. هڪ هزار سال اڳ، چيني قوم جي ودوانن، بهترين ڊڪشنريون لکيون ۽ اُنهن ۾ شامل ڪيل لفظن کي نظرياتي يعني Ideological ترتيب ڏني.

**(4، هندو ودوانن جو قديم نظريو:**

عيسوي سن کان ڇهہ يا ست صديون اڳ، ٻوليءَ ۽ اُن جي ڳالهائڻ جي سلسلي ۾، 'پارت ورش' جي پنڊتن ۽ ودوانن جو نظريو، سندن ڏند۔ ڪٿائن تي مبني، دلچسپ پيراءِ ۾ بيان ڪيو ويو. اُنهن جي قديم لکيتن ۾، ٻوليءَ کي 'انساني روپ' (personified) ۾، 'واڪ' (Vak) يعني 'ٻوليءَ جي ديوي' يا

'واڳديو'. سڏيو ويو ۽ اُن کي 'برهما جو مظهر' يعني manifestation سمجهي، اُن جو احترام ڪيو ويو. اُنهن هندو ودوانن جي راءِ موجب:

"'پوتر' (پاڪ) آواز (واڪ) کي نڪا ڪا ابتدا هئي ۽ نڪا انتها. پر اُها انسان ذات جي 'همعصر' هئي. 'واڪ' (ٻولي)، 'برهما' جي تخليقي قوت آهي. اڳاڻن هندو ودوانن جي راءِ موجب، هيءَ دنيا، خدا جي 'امر' (واڪ) يعني 'ٻولڻ ٻولڻ' (حڪم' سان هڪدم وجود ۾ آئي. هنن جي خيال موجب، الله تعاليٰ 'ڪن' يعني 'ٿي پئو' جو حڪم فرمائي، هيءَ دنيا خلقي ڇڏي.

پراڻن هندو ودوانن جو رايو آهي تہ الله تعاليٰ جاندارن طرفان، انساني ڳالهاءَ ۾ ڪم ايندڙ ڪيترين ئي ٻولين خلقيون ۽ انسان ذات کي ٻوليءَ ذريعي ئي 'ها قوت بخشي تہ هُو 'منتر' پڙهي سگهي، يا بندگي ۽ عبادت لاءِ جيڪو 'ٻول' يا 'اسم اعظم' آهي، تنهن کي ورجائي سگهي. 'تانترن' ۾، ٻوليءَ ۾ منترن کي 'جادوءَ واري سگهہ' يا 'جادوگريءَ' جي معنيٰ ڏني وئي آهي. منتر، زنده ديوتا/ ديويءَ جي علامت سمجهيا ويندا آهن.

**(5) يهودين جو نظريو:**

يهودين جي نظريي موجب، انسان، خدا پاڪ جي تخليق جو مظهر آهي. هن کي بهشت مان نيڪالي ڏني وئي، ۽ ڪيس درياءَ ۽ طوفان جي وچ ۾، سزا طور ڇڏيو ويو. هو هڪ ئي ٻولي ڳالهائي سگهندو هو. فرشتن، محنت ڪري، ڪاميابيءَ سان شهر اڏيا ۽ آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ منارا جوڙيا.

**(6) مسلمانن جو نظريو:**

ڪيترن ئي مسلمان مفڪرن ۽ عالمن جي راءِ موجب، الله تعاليٰ، ٻوليءَ جي ڄاڻ، سندس 'پهرئين خلقيل انسان'، يعني 'انسان اول' (ابوالبشر) کي، وحيءَ ۽ الهام ذريعي ڏني. اُهي عالم، اُن دعوي جا دليل، قرآن پاڪ جي حوالي سان ڏين ٿا. قرآن ڪريم ۾ فرمايل آهي تہ:

وَعَلَّمَ آدَمَ الْأَسْمَاءَ كُلَّهَا (سورة البقره: آيت 31)

يعني: ۽ الله تعاليٰ آدم کي سڀني شين جا نالا سيکاريا.

قرآن ڪريم ۾ ٻئي هنڌ فرمايل آهي تہ:

وَمِنْ آيَاتِهِ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ وَاخْتِلَافُ أَلْسِنَتِكُمْ وَأَلْوَانِكُمْ (سورة الروم: پارو 21، آيت 22)

يعني: آسمانن ۽ زمين جي تخليق ۽ توهان جي ٻولين ۾ اختلاف، الله تعاليٰ جي نشانين مان آهن.
اهڙيءَ طرح قرآن ڪريم ۾ هڪ ٻئي هنڌ فرمايل آهي تہ:

الرَّحْمٰنُ○ عَلَّمَ الْقُرْآنَ○ خَلَقَ الْاِنْسَانَ○ عَلَّمَهُ الْبَيَانُ○ (سورة الرحمن: پارو 27)

يعني: رحمان (الله تعاليٰ) قرآن سيکاريو انسان کي پيدا ڪيو ۽ اُن کي بيان ڪرڻ سيکاريو.

مطلب تہ جهڙيءَ طرح پهرئين خلقيل انسان (انسان اول) جي تخليق، ڪنهن تدريجي طريقيڪار کان سواءِ عمل ۾ آئي، اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ انسان اول کي، پنهنجيءَ قدرت ڪامله ۽ حڪمت بالغه جي ذريعي، زبان ۽ بيان ڪرڻ جي صلاحيت سان، روز اول کان ئي نوازي ڇڏيو هو.

انهيءَ سلسلي ۾، حضرت ابن عباس جي روايت مان معلوم ٿو ٿئي تہ، حضرت آدم عليہ السلام کي، سڄيءَ دنيا جون ٻوليون سيکاريون وئيون هيون، ۽ آدم ۽ آدم جو اولاد، انهن ٻولين ۾ پنهنجي ضمير موجب اظهار ڪندو هو. پوءِ جڏهن آدم جو اولاد، دنيا جي مختلف علائقن ۾ پکڙجي ويو، تڏهن هڪ گروهہ، اُنهن ٻولين مان ڪنهن هڪ کي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ٻيون ٻوليون متروڪ ٿينديون وئيون. جيڪي عالم ۽ مفڪر، ٻوليءَ/ ٻولين کي الهامي سمجهن ٿا، اُنهن کي جواب ڏيندي ابن جني فرمائي ٿو تہ:

> ”آدم کي سڀني شين جي نالن سيکارڻ يا انسان کي بيان ڪرڻ جي تعليم ڏيڻ جو مطلب هيءَ نہ آهي تہ ٻولي، وحيءَ جي وسيلي ئي سيکاري وَئي، بلڪ اُن مان مراد هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ آدم کي، گُفتگو ڪرڻ جي صلاحيت سان نوازيو آهي.“

**5- جديد سائنسدانن جا نظريا:**

مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ ٻوليءَ ۾ ٻين انساني جسماني عملن سان گڏ اوسر بہ آئي آهي، ۽ اُن ۾ ترقي آئي آهي. انسان، پنهنجي ابتدا واري زماني کان وٺي پنهنجن خواهشن ۽ ضرورتن لاءِ ٻوليءَ جو سهارو ورتو آهي. هن ترقي پذير دنيا ۾، ٻين ضرورتن سان گڏ، انسان ذات جون سماجي خواهشون ۽ ضرورتون پڻ وڌنديون رهيون آهن. ’علم حياتيات‘ (Biology) ۽ ’بايو ڪيميا‘ (Bio-Chemistry) جي علمن جي اڀياس مان پتو پوي ٿو تہ انسان جي فطرت بہ سدائين بدلبي رهي آهي. انسان جي ٻين خاص عادتن وانگر، ٻين شين تان نقل ڪرڻ ۽ سکڻ جي عادت بہ خاص خصوصيت رهي آهي. ڳالهائڻ واري قوت بہ انسان لاءِ هڪ خاص ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻوليءَ سان، انسان ذات جو عام ۽ روزمرہ جي زندگيءَ ۾ شروع کان وٺي واسطو رهيو آهي.

علم حياتيات جي ماهرن جي راءِ ۾، انسان جي جسم اندر نڙيءَ ۽ نڙگهٽ ۽ اُن جي مٿان هوا جو لنگهہ، اوائلي دور جي قديم انسان يعني انسان اول جي جسم واري زماني کان وٺي موجود هئا. جيئن اڄ جي انسان جي جسم ۾ بہ اُهي موجود آهن. پوءِ ڇاهي اهو قديم انسان، غارن ۾ رهندو هو يا ميداني علائقن ۽ چراگاهن ۾ جانورن جي پالڻ لاءِ هو اُها زندگي گذارڻ لڳو هو.

صحافت جي دنيا جي هڪ وڏي ماهر، ڊاڪٽر ميلوِن (Dr. Melvin) ۽ سندس ٻين ساٿين، 1989ع ۾، پنهنجي ڪتاب: Theories of Mass Communication ۾، ٻوليءَ جي ابتدا ۽ ارتقا جي باري ۾ لکيو آهي ته:

"اوائلي ۽ قديم انسان، ڪن مختصر ۽ متعدد آوازن، رڙين، ڪوُڪن، ڏندن ۽ هٿن، اکين، چپن، وات، ڳلهن ۽ جسم جي لوڏڻ ۽ اشارن ذريعي، پنهنجيءَ 'طلب' جو اظهار ڪندو هو ۽ سندس انهيءَ طلب جو جواب، سندس هممصر ساٿي ڏيندا هئا. پوءِ ڪجهه زمانو گذري وڃڻ کان پوءِ، اُنهن انسان جي، اُنهن اشارن ۽ طلب جي اظهار جي ذريعن ۾ ترقي آئي هوندي، پر اُنهن جي اظهار جي انهن ذريعن ۾ ايتري ترقي نه آئي هوندي جو اُنهن، ٻوليءَ جي ڳالهائڻ جي موجوده طريقي واري صورت اختيار ڪئي هوندي."

علم الانسان جي ماهرن جو اهو به خيال آهي ته انسان ذات جي تهذيبي ترقيءَ جو واسطو اُن جي ٻوليءَ جي ترقيءَ سان رهيو آهي، تنهن ڪري اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته ڪنهن به معاشري جي تهذيب ۽ تمدن جي شروعات ۾ ئي، اُن معاشري ۾ ٻوليءَ جي به شروعات ٿي هوندي ۽ تهذيب ۽ تمدن جي ترقيءَ سان گڏ، اُن سماج ۾ ٻوليءَ به ترقي ڪئي هوندي. هر سماج ۾ جيئن جيئن تهذيب ۽ تمدن، نئون رنگ، نئين صورت ۽ نئون روپ ورتو، ترقي پذير ٿيندا ويا، تيئن تيئن ٻوليءَ تي به اُن تهذيب جو اثر ٿيندو ويو ۽ اُها به ترقي ڪندي وئي.

ٻوليءَ جي ابتدا جي سلسلي ۾، علم الانسان جي ماهرن، پنهنجا ڌار ڌار نظريا بيان ڪيا آهن، جن مان ڪي نظريا 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' ڪتاب ۾، اُنهن ماهرن جي حوالي سان ڏنا ويا آهن، جيئن:

(i) پوُهه پوُهه (Pooh- pooh) وارو نظريو

(ii) ڊنگ ڊانگ (Ding- Dong) وارو نظريو

(iii) يو- هي — هو (Yo- he- ho) وارو نظريو

(iv) اشارن (Gesture) وارو نظريو

(v) سر- تار وارو نظريو

(vi) لڳ لاڳاپي / سهڪار (Cooperation) وارو نظريو

انهن ماهرن، مان 'مورس سوَڊيش' (Morris Swadesh) نالي ماهر، بلڪل ويجهي ماضيءَ واري زماني ۾ ٿي گذريو آهي، جنهن سال 1971ع ۾ پنهنجو نظريو پيش ڪيو. هن پنهنجي نظريي کي هيٺ ڏنل چئن دورن ۾ ورهايو آهي:

(i) **اوائلي پٿر جو زمانو** (Eolithic period) – هن دور جو عرصو ٽيهه لک سال ق ـ م کان اڳ تائين شمار ڪيو وڃي ٿو. هن دور ۾، 'جاوا وارو انسان' (Australopithecus)، آفريڪا جي جهنگلن ۽ چراگاهن ۾ گهمندو رهندو هو. پر 'جاوا واري انسان' جي دور کان به اڳ واري زماني وارو انسان، ڪن مفرد لفظن ۾ ڦيرگهير آڻي، اُنهن کي ڊگهو ڪري يا زور سان ڳالهائي، يا آوازن جي اُچار لاءِ 'چاڙهه ۽ لاٿ' (چڙهاءُ ۽ اُتراءُ) (Intonation) ڪم آڻي، يا لفظن کي وري وري ڌهرائي (مڪرر لفظن واري طريقي موجب)، اُن مان مختلف معنائون ۽ مفهوم ظاهر ڪرڻ لاءِ وات يا چپن جي شڪل ۽ صورت ۾ ڦيرگهير آڻي، پنهنجي معنيٰ ۽ مفهوم ظاهر ڪندو هو. مثال طور گول شين جي اظهار لاءِ هُو چپن کي گول ڪري اُن لفظ جو اُچار ڪندو هو.

(ii) **قديم پٿر وارو زمانو** (Paleolithic period) – هن زماني ۾ شين جي شڪلين ۽ علامتن ۾ تبديلي آندي وئي، ۽ لفظن جي ذاتن ۾ ڦيرگهير آڻي، اُنهن مان نوان لفظ ٺاهيا ويا. ۽ اُنهن لفظن جي اصلي معنائن ۾ پڻ فرق ظاهر ڪيو ويو. هن زماني ۾ بن چپن وارن آوازن جي اُچار ڪرڻ ۾ گهڻو فرق هوندو هو پر نرم تارونءَ وارن آوازن جي اُچار ڪرڻ ۾ فرق ڪجهه گهٽ هوندو هو.

(iii) **نئون پٿر وارو زمانو** (Neolithic period) – هن زماني ۾ اڳوڻن دورن ۾ ڪم ايندڙ لفظن جي ذاتن ۾ ڪن وينجنن يا سرن کي، اڳياڙين ۽ پڇاڙين طور ڪم آڻي، اُنهن ذاتن مان نوان نوان لفظ ٺاهيا ويا. هن ئي دور ۾ لفظن جي وچ ۾ يعني 'لفظ جي پد' (syllable) ۾ سر کي وڌائي، گهٽائي يا حذف ڪري، يا اُن پد ۾ ڪم آيل آوازن ۾ صوتي تبديليون آڻي، يا سر جي بيهڪ واري صورت (مهڙ واري، پوپٽ واري ۽ وچٿري) ۾ ڦيرگهير آڻي، لفظن جي اُچار ۾ ڦيرگهير ڪري، اُنهن لفظن جي معنائن ۾ ڦيرگهير ڪئي وئي.

(iv) **تاريخي دور** (Historical period) – هن دور ۾، ڳالهائڻ جي لفظن، انهن جي ڪردنتن، مشتقن، اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي استعمال، يعني علم صرف جي اُصولن ۾ واڌارو ٿيو.

علم الانسان جي ماهرن جو رايو آهي ته: "انسان جيڪا ٻولي ڳالهائي ٿو تنهن ٻوليءَ جي ابتدا تڏهن کان ٿي ٿي هئي، جڏهن کان اوائلي (قديم) انسان، فطرتي طور ڳالهائڻ يا ڪنهن ٻوليءَ جا ٻول يعني لفظ نقل (Imitate) ڪرڻ شروع ڪيا. هن، شروع شروع ۾ ٻوليءَ جا اُهي آواز اُچارڻ شروع ڪيا جيڪي سندس ماحول ۾ فطرتي طور اُن وقت رائج هئا. اُنهن فطرتي آوازن ۾ پکين جون لاتيون، دريائن جي پاڻيءَ جي وهڪري جي گهڙ گهڙ، چشمن ۽ آبشارن جي چر چر، هوا جي سر سر، ڪڪرن جي ڪڙ ڪڙ، جيتن جي چر چر، جانورن جي ٻر ٻر ۽ اهڙيءَ طرح ڪاٺ ڀيڻ ۽ ڪنگهڻ وغيره جا آواز به هن دائري ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا.

ماهرن جو خيال آهي تہ انسان ۾ پکين کي قدرت طرفان اها ڏات عطا ٿيل هوندي آهي تہ اُهي ڪنهن بہ ماحول اندر پيدا ٿيل آوازن جو نقل ڪري سگهندا آهن. (Brian Stross, 1976: 20)

هن سلسلي ۾، ڌار ڌار ماهرن، پنهنجي سماج ۽ سماجي ماحول، تهذيب ۽ تهذيبي روايتن، ۽ خاص ڪري مذهب جي آڌار تي، ٻوليءَ جي ابتدا جي باري ۾ پنهنجا ڌار ڌار نظريا قائم ڪيا.

علم الانسان جي ماهرن جي نظر ۾، مشرق قريب جي قديم شهرن جي قائم ٿيڻ کان پنج هزار سال اڳ، ٻوليون وجود ۾ اچي چڪيون هيون، جاڪاڻ تہ اُن زماني ڌاري، ٻوليءَ جي لکت جا ڪي ثبوت مليا آهن. انهن ثبوتن ملڻ کان پوءِ اُنهن جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ اُن زماني ۾ ڪا ٻولي ضرور ڳالهائي ويندي هئي، جنهن (ٻوليءَ) جي، برتنن تي لکيل صورت بہ موجود آهي، پر جيڪڏهن برتن سازي، ٻوليءَ جي وجود واريءَ حقيقت طرف رهنمائي ڪري ٿي تہ پوءِ هيئن بہ چئي سگهجي ٿو تہ ٻولي اجا بہ گهڻو اڳ وجود ۾ اچي چڪي هوندي. برتن سازيءَ جي هنر جا پهريان ثبوت، ڏهہ هزار سال اڳ، جپان مان مليا آهن. قديم آثارن جي کوٽائيءَ مان ائين پڻ ثابت ٿيو آهي تہ مٽيءَ جون پڪل مورتيون، ويهہ هزار سال اڳ تيار ڪيون ويئيون هيون. اهڙو ثبوت قديم آثارن جي ماهرن، اهڙين مورتين جي مطالعي کان پوءِ ڏنو آهي." (Brian Stross, 1976: 32)

هن ڏس ۾، خوردبينيءَ ذريعي، اهو پڻ معلوم ٿيو آهي تہ هڏيءَ تي اُڪر جو ڪم، ٽيهہ هزار سال اڳ ڪيو ويندو هو (Brian Stross, 1976: 32). ماهرن جي اهڙين کوجنائن، ٻوليءَ جي ابتدا واري زماني کي، گهٽ ۾ گهٽ پٿر جي دور جي اوائلي زماني (Upper Paleolithic) تائين، ماضيءَ طرف ڌڪي ڇڏيو آهي.

هن دور ۾، ٻوليءَ جي وجود جا ڪي ثبوت Cro- Magnon غار وارين تصويرن (Paintings) مان مليا آهن. (Brian Stross, 1976: 32) انهن تصويرن جي مطالعي کان پوءِ اهو ثابت ڪيو ويو آهي تہ اُن دور جو انسان ڪا ٻولي ضرور ڳالهائيندو هوندو.

ماهرن اهو بہ بيان ڪيو آهي تہ Cro- Magnon غار وارو انسان، پهريون ڀيرو، چاليهہ هزار سال اڳ منظرعام تي آيو هو پر علم الانسان جي اڪثر ماهرن کي يقين آهي تہ ٻولي، Cro- Magnaon واريءَ غار واري انسان جي منظرعام تي اچڻ کان بہ اڳ موجود هئي. علم الانسان جا ڪي ماهر هن راءِ جا بہ آهن تہ چيني تهذيب وارو انسان (Neantherthal Man) ڪنهن ٻوليءَ کان ضرور واقف هو. هن (چين واري) انسان جي آباد هجڻ وارو زمانو هڪ لک سال اڳ وارو زمانو چيو وڃي ٿو. (Brian Stross, 1976: 33)

ماهر ائين بہ چون ٿا تہ چين واري انسان جو وجود، Cro- Magnon انسان جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ ختم ٿي چڪو هو. (Brian Stross, 1976: 33)

ماهرن اهو پڻ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ چين واري انسان جي آباد ٿيڻ کان اڳ، 'آفريڪا وارو انسان' (Pithecanthropus) آباد هو. هن انسان جي آباد هجڻ وارو زمانو ڏهہ لک سال اڳ چيو وڃي ٿو. (Brian Stross, 1976: 33). هن نسل وارو انسان، آفريڪا کان پوءِ جنوب ايشيا ۽ اُن کان پوءِ 'پوري پني ڪمربند' (Temperate zone) ۾ پکڙجي ويو. (Brian Stross, 1976: 33). هن نسل وارو انسان، باهہ بہ استعمال ڪندو هو ۽ جانورن جو شڪار بہ ڪندو هو.

آفريڪا واري انسان جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ، ماهرن کي 'جاوا واري انسان' (Australopithecus) جا ثبوت مليا. هن (جاوا واري) انسان کان اڳ، پٿر واري زماني جي Pliocene واري دور ۾، يعني هڪ ڪروڙ ويهہ لک سال (12 ملين)، ماهرن کي اُتر — اولهہ هندستان' (پاڪستان جي پوٺوهار واري خطي ۾، يعني 'سون واديءَ' (Swan valley) ۾، هڪ انساني نسل (Ramapithecus) جي وجود ۾ هجڻ جا ثبوت مليا آهن. 'جاوا نسل وارو انسان'، پٿر جا اڻ گهڙيل اوزار ڪم آڻيندو هو. هن جو مٿو وڏو هوندو هو ۽ هُو ٻن ٽنگن تي، اُڀو هلندو هو. علم الانسان جي ماهرن جي راءِ ۾، 'جاوا نسل وارو انسان' ڪا ٻولي بہ ڳالهائيندو هو. انهن ماهرن جي راءِ موجب، هن نسل واري انسان کان اڳ، 'پوٺوهار واريءَ واديءَ وارو قديم انسان' (Ramapithecus) پڻ ڪا ٻولي ڳالهائيندو هو. (Brian Stross, 1976: 33)

ڊاڪٽر ميلون ۽ سندس ساٿين، سندن ساڳئي ڪتاب ۾ اڳتي هلي اهو سوال ڪيو آهي تہ: "اهم سوال هي آهي تہ ڇا، اوائلي انسان ڳالهائي سگهندو هو؟" (Malvin. L., 1989: 7). پوءِ هنن، پنهنجي انهيءَ سوال جو جواب بہ پاڻ ڏنو آهي، ۽ لکن ٿا: "يقيناً اوائلي انسان، ڪنهن ٻوليءَ جا ڪي بامفهوم آواز ڳالهائي سگهندو هو. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ سلسلي ۾، تازين تحقيقن مان هن سوال جو جواب مليو آهي. انهن تحقيقن مان معلوم ٿيو آهي تہ 'قديم پٿر جي دور' واري زماني جي تاريخي کنڊرن جي کوٽائين مان، اُن دور جي اوائلي انسان جي هٿ آيل کوپرين ۽ اُن اوائلي انسان جي بدني بناوت ۾، سندس 'نڙي' ۽ 'آوازن جي پيتي' (Sound box) هٿ آيا آهن. علم الانسان جي ماهرن کي قديم انسان جي هٿ آيل نڙيءَ ۽ آوازن جي پيتيءَ جي وچ ۾، 'قديم بن مانس (باندر) جي 'نڙيءَ' ۽ 'آوازن جي پيتيءَ' جي وچ ۾، ڪا بہ نسبت يا هڪجهڙائي نظر ڪانہ آئي. اُنهن ماهرن جو اهو بہ خيال آهي تہ:

> "اوائلي انسان (Hominids) جي دماغي کوپڙيءَ جي ماپ، اُن (انسان) جي ڄيب جي ڊيگهہ، اُن جي نڙيءَ ۽ آوازن جي پيتيءَ جي بيهڪ، اهڙي نموني جي نہ آهي، جهڙي 'بل مانس' جي نڙيءَ ۽ آوازن جي پيتيءَ جي آهي، ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ اوائلي بل مانس (باندر)، ڳالهائڻ جي صلاحيت رکندو نہ هو. ڇاڪاڻ تہ اُن جي بدن جي بناوت، نڙيءَ ۽

آوازن جي پيتيءَ جي بيهڪ اهڙي هئي ئي ڪانه. جو هُو ڳالهائي سگهي. اهائي ساڳي حالت اڄ جي Primates جي به آهي. باندرن کي اڄ به اهڙي تربيت يعني ڳالهائڻ جي سکيا ڏيڻ ممڪن نه آهي، جنهن جي وسيلي هو ڳالهائڻ جي سگهه حاصل ڪري سگهي. انهن جو تنتني سرشتو يا سندن بدني بناوت، ڳالهائڻ واري قوت حاصل ڪرڻ جي لائق نه آهي. اُن جي ابتڙ، اهو قبول ڪري ٿو سگهجي ته اوائلي انسان کي ڳالهائڻ جي سگهه يا صلاحيت حاصل هئي. هُو ٻوليءَ جا مختلف آواز اُچاري سگهيو ٿي، هُو ڳالهائي به سگهيو ٿي، ۽ هٿن، اکين، منهن، وات، چهري ۽ جسم جا اشارا ڏيئي، پنهنجو مقصد ۽ مفهوم ظاهر ڪري سگهيو ٿي." (Melvin, 1989: 76)

ڊاڪٽر ميلون ۽ سندس ساٿي، هن راءِ جا به آهن ته اوائلي زماني ۾ موجود Cro- Magnon انسان جي دماغي کوپريءَ، اُن جي جڀ ۽ آوازن جي پيدا ڪرڻ واريءَ پيتيءَ (Sound box) جي بيهڪ ۽ بناوت، بلڪل ائين ئي هئي، جيئن اڄ جي انسان جي آهي. انهيءَ ڪري اها دعويٰ ڪري سگهجي ٿي ته (Cro- Magnan) انسان کي ڳالهائڻ جي سگهه حاصل هئي، يعني ته انساني ٻوليءَ جو وجود، اڄ کان 35000 سالن کان وٺي، چاليهه هزار سال اڳ واري زماني ۾ آباد انسان وٽ ملي ٿو. اُن زماني جي انسان جي بدني بناوت بلڪل اڄ واري انسان جي بدني بناوت جهڙي هئي.

ڊاڪٽر ميلون، برنارڊ ڪامري ۽ سندن ٻين ساٿين، هڪ ٻيو اهم بيان هي ڪيو آهي ته جنهن زماني ۾، Cro- Magnon انسان، پهريون ڀيرو پنهنجي خطي يا علائقي ۾ ظهور پذير ٿيو هو، انهيءَ ئي زماني ۾، 'اوائلي چيني تهذيب وارو ماڻهو' (Neantherthal man) ساڳئي ئي خطي ۾، اڳ ئي 'آباد' (established) هو. جسماني طرح اهو يعني چيني تهذيب وارو ماڻهو (Neantherthal man) وڏيڪ رعب وارو ۽ سگهارو هوندو هو. ڪيس سندس جياپي لاءِ گهڻي قدر سرسي حاصل هئي. هُو ماهر شڪاري هو. هو ڏاڍو ذهين هو ۽ سنا توڙي ڪاراٺا هٿيار به ناهي سگهندو هو.

ساڳيءَ طرح Cro- Magnon ماڻهو به ذهين، هوشيار ۽ ماهر شڪاري هوندا هئا. اهي ماڻهو ٻين ڳالهين سان گڏ، پنهنجي مري ويل ساٿين جا لاش، دفن ڪرڻ جو طريقو به ڄاڻندا هئا. ٿورن لفظن ۾ ايئن چئبو ته انساني ارتقا واريءَ منزل ۽ سفر ۾، Cro- Magnon ماڻهو، ڪاميابيءَ طرف گامزن هئا. اهي ئي انسان، اڄ واري زماني جي انسانن جا ابا ڏاڏا يا پڙ ڏاڏا هئا. جاڪاڻ ته انساني ارتقا واري انهيءَ سفر ۾، روان دوان رهندي، 'چيني ماڻهو' (Neantherthal people) اڳتي هلي صفحه هستيءَ تان ميٽجي ويا هئا.

ڪن محققن طرفان اهو سوال بہ پڇيو ويو آهي تہ اهو ڪهڙو سبب آهي جو Cro- Magnon ماڻهو ترقي ڪندا ويا ۽ چيني تهذيب وارن ماڻهن جو وجود ئي ختم ٿي ويو؟ انهيءَ جواب جي سلسلي ۾ قبول ڪرڻ جهڙو نظريو هيءُ آهي تہ Cro- Magnon ماڻهن، جيئن جيئن پنهنجيءَ ٻوليءَ کي ترقي وٺرائي، اُن ۾ هرهڪ نقطي کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ اُن لاءِ دليل بہ ڏنا. تيئن تيئن اُهي پنهنجي وجود ۽ بقا کي قائم ڪندا ويا. اُنهن پوءِ پنهنجي ڪاڏي خوراڪ لاءِ گهربل سامان ۽ شين کي گڏ ڪرڻ، اُنهن کي بچائي رکڻ ۽ ڏکئي وقت ۾ پاڻ کي هر آفت ۽ هر دشمن کان بچائڻ جا طريقا بہ ايجاد ڪيا.

**5_ ٻولي، انسان ذات سان گڏ وجود ۾ آئي آهي:**

علم الانسان جي هڪ ٻئي ماهر، لينبرگ جو خيال آهي تہ: "ٻولين جو وجود، انسان ذات جي وجود سان گڏ، شروع کان ئي شامل رهيو آهي." (Lenneberg. 1976: ?)

هن جو خيال آهي تہ:

"(i) هر انساني سماج، ڪانہ ڪا ٻولي ڳالهائيندو آهي.

(ii) ٻولي، علم طبعيءَ (anatomy) سان واسطو رکي ٿي. علم طبعيءَ جي لحاظ کان، انسان جي دماغ ۾ اهڙا خانا (Cells) موجود آهن، جن جو واسطو ٻوليءَ (ڳالهائڻ) سان ثابت ڪيو ويو آهي.

(iii) ڪافي وقت تائين لڳاتار ڳالهائڻ جاري رکڻ لاءِ، قدرت طرفان انسان کي هوا ڪڍڻ ۽ اُن کي ڦڦڙن طرف ڦوڪڻ جي خاص سهوليت (Respiratory adjustment) طور 'وات وارو کوہ' (sound track) عطا ڪيو ويو آهي، جنهن ٻوليءَ جا آواز پيدا ٿين ٿا. انسان ذات کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ جاندار جي جسم ۾ 'آوازن جي پڙ' جهڙي ڪابہ جاءِ عطا ٿيل ڪانهي، جنهن هُو آواز پيدا ڪري سگهي." (Lennedberg Eric, 1976)

ٻوليءَ جي ابتدا جي سلسلي ۾، ماهرن جو رايو آهي تہ: "انسان ذات، هن جادوءَ روپي وايو منڊل ۾ ڳالهائڻ سکيو. اُنهن ماهرن جي خيال موجب جڏهن ڪوبہ ٻار هن دنيا ۾ جمندو آهي تڏهن سندس چوڌاري ماحول وارو گوڙ ۽ گهمسان، سندس ڪنن تائين پهچندو آهي. اُن جي ماءُ جي مامتا وارا ۽ پيار سان پيريل مٺا ٻول، پيءُ جو پيار پريو آواز، عزيزن قريبن، مٽن ۽ مائٽن جا سڪ پريا سڏ، هن جي ڪنن تي پهچندا آهن.

جڏهن اُهو ٻار، ٿورو وڏو ٿي، ڳالهائڻ لڳندو آهي تڏهن چئجي تہ وايومنڊل ۾ جادوگري جاءِ وٺندي آهي. اُها جادوگري، جيڪا ڪيس شين جي سڃاڻپ ڪرائيندي آهي. ۽ اُهو ٻار محسوس ڪرڻ لڳندو آهي تہ ڪو ڪيس ٻڌي ٿو، سمجهي ٿو ۽ سندس آواز تي ڌيان ڌري ٿو.

لينبرگ جو اهو بہ رايو آهي تہ ڪنهن بہ ٻار جي ٻوليءَ جي ارتقا لاءِ ڪو معيار مقرر نہ آهي. هن سلسلي ۾، ماهرن اهو بہ ٻڌايو آهي تہ هر ٻار ٽيهن ٽن آوازن يعني [د، ب ۽ م] مان ڪوبہ هڪ آواز پهرين اُچارڻ لڳندو آهي، يعني ڪوبہ ٻار سڀ کان پهرين، يا تہ ٻن چپن وارو آواز [ب يا م] ڳالهائڻ لڳندو آهي، يا هو پهرين ڏندن وارو آواز [د] ڳالهائڻ شروع ڪندو آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ هر ٻار، پهرين 'ٻُرو آوسرگ' آواز اُچارڻ سکندو آهي. انهن آوازن سکڻ کان پوءِ، اُهو ٻار پهرين مفرد لفظ، يعني يا تہ پهرين مفرد اسم ڳالهائڻ سکندو آهي، ۽ يا تہ پهرين مفرد فعل ڳالهائيندو آهي. هُو گهٽو ڪري پهرين فعل وارو لفظ ڳالهائيندو آهي. پوءِ جيئن جيئن هُو وڏو ٿيندو ويندو آهي، تيئن تيئن سندس ذهني نشو و نما ٿيندي ويندي آهي، ۽ هُو ماحول سان وڌيڪ مانوس ٿيندو ويندو آهي، ۽ اهڙيءَ طرح سندس ٻوليءَ جي خزاني ۾ لفظن جو واڌارو بہ ٿيندو ويندو آهي.

ٻوليءَ جي ماهرن جو اهو بہ رايو آهي تہ هر ٻار پهرين هڪ لفظ يا 'هڪ ـ لفظو جملو' (One word sentence) ڳالهائڻ شروع ڪندو آهي، ۽ پوءِ آهستي آهستي ٻن لفظن وارو جملو پوءِ ٽن لفظن وارو جملو ۽ اهڙيءَ طرح سندس ٻوليءَ ۾ اضافو ٿيندو ويندو آهي. اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ هر ٻار، جنهن ٻوليءَ واري ماحول سان واسطو رکندو آهي، هُواُن ٻوليءَ جي وياڪرڻي سٽاء موجب ئي جملا خودبخود ڳالهائيندو آهي.

هن حقيقت مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ هر ٻار جي جيئن جيئن ذهني نشو نما ٿيندي ويندي آهي ۽ پنهنجي ماحول سان جيئن جيئن هن جي وابستگي وڌندي ويندي آهي، تيئن تيئن سندس ٻوليءَ جي لغوي ذخيري ۾ بہ اضافو ٿيندو ويندو آهي، ۽ هُو پنهنجيءَ ضرورت آهر، نوان نوان لفظ گهڙيندو ويندو آهي، ۽ پنهنجيءَ ٻوليءَ جي لغوي ذخيري ۾ اضافو ڪندو ويندو آهي. هن جي ٻولي، 'سادي' (simple) کان 'ڏکيري' (comple) ٿيندي ويندي آهي. اهو سلسلو اڃ بہ جاري آهي.

علم اللسان جي مشهور برطانوي ماهر، 'پروفيسر فرٿ' جي راءِ ۾: "هيءَ دنيا جنهن ۾ اسين رهون ٿا، انسان اُن جو هڪ اڻوٽ حصو آهي." (Firth, J.R., 1964: 19) هو اڳتي اکي ٿو: "انسان جيڪا ٻولي ڳالهائي ٿو سا فقط چپ جو ڏندن، سخت تارونءَ، نرم تارونءَ، مُورڙن يا ڪاڪڙي ڌانهن مٿي ڪجهي وڃڻ سبب، ۽ اُنهن مخرجن سان ميلاپ ڪرڻ سان ئي ڳالهائبي آهي. ٻولي فقط نڙي يا نڙگهٽ وٽ، هوا جي نليءَ ۾ سوڙهہ (گهُٽ) پيدا ڪري، آوازن جي اُچار ڪرڻ وارو عمل نہ آهي، پر ٻولي، دراصل، دماغ جي عمل جو ئي نتيجو آهي، جيڪو نبضن تي قبضو ڪري، اُنهن کان ڳالهائڻ جو ڪم وٺي ٿو. انهيءَ ڪري هيئن چوڻ تہ: "ڪنن جو ڪم آهي ٻڌڻ، اهو صحيح نہ آهي، ڇوتہ اسين ڪنهن آواز جي ٻڌڻ لاءِ ڪن ڪڙا نہ ڪندا آهيون. پر حقيقت ۾، دنيا ۽ معاشري ۾ جيڪي ڪجهہ وهي واپاري ٿو تنهن جي ٻڌڻ لاءِ اسان جا ڪن باخبر هوندا آهن." (Firth, J. R., 1964: 19)

پروفيسر فرٿ اڳتي لکي ٿو تہ: "انسان جو آواز انسان جي دماغ جي عمل (Postural Scheme) جو نتيجو آهي. انساني آواز ڪنهن عمل جو هڪ حصو آهي. اُن لحاظ کان هيٺئن چئبو تہ انسان جي ڳالهائڻ جو عمل سنڌس سڄي جسم سان واسطو ٿو رکي، خصوصاً سنڌس اُنهن عضون سان جن جي مدد سان هُو ساهہ کڻندو آهي پر اُن ۾ دماغ جو عمل دخل ڪجهہ وڌيڪ آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ انسان جي دماغ جو سنڌس ڳالهائڻ واري عمل تي قبضو رهي ٿو يا هيئن بہ چئي سگهجي ٿو تہ انساني دماغ هڪ منتظم وانگر ڳالهائڻ جي عمل جي سلسلي ۾ ڪم ڪري ٿو."

علم الانسان جي ماهر 'مورس سوئڊيش' جو هڪ نظريو هي بہ هو تہ: "دنيا جون سڀ ٻوليون هڪ ئي خاندان واريءَ ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتيون آهن. (Morris Swadesh, 1971) ۽ پٿر جي دور (Paleolithic) ۾ اُهي اُن هڪ ئي خاندان مان ڦٽي نڪتيون هيون. ۽ اهو عمل گهڻو ڪري پٿر جي وچئين دور واري زماني (Middle Paleolithic) ۾ اُن عرصي ۾ شروع ٿيو هو جڏهن 'چين وارو انسان' (Neantherthal man) موجود هو.

سوئڊيش جي نظريي، ٻوليءَ جي ٻين ماهرن جي ذهنن ۾ ڪيترائي سوال پيدا ڪيا، مثال طور:

(i) ٻوليءَ جي ابتدا جا اُهڃاڻ ڪڏهن کان ملن ٿا؟

(ii) ٻوليءَ پهرين ڪٿي جنم ورتو؟

(iii) ڇا اهڙي ڪا ٻولي وجود ۾ اچي چڪي هئي، جنهن مان ٻيون ٻوليون ڦٽي نڪتيون هيون؟

(iv) اشارن واري ٻولي، گفتگو واريءَ ٻوليءَ کان پهرين وجود ۾ آئي هئي يا پوءِ؟

(v) ڇا ٻوليون آهستي آهستي ۽ بتدريج وجود ۾ آيون يا اُنهن هڪدم ڪا صورت ورتي هئي؟

پر ٻولين جي ماهر 'برائن اسٽراس' ۽ ٻين ماهرن 'مورس سوئيڊيش' جي اُنهيءَ راءِ سان اتفاق نہ ڪيو پر برائن جي راءِ موجب: "ڌار ڌار ٻولين ۾ ساڳين لفظن جي موجود هجڻ جي آڌار تي هن (مورس سوئيڊش) اها دعويٰ ڪئي هئي. پر حقيقت ۾ ائين نہ آهي." (Brian Stross, 1976: 37)

برائن جي خيال موجب ائين بہ ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ انهن ٻولين ۾ هڪجهڙن لفظن جي موجود هجڻ جو سبب، اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ انهن ٻولين اهي لفظ شايد هڪ ٻئي کان اُڌارا ورتا هجن. يا هڪ ٻوليءَ جو ٻيءَ ٻوليءَ تي اثر ٿيو هجي. پر حقيقت ۾ اجاتائين اهو فيصلو ٿي نہ سگهيو آهي تہ دنيا جون مختلف ٻوليون ڪنهن هڪ ئي خاندان جي ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتيون آهن يا ڌار ڌار خاندانن وارين ٻولين مان.

اڳين ماهرن جي نظر ۾ هي بحث بہ هلندو رهيو تہ ٻولي / ٻوليون هڪدم هڪ ئي دفعي سان وجود ۾ آئي/ آئيون يا بتدريج ۽ آهستي آهستي، سماجي حالتن ۾ تبديليءَ ۽ ڦيرگهير اچڻ سان گڏ اُهي (ٻوليون) ڦرنديون گهرنديون، سڌرنديون ۽ مايئدار ٿينديون وئيون.

هن سلسلي ۾، 'ايرڪ ليننبرگ' (Eric Lenninberg) جو رايو آهي تہ ٻوليءَ واري قوت، انسان ذات کي هڪ خاص ذات طور عطا ٿي آهي، پر اهو ياد رکڻ گهرجي تہ ڪوبہ ذهني طور 'اپاهج انسان' (Retorted human being)، ٻولي سکي نہ سگهندو آهي، يا جيڪڏهن اهڙن ماڻهن مان ڪو پِڱل ٽٽل ٻولي ڳالهائي سگهندو بہ هوندو تہ بہ صوتي ۽ صرفي لحاظ کان هُو سؤ فيصد صحيح طرح سان ڳالهائي نہ سگهندو آهي.

هن سڄي بحث جو اختصار هي آهي تہ ٻولي، انسان ذات جو فطرتي ۽ قدرتي ورثو آهي. ۽ اهو ورثو انسان ذات کي سندس ابتدا يعني سندس جنم سان گڏ عطا ٿيو آهي. ۽ ٿيندو رهيو آهي. ۽ اُهو ورثو انسان ذات سان گڏ، بتدريج ترقي ڪندو موجوده مقام تي پهتو آهي.

**6. دنيا ۾ رائج ٻولين ۽ اُنهن جي ختم ٿي وڃڻ جا خدشا:**

هن حقيقت کان هاڻ ڪوبہ انڪار ڪري نہ سگهندو تہ دنيا، جيڪا هاڻ هڪ 'عالمي ڳوٺ' جو وجود وٺي چڪي آهي. اُن جي بازار ۾، ڪن ٻولين جي اجاره داري قائم ٿيندي پيئي وڃي. ۽ ڪن علائقائي ۽ صوبائي زبانن سان گڏ، ڪيترين ئي وڏين وڏين ٻولين کي بہ خطرو نظر اچي رهيو آهي. هڪ اندازي جي مطابق، ايڪيهين صديءَ ۾، دنيا جون 90 سيڪڙو ٻوليون، عدم موجود ٿي سگهن ٿيون. ويجهڙائيءَ ۾ اقوام متحده جي هڪ رپورٽ مطابق، 2500 کان بہ وڌيڪ ٻوليون، پنهنجو وجود ختم ڪرڻ واريون آهن. جڏهن تہ 234 ٻوليون تہ ختم ٿي چڪيون آهن. انهيءَ قسم جي خدشي جو اظهار معروف اديب، 'نارائڻ گهٽيش'، پنهنجي هڪ مضمون 'Speech is a part of our Cultural Society' ۾ ڪيو هو. اهو مضمون ڀارت جي مشهور اخبار، 'Times of India' جي 3، جنوري، 2007ع واري شماري ۾ ڇپيو هو. هن صاحب جي خيال موجب، دنيا جون اٽڪل 3450 ٻوليون، پنهنجو وجود ختم ڪري چڪيون آهن.

لسانيات جي هڪ ٻئي ماهر، 'ڊاڪٽر راروند ڪالا' جي راءِ موجب:

> "دنيا ۾ 6500 کان 6800 تائين ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن. انهن مان زياده تر ٻوليون، پنهنجو وجود وڃائڻ واريون آهن، ڇاڪاڻ تہ هر ٻن هفتن کان پوءِ ڪا هڪ ٻولي ختم ٿي رهي آهي. اهڙيءَ طرح هلندڙ صديءَ يا ايندڙ صديءَ جي ٿوري ئي عرصي اندر، بہ درجن هندستاني ٻوليون پنهنجو وجود وڃائي ويهنديون.

ماهرن جو رايو آهي تہ دنيا جي 6760 معروف ٻولين مان، 234 ٻوليون هاڻ پنهنجو دم ٽوڙي چڪيون آهن. جيڪڏهن اسين پنهنجين ٻولين جي تحفظ لاءِ سنجيده نہ ٿينداسين تہ ايندڙ صديءَ ۾، اسان جي ملڪ ۾ بہ ڪيترين ئي ٻولين جي ختم ٿي وڃڻ جو خطرو موجود آهي.

سال 1996ع ۾، يونيسڪو طرفان، شايع ڪيل هڪ لسانياتي نقشي ۾، 1600 کان بہ وڌيڪ ٻولين ۽ اُنهن جي لهجن کي خطري جي دائري ۾ ڄاڻايو ويو آهي.

روزانہ جنگ اخبار لاهور جي 19، جولاءِ، 2006ع واري شماري ۾ ڇپيل هڪ رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو هو تہ: "سڄيءَ دنيا ۾ ڳالهايون ويندڙ 7 هزار ٻولين مان، اڌ کان بہ وڌيڪ ٻولين کي هاڻ زندهہ رهڻ لاءِ وڏو خطرو نظر اچي رهيو آهي. موجوده صديءَ جي آخر تائين، 90 سيڪڙو ٻوليون ختم ٿي وينديون."

هڪ ٻيءَ رپورٽ ۾ ڄاڻايل آهي تہ اٽڪل 550 ٻوليون، تيزيءَ سان پنهنجي وجود جي خاتمي طرف وڌي رهيون آهن. ۽ دنيا ۾ انهن ٻولين جي ڳالهائيندڙن جو تعداد، هڪ سؤ کان مس وڃي بچيو آهي. آفريڪا ۽ بحر الڪاهل کان ايشيا جهڙي وڏي کنڊ ۾، سڀ کان وڌيڪ ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن. صرف ڀارت ۾ ئي، 427 ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن. اٽڪل هڪ ارب ماڻهن جي آبادي 'ميندرين ٻولي' ڳالهائيندي آهي، جڏهن تہ انگريزي ٻولي ڳالهائڻ وارن ماڻهن جو تعداد پنجاهہ ڪروڙ ۽ اسي لک کن آهي."

جنگ اخبار لاهور جي، 21، فيبروري، 2008ع واري شماري ۾، ڇپيل هڪ ٻئي مضمون مطابق، دنيا ۾ ڳالهايون ويندڙ 6912 ٻولين مان، 516 ٻوليون هاڻ ختم ٿي چڪيون آهن.

هڪ ٻيءَ سوچ مطابق، زماني ۾ ايندڙ تبديلين ۽ جدت توڙي سرڪاري ٻولين جي وڌندڙ استعمال سبب، دنيا جي مختلف ملڪن ۾ مادري ٻولين جي اهميت گهٽجي رهي آهي. عالمي سطح تي، سڀ کان وڌيڪ استعمال ٿيندڙ چيني ٻولي آهي، جڏهن تہ سرڪاري سطح تي، سڄيءَ دنيا جي ڌار ڌار ملڪن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻولي، انگريزي آهي.

ٻولين جي عالمي ڏينهن واري موقعي تي، جنگ اخبار جي 'ڊيولپمينٽ رپورٽنگ سيل' ۾ مختلف ذريعن جي حوالي سان، پاڪستان ۾ ڳالهايون ويندڙ ٻولين جي تعداد جي سلسلي ۾ ڄاڻايو ويو هو تہ:

> "پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ، يعني 48 سيڪڙو ماڻهو پنجابي ٻولي ڳالهائين ٿا. جڏهن تہ پاڪستان ۾، اردو ٻولي ڳالهائيندڙن جو تعداد، 8 سيڪڙو آهي. پاپوئا نيوگنيءَ واري ملڪ ۾، 20 ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن. اُن ملڪ ۾ بہ انگريزي ٻولي، سرڪاري سطح تي، سڀ کان وڌيڪ استعمال ڪئي ويندي آهي."

هن وقت، عالمي سطح تي هيءَ احساس زور وٺندو پيو وڃي تہ دنيا جون لاتعداد ٻوليون، ختم ٿيڻ واري خطري کي منهن ڏيئي رهيون آهن. اُنهن جي ختم ٿي وڃڻ لاءِ ماهرن جيڪي ڪارڻ بيان ڪيا آهن، اُنهن مان ڪي هي آهن:

(i) هڪڙو ڪارڻ هيءُ آهي تہ اُن ٻوليءَ جي ختم ٿي وڃڻ جو خطرو وڌيڪ آهي جنهن سان، اُن ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جي دلچسپي گهٽجي ويندي آهي. ٻيو ڪارڻ هيءُ آهي تہ اُها ٻولي جنهن تي عالمي طور مغربي تهذيب ۽ ثقافت، خاص ڪري انگريزي ٻوليءَ جو غلبو وڌندو ويندو آهي.

هن سوچ مان هيءُ نتيجو ٿو نڪري تہ ڪا بہ ٻولي تڏهن ختم ٿي سگهندي آهي، جڏهن اُن ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن مان ڪوبہ فرد باقي زنده بچي نہ سگهندو آهي.

ڪافي عرصو اڳ، اخبارن ۾ اها خبر شايع ٿي هئي تہ چين ملڪ جي هڪ بزرگ خاتون جي مري وڃڻ ڪان پوءِ اُها قديم چيني ٻولي بہ ختم ٿي وَئي، جنهن کي ڳالهائڻ واري فقط اُهائي بزرگ خاتون وڃي بچي هئي.

روزانہ جنگ اخبار لاهور جي 19، مارچ، 2010ع واري شماري ۾، محترم خالد مسعود، پنهنجي هڪ ڪالم ۾ لکيو هو تہ:

"گذريل مهيني ۾، 'انڊيمان ٻيٽن' جي هڪ رهاڪو پنجاهہ سالن جي هڪ خاتون، 'ٻوئا سينيئر' (Boa senior) هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري وَئي. اُها خاتون، 'انڊيمان ٻيٽن' جي هڪ هزار سالن جي قديم Bo ٻوليءَ جي آخري ڳالهائيندڙ ۽ اُن زبان جي آخري ڄاڻندڙ فرد هئي."

خالد مسعود صاحب اڳتي لکي ٿو تہ:

"هڪ محتاط اندازي مطابق، هن وقت دنيا ۾ ڳالهايون ويندڙ ٻولين جو تعداد 6700 کان 8000 جي وچ ۾ آهي. انهن ٻولين مان اٽڪل اڌ ٻوليون، ايندڙ صديءَ تائين ختم ٿي وينديون. هن وقت هڪ اندازي مطابق 7500 ٻوليون اهڙيون آهن، جيڪي ايندڙ ٿورن ئي سالن اندر ختم ٿي وينديون. اُنهن 7500 ٻولين مان، هڪ سوَ کان وڌيڪ ٻولين جو واسطو صرف آسٽريليا کنڊ جي مقامي ٻولين سان آهي. اهڙيءَ طرح اميريڪا ۾ رهندڙ مقامي ماڻهن جون لڳ ڀڳ 70 ٻوليون، برازيل ملڪ جون لڳ ڀڳ 50 ٻوليون، ڪئناڊا جون ڪل ملائي لڳ ڀڳ 150 مقامي ٻوليون، يا تہ سال 2000ع جي پهرئين ڏهاڪي ۾ ختم ٿي وئيون هونديون، يا ايڪيهين صديءَ جي پهرئين ڏهاڪي ۾ ختم ٿي وئيون هونديون. اهڙيءَ طرح ڀارت ۽ نيپال جون 20 کان وڌيڪ ٻوليون، صفحہ هستيءَ تان ميٽجي وينديون.

اهڙيءَ طرح هڪ ٻيءَ رپورٽ مطابق، موجوده زماني ۾، هڪ هزار کان 1500 جي وچ ۾، ڪي ٻوليون اهڙيون آهن، جيڪي پنهنجن ڳالهائيندڙن جي آخري نسل جي ختم ٿيڻ سان گڏ، ختم ٿي وينديون. انهن ٻولين جي ڳالهائيندڙن جو اولاد، پنهنجي والدين جون ٻوليون هاڻ ڳالهائي ئي نٿو سگهي.

اهڙيءَ طرح ٻہ هزار کن ٻوليون اهڙيون آهن، جن جي ڳالهائيندڙن جو تعداد هاڻي فقط هڪ هزار کن ماڻهن تي وڃي بيٺو آهي. انهن مان 55 ٻوليون اهڙيون آهن، جن جي ڳالهائيندڙن جو تعداد هاڻي هڪ سوَ ماڻهن کان بہ گهٽ وڃي بچيو آهي.

**7. دنيا جون اهم ٻوليون:**

دنيا جي پهرين ڏهن ٻولين جي ڳالهائيندڙن جو مجموعي تعداد، باقي 6700 ٻولين جي ڳالهائيندڙ ماڻهن جي تعداد جيترو ٻڌائين ٿا.

هندي ٻوليءَ کي اردو ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن جي تعداد ۾ شامل ڪرڻ کان پوءِ دنيا ۾ اُن ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙ ماڻهن جو جملي تعداد، 19 نمبر تي مڃيو ويو آهي. البت ديوناگري ۽ نستعليق رسم الخطن ۾، اُنهن ٻنهي ٻولين جي ڌار ڌار لکجڻ جي ڪري، اُنهن ٻنهي ٻولين جو دنيا ۾ ڌار ڌار تعداد گهٽجي وڃي ٿو.

روزانہ اخبار جنگ لاهور جي، 19 فيبروري، 2009ع واري شماري ۾، 'يوم مادري زبان' جي حوالي سان، شاهين حسين صاحب لکيو هو تہ:

> "اڄ اقوام متحده طرفان سڄيءَ دنيا ۾، 'يوم مادري زبان' ملهايو پيو وڃي. انهيءَ عالمي اداري جي مدد سان، يوم مادري زبان، سال 2000ع کان ملهايو ويندو آهي. انهيءَ سلسلي ۾، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس جي هڪ تحقيق موجب، سڄيءَ دنيا ۾، هاڻي 6712 ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن، جڏهن تہ گذريل 500 سالن ۾، تقريباً ايتريون ئي ٻوليون ختم ٿي وَئيون. عالمي سطح تي ٻولين جو ڪل تعداد. اُنهن جي ڳالهائيندڙن جو تناسب هڪجهڙو نہ آهي. صرف 75 ٻوليون اهڙيون آهن، جن جي ڳالهائيندڙن جو تعداد، هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ آهي. 8 ٻوليون اهڙيون آهن، جن جي ڳالهائيندڙ ماڻهن جو تعداد، ڏهن ڪروڙن کان مٿي آهي، جيڪو ڪل عالمي آباديءَ جو 40 سيڪڙو آهي. سڀ کان وڌيڪ ڳالهايون ويندڙ ٻوليون، چيني، هسپانوي (اسپينش)، انگريزي، هندي (اردوءَ جي ڳالهائيندڙن جي تعداد سميت)، پورچوگالي، بنگالي، روسي، فرينچ ۽ عربي ٻولي آهن. جڏهن تہ دنيا جون 80 سيڪڙو ٻوليون، صرف ويهن ملڪن ۾ ڳالهايون وينديون آهن. اهڙيءَ طرح دنيا ۾، 204 ٻولين جا ڳالهائيندڙ ماڻهو، هاڻ صرف ڏهن ڏهن فردن کان ٿورو وڌيڪ ماڻهن تي مشتمل آهن. 344 ٻولين جي ڳالهائيندڙ ماڻهن جو تعداد، هاڻ ڏهن کان 99 فردن جي وچ تي وڃي بچيو آهي.

عالمي سطح تي اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ دنيا ۾ صرف 100 ٻوليون اهڙيون آهن، جيڪي لکي ۽ پڙهي سگهجن ٿيون.

**8- پاڪستان ۾ بيوروڪريسي ۽ سياست ئي ٻولين جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ بڻيل آهن:**

(الف) حقيقت ۾ دنيا ۾ مختلف قومن ۽ اُنهن قومن جي ماڻهن جي علمي ۽ ادبي معيار اُنهن جي سماجي مقام، اُنهن جي حيثيت ۽ اُنهن جي سماجي قدرن کي اُتي جي بيورو ڪريسيءَ ۽ سياست ئي تباهہ ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح اسان جي ملڪ جون مختلف ٻوليون، خاص ڪري سڀ مادري ٻوليون تہ پاڪستان جي قائم ٿيڻ واري زماني کان ئي بيوروڪريٽس ۽ سياست جي ور چڙهي وئيون آهن. پاڪستان، اُنهن ملڪن مان هڪ آهي جتي انگريزي ٻوليءَ کي، وقت جي اهم ضرورت سمجهڻ سبب، بالادستي حاصل رهي آهي.

دنيا جي هر ملڪ ۾ عام ماڻهن جي هڪ ٻئي سان رابطي، لهہ وچڙ ۽ انساني ڀائيچاري جو ذريعو ٻولي ئي هوندي آهي، پر اسان جي ملڪ، پاڪستان ۾ سياست، قومي يڪجهتيءَ، انساني ڀائيچاري ۽ انساني همدرديءَ جهڙين سماجي ۽ مذهبي ڳالهين کي، لڳ ڀڳ ختم ئي ڪري ڇڏيو آهي. اُن جي پيٽ ۾ اسان وٽ دهشتگردي ۽ طبقاتي فرق زور وٺندو ويو آهي. پاڪستان ۾ مهانگن انگريزي ذريعہ تعليم وارن اسڪولن ۾ پنهنجن ٻارن کي پڙهائڻ، وڏي ماڻهوءَ هجڻ جي علامت سمجهي ويندي آهي. انگريزي ٻولي تہ هر دور ۾ حاڪمن جي ئي ٻولي رهي آهي. هن وقت بہ اسان جي ملڪ ۾ انگريزي، سرڪاري ۽ دربار جي ٻولي مڃي وَئي آهي، جڏهن تہ عوام جي غريب طبقي، يعني سنڌ، پنجاب، خيبرپختونخوا، بلوچستان، گلگت- بلتستان، سرائڪي خطي ۽ فاٽا واري علائقي جي عام ماڻهن، پنهنجين مادري زبانن- سنڌي، پنجابي، پشتو بلوچي، هندڪو سرائڪي، براهوئي، شينا، بالتي، بروشڪي، کووار ۽ وخي ٻولين کان سواءِ، تور والي، بشگالي، گوجري، ڪوهستاني، ڪالامي ۽ ڪافري وغيره ٻولين کي، پنهنجن سينن ۾ سانڍي رکيو آهي. اسان کان تہ بهتر بنگلا، اُڙيا، بهاري، گجراتي، مرهٽي، راجستاني، هندي، هرياڻوي، تامل، تيليگو ڪنڙ، پوربي، ڪشميري ۽ اهڙيون ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ قومون آهن، جن کي پنهنجين ٻولين ۽ تهذيب تي هميشه فخر حاصل رهيو آهي.

ڏٺو ويو آهي پاڪستان ۾ انگريزي ٻوليءَ جي جاءِ تي، اردو ٻوليءَ جي نفاذ جي سلسلي ۾ اردوءَ جا طرفدار بيوروڪريٽس جي مقابلي ۾ پنهنجي جنگ هارائي چڪا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ سنڌي، پنجابي، پشتو بلوچي، براهوئي، شينا، بلتي، هندڪو سرائڪي، کووار توڙي وخي ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏيڻ جي سلسلي ۾ بہ پاڪستان جا بيوروڪريٽس ۽ ڪي سياستدان رڪاوٽ بڻيل آهن.

اها بہ حقيقت آهي تہ پاڪستان ۾ رهندڙ سڀ قومون، سواءِ سنڌي قوم جي، پنهنجين مادري زبانن کي، قومي ٻولين جي حيثيت ڏيارڻ واريءَ حقيقت کي لڳ ڀڳ وساري ويٺي رهيون آهن. اُنهن سڀني قومن

ڪي. اردوءَ سان گڏ پنهنجين مادري ٻولين. جهڙوڪ: پنجابي، پشتو بلوچي، سرائيڪي، هندڪو براهوئي، شينا، بالتي، بروشسڪي، کووار ۽ وخي وغيره مادري ٻولين کي، پاڪستان جون قومي ٻوليون مڃرائڻ لاءِ، سنڌي عوام سان گڏ، ڪُلهو ڪلهي ۾ ملائي، جدوجهد ڪرڻ گهرجي.

حيرانيءَ جي ڳالهه هيءَ به آهي ته اسان مان وڏي تعداد ۾ ماڻهن کي اهاب خبر ڪانهي ته موجوده وقت پاڪستان جي صرف اُترين علائقن ۾ ڪيتريون ۽ ڪهڙيون ڪهڙيون ٻوليون، ڳالهايون ويندڙيون آهن. ۽ اُنهن مان هرهڪ ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جو مجموعي تعداد ڪيترو هوندو؟ انهن علائقن ۾، موجوده وقت رائج ٻولين مان بلتي، شينا، داردي، ڪوهستاني، بروشسڪي، کووار، وخي، ڊومڪي، گوجري، توروالي، بشگالي، ڪافري ۽ شفني وغيره ٻوليون، وڏي تعداد ۾ عام ماڻهن جون ٻوليون آهن. جن ۾ وڏو لوڪ ادب به موجود آهي. اهي سڀ ٻوليون، پاڪستان ۾ توجهه جي لائق آهن. پر پاڪستان جي هر صوبي ۾ حڪمر هلائڻ وارا بيوروڪريٽ، هن مسئلي سان ڪابه دلچسپي نٿا رکن.

حيرانيءَ جي ڳالهه هيءَ به آهي ته 70 سالن جي عرصي گذري وڃڻ جي باوجود، پاڪستان ۾ ٻولين جي سلسلي ۾ اڃا تائين نه ڪا پاليسي جوڙي وئي آهي، ۽ نه ئي وري ڪو اهڙو سروي ئي ڪرايو ويو آهي جنهن جي ذريعي اها خبر پوي ته پاڪستان جي ڌار ڌار صوبن ۽ علائقن ۾، ڪهڙيون ڪهڙيون ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن. ۽ اُنهن مان هرهڪ ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جو ڪل تعداد ڪيترو آهي. يا وري اُهي ٻوليون ڪهڙن ڪهڙن لهجن ۾ ورهايل آهن؟

پاڪستان جو وڏو الميو هي به آهي ته ملڪ جي آدمشماريءَ ۾ به اها ئي سياسي چالبازي ڪيڏي ويندي آهي. ۽ آدمشماريءَ وقت به هڪ خاص گروهه، پنهنجيءَ ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جو تعداد وڌيڪ ڏيکارڻ لاءِ، ملڪ جي هن مسئلي کي به سياست جي ور چاڙهي ڇڏيندو آهي.

انهيءَ کان سواءِ Urbanization جي وڌندڙ دلچسپيءَ، ڳوٺن ۽ هر صوبي جي پسماندن علائقن مان هزارين ڪٽنب، روزگار جي تلاش ۾، روازنو نقل مڪاني ڪندا رهندا آهن. اُنهن ڪٽنبن جا ماڻهو شهرن ۾ ڪجهه عرصو رهڻ کان پوءِ، اُنهن جو نسل، آهستي آهستي پنهنجيءَ مادري زبان کان ڪٽبو ويندو آهي.

اڄ، پاڪستان جي وڏن شهرن، خاص ڪري ڪراچي، لاهور، ملتان، پشاور، حيدرآباد، سکر ۽ ڪوئيٽا وغيره ۾، صوبن جي اندرين علائقن يا اُترين علائقن کان لڏي آيل ڪٽنب، جن ۾ پنجابي، بلوچي، پختون، هندڪو، چترالي، گلگتي، هنزئي، بلتي ۽ سرائيڪي پٽيءَ جي ديهي آباديءَ جي لڏي آيل ڪٽنبن جو نئون نسل، پنهنجن مادري ٻولين کان ڪٽجي، ۽ اردو ٻوليءَ طرف مائل ٿي رهيو آهي. سنڌ ۾ ته صدين کان ڳالهائي ويندڙ يا ورهاڱي کان پوءِ ڀارت جي گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ کان لڏي آيل آباديءَ جا ماڻهو

جن جي ٻارن جو ذريعہ تعليم گجراتي هو اُنهن سيني ماڻهن جي عدم دلچسپيءَ سبب، سنڌ مان هاڻ گجراتي ٻولي لڳ ڀڳ ختم ٿي چڪي آهي.

اهڙيءَ طرح يورپ، اميريڪا، فرانس، جرمني ۽ اٽلي توڙي آسٽريليا طرف لڏي ويل هزارين ڪٽنبن کان سواءِ، ورهاڱي کان پوءِ ڀارت مان اُنهن ملڪن طرف لڏي ويل هزارين ڪٽنبن جي ٻئي نسل، پنهنجيءَ مادري ٻوليءَ کي خيرباد چئي ڇڏيو آهي. اهي ٻار هاڻ پنهنجي مادري زبان ڳالهائي ۽ سمجهي به نہ سگهندا آهن. ورهاڱي کان پوءِ ڀارت لڏي ويل سنڌي ڪٽنبن جي نئين نسل جو هاڻ اهوئي حال آهي.

انهيءَ تناظر جي مطالعي کان پوءِ هي ٻڌائڻ بہ مناسب آهي تہ 'سي آئي اي ورلڊ فئڪٽ بڪ' مطابق، پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ تناسب پنجابي ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن جو آهي. انهيءَ رپورٽ مطابق، پاڪستان ۾ 48 سيڪڙو پنجابي ٻولي، 12 سيڪڙو سنڌي ٻولي، 10 سيڪڙو سرائڪي ٻولي، 8 سيڪڙو پشتو ٻولي، 8 سيڪڙو اردو، 3 سيڪڙو بلوچي، 2 سيڪڙو هندڪو هڪ سيڪڙو براهوئي ٻولي، جڏهن تہ باقي 8 سيڪڙو انگريزي ۽ ٻين ٻولين ڳالهايون ويندڙيون آهن.

## 10_ موجوده وقت دنيا ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت:

اڳ ۾ 'سي آئي اي ورلڊ فئڪٽ بڪ' کان سواءِ، 1981ع واريءَ پاڪستان جي آدم شماريءَ واريءَ رپورٽ ۾، پاڪستان ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن جو تناسب بہ پيش ڪيو ويو آهي. انهن ادارن کان سواءِ عالمي ادارن کان وٺي، اميريڪا جي 'سانا' ۽ برطانيا جي ورلڊ سنڌي ڪانگريس' توڙي پاڪستان ۾ ڪم ڪندڙ ڪنهن بہ قومي ۽ سرڪاري اداري طرفان، پنهنجيءَ ڪنهن بہ اهڙيءَ رپورٽ ۾ اهو ڪونہ ٻڌايو آهي تہ دنيا جي مختلف ملڪن ۾، موجوده وقت آباد، سنڌي ماڻهن جو ڪل تعداد ڪيترو آهي؟ انهن ادارن اهو بہ ڪونہ ٻڌايو آهي تہ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ موجوده وقت، سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي ٻوليءَ جو مقام ۽ اُن جي حيثيت ڪهڙي آهي. نہ ئي وري ڀارت ۾ بہ ڪنهن اداري، دنيا جي ملڪن تہ خير، پر ڀارت جي ڌار ڌار رياستن ۾، ورهاڱي کان صديون اڳ، يا ورهاڱي کان پوءِ سنڌ مان ڀارت لڏي ويل، ۽ ڌار ڌار رياستن ۾ آباد سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن جي باري ۾ اهڙي ڪا جامع رپورٽ ڇپائي پڌري ڪئي آهي (اهڙي ڪا رپورٽ منهنجي نظر مان ڪانہ نڪتي آهي).

مون پنهنجي ڪتاب: 'سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي' (ٻهريون ڇاپو 1990ع) ۽ هاڻي ڪمپوز ٿيندڙ ڪتاب: 'Let's Learn Sindhi' ۾ پاڪستان ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن جا انگ اکر ۽ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت جي باري ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي، پر منهنجي اها رپورٽ بہ مون ڌار ڌار ملڪن جي سئر ۽ سفر دوران، يا اُنهن ملڪن جي مرڪزي شهرن ۾ ڪوٺايل ڪانفرنسن ۽ سيمينارن جي موقعن

تي، ڊار ڊار سنڌي ماڻهن سان اُنهن شهرن ۾ ساڻن ٿيل ملاقات وقت، ونائنن حاصل ڪئي هئي، جيڪا هڪ اندازي مطابق هئي. منهنجي اطلاع موجب، هن وقت، سنڌي ڳالهائيندڙ (ڪڇي، ڍاٽڪي، ڪاٺياواڙي ۽ جدگالي لهجن سميت)، ميمڻ، خوجا، ڪڇي، ڪاٺياواڙي ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ ٻيون هندو ۽ مسلمان قومون، دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رهن ٿيون، جتي اُنهن ماڻهن ڪوشش ڪري، پنهنجي هر نسل سان، سندن مادري ٻوليءَ، يعني سنڌيءَ، ڪڇيءَ، ڪاٺياواڙيءَ ۽ ڍاٽڪيءَ کي قائم رکيو آهي.

هت آءٌ اهو به عرض ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان ته 1947ع ۾ ڀارت جي ورهاڱي کان به صديون اڳ، ڀارت جي رياستن، ڪڇ، راجستان ۽ ڪاٺياواڙ جي اڳوڻين رياستن، جهوناڳڙهه، راجڪوٽ، ماناوادر ۽ هالار وغيره کان سواءِ، جيسلمير، جوڌپور، ميواڙ مارواڙ توڙي خانديش ۾ آباد جت، ميگهواڙ، مڱڻهار ميراسي، سومرا، ٽڪر، سما، ڪنٻير ۽ ٻيون سماٽ قومون، اُنهن رياستن ۾، سومرن ۽ سمن جي حڪومت واري زماني (1010ع - 1521ع) کان وٺي، اڄ ڏينهن تائين پنهنجي مادري ٻوليءَ، سنڌيءَ ۽ اُن جي ڊار ڊار لهجن کي، مادري ٻوليءَ طور قائم رکيو اچن. ايتري قدر جو ورهاڱي کان اڳ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ جي ڪن رياستن ۽ گجرات جي جهوناڳڙهه رياست جي مدرسن ۾، ديني تعليم، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏني ويندي هئي، ۽ انهن مدرسن لاءِ، سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ديني ڪتاب، ڪڇ ۾ ئي، پراڻي سنڌيءَ جي رسم الخط ۾ ڇپيا هئا. اُنهن ڪتابن جون ڪي ڪاپيون، اڄ به، سنڌالاجي، شاهه ولي الله اڪيڊمي توڙي سنڌ ۾ قائم ڪن پراڻن مدرسن جي ڪتبخانن ۾ موجود آهن.

اهڙيءَ طرح اسماعيلي فڪر جي 'ست پنٿ' طريقي جو 'گنانن' (منظوم ڪلام) جي صورت ۾، علمي خزانو (ورهاڱي کان اڳ) ممبئيءَ ۾ قائم ڪيل 'سنڌي پريس' ۾، 'خوجڪي سنڌي رسم الخط' ۽ 'گجراتي رسم الخط' ۾ ڇپايو ويندو هو. اُهو ڇپيل علمي خزانو اسماعيلي جماعت جي جماعت خانن سان قائم ڪتبخانن ۽ لنڊن ۾ انسٽيٽيوٽ آف اسماعيلي اسٽڊيز جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي.

موجوده زماني ۾، ورهاڱي کان پوءِ به ڀارت جي مٿي ڄاڻايل پراڻين رياستن ۾، اُهي پراڻيون سوين سنڌي ڄاتيون، سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي مادري ٻوليءَ طور موجوده زماني ۾ به قائم رکنديون اچن. اُهي ڄاتيون، پنهنجي سماجي، ثقافتي ۽ لوڪ ادب ۽ لوڪ ڪلا جي ڪچهرين ۾ اڄ به سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي ويچار ونڊيندڙيون آهن. البت آءٌ اهو ضرور عرض ڪندس ته اُنهن رياستن جي راڄائن ته اُنهن ماڻهن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي سکڻ جي ٻاري ۾ ڪجهه به نه ڪيو. پر افسوس هي آهي ته ورهاڱي کان پوءِ، سنڌ مان لکن جي تعداد ۾ لڏي ويل، ۽ اُنهن ئي رياستن ۾ آباد ٿيل سنڌي واپارين، اديبن، ڪامورن ۽ سماجي هندو ڪارڪنن به، اُنهن قديم زماني کان آباد ماڻهن ۽ اُنهن جي ٻوليءَ، سنڌيءَ جي ڪا به سار ڪانه لڌي آهي.

انهن ماڻهن جي سماجي حالت اها آهي جو انهن رياستن جي سماج ۾ انهن رياستن جي اصلي ڳالهائيندڙ سنڌي جاتين جي سرڪاري طور اڄ به ڪا حيثيت ڪانهي.

هوڏانهن ورهاڱي کان پوءِ سنڌ مان لڏي ويل سنڌي شرنارٿين کي ڪنهن رٿا موجب ڪنهن هڪ رياست جي هڪ يا ٻن شهرن ۾ آباد ڪرڻ جي بدران، اُنهن کي ڀارت جي ڏار ڏار رياستن ۾ ڇڙوڇڙ ڪيو ويو. اُهي لڏي ويل سنڌي ڀارت ۾ ممبئي، پوني، ڀوپال، دهلي، آگري، اُتر پرديش جي شهرن، آندرا پرديش جي شهرن، مهاراشٽر، ڪڇ، گجرات، راجستان جي وڏن وڏن شهرن، جهڙوڪ: جئه پور، جوڌپور، جيسلمير، ميواڙ مارواڙ اجمير ۽ ڏکڻ هندستان جي شهرن: حيدرآباد دکن، بنگلور، تيليگو ديشم، ڪرناٽڪا کان سواءِ ڪلڪتي ۽ اوڙيسا ۾ رهايو ويو. انهن سنڌين، پنهنجي گذر ۽ معاش ۽ آباد ٿيڻ لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون. اُنهن سون جي تعداد ۾ پنهنجي رهائش لاءِ ڪالونيون ٺاهيون. اُنهن ڪالونين ۾ اُلهاس نگر، گانڌي ڌام، چيمبور ۽ پمپري هن وقت شهرن جي صورت ورتي آهي.

اُنهن سنڌين، ڀارت ۾ رهي، سنڌي ٻوليءَ جي بقاءِ ۽ بچاءَ لاءِ، وڏي جدوجهد به ڪئي، ۽ نيٺ ڀارت سرڪار، پنهنجي آئين جي 20 شيڊول ۾، سنڌي ٻوليءَ کي به، قومي ٻوليءَ طور منظور ڪري شامل ڪيو پر افسوس آهي جو اُتي به سنڌي اڳواڻ، ٻوليءَ جي لپيءَ جي مسئلي تي، ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا. اُنهن مان هڪڙي گروهه جو خيال هو ته سنڌي ٻوليءَ کي، عربي- سنڌي لپيءَ ۾ئي رائج رکجي، پر ٻئي ڪٽر برهمڻي سوچ رکندڙ گروهه وارن جو خيال هو ته ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ديوناگري لپيءَ ۾ لکيو وڃي. نيٺ پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي ٻنهي لپين ۾ ڪتابن جي ڇپجڻ جو يا پڙهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

ڀارت سرڪار، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ 'نئشنل ڪائونسل فار ڊيولپمينٽ آف سنڌي لئنگئيج'(NCDSL) جي نالي سان هڪ ادارو قائم ڪيو ۽ اُن اداري لاءِ، هرسال به ڪروڙ رپيا گرانٽ طور منظور ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اهڙيءَ طرح جن جن شهرن ۾ سنڌي جاتيءَ جا ماڻهو آباد آهن، اُتي جي رياستي سرڪار هرسال، هڪ هڪ ڪروڙ رپيا، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ، گرانٽ طور ڏيڻ جي منظوري ڏني. يونين سرڪار طرفان جوڙيل ڪميٽيءَ کان سواءِ، رياستي سرڪارن طرفان جوڙيل ڪميٽين، پوءِ هرسال عربي- سنڌي لپي ۽ ديوناگري لپيءَ ۾ شايع ٿيندڙ ڪتابن جي مالي مدد پڻ ڪئي، ۽ ادبي اوارڊ پڻ ڏيڻ شروع ڪيا جيڪي اڄ به جاري آهن.

پر ڀارت ۾، سنڌي ٻارن لاءِ وڏو مسئلو هي آهي ته اُتي جيئن ته سنڌي، ڪنهن به رياست جي سرڪاري ٻولي ڪانهي، انهيءَ ڪري جن جن شهرن ۾ سنڌي جاتي آباد ٿي آهي، اُتي شروع ۾ قائم ڪيل سنڌي اسڪول به آهستي آهستي بند ٿيندا ويا. ۽ اُن کان سواءِ اڄڪلهه شاگردن جو ڌيان اهڙن مضمونن طرف آهي، جن مضمونن

لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي سکڻ ڪا به ضروري نہ آهي. انهيءَ ڪري هاڻي پارت ۾ نئين پيڙهيءَ جو ڌيان سنڌي ٻولي سکڻ طرف بلڪل ڪونهي، ۽ ڪيترن ئي ڪٽنبن جي گهرن اندر سنڌي ٻولي ڳالهائي بہ نٿي وڃي.

پاڪستان ۾ پاڪستان جي قيام واري اوائلي ٻن سالن کان وٺي، 1970ع تائين، سنڌي ٻوليءَ جي سڃاڻ، سنڌي ٻوليءَ جي تحفظ لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. 1950ع ۾ ڪراچيءَ کي، سنڌ کان ڌار ڪرڻ واري زماني کان وٺي، پهرين 1954ع ۾ ون يونٽ جي قيام ۽ پوءِ 1958ع ۾ جنرل محمد ايوب خان جي مارشل لا واري زماني ۾ ۽ وري پوءِ 1977ع کان 1988ع تائين جنرل ضياء الحق جي مارشل لا واري زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سپوتن- شاگردن، صحافين، سياسي ڪارڪنن، اديبن، شاعرن ۽ قوم پرست سنڌي بيورو ڪريٽن، سنڌي ٻوليءَ جي بقاءَ ۽ بچاءَ لاءِ وڏي جدوجهد ڪئي. اهو هڪ وڏو داستان آهي. اُن جو تفصيل سان ذڪر، 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' ڪتاب ۾ ڪيو ويو آهي.

بهرحال، 1971ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت واري زماني ۾، 7 جولاءِ 1972ع تي، سنڌ اسيمبليءَ طرفان 'سنڌي ٻولي ائڪٽ' منظور ڪري، سنڌي ٻوليءَ کي هميشه لاءِ تحفظ مهيا ڪيو. پوءِ پيپلزپارٽيءَ جي هر حڪومت جي زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تحفظ ۽ ترقيءَ لاءِ ادارا قائم ڪيا ويا، ۽ اُنهن ادارن کي وڏيون رقمون گرانٽ طور ڏنيون وڃيون. هن حڪومت طرفان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ڀلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽري ۽ ڪلچر، نواب شاهہ ۾ 'شاهہ لطيف چيئر'، 'ڪراچي يونيورسٽي'، 'سچل چيئر' ۽ 'روضي ڏٽي چيئر'، شاهہ لطيف يونيورسٽي، خيرپور کان سواءِ 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ' جهڙا ادارا قائم ڪيا. سنڌي ادبي بورڊ تہ ڪنهن ٻئي نالي سان، پاڪستان جي قيام کان اڳ ئي قائم ڪيو ويو هو. هن وقت، سنڌي ادبي بورڊ سميت، انهن ادارن جي لاءِ وڏيون سرڪاري گرانٽون منظور ٿيل آهن. ۽ هر اداري پنهنجو لاثاني ڪم ڪيو بہ آهي. البت وفاقي سطح تي، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪوبہ ادارو قائم ڪيل ڪونهي. ايتري قدر جو اڪادمي ادبيات پاڪستان طرفان سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کي فقط هڪ لک روپيا ساليانو گرانٽ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن تي ادبي اوارڊ ڏنا ويندا آهن.

سنڌ حڪومت 1976ع ۾ تعليم کاتي جي نگراني ۾ ثقافت سيل قائم ڪيو هو جنهن کي 1988ع ڌاري سنڌ ڪلچر ڊپارٽمينٽ ۾ تبديل ڪري هڪ الڳ کاتو قائم ڪيو ويو. هن کاتي هن وقت تائين سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌي ثقافت جي وڏي خدمت ڪئي آهي. سنڌ سرڪار جي هن کاتي طرفان، سنڌي ثقافت کان سواءِ لال شهباز قلندر، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ ٻين صوفي شاعرن جي ڪلام جي شناسائيءَ کان سواءِ اديبن، شاعرن، سگهڙن ۽ فنڪارن جي جياپي لاءِ ڪين ماهوار الائونس ڏيڻ جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو ويو هو اُن جي ڪري سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي اديبن، شاعرن ۽ سگهڙن جي مالي مدد ڪئي ويندي آهي.

هن ڪاٿي جتي سنڌي ادب جي اشاعت جي سلسلي ۾ اهم ڪم ڪيو آهي، اُتي شاندار لائبرريون بہ قائم ڪيون آهن. اُن ڪان سواءِ ڪي ادبي ادارا بہ هرسال ڏيڻا ڪيا اٿن.

منهنجي ذاتي مطالعي ۽ ڄاڻ موجب، هن وقت يورپ جي ملڪن: برطانيا، فرانس، جرمني، اٽلي، بيلجم، اسپين، پورچوگال، هالنڊ، ناروي ۽ اسڪئنڊينيوئين ملڪن ۾ ڪل ملائي ويهن لکن جي تعداد ۾ آباد سنڌي ڪٽنب (ڪڇي، ڪاٺياواڙي ۽ سنڌي) جن ۾ خوجا، ميمڻ، ڪڇي ۽ لکن جي تعداد ۾ بيا هندو ۽ مسلمان سنڌي، انهن ملڪن ۾ پنهنجي مادري ٻوليءَ سنڌيءَ کي قائم رکيو اچن. اهڙيءَ طرح اميريڪا، ڪئناڊا، ڏور مشرق، آسٽريليا ۽ نيوزيلئنڊ جي مختلف شهرن ۾ هزارن جي تعداد ۾ سنڌي ڪٽنب آباد آهن، جن بہ پنهنجن گهرن ۾، پنهنجيءَ جاتيءَ جي سماجي ۽ ثقافتي محفلن توڙي پنهنجي ڌرم جي ڪريا ڪرمن ۾ پنهنجيءَ مادري زبان، سنڌيءَ کي قائم رکيو آهي. اُنهن ڪٽنبن مان، اميريڪا ۾ 'واڌومل ائنڊ سنز' جهڙا وڏا واپاري بہ آهن، جن جا اميريڪا ۾ مون، وڏا وڏا واپاري مرڪز بہ ڏٺا. اهڙيءَ طرح لنڊن ۾ چيلا رام کيمچند ائنڊ برادرس' ۽ ٻين سنڌي واپارين جا وڏا مرڪز قائم آهن.

اهڙيءَ طرح ايسٽ آفريڪا، مغربي آفريڪا جي ڪن ملڪن تنزانيا، ڪينيا، يوگئنڊا ۽ موزمبيق ڪان سواءِ، ڏکڻ آفريڪا جي وڏن وڏن شهرن توڙي مصر، تيونس، لبيا ۽ لبنان ڪان سواءِ، عرب ملڪن جهڙوڪ: عراق، شام، مسقط، بحرين، ڪُويت، قطر، سعودي عرب ۽ گڏيل امارات جي ملڪن ڪان سواءِ، ايران، آسٽريليا، فيجي آئليندز ۽ نيوزيلئنڊ جي وڏن شهرن توڙي وچ مشرق ۽ ڏور مشرق جي ٻين ملڪن، جهڙوڪ: فلپائينس، منيلا، انڊونيشيا، ملائيشيا، سينگاپور، مالديپ، ٿائيلينڊ، سريلنڪا، جپان، ڏکڻ ڪوريا، سالومن ٻيٽن ۽ هانگ ڪانگ ۾ بہ، هزارن جي تعداد ۾ سنڌي ڪٽنب آباد آهن، جن بہ پنهنجين ڏار ڏار سرگرمين، سماجي ۽ ثقافتي محفلن، ڌرمي ڪرياڪرمن ۽ ست سنگ جي محفلن ۾ پنهنجيءَ مادري زبان، سنڌيءَ کي قائم رکيو آهي.

جن سڄڻن، وچ مشرق جي ملڪن: ڪرگزستان، اُزبڪستان، آئيزربائيجان ۽ تاجڪستان وغيره ملڪن ۾ سفر دوران، سون جي تعداد ۾ سنڌي واپاري ڪٽنب ڏٺا هوندا، جيڪي سنڌ ۽ هند ۾ 'سنڌ ورڪي' جي نالي سان، اڄ بہ ڄاتا ۽ سڃاتا ويندا آهن، اُهي سنڌي، اُنهن ملڪن ۾، انگريزن جي اوائلي زماني کان، پنهنجي وڻج واپار جي ڪري وڃي آباد آهن. اُهي اڄ بہ، پنهنجي مادري زبان، سنڌيءَ کي، پنهنجن سماجي، ثقافتي ۽ ڌرمي محفلن ۾ قائم رکندا آيا آهن.

**11- ڪن ادارن طرفان، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ڏانهن سرد مهريءَ جو اظهار:**

سنڌي ٻوليءَ جي، سڄيءَ دنيا ۾ ايتري قدر وسعت هئڻ جي باوجود، سنڌ، ڀارت توڙي اميريڪا، ڪئناڊا، برطانيہ ۽ ٻين ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي قوم پرستن طرفان، اُنهن ملڪن ۾ قائم ڪيل ادارن جي

باري ۾، اڄ ڏينهن تائين ڪابہ اهڙي رپورٽ شايع نہ ڪئي آهي، جنهن مان اهو معلوم ٿي سگهي تہ دنيا جي ڌار ڌار ملڪن جي ڌار ڌار شهرن ۽ وڏين وڏين بستين ۾ آباد سنڌي واپارين، وڪيلن، ڊاڪٽرن، انجنيئرن، ليڪچررن، پروفيسرن، اُستادن ۽ ٻين پيشن ۾ رڌل سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن جو ڪل تعداد ڪيترو آهي؟ نہ فقط اهو پر سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ سنڌي اداري، سڄيءَ دنيا ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن کي، انٽرنيٽ ذريعي، هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ جي باري ۾ بہ ڪا ڪوشش ڪانہ ڪئي آهي. البت ڪن ڪن نوجوانن، انفرادي طور سڄيءَ دنيا ۾ رهندڙ سنڌي جاتيءَ، سنڌي ادارن، ڪن سنڌي اهم شخصيتن کان سواءِ، ثقافتي موضوعن، جهڙوڪ: سنڌي موسيقيءَ، لطيف شناسيءَ، سچل شناسيءَ، سنڌي ادب ۽ سنڌي اخبارن ۽ رسالن جهڙن موضوعن جي باري ۾، ڌار ڌار websites تيار ڪري انهن کي انٽرنيٽ تي ضرور آندو آهي. اهڙيءَ طرح ڪن نوجوانن، انٽرنيٽ ذريعي، سنڌي ٻوليءَ جي سکڻ جا پروگرام بہ نيٽ تي آندا آهن.

پر منهنجي خيال ۾، سنڌ ۾ قائم سرڪاري ادارن، سواءِ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي باقي سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجيءَ، سنڌ ثقافت کاتي ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ توڙي ڀارت ۾ 'انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي' ۽ 'نئشنل ڪائونسل فار ڊيولپمينٽ آف سنڌي لئگنئيج' طرفان، سڄيءَ دنيا ۾ ايڏي وڏي تعداد ۾ رهندڙ سنڌي ڳالهائيندڙ عوام کي، هڪ پليٽ فارم يعني انٽرنيٽ ذريعي گڏ ڪرڻ ۽ هڪٻئي جي ويجهو آڻڻ لاءِ، اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ پروگرام ٺاهڻ جي لاءِ ڪڏهن سوچيو بہ نہ آهي؟ (يا ٿي سگهي ٿو تہ ان سلسلي ۾ آءٌ اڻڄاڻ آهيان)

هن وقت، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ، 'رومن- سنڌي رسم الخط' تيار ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي آهي، پر اٿارٽيءَ بہ، رومن- سنڌي رسم الخط ذريعي، انٽرنيٽ جي مدد سان، ڪمپيوٽر تي سنڌي ٻولي سيکارڻ لاءِ اڃا تائين ڪوبہ پروگرام ٺاهيو نہ آهي. اٿارٽيءَ، سال 2000ع کان پوءِ تہ پنهنجو سڄو عرصو ڪتابن جي ڇپائيءَ تي ڏنو آهي.

اٿارٽيءَ جو وڏو ۽ اهم ڪارنامو اهو آهي تہ هن اداري، 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا' جهڙي اهم پروجيڪٽ تي باقاعدا گهڻي سان تحقيق ڪري، اُن جا ڏهہ جلد شايع ڪرائي، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لازوال خدمت ڪئي آهي. اٿارٽيءَ 'مفصل سنڌي لغت' جهڙي سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ٻئي اهم پروجيڪٽ تي بہ وڏو ڪم ڪيو آهي. پر اٿارٽيءَ اندر قائم ڪيل 'سنڌي انفرميٽڪس شعبو' سنڌي ٻوليءَ جي فني ترقيءَ لاءِ، سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم کي زور وٺائڻ ۽ اُن ۾ ترقي آڻڻ لاءِ اڃا ڪوبہ پروگرام ظاهر نہ ڪيو آهي.

پڙهندڙن کي ياد هوندو تہ محترم ماجد ڀرڳڙيءَ، اڄ کان 20 سال اڳ، ائپل تي، سنڌي سافٽ ويئر آڻي، سنڌي ٻوليءَ جو ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ پهريون دفعو تعارف ڪرايو هو. اُن زماني ۾، اردوءَ وارا اڃا

خاموش هئا. اڄ، ڪمپيوٽر جي ميدان ۾ اردو زبان، اسان کان 50 سال اڳتي نڪري وئي آهي. سنڌي ڪمپيوٽنگ جي سلسلي ۾ سيد اياز شاهه ۽ ڪن ٻين نوجوانن ڪجهه قدر اضافو آڻي، سنڌي ٻوليءَ کي اليڪٽرانڪ ميڊيا جو ذريعو بڻايو هو پر اڄ ڪمپيوٽر جي دنيا، 100 سال اڳتي نڪري وئي آهي، جنهن لاءِ سنڌ جي يونيورسٽين ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کي گهڻوئي ڪجهه ڪرڻو پوندو.

انهيءَ ڪري مناسب ٿيندو ته ڪمپيوٽر جي مدد سان، انٽرنيٽ ذريعي، دنيا جي ڌار ڌار ملڪن ۾ آباد سنڌي ماڻهن کي، جن جو تعداد گهٽ ۾ گهٽ ٽيهه لک کن ٿيندو، رومن- سنڌي لپيءَ ذريعي، هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو وڃي. سنڌي ڳالهائيندڙن جي نئين نسل يا سنڌي ٻوليءَ سان دلچسپي رکندڙ هر مرد، خاتون ۽ ٻار کي، سنڌي ٻولي سيکارڻ جو اهتمام ڪيو وڃي، ۽ اُن کان سواءِ 'ورچوئل سنڌ' جهڙو پروگرام، جيڪو مون ڪجهه سال اڳ، سنڌ يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي وائيس چانسلر، مظهر صديقي صاحب جي خدمت ۾ پيش به ڪيو هو اهو پروگرام، يعني 'ورچوئل سنڌ'، سنڌالاجيءَ جي سهڪار سان شروع ڪري، سڄيءَ دنيا ۾ رهندڙ سنڌي ڪٽنبن کان سواءِ، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان دلچسپي رکندڙ ماڻهن کي هڪ ئي پليٽ فارم تي گڏ ڪيو وڃي.

هيءَ هڪ اهڙو مسئلو آهي، جنهن کي سنڌ يونيورسٽي، سنڌالاجي، سنڌ سرڪار جو ثقافت کاتو، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سانا ۽ ورلڊ سنڌي ڪانگريس وارا گڏجي هٿ ۾ کڻن. هن پروگرام جي ن۔ر ڪرڻ لاءِ 'سمٿ سونيئن انسٽيٽيوٽ' اُن وقت قبول ڪيو هو. سنڌ ثقافت کاتي ۽ سنڌالاجيءَ وٽ ۔ ام گهڻو مواد موجود آهي، فقط ڪم ڪرڻ جي نيت جي ضرورت آهي.

بهرحال 'عالمي تناظر' ۾، سنڌي ٻولي، اڄ جيڪو مقام حاصل ڪري چڪي آهي، اُن تي يونيسڪو کي به توجهه ڏيڻ لاءِ مجبور ڪرڻو پوندو. منهنجي خيال ۾، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌالاج۔ ۽ سنڌ ثقافت کاتو هن اهم ڪم تي توجهه ڏيئي، اُن جي شروعات ڪن.

## حوالا:

1ـ آصف: فرهنگ آصفيه، مقدمو ص 55 ۽ 59
2ـ سليم اختر، ڊاڪٽر: 2010ع، زبان، قومي اور بين الاقوامي تناظر مين، مقالو اخبار اردو ۾ ڇپيل، ڊسمبر، 2010ع اسلام آباد: مقتدره قومي زبان
3ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 2006ع، سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ص ص 9 ـ12
4- Melvin, L., Defleun and Sandra Ball Rokeach. 1959, Theories of Mass Communication. Longman. New york and London: 5th edition: P.37
5- Lennenberg Eric, 1976
6- Hymes, D., 1961, Functions of Speeches an Evolutionary Approach in Anthropology and Education, ed. F.C. Gruber Philadelphia University of Pennsylvania press, pp. 55-83
7- Firth, J.R.. 1964, The Tongues of Men and Speech, London: Oxford University Press, p.19
8- Brian Stross. 1976, The Origin and Evolutrun of Language, Texas: W.M.C. Brown Company, Publishers, p.20
9- Morris Swadesh, 1971

## سنڌي ٻوليءَ لاءِ پيدا ڪيل مسئلا ۽ انهن جي حل ڪرڻ ۾ حاصل ڪيل ڪاميابيون

1۔ دنيا ۾ ڳالهايون وينديڙ ٻوليون، قدرت جو هڪ معجزو ۽ انساني معاشري لاءِ هڪ ڪرشمي مثل آهن. فطرت جي سوانح نگار ۽ انسانيت جي فروغ جي علمبردار دنيا جي عظيم صوفي بزرگ، مولانا جلال الدين روميءَ، قدرت جي انهيءَ معجزي کان متاثر ٿي فرمايو تہ:

هر کسی را اصطلاح داره‌ایم، هر کسی را سیرتی بنهاده‌ایم

هندیان را اصطلاح هند مدح، سندیان را اصطلاح سنده مدح

يعني قدرت جي طرفان هر ماڻهوءَ کي سندس الڳ الڳ زبان عطا ڪئي وئي آهي، ۽ هر ماڻهوءَ کي الڳ الڳ طرز زندگي عطا ڪئي وئي آهي. هند وارن کي هند جون ٻوليون نصيب هجن ۽ سنڌ وارن کي سنڌي ٻولي مبارڪ هجي.

انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو تہ قدرت جي طرفان، هر قوم کي پنهنجي پنهنجي جداگانہ ٻولي ۽ پنهنجو پنهنجو جداگانہ تمدن عطا ڪيو ويو آهي. لهاذا، ڪائنات جي عظيم معجزن مان، سڀ کان اُتم ۽ اعليٰ معجزو ٻوليءَ/ ٻولين جي تخليق آهي، يعني هر ٻوليءَ جي تخليق، تعمير ۽ ترڪيب ۾ خود، خالق ڪائنات جوئي هٿ آهي. انهيءَ ڪري ڪوبہ عالم يا فاضل، فيلسوف يا سائنسدان، اها دعوي نٿو ڪري سگهي تہ فلاڻي ٻوليءَ جو خالق، فلاڻو عالم يا فلاڻو فاضل آهي، يا فلاڻيءَ ٻوليءَ جو ٺاهيندڙ فلاڻو فيلسوف يا فلاڻو سائنسدان آهي. دراصل دنيا جي هر ٻولي، انسان ذات کي هزارين نہ پر لکين سالن جي سماجي ميل جول، نشست ۽ برخواست، شاديءَ ۽ غميءَ، جنگ ۽ امن وغيره جي مسلسل عمل مان ظهور وٺندڙ قدرت جو هڪ معجزو آهي.

قدرت جي طرفان عطا ٿيل انهيءَ نعمت کي نيست ۽ نابود ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ، قدرت جي انهيءَ عظيم نعمت کي ٺڪرائڻ جي برابر آهي، ۽ قدرت جي انهيءَ نعمت طرف بي رخي اختيار ڪرڻ، الله تعاليٰ جي ناشڪريءَ جي برابر آهي. انهيءَ ڪري هر ملڪ ۾ هر ملت، بلڪ ڪل انسان ذات جي بهتريءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ هيءَ ڳالهہ ضرور سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ هر ڪا زبان، چاهي اُها ڪهڙي بہ ملڪ يا ڪهڙيءَ بہ قوم جي زبان هجي، قدرت جي هڪ مقدس امانت آهي. قدرت جي انهيءَ امانت جي حفاظت ۽ پرورش ڪرڻ، هر انسان جو اولين فرض آهي. (مولانا عبدالقادر پروفيسر، 1961ع، صدارتي تقرير، سماهي مهراڻ، 126 ۽ 127)

2۔ مملڪت خداداد پاڪستان هڪ، گهڻين ئي ٻولين ڳالهائيندڙ قومن يعني 'گهڻ۔ ٻوليائي قومن' ۽ ڪثيرالتعداد ثقافتن وارين قومن جو ملڪ آهي. انهيءَ ڪري پاڪستان جي سينيَ ٻولين جو مطالعو ڪرڻ ۽ اُنهن جو جائزو وٺڻ، حقيقت ۾ پاڪستان ۾ آباد سينيَ قومن جي ٻولين ۽ اُنهن قومن جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جو مطالعو ڪرڻ ئي آهي. اُنهن قومن ۾ رائج ٻوليون ۽ اُنهن جون ثقافتون، اُنهن مان هرهڪ قوم جي تخيلات، نظرين ۽ قوت احساس جو هڪ قسم جو رڪارڊ ئي آهي.

پاڪستان ۾ رهندڙ سينيَ قومن جي سماج ۾، هر دور ۾، اُنهن قومن جون ٻوليون ئي ڪارفرما رهيون آهن. انهن قومن جي روزمره جي زندگيءَ ۾ اُنهن جي ڌار ڌار فردن جي تهذيب ۽ تمدن، اُٿڻيءَ ۽ ويهڻيءَ، لباس، کاڌي خوراڪ، ۽ اهڙين سينيَ ڳالهين جو اعليٰ رڪارڊ ۽ املهه خزانو هميشه ٻوليون ئي آهن.

پاڪستان جي مختلف خطن ۽ علائقن ۾ ڳالهايون ويندڙ ٻوليون، پاڪستان ۾ آباد ڌار ڌار قومن جون مادري زبانون ئي آهن. اهڙيءَ طرح دنيا جي هر ملڪ ۾ ڳالهائي ويندڙ هرڪا ٻولي/ ٻوليون، اُن ملڪ يا اُن ملڪ جي قومن اندر، اُن ٻوليءَ يا اُنهن ٻولين جي ڳالهائيندڙ هر انسان جي، اُن ٻوليءَ سان پيار هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ اُها ٻولي، اُن ماڻهوءَ يا اُن قوم جي مادري زبان هوندي آهي. پنهنجيءَ مادري زبان سان، هر انسان جو ايتروئي گهرو رشتو ٻي انتها محبت ۽ عشق هوندو آهي. جيترو عشق ۽ لڳاءُ اُن ماڻهوءَ کي پنهنجيءَ جان سان هوندو آهي.

هيءَ هڪ قدرتي اصول آهي تہ هر انسان کي، پنهنجيءَ مادري زبان تي قدرت حاصل هوندي آهي، ۽ جنهن سهوليت، آسانيءَ ۽ لطف سان هُو پنهنجيءَ مادري زبان ۾ تحرير يا تقرير ڪري سگهندو آهي، يا اُهو انسان، پنهنجيءَ مادري زبان ۾ جيڪي ڪجهه سوچيندو آهي ۽ اُن ۾ جيڪي ڪجهه ڳالهائيندو آهي، سندس انهيءَ گفتگوءَ کي، سند طور مڃيو ويندو آهي.

3۔سنڌي ٻوليءَ جو اپياس ڪتاب ۾ چيو ويو آهي تہ: "انسان ذات جي نشست ۽ برخواست جي طور طريقن ۽ اُن انسان جي روزمره واريءَ زندگيءَ جو سڀ کان اعليٰ رڪارڊ، هر دور ۾، اُن انسان جي ٻولي ئي رهي آهي. جيئن جيئن ڪنهن قوم جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ جي طور طريقن ۽ سماجي قدرن ۾ فرق ايندو رهندو آهي تيئن تيئن اُن انسان جي سماجي ترقي ۽ تبديليءَ جو اثر، اُن قوم جي ٻوليءَ تي بہ ٿيندو آهي."
(الانا، غلام علي، 2000ع: 244)

هر قوم جي مادري ٻوليءَ ۽ اُن قوم جي معاشري جو هڪٻئي سان باهمي رشتو ۽ گهرو تعلق هوندو آهي. اُن قوم جو، پنهنجيءَ مادري زبان سان اهو تعلق، اٽوٽ رشتن سان مضبوط ڳنڍيل هوندو آهي، يعني هر قوم جي زبان ۽ اُن قوم جي سماج جو پاڻ ۾ گهاٽو رشتو لازم ۽ ملزوم هوندو آهي.

4- سنڌي زبان، دنيا ۾ اڄ ڪلهه جتي بہ ڳالهائي ويندي آهي، اُتي رهندڙ سيني سنڌي ماڻهن جي اُها (سنڌي ٻولي) مادري زبان جو درجو رکندي آهي. اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ هر سنڌي ماڻهوءَ کي پنهنجيءَ مادريءَ ٻوليءَ، سنڌيءَ سان بي انتها پيار، محبت ۽ نفسياتي توڙي ذهني ڳانڍاپو هوندو آهي.

سنڌي زبان، واديءِ سنڌ جي قديم ترين زبان آهي. جديد سنڌي لسانيات جي محققن هاڻ اهو ثابت ڪيو آهي تہ سنڌي زبان، واديءِ سنڌ ۾ سنسڪرت جي وجود ۾ اچڻ کان بہ پنج کن هزار سال اڳ، ڳالهائي ۽ لکي ويندي هئي. سنڌي زبان، واديءِ سنڌ ۾ پنج هزار سال اڳ آباد انسانن جي روزمره جي استعمال، وڻج واپار، تهذيب ۽ تمدن جي زبان هئي. هن زبان تي اڳتي هلي، مختلف دورن ۾ سنسڪرت، پراڪرت، پالي، فارسي، يوناني، عربي، ترڪي، انگريزي، پورچوگيزي ۽ ٻين زبانن جو اثر ٿيو.

17. فيبروري ۽ 23 مارچ، 1843ع تي، انگريزن جي سنڌ ملڪ تي قبضي ڪرڻ کان اٺ سؤ ورهيہ اڳ، سنڌي زبان مختلف رسم الخطن ۾ لکي ۽ پڙهي ويندي هئي، جيئن عرب سياحن کان سواءِ، محقق البيرونيءَ جي جڳ مشهور تحقيق، 'ڪتاب الهند' مان معلوم ٿئي ٿو.

تحقيق مان اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ سنڌي زبان کي قديم سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ (712ع/ 93هہ) کان بہ پنج سؤ ورهيہ اڳ، ادبي حيثيت حاصل هئي. ڊاڪٽر محمد حسن، ڊاڪٽر چٽرجي ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جهڙن ماهرن، پنهنجن پنهنجن تحقيقي ڪتابن ۾ قديم زماني ۾ رائج سنڌي لوڪ ادب (سينگار شاعري، گاٿا ۽ واقعاتي بيتن) جا مثال ڏنا آهن. اُنهن ماهرن جي طرفان ڏنل اُنهن مثالن جي مطالعي مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻولي، سنڌ ۾ قديم زماني ۾ 'سٿين' (70 ق- م کان 46ع تائين) ۽ 'ڪشان خاندان' جي حڪومت واري زماني (46ع کان 70ع تائين) ۾ بہ علمي ۽ ادبي ٻوليءَ جي صورت ۾، علمي ۽ ادبي محفلن ۽ معرڪن ۾ رائج هئي. لهاذا، قديم سنڌ ۾ رائج، اُن دور جي قديم سنڌي ٻوليءَ ۾، شاعريءَ جا ڪي مثال مليا آهن. جيڪي 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' ڪتاب ۾ ڏنا ،يا آهن.

تحقيق مان اهو پڻ پتو پوي ٿو تہ سنڌ ۾ 'هباري خاندان' جي حڪومت واري زماني (855ع- 1010ع) ۾، مذهبي پرچار ۽ مذهبي تعليم جي سلسلي ۾، ۽ پوءِ سومرن جي حڪومت جي پهرئين دور (1010ع-1025ع) ۽ پوءِ ساڳين حڪمرانن (سومرن) جي حڪومت جي ٻئي دور (1051ع- 1351ع)، ۽ پوءِ سمن جي حڪومت جي دور (1351ع- 1521ع) واري زماني ۾، ڪيترائي صوفي بزرگ، واديءِ سنڌ ۾ آيا جن سنڌ ۾، پنهنجي پنهنجي فڪر جو پيغام ڏنو.

انهيءَ سلسلي ۾، سومرن جي حڪومت جي ٻئي دور (1051ع- 1351ع) ۾، اسماعيلي فڪر جو داعي، پير ستگرنور (وف: 1079ع/ 462هہ) کي، گجرات ۽ سنڌ ۾، پنهنجي فڪر جي دعوت ڏيڻ لاءِ، اُن وقت

جي مصر جي فاطمي خليفي، سيدنا مستنصر بالله (وفات: 1094ع/ ) طرفان دعوت ڏيڻ لاءِ موڪليو ويو. هن بزرگ، عام ماڻهن جي مادري زبانن- ڪڇي، گجراتي، سنڌي، هندي ۽ پوربي- ٻولين ۾، ماڻهن کي، پنهنجي فڪر جي تعليم، پنهنجي ئي جوڙيل منظوم ڪلام ذريعي ڏني. پنهنجي ڪلام کي هن ’گنان‘ جو نالو ڏنو. پير ستگرنور کان پوءِ، پير شمس سبزواري (1165ع- 560هه/ 1276ع- 675هه) ۽ اُن بزرگ کان پوءِ سندس پٽ، پير نصيرالدين، اُن جي پوٽي، پير شهاب الدين ۽ پڙپوٽي، پير صدرالدين (1290ع/ 689هه/ 1409ع/ 608هه) ب، سنڌوماٿر جي ماڻهن جي مادري ٻولين، سنڌي، سرائڪي، ڪڇي، گجراتي، هندي، پنجابي ۽ پوربي ۾، پنهنجن جوڙيل گنانن ذريعي پنهنجي فڪر جي طريقي جي سمجهاڻي ڏني.

اڳتي هلي ارغونن، ترخانن، مغلن ۽ ڪلهوڙن جي حڪومتن جي دور ۾، سن 1521ع کان 1782ع تائين، اسماعيلي فڪر جي سيدن، عام ماڻهن کي پنهنجي فڪر جي طريقي جي تعليم ڏني.

ڪلهوڙن جي حڪومت جي زماني ۾، سن 1700ع کان، سنڌ ۾ ديني مدرسن ۾ سنڌي زبان ۾ دين جي تدريس جي شروعات ڪئي وَئي. سن 1700ع ۾، ٺٽي جي هڪ وڏي ديني عالم مخدوم ابوالحسن، سنڌي ٻوليءَ لاءِ، عربي زبان جي نسخ رسم الخط جي نموني تي، عربي- سنڌي صورتخطي ٺاهي، ۽ انهيءَ ئي صورتخطيءَ ۾، هن ’مقدمة الصلوات‘ جي نالي سان پنهنجي مدرسي ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ لاءِ، درسي ڪتاب لکيو ۽ پوءِ ته اهو ڪتاب، ٺٽي جي سڀني مدرسن ۾ ديني تعليم ڏيڻ لاءِ رائج ڪيو ويو. مخدوم ابوالحسن جو تصنيف ڪيل اهو ڪتاب، پوءِ نه صرف ٺٽي شهر جي مدرسن ۾ ديني تعليم جي نصاب ۾ شامل ڪيو ويو پر سڄيءَ سنڌ جي مدرسن ۾ پڻ رائج ڪيو ويو. مخدوم ابوالحسن کان پوءِ، مخدوم ضياءِ الدين، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ ۽ ٻين ديني عالمن، مخدوم ابوالحسن جي جوڙيل عربي- سنڌي رسم الخط ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا. انهن عالمن کان پوءِ، شاهه لطف الله قادريءَ جو رسالو ديني تعليم ڏيڻ لاءِ سنڌي زبان ۾ هڪ بيش بها اضافو هو.

5- انگريزن پنهنجي حڪومت واري زماني ۾، سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ سان ملائي ڇڏيو. حڪومت جي نظام لاءِ، سنڌ مٿان ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. 1848ع ۾، بمبئي پريزيڊنسيءَ جي گورنر، سر جارج ڪلرڪ، هڪ فرمان جاري ڪيو، جنهن موجب، سنڌي زبان کي سرڪاري ۽ دفتري زبان جي حيثيت ڏني وَئي. سر جارج ڪلرڪ جي انهيءَ فرمان جو نقل، ’سنڌي صورتخطي‘ ۽ ٻين ڪتابن ۾ حوالي طور ڏنو ويو آهي.

بمبئي پريزيڊنسيءَ جي گورنر جي انهيءَ فرمان جي روشنيءَ ۾، سنڌ جي ڪمشنر، سر بارٽل فريئر، هڪ حڪمنامو جاري ڪيو جنهن موجب، سنڌ جي سڀني سرڪاري عملدارن لاءِ هدايت جاري ڪئي وَئي ته:

(i) سنڌ ۾ آئنده سڀ سرڪاري لکپڙهه سنڌي زبان ۾ ڪئي وڃي.
(ii) سنڌ جا سرڪاري ڪامورا سنڌي زبان جو امتحان پاس ڪن.

انهيءَ حڪم نامي کان پوءِ، 29 آگسٽ، 1857ع تي، سڄيءَ سنڌ ۾، سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ۽ تعليمي زبان جو درجو ڏنو ويو ۽ انهيءَ حڪم ۾ اهو به ڄاڻايو ويو هو تہ سنڌ ۾ آئنده ذريعہ تعليم ۽ دفتري ٻولي، سنڌي هوندي.

انگريزن جي حڪومت، سنڌي زبان جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ ٻيا بہ ڪيترائي فيصلا ڪيا. جيئن:

(i) سنڌ ۾ تعليم جو شعبو قائم ڪيو ويو. اُن شعبي طرفان، سنڌي زبان ۾ نصابي ڪتاب تيار ڪرائڻ ۽ اُنهن ڪتابن جي ڇپائڻ جو بندوبست ڪيو ويو.
(ii) سنڌي زبان ۾، علم ادب، تاريخ، جاگرافي، رياضي ۽ ٻين علمن جي باري ۾ ڪتاب تيار ڪرائڻ لاءِ، سنڌي زبان لاءِ 'ترجمي جو شعبو' قائم ڪيو ويو.
(iii) سنڌي ٻوليءَ جا ڇاپخانا قائم ڪيا ويا.
(iv) سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ترقيءَ جي واڌاري لاءِ ماهرن ۽ دانشورن تي مشتمل هڪ ڪاميٽي قائم ڪئي وئي.
(v) سنڌ سرڪار طرفان، سنڌي زبان ۾ اخبارون ۽ رسالا شايع ڪرڻ شروع ڪيا ويا.
(vi) سرڪاري اشتهار، سرڪيولر، نوٽيس ۽ سرڪاري فرمان وغيره، سنڌي ٻوليءَ ۾ جاري ڪرڻ شروع ڪيا ويا.
(vii) محڪمہ تعليم طرفان Indian Penal Code ۽ اهڙا ٻيا قانوني ڪتاب، سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرائي شايع ڪرايا ويا.
(viii) اهڙيءَ طرح انگريزن جي حڪومت جي اوائلي دور ۾، 'شاهہ جو رسالو'، 'سنڌي وياڪرڻ' ۽ 'سنڌي لغات' کان سواءِ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ناول، ڪهاڻيون، تاريخ تي ڪتاب، قصا ۽ ڪهاڻيون، لوڪ ادب، جاگرافي ۽ ٻين علمن تي ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب، تعليم واري شعبي طرفان شايع ڪيا ويا. انهيءَ ڪري ماڻهن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکڻ ۽ سنڌي ڪتاب پڙهڻ جو شوق وڌيو.

6۔ سال 1947ع ۾ هندستان جو ورهاڱو ٿيو. ننڍي کنڊ ۾ مسلمانن کي پنهنجو ڌار آزاد وطن مليو. ليڪن سنڌ جي عوام لاءِ اها آزادي، انگريزن جي غلاميءَ واري دور کان بہ وڌيڪ ڏکي ثابت ٿي.

پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان فقط چار سال پوءِ، يعني 1951ع ۾، پاڪستان جي اُن وقت جي حڪمرانن، ڪراچي شهر ۽ اُن جي آسپاس واري علائقي کي، سنڌ صوبي کان الڳ ڪري، وفاقي حڪومت جو مرڪزي شهر بنايو. ڪراچي شهر جي سنڌ کان ڌار ٿيڻ جو پهريون حملو سنڌي ٻوليءَ تي

ٿيو. ڪراچي شهر لاءِ هڪ الڳ يونيورسٽي قائم ڪئي وئي. اُن جو نالو 'ڪراچي يونيورسٽي' رکيو ويو. سنڌ يونيورسٽي جيڪا 3 جون، 1947ع کان ڪراچيءَ ۾ قائم ڪئي وئي هئي، تنهن کي ڪراچيءَ مان منتقل ٿي وڃڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا. ڪراچي شهر ۽ اُن جي آسپاس واري سڄي علائقي مان، سنڌي ٻوليءَ ۾ تدريس، ذريعه تعليم ۽ ذريعه امتحانات واري حيثيت ختم ڪئي وئي، ۽ اُن جي جاءِ تي صرف ۽ صرف اردو ٻوليءَ کي ذريعه تعليم، ذريعه امتحانات ۽ دفتري ٻوليءَ طور رائج ڪرڻ لاءِ حڪم نامو جاري ڪيو ويو. ڪراچي شهر ۽ اُن جي آسپاس وارن خطن ۾ اُن وقت موجود، 1300 سنڌي اسڪول بند ڪيا ويا.

1951ع ۾، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد ۾ منتقل ٿي آئي. 9، اپريل، 1951ع تي، برک عالمي سنڌي دانشور، علامه آءِ آءِ قاضيءَ کي حيدرآباد ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر مقرر ڪيو ويو. اهو رڪارڊ تي رکڻ گهرجي ته 1947ع کان وٺي 1952ع تائين، سنڌ يونيورسٽي فقط امتحان وٺندڙ ادارو هئي، پر علامه قاضي صاحب، وائيس چانسيلر مقرر ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ يونيورسٽيءَ کي تدريسي ادارو به بنايو. يونيورسٽيءَ ۾ مختلف مضمونن، جهڙوڪ: آرٽس، سوشل سائنسز نئچرل ۽ فزيڪل سائنسز کان سواءِ اُستادن کي تربيت ڏيڻ لاءِ، شعبه تعليم پڻ شروع ڪيو. علامه صاحب جن، اُن زماني ۾ سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي واڌاري ۽ سکيا لاءِ، ڊپارٽمينٽ آف ايجوڪيشن سان گڏ، سنڌي سيڪشن به قائم ڪيو. جنهن جو انچارج، تعليم واري شعبي جي تڏهوڪي سربراهه ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي مقرر ڪيو ويو.

علامه صاحب جن، سنڌي زبان ۽ ادب جي سکيا کان سواءِ، سنڌ جي سيني اسڪولن ۾ مئٽرڪ تائين، سنڌي ۽ اردو ٻولين کي لازمي طور سکڻ لاءِ نصاب جو لازمي حصو بنايو. انهيءَ فيصلي موجب، ڀارت کان آيل ۽ سنڌ ۾ آباد ٿيل نون سنڌين کي سنڌي زبان سکڻ ۽ مقامي ماڻهن جي ويجهو اچڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويو.

7- پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان صرف 7 سال پوءِ. يعني سال 1954ع ۾، پاڪستان جي اُن وقت جي گورنر جنرل، غلام محمد، جي حڪم موجب، پاڪستان جي ٽن صوبن، سنڌ، پنجاب ۽ صوبه سرحد (اُن وقت جو نالو) کان سواءِ پاڪستان اندر قائم آزاد رياستن کان سواءِ بلوچستان جي سڄي حصي کي ملائي، 'ون يونٽ' قائم ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح ٽنهي صوبن ۽ ملڪ جي آزاد رياستن جي آزاد حيثيت ختم ڪئي وئي. ۽ لاهور کي 'ون يونٽ' صوبي جو مرڪزي شهر مقرر ڪيو ويو.

درحقيقت ون يونٽ جي قائم ٿيڻ سان وڏي ۾ وڏو نقصان صوبه سنڌ کي ٿيو. صوبه سنڌ ۾، سنڌي ٻوليءَ جي تعليمي، تدريسي ۽ دفتري حيثيت ختم ڪئي وئي. سنڌي ذريعه تعليم وارا سڀ اسڪول ۽ ڪاليج بند ڪيا ويا. سنڌي زبان کي، انگريزن جي دور ۾، 29، آگسٽ 1857ع کان مليل تعليمي، تدريسي ۽ دفتري حيثيت، هڪ ئي حڪم تحت ختم ڪئي وئي.

ون يونٽ جي حڪمرانن، لاهور مان هيٺيان حڪم جاري ڪيا:

(i) آئنده، سنڌ سميت، پوري مغربي پاڪستان صوبي ۾ تعليمي، تدريسي ۽ دفتري زبان صرف اردو ۽ انگريزي ٻوليون هونديون.

(ii) ون يونٽ جي مخالفت ڪندڙ سنڌي قوم پرست شاگردن، اديبن، شاعرن، صحافين ۽ سياستدانن کي اسلام دشمن، پاڪستان دشمن ۽ ڀارت جا ايجنٽ هجڻ جا الزام لڳائي، اُنهن مان ڪيترن ئي کي گرفتار ڪري ساهيوال، لاهور ۽ پنجاب جي ڪن ٻين جيلن ۾ بند ڪيو ويو.

(iii) ترقي پسند اديبن ۽ شاعرن جي لکيل ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن تي بندش وڌي وئي.

(iv) ڪيترن ئي سنڌي رسالن ۽ اخبارن جا ڊڪليئريشن رد ڪيا ويا.

(v) سنڌ جي اديبن، شاعرن ۽ صحافين کي سندن تحريرن، تقريرن يا اُنهن جي خط و ڪتابت ۾ لفظ 'سنڌ' لکڻ تي بندش وڌي وئي.

(vi) ڪنهن بہ ادبي، سياسي ۽ سماجي توڙي ثقافتي جلسي، سيمينار ۽ ڪانفرنس ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ تقرير ڪرڻ کي جرم قرار ڏنو ويو.

ون يونٽ سرڪار جي انهن حڪمن، سنڌ ۾ اردو زبان ۽ پنجاب جي بيورو ڪرٽس جي خلاف سخت نفرت پيدا ڪئي، ۽ سنڌ ۾ مزاحمتي ادب کي نہ صرف فروغ مليو بلڪ قوم پرست ۽ ترقي پسند اديبن، شاعرن، دانشورن، سياستدانن ۽ صحافين جي دلين ۾ حڪومت جي احڪامن جي مخالفت ڪرڻ ۽ اُنهن جي مزاحمت ڪرڻ جي همت ۽ جرئت پيدا ٿي.

قوم پرست ۽ ترقي پسند اديبن، شاعرن، صحافين، سياستدانن جهڙوڪ: سائين جي. ايم سيد، حيدربخش جتوئيءَ، محمد ابراهيم جويي، شيخ اياز سرائي اُميد عليءَ، شيخ عبدالرزاق 'راز'، رسول بخش پليجي، اياز قادريءَ، عبدالڪريم گدائيءَ، غلام محمد گراميءَ، نجم عباسيءَ، ع. ق شيخ، ابن حيات پنهور، جمال ابڙي، تنوير عباسيءَ، امرجليل، نسيم کرل، رشيد ڀٽيءَ، شمشير الحيدري، امداد حسينيءَ ۽ نياز همايونيءَ ڪانسواءِ ٻين ڪيترن ئي اديبن ۽ شاعرن، سنڌي زبان جي حق ۾ ۽ ون يونٽ جي خلاف، علي الاعلان اظهار ڪيو. مثال طور شيخ اياز سنڌي ٻوليءَ جي حق ۾ فرمايو:

جيڪو سنڌيءَ ۾ آهي، سو ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڪٿي!
اردوءَ ۾، هنديءَ ۾ تون آهين جڻ اوپرو.

شيخ اياز هڪ ٻئي هنڌ فرمايو:

تون چئو تہ ڪچان، تون چئو تہ لچان، پر توکان هڪڙي ڳالھ پچان،
تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين، اعلان هزارين مان نہ رڳو.

اُستاد بخاريءَ، پنهنجيءَ مادري زبان لاءِ فرمايو:

جيجل جهولي، ڏئي پٺي لولي،
سنڌي ٻولي، سنڌي ٻولي.

شمشير الحيدريءَ فرمايو:

ڪنهن شهنشاهه جو فرمان اسان تي نہ هليو
اسين رات ڏي رات چوندا رهياسين.

اهڙيءَ طرح عبدالڪريم گدائيءَ، نياز همايونيءَ، تنوير عباسيءَ، امداد حسينيءَ ۽ اُن دور جي اهڙن ٻين قوم پرست جديد شاعرن، سنڌ جي ماڻهن کي، پنهنجيءَ مادري زبان جي بچاءَ ۽ تحفظ لاءِ اڳيان وڌڻ لاءِ للڪاريو.

8ـ حاصل مطلب تہ پاڪستان جي قائم ٿيڻ (1947ع) کان صرف ست سال پوءِ، پاڪستان ۾ سيني مادري زبانن کي سياست جي ور چڙهڻو پيو ۽ سيني مادري زبانن کي نظرانداز ڪري، اُنهن جي مٿان اردو زبان کي مسلط ڪيو ويو جڏهن تہ اردو پاڪستان جي سرزمين جي اصلوڪي زبان نہ، پر ٻاهران آيل زبان آهي، جنهن جي ڳالهائيندڙن جو تعداد، سڄي پاڪستان ۾ صرف اٺ سيڪڙو آهي. انهيءَ ڪري اردو زبان، پاڪستان جي ڪنهن بہ خطي ۾، سواءِ ڪراچي شهر جي، ٻيو ڪٿي بہ مادري زبان جي جڳهہ هرگز والاري نہ سگهي آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ پاڪستان کي قائم ٿيندي هاڻ 70 سال گذري چڪا آهن، پر هن ملڪ ۾ اڄ ڏينهن تائين مادري ٻولين جي استعمال جي سلسلي ۾، ڪابہ رٿا ڪانہ ناهي وئي آهي.

پاڪستان ۾، هر دور ۾، صاحب اقتدار ماڻهن کي معلوم هوندو آهي تہ پاڪستان 'گهڻ ـ ٻوليائون' (Multi- lingual) ۽ 'گهڻيون ثقافتون' (Multi cultural) تي مشتمل هڪ فيڊريشن آهي، ليڪن اُن جي باوجود، اُنهن حاڪمن، هر دور ۾ پنهنجون اکيون هميشه بند رکيون آهن، ۽ هر دور ۾ پاڪستان جي سيني خطن ۾ ڳالهايون ويندڙ مادري زبانن مٿان، اردو ٻوليءَ کي مسلط ڪيو ويو آهي. حڪمرانن جي انهيءَ روش جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو اڄ پاڪستان جي هر خطي مان مادري زبانن کي قومي ٻولي ذريعہ تعليم بنائڻ جومطالبو ٿي رهيو آهي جيڪو اڳي فقط سنڌ صوبي تائين محدود هوندو هو. هاڻ تہ پاڪستان جي هر صوبي مان روشن خيال ماڻهو اهو مطالبو ڪري رهيا آهن تہ پاڪستان ۾ ڳالهايون ويندڙ مادري زبانن، جهڙوڪ: سنڌي، پنجابي، سرائڪي، پشتو، هندڪو شينا، بروشسڪي، وخي، کووار بلتي، دارديءَ ڪشميري، بلوچي ۽ براهوئي وغيره ٻولين کي، تعليم جو ذريعو بنايو وڃي، ۽ اردو زبان کي رابطي جي زبان طور سڄي ملڪ ۾ رائج ڪيو وڃي.

سڄاڻ ماڻهن کي اهابہ خبر آهي تہ 1948ع ۾، بانيءِ پاڪستان، قائداعظم محمد علي جناح جي حياتيءَ ۾ ڪوٺايل 'ايجوڪيشن ڪانفرنس' ۾ اها سفارش ڪئي وئي هئي تہ: "سيني مادري زبانن کي، ابتدائي تعليم واري درجي کان ئي، ذريعہ تعليم جو درجو ڏنو وڃي." ليڪن ڪن ناعاقبت انديش بيوروڪريٽس، قائد اعظم جي حياتيءَ ۾ ڪيل انهيءَ فيصلي تي بہ عمل ڪرڻ نہ ڏنو. جيڪڏهن مذڪوره ڪانفرنس ۾ ڪيل انهيءَ فيصلي تي عمل ڪري، سيني مادري زبانن ترقي وٺرائي پنهنجي پنهنجي خطي ۾ علمي، ادبي ۽ درس و تدريس جون ٻوليون بڻايو وڃي ها، ۽ اردوءَ کي ملڪ جي رابطي جي زبان طور رائج ڪيو وڃي ها تہ جيڪر پاڪستان مان لساني مسئلو ختم ٿي وڃي ها، ۽ ساڳئي وقت ملڪ ۾ قومي يڪجهتيءَ کي بہ فروغ ملي ها. جيڪو اڄا تائين ملي نہ سگهيو آهي.

9- حقيقت ۾ اڄ پاڪستان ۾ فقط سنڌي ئي هڪ اهڙي زبان آهي جيڪا صدين کان پنهنجي حيثيت مڃائي چڪي آهي. جنهن جو وجود هاڻ هڪ ترقي يافتہ زبان جهڙو ئي آهي. جيڪا ٻين ترقي يافتہ ۽ ترقي پذير زبانن کان، علمي، ادبي، سماجي، ثقافتي ۽ سائنسي لفظ اُڌارا وٺي، اُنهن لفظن کي پنهنجي ذخيري ۾ داخل ڪري، اُنهن سيني لفظن کي هضم ڪرڻ ۽ پنهنجي لسانياتي ڍانچي ۾ وجهڻ جي قوت ۽ صلاحيت رکي ٿي. سنڌي زبان ۾ جتي هزارين عربي ۽ فارسي ٻولين جا لفظ اُڌارا وٺي، پنهنجيءَ لغات ۾ شامل ڪيا ويا آهن، اُتي سنسڪرت، پراڪرت، پالي، يوناني، انگريزي، پورچوگيزي، ترڪي ۽ ٻين زبانن جا لفظ بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اُڌارا وٺي، پنهنجي لغوي دفتري شامل ڪري، اُنهن کي، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي ڍانچي ۾ وجهي، اُنهن کي ايتري قدر تہ پنهنجو بنائي ڇڏيو ويو آهي جو اُنهن جا اصلوڪا ڳالهائيندڙ بہ هاڻي اُنهن کي سڃاڻي نٿا سگهن.

شروع ۾ چيو ويو آهي تہ پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان ست سال پوءِ واري زماني کان وٺي، پاڪستان جي تنگ نظر ۽ ناعاقبت انديش سنڌ دشمن بيوروڪريٽس جي رويي سبب، سنڌ جي عوام کي، پنهنجيءَ مادري زبان ۽ ثقافت جي تحفظ لاءِ، ون يونٽ واري دور (1954ع) کان وٺي، هر حڪومت طرفان نازل ڪيل حڪمن جي مزاحمت ڪرڻي پيئي ۽ نهايت ئي بيباڪيءَ سان اُنهن جو مقابلو ڪرڻو پيو.

سنڌ جي عوام جي اهڙي جذبي جو اظهار بين الاقوامي سياسي رهنما ۽ پاڪستان جي بچائڻ لاءِ آمرن جو مقابلو ڪري شهيد ٿيندڙ سياسي رهنما، مدبر ۽ مفڪر، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جيڪو پاڻ بہ سرزمين سنڌ جو هڪ عظيم فرزند هو تنهن 7، جولاءِ 1972ع تي، سنڌ اسيمبليءَ مان، Sindhi Language Act 1972 پاس ڪرائڻ واري عملي قدم کڻڻ سان پيش ڪيو. سنڌي زبان لاءِ منظور ڪيل انهيءَ 'ائڪٽ' جي روشنيءَ ۾، صوبہ سنڌ ۾، سنڌي ٻوليءَ جي اهائي پراڻي حيثيت بحال ڪئي وئي جيڪا سنڌي ٻوليءَ کي، 29 آگسٽ، 1857ع تي، انگريزن جي دور حڪومت ۾ عطا ڪئي وئي هئي.

1972ع ۾ 'Sindhi Language Act' جي منظور ٿيڻ کان جلدي پوءِ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي رهنمائيءَ ۾ 1973ع ۾ مملڪت پاڪستان جو 'اسلامي جمهوري پاڪستان' وارو آئين، قومي اسيمبليءَ ۾ يڪراءِ منظور ڪيو ويو هو. پاڪستان جي انهيءَ 1973ع واري آئين ۾ قومي ۽ صوبائي ٻولين جي باري ۾ شق نمبر (3) 251 ۾ اهو واضح طور ذڪر ڪيو ويو هو ته:

"قومي زبان کي قائم رکندي صوبائي اسيمبلي، قومي زبان سان گڏ پنهنجيءَ صوبائي زبان کي به تعليم، تدريس ۽ پنهنجي صوبي ۾ اُن جي استعمال لاءِ قانون ناهي سگهي ٿي."

سال 1973ع ۾ 'اسلامي جمهوريه پاڪستان' جي آئين جي منظور ٿي وڃڻ کان پوءِ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي مرحوم 'اسلامي جمهوريه پاڪستان' جي وزيراعظم جي حيثيت ۾ پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ ۾ خطاب ڪيو. پنهنجي اُن خطاب ۾ شهيد مرحوم سنڌي زبان جي باري ۾ فرمايو ته:

"سنڌي هڪ قديم زبان آهي. جڏهن انگريزن سنڌ تي حملو ڪيو تڏهن سر چارلس نيپيئر چيو هو ته زبان جي مسئلي تي دست اندازي ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي وڃي. جنهن زماني ۾ سنڌ، انتظامي طور بمبئيءَ جو حصو هئي، تنهن زماني ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ۽ سال 1954ع تائين سنڌ ۾ سنڌي ٻولي پڙهائي ويندي هئي. اُن کان پوءِ مارشل لا وارن، سندن زباني حڪم تحت، سنڌي زبان جي اها حيثيت ختم ڪري ڇڏي."

شهيد مرحوم سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت جي باري ۾ اڳتي فرمايو:

"هن علائقي جا ماڻهو اُهي هئا، جن جي پنج هزار سال اڳ به پنهنجي هڪ زبان هئي، جنهن جو پنهنجو رسم الخط هو. اُن زبان کي چاهي سنڌي زبان چيو ويندو هو يا سرائڪي ۽ يا ٻيو ڪجهه، اهو سوال نه آهي، سوال هي آهي ته هن علائقي جا ماڻهو پنج هزار سال اڳ به تهذيب يافته هئا. اُنهن کي چاهي سنڌي نه به چيو وڃي، ليڪن اُنهن جي پنهنجي هڪ زبان هئي. اُن زبان کي پنهنجو رسم الخط هو. اُن زبان جو واسطو واديءَ سنڌ جي قديم تهذيب سان هو. انسان ذات کي جن مهذب ۽ شاهوڪار تهذيبن جي باري ۾ علم هو، هيءَ تهذيب به، اُنهن منجهان هئي."

شهيد مرحوم پنهنجيءَ تقرير ۾ اڳتي فرمايو:

"سنڌ اسيمبليءَ، سنڌي زبان لاءِ جيڪو Act منظور ڪيو آهي، اُن تي عمل ڪرڻ لازمي هوندو، ڇاڪاڻ ته آءٌ نٿو چاهيان ته سنڌ جي عوام جي دلين ۾ پاڪستان لاءِ نفرت پيدا ٿئي. اردو زبان کي ڪوبه خطرو نه آهي، ڇاڪاڻ ته اردو زبان پوري ننڍي کنڊ ۾ ڳالهائي ۽

سمجهي وينڊي آهي. دراصل خطرو سنڌي زبان لاءِ پيدا ڪيو ويو هو. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي عوام جا جذبات شديد ٿي ويا هئا.“

شهيد مرحوم اڳتي فرمايو:

”آءُ سنڌ جي عوام جا حق غصب ڪرڻ نٿو چاهيان، ۽ نہ ئي وري آءُ سنڌي ثقافت کي تباهہ ڪرڻ چاهيان ٿو.“ (شهيد ذوالفقار علي ڀٽو قومي اسيمبليءَ ۾ 1973ع ۾ ڪيل تقرير)

10۔ پاڪستان جي هر ماڻهوءَ کي اها خبر آهي تہ ننڍي کنڊ ۾ سنڌ اهو واحد ۽ پهريون صوبو آهي، جنهن جي صوبائي ليجسليٽو اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ 3 مارچ 1943ع تي، پاڪستان جي قيام جي حق ۾ قرارداد پاس ڪيو ويو هو. جيڪڏهن انهيءَ زماني ۾ اُنهن حالتن جي پيش نظر، سنڌ ليجيسليٽو اسيمبلي، پاڪستان جي قيام جي حق ۾ اهو فيصلو نہ ڪري ها تہ پوءِ اڄ پاڪستان جو وجود ممڪن نہ هجي ها.

پاڪستان جي باشعور ماڻهن کي اها بہ خبر آهي تہ پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان اڳ، آزاديءَ جي تحريڪ ۾ سنڌ ۾ بہ سون جي تعداد ۾ سياسي اڳواڻن، اديبن، شاعرن ۽ صحافين، آزاديءَ جي حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ پنهنجي تن، من ۽ ڌن جون قربانيون ڏنيون هيون. ننڍي کنڊ جي تاريخ ۾ ۽ آزاديءَ جي تحريڪ واري اهم باب ۾ اهو بہ واضح طور ڄاڻايل آهي تہ سنڌ جي ڪيترن ئي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن، اديبن، شاعرن، صحافين ۽ دانشورن کي، آزاديءَ واريءَ تحريڪ ۾ حصي وٺڻ جي ڪري، جيل جي ياترا بہ ڪرڻي پيئي هئي.

پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان ست سال پوءِ، پاڪستان جي صوبن ۽ آزاد رياستن جي آزادي ختم ڪري، 1954ع ۾ ’ون يونٽ‘ ناهيو ويو. اُن کان چار سال پوءِ 1958ع ۾ جنرل محمد ايوب جي مارشل لا واري زماني ۾ ۽ اُن کان پوءِ 5 جولاءِ 1977ع تي جرنل ضياء واري مارشل لا، ۽ اُن کان پوءِ 1999ع ۾ جنرل پرويز مشرف جي اڻ اعلانيل مارشل لا واريءَ حڪومت جي زماني ۾ سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن جيڪي مصيبتون ۽ ذلتون سٺيون، اُنهن جو مثال پاڪستان جي تاريخ ۾ نٿو ملي. اُنهن مصيبتن ۽ ذلت آميز واقعن جي ذڪر بابت اُن وقت جون اخبارون، رسالا، مخزنون ۽ ڪتاب پريا پيا آهن.

اها بہ هڪ مڃيل ۽ تاريخي حقيقت آهي تہ 1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ، گهڻي ۾ گهڻو نقصان سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌ جي معاشيات کي ٿيو. ورهاڱي کان هڪدم پوءِ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جا قداور عالم، فاضل، اديب، شاعر، ڪالم نگار، ناول نگار، ڊراما نگار ۽ عالمي معيار جا محقق ۽ نقاد، علمي ۽ ادبي ادارن ۽ ڇاپخانن جا مالڪ، پنهنجي ماترڀومي سنڌ مان، ڇڙوڇڙ ٿي، مجبور

حالت ۾ پارت لڏي ويا. جتي اُنهن کي ’شرنارٿين‘ جي ڪئمپن ۾ واڙيو ويو. اُنهن جي وڃڻ کان پوءِ ڪافي عرصي تائين سنڌ ۾ علمي ۽ ادبي ماٺار طاري رهيو. سنڌي زبان ۾ ڇپجندڙ ڪتاب، رسالا، ادبي مخزنون ۽ اخبارون بند ٿي ويون، ۽ ادبي ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو بلڪل بند ٿي ويو.

حيرت جو مقام هي آهي تہ هڪ طرف جتي غيرملڪي حڪمرانن يعني انگريزن، سنڌ تي قبضو ڪرڻ کان صرف پنج سال پوءِ، يعني سال 1848ع ۾، سنڌي زبان ۾ تعليم، تربيت ۽ علمي ادبي فروغ لاءِ جيڪي فيصلا ڪيا، ۽ اُن سلسلي ۾ جيڪي عملي قدم کنيا، اُنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪيو ويو آهي، تہ ٻئي طرف پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان صرف چار سال پوءِ، يعني 1951ع ۾، سنڌي زبان ۾، تعليم ۽ تدريس جي سلسلي ۾، انگريزن جي حڪومت جي ڪيل، ۽ سنڌ ۾ رائج فيصلن کي ختم ڪري، ڪراچي شهر ۽ اُن جي آسپاس وارن خطن ۾، 1300 سنڌي ذريعہ تعليم وارا اسڪول بند ڪيا ويا، ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ، 1951ع واري سال ۾ قائم ٿيڻ کان پوءِ، سنڌي زبان لاءِ، انگريز حڪمرانن جي 94 سال اڳ جي ڪيل قانوني فيصلي کي رد ڪري، سنڌي زبان جي، ذريعہ تعليم ۽ ذريعہ امتحان توڙي دفتري ٻولي هجڻ واريءَ حيثيت کي ختم ڪري ڇڏيو.

سنڌ دشمنيءَ جو وڏيڪ ثبوت اهو بہ هو جو 1954ع ۾ 'ون يونٽ' جي قائم ٿيڻ کان هڪدم پوءِ، سڄيءَ سنڌ مان، سنڌي زبان جي تعليمي، تدريسي ۽ دفتري حيثيت ختم ڪئي وَئي.

11۔ ون يونٽ سرڪار جي انهيءَ سنڌ دشمنيءَ واري قدم، سنڌ ۾، سنڌي قوم پرستيءَ، سنڌيت ۽ قومي جاڳرتا واريءَ تحريڪ کي جنم ڏنو. انهيءَ تحريڪ ئي، سنڌ ۾، سنڌي زبان ۾ مزاحمتي ادب کي هٿي وٺرائي.

تاريخ جي مطالعي مان اهو بہ معلوم ٿو ٿئي تہ هر ملڪ ۾، مزاحمت واري تحريڪ هميشہ وقت جي حڪومت طرفان پيدا ڪيل حالتن سبب ئي پيدا ٿيندي آهي. سنڌ ۾ بہ بلڪل ائين ئي ٿيو. جڏهن سنڌ جي عوام جي حق تلفي ڪئي وئي، جڏهن سنڌي زبان کي، سنڌي دشمنيءَ سبب، ون يونٽ سرڪار جي بيوروڪريٽس طرفان قدم کڻي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وَئي، تڏهن سنڌ جي عام ماڻهن ۾ بيدار ٿيڻ جو جذبو جاڳي اُٿيو بلڪل ائين جيئن مغلن جي سنڌ تي حڪومت واري زماني (1593ع۔ 1700ع) ۾، صوفي شاهہ عنايت شهيد جو، وقت جي حڪمرانن پنهنجي عوام دشمن روين سبب، آواز بلند ڪيو ويو. اِنهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو کين (صوفي شاهہ عنايت کي) شهادت جو جام پيئڻو پيو. اهڙي وقت، صوفي شاهہ عنايت جيڪا دليري، همت ۽ بهادري ڏيکاري، اُن جو تاريخ ۾ ڪٿي بہ ڪو بيو مثال نٿو ملي. وقت جي حاڪم جي حڪم تي، جلاد جڏهن شهيد مرحوم جو سر قلم ڪرڻ لاءِ تلوار مٿي ڪئي،

تڏهن شهيد مرحوم بلند آواز ۾ بيباڪيءَ واريءَ ڪيفيت ۾ جلاد کي مخاطب ٿي فرمايو:

رها نيدي مرا از شر هستي

جزاڪ الله في دارين خيرا

بلڪل اهڙيءَ طرح ون يونٽ سرڪار جي ظالمانه دور ۾ سنڌ جو عوام صف آرا ٿي، بيباڪيءَ سان جهڙيءَ طرح ون يونٽ جي قائم ٿيڻ جو مخالف ٿي بيٺو، ماضيءَ ۾ ننڍي کنڊ جي تاريخ ۾ اهڙو ڪو به مثال نٿو ملي. انگريزن جي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ ننڍي کنڊ جي عوام کي سوا سؤ سالن کان به وڌيڪ عرصو لڳو هو. اهڙيءَ طرح بمبئي پريزيڊنسيءَ کان سنڌ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ سنڌ جي اڳواڻن کي 88 سالن جو عرصو لڳي ويو. جڏهن ته ون يونٽ جهڙيءَ شيهي جي ديوار کي، سنڌ جي عوام صرف 16 سالن جي مختصر عرصي اندر ٽوڙي، پاڻ کي ۽ ملڪ جي ٻين صوبن کي آزاد ڪرائي ڇڏيو. انهن 16 سالن جي عرصي اندر سنڌ جي عوام ۾ سنڌيت، سنڌي قوم پرستي، سنڌ شناسي، سنڌي زبان، سنڌي ادب، سنڌي تهذيب ۽ سنڌي ثقافت جي تحفظ لاءِ جيڪا سجاڳي آئي تنهن جا مثال سنڌي ادب ۽ سنڌ جي صحافت جي تاريخ ۾ محفوظ ڪيا ويا آهن.

12_ انگريزن جي حڪومت جي سوا سؤ سالن واري عرصي اندر سنڌ جي اديبن، شاعرن، عالمن، فاضلن، دانشورن ۽ محققن، 'سنڌ شناسيءَ' جي موضوعن تي، ۽ جديد، ترقي پسند ۽ مزاحمتي ادب جي سلسلي ۾ اعليٰ معيار جو ادب تخليق ڪيو. 1954ع کان وٺي ون يونٽ جي ٽٽڻ کان به سال پوءِ واري عرصي، يعني 1972ع تائين واري عرصي اندر سنڌي افسانه نويسيءَ، ناول نويسيءَ، ناٽڪ نويسيءَ، مضمون نگاريءَ، تنقيد نگاريءَ، تاريخ نويسيءَ، ڪالم نگاريءَ، خاڪه نگاريءَ سنڌ جي صحافت، سنڌي لسانيات، سوانح نگاريءَ، آتم ڪهاڻيءَ ۽ سفرنامه نويسيءَ جي صنفن ۾ جيڪو تخليقي، تنقيدي ۽ تحقيقي ڪم ڪيو ويو، مقالا ۽ مضمون لکيا ويا، اُهي پاڪستاني ٻولين جي ادب ۾ لازوال شاهڪارن جي حيثيت رکن ٿا. انهيءَ سڄي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪيترائي افسانا، ناول، ناٽڪ، مضمون ۽ ڪالم اردو گجراتي، هندي، انگريزي، فرانسيسي، روسي، جاپاني، چيني، عربي ۽ آفريڪا جي ڪن ٻولين مان ترجمو ڪري سنڌي ادب کي عالمي ادب جي معيار تي پهچائي ڇڏيو. ون يونٽ جي سورهن سالن واري عرصي ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ تخليق ۽ تحقيق ڪيل يا ترجمو ڪيل سنڌي ادب، عالمي نظرين، جدت نويسيءَ ۽ ترقي پسند سوچن سبب، عالمي معيار واري ادب ۾ شمار ٿيڻ لڳو هو.

ون يونٽ واري دور ۾ سنڌي زبان ۾ تخليقي ۽ مزاحمتي ادب جهڙو ادب، ننڍي کنڊ ۾ شايد بنگلہ، مرهٽي، تامل ۽ تيليگو ٻولين ۾ لکيو ويو هجي. هن دور ۾ سنڌ جي اديبن، شاعرن، عالمن، فاضلن، محققن،

نقادن ۽ ڪالم نگارن ۾، سائين جي. ايم سيد، مخدوم محمد زمان ’طالب المولیٰ‘، غلام محمد گراميءَ، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، شيخ اياز، محمد ابراهيم جويي، شيخ عبدالرزاق ’راز‘، حاجي احمد ملاح، اُستاد بخاريءَ، عبدالڪريم گدائيءَ، تنوير عباسيءَ، نياز همايونيءَ، شمشيرالحيدريءَ، ڊاڪٽر محمد ابراهيم ’خليل‘ محمد خان مجيديءَ، محمد عثمان ڏيپلائيءَ، رسول بخش پليجي، سرويچ سجاوليءَ، بردي سنڌيءَ، قمر شهباز، رشيد ڀٽيءَ، انور پيرزادي، اياز قادريءَ، جمال ابڙي، غلام رباني آگري، غلام نبي مغل، عبدالغفور انصاريءَ، سراج الحق ميمڻ، عبدالقادر جوڻيجي، زرينه بلوچ، بيگم زينت عبدالله چنا، ثميره زرين، زيب اي شيخ، الطاف عباسيءَ، طارق اشرف، حميد سنڌيءَ، امرجليل ۽ نسيم کرل کان سواءِ ڪي اُسرندڙ اديب، جهڙوڪ: امداد حسيني، نورالهديٰ شاهه، خيرالنساء جعفري، تنوير جوڻيجو، مهتاب محبوب، سلطانه وقاصي ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي لاجواب اديب، عالم، فاضل ۽ شاعر ٿي گذريا آهن، جن بهترين ڪالم ۽ مضمون لکي، ون يونٽ سرڪار کي لوڏي ڇڏيو.

جون 1970ع ۾ ون يونٽ کي ختم ڪيو ويو. سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌي ادب، سنڌ جي ماڻهن، اديبن ۽ شاعرن، علمي، ادبي ۽ ثقافتي ادارن کي جڻ ته نجات ملي. اُنهن سيني سک جو ساهه پٽيو. آمريت جي لڳ ڀڳ پنجويهن سالن کان پوءِ 1972ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي، جمهوري حڪومت قائم ڪئي، سڄي پاڪستان ۾ ڪيترين ئي نين يونيورسٽين، معاشي، تعليمي ۽ ثقافتي ادارا قائم ڪيا. ڀٽ شاهه تي شاهه لطيف ثقافتي مرڪز قائم ڪيو ويو. اُن مرڪز لاءِ نئين عمارت جو بنياد رکيو ويو. انگريزن جي دور ۾ قائم ڪيل ’سنڌي ادبي سوسائٽيءَ‘ کي ’سنڌي ادبي بورڊ‘ جو نالو ڏنو ويو ۽ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائينءَ کي بورڊ جو چيئرمين ۽ محمد ابراهيم جويي کي اُن جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. ادبي بورڊ جي گرانٽ کي وڌايو ويو. سنڌ ۾ سنڌي ڪلچر ڊپارٽمينٽ ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جهڙا ادارا قائم ڪيا ويا. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي کي ترقي ونرائي وئي. مهراڻ يونيورسٽي، سنڌ اگريڪلچر يونيورسٽي، چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو پيپلز ميڊيڪل ڪاليج فار گرلز نوابشاهه ۽ قائد عوام يونيورسٽي، نوابشاهه ۾ قائم ڪئي وئي.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت واري زماني ۾، جتي ملڪ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ وڏا جتن ڪيا ويا، اُتي سنڌ ۾، سنڌي ادب کي ترقي ڏيارڻ جي سلسلي ۾ وڏي ڪوشش ڪئي وئي. سنڌي ادبي بورڊ جو نئون ’بورڊ آف گورنرس‘ ناهيو ويو. انهيءَ بورڊ تي پير حسام الدين شاهه راشديءَ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر دائود پوٽي کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ جا ٻيا قداور اديب ۽ عالم، ميمبر طور مقرر ڪيا ويا. انهن عالمن جي ڪوشش سان، شڪارپور، سيوهڻ، ٺٽي، نصرپور، روهڙيءَ، سکر، حيدرآباد، ٽنياري ۽ ٻين

شهرن ۾ رهندڙ قديم سنڌي خاندانن جي دفينن مان، عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قلمي نسخن ۽ ٻئي اثاثي ادب ۽ تاريخ تي مشتمل مواد هٿ ڪري، ادبي بورڊ جي حوالي ڪيو ويو ته جيئن ادبي بورڊ طرفان، اُنهن قلمي نسخن کي ايڊٽ ڪرائي ڇپائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. انهيءَ عملي قدم کڻڻ سان، ادبي بورڊ جي طرفان، سنڌ جي عالمن کي، دنيا جي عالمي ادارن وٽ متعارف ڪرايو ويو. اُنهن ادبي شاهڪارن مان ڪن جا عنوان هي آهن: چچنامو عرف فتح نامه سنڌ، تحفة الڪرام، ترخان نامه، مڪلي نامه، مثنوي چنيسر نامه، بيگلار نامه، تاريخ معصومي، تاريخ مظهر شاهجهاني، مقالات الشعراء، تڪمله مقالات الشعراء، لُب تاريخ سنده ۽ تاريخ نواي معارڪ وغيره قابل ذڪر ڪتاب آهن.

سنڌي ادبي بورڊ، جامع سنڌي لغات، سنڌي لوڪ ادب ۽ سنڌ جي تاريخ (ڏار ڏار جلدن ۾) لکائڻ جي سلسلي ۾ نوان منصوبا منظور ڪيا، ۽ اُنهن جي سلسلي ۾ عملي قدم پڻ کنيا.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ٿي دور ۾، سنڌ ۾ سچل اڪيڊمي، شاهه عبداللطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽيءَ کان سواءِ، سنڌي زبان ۾ تحقيقي، تخليقي ۽ تنقيدي ادب جي ترقيءَ سان گڏ، سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن، سنڌ جي ثقافت کان سواءِ، شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جهڙن عالمي شاعرن ۽ صوفين جي ڪلام جي تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعي لاءِ لاثاني ڪم ڪيو ويو. سنڌ جي محققن مان، سيد حسام الدين شاهه راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مولائي شيدائي، مائٽڪ پٽاوالا، ڊاڪٽر دائودپوٽي، مولانا غلام محمد گراميءَ، محمد ابراهيم جويي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ، محمد حنيف صديقيءَ، پروفيسر محبوب علي چنا، سراج الحق ميمڻ، الله بچائي سمي ۽ ٻين اديبن، محققن ۽ شاعرن جي طرفان ڪيل تحقيقي ۽ تنقيدي ڪم جي شايع ڪرائڻ لاءِ اهم قدم کنيا. اُن دور ۾ سنڌ ۾ پيدا ٿيل سنڌي، فارسي ۽ عربي ادب تي مشتمل ڪتاب، هن وقت 'ادبِ عاليہ' جي حيثيت رکن ٿا.

اهڙيءَ طرح سنڌي ادبي بورڊ، دنيا جي ٻين ٻولين ۾ شايع ٿيل 'ادب عاليہ' کي، سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرائي، سنڌي ٻوليءَ کي 'ادب عاليہ' سان مالامال ڪري ڇڏيو. اڄ اهڙو ڪوبہ موضوع ڪونهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب تخليق يا ترجمو نہ ڪيو ويو آهي.

13 ـ شروع ۾ چيو ويو آهي تہ ون يونٽ ۽ مارشلائن واري دور ۾، جيتوڻيڪ سنڌي ٻوليءَ جي دفتري ٻوليءَ ۽ ذريعہ تعليم واري حيثيت ختم ڪئي وئي، تنهن هوندي بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ نڪرندڙ روزانہ اخبارن، جهڙوڪ: الوحيد، هلالِ پاڪستان، ڪاروان، مهراڻ، عبرت، ڪاوش، ڪوشش، عوامي آواز نواءِ سنڌ ۽ آفتاب کان سواءِ، ماهوارن رسالن، جهڙوڪ: نئين زندگي، انسان، مارئي، سهڻي ۽ روح رهاڻ کان سواءِ تماهي رسالي مهراڻ ۾ ڇپجندڙ مزاحمتي ۽ ترقي پسند جديد ادب، جنهن ۾ افسانن، ڪالمن، مضمونن،

ايڊيٽوريلن کان سواءِ مزاحمتي شاعري، جهڙوڪ: غزل، گيت، نظم، وائي، دوها، بيت آزاد نظم، سانيٽ، ترائل ۽ هائيڪو وغيره تي مشتمل صنفن ۾ ترقي پسند ۽ مزاحمتي ادب وارو مواد هر گهر ۾ هر اديب ۽ شاعر طرفان باقاعدگيءَ سان پڙهيو ويندر هو جنهن ڪري سنڌ جي مردن توڙي عورتن ۾ عوامي جاڳرتا جو جذبو ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳو هو.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي لسانيات ۽ سنڌي ادب جي جديد توڙي ترقي پسند ادب جون صنفون ڀارت جي مختلف شهرن ۾ جتي جتي سنڌي جاتيءَ جا ماڻهو آباد هئا، اُتي جي اديبن ۽ شاعرن بي مثال ڪم ڪيو. اهڙيءَ طرح هندستان ۽ پاڪستان کان ٻاهر برطانيه، فرانس، جرمني، اميريڪا، روس، ملائيشيا، بئنگڪاڪ، هانگ ڪانگ، جاپان ۾ اُنهن ملڪن جي ماهرن، سنڌي لسانيات کان سواءِ شاهه لطيف ۽ سچل سرمست کان سواءِ اسماعيلي پيرن، جهڙوڪ: پير ستگر نور، پير شمس ۽ پير صدرالدين جي گنانن تي تحقيقي ڪم ڪيو. انهن شهرن ۾ ته ترقي پسند ۽ جديد ادب ۽ شاعريءَ جي ڪن صنفن ۽ ڪهاڻين کي، اُنهن ملڪن جي ٻولين ۾ ترجمو به ڪيو ويو. انهن ملڪن جي ڪن تعليمي ۽ تحقيقي ادارن، جهڙوڪ: S.O.A.S، ليڊز يونيورسٽي، آڪسفورڊ يونيورسٽي، ڪيمبرج يونيورسٽي، سسيڪس يونيورسٽيءَ کان سواءِ نيدرلئنڊس ۾ هيلسنڪي ۽ فنلئنڊ جي تحقيقي ادارن، ماسڪو جي انسٽيٽيوٽ آف اوريئنٽل اسٽڊيز پئرس جي سوربورن يونيورسٽيءَ، جرمنيءَ جي بون، هئمبولڊ ۽ فري يونيورسٽيءَ، اميريڪا ۾ هارورڊ، پينسلوانيا يونيورسٽي، يونيورسٽي آف ٽئڪساس ائٽ آسٽن، يونيورسٽي آف شڪاگو ۽ فري يونيورسٽيءَ کان سواءِ ڪئناڊا جي البارٽا يونيوسٽيءَ ۾ سنڌي لسانيات، سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت کان سواءِ سنڌ جي اثاثي ادب تي، ڪافي عرصي کان تحقيقي ڪم ٿي رهيو آهي. انهن يونيورسٽين جي ماهرن مان هرهڪ: پروفيسر، ٽي. ايف مچل، ڊاڪٽر ڪرسٽوفر شئڪل، ڊاڪٽر ائنيمري شمل، پروفيسر ماهان، پروفيسر ڊاڪٽر بورڊي، ڊاڪٽر لوئيس فليم، ڊاڪٽر فيئر سروس، ڊاڪٽر ڊيلس، ڊاڪٽر هيلن باسو، ڊاڪٽر بيٽينا، ڊاڪٽر ساحره انصاري، ڊاڪٽر گئنڪوسڪي، ڊاڪٽر ايگوراوا، مسٽر گرگ لوپڪي، ڊاڪٽر مسز بنٽنگ، ڊاڪٽر ڪنائر، ڊاڪٽر علي آسائي، ڊاڪٽر عزيز اسماعيل، ڊاڪٽر عظيم نانجي، ڊاڪٽر تعظيم قاسم، ڊاڪٽر مسز گل آغا ۽ اٽليءَ جي ماهر مسٽر ٽرييانيءَ کان سواءِ جاپان جي مسٽر اوساڪا جا نالا مشهور آهن. انهن ماهرن، سنڌي ٻوليءَ، سنڌي لسانيات، شاهه لطيف، سچل سرمست، سنڌ جي قديم تهذيب ۽ قديم آثارن، علم الانسان ۽ جديد ادب کان سواءِ سنڌ جي ثقافت تي بي مثال تحقيقي ڪم ڪيو آهي.

اهڙيءَ طرح ڪئناڊا جي عيسائي مشنرين، سنڌ ۾ اچي، نہ صرف سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ورتي پر انهن مشنرين پنهنجن ساٿي مشنرين جي لاءِ، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا لاءِ، شڪارپور شهر ۾ هڪ مرڪز بہ قائم ڪيو آهي، ۽ اُن مرڪز طرفان Functional Sindhi جي موضوع تي ڪتاب تصنيف ڪري شايع بہ ڪرايو.

14_ شروع ۾ چيو ويو آهي تہ 7 جولاءِ، 1972ع تي سنڌ اسيمبليءَ طرفان، اتفاق راءِ سان Sindhi Language Act منظور ڪيو ويو. اُن Act جا ٽي مقصد هئا. انهن مقصدن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ، سنڌ سرڪار سال 1991ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي قائم ڪئي. اٿارٽيءَ طرفان انهن ٽنهي مقصدن تي عملي قدم کڻڻ شروع ڪيو ويو.

(1) سنڌ جي سرڪاري توڙي نيم سرڪاري دفترن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال لاءِ بندوبست ڪرڻ.

(2) سنڌ ۾ قائم تعليمي ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ذريعہ تعليم بڻائڻ.

(3) سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ سائنسي بنياد تي ڪم ڪرڻ.

انهن ٽنهي مقصدن تي عملي قدم کڻڻ لاءِ، اٿارٽيءَ جي ڪوشش جاري رهي آهي. البت ڪراچيءَ سميت، سنڌ ۾ قائم انگريزي ذريعہ تعليم وارن اسڪولن ۾، سنڌي ٻوليءَ کي مادري زبان يا غيرمادري زبان طور پڙهائڻ جو ڪوبہ بندوبست ڪيو نہ ويو آهي، ۽ نہ ئي وري سنڌ سرڪار طرفان، سنڌ جي سرڪاري يا نيم سرڪاري دفترن ۾، سنڌي ٻوليءَ کي دفتري زبان طور استعمال ڪرڻ لاءِ ڪي احڪام جاري ڪيا ويا آهن.

اڄ سنڌ ۾، سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت اها آهي جو ڪراچيءَ سميت، سنڌ جي هر ننڍي يا وڏي شهر ۾ قائم ڪيل خانگي اسڪولن ۾، سنڌي ٻوليءَ کي مادري زبان يا غير_ مادري زبان پڙهائڻ جو ڪوبہ انتظام ڪيل ڪونهي.

اهڙيءَ طرح سنڌ جي وڏن شهرن، ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر جي ضلعي ناظمن يا ميونسپل ڪميٽين طرفان، پنهنجن ادارن ۾، ضلعي توڙي ميونسپل ڪارپوريشن جي دفترن ۾، سنڌي زبان کي دفتري زبان طور ڪم آڻڻ جا دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن. البت سنڌ جي ڪن باقي ضلعن ۾، ضلعي دفترن ۾، سنڌي ٻوليءَ کي ڪجهہ قدر استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي آهي.

15_حقيقت هيءَ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ، سنڌ سرڪار (پيپلزپارٽيءَ جي موجوده سرڪار)، پنهنجن سرڪاري ادارن کي وڏيون وڏيون گرانٽون ڏيئي، انهن ادارن کي سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ عملي قدم کڻڻ لاءِ وسيلا مهيا ڪيا آهن.

اڄ جو دور ڪمپيوٽر ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جو دور آهي. اڄ سنڌي انفرميٽڪس جي حوالي سان، سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم ذريعي، سنڌي ٻوليءَ کي انٽرنيٽ تي رسائي حاصل ٿي چڪي آهي. موجوده دور ۾، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ ڪيل ڪوشش کي وڏي ڪاميابي چئي سگهجي ٿو. انهيءَ ڏس ۾، سرڪاري توڙي خانگي حيثيت ۾ ڪيل ڪوششون تعريف جي لائق آهن. انهيءَ سلسلي ۾ محترم ماجد ڀرڳڙي، بدر هيسباڻي ۽ سيد اياز شاهه توڙي سنڌ جا ڪي ٻيا اُهي فرزند آهن، جن سنڌي سافٽ ويئر جي ڊيولپ ڪرڻ جي سلسلي ۾ شروعات ڪئي. ماجد ڀرڳڙيءَ، مئڪنٽوش ڪمپيوٽر ڪمپنيءَ جي مدد سان سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي سسٽم جي سڀ کان پهرين PC تيار ڪري مارڪيٽ ۾ آندو.

ماجد ڀرڳڙيءَ کان پوءِ سيد اياز شاهه، IBM ڪمپنيءَ لاءِ، سنڌي ڪي بورڊ لاءِ نوان فانٽ تيار ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيندڙ روزانه اخبارن کي، اليڪٽرانڪ ميڊيا تي آڻڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي.

خانگي اشاعتي ادارن مان سنڌيڪا اڪيڊمي، نيو فيلڊس پبليڪيشن، روشني پبليڪيشن ۽ ڪويتا پبليڪيشن جي طرفان سنڌي پرنٽنگ ٽيڪنالاجيءَ ۾ نوان ۽ ڪامياب تجربا ڪيا ويا.

سرڪاري ادارن ۾، سنڌي انفرميٽڪس جي ترقيءَ جي سلسلي ۾، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ۽ انسٽيٽيوٽ آف انفرميشن ٽيڪنالاجي، سنڌ يونيورسٽي، اهڙا سرڪاري ادار آهن، جن سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم جي حوالي سان، بي مثال خدمت ڪئي آهي.

سنڌي لئنگئج اٿارٽيءَ، سال 1998ع کان وٺي 2000ع واري زماني ۾، ماجد ڀرڳڙي صاحب جي رهنمائيءَ ۾، سنڌي زبان کي، انٽرنيٽ تي آڻڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. سال 1999ع ۾، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ۾ قائم ڪيل 'سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم' جي فروغ لاءِ، سنڌي انفرميٽڪس شعبو قائم ڪيو ويو. اٿارٽيءَ جي هن شعبي لاءِ سيد اياز شاهه، سيد دانيال شاهه، اعجاز جعفري ۽ سارنگ رام تي مشتمل هڪ ائڊوائيزري ڪميٽيءَ پڻ جوڙي وئي هئي. هن ڪميٽيءَ جي ڪوشش سان، 'معياري سنڌي ڪي بورڊ، جو لي آئوٽ' (Lay out)، ڪوڊ پليٽ ۽ سنڌي رسم الخط جي حرفن کي هڪبئي سان ملائڻ جي ترتيب، يعني Collation Order کي آخري شڪل ڏيئي، 'سنڌي سافٽ ويئر' لاءِ، 'لطيفي فونٽ' کي 'معياري فونٽ' طور مقرر ڪري، سنڌ سرڪار کي گذارش ڪئي ته 'لطيفي فونٽ' کي معياري فونٽ تسليم ڪري، اُن جي لاءِ سرڪاري طور نوٽيفڪيشن جاري ڪيو وڃي.

ٻيو سرڪاري ادارو، جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ته سنڌ يونيورسٽيءَ جو، 'انسٽيٽيوٽ آف انفرميشن ٽيڪنالاجي' آهي. هن اداري، گذريل پنجن ڇهن سالن جي عرصي اندر، ڊاڪٽر امداد اسماعيليءَ جي رهنمائيءَ ۾، سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم جي ترقيءَ لاءِ تعريف جوڳيون ڪوششون ڪيون آهن.

(i) سال 2008ع ۾، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ، سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف انفرميشن ٽيڪنالاجيءَ جي رهبريءَ ۾، سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم جي ترقيءَ لاءِ، 'يونيڪوڊ سسٽم' تي 'سنڌي ورڊ پروسيسر'، ٺاهڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي.

(ii) انسٽيٽيوٽ آف انفرميشن ٽيڪنالاجيءَ طرفان، 'سنڌي- انگريزي' ۽ 'انگريزي- سنڌي' ڊڪشنريون مرتب ڪري، ڪمپيوٽر تي آنديون وئيون.

(iii) انهيءَ ساڳئي اداري، سنڌي 'اسپيلنگ چيڪر سسٽم' به تيار ڪري ڪمپيوٽر تي آندو پر انسٽيٽيوٽ جي انهيءَ ڪم کي ڪابه پذيرائي حاصل ٿي نه سگهي آهي.

(iv) سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۽ انسٽيٽيوٽ آف انفرميشن ٽيڪنالاجي جي اها به گڏيل ڪوشش هئي ته:

(a) سنڌي ٻوليءَ ۾ مشيني ترجمي جو سافٽ ويئر تيار ڪيو وڃي.

(b) سنڌي ڪوائفيه جي وسيلي سان، سنڌي زبان کي سائبر (Cyber) جي دنيا ۾ هڪ حوالاجاتي زبان بنايو وڃي.

(c) انهن ٻنهي ادارن جو اهوبه پروگرام هو ته سنڌي زبان جو مستقبل، جديد اليڪٽرانڪ ٽيڪنالاجيءَ سان وابسطا ڪرڻ لاءِ:

(d) موجوده ڪمپيوٽر جي دور ۾، سنڌي زبان کي بين علمي زبانن سان، انٽرنيٽ ۽ اطلاعات (Information) جي زبان ٺاهڻ لاءِ ڪوشش ۽ محنت ڪرڻ گهرجي.

(e) ٻنهي ادارن جي اها به ڪوشش هئي ته ڪمپيوٽر جي سڪڻ، اُن کي هلائڻ ۽ اُن تي ڪم ڪرڻ لاءِ، انگريزي زبان وانگر ڪمپيوٽر جو هر ڪم هاڻي سنڌي ٻوليءَ جي پهچ ۾ اچي ويو آهي، تنهن ڪري اُن طريقي کي اڳتي جاري رکيو وڃي.

(f) انهن ٻنهي ادارن، گذريل ٽن سالن ۾، يعني سال 2008ع کان وٺي 2010ع تائين، سنڌي انفرميٽڪس جي حوالي سان مواد تيار ڪري، سنڌي زبان کي جيڪا ترقي وٺرائي آهي، اُن جو تفصيل هن ريت آهي:

(i) سال 2008ع ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جي مذڪوره انسٽيٽيوٽ طرفان 'سنڌي ورڊ پروسيسر' جو نئون نمونو (version) تيار ڪيو ويو.

(ii) سنڌي ورڊ پروسيسر سان پهريون دفعو انگريزي- سنڌي ۽ سنڌي- انگريزي ڊڪشنري به شامل ڪئي وئي.

(iii) مذڪوره انسٽيٽيوٽ، سنڌي - اسپيلنگ چيڪر سسٽم به تيار ڪري مارڪيٽ ۾ آندو. (پر اُن کي ڪابه پذيرائي ملي نه سگهي آهي).

(iv) ساڳيءَ انسٽيٽيوٽ طرفان 'مائڪرو سافٽ ورڊ پروسيسر' جي ترتيب لاءِ هڪ نئون مئنيوئل، سنڌي زبان ۾ تيار ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ سنڌي زبان جي مختلف پروگرامن کي انسٽال ڪرڻ، هر ماڻهوءَ لاءِ آسان ٿي پوندو. اهو مئنيوئل نه صرف پروگرامر جي ڪم اچي سگهندو پر اُن جي مدد سان، عام ڪمپيوٽر آپريٽر به آسانيءَ سان پنهنجي مواد جي ڪمپيوٽنگ ۾ فارميٽنگ ڪري سگهندو. انهيءَ مئنيوئل کي باتصوير بنايو ويندو. انهيءَ لاءِ ته طريقه ڪار ۾ ڪا به رڪاوٽ پئجي نه سگهي. اهو مئنيوئل، سي ڊي کان سواءِ اٿارٽيءَ جي ويب سائيٽ تي به آن لائين (On line) موجود هوندو. انهيءَ مئنيوئل کي دنيا جي هر خطي ۾ 'ڊائون لوڊ' (Download) به ڪري سگهبو. اهو اليڪٽرانڪ مئنيوئل، ويڊيو سان گڏ هوندو. جنهن کي ڏسڻ وارو آسانيءَ سان مئنيوئل تي عمل ڪندي، انسٽاليشن ڪري سگهندو.

(v) سنڌ يونيورسٽيءَ جي انهيءَ اداري، 'سنڌي گوگل' به تيار ڪري انٽرنيٽ تي آندو آهي. اُن جي مدد سان سنڌ جي باري ۾ انٽرنيٽ تي معلومات حاصل ڪري سگهبي.

(vi) هن وقت تائين انٽرنيٽ تي 800 کن ويب سائيٽس موجود آهن. جيڪي سڀ سنڌ جي باري ۾ آهن.

مطلب ته انفرميشن ٽيڪنالاجيءَ جي حوالي سان سنڌي زبان هاڻ بين لاقوامي حيثيت حاصل ڪري چڪي آهي. ۽ سنڌي زبان جو مستقبل هاڻ نهايت ئي روشن نظر اچي رهيو آهي.

انٽرنيٽ تي، سنڌ جي حوالي سان ايتري ساري مواد جي موجود هجڻ کان پوءِ ائين چئي سگهجي ٿو ته ماضيءَ ۾، سنڌي ٻوليءَ کي، سامهون آيلن مسئلن ۽ رڪاوٽن کي ڪاميابيءَ سان ختم ڪرڻ کان پوءِ، موجوده دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ايتريون ته ڪاميابيون حاصل ڪري ورتيون آهن. جو اڄ سنڌي زبان، بين الاقوامي معيار وارين ٻولين جي صف ۾ پنهنجو مقام حاصل ڪري چڪي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي اهڙين ڪاميابين جو وڏي ۾ وڏو ثبوت هي آهي ته ڊسمبر، 2010ع ۾، دنيا جي مشهور اداري آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس' به سنڌي ٻوليءَ جي اهميت کي تسليم ڪري، 'آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس طرفان، 'جامع انگريزي- سنڌي آڪسفورڊ ڊڪشنري' ڇپائي، عالمي سطح جي ادب ۾ شامل ڪئي آهي.

اهڙيءَ طرح سنڌي زبان جي عالمي معيار واري زبان هجڻ جو ٻيو ثبوت، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان، شايع ٿيندڙ 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا' آهي. هن پروجيڪٽ جا هن وقت تائين يارنهن جلد ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن. ۽ ٻارهون جلد تياريءَ هيٺ آهي. يقيناً هي شاهڪار دنيا ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن لاءِ فخر جي باعث هڪ شاهڪار آهي. ڇاڪاڻ ته پاڪستان ۾، اردوءَ سميت، ڪنهن به ٻوليءَ ۾ اهڙو شاهڪار اڃا شايع ٿي نه ڪيو ويو آهي. هن شاهڪار جي شايع ٿيڻ سان، سنڌي ماڻهن جو ڳاٽ

عالمي سطح تي اوچو ٿيو آهي. هن ڏس ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جا ڪارڪن ۽ اٿارٽيءَ جي انتظاميه، تمام گهڻين مبارڪن جي حقدار آهي. سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ، انهيءَ تحقيقي پروجيڪٽن کان سواءِ، جدا جدا مضمونن جون ڊڪشنريون پڻ ڇپايون آهن، جن جي تمام گهڻي ضرورت هئي.

اهڙيءَ طرح هن اداري 'مفصل سنڌي لغت' جي عنوان سان، جامع لغات سنڌيءَ سميت، اردو فارسي، انگريزي ۽ ٻين ٻولين جون لغتون سامهون رکي، مفصل سنڌي لغت ترتيب ڏيڻ جو ڪم شروع ڪيو آهي. هن لغت جا چار جلد ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن، ٻين تي ڪم جاري آهي.

16- سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ جتي سنڌ ۾ ايترو سارو تحقيقي ڪم ٿيو آهي اُتي، پاڪستان کان ٻاهر يارت، برطانيا، اميريڪا، ڪئناڊا ۽ ٻين ملڪن ۾ آباد سنڌي نوجوانن، اليڪٽرانڪ ميڊيا جي مدد سان، مختلف موضوعن تي وڏي تعداد ۾ ويب سائيٽون تيار ڪري، انٽرنيٽ تي آنديون آهن.

ايترين سارين ڪاميابين جي حاصل ڪرڻ جي باوجود اسين سنڌي ٻوليءَ کي ڪمپيوٽنگ سسٽم جي سيني گهرجن کي اڃا پورو ڪري نه سگهيا آهيون. اهو ڪم سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ئي آهي، اُميد آهي ته اٿارٽيءَ جا باخبر ڪارڪن ۽ چيئرمئن صاحب، اڳتي هلي، سنڌي ٻوليءَ کي، ڪمپيوٽنگ سسٽم جي هر ضرورت لائق ٻولي بنائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري، پنهنجيءَ ٻوليءَ کي ڪمپيوٽر جي ٻولي بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو.

# ببليوگرافي

## سنڌي ڪتاب ۽ مقالا


1_ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 2000ع، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ٻيو ڇاپو ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 244

2_ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر 2006ع، سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ص ص 77، 417 ۽ 418

3_ الهداد ٻوهيو ڊاڪٽر: 1975ع، سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 43

4_ بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: 1965ع، سنڌي ٻولي، اُن جو ماضي، حال ۽ مستقبل، مقالو سماهي مهراڻ جي شماري 4_3/ 1965ع ۾ شايع ٿيو ص 56

5_ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو: 15 جولاءِ 1972ع ۾ پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ ۾ ڪيل تقرير، اسلام آباد.

6_ مولانا عبدالقادر پروفيسر: 1961ع، لاهور ۾ 14، 15 ۽ 16 اپريل 1961ع ۾ ڪوٺايل پاڪستان جي علائقائي زبانن جي پهرين ڪانفرنس ۾ ڪيل صدارتي تقرير.


## English Books


7- James C. Melville, 1845, Scinde. a copy of the Minutes of Sir George Clerk. Government of Bombay and Administration of Sinde, East India company, Sir George Clerk, minutes of scinde, P.15

8- Murlidher. Jetlley. Dr..

9- Chatterji, S.K., Dr., 1942 Indo Aryan and Hindi, Ahmad Abad: Gujrat Vernacular Society.


## اردو کتب


10- محمد حسن، ڈاکٹر: ہندی ادب کی تاریخ، 1955ع،

# پنهنجيءَ مادري زبان سنڌيءَ سان، سنڌي ماڻهن جو نفسياتي ڳانڍاپو

1- دنيا جون مڙيئي ٻوليون قدرت جا معجزا ۽ انساني معاشري جا وڏا ڪرشما آهن. ڪنهن به ٻوليءَ جو سرجڻ ئي معنيٰ ڪنهن سماج ۽ ڪنهن قوم جو سرجڻ ۽ ڪن تهذيبي تمدني، سياسي ۽ سماجي ادارن جو سرجڻ آهي. خود خدا به ته دنيا جي پهرئين انسان حضرت آدم عليہ السلام سان سنڌس ئي ٻوليءَ ۾ ڪلام ڪيو. قرآن ڪريم ۾ فرمايل آهي ته: "خلق الانسان وعلمہ بيان"، يعني انسان جي پيدائش ۽ ان کي 'بيان' جي قوت، ٻئي قدرت جا احسان مڃيا ويا آهن. هن آيت مان ظاهر آهي ته انسان جي پيدائش جي اها هڪ فطري تقاضا آهي ته کيس پنهنجن خيالن جي بيان ڪرڻ جي قوت هجي. انهيءَ سلسلي ۾ اڳ واري مقالي ۾ چيو ويو آهي ته: "فطرت جي سوانح نگار ۽ انسانيت جي علم بردار مولانا جلال الدين روميءَ، فطرت جي هڪ معجزي کان متاثر ٿي فرمايو:

"هر کسي را اصطلاح داده ايم- هر کسي را سيرتي بنهاده ايم،

هنديان را اصطلاح هند مدح- سنديان را اصطلاح سند مدح.

يعني، هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي جدا ٻولي عطا ٿيل آهي، ۽ هر ڪنهن جي هڪ جدا طرز زندگي آهي. هند وارن کي هند جي ٻولي جڳائي ۽ سنڌ وارن کي سنڌ جي ٻولي سونهي. مطلب ته هر قوم کي پنهنجي هڪ نرالي ٻولي آهي، ۽ پنهنجو هڪ نرالو تمدن." (بلوچ، نبي بخش، 1965ع، ص 56)

2- پاڪستان جي علاقائي ٻولين جي پهرينءَ ڪانفرنس (اها ڪانفرنس، لاهور ۾، 14، 15 ۽ 16 اپريل 1961ع تي ٿي هئي) جي جنرل پريزيڊنٽ، پروفيسر مولانا عبدالقادر، پنهنجيءَ صدارتي تقرير ۾، پشتو زبان ۾ فرمايو ته:

"ڪائنات جي عظيم معجزن مان سڀ کان وڏو معجزو زبان جي تخليق آهي. ائين ٿو معلوم ٿئي ته زبان جي ايجاد، تعمير ۽ ترڪيب ۾ ڪائنات جو خالق خود به حصيدار آهي. ڪير ائين چئي سگهندو ته فلاڻي زبان جو ايجاد ڪندڙ فلاڻو ماڻهو فلاڻو عالم، فلاڻو سائنسدان يا فلاڻو فيلسوف آهي. زبان ته انسان ذات جي هزارن ورهين جي جول، نشست ۽ برخاست، ڪاروهنوار، شاديءَ غميءَ ۽ جنگ ۽ امن وغيره جي مسلسل عمل مان ظاهر ٿيل هڪ معجزو آهي. اُن کي نيست ۽ نابود ڪرڻ، هڪ عظيم نعمت کي

نڪرائڻ جي برابر آهي، ۽ اُن کان بيرخي اختيار ڪرڻ ناشڪري آهي. ان ڪري منهنجو عرض آهي تہ ملڪ ۽ ملت، بلڪ ڪل انسانيت جي فائدي ۽ بهتريءَ خاطر، ائين سمجهڻ کپي تہ زبان پوءِ چاهي اُها ڪهڙي بہ زبان هجي، ڪنهن جي بہ هجي، هڪ مقدس امانت آهي، ۽ اُن جي حفاظت ۽ پرورش ڪرڻ، هر انسان جو فرض آهي. هر زبان جي جهوليءَ ۾، جيڪي روايتون ۽ خصوصيتون پيريل آهن. تن مان هر طرح فائدو حاصل ڪرڻ کپي تہ جيئن اهي هر ڪنهن جي ڪم اچن". (مولانا عبدالقادر پروفيسر: 1961ع، صدارتي تقرير، سماهي مهراڻ 3_4، 1965ع: 126 ۽ 127)

پروفيسر مولانا عبدالقادر پنهنجيءَ تقرير جي شروع ۾ فرمايو:

"زبان ۽ رنگ جي اختلاف کي قرآن ڪريم، الله تعاليٰ جي آيتن مان هڪ نشاني ڪري ڄاڻايو آهي: "وَمن آياة اختلاف المسنتڪم والوانڪ" (يعني زبانن ۽ رنگن جا اختلاف، الله تعاليٰ جي آيتن مان زنده آيتون آهن). انهيءَ نشانيءَ کي مٽائڻ جي جدوجهد ڪرڻ فطرت جي خلاف قدم آهي. جهڙيءَ طرح ڪنهن علائقي جي ، ماڻهن جو رنگ بدلائڻ ممڪن نہ آهي، اهڙيءَ طرح انهيءَ علائقي جي زبان ۽ ثقافت کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش بہ هڪ غير فطري عمل آهي."

سڀ علائقائي زبانون، مادري زبانون آهن. هر مادري زبان، هرهڪ کي پياري ٿئي ٿي. ماءُ جي هنج ۾ سِکيل زبان، ٻار جو جسم، تن بدن گوشت، رت ۽ هڏ آهي. مادري زبان سان هر انسان جو ايترو تہ گوڙهو ڳانڍاپو محبت ۽ لاڳاپو ٿيندو آهي جو هر شخص پنهنجيءَ مادري زبان کي پنهنجيءَ ماءُ برابر سمجهندو آهي.

پنهنجيءَ مادري زبان تي، هر ٻار کي جيڪا قدرت حاصل هوندي آهي، ۽ جنهن آسانيءَ ۽ لطف سان هو اُن ۾ لکي پڙهي سگهندو آهي، تنهن لاءِ هن کي نہ ڪنهن صرف_ نحو سکڻ جي ضرورت ٿئي ٿي ۽ نہ ئي وري اُن لاءِ ڪنهن ٻئي قاعدي قانون کي هو ڳوليندو آهي. جيڪي ڪجهہ هو انهيءَ زبان ۾ چوندو آهي، تنهن کي ٻيا سَنَد طور مڃڻ لاءِ مجبور هوندا آهن.

هر ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ ۾ اهل زبان هوندو آهي، ۽ سندس راءِ تسليم شده هوندي آهي. انهيءَ مادري زبان جي ذريعي ئي هر علائقي جا ماڻهو پنهنجي قديمي روايتن، تاريخ، ثقافت ۽ سماجي روح ۽ جذبي کان باخبر ٿين ٿا. (مولانا عبدالقادر پروفيسر: 1961ع، صدارتي تقرير، سماهي مهراڻ 3_4/ 1965ع: 126 ۽ 127)

3_ ٻولي، ڪنهن سماج جي پيداوار هوندي آهي. هن سلسلي ۾ پورٽر جو حوالو ڏيندي، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو:

"انساني بولي، عوام جي پيداوار آهي. اُها نہ ڪن عالمن جي جوڙيل آهي ۽ نہ وري ڪن اُستادن جي ٺاهيل آهي. عالم ۽ اُستاد بوليءَ کي شاهوڪار ضرور بنائين ٿا، اُن کي سينگاري، سنواري، ٺاهي جوڙي، ادبي بوليءَ جي حُسن جو گل ضرور بنائين ٿا، پر بوليءَ جون اهم ترين مکڙيون، دراصل ان تاريءَ تي پيدا ٿين ٿيون، جيڪا پنهنجو پاڻ اُپري ۽ اُسري آهي، وڌي ۽ ويجهي آهي، ۽ اُن جون پاڙون زمين ۾ کتل هونديون آهن. بوليءَ جو اُسرڻ، ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي محنت جو نتيجو نہ آهي. اُها زمين ئي آهي جنهن مان بوليءَ کي پنهنجي تازگي ۽ غذا ملي ٿي." (الهداد بوهيو، ڊاڪٽر: 1978ع: 43)

4_ (i) سنڌي بولي، سڄيءَ دنيا جي هر حصي ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن جي مادري زبان آهي. انهن سڀني ماڻهن کي، پنهنجي مادري زبان، سنڌيءَ سان دلي محبت، پيار ۽ عشق آهي. اُنهن جو پنهنجيءَ مادري زبان سان نفسياتي لڳاءُ ۽ ذهني ڳانڍاپو آهي. 'سنڌي بوليءَ جو اڀياس' ڪتاب ۾ بيان ڪيل آهي تہ:

"انسان ذات جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ، اُٿڻيءَ ويهڻيءَ ۽ روزمره جي زندگيءَ جو سڀ کان اعليٰ رڪارڊ ۽ املهہ خزانو هر دور ۾، اُن انسان جي بولي ئي رهي آهي. جيئن جيئن ڪنهن قوم جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ سماجي قدرن ۾ فرق ايندو ويندو آهي، تيئن تيئن انهيءَ ترقيءَ ۽ تبديليءَ جو اثر، اُن قوم جي بوليءَ تي پڻ ٿيندو رهندو آهي. اهڙيءَ طرح دنيا جو اهو ڪاروهنوار هر دور ۾ جاري رهيو آهي ۽ جاري رهندو ايندو." (الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 2000ع: 244)

(ii) "هر مادري زبان ۽ معاشري جو هڪٻئي سان گهرو تعلق ۽ لاڳاپو هوندو آهي. اهو لاڳاپو اٽوٽ رشتن تي ٻڌل هوندو آهي، جيڪي هميشه لاءِ هڪٻئي سان جڙيل ۽ ڳنڍيل هوندا آهن، يعني هرڪا بولي ۽ اُن جو معاشرو هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم هوندا آهن. (الانا، غلام علي ڊاڪٽر: 2000ع: 244)

اڳتي لکيل آهي تہ:

(iii) "هر بوليءَ جو انسان ذات جي ڪنهن نہ ڪنهن گروهہ سان هميشہ گهرو تعلق هوندو آهي. ان لحاظ کان هرڪنهن زبان جو مطالعو اُن زبان جي ڳالهائيندڙ قوم، اُن قوم جي سماج، اُن جي تهذيب ۽ تمدن ۽ اُن قوم ۽ اُن ملڪ جي ثقافت جو مطالعو سمجهيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ تہ هرڪا بولي، انساني عمل جي پيداوار آهي. بوليون، مرده ماڻهن جي لاشن يا مري ويل ماڻهن جي هڏين منجهان نڪتيون ٿيون. پر اُهي (بوليون) زنده انسانن جي روزمره جي زندگيءَ مان اُڀرن ۽ اُسرن ٿيون، ۽ ترقي ڪن ٿيون. لهاذا اهو چئي سگهجي ٿو تہ

ٻوليون زنده قومن جي زندگيءَ، سندن جيوت، سندن سماجي حالتن، سندن تهذيب ۽ تمدن، ۽ سندن ثقافت جون آئينہ دار هونديون آهن. (الانا، غلام علي ڊاڪٽر: 2006ع: 3)

5۔ٻار دنيا ۾ پيدا ٿيڻ کان پوءِ جيڪا ٻولي ٻڌي ٿو، سمجهي ٿو، سکي ٿو ۽ ڳالهائي ٿو سا هُن جي 'ماءُ ٻولي' هوندي آهي. ڏٺو ويو آهي تہ ماڻهن جو پنهنجو سڄو وقت گهڻو ڪري پنهنجيءَ مادري زبان جي سماجي ماحول ۾ ئي گذري ٿو، اهو سڄو وقت ۽ لساني طور، اُن جي سڄي پنهنجائپ جي فضا سان تعلق دوران ڪيس پنهنجيءَ مادري زبان ۾ ئي جنسي تربيت ۽ ذهني تعليم ملندي آهي. (ابراهيم جويو: 2008ع).

هر معاشري جو، ٻين زنده انساني معاشرن وانگر، هڪڙو اهم ۽ بنيادي حق، پنهنجيءَ مادري زبان جي حفاظت ۽ اُن کي ترقي وٺائڻ آهي، ڇوتہ اُن تي ئي سندس سڄيءَ سڃاڻپ، بلڪ پوري وجود ۽ اُن جي افاديت جو دارومدار آهي. (ابراهيم جويو: 2008ع، ڪونج رسالو مارچ۔ اپريل: 11)

انهيءَ سوچ ۽ فڪر موجب، سنڌي ماڻهن، پنهنجيءَ مادري زبان سنڌيءَ جي بقا ۽ بچاءَ لاءِ هر دور ۾، وڏيون ڪوششون ڪيون ۽ وڏيون وڏيون قربانيون ڏنيون آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جي اڀياس مان خبر پوي ٿي تہ سنڌي معاشري جي باخبر، ذميوار ۽ حساس حلقن طرفان، پنهنجي مادري ٻوليءَ جي بقا، بچاءَ، اُن جي وجود، تسليميءَ ۽ اُن جي تهذيبي ۽ آئيني مفاد جي حفاظت لاءِ هميشہ پيشقدمي ٿيندي رهي آهي، ۽ پنهنجي هن بنيادي انساني حق جي دفاع ۽ بحاليءَ لاءِ ڀرپور جدوجهد ۾ سنڌي معاشري جي ڪابہ اهڙي اهم شخصيت، ڪوبہ اهڙو ادارو يا جماعت ڪانهي، جنهن انهيءَ سلسلي ۾، پنهنجي وس آهر، پورو پورو حصو نہ ورتو هجي. هزارين پترا، سوين ڪتابچہ ۽ ڪيئي ڪتاب، عرضداشتيون، ليک، ڪالم، نهراءَ ۽ عرض ناما شايع ٿيا، ۽ تقريباً هر مرڪزي حڪومت جي آڏو سنڌ جي اديبن، عالمن ۽ تعليمدانن جا وفد پيش ٿيندا رهيا.

اُن سلسلي ۾، 1960ع ۾، 'سنڌي زبان سوسائٽيءَ' جي قيام ۽ اُن سوسائٽيءَ طرفان، 1962ع ۾، هڪ تنصيلي عرضداشت جي تياري ۽ تڏهوڪي صدر پاڪستان، فيلڊ مارشل محمد ايوب خان کي، اُن عرضداشت جي پيشڪش، ۽ نومبر 1962ع ۾ سنڌي ادبي سنگت طرفان 'يوم سنڌي زبان' جي ملهائڻ، وارا موقعا، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جي رڪارڊ جو هڪ اهم حصو آهن. (ابراهيم جويو: 1985ع: 39)

ياد رهي تہ فيلڊ مارشل جنرل محمد ايوب خان کي، 'سنڌي زبان سوسائٽيءَ' طرفان، مذڪوره عرضداشت، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي معرفت پيش ڪئي وئي هئي. انهيءَ عرضداشت جي بنياد تي جنرل صاحب، سنڌي عوام جو مطالبو قبول ڪري، سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجيءَ حڪومت جي نوٽيفڪيشن،

مورخہ 13، آڪٽوبر، 1962ع موجب، ساڳئي مقام ۽ درجي ڏيڻ جا احڪام جاري ڪيا، جيڪي سنڌي ٻوليءَ کي، پاڪستان جي قيام (1947ع) کان اڳ حاصل هئا.

6 ـ علم الانسان (anthropology) جي ماهرن جو رايو آهي تہ هر ڪا زبان، پنهنجي ملڪ، پنهنجي ماحول، پنهنجيءَ تهذيب، پنهنجي تمدن ۽ پنهنجي سماج جي علامت هوندي آهي. هرڪا زبان انساني معاشري ۾ ئي زنده رهي سگهي ٿي، ۽ اها زبان انهيءَ معاشري ۾ ئي نشونما وٺندي آهي، تہ ڇاڪاڻ تہ ڪابہ زبان ڪنهن بہ معاشري کان سواءِ، هرگز زنده رهي نٿي سگهي.

سنڌ جي هڪ عظيم بين الاقوامي دانشور ۽ سنڌي زبان جي هڪ اعليٰ ودوان، علامہ آءِ آءِ قاضيءَ، 1955ع ۾، لاڙڪاڻي ۾ ڪوٺايل، سورهين ادبي ڪانفرنس لاءِ موڪليل پنهنجي پيغام (عنوان هو: سنڌي ٻولي، اُن جو بقا ۽ بچاءُ) ۾ فرمايو تہ:

"زبان جو مسئلو شعور تي ٻڌل آهي. ظاهر آهي تہ جيستائين هڪ کان زياده ماڻهو زنده نہ هوندا، تيستائين گفتگوءَ واري ٻولي پيدا ٿي ڪانہ سگهندي. پين لفظن ۾ ٻوليءَ جي اُسرڻ لاءِ سماج جو هجڻ ضروري آهي. فقط هڪ ماڻهوءَ جي وس کان هيءَ ڳالهہ ٻاهر آهي. بقول قرآن حڪيم: "خلق الانسان و علم بيان". اجتماعي زندگيءَ جي هيءَ فطري تقاضا آهي تہ انسان کي بيان جي قوت هجي، ڇاڪاڻ تہ اُها، تبادلہ خيالات لاءِ هڪ لازمي ضرورت آهي. انهيءَ ڪري قوم جي اجتماعي زندگي، ٻوليءَ کي تشڪيل ڏئي ٿي، يا اُن کي ترقي وٺائي ٿي، ۽ اُن کي باقي رکي ٿي." (علامہ آءِ آءِ قاضي: سماهي مهراڻ، 3 ـ 4/ 1965ع).

ماهرن جو اهو بہ رايو آهي تہ جيستائين ڪنهن بہ سماج ۾، اُن سماج ۾ رائج زبان جي ڳالهائيندڙن مان فقط هڪ ڳالهائيندڙ بہ زنده هوندو آهي، تيستائين اُن زبان کي زنده زبان مڃيو ويندو آهي.

هرڪا زبان، هر گفتگوءَ ۾، ڪونہ ڪو مقصد يا ڪردار ادا ڪندي آهي. انهيءَ ڪري، هر زبان ۾ ڪانہ ڪا معنيٰ ۽ ڪونہ ڪو مقصد يا مفهوم ضرور هوندو آهي. دراصل ڪنهن معنيٰ ۽ مفهوم واري اها خاصيت ئي آهي، جيڪا هرڪنهن زبان جي سماجي عمل ۽ اُن جي استعمال جي ضرورت ڏانهن اشارو ڪري ٿي. اهوئي سبب آهي جو هرڪا زبان ڪنهن انساني معاشري ۽ انساني سماج ۾ئي زندهہ رهي سگهي ٿي.

7 ـ مادري زبان سان محبت، هر انسان جي نفسياتي جذبي واريءَ ڪيفيت ۽ دلي ڳانڍاپي سبب هوندي آهي. جيڪا اُن انسان کي، ڄائي ڄم کان ئي ورثي ۾ مليل هوندي آهي. هرڪا مادري زبان، هر انسان لاءِ، سندس ضمير جي آواز ۽ اظهار جو هڪ قدرتي وسيلو هوندي آهي، ۽ سندس اولين ضرورتن منجهان هڪ ضرورت اها بہ هوندي آهي تہ هُو پنهنجي ضمير جي آواز جي اظهار جي قوت کي مڪمل ترقي ڏياري

1951ع ۾ اقوام متحده طرفان، دنيا جي تعليمي ماهرن جي فرانس جي مرڪزي شهر، پئرس ۾ هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. ان ڪانفرنس ۾ بنيادي تعليم تي متفق طور هڪ رپورٽ مرتب ڪئي وئي، جنهن ۾ هيٺيان چار اهم تعليمي اصول منظور ڪيا ويا:

(1) مادري زبان ئي هر شخص لاءِ سندس خيالن جي اظهار جو هڪ قدرتي ذريعو آهي، ۽ سندس خيالن جي اظهار کي پوريءَ طرح طاقت وٺائڻ اُن جي شروعاتي ضرورتن مان هڪ نهايت ئي اهم ضرورت آهي.

(2) هر هڪ شاگرد جي درسي تعليم، لازمي طور سندس مادري زبان جي ذريعي ئي عمل ۾ اچڻ گهرجي.

(3) ڪنهن به زبان جي بناوت (جوڙجڪ) ۾ اهڙي قسم جي ڪابه بنيادي ڪمزوري نه آهي جا ڪيس انسان جي موجوده علم، فن ۽ موجوده تهذيب جي اظهار جي وسيلي بڻجڻ کان روڪي سگهي.

(4) مادري زبان جو نعم البدل ٻي ڪابه قومي يا بين الاقوامي زبان تيستائين نٿي ٿي سگهي، جيستائين اسان جا ٻار اسڪولن ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ئي انهيءَ ٻيءَ زبان کان چڱيءَ طرح واقف نه هجن.

مادري زبان متعلق هڪ عالمي ۽ بين الاقوامي اصول هيءَ به آهي ته اها زبان، ڪنهن جاگرافيائي خطي ۾، مخصوص قومي روايتن ۽ ادب جي ترجمان ٿي، پيدا ٿي هجي، ۽ اها انهن جي تبادلہ خيالات (خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ) لاءِ استعمال ٿيندڙ هجي. اهڙي زبان، صرف مادري زبان ئي هوندي آهي. ان حيثيت سان، عربي زبان، فقط عربستان، مصر، شام ۽ لبنان لاءِ مادري زبان جو درجو رکي ٿي. باقي دنيا لاءِ غير- مادري زبان، ديني ۽ لٽرري ۽ علمي ۽ وچ مشرق جي ڪن ملڪن ۾ ادبي زبان چئي وڃي ٿي. ان طرح فارسي، ايران لاءِ مادري زبان آهي، ۽ باقي دنيا لاءِ علمي، ادبي ۽ ثقافتي زبان چئي وڃي ٿي. اهڙيءَ طرح انگريزي، انگلئنڊ لاءِ ۽ فرينچ، فرانس لاءِ، مادري زبانون آهن، پر باقي دنيا لاءِ انهن جي حيثيت ثانوي درجي ۽ بين الاقوامي زبانن جي آهي. اهي علمي ۽ سائنسي زبانون پڻ آهن. بلڪل ان اصول موجب اردو پاڪستان ۾، ڪنهن به خاص جاگرافيائي حدن ۾ رهندڙ خطي جي مادري زبان نه آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي ته انگريزيءَ، عربيءَ، فارسي، روسيءَ، جرمن ۽ فرينچ وانگر، اُن زبان جو دائره نمود هاڻ، گهڻين قومن ۽ ملڪن تائين وسيع ٿي ويو آهي. اردوءَ جا ڳالهائيندڙ ۽ سمجهندڙ هڪ اندازي جي حيثيت سان، (هنديءَ سميت) ڪروڙين آهن، پر مادري زبان جي حيثيت سان، پنج - ڏهہ ڪروڙ ماڻهو به اهڙا نہ ملندا، جي هڪ محدود جاگرافيائيءَ رقبي ۾ هن ٻولي سان وابستہ هجن. ان طرح مشرقي پاڪستان ۾ بنگلا فقط بنگال جي ماڻهن جي مادري ٻولي آهي (هيءَ رپورٽ مهراڻ رسالي جي ايڊيٽر، 1965ع ۾ تيار ڪئي هئي، ان وقت بنگلاديش

جو قيام اچا عمل ۾ ڪونہ آيو هو، اُن جي ڳالهائيندڙن جو ڪوبہ نمايان انداز ڪين آهي. پنجاب، سرحد، سنڌ ۽ بلوچستان لاءِ اُن جي حيثيت، هوبهو اردوءَ واري علمي زبان ۽ غير - مادري زبان جي آهي. ان حيثيت سان، سنڌين لاءِ جيئن عربي، فارسي، انگريزي ۽ فرينچ زبانون، ڪي علمي زبانون تہ ڪي ديني زبانون آهن، تيئن اردو بنگلہ ۽ پشتو زبانون، محض علمي ۽ غير - مادري زبانون آهن. (غلام محمد گرامي، ايڊيٽر سماهي مهراڻ 3-4/ 1965ع)

8-سنڌي زبان، سنڌوماٿر ۽ سنسڪرت جي وجود ۾ اچڻ کان گهڻي اڳ واري دور جي قديم عوامي زبان آهي. سنڌي زبان، انگريزن جي، سنڌ تي 1843ع ۾ قبضي کان اڳ، ڪيترن ئي رسم الخطن ۾ لکي ويندي هئي. هن وقت سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجو هڪ معياري رسم الخط ۽ پنهنجو گرامر آهي. سنڌي ٻولي، سنڌ ۾ مغلن جي دور حڪومت (1593ع - 1700ع) کان وٺي، تعليمي ٻوليءَ جي حيثيت ۾ رائج رهي آهي، پر سنڌي ٻوليءَ جي علمي ۽ ادبي ٻوليءَ هجڻ جا مثال تہ سنڌ ۾ عربن جي فتح کان چار سال اڳ ملن ٿا.

مذهبي تبليغ ۽ مذهبي تعليم طور سنڌي ٻولي، سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت شروع ٿيڻ جي پهرئين دور يعني 401هہ/ 1010ع ۾ سنڌ ۾ آيل اسماعيلي داعين ۽ ساڳئي وقت ٻين فرقن جي صوفي بزرگن ۽ اسلام جي داعين طرفان، مذهبي تبليغ جي ذريعي طور استعمال ٿيڻ لڳي هئي، پر هاڻ تہ محققن اهڙا مثال بہ ڏنا آهن جن مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻولي، سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ کان پنج سؤ کن سال اڳ، ادبي ٻوليءَ جي صورت ۾ سنڌ ۾ رائج هئي. ڊاڪٽر محمد حسن، ڊاڪٽر سنتي ڪمار چٽر جيءَ ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جي تحقيق ۾ هن ڏس ۾ واضح ثبوت ۽ دليل ڏنل آهن.

ڪلهوڙن جي دور (1718ع کان 1782ع تائين) ۾، سنڌ جي مدرسن ۾، سنڌي ٻوليءَ جي تعليم جي ذريعي طور ڪم اچڻ جو وڏي ۾ وڏو ثبوت، مخدوم ابوالحسن جو ڪتاب 'مقدمہ الصلوات' آهي، جيڪو قلمي صورت ۾ اڄ بہ موجود آهي. اُن کان پوءِ شاهہ لطف الله قادريءَ جو رسالو بہ هن سلسلي ۾ هڪ بيش بها اضافو آهي.

سنڌي ٻولي، سنڌ تي انگريزي حڪومت جي شروع وارن سالن، يعني 1848ع کان وٺي، 1947ع ۾ پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان ست سال پوءِ واري زماني، يعني 1954ع ۾، ون يونٽ جي قائم ٿيڻ واري سال تائين، سنڌ ۾ سرڪاري دفتري، ڪورٽن ۽ تعليمي ادارن ۾ ايم. اي تائين (ڪن مضمونن ۾ پي. ايچ ڊي تائين) تعليمي زبان طور رائج رهندي آئي.

انگريزن جي حڪومت جي شروع واري سال، يعني 1848ع ۾، بمبئي پريزيڊنسيءَ جي گورنر، سر جارج ڪلرڪ، هڪ حڪم نامو جاري ڪيو هو، جنهن ۾ جاڻايو ويو هو تہ سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻولي بڻايو وڃي. اُن حڪم نامي جا هُوبهو لفظ هي آهن:

"We should introduce the language of the country (namely Scindhee) as the medium of official intercourse. I do not see in what way our revenue and judicial officers (however their offices and courts may be continued) can work effectively through a foreign medium of communication such as Persian and English. A period of 18 months should, therefore, be allowed to the officers in civil emply to qualify themselves for an examination in the Scindhee language. I believe their doing so will be facilitated by the publication of the dictionary and grammar which I proposed Lieutenant Stack should be allowed to have printed.

The recommendation of the Commissioner that 'early measure, to education, as in our other provinces.' is no doubt judicious, but it were premature to take any measure for farming educational establishment before our own European administration have obtained a complete knowledge of the country and before we have trained up persons, fitted to impart knowledge in vernacular tongue." (James C. Melvill. 1848: 15, paras 68 to 69, 1848)

مٿئين فرمان جي روشنيءَ ۾ 29 آگسٽ، 1857ع تي، سنڌ جي ڪمشنر، سربارٽل فريئر، هڪ حڪم نامو جاري ڪيو جنهن ۾ سرڪاري عملدارن کي هدايت ڪئي وئي هئي ته هُو سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪن. هن حڪم نامي ۾ ڄاڻايل هوته:

(i) آئنده سڀ سرڪاري لکپڙهه سنڌي ٻوليءَ ۾ هلائي وڃي.

(ii) يورپي ۽ ٻيا سڀ پرڏيهي عملدار، سنڌي ٻوليءَ ۾ امتحان پاس ڪن ته جيئن هُو سنڌي ماڻهن کان پنهنجي سر حال احوال وٺي سگهن، سنڌيءَ ۾ لکپڙهه به سمجهي سگهن ۽ نيڪال ڪري سگهن.

(iii) سنڌي اسڪول کوليا وڃن.

انگريزي حڪومت، سنڌ لاءِ تعليمي پاليسي ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ رٿا (Language planning) منظور ڪئي، جنهن موجب:

(i) سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ رسم الخط مقرر ڪيو وڃي.

(ii) مادري زبان ۾ تعليم ڏيڻ لاءِ حڪم نامو جاري ڪيو ويو.

(iii) سرڪاري دفترن ۾ سنڌي ٻولي رائج ڪرڻ لاءِ حڪم نامو ڪڍيو ويو.

(iv) سرڪاري آفيسرن لاءِ سنڌي ٻولي سکڻ لازمي ٺهرائي وئي.

(v) سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتابن کي ترجمو ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ مترجمن لاءِ انعام رکيا ويا.

(vi) سنڌ ۾ تعليم کاتو قائم ڪيو ويو ۽ اسڪولن ۾ نصاب لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب لکڻ لاءِ حڪم نامو ڪڍيو ويو.

(vii) تعليم کاتي ۾ ترجمو سيل (Cell) قائم ڪيو ويو.

(viii) سنڌي زبان جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ هڪ ڪميٽي جوڙي وئي.

(ix) سنڌ ۾ سنڌي ڇاپخانہ قائم ڪيا ويا.

(x) سنڌي زبان جو وياڪرڻ ۽ لغتون لکرايون ويون.

(xi) سنڌي زبان ۾ سنڌ سرڪار طرفان اخبارون ڪڍيون ويون.

(xii) سرڪاري اشتهار ناما، سرڪيولر، پڌرناما ۽ نوٽيس سنڌي زبان ۾ پڻ جاري ڪيا ويا.

9- ورهاڱي کان اڳ واري زماني کان وٺي سنڌي ٻولي، ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ ايم. اي جي مختلف مضمونن لاءِ تعليم جو ذريعو رهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ هن وقت اٿاهہ لٽريچر موجود آهي. ان لحاظ کان چئبو تہ سنڌي زبان هاڻ دنيا جي ڪنهن بہ ٻيءَ ترقي يافتہ زبان کان ڪنهن بہ صورت ۾ يا ڪنهن بہ حيثيت ۾ گهٽ ڪانہ آهي. اُن ۾ اُهي سموريون خوبيون ۽ صلاحيتون موجود آهن، جيڪي هڪ زنده ۽ اعليٰ ادبي ۽ تعليمي زبان ۾ موجود هئڻ گهرجن.

10-اڳ ۾ اهو ذڪر ڪيو ويو آهي تہ 1954ع ۾ مشرقي پاڪستان سان برابري رکڻ لاءِ، مغربي پاڪستان جي صوبن ۽ سيني رياستن کي ملائي، 'ون يونٽ' ٺاهيو ويو. ون يونٽ واري زماني ۾ اُن کان پوءِ 1958ع ۾ جنرل محمد ايوب خان طرفان لڳايل مارشل لا واري زماني ۾ سنڌ ۾ سنڌ کان ٻاهرين علائقن کان مقرر ٿي آيل ڪامورن جي ڪٽرپڻي واري رويي سبب، سنڌ، سنڌي زبان ۽ سنڌ جي ماڻهن لاءِ هزارين مسئلا پيدا ڪيا ويا.

ان ڏس ۾ سڀ کان پهريون مسئلو اهو پيدا ڪيو ويو جو انگريزن جي دور ۾ 1857ع ۾ سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ۽ تعليم جي ذريعي طور جاري ڪيل حڪم نامي جي عمل درآمد کي روڪيو ويو ۽ اهڙيءَ طرح:

(i) سنڌي ٻوليءَ جي دفتري ۽ تعليمي زبان طور ڪم ايندڙ عمل کي ختم ڪيو ويو.

(ii) ڪيترن ئي سنڌي ڪتابن تي بندش وڌي وئي.

(iii) ڪيترين ئي سنڌي اخبارون ۽ رسالا بند ڪيا ويا، ۽ ڪن رسالن ۽ اخبارن جي جاري ٿيڻ لاءِ ڏنل لائيسنس رد ڪيا ويا.

(iv) تحريرن ۽ تقريرن ۾ 'سنڌ' لفظ جي ڪم آڻڻ تي بندش وڌي وئي.

(v) علمي ۽ ادبي جلسن وغيره ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ تقريرون ڪرڻ تي بندش وڌي وئي.

(vi) انگريزي حڪومت جي دور ۾ جاري ڪيل حڪم نامي موجب، سنڌ ۾ ٻاهران بدلي ٿي آيل غير۔ سنڌي ڪامورن کي، سنڌي ٻوليءَ جو امتحان لازمي طور پاس ڪرڻ واري قانون کي روڪيو ويو.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جي دور ۾، جولاءِ 1972ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ طرفان پڪراءِ منظور ڪيل 'سنڌي ٻولي ائڪٽ' (1972ع) موجب سنڌ کان ٻاهران مقرر يا بدلي ٿي آيل غير۔ سنڌي ڪامورن لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ امتحان پاس ڪرڻ وارو قانون وري بحال ڪيو ويو ۽ اهو امتحان سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن کي وٺڻو هوندو هو. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي 28 مارچ 1981ع واري پڌرنامي ۾ ڄاڻايل آهي ته:

"اُهي سرڪاري ملازم جيڪي گريڊ پنجين ۽ ان کان مٿي گريڊ ۾، سنڌ ۾ ڪم ڪن ٿا، اُنهن مان جن جي مادري زبان اُردو نه آهي، تن کي اردو ٻوليءَ ۾، ۽ جن جي مادري زبان سنڌي نه آهي، تن کي سنڌي ٻوليءَ جو امتحان لازمي طور پاس ڪرڻو پوندو. اهو امتحان سال ۾ ٻه دفعا ورتو ويندو." (الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 2006ع، ص 417)

انهيءَ پڌرنامي ۾ اهو به ڄاڻايل آهي ته:

"اُهي ڪامورا جيڪي اهو امتحان مقرر ڪيل عرصي اندر پاس نه ڪندا، اُنهن جي ساليانو انڪريمينٽ، اُن وقت تائين روڪي ويندي جيستائين هُو اهو امتحان پاس نه ڪندا. پر جنهن تاريخ کان هُو اُهو امتحان پاس ڪندا، اُن تاريخ کان انهن جي روڪيل انڪريمينٽ جاري ڪئي ويندي." (الانا، غلام علي، ڊاڪٽر 2006ع، ص 417)

پر حيرانيءَ جي ڳالهه هيءَ آهي ته سنڌ سرڪار جي سروسز ۽ جنرل کاتي (S&G) طرفان، سنڌ سرڪار جي انهيءَ حڪم نامي تي قدم کڻڻ جي ڪڏهن به ڪا ضرورت محسوس ئي ڪانه ڪئي وئي. نتيجي طور خود 'سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن'، پنهنجيءَ رپورٽ، سال 1997ع ۾، صفحي 108 تي ڄاڻايو آهي ته:

"سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن، 16 گريڊ کان وٺي مٿي سول آفيسرن جا، سنڌي ۽ اردو ٻولين جا، سال ۾ ٻه دفعا، حيدرآباد، ڪراچي ۽ سکر وارن مرڪزن ۾ Sindh Civil Servants Language Examination 1981 and Syllabus Reviewed ۾، جنهن جا تفصيل، — Appendix

vii ۾ صفحي 39 تي ڏيندي ڄاڻايو آهي ته: ڪوبه اُميدوار سنڌي ٻوليءَ جي امتحان ۾ ڪونه ويٺو.“ (الانا، غلام علي ڊاڪٽر: 2006ع، ص 418)

نه فقط اهو پر 1973ع ۾ اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي شق (3) 251 ۾ سيني صوبائي زبانن کي تحفظ ڏيڻ جي باوجود، پاڪستان جي ٻين خطن کان، سنڌ ۾ بدلي تي آيل غير- سنڌي ڪامورن جي ڪٽرپڻي واري رويي سبب، سنڌ سرڪار جي حڪمن ۽ سنڌ سرڪار جي انتظامي پاليسيءَ جو ڪوبه احترام نه ڪيو ويو جنهن ڪري سنڌ جي سيني آفيسن کان سواءِ، سنڌ جي ميونسپل ڪارپوريشنن، ميونسپالٽين ۽ ميونسپل ڪميٽين جي ميئرن يا ضلعي ڪائونسلن جي چيئرمئن (سواءِ اندروني سنڌ ۾ ڪن ٿورن جي) توڙي سيڪريٽري تعليم، سنڌي ٻوليءَ جي دفتري ۽ ذريعه تعليم واريءَ حيثيت کي ختم ڪرڻ ۾ ڪابه دير ڪانه ڪئي، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي جاءِ تي، فقط اردو ٻوليءَ کي دفتري ۽ تعليمي ٻوليءَ طور استعمال ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا. اُن جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪراچي، سنڌ جو صدر مقام هئڻ جي باوجود، ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن، جتي انگريزن جي زماني ۾ (ورهاڱي کان اڳ)، سنڌي ٻولي، انگريزيءَ سان گڏ، دفتري ٻوليءَ طور استعمال ٿيندي هئي، اُتي سنڌي ٻوليءَ کي، صوبائي ۽ دفتري ٻوليءَ واريءَ حيثيت تان هٽائي، اُن جي جاءِ تي صرف ۽ صرف اردوءَ کي سرڪاري ۽ دفتري زبان طور استعمال ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا. اهڙيءَ طرح اڳتي هلي، حيدرآباد ۽ سکر جي ميونسپل ڪارپوريشنن ۾ به غير- سنڌي چيئرمنن جي دور ۾، سنڌي ٻوليءَ جي دفتري ٻوليءَ واريءَ حيثيت کي ختم ڪيو ويو.

سنڌ حڪومت طرفان، 7 جولاءِ، 1972ع تي، سنڌ اسيمبليءَ طرفان پاس ڪيل ”سنڌي ٻولي ائڪٽ“ جو به احترام نه ڪيو ويو آهي، ۽ مٿي ڄاڻايل سيني سرڪاري نيم سرڪاري ۽ لوڪل باڊيز جي آفيسن (ڪراچي ۽ حيدرآباد کان سواءِ سنڌ جي باقي سيني ضلعن ۾، ناظمن طرفان سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو آهي) توڙي سنڌ جي سيني خانگي ۽ انگريزي ميڊيم وارن اسڪولن ۾، ذريعه تعليم کان سواءِ، سنڌي ٻوليءَ کي مادري زبان يا غير- مادري زبان طور پڙهائڻ جو رواج ختم ڪيو ويو.

11- انگريزن جي حڪومت جي وڏي عرصي، 1843ع کان 1947ع تائين، سنڌ ۾، ترقي پسند ادب جي شروع ٿيڻ تائين، سنڌي ٻوليءَ تي، ايراني طرز واريءَ شاعريءَ جو اثر نمايان هو. سنڌ جي شاعرن کي اها سوکڙي، ڪلهوڙن جي حڪومت واري زماني (1718ع- 1782ع) کان ملي هئي. البت اُن دور جي شاعرن جو پنهنجي مادري زبان، سنڌيءَ سان دلي لڳاءُ ضرور هو. ساٿيهه ۽ ساٿيهه جي ٻوليءَ سان انهن مان ڪن بزرگ شاعرن جو دلي ڳانڍاپو هو. لطيف سائين به، اُنهن شاعرن مان هو پر اهو ذهن ۾ رکڻ کپي ته سنڌ جي ماڻهن جو قديم زماني کان، پنهنجي ڌرتيءَ ۽ پنهنجي ماءُ ٻوليءَ سان عشق، ازل کان رهيو آهي. هن سلسلي

۾ سڀ کان آڳاٽي ۽ دنيا جي پهرئين ڪتاب "رگ ويد" ۾ به اُن زماني ۾ شامل تيل هڪ منڊل ۾ پنهنجي عشق جو اظهار هن طرح ڪيل آهي:

آجهل اٿموت سنڌو
ٻل واري سگهاري سنڌو
ڏيهن ۽ ميدانن مان
اپار پاڻيءَ جا ڦهلاءَ ڪٽي،
جرڪندي ڪڙڪات ڪندي وهندي رهي ٿي
جهڙي ابلق گهوڙي، سونهاري ۽ سوپياوان
سنڌو پلن گهوڙن ۾ شاهوڪار آهي،
۽ آهي شاهوڪار ويسن وڳن ۾
سهڻي گهڙيل سون ۾ شاهوڪار
اڻ مٽي مايا جي مالڪ
هتان جا گاهه نيڻ نار ۽ لذت وارا
اُن اهڙيءَ جو وينو ڏس،
شربت جو ميناج نه پڇ.

مغلن جي دور ۾ اُهو پهريون شاعر، جنهن پنهنجي ساڻيهه ۽ ساڻيهه جي ٻوليءَ سان عشق جو لاثاني اظهار ڪيو اهو شاعر آهي شاهه عبداللطيف ڀٽائي. مثال طور لطيف سائين فرمايو آهي:

ٻولي منهنجي ٻانيڻياڻي، الا
آهيان خان ڪٽياڻي.

ٻئي هنڌ فرمائين ٿا:

سجڻ ۽ ساڻيهه ڪنهن اٺاسيءَ وسريه
حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو.

اجا به اڳتي فرمائين ٿا:

جو فارسي سکيو، گولو توءِ غلام،
جو ٻڌو ٻن ڳالهيين، سو ڪيئن چاهي چام،

أڄيو تان آب گهري، بکيو تان طعام،
اي عام سندو عام، خاصن منجهان ڪين ٿئي.

پنهنجيءَ مادري ٻوليءَ جي سلسلي ۾، سيد ثابت علي شاهه جا جوڙيل 'مرثيه'، سنڌي ٻوليءَ سان عشق جي ڪمال جو اظهار آهن. اهڙيءَ طرح ميان سرفراز خان ڪلهوڙي جي مدح هڪ بي مثال اضافو آهي. اڳتي هلي، ٽالپرن جي آخري ڏينهن ۾ مير حسن علي خان 'حسن'، انگريزن جي زماني ۾، آخوند گل محمد گل، آخوند قاسم، سيد فاضل شاهه، مير عبدالحسين خان 'سانگي'، ديوان ڪوڙيمل، مرزا قليچ بيگ ۽ ٻين، شعوري طور پنهنجي مادري زبان جي ترقيءَ لاءِ ڪوششون ڪيون. انهن بزرگن جي ڪاوشن جا مثال سنڌي ادب جي تاريخن ۾ گهڻائي ملن ٿا. مثال طور:

(i) ڌيهي عالمن، اديبن ۽ شاعرن کان سواءِ، ڌيهي ماسرن، مغرب کان مقرر ٿي آيل ڪامورن، عيسائي پادرين به سنڌي ٻوليءَ جي وڏي خدمت ڪئي. انهن، سنڌن مذهب جي پاڪ ڪتاب، بائيبل جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو.
(ii) پادري شرٽ ۽ ڪئپٽن جاج اسٽئڪ، سنڌي ٻوليءَ جو گرامر، ۽ 1848ع ۾ 1855ع ۾ انگريزي- سنڌي ۽ سنڌي انگريزي لغتون لکيون. جن غير سنڌي ڪامورن کي سنڌي سکڻ ۾ وڏي مدد ڪئي.
(iii) ڊاڪٽر ٽرمپ پهريون غيرملڪي عالم هو، جنهن شاهه جي رسالي کي ترتيب ڏيئي، سنڌي ٻوليءَ ۾، پهريون دفعو جرمنيءَ جي شهر، ليپسيا مان، 1866ع ۾ ڇپايو. سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ اهو سندس اهم ڪارنامو سمجهيو ويندو آهي.
(iv) ڊاڪٽر ٽرمپ جو ٻيو اهم ڪارنامو 'A Grammar Sindhi Language' ڪتاب آهي، جيڪو هن 1872ع ۾ شايع ڪرايو. ڊاڪٽر ٽرمپ جو هي گرامر ان ڪري به خاص اهميت وارو ڪتاب آهي جو هُن، اُن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت، سڀني عالمن مان پهرين پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو هو. جنهن کي بنياد بنائي، سر گريئرسن، پروفيسر ڀيرومل آڏواڻيءَ، ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ٻين ماهرن هن موضوع تي لکيو.
(v) هن ئي دور ۾ ديوان ننديرام سيوهاڻي، ديوان اُڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي، سيد ميران محمد شاهه (اول)، ديوان نارائڻداس وسناڻي، ميون غلام حسين قريشي ۽ ڪي ٻيا سنڌي ٻوليءَ جا ناليوارا اديب ۽ دانشور هئا. جن سنڌي نثر ۽ نظم ۾، اوائلي ڪتاب لکيا. جن جو تفصيل سنڌي ادب جي تاريخن ۾ موجود آهي.

اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ انگريزن جي دور ۾، ايراني طرز واري شاعري، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڀ زور هئي. هن سلسلي ۾ ڪيترائي ديوان، ڪليات ۽ بياض شايع ٿيا. انگريزن جي دور ۾ غزل واريءَ شاعريءَ جي مطالعي مان ائين پيو معلوم ٿئي تہ ڄڻ تہ ان وقت سنڌ ۾، بلبل گلن مٿان ڦيرا پائي رهي هئي، پروانا، شمعن مٿان مشتاق ٿي، جلي خاڪ ٿيندا رهيا. عاشق پنهنجن محبوبن جي وصال لاءِ واجهائيندا رهندا هئا. پئمانا ۽ مئخانا، مستانن سان ڀريل هوندا هئا. ساقي جام ڀري، مشتاقن کي پيا آڇيندا هئا. محبوبائون، نرگسي نيڻن سان نشتر ڪڍي، عاشقن جي سينن مان پار ڪنديون هيون. دلبرن جي سُنبل جهڙن زلفن جي پيچن ۽ وڪڙن ۾، عاشقن جون دليون اٽڪيل ۽ قابو ٿيل هونديون هيون. عاشق، حسينن جي چهرن جي خط و خال کي ڏسي، خمار ۾ اچي، وڦلندا هئا. ستمگرن جون پٿر جهڙيون دليون، پگهرجڻ کان زور هونديون هيون. دلدارن جي اکين جي شوخي ڏسي، عاشق آهون ۽ دانهون ڪندي، غش کائي، ڪري پوندا هئا ۽ برهہ جي باهہ سڄيءَ ڪائنات ۾ تپش ۽ گرمي وڌائي ڇڏي هئي (مخدوم طالب المولیٰ، مضامين طالب)

اِهي سڀ ڳالهيون، اُن وقت جي غزل واريءَ شاعريءَ جو تاڃي پيٽو هيون. پر حقيقت هيءَ آهي تہ انهن خوبين وارو ڪلام، اميرن جي دلين کي تہ وندرائي سگهيو ٿي. پر اِهي ڳالهيون عام ماڻهن جي سمجهہ ۽ پهچ کان پري هونديون هيون. ڇاڪاڻ تہ غزل واريءَ شاعريءَ ۾ بيان ڪيل نظارا ۽ منظرعام ماڻهن جي زندگين ۾ جاتل سڃاتل نہ هئا. اهي سڀ شيون عام ماڻهن لاءِ اوپريون ۽ ڌاريون هيون. اهي نظارا، سنڌ جي نظارا ڪونہ هئا. اهي ڳالهيون سنڌ جا عام ماڻهن جي جيوت ۾ جاتلِ سڃاتل نہ هيون. (مخدوم طالب المولیٰ، مضامين طالب)

هن قسم واريءَ شاعريءَ لاءِ، سنڌي ٻوليءَ جو هڪ وڏو شاعر مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ پنهنجي ڪتاب، 'ڪافيءَ' ۾ لکي ٿو:

> "موزون شاعري ڌارين آهي. اُن ۾ هٿرادو ناهيل ڳالهيون آهن ۽ هنڌ هنڌ اهل ڪرڻي پوي ٿي، جي سڀ بي بقا شيون آهن. موزون شاعريءَ ۾، گل و بلبل جو بيان، ساقي ۽ صراحيءَ جو ذڪر، گلگست ولالہ زار جا احوال ۽ شاهد بازيءَ جون ڳالهيون هونديون آهن. اهي سڀ شيون ٻاهريون آهن، اهي تصور ايراني آهن، اهي تخيل ئي پرايا آهن، ۽ اهي مضمون ئي ڌاريان بلڪ اُڌارا آهن. هيترو ضرور آهي تہ اسان جي ملڪ وارن بادشاهن ڀ پنهنجي لاءِ اهي شيون مهيا ڪيون. پر سنڌن فنا ٿيڻ سان گڏ، اهي ڀ فنا ٿي ويون".
> (مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ، 1962ع: 36)

مخدوم صاحب جن اڳتي لکن ٿا:

"اسان جي شاعريءَ جو انهن شين سان ڪوبہ واسطو ڪونہ آهي. اسان جو ماحول بہ پنهنجو تہ رسمون ۽ رواج بہ پنهنجا، عشق ۽ محبت جا دستور بہ پنهنجا تہ تصور ۽ تخيل بہ پنهنجا، نظارا بہ پنهنجا، اشارا بہ پنهنجا. خشڪ جبل، واريءَ جون ڀٽون، بيابان، ڪنڊا، ڪرڙ ڪنڊا، ليون ۽ ليار، ٻير، درياهہ ۽ واهڙ وغيره آهن.

اسان وٽ، عورت عاشق ۽ مرد معشوق آهي. ايراني شاعريءَ ۾ بيجا شڪايت، سخت گلا، محبوب تي الزام هڻڻ ۽ کيس ظالم، جلاد، بيدرد ۽ بيوفا سڏڻ جائز آهي.

ايراني شاعريءَ ۾ رقيب جو تصور ايڏو تہ گندو ۽ ذليل ڪارنامو آهي، جنهن جي حد ئي ڪانهي. اهو ايڏو تہ بي غيرتيءَ جو ثبوت آهي جو هڪ ئي مثال بس آهي. اسان جي شاعريءَ ۾ التجائون، صدائون، سنيهون تمنائون، مدعائون ۽ رڳيون دعائون آهن." (طالب المولي، 1962ع: 36)

12 ـ سنڌي ٻوليءَ جي نئين سنڌي شاعريءَ ۾، سنڌي ماڻهن جي نفسياتي ڪيفيتن جو ذڪر آهي. اُن جي اظهار ۾، سنڌي ٻوليءَ جي ماهيت، شاهوڪار ۽ وسيع هجڻ جو وڏو هٿ رهيو آهي. اُن ۾ عام ماڻهن جي مزاج جي سادي، ڪوملتا، نرملتا، رعب، ڀاو حسناڪي ۽ ميناج جو اظهار وڌيڪ آهي. اُن ڪري نئين سنڌي شاعريءَ جي ٻولي وڌيڪ وڻندڙ، وڌيڪ مني ۽ وڌيڪ ڪومل لڳي ٿي. اُن ۾ پنهنجي مادري زبان سان وڌيڪ اُنس، وڌيڪ محبت ۽ وڌيڪ پيار لاءِ التجا آهي، نصيحت آهي ۽ تاڪيد آهي. اُن سلسلي ۾، سنڌ جي سدا حيات شاعر ۽ صوفي بزرگ، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ، سچل سرمست، ساميءَ، بيدل ۽ بيڪس کان سواءِ، اوڻيهين ۽ ويهين صديءَ جي شاعرن ۽ نثر نويسن، جهڙوڪ: مير عبدالحسين خان 'سانگيءَ'، شمس الدين 'بلبل'، مرزا قليچ بيگ، حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ، سيد مصري شاهہ، منٺار فقير راجڙ، سيد حسن بخش شاهہ، مولانا عبدالغفور همايوني 'مفتون'، مخدوم طالب المولىٰ، شيخ اياز اُستاد بخاريءَ، عبدالڪريم گدائيءَ، نياز همايونيءَ، تنوير عباسيءَ، محمد خان مجيديءَ، ابراهيم منشيءَ، سرويچ سجاوليءَ، شمشيرالحيدريءَ ۽ امداد حسينيءَ کان سواءِ، نثر نويسن ۾ علامہ آءِ. آءِ قاضيءَ، سائين جي. ايم سيد، ڊاڪٽر دائودپوٽي، پير علي محمد شاهہ راشدي، پير حسام الدين شاهہ راشديءَ، عثمان علي انصاريءَ، غلام محمد گراميءَ، محمد عثمان ڏيپلائيءَ، آغا تاج محمد، خان بهادر محمد صديق ميمڻ، محمد صديق مسافر، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پروفيسر ڀيرومل آڏواڻيءَ، احمد چاڳلا، لالچند امر ڏنومل جڳتياڻيءَ، تيرٿ وسنت، پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ۽ کانچند درياڻيءَ سميت سڀني ساڃاهہ وندن، پنهنجيءَ مادريءَ زبان سنڌيءَ سان پنهنجيءَ عقيدت، محبت،

پيار، الفت ۽ پنهنجي دلي ڳانڍاپي جو اظهار ڪيو آهي. انهن سيني بزرگن پنهنجي سنڌي هجڻ واريءَ سڃاڻپ (identity) جو درس ڏنو آهي. هن سلسلي ۾ لطيف سائينءَ جي ساڻيهه ۽ ساڻيهه جي ٻوليءَ لاءِ الفت جي اظهار جو اڳ ۾ ذڪر ڪيو آهي.

پنهنجي مادري ٻوليءَ سان محبت جو اظهار قبليٰ مخدوم طالب المولیٰ جن هيئن ڪيو آهي:

”هر ڪا ٻولي ڦرندي رهي ٿي ۽ ڦرندي رهندي، ڇوته ٻوليءَ جي ڦيرڦار سندس فطرت آهي. انهيءَ ڦيرڦار کي ڪير به روڪي نه سگهندو. ڇاڪاڻ ته ٻولي وڏي سگهه رکي ٿي، پر هيءَ ڳالهه ياد رکجي ته ٻوليءَ سان زور آزمائي ۽ هٿ چراند ڪرڻ ٻوليءَ سان خيانت ڪرڻي آهي، جا هرگز نٿي ٿهي. مگر هي به ڌيان ۾ رکجي ته ٻوليءَ ۾ جاڻي واڻي ڌاريا ۽ اڻ وڻندڙ لفظ ٺنبيا نه وڃن، ڇوته ٻوليءَ (خاص طور تي اسان جي پنهنجي سنڌي ٻولي) وٽ پنهنجو عظيم ذخيرو موجود آهي ته پوءِ اُڌارا ڇو کڻجن. مگر مناسب طرح اصطلاح ڪرڻ به ڏوهه نه آهي. عرب ۽ ايران جو سنڌ سان پراڻو لاڳاپو آهي. ان ڪري صدين کان اهي زبانون سنڌي ٻوليءَ ۾ چڱيءَ طرح ملي ويون آهن، ۽ سنڌيءَ انهن زبانن کي اهڙيءَ طرح ته پنهنجو ڪري ڇڏيو آهي جو نه ڌاريائپ لڳي ٿي ۽ نه ئي وري انهن زبانن کي سنڌيءَ مان ڪڍي سگهجي ٿو. ساڳيءَ طرح سنسڪرت ۽ هنديءَ جي لفظن کي به سنڌي ٻولي هضم ڪري چڪي آهي.“ (مخدوم طالب المولیٰ)

(iv) ويهين صديءَ جي هڪ ٻئي ڀڄڳٽي شاعر، شيخ اياز سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي امڙ سڏيو آهي. شيخ صاحب هن موضوع تي گهڻو ئي ڪلام چيو آهي. مثال طور:

ميان! تون ته اڃا نٿو سنڌيءَ ۾ سوچين،
پنهنجو پاڻ ڪرين، روز پيو تون ترجمو!

—

جيڪو سنڌيءَ ۾، سو ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڪٿي!
اردوءَ ۾، هنديءَ ۾، تون آهين جڻ اوپرو.

—

جيڪا ٻولي تنج سان، تنهنجي پيٽ ۾ پيئي،
سا تو ڪيئن ڪئي، اڄڪلهه آهي اوپري.

پنھنجي ٻوليءَ ۾ ميان، جڏھن چوندين ماءُ،
توکي اھڙو ساءُ، ڏيندي ٻي ٻولي ڪٿي؟

—

ڪوجو چوي ايئن، تنھنجي ماءُ مري وئي،
۽ توکي ڳوڙھا اچن، اھو ٻڌڻ سيئن،
ٻولي تنھنجي تيئن، آھي امڙ وانگيان.

—

مون ڪُھنبا ڀِھريا، ڀھڳڻ ٻوليءَ کي،
ائين پيو ڪير چوي، ڏوھيڙا ھن ڏيھ جا.

—

ٻوليءَ جوپَنَ وَنُ، پوڙھو ٿيندو ڪينڪي،
اڄ ٻـ منھنجو من، ساٿو سانوڻ جھنگ جيان.

ساڳيءَ طرح، سنڌ جي ھڪ ٻئي عظيم شاعر، اُستاد بخاريءَ پنھنجيءَ ماءُ ٻولي سنڌيءَ لاءِ جذبن جو اظھار ھيئن ڪيو آھي:

”تنھنجي مٺي لوليءَ جي ساک اڄ تو ڪٿان!
منھنجي اما منھنجي زبان، قومي زبان!
پنھنجي زبان کان منھن مٽيان، متجي وڃان!
ڌاري زبان کي جي ڇٽيان، ڇٽ ٿي وڃان!
اھڙو ٿيان، مون کي نہ تون ٿيج بخشجان.
منھنجي اما، منھنجي زبان، قومي زبان!
مون کي نہ ٿي گُھرجي اڄ ڪا ٻي دعا!
مون کي رڳو ھر وقت پئي ڪر ھيءَ دُعا:
سنڌي لکان، سنڌي پڙھان، سنڌي رھان!
منھنجي اما، منھنجي زبان، قومي زبان!

—

جيجل جھولي، ڏئي پئي لولي،
سنڌي ٻولي، قومي ٻولي!

وڏڙو ٿيندين، وڪڙون ڪڻندين،
ڀرين ڀرين، ڦرهي پڙهندين،
ٻي ٻي ڀي ڀي ٻاتي ٻولي!
سنڌي ٻولي......

اهڙيءَ طرح مشهور قوم پرست شاعر، عبدالڪريم گدائيءَ، پنهنجيءَ مادري زبان لاءِ پنهنجن جذبن جو اظهار هيئن ڪيو آهي:

جيڪو وائي شاهه جي ڳائي، ٻولي جيجل جي ورجائي،
تنهن تي ڀريدار اچا پي ساڳيا ڙي

-

جنهن ۾ ڀرين مون اڪ ڪولي!
پيار ڀري جيجل جي جهولي،
جنهن ۾ ماءُ ڏني ٿي لولي،
اُن ٻوليءَ تي چوڙيئي گولي!
لوليءَ تي تو ڪئي للڪار:
پنهنجا پي ڏس ڪجهه پرڪار!
حيف هجئي اي ڏاريا يار!

(vii) ساڳيءَ طرح نياز همايونيءَ، پنهنجن جذبن جو اظهار هيئن ڪيو آهي:

اي وطن، منهنجا وطن پيارا وطن، تون لک لهين!
تنهنجا ويرانا به ٿا مون کي وڻن، تون لک لهين!
تنهنجي ٻولي جڻ تہ اونداهيءَ ۾ ٽانڊاٽا الا!
تنهنجا گفتا جڻ تہ چانڊاڻين ۾ مانڊاٽا الا!
تنهنجي مجلس تي ملائڪ پي ڇڪن، تون لک لهين!

بلڪل ساڳيءَ طرح سائين جي. ايم سيد بہ سنڌي ٻوليءَ سان پنهنجي دلي ڳانڍاپي لاءِ سڄي عمر تبليغ ڪندا رهيا. فرمايايو اٿن تہ:

"سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي ارتقا ۽ مکيہ بين الاقوامي ٻولين سان لاڳاپي هئڻ سبب، سنڌي ٻوليءَ ۾ نہ صرف لفظي ذخيرن جي ڪثرت ۽ جدت آهي، مگر هن ٻوليءَ جي

صرف ونحوءِ ۾ بہ اها وسعت ۽ جدت ۽ جاذبيت آهي. جا ٻيءَ ڪنهن بہ هند۔ آريائي ٻوليءَ ۾ نہ آهي. ان ڪري بيان جي اظهار لاءِ يا ان ۾ ايجاد ۽ اختصار پيدا ڪرڻ لاءِ بہ سنڌي ٻوليءَ جي سٽاءَ ۽ ساخت ايتري وسيع، ڳوڙهي ۽ مڪمل آهي، جنهن جو مثال ڪنهن ماڊرن هند۔ آريائي ٻوليءَ ۾ نٿو ملي.“

سنڌين جي سڃاڻپ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي زنده جاويد رکڻ جو اونو سنڌ جي بين الاقوامي شهرت جي هڪ وڏي عالم، علامہ آءِ آءِ قاضيءَ کي بہ هوندو هو. 22 آڪٽوبر، 1967ع تي، عبرت اخبار کي ڏنل انٽرويو ۾ علامہ قاضي صاحب جن فرمايو:

”سنڌيءَ کي زنده رکڻ انهيءَ ڪري ضروري آهي جو حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام سنڌيءَ ۾ آهي. شاهہ جي ڪلام کي زنده رکڻ بيحد ضروري آهي. اسان وٽ شاهہ جي ڪلام کان سواءِ ٻيو آهي ڇا؟ اهو اسان جو وڏو سرمايو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾، شاهہ صاحب جي ڪلام کي اهائي حيثيت حاصل آهي جيڪا عربي ٻوليءَ ۾، قرآن شريف کي حاصل آهي. اسان سنڌي ٻوليءَ کي ڇڏيو معنيٰ شاهہ لطيف کي ڇڏي ڏنوسين، ۽ اها اسان جي سڀ کان وڏي بدقسمتي ٿيندي“ (علامہ آءِ آءِ قاضي: 1967ع، 22، آڪٽوبر، عبرت اخبار ۾ انٽرويو)

علامہ صاحب جن اڳتي فرمايو:

”مون، جرمن ٻولي رڳو ان ڪري سکي، جيئن جرمن ٻوليءَ جي عظيم ترين شاعر، ’گوئٽي‘ کي سندس زبان ۾ پڙهي ۽ سمجهي سگهان، حالانڪ باقي علم، جيڪي جرمن ٻوليءَ ۾ آهن، سي انگريزيءَ ۽ ٻين ڪيترين ئي ٻولين ۾ موجود آهن. ۽ انهن لاءِ خاص طور تي جرمن ٻولي سکڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانہ هئي.“ (علامہ آءِ آءِ قاضي: 1967ع، 22، آڪٽوبر، عبرت اخبار ۾ انٽرويو)

علامہ صاحب جن اڃا بہ اڳتي فرمايو:

”عربي زبان کي رڳو ان ڪري زنده رکڻ ضروري آهي جو قرآن شريف اُن ٻوليءَ ۾ نازل ٿيو. قرآن شريف جي ماهيت کي چڱيءَ طرح سمجهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ، عربي زبان جو سکڻ لازمي آهي. ڪنهن بہ ٻيءَ زبان ۾ اُن جو ترجمو ايڏو (اونهو) جامع ۽ مڪمل نٿو ٿي سگهي. ڪمال پاشا اتاترڪ، قرآن شريف جو ترڪي زبان ۾ ترجمو ڪرايو پر هن ڪوشش ۾ هو سراسر ناڪام ويو، ڇاڪاڻ تہ ترڪي ٻوليءَ ۾، اها ماهيت ۽ گهرائي ڪانهي، جيڪا قرآن شريف ۾ پنهنجي معراج تي آهي.

انهيءَ ڪري جهڙيءَ طرح قرآن شريف لاءِ عربي ٻوليءَ کي زنده رکڻ ضروري آهي، بلڪل اهڙيءَ طرح شاهه صاحب جي ڪلام لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکڻ ضروري آهي.“ (علامه آءِ آءِ قاضي، 22 آڪٽوبر، 1967ع، عبرت اخبار ۾ انٽرويو)

علامه قاضي صاحب جن اڃا به اڳتي فرمايو:

”سنڌي زبان هڪ موسيقيءَ واري زبان (musical language) آهي. موسيقي، سنڌي ٻوليءَ جي سڀ کان وڏي خصوصيت ۽ خوبي آهي. انگريزي ٻولي، انهيءَ خصوصيت کان محروم آهي. انهيءَ ڪري انگريزي ٻوليءَ جي سڀ کان وڏي شاعر، شيڪسپيئر جي چند شعرن کان سواءِ باقي شعرن کي ڳائي نٿو سگهجي، جڏهن ته شاهه عبداللطيف جي سٽ سٽ کي ڳائي سگهجي ٿو.“

علامه صاحب جن اڃا به اڳتي فرمايو:

”ٻوليون چند سالن ۾ نه، پر هزارن سالن ۾ ٺهنديون آهن ۽ انهن جو بنياد، موسيقيءَ جي بنياد تي ٿي هوندو آهي. گرامر پوءِ ٺهي ٿو ٻولي پهريائين ٺهي ٿي. گرامر رڳو هڪ ٻه صديون اڳ جي پيداوار آهي. اُن کان اڳ، زبان جي ترقي ۽ نشونما، موسيقيءَ جي بنيادن تي ٿيندي رهي آهي. اهي ٻوليون، اهڙيون گهڙيون وينديون هيون، جيئن ڳالهائڻ ۾ وڻندڙ ۽ موسيقيءَ جي سرن سان هم آهنگ محسوس ٿين.

انگريزي ٻولي، انهيءَ ڪري موسيقيءَ جي خصوصيت کان محروم رهجي وئي آهي جو هزارين سال اڳ، جڏهن موجوده انگريزن جا ابا ڏاڏا، جرمنيءَ مان لڏي، انگلينڊ ۾ اچي رهيا هئا، تڏهن انهن پنهنجيءَ ٻوليءَ کي بگاڙي ڇڏيو ۽ ان کي جرمن ٻوليءَ وانگر سرتال تي اُپڙڻ نه ڏنائون.“ (علامه آءِ آءِ قاضي، 22 آڪٽوبر 1967ع، عبرت اخبار ۾ انٽرويو)

(ii) علامه ڊاڪٽر دائودپوٽي فرمايو:

”اسان جي پياري ’سنڌي‘ هڪ قديم زبان آهي. موجوده يورپ جي متعدد ٻولين کان به آڳاٽي آهي. اُهي اڃا وجود ۾ ئي نه آيون هيون، ۽ اڙدوءَ جو اڃا اير پير به معلوم ڪونه هو ته سنڌي زبان هڪ پاڪيزي نموني ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ ايندي هئي. جرجنگ ۾ سنڌ جا اهل الله، سنڌي بيت ۽ ڏوهيڙا جهونگاريندا هئا. انهن ۾ ايترو سوز ۽ ساز هوندو هو جو ٻڌندڙ محو حيرت ٿي ويندا هئا، ۽ ڪيترائي ڪافي ڪباب ٿي، جان فدا ڪندا هئا. ڇا مخدوم احمد پٽنيءَ، هڪ سماع جو بيت ٻڌندي ساهه نه ڏنو؟ ڇا هڪ سيلانيءَ، شاهه لطيف جو هينئون بيت پڙهندي، پنهنجي حقيقي محبوب جي سڪ ۾ پران نه تيا ڳيا؟

هيڪليائي هيل، پوربنديس پرينءَ ڏي،
آڏا ڏونگر لڪيون، سوريون سجن سيل،
تـ ٻيلي آهن ٻيل، سور پريان جا ساڻ مون!

انهن قرب جي وٽين ۾ اچا بـ ماڪيءَ جهڙو مڻ آهي، ڪرو ڪو انهيءَ جي چاشني چکي، ڪي سطحي ماڻهو چوندا آهن تـ سنڌي هڪڙي ننڍي ۽ سڪڙي زبان آهي ۽ منجهس ادب بلڪل ٿورو آهي. سنڌي هڪ تونگر زبان آهي. منجهس عاليشان ۽ همہ گير ادب جون سڀئي صلاحيتون موجود آهن." (دائودپوٽو ڊاڪٽر، 1983ع: 9 ۽ 10)

سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ٻيو وڏو ڏاهو ۽ ودوان، محترم ابراهيم جويو پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ جي اهميت جو اظهار ڪندي، 'سنڌي ذات هنجن' ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

"'ٻولي'، 'آواز'، 'دانهن جو جواب'، ٻوليءَ جا لفظ، ٻوليءَ جون ڳالهيون، زندگيءَ جي وڏي وٿ آهن ۽ اُن لاءِ وڏو آڌت آهن، بلڪ ماڻهن لاءِ ماڻهپي سان جيئڻ جو بنياد آهن."

روسي اديب، ترگنيف (1818ع – 1883ع)، جنهن پنهنجيءَ زندگيءَ جو اڌ حصو ڪنهن طرح بي وطنيءَ ۾ گذاريو هو تنهن پنهنجي روسي ٻوليءَ لاءِ هڪ موقعي تي چيو هو تـ:

"جڏهن بـ آءٌ شڪ ۾ ويڙهجي وڃان ٿو، جڏهن بـ پنهنجي ملڪ تي ويچاريندي منهنجو من لرزجي وڃي ٿو تڏهن او منهنجي سگهاري، عظيم، سچار ۽ آزاد روسي ٻولي! تون ئي مون کي ڏڍ ڏين ٿي، ۽ مون کي بچائين ٿي. جي تون نـ هجين تـ پڪ ئي پڪ، جو ڪجهہ منهنجي وطن تي وهي رهيو آهي، اُن کي ڏسي، آءٌ هوند ڍهي ٻنهہ پٽ اچي پوان ها، پر ڪو ائين آخر ڪيئن ٿو مڃي سگهي تـ ههڙي عظيم ٻولي، عظيم قوم کان گهٽ، ڪنهن قوم کي مليل هوندي!"

انهيءَ حوالي کان پوءِ، پنهنجيءَ ٻوليءَ کي عظيم سڏيندي، محمد ابراهيم جويو لکي ٿو:

"اسين بـ پنهنجيءَ ٻوليءَ لاءِ چئي سگهون ٿا تـ اها اسان جو ڏڍ آهي، آڌت آهي. اها اسان جا شڪ ۽ تراسايون دور ڪري ٿي..... پر جيڪا ٻولي اسان کي.... 'سنڌي ذات هنجن' جهڙو نثر ڏيئي سگهي ٿي، اُن جهڙي پرک ڏيئي سگهي ٿي، اُها ڪيئن نـ عظيم هوندي! ۽ نيٺ ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي تـ ههڙي عظيم ٻولي، عظيم قوم کان گهٽ ڪنهن قوم کي ملي هجي." (محمد ابراهيم جويو، 1961ع، مهاڳ، 'سنڌي ذات هنجن')

محترم محمد ابراهيم جويو، پنهنجي هڪ ٻئي مضمون ۾ لکي ٿو:

"جيستائين سنڌي مائرون پنهنجن معصوم ننڍڙن ٻارن کي پنهنجين محبت ڀريل هنجن ۾ سڀاجهڙي سنڌي ٻوليءَ جون مٺيون لوليون ڏينديون رهنديون، تيستائين اسان جي

سهڻي سلوڻيءَ ٻوليءَ ۾ اُن جي ادب جا پُربهار گل، ٻوٽا ۽ ڦلدار وڻ، جيئن پوءِ تيئن زياده اُپرندا ۽ اُسرندا، وڌندا ۽ ويجهندا ئي رهندا". (ڪونج، ص 11)

ڀارت جي هڪ ماهر سنڌي ليکڪ، پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي، ڀارت ۾ رهندڙ سنڌين جي حال تي پنهنجا ويچار ونڊيندي، هن طرح لکيو آهي:

"اڄڪلهه سنڌي ماءُ، پنهنجي ٻار کي سنڌيءَ ۾ لولي نٿي ڏئي، مائٽ پاڻ ۾ سنڌيءَ ۾ خط پٽ نٿا لکن ۽ اسڪولن ۾ ٻار سنڌي نٿا پڙهن، تہ پوءِ ڪيئن ٿا سنڌي سڏائي سگهون؟"
(ڪونج، مارچ- اپريل، 2005ع، ص 11)

13- 1936ع ۾، ترقي پسند تحريڪ جو اثر، جيئن ننڍي کنڊ جي ٻين علائقن تي ٿيو تيئن سنڌ جو ملڪ بہ پاڻ کي هن تحريڪ جي اثر کان بچائي نہ سگهيو. پر هن تحريڪ جي شروع ٿيڻ کان اڳ، سنڌ ۾ مرزا قليچ بيگ، سنڌي ادب ۾، افساني، ناول، ڊرامي ۽ مضمون نويسيءَ جي صنف نظم تي مشتمل جديد شاعريءَ ۾، سنڌيءَ کي ترقي وٺائڻ لاءِ ڪم شروع ڪري ڏنو هو. مرزا صاحب کان سواءِ پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ، لالچند امر ڏني مل جڳتياڻيءَ، پروفيسر ڀيرومل آڏواڻيءَ، تيرٿ وسنت، کانچند درياڻيءَ، ميلارام منگترام واسواڻيءَ ۽ ڪن ٻين اديبن، سنڌي ٻوليءَ ۾ ناولن، ڊرامن ۽ مضمون نويسيءَ کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ تي ڪتاب لکڻ شروع ڪري ڇڏيا هئا. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ۽ ڊاڪٽر دائودپوٽي، تحقيق ۽ ادبي تنقيد جي فن جي، سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ شروعات ڪئي هئي. مرزا قليچ بيگ ۽ پروفيسر ڀيرومل آڏواڻيءَ، لطيف شناسيءَ جي سلسلي ۾ هيٺيان ڪتاب شايع ڪرائي، سنڌي لغات جي موضوع کي اڳتي وڌايو. اُهي ڪتاب هئا:

- لغات قديمي — مرزا قليچ بيگ
- لغات لطيفي — ايضاً
- غريب اللغات — پروفيسر ڀيرومل آڏواڻي

اُن کان سواءِ انهن ٻنهي بزرگن سنڌي ٻوليءَ ۽ اُن جي وياڪرڻ جي موضوع تي هيٺيان ڪتاب لکيا:

- سنڌي وياڪرڻ (چار ڀاڱا) — مرزا قليچ بيگ
- وڏو سنڌي وياڪرڻ — پروفيسر ڀيرومل آڏواڻي
- سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ — ايضاً

سال 1940ع ڌاري ترقي پسند تحريڪ جي اثر سنڌ ۾ بہ پنهنجا رنگ ڏيکاريا. ڪشنچند 'بيوس'، ڪيئل داس 'فاني' ۽ حيدربخش جتوئيءَ، سنڌي شاعريءَ ذريعي، هن تحريڪ جي اثر کي، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب

ذريعي ڦهلايو جنهن کان پيا بہ شاعر ۽ نثر نويس متاثر ٿيا. انهن سنڌي ٻوليءَ ۾ نوان تجربا ڪيا ۽ سنڌي ادب ۾ سنڌيت واري جذبي، سنڌي قوم پرستيءَ ۽ وطنيت جي پيغام کي سنڌ جي گهر گهر ۾ پهچايو.

اهڙيءَ طرح 1940ع واري زماني کان وٺي پوءِ 1954ع ۾، ون يونٽ جي قائم ٿيڻ تائين، ترقي پسند تحريڪ، سنڌ جي گهر گهر ۾ پهچي، ماڻهن کي سجاڳ ٿيڻ جو پيغام پهچائي چڪي هئي. هن تحريڪ جي اثر جي ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي رسالا ۽ اخبارون نڪتيون. ناول، جديد ڪهاڻيون، ناٽڪ ۽ مضمون لکيا ويا. سنڌي ٻوليءَ ۾ سوَن جي تعداد ۾ نثر توڙي نظم ۾ مجموعا شايع ٿي ويا، جن ۾ سنڌي ادب ذريعي، سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن، سنڌيت جي سجاڳيءَ جو پيغام ننڍي ڪنڊ ۾ پهچايو.

14 ـ 1954ع ۾ ون يونٽ جي قائم ٿيڻ کان پوءِ سنڌ، سنڌي ماڻهن، سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڏکيا ڏينهن شروع ٿي ويا، ۽ اڳتي هلي، آڪٽوبر 1958ع ۾ جنرل محمد ايوب خان طرفان ملڪ ۾ لڳايل مارشل لا، پاڪستان ۾ سنڌين لاءِ زمين تنگ ڪري ڇڏي، پر حقيقت هيءَ آهي تہ اهي ئي دور هئا، جن ۾ سنڌي ماڻهن پنهنجي ۽ پنهنجي مادري زبان جي بچاءَ ۽ بقا لاءِ وڏا سور سٺا، وڏيون قربانيون ڏنيون، جيل ڪاٽيا ۽ ڪوڙا کاڌا. اُن جي نتيجي ۾، انهن سنڌي زبان جي بچاءَ لاءِ سنڌي زبان سوسائٽي ناهي. اُن جي پليٽ فارم تان سڄيءَ سنڌ ۾ وڏي هلچل هلائي، جنهن ۾ هر طبقي جا ماڻهو شامل هئا.

هن تحريڪ جي ڪارڪنن، پنهنجي ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ، سنڌ مان، لکن جي تعداد ۾ پوسٽ ڪارڊ، خط ۽ تارون، تڏهوڪي صدر پاڪستان، جنرل محمد ايوب خان کي موڪليون. آخر ۾ جنرل ايوب خان جي حڪومت ۾ سنڌ جي نوجوان نمائندي، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي، حيدرآباد اچي، سنڌ جي ماڻهن ۽ 'سنڌي زبان سوسائٽيءَ' جي نمائندن سان ملاقات ڪري، انهن کي مشورو ڏنو تہ صدر کي، سوسائٽيءَ طرفان، سنڌي ٻوليءَ جي مسئلن تي مشتمل ميمورنڊم موڪليو وڃي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي مشوري تي سوسائٽيءَ طرفان، ميمورنڊم تيار ڪري، شهيد ڀٽي مرحوم جي معرفت جنرل ايوب خان کي موڪليو ويو.

صدر پاڪستان، جنرل محمد ايوب خان، سنڌي ماڻهن جا مطالبا منظور ڪيا، ۽ 12 آڪٽوبر، 1962ع تي هڪ صدارتي حڪم نامو جاري ڪيو، جنهن موجب سنڌي ٻوليءَ کي انگريزن جي دور واري ساڳي حيثيت تي بحال ڪيو ويو. تنهن هوندي بہ پنجاب کان بدلي ٿي آيل سول ۽ فوجي ڪامورن، سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾، پنهنجي رويي ۾، ڪابہ تبديلي ڪانہ آندي.

4 مارچ، 1967ع تي، حيدرآباد جي تڏهوڪي ڪمشنر، مسرورالحسن، سنڌ دشمنيءَ جو ثبوت اهو ڏنو جو سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن (ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين) جي، ڄام شوري کان موٽندڙ بسن تي، موجوده راجپوتانا اسپتال واري ميدان وٽ (اسپتال واري عمارت پوءِ ٺهي آهي) حملو ڪرايو جنهن ۾ ڪافي شاگرد ۽ شاگرديائيون زخمي ٿيا.

هن واقعي تي پهرين حيدرآباد ۽ پوءِ سڄيءَ سنڌ ۾ هنگاما ٿيا. هن واقعي کان متاثر ٿي، ان وقت سيني سنڌي اخبارن ۽ رسالن جي ايڊيٽرن، پنهنجن اخبارن ۽ رسالن ۾ ايڊيٽوريل ۽ ڪالم لکيا، جن ۾ هن واقعي کي سخت لفظن ۾ ننديو ويو. ماهوار 'روح رهاڻ' رسالي جي ايڊيٽر، محترم حميد سنڌيءَ اُن واقعي کي سخت لفظن ۾ ننديندي، پنهنجي رسالي جي ايڊيٽوريل ۾ لکيو ته:

"اسان جي ماءُ سنڌ يونيورسٽي، اڄ وري انقلابي دور مان گذري رهي آهي. ان جون پٽيون، تاريخ جي لفظن لاءِ آتيون آهن. شاگرد هڪ مونجهارو ڪٽي سلجهائڻ وينا آهن. جنهن ڳالهه کي هنن اڄ محسوس ڪيو آهي، اها ڳالهه يارهن سال اڳ محسوس ڪرڻ کپي ها. شاگردن جو آواز، سرزمين سنڌ جو آواز آهي، ۽ اُن منزل ڏانهن سندن تکي وک آهي، جنهن لاءِ سنڌ جو ٻچو ٻچو واجهائي رهيو آهي، ۽ پير ڪڙين مان ڪڍي رهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ کي چيپائڻ جي ڪوشش ڪندڙ هيءُ اُها گهاٽي جي ڪائي آهي، جا ٻوليءَ کي پيڙيندي، اسان جي تعليمي ادارن ڏانهن وڌي آهي."

پنهنجي ساڳئي ايڊيٽوريل ۾، حميد سنڌي صاحب، 'اسان جي ٻوليءَ' واري عنوان هيٺ لکيو ته:

"مادري زبان جي اهميت کان ڪير انڪاري هوندو پر هت انهيءَ اهميت ۽ تعليم جي اصولن کي پرزا پرزا ڪري اُڇلايو ويو آهي، ۽ تعليمي ادارن ۾ زوريءَ اردوءَ کي هر هنڌ گهيلي آندو ويو آهي. موجوده حالتن مان ائين ٿو لڳي ته سنڌي ٻولي ۽ ٻين علائقن ۾ ٻيون مادري ٻوليون، بنهه درسگاهن کان ٻاهر اُڇليون وينديون." (حميد سنڌي 1967ع، ايڊيٽوريل).

15 _ انهن حالتن هوندي به، سنڌ جي شاعرن، اديبن، عالمن فاضلن ۽ محققن، سنڌي ٻوليءَ کي، هر صنف جي هر مضمون ۾ مالدار بنائڻ ۾ ڪا به ڪوتاهي ڪانه ڪئي. انهن جو حوصلو ويران وير وڌندو ويو. اُن جو وڏي ۾ وڏو ثبوت، محترم علي محمد شاهه راشديءَ جي روزانه عبرت، 17، فيبروري 1968ع ۾ لکيل تاثرات مان ملي ٿو، جنهن ۾ هن فرمايو:

"سنڌيءَ ۾، تصنيف ۽ تاليف جو ڪم، اهڙي زور شور سان، اسان جي ڏسندي ڏسندي شروع ٿيو پر جيڪي ڪجهه اڄ تائين ٿي چڪو آهي سو حيرت ۾ وجهندڙ آهي. جيتري قدر منهنجو قياس آهي ته آزاد پاڪستان اندر جيترو علمي ۽ ادبي ڪم سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيو آهي، اوترو ٻيءَ ڪنهن به مقامي ٻوليءَ ۾ ڪونه ٿيو آهي. زيور هر ڪا پائي پر ڪا زيور نمڪائي ته ڏيکاري! سنڌي اهل قلم حضرات بلڪل ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي. خدا ڪين نظربد کان بچائي ۽ سندن هستيون بلند ڪري. هنن ملڪ جي وڏي علمي خدمت ڪئي آهي."

جڏهن ميان محمد حنيف صديقي يا ڊاڪٽر دائودپوٽو مرحوم، يا آءٌ ڏڪا ٿاٻا کائيندا، ڪتاب ڳوليندا، ڳنهندا، اوڏر تي ونندا پئي وياسين. تڏهن اسان کي هي خواب و خيال به ڪونہ هو تہ اسان جن پنهنجن مان ڪو اهڙو نسل پيدا ٿيندو جو سمورو اباڻو لساني ورثو ۽ خزانو ڳولهي ڦولهي، هٿ ڪري، هميشہ لاءِ محفوظ ڪري وٺندو. اسان جي ابتدائي ڏينهن ۾ اڪثر ماڻهن کي ناٽڪي ڳائڻ جو شوق هوندو هو:

روئيگي چيڙ ڪائيگي ميري بلئي

يا جيڪي جوان، ناٽڪي رنن ڪان رسندا هئا سي:

ديا رنج پہ رنج بتون ني مجهي
ميري مولا، بلالو مديني مجهي،

ڳائيندا وتندا هئا. ڪنهن کي اها اُميد هئي تہ اهي ساڳيا ماڻهو چچ نامہ، تاريخ معصومي، تاريخ طاهري، تحفة الڪرام، بيگلار نامہ ۽ مڪلي نامہ وغيره جهڙن خشڪ ڪتابن ڏانهن مڙي پوندا، يا پنهنجن زنده جاويد املهہ ماڻڪ شاعرن کي ڳولي، انهن جي ٻولي ٻولڻ لڳندا. شاعرن جو ذڪر ڇيڙيو آهي تہ منهنجي هيءَ ڳالهہ بہ ٻڌي ڇڏيو تہ آءٌ هن زماني ۾ ڪي اهڙا شاعر بہ ڏسان ٿو جن جو ڪلام، ڪنهن ڏينهن، سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام سان ڪلهو گسائيندو نظر ايندو. ممڪن آهي تہ منهنجو اندازو غلط هجي، يا آءٌ سنڌي شعر، سنڌي ادب يا سنڌي زبان کان پوريءَ طرح واقف نہ هجان، پر جيتري قدر خدا تعاليٰ مون کي سمجهہ ۽ پروڙ ڏني آهي، اُن کان مدد وٺندي، آءٌ سنڌيدانن کي هيءَ خوشخبري ڏيڻ گهران ٿو تہ اسان جي اکين اڳيان نوان لطيف، سچل، بيدل، خيرمحمد ۽ مصري شاهہ پيدا ٿي چڪا آهن، جن جي مُئي پڇاڻان، ماڻهو سندن ڪلام کي ساڳئي ذوق شوق سان چنبڙي پوندا.

’مُئي پڇاڻان‘ جو شرط، ان ڪري لاڳو ڪري رهيو آهيان، جو اسان جي قوم جي هيءَ خاصيت رهي آهي تہ اسين پنهنجن جيئرن کي ڏنڀ ڏيندا آهيون، مگر جڏهن اُهي مري ويندا آهن تہ اُن کان پوءِ اُنهن تي قبا اڏي، مٿي تي مولها ٻڌي، يڪتارا هٿن ۾ کڻي، انهن جا اکر ڳائيندا پٽيندا وتندا آهيون. هي موقعو نہ آهي، نہ تہ اڪيچار مثال عرض ڪري ڇڏيان ها. ٻي ڳالهہ هيءَ آهي تہ انهن شاعرن جا نالا بہ نٿو ٻڌايانو. سبب هيءَ آهي تہ جيئن پينو پينوءَ کي ڪونہ سهي، تيئن شاعر بہ شاعر کي ڪونہ سهي، تنهنڪري جيڪڏهن نالا ٻڌائيندس تہ وڏو خونام مچي ويندو.

بهرحال حقيقت هيءَ آهي تہ سنڌي ادب ۾ علم، شعر ۽ تاريخن جي ترقي ڏسي منهنجي دل بهار بهار پيئي ٿئي. آءٌ انهن بدخواهن جي هوند زبان وڍي ڇڏيان، جيڪي هيءَ ڇوڙ گهرن ٿا تہ سنڌي مري رهي آهي، يا سنڌيءَ جهڙي غيرفاني زبان، جيڪا هزارين سالن جو لهرون لوڏا جهلي، هن منزل تي پهتي آهي سا فنا ٿيڻ جي قريب آهي. مون کي يقين ڪامل آهي تہ جيستائين لولي ڏيندڙ مائرون مري ختم ڪونہ ٿيون آهن، اوستائين ٻوليءَ جو وار بہ ونگو ٿيڻو ڪونہ آهي. مون کي سنڌي ٻوليءَ جو ڪوبہ دشمن نظر ڪونہ ٿو اچي، اهو خطرو ئي اجايو آهي.

پر منهنجي ڇوڙ جي هيءَ مراد نہ آهي تہ تصنيف ۽ تاليف جي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ هينئر گنجائش ڪانہ رهي آهي. منهنجي نظر ۾ نوان زمانا اچي ويا آهن، ۽ هر طرف ترقي ٿي رهي آهي. عملي ميدان، خاص طور وسيع کان وسيع ٿي رهيا آهن، ۽ انهن ميدانن ۾ لوچڻ ريءَ لعل ڪونہ ليٽا آهن." (علي محمد شاهہ راشدي، 17 فيبروري 1967ع، روزانہ عبرت ۾ ڇپيل ڪالم)

پير علي محمد شاهہ راشديءَ جو ڇپيل اهو ڪالم، سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ وڏي بشارت آهي، جنهن جا ثبوت اڄ ملي رهيا آهن، جن جا ڪي مثال ايندڙ صفحن ۾ ڏنا ويا آهن.

16 ـ اڳ ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ مملڪت اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي 1973ع واري آئين جي منظور ٿيڻ کان هڪ سال اڳ، پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جي حڪومت جي پهرئين دور جي شروع وارن سالن ۾ يعني 7 جولاءِ 1972ع تي، سنڌ اسيمبليءَ Sindhi Language Act پاس ڪيو، جنهن موجب سنڌ صوبي ۾ سنڌي ٻوليءَ کي اهائي حيثيت ملڻي هئي، جيڪا انگريزن جي حڪومت واري دور ۾ اُن کي حاصل هئي.

تعجب جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ سنڌ سرڪار، سنڌي ٻوليءَ جي 1972ع واري ائڪٽ تي اڃاتائين ڪوبہ عملي قدم کنيو ئي نہ هو تہ ڪراچيءَ ۾ اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن مان ڪن گروهن طرفان اُن بل جي منظور ٿيڻ کان فوراً پوءِ، اُن بل جي نفاذ جي خلاف سخت احتجاج ڪيو ۽ ڪراچيءَ ۾ هنگاما شروع ڪري ڇڏيا.

هن بل جي منظور ٿيڻ کان پوءِ اردو دان طبقي جي هڪ گروهہ سمجهيو تہ هاڻ سنڌن زبان (اردو) کي ختم ڪيو ويندو، اردوءَ جو هاڻ سنڌ ۾ وجود ئي نہ رهندو ۽ جيئن ون يونٽ واري زماني ۾ ڪٽر بيوروڪريٽس سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ پئي چاهيو، تيئن هاڻ اردو درس و تدريس جي ٻولي نہ رهندي

انهيءَ بي اعتماديءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪراچي، حيدرآباد. سکر، ميرپورخاص، نوابشاهه ۽ ڪن ٻين شهرن ۾، اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ اعتراضي جلوس ڪڍيا ۽ هنگاما ڪيا.

انهن هنگامن، اسلام آباد ۾، تڏهوڪي صدر پاڪستان، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو ڌيان ڇڪايو. شهيد ڀٽي، سنڌ مان، سنڌي دان ۽ اردو دان اڳواڻن تي مشتمل هڪ ڪميٽي جوڙي، سنڌ جي اڳواڻن ۽ اديبن مان سائين جي. ايم سيد، قاضي فيض محمد ۽ شيخ اياز کي اسلام آباد گهرايو ويو. سائين جي. ايم سيد، اهو جواب ڏيئي، اسلام آباد وڃڻ کان انڪار ڪيو ته هڪ چونڊيل اسيمبليءَ جي فيصلي ۾ ترميم ڪرڻ جو حق ڪنهن به شخص يا اڻ چونڊيل ماڻهن يا ڪميٽيءَ کي نه آهي، ان ڪري آءٌ احتجاج طور اُن ڪميٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اسلام آباد وڃڻ کان انڪار ٿو ڪريان ۽ پنهنجو احتجاج، تاريخ اڳيان رڪارڊ ٿو ڪريان.

1973ع ۾، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي سربراهيءَ ۾ ٻن سالن جي عرصي اندر مملڪت پاڪستان لاءِ آئين جوڙي يڪراءِ بحال ڪرايو ويو. 1973ع واري آئين ۾، قومي ۽ صوبائي ٻولين جي باري ۾ واضح طور، آئين جي شق (3) 251 هيٺ ڄاڻايل آهي ته:

"قومي ٻوليءَ جي حيثيت کي قائم رکندي ڪابه صوبائي اسيمبلي، قومي ٻوليءَ سان گڏ، صوبائي ٻوليءَ جي سکيا ۽ اُن جي استعمال لاءِ قانوني اُپاءَ وٺي سگهي ٿي."

1973ع ۾ پاڪستان جي نئين آئين جي منظور ٿيڻ کان پوءِ، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي، پاڪستان جي وزيراعظم جي حيثيت ۾، قومي اسيمبليءَ ۾، (سنڌي ٻولي ائڪٽ منظور ٿيڻ کان پوءِ) 15 جولاءِ، 1972ع تي ميمبرن کي خطاب ڪيو جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ فرمايائون:

"سنڌي هڪ قديم زبان آهي. جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو. تڏهن سر چارلس نيپيئر چيو هو ته زبان سان هٿ چراند ڪرڻ جي ڪابه ڪوشش نه ڪئي وڃي. جڏهن سنڌ، بمبئيءَ سان شامل هئي، تڏهن بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ به سنڌي پڙهائي ويندي هئي، ۽ 1958ع تائين اُها سنڌ ۾ سرڪاري زبان هئي. جنهن کان پوءِ مارشل لا وارن زباني حڪم جاري ڪري، اُن تي بندش وڌي

سنڌ اسيمبليءَ طرفان، سنڌي ٻوليءَ واري منظور ڪيل بل تي عمل ڪرڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته مان نٿو چاهيان ته سنڌ جي عوام ۾، پاڪستان لاءِ نفرت پيدا ٿئي. اردوءَ کي ڪوبه خطرو ڪونهي، ڇاڪاڻ ته اُها برصغير ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، پر سنڌيءَ لاءِ خطرو پيدا ڪيو ويو هو ۽ اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي ماڻهن جا جذبات شديد ٿي ويا آهن. مان سنڌ جي عوام جي حقن کي غضب ڪرڻ نٿو چاهيان، ۽ نه ئي وري سنڌن زبان يا ثقافت کي تباهه

ڪرڻ گهران ٿو.“ (شهيد ذوالفقار علي ڀٽو: 15 جولاءِ 1972ع، قومي اسيمبليءَ جو اجلاس)

”سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا“ ڪتاب ۾، صفحي 77 تي اهو بيان ڪيو ويو آهي ته:

”سنڌي هڪ زنده جاويد زبان آهي، جنهن جو وجود هڪ اهڙيءَ ترقي پذير زبان وانگر آهي، جيڪا ڪنهن ٻـ ٻيءَ زبان جي لفظن کي پنهنجي وجود ۾ شامل ڪري، انهن کي هضم ڪرڻ جي قوت ۽ صلاحيت رکندي آهي. جتي هزارين عربي ۽ فارسي ٻولين جا لفظ، سنڌي ٻوليءَ جي لغات جو حصو بڻجي ويا آهن، اُتي ٻنهي تهذيبن (عربي ۽ سنڌي تهذيب) جي ميل جول ڪري، ڪيترائي روزمره جي استعمال وارا سنڌي ٻوليءَ جا لفظ عربي لغات جو ٻـ حصو بڻيا. ۽ ٻ سياحن، محققن، جاگرافيدانن ۽ مؤرخن، سنڌ ۾ پنهنجي سفر دوران، سنڌي ٻوليءَ جو وجود ۽ اُن جي وسعت جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي.“
(الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 2006ع، ص 77)

17ـ پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي بقا ۽ جيئڻ ڪاڻ، وڏن وڏن مسئلن ۽ سازشن کي منهن ڏيڻو پيو جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي.

انهن ڳالهين جي باوجود، اُن زماني ۾، آمريڪا، يورپ، اڳوڻي سوويت يونين جي رياستن کان سواءِ آفريڪا، وچ مشرق، ڏور مشرق، سوڊان، سريلنڪا ۽ نيپال وغيره جهڙن ملڪن جي اديبن محققن، شاعرن ۽ ماهرن، شاهه لطيف کان سواءِ جديد تحقيق جي اصولن موجب، علم اللسان ۽ علم الانسان جي حوالي سان سنڌ جي ثقافت، سنڌي ٻولي ۽ جديد سنڌي ادب جو مطالعو ڪرڻ شروع ڪيو.

برطانيه جي لنڊن يونيورسٽيءَ جي 'اسڪول آف اوريئنٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز' (S.O.A.S)، ليڊز، ويلز، سسيڪس، آڪسفورڊ ۽ ڪيمبرج يونيورسٽين ۾، نيدرلينڊس جي هيلسنڪي ۽ فنلينڊ جي ادارن ۾، ماسڪو جي انسٽيٽيوٽ آف اوريئنٽل اسٽڊيز ۾، فرانس جي سوربورن يونيورسٽي، پئرس ۾، جرمنيءَ جي بون ۽ همبولڊ يونيورسٽي برلن، آمريڪا جي هارورڊ، پينسلوانيا يونيورسٽي، يونيورسٽي آف ٽيڪسز ائٽ آسٽن ۾، يونيورسٽي آف شڪاگو ۽ فري يونيورسٽيءَ ۾، سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي سلسلي ۾ تحقيقي ڪم شروع ٿيو. انهن يونيورسٽين جي ماهرن ۾، ڊاڪٽر سورلي، پروفيسر مچل، ڊاڪٽر شٽڪل، پروفيسر ٽرنر، ڊينيئل جونز ڊاڪٽر ڊيلس، ڊاڪٽر فيٽر سروس ۽ لوئيز فليم کان سواءِ يورپي يونين جي ڊاڪٽر ٽربياني، ڊاڪٽر ائنيمري شمل، گرگ ليوپڪي، ڊاڪٽر هيلن باسو ڊاڪٽر بيٽينا، پروفيسر ڊاڪٽر گئنڪو وسڪي ۽ ڊاڪٽر رايا ايگوراوا جهڙن ودوانن طرفان سنڌي ٻولي، سنڌي ثقافت، سنڌي ادب ۽ آرڪيالاجيءَ جي سلسلي ۾ ڪيل تحقيق، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو مان مٿاهون ڪيو آهي.

ڊاڪٽر شمل تہ سنڌالاجيءَ ۽ لطيف شناسيءَ متعلق، ڪمال درجي جي عالم ۽ ودوان ٿي گذري آهي، جنهن سنڌي ٻولي، سنڌي تصوف، شاهہ لطيف، سچل سرمست ۽ سنڌي ادب جي تاريخ تي وڏو تحقيقي ڪم ڪيو ۽ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب کي بين الاقوامي ٻولين جي صف ۾ آڻي بيهاريو.

اهڙيءَ طرح ڪئناڊا جي عيسائي مبلغن، سنڌ ۾ اچي، سنڌي زبان سکڻ ۽ سنڌي زبان جي سيکارڻ لاءِ شڪارپور ۾ مرڪز قائم ڪرڻ کان سواءِ، ’عملي سنڌي زبان‘ (Functional Sindhi) واري عنوان تي، ناياب ۽ واکاڻ جوڳو مواد تيار ڪري، سنڌي عوام اڳيان آندو.

18 ـ 1947ع ۾، ورهاڱي کان پوءِ، سنڌ جو پڙهيل ڳڙهيل واپاري ۽ زميندار هندو طبقو اُستاد، اديب، شاعر، عالم، ودوان، محقق، ادبي ادارن ۽ سنڌي ڇاپخانن جا مالڪ، قوم پرست ۽ سياستدان، سنڌ ڇڏي ڀارت لڏي ويا. اهي سڀ پنهنجو مال، ملڪيت، ڌن ۽ دولت ڇڏي، هتان هٿين خالي ويا هئا.

ڀارت لڏي وڃڻ کان پوءِ، محلن ۽ ماڙين جي، اُنهن مالڪن، ممبئي ۽ ٻين شهرن ۾، ڪئمپن ۾ پناهہ گير ٿي جيڪا ذلت واري زندگي گذاري ۽ پنهنجي وجود، سنڌي هجڻ واري سڃاڻپ (Identity) ۽ پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ جي بقا ۽ بچاءَ لاءِ جيڪي ڏک ڏٺا، جيڪي سور سٺا، جتن ڪيا، اُنهن لاءِ جيڪا سياسي جنگ ڪئي، تنهن جو سربستو احوال ڀارت جي ڌار ڌار شهرن ۾ آباد سنڌين جي لکيل ڪهاڻين، ناولن، ناٽڪن، مضمونن، ڪالمن، شعر و شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ پريو پيو آهي.

ڀارت لڏي ويل سنڌين جي سامهون جيڪو سڀ کان وڏو مسئلو هو سو هو سندس سنڌي هجڻ جي ناتي سندن سڃاڻپ، پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ جو بقا ۽ بچاءُ ڪرڻ ۽ اُن کي پنهنجن گهرن ۽ پنهنجي سنڌي سماج ۾ قائم رکڻ، پنهنجي سنڌي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ کي سنڀالڻ ۽ اُن کي بچائڻ.

هنن وڏي محنت ڪئي. ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ کان ڪين ڪيٻايائون. سندن انهيءَ محنت ۽ مشقت سان. هنن پاڻ کي بہ بچايو پنهنجي سنڌي هجڻ واري سڃاڻپ ۽ حيثيت کي بہ قائم رکيائون، ۽ ساڳئي وقت هنن پنهنجي امڙ سنڌي ٻوليءَ کي بہ بچائي ورتائون.

ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ جيڪي اديب، شاعر، محقق ۽ ڇاپخانن جا مالڪ هئا، تن اُتي (ڀارت ۾) بہ ٿوري ئي عرصي اندر ادبي ادارا قائم ڪيا ۽ بيشمار ڪهاڻين، مضمونن ۽ شعرن جا ڳٽڪا ڇپائي ورتائون. هنن اتي ناول ۽ ناٽڪ لکيا ۽ انهن کي هڪ ٻئي پٺيان ڇپائيندا بہ ويا. اهڙن اديبن ۽ شاعرن مان لوڪناٿ جيٽلي، ڪيئلداس بالاڻي، ليکراج ’عزيز‘، هرومل سدارنگاڻي، هري دلگير، نارائڻ شيام، گوبند مالهي، ايشور شرما، آنچل، ڪرشن راهي، موتي پرڪاش، سڳن آهوجا، پرسرام ’ضيا‘، اُتم، ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند پنجابي، رام پنجواڻي، ڀڳونتي ناواڻي، پوپٽي هيرانندڻي، سندري اُتمچنداڻي، پروفيسر لڇمڻ ڀاوناڻي، ڊي ڪي منشاراماڻي، ڊاڪٽر ستيش روهڙا، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ ٻين ڪيترن

ٿي اديبن ۽ شاعرن، ڀارت جي ڌار ڌار شهرن ۾ ڇڙوڇڙ هوندي بہ ممبئي، پوني، ٿاڻي، اُلهاس نگر، ڪلڪتي، لکنؤ، ڀوپال، جئہ پور، اورنگ آباد، حيدرآباد، جوڌپور، اجمير، جيسلمير ۽ احمد آباد جهڙن شهرن ۾ پنهنجون سنڌي ادب جون انجمنون ناهيون. جن ڀارت جي انهن شهرن ۾ آباد سنڌين جي ادبي ۽ سماجي سرگرمين کي تيز ڪيو.

انهن سماجي ۽ ادبي منڊلين ۾ 'اکل ڀارت سنڌي ٻولي'، 'گجرات سنڌي اڪادمي'، احمد آباد، 'وينا پبليڪيشن' ۽ 'سنڌي ساهتيہ مالا'، الهاس نگر وغيره ۽ سرڪاري طرح 'سنڌي ساهتيہ اڪادمي دهلي'، انهن ادبي منڊلين، سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت جي بقا، بچاءَ ۽ جاڳرتا لاءِ وڏو ڪم ڪيو. ڪونج رسالي جي 'ڇيتي چند سنڌيت' پرچي جي ايڊيٽوريل ۾ ڄاڻايل آهي تہ:

> " 'اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ سڀا'، ڀارت ۾ هڪ اهڙو سنڌي ادارو آهي، جنهن ويهہ سال لڳاتار هلچل هلائي، سنڌي ٻوليءَ کي ڀارتي وڌان جي انين شيڊول ۾ داخل ڪرائڻ ۾ اهم ڀاڱ ورتو.
>
> گوبند مالهي، ڀڳونتي ناواڻي ۽ پروفيسر پنجواڻيءَ، شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ جي سنڌي وستين ۾ وڃي، سنڌيت جي پيغام سان گڏ، ٻوليءَ کي وڌان ۾ داخلا لاءِ ڏوڙي دڪائيندا رهيا. جنهن ۾ ڪين سڀني سياسي پارٽين جو سهيوڳ رهيو. 10 اپريل، 1967ع تي، سنڌي ٻوليءَ کي انين شيڊول ۾ داخل ڪيو ويو." (نند ڇڳاڻي: ڪونج پرچو مارچ- اپريل، 2008ع، ص 11).

اُنهيءَ زماني ۾، ڀارت ۾ رهندڙ سنڌين ۾، سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ جي سلسلي ۾، نااتفاقي شروع ٿي، جيڪا اڄ بہ منجهن نظر اچي ٿي. هڪڙن جو خيال هو تہ سنڌي ٻولي، عربي- سنڌي رسم الخط جي بدران، ديوناگري رسم الخط ۾ لکي وڃي تہ وري ٻين جو خيال هو تہ سنڌي ٻوليءَ جي هيڏي وڏي علمي، ادبي ۽ لغوي خزاني کي بچائڻ لاءِ، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ساڳيو عربي- سنڌي رسم الخط جاري رکيو وڃي. انهيءَ مسئلي، ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن جي ايڪتا ۽ ٻڌيءَ کي وڏو ڇيهو رسايو. نيٺ ڇڳن مڙسن اهو فيصلو ڪيو تہ اهو عام ماڻهن تي ڇڏيو وڃي، جنهن کي جيڪو رسم الخط وڻي، اُن ۾ هُو سنڌي ٻوليءَ ۾ لکپڙهہ ڪري

ان سلسلي ۾، ڪونج رسالي جي ايڊيٽر، پنهنجي 'ڇيتي چند سنڌيت سيمينار' پرچي ۾ لکيو آهي تہ:

> "لپيءَ جو لفڙو پوري سماج کي ڳتڙ ڪان جهلي بيهي رهيو. عوام، سنڌي ٻوليءَ کان پري ٿيندو ويو. ٻڌي ٽُٽي پئي، انگريزي ماڌيم ڏانهن ڀاڄ جي نتيجن طرف اکيوٽ ڏاڍي مهانگي پئجي وئي. هاڻ سنڌي اسڪول آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مس بچيا آهن. انهن ۾ بہ سنڌي پڙهندڙ شاگردن جو ڏڪار آهي.

لپيءَ جي لڙائي، وڏي قرباني ورتي. اڄ پلائي اُن ۾ آهي تہ اهو شاگردن تي ڇڏي ڏيون تہ ڀل
ڪهڙي بہ لپيءَ ۾ پڙهن.“ (ڪونج رسالو: مارچ ـ اپيل، 2008ع). ص 11)

انهيءَ هوندي بہ ڀارت ۾، سنڌي ماڻهو جنهن جنهن رياست جي، جنهن جنهن شهر ۾ آباد آهن، اُتي اُنهن پنهنجي سڃاڻپ، سنڌي هجڻ جي سڃاڻپ پنهنجي ماتر ڀاشا، پنهنجي اُتم سڀيتا جي سنڀال ۽ پنهنجي ڌنڌي ڪاروبار ۾ پاڻ مڃايو آهي. ڀارت جي هر اُها رياست ۽ اُن جي شهر ۾ جتي جتي سنڌي ماڻهو آباد آهن. مثال طور دهلي، مهاراشٽر رياست جي ممبئي، پوني ڪان سواءِ گجرات، راجستان، ڀوپال، آندرا پرديش، اُترپرديش، هرياڻا وغيره رياستن ۾، هنن سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌي سڀيتا لاءِ وڏو ۽ مثالي ڪم ڪيو آهي. مهاراشٽر رياست ۾، ممبئي ۽ پوني يونيورسٽين ۾، سنڌي ادب ۽ سنڌي لسانيات جي شعبن ۾، ايم. اي، ايم. فل ۽ پي. ايڇ. ڊي ڊگرين تائين پڙهائي ۽ تحقيق جو سلسلو جاري آهي. اهڙيءَ طرح دهلي يونيورسٽيءَ ۾، ماڊرن لئنگئيجز واري شعبي ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي سلسلي ۾ ايم. اي، ايم. فل ۽ پي. ايڇ ڊيءَ جي ڊگريءَ لاءِ تعليم ڏني ويندي آهي. اهڙيءَ طرح راجستان جي ڪن ڪاليجن ۾ بہ ايم. اي تائين سنڌي ٻوليءَ جي پڙهائي ڪري سگهجي ٿي. ممبئيءَ ۾ سنڌين جا ڪيترائي اسڪول ۽ ڪاليج آهن، جن مان ڪن ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب پڙهايو ويندو آهي.

19ـ ڀارت ۾ سنڌ مان لڏي ويل سياستدانن، اديبن ۽ شاعرن، پنهنجي وجود جي جياپي پنهنجي سنڌي هجڻ جي سڃاڻپ ۽ پنهنجي سڀيتا ۽ مادري زبان سنڌيءَ لاءِ ڀارت ۾ بہ پاڻ پتوڙيو ۽ ڀارت جي ڪانسٽيٽيوشن جي اٺين شيڊيول ۾ سنڌي ٻوليءَ کي شامل ڪرائي، ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي هميشه لاءِ زنده رکڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي، جيئن اڳ ۾ بہ چيو ويو آهي.

ڀارت ۾ لڏي ويلن مان هڪ عظيم سنڌي شاعر، نارائڻ شيام، پنهنجي مادري زبان جي محبت ۾ فرمايو:

جيجل منڙي لوءِ،
سنڌي لوليون ننڊ ۾،
ٻڌبيون هن ڪان پوءِ

پنهنجي سنڌي هجڻ واريءَ سڃاڻپ جي سلسلي ۾، سنڌي زبان جي هڪ وڏي ودوان شاعر، ڊاڪٽر موتي پرڪاش، پنهنجي هڪ نظم ۾ فرمايو:

آنديءَ ۾ جوت جلائڻ وارا، سنڌي،
مٽيءَ کي سون بنائڻ وارا، سنڌي،

مطلب تہ ڀارت ۾ سنڌين پنهنجين سرگرمين کي جاري رکيو. اهڙين سرگرمين ۾ سنڌي ادب ۽ سنڌي سڀيتا جا ادارا، جن طرفان هر ماهہ سنڌي رسالا ڪڍيا ويندا آهن. اهڙن رسالن ۾ 'نئين دنيا'، 'ڪونج' ۽ 'سپون' رسالا شامل آهن، جن ڀارت ۾ ترقي پسند تحريڪ ۾ سنڌي اديبن ۽ شاعرن جي رهنمائي ڪئي آهي.

انهن رسالن کان سواءِ 'ساهت ڌارا'، 'آڪاش'، 'رابيل'، 'سنگيتا' ۽ ٻيا بہ ڪيترائي رسالا جاري ڪيا ويا، جنهن سبب ڀارت ۾ سنڌي ادب ۾ وڌيڪ ترقي آئي. نوجوان شاعر ۽ اديب، انهن رسالن ۾ زور شور سان لکڻ لڳا. مطلب تہ ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ گذريل سٺ سالن ۾ گهڻوئي ڪجهہ لکيو ويو آهي، پر تحقيق جو اهو هڪ ڌار موضوع آهي. حاصل مطلب تہ ڀارت جي سنڌي اديبن ۽ شاعرن جون اهي ڪاوشون، سنڌن مادري زبان سنڌي ۽ سندن سنڌي هجڻ واري شناخت قائم رکڻ ۾ ڪامياب ثابت ٿيون آهن.

ڀارت ۾ 'سنڌي ساهتيہ اڪادمي، دهليءَ' کان سواءِ يونين سرڪار جو ٻيو ادارو 'نئشنل ڪائونسل فار ڊيولپمينٽ آف سنڌي لئنگئيج' (NCDSL) آهي. هن اداري جو ڪم سنڌي ٻوليءَ کي ترقي ڏيارڻ آهي. اهي ۽ انهن کان سواءِ ٻيا بہ اهڙا ادارا آهن، جن کي اسٽيٽ سرڪار طرفان، مالي مدد ڏني ويندي آهي. ممبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي طرفان ڪيترائي معياري ڪتاب پڻ شايع ڪرايا ويا آهن.

اهڙيءَ طرح گانڌيدام آديپور ۾، سنڌي جاتيءَ جي ڪن شخصيتن جي ڪوشش سان 'انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي' قائم ڪيو ويو آهي. هن اداري جي قائم ڪرڻ ۾ ڊاڪٽر ستيش روهڙا ۽ ڪن ٻين ساٿين کي داد ڏيئي سگهجي ٿو.

20ــ هن کان اڳ وارن صفحن ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بقا ۽ بچاءَ ۽ سنڌي سڀيتا ۽ سنڌي هجڻ جي سڃاڻپ کي قائم رکڻ لاءِ ڀارت ۾ لڏي ويل سنڌين وڏيون وڏيون قربانيون ڏنيون آهن.

هن مقالي ۾، پڙهندڙن جو ڌيان، منهنجي اُن مقالي طرف ڇڪائڻ چاهيان ٿو جنهن جو عنوان هو: 'ڇا ڀارت مان سنڌي ٻولي ختم ٿي سگهي ٿي؟' اهو مقالو ٽماهي 'سپون' رسالي جي آڪٽوبر ـ نومبر ـ ڊسمبر 2006ع واري پرچي ۾، صفحي 19 کان 30 تائين شايع ٿيو هو.

جهڙيءَ طرح اسان وٽ پاڪستان ۾، بلوچستان جي اڳوڻي رياست لس ٻيلي کان سواءِ سبي، ڪيتران، مڪران ۽ جدگال وارن خطن ۾، هزارين سالن کان رهندڙ سنڌين، جن وڏا وڏا سگهڙ، سالڪ، شاعر ۽ نثر نويس پيدا ڪيا آهن، تن جي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي، اسان سنڌ وارن، پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ پنهنجو نہ سمجهي، خانگي يا سرڪاري طور انهن جي ڪابہ پرگهور ڪانہ لڌي آهي. تهڙيءَ طرح ڀارت ۾، ورهاڱي کان هزارين سال اڳ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، جوڌپور، اجمير، ميواڙ، مارواڙ، جيسلمير، بيڪانير ۽ ٻين

اڳوڻين ڀارتي رياستن ۾ رهندڙ مقامي سنڌين، جن جا ورهاڱي کان اڳ، سنڌ سان ڳهاٽا واسطا رهيا هئا، تن کي ڀارت ۾ لڏي ويندڙ سنڌي مهاجرن، پنهنجو نہ سمجهيو، انهن جي ڪاڻ پرگهور ڪانہ لڌي، ايتري قدر جو لڏي ويل سنڌي، جيڪي اُتي هاڻي وڏا دولتمند ٿي ويا آهن، اُهي اُنهن قديم ڀارتي سنڌي جاتين۔ لنگها، ميراسي، مڱڻهار، جت، ڪنير، سوڍا، سميجا، چارڻ، متوا، ڀٽ، سومرا، ريباڙي، هاليپوٽا، نوتيار، ڪولهي ۽ مينگهواڙ۔ سان ڪيڪار پلي ڪار ڪرڻ مهل هٿ بہ ڪونہ ملائين. اُنهن کي پنهنجي پير ۾ بہ ڪڏهن ويهڻ ڪونہ ڏين. اهي سڀ ذاتيون، سنڌي سڀيتا ۽ سنڌي ٻوليءَ کي هزارين سالن کان وٺي پاڻ وٽ سانڍينديون اچن. اهي سڀ جاتيون پاڻ کي سنڌي سڏائين ۽ پاڻ ۾ سنڌي ٻولي ئي ڳالهائين.

سنڌي ساهت کان سواءِ، ڀارت ۾، سنڌي سڀيتا جي واڌاري لاءِ، سنڌي جاتيءَ طرفان، ’جهولي لال‘ جا ميلا لڳايا ويندا آهن، جتي سنڌي راڳ رنگ ۽ سنڌي لوڪ ڪلا جون محفلون رچايون وينديون آهن. جهولي لال جو ميلو سنڌي مهيني چيٽ جي پهرينءَ تاريخ کان شروع ٿيندو آهي. ۽ ڊار ڊار شهرن ۾، رهندڙ سنڌي، جهولي لال جو ميلو لڳائيندا آهن.

ڀارت ۾ رهندڙ انهن قديم سنڌين جي باري ۾، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، پروفيسر جهمٽ مل ڀاوناڻي، هيري ٺڪر، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر چيٺي لالواڻيءَ، جهمي چڳاڻيءَ، پريتم ورياڻيءَ ۽ ڊاڪٽر ڪشني ٿلواڻيءَ، واڪاڻ جوڳو ڪم ڪيو آهي. انهن سڀني محققن، پنهنجن تحقيقي مقالن ۽ ڪتابن ۾ اهو بہ ڄاڻايو آهي تہ ڀارت جي انهن خطن ۾ رهندڙ قديم سنڌي جاتين ۾ ڪيترائي وڏا وڏا شاعر، اديب، سياڻا، سگهڙ، تاريخ نويس ۽ لوڪ ادب جا وڏا ڄاڻو پيدا ٿيا آهن.

سنڌ جي انهن قديم ماڻهن، ورهاڱي جي باوجود، پنهنجن اصلي ماڳن ۽ مڪانن مان هجرت ڪانہ ڪئي، پر اُتي ئي رهي پنهنجي سڃاڻپ، پنهنجي سڀيتا ۽ مادري ٻوليءَ کي قائم ۽ دائم رکيو اٿن. اُنهن جي مٿان، ورهاڱي کان اڳ، هزارين سالن کان غير۔ سنڌي حڪمرانن جي حڪومت هجڻ جي باوجود، انهن پنهنجي سڀيتا ۽ ٻوليءَ کي پٺي بچايو آهي. ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، ڪڇ جي باري ۾ ڪيترائي مضمون ۽ ٽي چار ڪتاب بہ لکيا آهن. هن سلسلي ۾ پنهنجي ڪتاب: ’سنڌي ٻوليءَ جي زيارت‘ ۾، پنهنجي ڪڇ واري سفر کي ڊاڪٽر گدواڻي، سنڌي ٻوليءَ ۽ ڪلچر جي زيارت ٿو ڪوٺي ۽ لکي ٿو تہ:

”ها! اها منهنجي، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ڪلچر جي زيارت ئي هئي. هر دفعي بنيءَ ۾، ڪڇ ۾ ٻوليائي اپياس لاءِ ويندو آهيان تہ ان دوري کي، سنڌي ٻوليءَ ۽ ڪلچر جي زيارت ئي سمجهندو آهيان، چو تہ بنيءَ جو علائقو، سنڌي ٻوليءَ ۽ ڪلچر جي انيڪ پهلوئن کي ساهہ سان سانڍي ويٺو آهي.

بنيءَ جي سنڌين، انيڪ ڪشٽ ۽ ڪشالا سهندي بہ، سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکيو آهي. انهن سڀني جي ڪري اُتي وڃڻ اُتان جي ٻوليءَ جو اپياس ڪرڻ ۽ اُتان جي ڪلچر جو مزو ماڻڻ، ڪنهن بہ

درگاهہ تي وڃي، سجدي ڪرڻ کان گهٽ ڪونہ آهي، يا ڪنهن تيرٿ آستان تي وڃي، اُتي مندر مورتيءَ اڳيان مٿو ٽيڪڻ کان گهٽ ڪونہ آهي.

هر دفعي پنهنجيءَ سنڌي امڙ جو نئون ۽ نرالو روپ ڏسندو آهيان ۽ اُن جي ٻوليائي قسمن (Varieties) جو اڀياس ڪري، پنهنجي سنڌڙي امڙ جي شاهوڪاريءَ اڳيان سجدو ڪندو آهيان. ۽ اُن جي شاهوڪار ڪلچر اڳيان مٿو ٽيڪيندو آهيان." (پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر: 1989ع، ص ص 1_2)

ڊاڪٽر گدواڻيءَ کان سواءِ شري ليلام رچنداڻيءَ، ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ، ڊاڪٽر ڪشني ٿلواڻيءَ ۽ ٻين بہ هن ڏس ۾ واکاڻ جوڳو تحقيقي ڪم ڪيو آهي.

پروفيسر جهمٽ مل ڀاوناڻي، پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو:

"ورهاڱي کان اول، اولهہ راجستان جو سمورو حصو سنڌ صوبي سان جڙيل هو، جنهن کي 'ٿر' (ٿار پرديش) چئجي ٿو. ورهاڱي بعد جيڪو حصو ڀارت جي حد ۾ آيو اُتي سنڌي سنسڪرتي پنهنجي جيئري جاڳندي روپ ۾ قائم آهي." (جهمٽ مل ڀاوناڻي)

ڊاڪٽر ڪشني ٿلواڻي، سپون رسالي ۾ ڇپيل، پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿي:

"سنڌ (پاڪستان) جي سرحد سان لڳل راجستان جو اٽڪل 100 کان 125 ڪلوميٽر کيتر، جنهن کي ڳهاٽ (ڳهن) چئجي ٿو. اُن ۾ رهندڙ اڄ بہ سنڌي ڀاشا جو استعمال ڪن ٿا. 'ٿار کيتر' جو ٻن ملڪن (هندستان ۽ پاڪستان) ۾ ورهائجي وڃڻ ڪري ڀاشائي حالت ۾ ڪوبہ فرق نہ آيو آهي. حقيقت ۾، ٿار جو ريگستاني کيتر، سنڌي ڀاشا ۽ سنگيت جي رڱ ۾ رڱيل آهي." (ڪشني ٿلواڻي، ڊاڪٽر: 2004ع، ص 31)

ڊاڪٽر ڪشني اڳتي لکي ٿي:

"سنڌي لوڪ سنسڪرتيءَ جا رکشڪ (بچائيندڙ)، خاص ڪري لنگها ۽ مڱڻهار جاتيءَ جا مسلمان آهن. اُهي راجستان جي اُترـ اولهہ حصي ٻاڙ ميڙ، جيسلمير، جوڌپور ۽ بيڪانير ۾ آهن. اُنهن جا ڪٽنب، جيسلمير نالي پراڻي رياست ۾ رهندا آيا آهن. سياسي ۽ جاگرافيائي نظر کان اهي حصا ڀارت ۽ پاڪستان جي سرحد جو نرماڻ ڪن ٿا. ان ڪري ظاهر آهي تہ هن جاتيءَ جا گهڻا ڪٽنب اڄ بہ ٻنهي ملڪن جي سرحدي کيترن ۾ آهن. اُهي هڪٻئي وٽ اچن وڃن ٿا. لوڪ ڪلا جي ماهر، ڪومل ڪوٺاريءَ، 'چرمي' نالي ڪتاب جي مهاڳ ۾، لنگها جاتيءَ جي هڪ شخص 'جي ونش' جو سلسلو گڏ ڪندي لکيو آهي:

"اڄ جا لنگها نوجوان، پنهنجون ڇهه پيڙهيون اڳ تائين، هندو ڌرم جا مڃيندڙ هئا ۽ اتهاسڪ ڪارڻن ڪري هنن اسلام ڌرم قبول ڪيو." (ڪشني ڦلواڻي، ڊاڪٽر: 2004ع، ص 31)

ڊاڪٽر ڪشني پنهنجي ساڳئي مضمون ۾ اڃا به اڳتي لکي ٿي:

"شاهه جي رسالي جا جيڪي سر آهن، اُهي اڄ پڙهيل ڳائڪيءَ جي روپ ۾ ڳائيندا آهن. سنڌين لاءِ ڪيڏي نه فخر جي ڳالهه آهي جو اسان جو شعر، اسان جو سنگيت، اسان جي فيلسوفي، هي غريب مسڪين، ڪيترين ئي پيڙهين کان سنڀالي ويٺا آهن." (ڪشني ڦلواڻي، ڊاڪٽر: 2004ع، ص 31)

انهن مثالن مان اهو ظاهر ٿو ٿئي ته ڀارت جي انهيءَ حصي ۾، قديم زماني کان رهندڙ سنڌي، پنهنجي ماتر ڀاشا سان، جيءَ جو جياپو ۽ مَنَ جو ڳانڍاپو جاري رکندا پيا اچن.

21- ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ جتي افسانوي ادب، ناٽڪ ۽ شعر و شاعريءَ جهڙين صنفن تي ورهاڱي کان اڳ ۽ ورهاڱي کان پوءِ گهڻو ئي مواد لکيو ويو آهي، اُتي تحقيق جي ميدان ۾ به سنڌي ٻولي، شاهه لطيف، سچل سرمست، سامي، قاضي قادن، دادو ديال ۽ مهامتي پراڻ ناٿ جي ڪلام تي تحقيق ڪري نوان نتيجا ڪڍيا ويا آهن. انهيءَ مواد کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ آپ بيتيون، سفرناما ۽ تنقيدي ادب تي سٺو مواد، ڇپايو ويو آهي. هن ڏس ۾ سرڪاري توڙي خانگي ادارن ۽ ممبئي يونيورسٽيءَ واڪاڻ جوڳو مواد ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. هن سلسلي ۾ هيٺ ڪن چونڊ ڪتابن جا حوالا ڏجن ٿا ته جيئن پڙهندڙن کي ڪجهه معلومات ملي سگهي:

| | | |
|---|---|---|
| (1) | شاهه جو رسالو | پروفيسر ڪلياڻي آڏواڻي |
| (2) | سنڌي نثر جي تاريخ | پروفيسر منگهارام ملڪاڻي |
| (3) | سنڌي ڀاشا شاستر | پروفيسر ڀوڄي هيرانندڻي |
| (4) | الا ڏاهي مَر تيان | ايضاً |
| (5) | سنڌي ريتيون رسمون ۽ رواج | ايضاً |
| (6) | ٻولي منهنجي ماءُ | ايضاً |
| (7) | سنڌي ناٽڪ جي هڪ صدي | ڊاڪٽر پريم پرڪاش |
| (8) | ڪڇ جي لوڪ ادب جي تاريخ | ڊاڪٽر ڄينو لالواڻي |
| (9) | سنڌي ٻوليءَ جي ياترا | ڊاڪٽر پرسو گدواڻي |

| | | |
|---|---|---|
| (10) | سنڌي اپڀاشائن جا چونڊ لفظ | ايضاً |
| (11) | سنڌي ٻهاڪا ۽ محاورا | ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي |
| (12) | سنڌي ڌوني- وگيان (سنڌي فونيٽڪس) | ايضاً |
| (13) | ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ | ايضاً |
| (14) | سنڌي ساهت جي جهلڪ | ايضاً |
| (15) | شاهه لطيف جو اڀياس | ايضاً |
| (16) | ڍولا مارو | پروفيسر جهمٽ مل ڀاوناڻي |
| (17) | چند سڳنڌ | ايضاً |
| (18) | قاضي قادن جو ڪلام | هيرو ٺڪر |
| (19) | تحقيق ۽ تنقيد | ايضاً |
| (20) | سنڌي لوڪ گيت | ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي |
| (21) | سنڌ جا سنت | ڊاڪٽر ديال آشا |
| (22) | مهامتي پراڻ ناٿ جي واڻي، ٻه ڀاڱا | جهمو چڳاڻي |
| (23) | سنڌي سماج ۽ ڀاشا وگيان | ڊاڪٽر ڪنيو ليکواڻي |
| (24) | ڀاشا ۽ ڀاشا وگيان | ڊاڪٽر ستيش روهڙا |
| (25) | ڀاشا، ساهتيه ۽ سماج | ڊاڪٽر ستيش روهڙا |
| (26) | موج ڀريو مهراڻ | ريٽا شهاڻي |
| (27) | جيوت ۽ ساهت | ايضاً |
| (28) | ادب ۽ تنقيد | اي جي اُتم |
| (29) | شاهه ۽ سچل جو تقابلي مطالعو | ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي |
| (30) | گوبند مالهي: هڪ شخص ۽ اديب | ڊاڪٽر منوهر مٽلاڻي |
| (31) | ادبي ليک | هري دلگير |
| (32) | جهونجهيٽڙا جهان ۾ | ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي |
| (33) | ساهت جي پرک | ايضاً |
| (34) | سنڌي ناول ڪٿڙي ۾ (تنقيد) | پروفيسر هيرو شيوڪاڻي |

(35) زندگيءَ جا تجربا | پروفيسر رام پنجواڻي
(36) پيهي منجهه پاتال | ڪيرت ٻاٻاڻي
(37) سنڌي تنقيد | هريش واسواڻي
(38) سنڌو جوت جا مختلف نمبر (ترتيب) | لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل

اهڙيءَ طرح اجا بہ ڪيترائي ٻيا ڪتاب آهن جيڪي مون کان هن لسٽ ۾ شامل ڪرڻ کان رهجي ويا آهن.

بهرحال سنڌ جي ٻهڳڻي عالم، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1955ع ۾، لاڙڪاڻي ۾ ڪوٺايل، سورهين ادبي ڪانفرنس ۾ پيش ڪيل پنهنجي مقالي ۾ فرمايو تہ:

"تقريباً ڏيڍ سؤ سال اڳ، سنڌي ٻولي توڙي سنڌ جا باشندا، هر نڪتي کان دنيا ۾ برک هئا. وڏي ۾ وڏا شاعر، عالم، گرامر جا ماهر ۽ لغت نويس هن ننڍڙيءَ ايراضيءَ مان طلب ڪيا ويندا هئا."

ڊاڪٽر صاحب اڳتي لکي ٿو:

"سنڌي ٻوليءَ جي بقا ۽ بچاءَ واسطي ٻين اڳيان هٿ ڊگهيرڻ حماقت آهي.
پاڻ‌روا سنڌي ٻولي ايستائين زنده رهي سگهي ٿي جيستائين اوهين زنده آهيو ۽ هڪ صحتمند زندگي گذاري رهيا آهيو.
بين الاقوامي لحاظ سان پڻ پاڪستان سنڌي ٻوليءَ تي فخر ڪري سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ دنيا جي قديم آريائي تمدن، مثلاً مصري، بابلي ۽ عراقي تمدن جي ساٿي، سنڌو- تمدن جي ٻولي آهي." (بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: 1955ع، لاڙڪاڻي ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالو)

22- اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ مغربي پاڪستان ۾ ون يونٽ جي قيام، سنڌ جي ماڻهن، خاص ڪري سنڌي ڳالهائيندڙ عوام کي، پاڪستان ۾ گهڻو سجاڳ ڪري ڇڏيو. اُن دور جي اديبن، شاعرن، عالمن، فاضلن ۽ محققن، پاڪستان توڙي ڀارت ۾، سنڌي ٻوليءَ کي هر لحاظ کان شاهوڪار ۽ وسيع بنائڻ ۾ وڏو ڪم ڪيو. هنن، علم ادب ۽ سائنس جي مضمونن جا سنڌي ٻوليءَ ۾ نوان نوان لفظ گهڙيا، نوان فقرا، اصطلاح ۽ چوڻيون ٺاهيائون. ڌار ڌار شعبن جي مضمونن جي ماهرن فني ۽ علمي لفظن ۽ اصطلاحن کي، سنڌي ٻوليءَ جو ويس ونايو. علم طبعي، علم ڪيميا، علم بدن، علم ارضيات، علم نباتات، علم حيوانات ۽ علم اقتصاديات کان سواءِ، ٻين مڙني علمن جا فني لفظ، فقرا ۽ اصطلاح، سنڌي ٻوليءَ ۾ آندا ويا. لهاذا

سنڌي ٻوليءَ ۾، موجود انهن سڀني خوبين ۽ خصوصيتن جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جو ماضي شاندار، حال ترقي پذير ۽ مستقبل روشن نظر اچي ٿو.

سنڌي اديبن شاعرن، عالمن، فاضلن، سگهڙن، سياڻن، صحافين ۽ محققن جي ڪوشش ۽ ڪاوشن سان، هاڻي سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌ شناسيءَ، لطيف شناسيءَ، سچل ۽ سامي شناسيءَ، ويدانت، ڀڳتي مت، ناٿ پنٿ، پاڪستان شناسي، ديني ادب، اخلاقيات، لوڪ ادب، لوڪ رس، ڪلاسيڪي ۽ اٿاڻي ادب، عروضي شاعري، ڇند وديا، راڳداري ۽ موسيقي ۽ ويراڳي ڪلام (devotional songs) کان سواءِ سائنسي ۽ فني ادب تي ڪافي علمي، ادبي ۽ سائنسي ذخيرو موجود آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي تنقيدي ادب ۾، تنقيدي ادب جي تاريخ، تنقيدي تجزين، سنڌي ادب ۾ نون لاڙن ۽ نون رجحانن،بلند ۽ اعليٰ ويچارن، گهري سوچ ۽ فڪر، سنڌي ٻوليءَ ۾ وسعت ۽ پختگيءَ، لغوي لفظن جي فراوانيءَ ۽ شاهوڪاريءَ سبب، سنڌي ٻوليءَ جي نثر توڙي نظم جون صنفون، املهه ۽ قيمتي مواد ۽ سرمايي سان مالامال ٿي ويون آهن.

اڄ جو سنڌي نوجوان، ٻار توڙي بزرگ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل مواد ۾، پنهنجي دور جون ڳالهيون، پنهنجيءَ پسند جون ڳالهيون، پنهنجي ماحول ۽ سماج جون حقيقتون پنهنجن سهيوڳين ۽ همعصر ماڻهن، مردن توڙي خواتين جون ڳالهيون، انهن جون سوچون ۽ ويچار، گهڻي شوق ۽ اتساهه سان، پنهنجيءَ مادري ٻوليءَ ۾ پڙهڻ پسند ٿو ڪري، انهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ۽ اُن مواد جي وسيلي سان پنهنجي سنڌي هجڻ جي سڃاڻپ ڪرائي ٿو.

وڏيءَ خوشيءَ ۽ فخر جي ڳالهه هيءَ به آهي جو سنڌي ٻولي، موجوده دور ۾، تعليم ۽ تدريس، علم ۽ ادب، نشر واشاعت، اخبارن، ريڊيو، ٽي وي، فلم، ڊي وي ڊي، ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ کان سواءِ، ڇپائيءَ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جهڙن ذريعن لاءِ بهتر کان بهترين وسيلي طور ڪم آندي پيئي وڃي. سنڌي ٻولي هن دور ۾، پرنٽ ميڊيا واريءَ منزل کان گهڻو اڳتي، انٽرنيٽ واريءَ منزل تائين پهچي، دنيا جي هر حصي ۾ پنهنجو ڏاڪو ڄمائي چڪي آهي.

ان سلسلي ۾، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ڪوشش سان، پر حقيقت ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي تڏهوڪي سنڌي قوم پرست وائيس چانسلر، سائين غلام مصطفيٰ شاهه جي، سنڌي ٻوليءَ سان عشق واري جذبي سبب، سئيٽزرلئنڊ مان، هرمز ڪمپنيءَ مان، المصطفيٰ نالي سنڌي ٽائيپ رائيٽر جي ٺهي اچڻ کان پوءِ سنڌي ٽائيپ رائيٽر جي ڪي بورڊ جي آڌار تي، سنڌي نوجوان، محترم ماجد ڀرڳڙيءَ، ڪمپيوٽر لاءِ سنڌي فونٽن ۽ سنڌي سافٽ ويئر جي ٺاهڻ کان پوءِ ۽ خاص ڪري سنڌي ٻوليءَ کي انٽرنيٽ تي آڻڻ کان پوءِ،

يعني انٽرنيٽ تي سنڌي ٻوليءَ جي استعمال ۾ اچڻ کان پوءِ، سنڌي ٻولي، ترقيءَ جا گهڻو ڪري سڀ مرحلا طي ڪري چڪي آهي. هن وقت سنڌي ٻوليءَ ۾، انٽرنيٽ تي لڳ ڀڳ اٺ سؤ کن ويب سائيٽون آنديون ويون آهن. انهن سڀني سهولتن جي ڪري سنڌي ٻولي، تعليم ۽ تدريس، نشر واشاعت، ابلاغ ۾ اشتهاربازيءَ ۽ سنڌي ثقافت جي فروغ لاءِ 'Virtual Sindhi' جهڙا پروگرام ناهي، اردو ٻوليءَ کي به پٺيان ڇڏي وئي آهي.

23 _ پنهنجيءَ مادري زبان جي شاندار ماضيءَ، موجوده وقت ڪمال جي منزل واري ترقيءَ ۽ شاندار مستقبل جو ذڪر ڪندي، دنيا جو عظيم مفڪر ۽ بين الاقوامي سنڌي رهنما، پاڪستاني عوام جي سدا حيات محبوب رهنما، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ ۾ ميمبرن کي مخاطب ٿيندي فرمايو:

"هن علائقي جا ماڻهو اهڙا هئا جو پنج هزار سال اڳ وٽن پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجو رسم الخط هو پوءِ اُن کي سنڌي سڏيو ويندو هو يا سرائڪي يا ٻيو ڪجهه، اهو سوال ناهي، سوال هيءَ آهي ته اهي ماڻهو پنج هزار سال اڳ به سڌريل هئا. پوءِ ڪٿي انهن کي سنڌي ڪري نه سڏيو وڃي، پر تنهن هوندي به وٽن پنهنجو رسم الخط هو ۽ ٻولي هئي، جا سنڌوماتريءَ واريءَ تهذيب منجهان هئي، انسان ذات کي جن بيحد سڌريل ۽ مالدار تهذيبن جي پروڙ هئي، تن منجهان هيءَ هڪ هئي." (شهيد ذوالفقار علي ڀٽو: قومي اسيمبليءَ ۾ تقرير)

24_ هت هن ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ به مناسب ٿيندو ته پنهنجيءَ مادري ٻوليءَ سان محبت ۽ پنهنجي سنڌي هجڻ جي سڃاڻپ جي دليل طور، سنڌ جي ٽن نوجوانن، هرهڪ: محترم ماجد ڀرڳڙيه محترم بدر هيسباڻيءَ ۽ سيد اياز شاهه جون ابتدائي ڪوششون ۽ ڪاوشون ساراهه جوڳيون آهن. شروع ۾ ماجد ڀرڳڙي صاحب، مڪئنٽش ڪمپيوٽر ڪمپنيءَ جي سهڪار سان سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي سسٽم جي ڪي بورڊ تي، سنڌي سافٽ ويئر تيار ڪري، پهريون ڀيرو سنڌي P.C مارڪيٽ ۾ آندو.

انهن ٽنهي سڄڻن کان پوءِ ڪيترن ئي ٻين نوجوانن هن سلسلي ۾ سنڌي فونٽن تي ڪم ڪيو. انهن مان سيد اياز شاهه، IBM ڪمپنيءَ لاءِ سنڌي ڪي بورڊ ۽ نوان فونٽ ناهي، روزانه سنڌي اخبارن کي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي آڻڻ جي شروعات ڪئي. انهن اخبارن کان سواءِ، سنڌي ٻوليءَ ۾ پرنٽنگ ٽيڪنالاجيءَ جي لحاظ کان خانگي پبلشنگ ادارن ۾، سنڌيڪا اڪيڊميءَ، روشني پبليڪيشن ۽ ڪويتا پبليڪيشن به ڪامياب تجربا ڪيا.

هن ڏس ۾، سال 1998ع کان 2001ع تائين واري عرصي ۾، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ به 'سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم' جي ترقيءَ ۽ واڌاري ۽ انٽرنيٽ تي سنڌي ٻوليءَ کي آڻڻ لاءِ محترم ماجد ڀرڳڙيءَ جي

مدد سان ڪامياب تجربا ڪيا. اٿارٽيءَ جي طرفان سيد اياز شاهه، سيد دانيال شاهه، اعجاز جعفريءَ ۽ سارنگ رام جي سهڪار سان، سنڌي ڪمپيوٽر تي ڪم ايندڙ ڏار ڏار فونٽن مان ’لطيفي فانٽ‘ نالي معياري فونٽ ٺاهي اُن کي ڪم آڻڻ جي سفارش ڪئي، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان، سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم ۾ ترقي آڻڻ لاءِ، اداري اندر ’سنڌي انفرميٽڪس شعبو‘ قائم ڪيو ويو. انهيءَ شعبي ۾ سيد اياز شاهه جي رهنمائيءَ هيٺ، محترمه انيس ڪاڪا جي نگراني ۾، معياري سنڌي ڪي بورڊ، لي آئوٽ، سنڌي ڪوڊ پليٽ ۽ سنڌي صورتخطيءَ ۾ حروفن جي هڪٻئي سان جُڙڻ/ ملڻ جي ترتيب (collation order) جا اصول ۽ طريقا مقرر ڪيا. حرفن جي جُڙڻ/ ملڻ جي مذڪوره ترتيب (collation order) اها ساڳي رکي وئي، جيڪا سنڌالاجيءَ طرفان ’المصطفي‘ سنڌي ٽائيپ رائيٽر لاءِ ماهر (مسٽر تمنائي) جي صلاح سان مقرر ڪئي وئي هئي.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ، محترم ماجد ڀرڳڙيءَ جي رهنمائيءَ ۾، مائڪرو سافٽ ڪارپوريشن جي تعاون سان، سنڌي ٻوليءَ جو پنهنجو Unicode تيار ڪري، سنڌي ٻوليءَ کي سال 2000ع تائين، انٽرنيٽ تي آڻڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي. اُن ڪوشش جو نتيجو اهو نڪتو جو اسين هاڻي دنيا ۾ ڪٿي به ۽ ڪنهن سان به، عربي- سنڌي رسم الخط ۾، انٽرنيٽ تي خط و ڪتابت ڪرڻ واريءَ صلاحيت رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هئاسين.

لهاذا سال 2001ع تائين، سنڌي ٻولي انٽرنيٽ جي ٻولي بڻجي چڪي هئي. جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي ته هن وقت عربي- سنڌي رسم الخط ۾ اٺ سؤ کن ويب سائيٽون موجود آهن. ۽ ساڳئي وقت، اهو به ڏيان ۾ رهي ته هاڻي عربي- سنڌي رسم الخط، ديوناگري سنڌي رسم الخط ۽ رومن- سنڌي الخط ذريعي، انٽرنيٽ تي سنڌي سکڻ جا وسيلا موجود آهن.

25- حاصل مطلب ته گذريل ڏيڍ سؤ سالن ۾، 1843ع کان موجوده وقت تائين واري عرصي ۾، سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ادب ۽ سنڌي ثقافت جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري جي سلسلي ۾ جيڪي اهم ڪارناما سرانجام ڏنا ويا آهن، اُنهن جو مختصر تفصيل هيٺ پيش ڪجي ٿو:

(1) انگريزن جي حڪومت جي پهرين پنجن سالن اندر، 1848ع ۾، بمبئيءَ جي گورنر سر جارج ڪلرڪ، هڪ حڪم نامو جاري ڪيو جنهن موجب سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ۽ دفتري ٻوليءَ طور ڪم آڻڻ لاءِ سيني سرڪاري ڪامورن لاءِ لازمي طور سنڌي زبان جي سکڻ جا احڪام جاري ڪيا ويا.

(2) 1854ع ۾، سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي- سنڌي رسم الخط منظور ڪري، اُن جي ڪم آڻڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا.

(3) سنڌ جي ڪمشنر، 29 آگسٽ، 1857ع ۾، سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي سرڪاري دفترن ۾ دفتري ٻولي ۽ اسڪولن ۾ تعليم جي ذريعي طور ڪم آڻڻ جا حڪم جاري ڪيا.

(4) ڪئپٽن جارج اسٽئڪ طرفان، سال 1848ع ۽ 1855ع ۾ 'انگريزي- سنڌي' ۽ 'سنڌي- انگريزي لغتون' ڇاپي ڇپايون ويون. اهڙيءَ طرح سال 1879ع ۾ مسٽر شرٽ سنڌي ٻوليءَ جو گرامر لکيو.

(5) 1853ع ۾ منشي اُڌارام جو لکيل ٻاراڻو ڪتاب، 'باب نامو' سرڪاري طور شايع ڪرايو ويو.

(6) 1866ع ۾، ڊاڪٽر ارنسٽ ٽرمپ، پهريون ڀيرو 'شاهه جي رسالي جو متن' مرتب ڪري، اُن کي جرمنيءَ جي لپسيا شهر مان سنڌي ٽائيپ ۾ شايع ڪرايو.

(7) اُن کان پوءِ ڊاڪٽر ٽرمپ 1872ع ۾ 'A Grammar of Sindhi Language' لکي، ڪراچيءَ مان شايع ڪرايو.

(8) 1875ع ۾ 'ديوان گل' ۽ 1876ع ۾ شاهه ڪريم جو ڪلام 'بيان العارفين' جي عنوان سان شايع ٿيو ۽ ساڳيءَ طرح 1878ع ۾ 'ديوان قاسم' شايع ٿيو.

(9) سال 1893ع ۾، آخوند عبدالرحيم وفا، سنڌي- فارسي لغت 'جواهر لغات- سنڌي اڪيچار' تيار ڪري شايع ڪرائي.

(10) انگريز سرڪار طرفان، انگريزيءَ مان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتابن جي ترجمي کي سرڪاري طور همٿايو ويو ۽ 'راسيلاس'، 'تاريخ معصوميءَ' کان سواءِ ٻيا ڪتاب ترجمو ڪرائي ڇپايا.

(11) اُن زماني ۾، مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙي مل ۽ ٻين هن سلسلي ۾ پنهنجي قلم کي تيزيءَ سان ڪم آندو.

(12) مرزا قليچ بيگ، شيڪسپيئر جا ڊراما، ٻيڪن جا مضمون ۽ ڪن مصنفن جا ناول ترجمو ڪيا، ۽ ساڳئي وقت طبعزاد ناول به لکيو.

(13) مرزا صاحب پهريون دفعو سنڌي ادب ۾ 'ڪهاڻي' لکڻ جي شروعات ڪئي.

(14) هن دور جو هڪ ٻيو وڏو ۽ اهم ڪارنامو ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ پاران، شاهه لطيف جي ڪلام کي ترتيب ڏيئي، اُن کي سوڌي سنواري، تحقيق جي جديد اصولن موجب تيار ڪري ٽن جلدن ۾ شايع ڪرايو. هن صاحب، 'مقدمه لطيفي' جي عنوان سان، شاهه جي رسالي جو معياري مقدمو لکي، سنڌي ٻوليءَ ۾، تحقيق ۽ تنقيد جي جديد اصولن سان سنڌي ٻوليءَ ۾ تنقيدي ادب لکڻ جي شروعات ڪئي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، پنهنجن مذڪوره مسودن ۾، شاهه جي رسالي ۾ ڪم آندل نون ۽ ڏکين لفظن جون، اُنهن جي ڌاتوئن جي بنياد تي معنائون پڻ لکيون. ڌاتو ڪوش (etymological dictionary) جي حوالي سان، شاهه لطيف جي ڪلام ۽ ٻوليءَ جي سلسلي ۾ اهو هڪ انوکو ۽ بنيادي ڪم آهي. اُن کان پوءِ ڊاڪٽر دائودپوٽي، شاهه ڪريم جي ڪلام تي، جديد تحقيق ۽ تنقيد جي اصولن موجب 'ڪريم جو ڪلام' جو نسخو تيار ڪيو.

(15) ديوان وسنامل ٽيڪچنداڻيءَ، سنڌي ٻوليءَ جو 'سنڌي ڌاتو ڪوش' نالي ڪتاب لکي، سنڌي ٻوليءَ جي ڪن لفظن جي ڌاتوئن ۽ اشتقاقن تي مشتمل، ڊڪشنري (Etymological dictionary of Sindhi Language) جوڙي ڇپائي.

(16) ديوان نارائڻ داس ۽ جهمٽ مل وسناڻيءَ، 'A Grammar of Sindhi Language' نالي سان سنڌي ٻوليءَ جو وياڪرڻ لکي ڇپايو.

(17) ديوان ڪوڙي مل ڪلناڻيءَ 'پڪو پهه' جي نالي سان، سنڌي پهاڪن تي مشتمل ڪتاب لکي، سنڌي لوڪ ادب جي لکڻ جي شروعات ڪئي.

(18) خان بهادر محمد صديق ميمڻ 'سنڌ جي ادبي تاريخ' جي عنوان سان، سنڌي ادب جي تاريخ ٻن جلدن ۾ لکي تيار ڪئي، انهن مان پهريون جلد، 1935ع ۾ ڇپايو ويو ۽ ٻيو جلد 1954ع ۾ شايع ٿيو.

27_ ورهاڱي کان پوءِ، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ کي، وڏن مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو جن جو ذڪر اڳ ۾ ڪيو ويو آهي.

13، جون 1947ع تي، سنڌ يونيورسٽي، ڪراچيءَ ۾ قائم ڪئي وئي. هن اداري جي شروعات، امتحان وٺندڙ هڪ اداري وانگر ٿي هئي. سنڌ يونيورسٽيءَ، 1948ع ۾ مئٽرڪ جو پهريون پيرو امتحان ورتو. هن يونيورسٽيءَ جي 1951ع ۾، حيدرآباد ۾ منتقل ٿيڻ کان پوءِ، ۽ علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب جي هن يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ يونيورسٽيءَ کي تدريسي ادارو بنايو ويو. علامہ صاحب جن، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪيترائي نوان نوان شعبا کوليا، ۽ ملڪ جي چونڊ ۽ مڃيل اُستادن کي، مشرقي پاڪستان ۽ پنجاب جي شهرن کان سواءِ، سنڌ جي مرڪزي شهر ڪراچيءَ مان بہ ڪي قابل اُستاد گهرائي، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مقرر ڪيا. سڀ کان پهرين، سنڌ ۾ هاءِ اسڪولن ۾ ڪم ڪندڙ اُستادن جي تربيت لاءِ، تعليم جو شعبو شروع ڪيائون، جنهن ۾ اُن وقت جي نوجوان، ۽ اميريڪا مان تعليم ۾ ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري حاصل ڪري آيل شخص، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي، شعبي جو صدر مقرر ڪيائون. اهڙيءَ طرح اردو زبان ۽ ادب جي سکيا لاءِ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان، غلام مرتضيٰ قاضي، جنرل هسٽري پڙهائڻ لاءِ ڊاڪٽر بشير احمد، ڊاڪٽر يارمحمد، غلام مرتضيٰ، قاضي ميان احمد اختر جوناڳڙهيءَ کي مسلم هسٽري پڙهائڻ لاءِ، ڊاڪٽر قاضي ممتاز عليءَ کي، ڪيمسٽري، ڊاڪٽر شمس الاسلام کي باٽني، ڊاڪٽر نياز احمد کي پوليٽيڪل سائنس، ڊاڪٽر اين. اي جي خان کي ايڪنامڪس، ۽ ٻين بہ ڪيترن ئي نالي وارن اُستادن کي گهرائي، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ آرٽس ۽ سائنس جي شعبن ۾ مقرر ڪيائون.

علامہ صاحب جن، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي سکيا لاءِ بہ عملي قدم کنيا. اُنهن مان سنڌن ڪي قدم هي هئا:

(i) پارٽ کان لڏي آيل ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ آباد ٿي ويل نون سنڌين کي، سنڌي زبان سکڻ

۽ ساڳئي وقت سنڌ جي ماڻهن کي اردو زبان سيکارڻ لاءِ ٻنهي ٻولين، يعني اردو ۽ سنڌيءَ کي ڪلاس ٽئين کان وٺي، ڪلاس ٻارهين تائين لازمي طور سکڻ لاءِ سنڊيڪيٽ کان فيصلو ڪرايائون.

(ii) سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تدريس لاءِ ڊاڪٽربلوچ صاحب جي نگرانيءَ هيٺ، تعليم واري شعبي ۾ سنڌي سيڪشن قائم ڪيو ويو جتي سنڌي ادب ۾ ايم. اي جا ڪلاس شروع ڪيا ويا. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جي مدد لاءِ پروفيسر محبوب علي چنا کي، سنڌي شعبي ۾ ريڊر مقرر ڪيو ويو.

(iii) عالمي ادب ۽ ادب عاليہ کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ ايم. اي (فائنل) سنڌيءَ لاءِ چوٿين پيپر جي گهرجن جي پورائيءَ لاءِ، مضمون جي عيوض، انگريزي ۽ فارسي ادب جي عالمي معيار جي ڪنهن معياري ڪتاب کي ترجمو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

(iv) اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هم آهنگي ۽ لغوي ڄاڻ رکڻ لاءِ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان جي نگرانيءَ هيٺ، سنڌي۔ اردو ۽ اردو سنڌي لغتون تيار ڪرائي، سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان شايع ڪرايون.

(v) شاهہ لطيف جي رسالي کي اردو زبان ۾ ترجمو ڪرائڻ لاءِ هڪ رٿا تيار ڪرائي، اُها رٿا، وفاقي حڪومت جي منظوريءَ لاءِ، اسلام آباد موڪليائون. پر انهيءَ رٿا تي، سندن حياتيءَ ۾ عملي ڪم شروع ٿي نہ سگهيو. سندن وفات کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر ڊاڪٽر رضي الدين صديقي صاحب، سندن انهيءَ رٿا تي عملي قدم کنيو ۽ شاهہ جي رسالي جي اردو زبان ۾ ترجمي جو ڪم، مرحوم شيخ اياز کي سونپيو ويو جنهن اهو ڪم مڪمل ڪيو.

28- ون يونٽ واري زماني ۾، سنڌي عوام جي دٻاءَ سبب، انگريزن جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ قائم ٿيل اداري 'بورڊ آف ڪنٽرول فار سنڌي لٽريچر' جو نالو تبديل ڪري، 'سنڌي ادبي بورڊ' جي نئين نالي سان، ادارو قائم ڪيو ويو. اُن لاءِ ڪميٽي جوڙي وئي جنهن تي ڊاڪٽر دائودپوٽي، سائين ميران محمد شاهہ، مرحوم عثمان علي انصاري ۽ ٻين دانشورن کي ميمبر طور کنيو ويو.

هت اهو بہ بيان ڪرڻ مناسب ٿيندو تہ پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان اڳ، انگريز سرڪار جي طرفان قائم ڪيل 'بورڊ آف ڪنٽرول فار سنڌي لٽريچر' تي، پروفيسر هرو سدا رنگاڻي، پروفيسر پيرومل آڏواڻي ۽ ڪي ٻيا، هن بورڊ جي ڪميٽيءَ جا ميمبر هئا. پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ ۽ هندو اديبن، عالمن ۽ شاعرن جي سنڌ مان لڏي وڃڻ کان پوءِ، ڪجهہ عرصي لاءِ ٻين ادبي سرگرمين سان گڏ، هي ادارو بہ خاموش ٿي ويو هو.

1961ع ۾، 'سنڌي ادبي بورڊ' جي ڪميٽيءَ کي نئين سر جوڙيو ويو. مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ کي بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو ۽ ميمبرن ۾ سيد حسام الدين شاهہ راشدي، ڊاڪٽر

نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر دائودپوٽو عثمان علي انصاري ۽ ڪي ٻيا دانشور مقرر ڪيا ويا.[1] هن ٽي دور ۾، هن بورڊ وڏيون رٿائون جوڙيون، اُنهن مان ڪي هي هيون:

(i) سنڌ جي تاريخ، جدا جدا دورن تي مشتمل، اٺن جلدن ۾ لکرائڻ.

(ii) سنڌي لوڪ ادب جي ڌار ڌار صنفن تي مشتمل مواد کي گڏ ڪري ڌار ڌار جلدن ۾ ڇپائڻ.

(iii) دنيا جي ادب عاليہ کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرائي ڇپائڻ.

(iv) سنڌ جي باري ۾ مختلف ٻولين ۾ لکيل تاريخن کي ايڊٽ ڪرائي شايع ڪرڻ.

(v) جديد سنڌي ادب شايع ڪرڻ.

(vi) مهراڻ رسالي کي، ٽماهي رسالي طور شايع ڪرڻ ۽ اُن ۾ ڪهاڻين، مضمونن، تحقيقي مقالن ۽ شعر و شاعريءَ جي صنفن کي شايع ڪرڻ.

سنڌي ادبي بورڊ، 1961ع کان پوءِ، هڪ بين الاقوامي تحقيقي اداري طور، پاڻ کي پاڪستان کان ٻاهر بہ مڃرايو. هن اداري طرفان فارسي، عربي ۽ انگريزي ٻولين ۾ سنڌ تي لکيل تاريخن جهڙوڪ: 'تحفة الڪرام'، 'تاريخ معصومي'، 'ترخان نامہ'، 'بيگلار نامہ'، 'تاريخ طاهري'، 'مڪلي نامہ'، 'لُب تاريخ سندهہ' 'Conquest of Sind'، 'Visit to the Court of Sindh' ۽ اهڙا ٻيا نادر ڪتاب. سيد حسام الدين شاهہ راشديءَ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ محترم محمد حنيف صديقيءَ جهڙن ڏاهن کان ترجمو ۽ ايڊٽ ڪرائي، ۽ انهن جا حاشيا لکرائي، اُنهن کي شايع ڪيو. اهڙيءَ طرح اساسي ۽ عروضي شاعريءَ تي مشتمل ڪتاب، جهڙوڪ: مير عبدالحسين 'سانگيءَ' جو ڪلام، ميين شاهہ عنايت جو ڪلام، فقير ولي محمد لغاريءَ جو ڪلام، خليفي نبي بخش جو رسالو ۽ حمل فقير لغاريءَ جو ڪلام ايڊٽ ڪرڻ ۽ اِنهن ڪتابن جا حاشيہ لکڻ لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جون خدمتون حاصل ڪيون.

(ج) سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻا معياري ڪتاب ترجمو پڻ ڪرايا.

(ح) سنڌي ادبي بورڊ، مٿين رٿائن کان سواءِ 'جامع سنڌي لغات' جهڙي اهم رٿا بہ شروع ڪئي، ۽ اها رٿا بہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي حوالي ڪئي وئي.

(خ) سنڌي ادبي بورڊ سنڌ ۽ سنڌي ادب اڳ ۾ ڇپيل ۽ ناياب ڪتابن کي ٻيهر ڇپائڻ جي بہ رٿا ناهي. اهڙن ڪتابن ۾ خاص خاص ڪتاب هي هئا:

(i) مرزا قليچ بيگ جا ترجمو ڪيل ۽ ناياب ناول، ناٽڪ، سنڌي ٻوليءَ جو وياڪرڻ.

(ii) پروفيسر ڀيرومل جا ڪتاب: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ وڏو سنڌي وياڪرڻ.

---

[1] هيءَ گذارش ٿوڪريان تہ بورڊ طرفان ڪو اهڙو دستاويز شايع ڪيو وڃي، جنهن ۾ بورڊ جي انگريزن جي دور کان وٺي مڪمل تاريخ بيان ڪيل هجي.

(iii) ديوان وسناٽيءَ جو سنڌي وٽنپتي ڪوش وغيره.

(iv) سنڌي ادبي بورڊ. الله بچائي سمي جو لکيل ’سير ڪوهستان‘ ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو لکيل ’بيلاين جا ٻول‘ ڪتاب پڻ شايع ڪرايا.

(v) سنڌي ادبي بورڊ. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي. لکيل ’تحقيق – لغات سنڌي‘ شايع ڪرائي. سنڌي لغت ۾ واڌارو ڪيو.

(vi) سنڌي ادبي بورڊ. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جا لوڪ ادب جي سلسلي ۾ لکيل هيٺيان ٻيا ڪتاب شايع ڪيا:

(i) وينجهار

(ii) سنڌ جو سينگار

(iii) هڪ خانگي اداري طرفان مخدوم طالب المولي جي ڇپايل ڪتابن ۾ هيٺيان ڪتاب اهم آهن:

(i) ياد رفتگان

(ii) ڪافي

29- 1971ع ۾ پاڪستان ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. 16 ڊسمبر 1971ع تي مشرقي پاڪستان، بنگلاديش جي نالي سان، نئين ملڪ جي صورت ۾ دنيا جي نقشي تي نمودار ٿيو ۽ پاڪستان جو باقي حصو نئين پاڪستان جي صورت ۾ قائم رهيو جنهن جي واڳ، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سنڀالي ورتي. پيپلزپارٽيءَ، پنهنجي هن پهرئين دور، خيرپور ۾، ڪان سواءِ سڄي ملڪ ۾ نيون يونيورسٽيون ۽ نوان ادبي ۽ ثقافتي ادارا قائم ڪيا. سنڌ ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ شاهه لطيف چيئر، ڀٽ شاهه تي شاهه لطيف ڀٽائي ثقافتي مرڪز خيرپور ۾ سچل اڪيڊمي، لاڙڪاڻي ۾ سر شاهه نواز ڀٽو لائبرري، حيدرآباد ۾ دائودپوٽه لائبرري، نواب شاهه ۾ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج، خيرپور ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو شاهه لطيف ڪئمپس، ڄام شوري تي سنڌ يونيورسٽيءَ جو انجنيئرنگ ڪئمپس، قائد عوام يونيورسٽي نوابشاهه ۽ ٽنڊي ڄام ۾ سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي قائم ڪئي. انهن ادارن سنڌ ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب ۽ تعليم لاءِ وڏو ڪم ڪيو.

30- سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌي ثقافت جي سلسلي ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جو پنهنجو اهم ڪردار رهيو آهي، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي. هن سلسلي ۾ علامه آءِ آءِ قاضي ۽ ڊاڪٽر رضي الدين صديقيءَ کان پوءِ هن سلسلي ۾ سيد غلام مصطفيٰ شاهه جون خدمتون وسارڻ جوڳيون نه آهن. شاهه صاحب سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ هيٺيان ڪم ڪيا:

(i) سنڌي ٻوليءَ کي، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انگريزيءَ سان گڏ، دفتري ٻوليءَ طور رائج ڪيو.

(ii) سنڌي ٻوليءَ کي آرٽس، هيومئنٽيز سوشل سائنسز اسلامڪ ڪلچر، دينيات، مسلم هسٽري ايجوڪيشن ۽ ٻين اهڙن مضمونن لاءِ ايم. اي ايم. فل ۽ پي. ايڇ. ڊيءَ جي سطح تائين تعليم جو ذريعو بنايو.

(iii) سنڌي ٻوليءَ کي، فني ٻولي بنائڻ لاءِ سئٽزرلنڊ جي هرمز فيڪٽريءَ مان 'المصطفيٰ' سنڌي ٽائيپ رائيٽر ٺهرايو.

(iv) شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي خواهش تي، سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻوليءَ جي سلسلي ۾ سنڌي ٽائيپ رائيٽر ۽ سنڌي شارٽ هئنڊ جي سکيا جا ڪتاب تيار ڪرائي شايع ڪرايا ۽ انهن ٻنهي جي سکيا جو بندوبست پڻ ڪيو.

31- اليڪٽرانڪ ميڊيا لاءِ سنڌي ٻولي، ڌار ڌار ڇهن چئنلن، جهڙوڪ: ڪي. ٽي. اين، سنڌ ٽي. وي ۾ ڌرتي، ڪشش، مهراڻ، آواز ۽ برطانيہ جي شهر مانچيسٽر مان 'ڊجيٽل ڊي' چئنل تي هفتي ۾ هڪ ڪلاڪ نشر ٿيندڙ سنڌي پروگرام، سنڌي ٻوليءَ کي دنيا جي هڪ سؤ کن شهرن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ عوام تائين پهچائي، سنڌي ٻوليءَ جي بين الاقوامي ٻوليءَ واري دعوي کي سچو ثابت ڪيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ لاءِ خانگي طور کنيل اهي قدم، ثابت ٿا ڪن تہ سنڌي ماڻهن پنهنجي مادري ٻوليءَ جي سڃاڻپ، بقا ۽ بچاءَ ۽ اُن سان پنهنجي نفسياتي لڳاءَ ۽ دلي ڳانڍاپي لاءِ عملي ثبوت ڏنا آهن، جن کان ڪير ڪوبہ جدا ڪري نٿو سگهي.

32- انهن سڀني ڳالهين جي باوجود، سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ خطرو ضرور موجود آهي. اهو خطرو بہ پنهنجن وٽان آهي. اهو خطرو آهي 'سنڌي ٻوليءَ جو بگاڙ' جيڪو سنڌي اخبارن، رسالن ۽ سنڌي ريڊيو ۽ ٽي وي چئنلن تي ورهين کان ٿي رهيو آهي.

ٻوليءَ جي بگاڙ واري مسئلي تي 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' ڪتاب ۾ گهڻو ئي ڪجهہ لکيو ويو آهي. منهنجيءَ راءِ موجب ٻوليءَ جو بگاڙ يا ٻوليءَ کي بگاڙڻ، اُن عمل کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ اُن جا اديب ۽ شاعر، اُستاد ۽ عام ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ جي صوتياتي آوازن کي غلط نموني ڦيرائي گهيرائي، اُنهن جو اُچار غلط ڪن، ٻوليءَ جي لغوي خزاني، ٻوليءَ جي لفظن جي وياڪرڻي ڍانچي، يعني صرفي ۽ نحوي قاعدن ۽ قانونن ۽ گهاڙيٽن، ۽ صرفي نحوي کي، پنهنجيءَ مرضيءَ سان، يا انهن قانونن جي ڄاڻ نہ هئڻ سبب، غلط نموني استعمال ڪرڻ، يا ڪن لفظن جي واحد ۽ جمع، مؤنث ۽ مذڪر صورتن جي اصولن جي پابندي نہ ڪرڻ، يا علم نحو جي اصولن ۽ قانونن کان واقف نہ هئڻ ڪري، حالت فاعليءَ، حالت جريءَ، حالت اضافت، حالت مڪاني يا حالت اپادان جي ڦيري، ۽ فاعل ۽ مفعول جي ڦيري وارن اصولن کان اڻڄاڻ هجڻ سبب، ٻوليءَ جو اهڙو استعمال ڪرڻ جيڪو اڳتي هلي، ٻوليءَ جي وياڪرڻي ڍانچي کي ئي ڦيرائي ڇڏي.

آءٌ هن ڳالهہ تي زور ڏيئي عرض ڪندس تہ معياري سنڌي لهجي جي بگاڙڻ واري عمل جي خلاف، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کي مهم هلائڻ گهرجي. اخبارن، ريڊئي ۽ ٽي وي چئنلن تي ڪم ڪندڙ سيڪڙن

گهٽ تعليم رکندڙ ۽ غير تربيت يافته ڪارڪنن. خبرون پڙهندڙن ۽ ڊرامن ۾ ڪم ڪندڙ اداڪارن، بلڪ خبرن جا ڊرافٽ تيار ڪندڙ ڊراما ۽ فيچر وغيره لکندڙن جي ٻوليءَ تي نه فقط نظر رکڻ گهرجي، پر انهن سيني کي، درست ٻوليءَ جي ڪم آڻڻ جي تربيت به ڏيڻ گهرجي.

ٻوليءَ جي سڌاري واريءَ مهم جو ڪم 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ' جو ئي آهي. هن اداري کي، ابلاغ جي ادارن تي نشر ٿيندڙ ٻوليءَ، يا اخبارن، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ کان سواءِ ٻين سرڪاري، نيم سرڪاري ۽ خانگي اشاعتي ادارن طرفان شايع ٿيندڙ رسالن، مخزنن ۽ ڪتابن وغيره ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ کي مانيٽر ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويو ته ايندڙ ويهن پنجويهن سالن اندر سنڌي ٻوليءَ جي شڪل ئي بدلجي ويندي. ڇاڪاڻ ته اردو ۽ انگريزي ميڊيم اسڪولن ۾ پڙهندڙ سنڌي ٻارن جي ٻولي، تمام تيزيءَ سان بدلجي رهي آهي. جيڪڏهن هن قدم کڻڻ لاءِ اٿارٽيءَ طرفان لاپرواهي يا سستي ڪئي وئي ته اُن لاءِ ذميوار سڄيءَ سنڌ جو عوام هوندو.

اڄ جڏهن تعليم سؤ فيصد عام ڪرڻ، قومن جي زندگيءَ جو هڪ لازمي ۽ بنيادي اصول بڻجي چڪو آهي، ته اهڙين حالتن ۾ جيڪڏهن اسان کي پنهنجي مادري ٻوليءَ، سنڌيءَ کي نه فقط محفوظ رکڻو آهي، پر اُن کي علمي ۽ ادبي حيثيت، فني ۽ ڪاروباري وهنوار ۾ به اڳتي وڌائڻو آهي. اهڙيءَ حالت ۾، اسان کي پنهنجي تعليمي ۽ تدريسي سرشتي جي مدد سان ئي اهو عظيم مقصد حاصل ڪرڻو پوندو.

سنڌي ٻار کي صحيح معنيٰ ۾ تعليم سان روشناس ڪرائڻو آهي ته اها تعليم کيس سندس مادري زبان ۾ ئي ڏيڻ گهرجي، جنهن سان هو هر ڪا ڳالهه آسانيءَ سان سمجهي سگهندو.

سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ بهتر ٿيندو ته سنڌي ٻوليءَ جا گهڻي ۾ گهڻا ڪتاب، انٽرنيٽ تي به آڻڻ گهرجن. ٻي ڳالهه ته ڌار ڌار ملڪن ۾ رهندڙ سيپيئي سنڌي، عربي- سنڌي رسم الخط نٿا ڄاڻن. اُنهن مان لکين ماڻهو ڄاوا ئي غيرملڪن ۾ آهن. انهن کي پاڻ سان شامل ڪرڻ ۽ سنڌي سماج جو حصو بنائڻ لاءِ مناسب ٿيندو ته اُنهن کي رومن- سنڌي لپيءَ ۾ به مواد مهيا ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان اسين، سڄي جهان ۾ رهندڙ سنڌين کي پنهنجي قافلي ۾ شامل ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي وڏي خدمت ڪري سگهنداسين.

# ببليوگرافي

## سنڌي ڪتاب ۽ مقالا:


1. الانا, غلام علي, ڊاڪٽر: 2000ع, سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس, ڄامشورو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي, ص 244
2. ايضاً, 2006ع, سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا, حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي, ص ص 77, 417 ۽ 418
3. الهداد ٻوهيو ڊاڪٽر: 1975ع, سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج, ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي, ص 43
4. بلوچ, نبي بخش خان, ڊاڪٽر: مقالو سنڌي ٻولي, اُن جو ماضي حال ۽ مستقبل, سماهي مهراڻ 3_4 / 1965ع, ص 56
5. پرسو گدواڻي, ڊاڪٽر: 1989ع, سنڌي ٻوليءَ جي زيارت, دفتر پتدار_ گانڌي نگر: گجرات سنڌي اڪادمي, ص ص 1_2
6. ٻوبڻي هيرانندائي پروفيسر: 2006ع, ڪونج مارچ_ اپريل, 2006ع, ص 11
7. جي. ايم. سيد: پاڪستان جا موجوده سياسي مسئلا
8. جهمٽ مل ڀاوناڻي, پروفيسر: چند سڳنڌ, بمبئي: هندوستان ساهتيه مالا
9. حميد سنڌي: 1967ع, ماهوار روح رهاڻ جو ايڊيٽوريل, 4 مارچ, 1967ع
10. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو: 1972ع, 15 جولاءِ, 1972ع تي قومي اسيمبلي ۾ تقرير
11. علامہ آءِ آءِ قاضي: 1955ع, لاڙڪاڻي ۾ ڪوٺايل سورهين سنڌي ادبي ڪانفرنس لاءِ موڪليل پيغام سماهي مهراڻ 3_4/ 1965ع
12. ايضاً, 1967ع, روزانہ عبرت اخبار ۾, 22 آڪٽوبر, 1967ع تيَ ڏنل انٽرويو
13. علامہ دائودپوٽو ڊاڪٽر: 1983ع, مقالو اسان جي سنڌي زبان اسان جي ٻولي, اسان جي تعليم ڪتاب ۾ شامل حيدرآباد, سنڌ: سنڌ فرينڊس سرڪل, ص ص 9 ۽ 10
14. علي محمد شاهہ راشدي: 1967ع, روزانہ عبرت ۾, 17, فيبروري, 1967ع ۾ ڇپيل ڪالم
15. ڪشني ٿلواڻي, ڊاڪٽر: 2004ع, مقالو 'راجستان ۾ سنڌي لوڪ ڳاٿا ۽ راڳيندڙ ٽماهي سپون آڪٽوبر, نومبر ۽ ڊسمبر, 2004ع, ص 31
16. غلام محمد, گرامي: 1965ع, سماهي مهراڻ, 3_4/ 1965ع, ص 65

17_ مخدوم محمد زمان طالب المولي: 1962ع، ڪافي، هالا: بزم طالب المولي شاخ، ص 36
18_ محمد ابراهيم جويو: 1985ع، تعليم جو مؤثر ذريعو مادري زبان آهي، اسان جي ٻولي، اسان جي تعليم ڪتاب ۾ شامل مضمون حيدرآباد سنڌ: سنڌ فرينڊس سرڪل ص ص 47_53
19_ ايضاً، 1985ع، اسان جي مادري زبان ۽ اُن جي تعليم ۾ اهميت، اسان جي ٻولي، ان جي تعليم ڪتاب ۾ شامل مضمون، حيدرآباد، سنڌ: سنڌ فرينڊس سرڪل، ص ص 34_46
20_ ايضاً، 1983ع، 'سنڌي ذات هنجن' ڪتاب جو مهاڳ، رسول بخش پليجو
21_ مولانا، عبدالقادر پروفيسر: 14، 15 ۽ 16 اپريل، 1961ع تي لاهور ۾ ٿيل پاڪستان جي علائقائي ٻولين جي پهرين ڪانفرنس ۾ صدارتي تقرير، ساماهي مهراڻ، 3_ 4/ 1965ع
22_ نند ڇڳاڻي: 2008ع، ڪونج، ڇيتي چنڊ سنڌيت _ سيمينار پرچو مارچ، اپريل، 2008ع ايڊيٽوريل، ص 11

## انگريزي ڪتاب

23-James, C. Melvil, 1948, Scinde, a copy of the report of Sir George Clerk, Governor of Bomby, on Administration of Scinede, East India, Sir George Clerk Minutes on Scinde, P.15

# البيرونيءَ جي وقت ۾ سنڌ جي علمي، ادبي، سماجي، ثقافتي ۽ لسانياتي سڃاڻپ

1-سون ورنيءَ سنڌ ۾ گذريل صدين ۾ ڪئين سياح آيا. ڪي قبل مسيح ۾ آيا ته ڪي وري بعد۔ مسيح واري ماني ۾. ڪي چين کان آيا، ڪي عربستان ۽ ايران کان آيا، ته ڪي وري ترڪستان ۽ انگلئنڊ ۽ يورپ جي ڪن ٻين ملڪن کان آيا. انهن جا لکيل سفرناما، سنڌ جي احوال سان ڀريا پيا آهن. پر جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته انهن سياحن جي سفرنامن جي روشنيءَ ۾، سنڌ جي سياسي، معاشي، معاشرتي، ثقافتي، علمي، ادبي، لساني توڙي سائنسي علمن، جن ۾ علم ادب، علم نجوم، علم هئيت، علم رياضي، علم طب، علم التاريخ، علم الجغرافيه، علم ارضيات، علم اللسان، علم الانسان ۽ چند وديا جي باري ۾ اجاتائين گهري نظر سان مطالعو ٿيو ئي نه آهي. انهن جو مطالعو ضروري آهي. ويجهڙائيءَ ۾ آزاديءَ کان اڳ ۽ آزاديءَ کان پوءِ، علم آثار قديمه ۽ علم الانسان جي ماهرن، سنڌ جي باري ۾ وڏو تحقيقي ڪم ڪيو آهي، ۽ اُن ۾ اسان جي ادارن ۽ ملڪي ماهرن جو حصو ڪيترو آهي، تنهن جي باري ۾ به پڙهندڙن کي خبر آهي.

عام طور ائين سمجهيو ويندو آهي ته سنڌ ۾ عربن جي اچڻ کان اڳ، سنڌ جي علمي، سائنسي، ادبي، لساني، معاشي ۽معاشرتي تاريخ جي باري ۾ ڪو رڪارڊ موجود ئي ڪونهي. ڇو ته ڪي سڄڻ ائين سمجهن ٿا ته محمد بن قاسم جي فوج، سنڌ ۾ تباهي آڻي، سنڌ جي علمي ۽ ادبي خزاني کي جلائي پسم ڪري ڇڏيو هو. مون پنهنجي Ph.D واريءَ ٿيسز "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" ۾ صفحي 170 تي، سنڌ جي معياري ادب جي تاريخ واري باب ۾ هيئن لکيو هو:

> "اسلام جي آمد کان اڳ واري سنڌي علم ادب جي تاريخ جي ڪا به خبر پئجي نه سگهي آهي. هن ڏس ۾ راجستان ۽ گجرات جي پراڻن ڪتبخانن کي اٿلائڻ پٿلائڻ جي ضرورت آهي. چاڪاڻ ته فاتح سنڌ، غازي محمد بن قاسم جي حملي وقت (93هه/ 712ع) ۽ ديبل جي فتح وقت ڪي سنڌي لوهاڻا ۽ ٻيون هندو جاتيون، پرواربن غير۔ مسلم حڪومتن ڏانهن لڏي ويئيون. ۽ اوڏانهن وڃي پناهه ورتائون.(1) ممڪن آهي ته لڏپلاڻ ۾ هو پنهنجي قيمتي شين سان گڏ، ڪجهه علمي ۽ ادبي سرمايو به پاڻ سان گڏ کڻي ويا هجن. جيڪي شايد هن ڏس ۾ اسان جي رهنمائي ڪن."(2)

ڪافي عرصي کان پوءِ، ڀارت جي ٻن محققن، هن ڏس ۾ تحقيق ڪري منهنجي هن دعويٰ کي سچو ثابت ڪيو آهي. انهن مان هڪ محقق آهي ڀاءُ هيرو ٺڪر، جنهن قاضي قادن جي گم ٿيل بيتن کي،

ڀارت جي 'هرياڻا' رياست جي هڪ ڳوٺ جي 'مٺ' مان هٿ ڪيو ۽ اُن مٺ 'مان' قاضي قادن جا سڄا سارا 112 بيت هٿ ڪيائين ۽ پوءِ سال 1978ع ۾ انهن تي مشتمل هڪ ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيائين(3)'. ٻيو محقق ياءُ ڄهمو ڇڳاڻي آهي، جنهن 'مهامتي پراڻ ناٿ جي واڻيءَ' جا سنڌيءَ ۾ چيل بيت، 'ڄام ننگر' (ڀارت جي اڳوڻيءَ رياست جي شهر هڪ شهر) مان ڳولهي، هٿ ڪري، هڪ ڪتاب جي صورت ۾ شايع ڪرايا.(4) اهڙيءَ طرح خواجڪا اکرن ۽ ارڏا ناگري رسم الخط ۾، ڪي ڪاٻاڙا ۽ ٻيو مواد، برٽش ميوزيم لائبريريءَ مان، محترم سراج الحق ميمڻ هٿ ڪري، ماهوار رسالي 'نئين زندگيءَ' ۾، هڪ مقالي جي صورت ۾ شايع ڪرايا.(5) هيري ٺڪر ۽ جمهو ڇڳاڻيءَ جي تحقيق، اهو ثابت ڪيو آهي ته سنڌ جي پر وارين رياستن ۾، سنڌي ادب جو پراڻو خزانو موجود آهي، جنهن کي اڃا به ڳولهڻ جي ضرورت آهي.

هن ڏس ۾ چيني ياترين ۽ سياحن، توڙي عرب محققن جي تحقيق جا اڃا تائين پيرا کنيا ئي ڪونه ويا آهن. نه ته جيڪر سنڌ جو گم ٿيل ۽ پکڙيل علمي ۽ سائنسي ادب، اڃا به وڌيڪ ظاهر ٿي وڃي ها، يا اُن جي باري ۾ معلومات ملي سگهي ها. هن سلسلي ۾ جاگرافيدانن جهڙوڪ: ابن بطوطه (942ع ـ 959ع) جي سفرنامي ۾ به سنڌ جي باري ۾ گهڻو ئي مواد موجود آهي.

محقق البيرونيءَ (973ع ـ 1048ع جي ٻين تحقيقن ته نهيو پر فقط سندس ڪتاب، "ڪتاب الهند' جي حوالي سان، سنڌ جي جاگرافي، تاريخ، علم نجوم، علم هئيت، علم رياضي، ڇند وديا (Prosody)، شاعري، علم طب (Medicine)، علم الانسان، علم التاريخ (Chronology)، ثقافتي انٿراپالاجيءَ جو اڀياس ٿو ڪجي ته معلوم ٿو ٿئي ته قديم سنڌ ملڪ، ان وقت عرب ۽ هند ۾، وڏي شهرت رکندڙ ملڪ هو جنهن جا عالم، فاضل، ودوان ۽ ماهر، وڏيءَ عزت، شان ۽ مان وارا هوندا هئا، ۽ سنڌن قدرو ۽ شان، بادشاهن ۽ حاڪمن جي درٻارن ۾ به هوندو هو.

## 2- اسلام جي آمد کان اڳ سنڌ ۾ علم ۽ ادب:

عرب سياحن کان اڳ، چيني سياحن، سنڌ جي باري ۾ گهڻو ئي ڪجهه لکيو آهي. انهن (چيني سياحن) ۾ فاهين (Fa Hien) ۽ هوان سڱنگ (Huen Tasng) ته سنڌ وارن جي گهڻي ساراهه ڪئي آهي. اهڙيءَ طرح سياحن، محققن، مؤرخن، جاگرافيدانن ۽ ٻين ماهرن جي لکيل مواد کان سواءِ، سنڌ مان هٿ آيل پراڻن سڪن، مهرن، قديم آثارن ۽ ٻئي اهڙي املهه خزاني کي سامهون رکبي، سنڌ ته ڇا پر پوري ننڍي کنڊ ۽ ايشيا جي تاريخ نئين سِر لکڻي پوندي. هن سلسلي ۾ ملڪ جي هر ماهر کي پنهنجي پنهنجي علم ۽ موضوع جي باري ۾ نئين سِر تحقيقي ڪم ڪرڻو پوندو.

هن باري ۾ ڳولها ڪندي معلوم ٿيو آهي ته سنڌ ۾، اسلام جي آمد (93هه/ 712ع) کان به گهڻو اڳ، علم نجوم، علم هئيت، علم رياضي، علم طب، علم اللسان ۽ علم الانسان توڙي ٻين علمن جا وڏا وڏا عالم ۽ ودوان، موجود هوندا هئا. جن مان ڪيترن ئي جا لکيل ڪتاب، سنڌ ۾ پهرين ايراني حڪومت جي دور ۾ فارسيءَ ۾، ۽ پوءِ اُميه ۽ عباسي دورن ۾ عربي زبان ۾ ترجمو ڪيا ويا. هن سلسلي ۾ پُڌمت تي ڪي لکيل ڪتاب، چيني ٻوليءَ ۾ به اُٿلايا ويا. پر اهو موضوع، هن مقالي جي دائري کان ٻاهر آهي.

اهڙيءَ طرح مهرڳڙهه، موهن جي دڙي، ڪاهوءَ جي دڙي، چانهوءَ جي دڙي، آمريءَ ۽ ڪوٽ ڏجيءَ جي آثارن جي کوٽائين جي حوالي سان، ان وقت جي علم نجوم، علم هئيت ۽ علم رياضي وغيره جي باري ۾ به گهڻو ئي ڪجهه لکي سگهجي ٿو. ساڳيءَ طرح ڀنڀور جي کوٽائيءَ جي رپورٽ جي باري ۾ گهڻوئي ڪجهه بيان ڪيو ويو آهي. هن مقالي ۾ فقط محقق البيرونيءَ جي دور جي باري ۾ پنهنجا خيال ظاهر ڪرڻا آهن ۽ جائزو وٺڻو آهي. هو قديم سنڌ ۾ 1017ع واري عرصي کان وٺي 1031ع تائين رهيو هو. ۽ قديم سنڌ ملڪ جو مطالعو ڪيو هئائين.

ابو ريحان محمد ابن احمد البيروني، 973ع ۾، خوارزم (خوا/ Khiva) ۾ ڄائو هو. اوائلي دور ۾ سائنسي علمن، خاص ڪري علم نجوم ۾ مهارت حاصل ڪيائين. پوءِ معموني خاندان جي بادشاهه جو درباري نجومي مقرر ٿيو. جيتوڻيڪ معموني خاندان وارا حڪمران، محمود غزنويءَ جا عزيز هوندا هئا، پر تڏهن به هن (محمود غزنويءَ)، هنن حاڪمن کي ختم ڪرڻ ٿي چاهيو. نيٺ هن مٿن حملو ڪيو ۽ معمون خاندان جي بادشاهه کي لاهي، اتي پنهنجو گورنر مقرر ڪيائين، ۽ معموني خاندان جي خاص خاص اميرن کي قيد ڪيائين، جن ۾ البيروني به هو. اهو واقعو 1017ع ۾ پيش آيو.(6) البيروني جيئن ته ماهر نجومي هو انهيءَ ڪري کيس محمود غزنويءَ جي دربار سان وابسته ڪيو ويو.

البيرونيءَ جي ولادت(973ع) کان 109 سال اڳ، يعني 864ع ۾، 'جاحظ' کي سنڌ ۾ سفر دوران، علم نجوم ۽ علم رياضيءَ جي ماهرن جي باري ۾ گهڻي معلومات ملي هئي. جاحظ پنهنجي سفرنامي ۾ لکي ٿو:

"سنڌ (هند) جي ماڻهن کي اسان نجوم ۽ حساب جي علم ۾ گهڻو اڳتي ڏٺو"(7).

عربن سنڌ ملڪ، 93هه/ 712ع ۾ فتح ڪيو هو پر سنڌ تي اسلام جو اثر 680ع ڌاري ٿي چڪو هو(8). جاحظ ته اسلام جي فتح کان 152 سال پوءِ ئي سنڌ ۾ آيو هو پر هت اسلام جو اثر جاحظ جي اچڻ کان 184 سال اڳ پهچي چڪو هو. هن مان ثابت ٿو ٿئي ته البيرونيءَ جي تحقيق ۽ جاحظ جي آمد کان اڳ، سنڌ ۾ سائنسي علمن جهڙوڪ: علم نجوم، علم هئيت، علم رياضي، علم طب، علم ادويه، علم التاريخ ۽ علم ادب جو چوٻول عام هوندو هو. چچنامي مان معلوم ٿو ٿئي ته راجا چچ ۽ راجا ڏاهر جي درٻارن ۾ به نجومي رهندا هئا. جيڪي وقت بوقت حالتن جي باري ۾ حاڪمن جي رهنمائي ڪندا رهندا هئا. چچنامي ۾ ڄاڻايل آهي ته:

"چچ کي راڻي سونهن ديويءَ مان ٻه پٽ ۽ هڪ ڌيءَ پيدا ٿي. هر هڪ جي ڄمڻ وقت نجومين کان سندن طالع بابت پڇا ڪيائين، ۽ هنن سندن حڪم تي هرهڪ جي طالع بابت، ستارن جي بُرجن ۽ منزل، نيڪ بختيءَ ۽ ذلت جو نقشو تيار ڪيو."(9)

چچنامي ۾ اڳتي ڄاڻايل آهي:

"پاڻ (ڏاهر)، پالڪيءَ ۾ ويهي، نجوميءَ جي اوطاق تي پهتو. نجوميءَ، راجا کي ڏسي سندس استقبال ڪيو."(10)

هن مان ثابت آهي ته سنڌ ملڪ، انهن علمن ۾ اسلام جي آمد کان به اڳ گهڻو مالدار هوندو هو. جاحظ جيتوڻيڪ، سنڌي نجومين، جوتشين، حڪيمن ۽ طبيبن وغيره جا نالا ڪونه ڏنا آهن، پر ڪوجنا مان معلوم ٿو ٿئي ته البيرونيءَ جي اچڻ (البيروني سنڌ ۾ 1017ع ـ 1031ع تائين رهيو) کان به گهڻو اڳ، سنڌ ۽ هند ۾ انهن علمن تي لکيل مواد، عربي زبان ۾ ترجمو ٿي چڪو هو جيڪو پوءِ البيرونيءَ جي مطالعي هيٺ به آيو.

**3- البيرونيءَ جي سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ، عرب دنيا سان سنڌ جا علمي رابطا:**

البيرونيءَ جي سنڌ ۽ هند ۾ اچڻ (1017ع) کان گهڻو اڳ، سنڌ ۽ اسلامي دنيا جي مرڪزي شهرن سان، سنڌ ـ شناسي ۽ هند ـ شناسيءَ جي سلسلي ۾، گهرا ۽ گهاٽا تعلقات قائم ٿي چڪا هئا. ۽ هن سلسلي جي تحقيق جي پيڙهه به پئجي چڪي هئي. البيرونيءَ جي تحقيق جو بنياد، يعني 'غزني ـ سنڌ' تحقيق جو بنياد دراصل 'بغداد ـ سنڌ' واريءَ تحقيق ۾، هڪ قسم جو تسلسل (continuity) هو. جو ته سنڌ ۽ بغداد جي تحقيقي مرڪز جو بنياد، پهرين اُميه دور ۾ پئجي چڪو هو جيڪو اڳتي هلي عباسي دور ۾ پختن پاين تي تعمير ٿيو.

تاريخي حوالن مان ظاهر آهي (بلاذري 730 ـ 734ع) ته سنڌ جي فتح (93هه/ 712ع) کان پوءِ، سنڌ کي اُميه حڪومت جو حصو بنايو ويو. سنڌ جي قديم شهر، 'بهمنوا' (برهمڻاباد/ برهمڻ آباد) ۾، فتح جو بنياد رکيو ويو ۽ هن شهر جو نالو مٽائي، 'المنصوره' رکيو ويو(11). ۽ هن شهر (المنصوره) کي نئين حڪومت جو تختگاهه بنايو ويو. هي شهر اڳي ئي تعليم، تحقيق ۽ وڻج واپار جو مرڪز هو. انهيءَ ڪري هن نئين حڪومت جي زماني ۾ به هن شهر کي وڏيڪ اهميت ملي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي راءِ موجب:

"هن دور ۾، المنصوره، 'انڊو ـ عرئبڪ اسٽڊيز' (Indo- Arbaic Studies) جو مرڪز بڻجي ويو."(12)

عباسي خلافت جي زماني ۾، 722ع ۾، بغداد شهر جي قيام کان پوءِ، المنصوره، سنڌ جي سرزمين تي، اسلامي حڪومت جو هڪ اهم صوبائي مرڪز بڻيو. هند ـ شناسي (Indian Studies) لاءِ بغداد ۽ السنڌ جي

وچ ۾ عالمن ۽ ودوانن جي اچ- وڃ (تبادلي) لاءِ المنصوره، مرڪزي شهر بڻيو. علمي، ادبي ۽ سائنسي سرگرمين جي ودڙ ڪري، مقامي ثقافت، ٻولي، سائنس ۽ ادب کي وڌي ترجيح ملي. ساڳيءَ طرح، قديم سنڌ ملڪ جي اترئين شهر ملتان، جنهن کي اڳي ئي مذهبي، علمي ۽ ثقافتي حيثيت حاصل هئي، (تنهن) ۾ به محمد بن قاسم جي فتح (93هه/ 712ع) کان پوءِ علمي، ادبي، سائنسي ۽ ثقافتي سرگرمين زور ورتو ۽ هن شهر کي السنڌ صوبي جي اترئين حصي جي گاديءَ جو هنڌ بنايو ويو. اهڙيءَ طرح قديم سنڌ ملڪ جي اترئين حصي ۾ ملتان، وچئين حصي ۾ اروڙ ۽ ذڪڻ ۾ المنصوره تي وڏا مرڪزي شهر قائم ٿي ويا.

قديم سنڌ جي اوپر طرف، گجرات ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ، 'پلمال' به هڪ طرف علم نجوم، علم هئيت ۽ چند وديا جي ودوانن جي ڪري مشهور هو ته ٻئي طرف سنڌ ۽ پلمال جي عالمن جا هڪ ٻئي سان پراڻا ۽ گهاٽا تعلقات ۽ لاڳاپا هئا. پلمال ۾ 'بنو علافه قبيلي' جا ماڻهو به رهندا هئا. (13) انهن جو سردار، 'محمد بن الحارث علافي'، 712ع کان به گهڻو اڳ (680ع ڌاري)، سنڌ ۾ اچي رهيو(17)، ۽ راجا ڏاهر جي اعتماد وارن ماڻهن مان هوندو هو. هن، مقامي ماڻهن سان پنهنجا اثر رسوخ به وڌايا، ان ڪري هتي جي ماڻهن، محمد بن قاسم جي سامهون، پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪيا، ۽ جنگ وڙهڻ کان گُريز ڪيائون. اهو به هڪ سبب هو جو سنڌ جي فتح کان پوءِ، سنڌ ۽ پلمال جي وچ ۾ رشتا هيڪاري مضبوط ٿيا، جن، علم ۽ سائنس جي فروغ ۾ گهڻي مدد ڪئي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اهو به لکيو آهي ته: "پلمال شهر جي ڪيترن ئي خاندانن، اسلام قبول ڪيو. اتي جي عالمن، عربي زبان ۽ ادب جو مطالعو ڪيو. انهن ۾ 'عبدالرحمان ابن البيلماني' به هو جنهن 757ع- 767ع واري عرصي ۾ وفات ڪئي. هو 'بيلماني خاندان' جو هڪ يگانو عالم ٿي گذريو آهي. بيلماني مسلمان عالمن، ٻين مسلمان عالمن کي، هندستان جي مقامي ۽ ڪلاسيڪي ٻولين سکڻ ۾ مدد ڪئي. اهڙيءَ طرح پلمال ۾، علم نجو (Astronomy) ۽ ٻين علمن جي سلسلي ۾ جيڪو مواد لکيو ويو هو اُن جي سکڻ ۾ پڻ هن مدد ڪئي."(15)

**4- 'هند- شناسي ۽ 'سنڌ- شناسيءَ' جو بنياد پوڻ:**

محمد بن قاسم جي سنڌ جي فتح کان ڏهه سال پوءِ، پلمال سميت، ٻن هندو رياستن سان صلح جا عهدناما ڪيا. 'الفزاري' قبيلي مان، عمر بن حبيره الفزاريءَ کي يزيد بن عبدالملڪ، عراق جو حاڪم مقرر ڪيو. ان وقت سنڌ ۽ ٻيا اُيرنديان ملڪ، هن جي حڪمرانيءَ هيٺ آيا. الفزارين جي سنڌ سان دلچسپي انهيءَ ڪري به هئي جو انهن جي سردار عمر، سنڌ جي هڪ خاتون 'حبابه' سان شادي ڪئي هئي.(16) عمر

بن حبيره الفزاريءَ، جنيد بن عبدالرحمان کي 723ع/ 105هہ ۾ سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو. هن ڪوفہ جي بڪير بن ماهان کي پاڻ وٽ مترجم مقرر ڪيو. جنيد جي گورنريءَ واري زماني (723ع- 729ع/ 12- 111هہ) ۾، الفزاري قبيلي مان ڪن کي سنسڪرت، علم نجوم ۽ علم هئيت تي لکيل ڪتابن جي مطالعي جو شوق جاڳيو ۽ هن قدم ڪٿڻ سان جنهن تہ 'هند- شناسيءَ' (Indian studies) جو بنياد رکيو ويو. اڳتي هلي، هن ڪم کي، مشهور عرب سائنسدان ۽ ماهر لسانيات، 'ابراهيم بن حبيب الفزاري' ۽ ان جي پٽ، 'محمد ابن ابراهيم الفزاري' ۽ محمد جي پٽ جي ساٿين هرهڪ، 'يعقوب بن طارق' ۽ 'بشر الفزاريءَ' اڳتي وڌايو. محمد ابن ابراهيم الفزاري پهريون عرب عالم هو جنهن سنڌ ۽ هند جي هندن جي علم نجوم کي، عرب عالمن وٽ مانوس ڪرايو ۽ انهن جي اهميت کي نمايان ڪيو جيتوڻيڪ البيرونيءَ جو رايو آهي تہ هن (الفزاريءَ)، هندستاني علم نجوم ۽ علم هئيت کي صحيح طرح سمجهيو ئي نہ هو.(17)

نہ فقط يلمال ۾ علم نجوم، علم هئيت ۽ ٻيا علم اوج تي پهتل هئا، پر ملتان، اروڙ ۽ ٻهمنوا جا ودوان بہ هنن علمن ۾ گهڻا اڳتي هئا. يلمال ۾، علم نجوم ۽ علم هئيت کان سواءِ، شاعريءَ ۾ 'ڇند' ۽ 'تقطيع واري علم' (Prosody) تي پڻ ڪتاب لکيا ويا هئا. هن شهر جي انهن علمن تي لکيل ڪتابن جو البيرونيءَ نہ فقط مطالعو ڪيو پر انهن ڪتابن کي بنياد بڻائي، انهن علمن کي هن اڳتي وڌايو.(18) البيرونيءَ، 'برهم گپت' جا خاص ڪري هيٺيان ڪتاب، پنهنجي تحقيق لاءِ بنيادي طور ماخذ بڻايا.(19)

(i) برهم سڌانت: هي ڪتاب هن (برهم گپت)، 30 سالن جي عمر ۾، 628ع ۾ لکيو.

(ii) ڪرن کنڊ، کاڌيڪ: هي ڪتاب، 665ع ۾ لکيائين. هي ڪتاب هن، 'پاٽليپٽر' جي علم هئيت جي مشهور ماهر، 'آريہ- ڀٽ' جي تعليم ۽ اصولن جي بنياد تي لکيو هو. 'آريہ ڀٽ'، هن (برهم گپت) کان بہ صديون اڳ ٿي گذريو آهي.

البيرونيءَ، برهم گپت تي تنقيد ڪندي لکيو تہ هن (برهم گپت)، آريہ ڀٽ تي غيرضروري تنقيد ڪئي هئي، پر ساڳئي وقت هن (البيرونيءَ)، برهم گپت جي علميت ۽ ڄاڻ جي ساراهہ بہ ڪئي آهي.(20) برهم گپت جي علميت، ڄاڻ جي پيش نظر، سنڌ جي اوائلي مسلم محققن، هن جي ڪتابن کي خاص طور اهميت ڏني. انهن ڪتابن کي عربيءَ ۾ ترجمو بہ ڪيو ويو.

مسلمان مترجمن، 'برهم سڌانت' جو عربيءَ ۾ 'سنڌ- هند' نالو رکيو ۽ 'ڪرن کانڊ/ ڪرن کنڊ کاديڪ' جي عربي ترجمي جو نالو 'الارڪند' رکيو اهي ٻئي ڪتاب، مسلم دنيا ۾ گهڻا مشهور ٿيا. جُنيد گورنر جي زماني (723ع- 30/ 729ع) تائين، سنڌ جا نو مسلم عالم، جيڪي مقامي زبانن ۾ لکيل علمي ۽ ادبي خزاني کان چڱيءَ طرح واقف هئا، عربي زبان سان بہ چڱيءَ طرح مانوس ٿي چڪا هئا، ۽ ڪن تہ

عربي زبان ۾ مهارت بہ حاصل ڪئي هئي. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ مقيم عرب مسلمانن، سنڌي زبان ۽ هند جي ٻين زبانن ۾ چڱي مهارت حاصل ڪئي هئي.

اٺين صدي عيسويءَ جي وچ (730ع_ 734ع ڌاري)، برهمڻ آباد/ المنصوره جو شهر جيڪو علم ادب، سائنس، طب، رياضي ۽ ٻين علمن ۾ برهمڻن جي دور حڪومت يا ان کان بہ اڳ مشهور هو. هن دور ۾ بہ مرڪز بڻجي چڪو هو. هن دور (عباسي دور) تائين، مقامي عالمن جا مختلف علمن تي لکيل بيشمار ڪتاب، عربي زبان ۾ ترجمو ڪيا ويا هئا. تن ۾ اضافو ٿيو. 'برهم گپت' جو 'ڪرن کنڊ کاديڪ (الارڪند)'. انهن ۾ خاص اهميت وارو ڪتاب هو جيڪو المنصوره (برهمڻ آباد) ۾ عربي زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو.(21) هن ڪتاب جو ترجمو ڪندڙ سنڌي علمن. ان ۾ سنڌ جي جاگرافيائي، تهذيبي ۽ تمدني ماحول ۽ حالتن کي سامهون رکي، ان ۾ نہ فقط سنڌ جي حالتن بابت اضافا ڪيا، پر انهن ۾ نقشا ۽ چارٽ پڻ شامل ڪيائون. اهڙيءَ طرح ترجمو ٿيل ڪتاب، سنڌ جي حوالي سان تيار ٿيا. هنن نہ فقط سنڌ جي حوالن ۾، حالتن کي سامهون رکي، انهن ۾ اضافا ڪيا، پر سنڌ جي ٻن مکيہ شهرن جي اصولڪن نالن کي بہ درست ڪري لکيو جن جا نالا 'ڪرن کنڊ' ۾ صحيح طرح لکيل نہ هئا. انهن ۾ 'ٻهمنوا' کي 'برهمنا باد' لکيو ويو هو ۽ ٻئي شهر 'لوهارانيءَ' جو نالو 'لوهانيہ' لکيو ويو هو. انهن ٻنهي شهرن جا نالا، سنڌي عالمن درست ڪري لکيا.

ڪرن کنڊ (الارڪند) ۾ ٻي حقيقت، جيڪا خاص اهميت واري آهي، اها آهي، 'سنڌي_ سن/ سنبت' (Sindh Era)، 'سنڌي سنبت/ ڪال (Sindh Era) جي باري ۾. هن ڪتاب جي حوالي سان، البيرونيءَ، 'ڪتاب الهند' ۾ خاص ذڪر ڪيو آهي.(22) هن (البيرونيءَ) جي راءِ موجب، سنڌي سن (سنڌي سنبت) جو پهريون مهينو سنڌ جي نجومين ۽ علم هئيت جي ماهرن جي راءِ موجب، 'چيٽ جو مهينو' هجڻ گهرجي.(23) نجومين، Era لاءِ 'ڪال' لفظ ڪم آندو آهي. سنڌي سن (سنڌي ڪال/ Sindh Era) جي باري ۾ البيرونيءَ جي حوالي سان، ڊاڪٽر بلوچ صاحب تفصيل سان بحث ڪيو آهي. بلوچ صاحب، سنڌي سن جي باري ۾ البيرونيءَ جي هن اهم نقطي جي سنڌ ۾ پهريون ڀيرو سڃاڻپ ڪرائي، جنهن کان سنڌ جا سڄاڻ اڳ واقف ڪونہ هئا. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

> "برهم گپت، 'ڪرن کنڊ کاديڪ'، 665ع ۾، ان وقت لکيو جڏهن سنڌي_ سن (Sindh Era) کي شروع ٿيندي 39 سال گذري چڪا هئا. يعني تہ سنڌي_ سن، 4 مارچ 626ع، 29رمضان 4 هہ ۾، چيٽ مهيني جي پهرينءَ تاريخ، خميس جي ڏينهن کان شروع ٿيو هو. اهو سن برابر آهي 548 شاڪ _ ڪلا جي." (24)

البيروني لکي ٿو:

"ملتان جي عالم 'دُرلڀ' جي چوڻ موجب، هندو سال (سنڌي۔ سن) 'مرگهيرش' (نهاريءَ) کان شروع ٿيندو هو پر ملتان جا ٻيا نجومي ۽ علم هئيت جا ڄاڻو اُن جو سال چيٽ جي مهيني کان شروع ڪندا هئا." (25)

بهرحال، سنڌي۔ سن يا سنڌي۔ ڪال (سنڌي سنبت) جي باري ۾، سنڌ وارن (سنڌي مسلمانن) کي اطلاع، گهٽوئي پوءِ، پر پهريون ڀيرو البيرونيءَ جي ڪتاب مان ان وقت مليو جڏهن سنڌ وارا پنهنجو گهڻو ڪجهه وساري چڪا هئا. ويجهڙائيءَ ۾ هن سَن لاءِ سنڌ جي سڄاڻ ماڻهن کي، ڊاڪٽربلوچ صاحب ئي آگاهه ڪيو آهي. هي سن، سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ انهيءَ ڪري بہ اهم ليکيو وڃي ٿو جو هي سن (سنڌي سنبت)، 'راءِ سهارس پهرئين' جي، ايرانين تي سنڌ ۾ فتح حاصل ڪرڻ ۽ ايرانين کان سنڌ کي آزاد ڪرائڻ جي ياد طور، سنڌ وارن، سنڌي سن/ سنڌي ڪال (Sindh Era) جي نالي سان شروع ڪيو. سنڌي سن/ سنڌي۔ سنبت/ سنڌي ڪال، چيٽ مهيني جي پهرينءَ تاريخ کان شروع ٿيو، اهو ڏينهن عيسوي سن موجب، خميس جو هو مارچ مهيني جي چوٿين تاريخ هئي ۽ سن 626ع هو. اسلامي سن موجب 29 رمضان ۽ سال 4 هجري هو. 'راءِ سهارس' پاڻ تہ هن جنگ ۾ شهيد ٿي ويو پوءِ سندس پٽ 'سهاسي پهريون' تخت تي ويٺو ۽ راءِ گهراڻي جي آزاد حڪومت جو بنياد رکيائين، ۽ سنڌ مان ساسانين جي حڪومت ختم ٿي.(26)

محمد حسين پنهور صاحب جي راءِ موجب: "راءِ گهراڻي جي حڪومت، 499ع کان شروع ٿي ۽ قمري سال موجب 137 ورهيہ ۽ شمسي سال موجب 133 ورهيہ، يعني 632ع تائين هلي. راءِ گهراڻي جو باني، 'راءِ ديوائجي' (ڏيوجي) هو. هي ٻڌ مت جو پوڄاري هو. هنن، ساساني خاندان جي ايراني حاڪم، 'ڪئڪباد' (King Kakobad) کي شڪست ڏيئي، ايراني حڪومت جو هميشه لاءِ خاتمو آندو.(27) پنهور صاحب، ڊاڪٽربلوچ صاحب جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ: "راءِ گهراڻي جو بنياد، 'خسرو اول' جي زماني ۾ پيو.(28) هن (راءِ) گهراڻي جا پنج حاڪم هئا: (i) راءِ ديوائجي (ڏيوجي)، (ii) راءِ سهارَس پهريون، (iii) راءِ سهاسي پهريون، (iv) راءِ سهارَس ٻيو ۽ (v) راءِ سهاسي ٻيو. پنهور صاحب لکي ٿو تہ: "چچ برهمڻ، 640ع ۾ تخت نشين ٿيو تہ پوءِ هن (راءِ گهراڻي) جي حڪومت 507ع کان شروع ٿي هوندي. چوتہ 'هيون سئنگ' (Huen Tsang) لکي ٿو تہ 640ع ۾ هن گهراڻي جو حڪمران، 'سودرا' (Sudra) هو، جيڪو راءِ ديوائجيءَ جي خاندان مان هو."

سودرا ممڪن آهي تہ شودر هجي، ڇوتہ سودرا لفظ ڪجھ شڪي پيو لڳي.(29)

هن ڏس ۾ ڪاڪو پيرومل لکي ٿو:

”هيون سٺنگ نالي هڪ چيني مسافر، عيسوي ستين صديءَ ۾ راءِ سهاسيءَ جي وقت ۾ آيو هو. هن صاحب پنهنجي سفرنامي ۾ ڄاڻايو آهي تہ سنڌ جو راجا هڪ شودر هو. ياڻئجي ٿو تہ انهيءَ وقت کان سگهوئي پوءِ هيءُ (راءِ گهراڻي وارا) حاڪم، کتري راجپوت سڏجڻ ۾ آيا.“ (30)

## 5- عباسي دور ۾ سنڌ۔ شناسي:

ڊاڪٽر سخاؤ بہ اهائي دعوي ٿو ڪري تہ هندن جي علم نجوم جي باري ۾، عرب عالمن کي پهرين پهرين معلومات، خليفي المنصور جي دربار واري سنڌي عالم جي ترجمو ٿيل ڪتابن مان مليون. ان سنڌي عالم، ’برهم گپت‘ جا بہ ڪتاب، ’برهم سڌانت‘ (سنڌند) ۽ ’ڪرن کنڊ۔ ڪاديڪ‘ (الارڪند) ترجمو ڪيا. سخاؤ لکي ٿو تہ: ”اسان کي بئبيلونيا ۾، 771ع/ 154هہ ۾، سنڌي سفير جي موجودگيءَ جا ثبوت ٺٺا ملن. سنڌ وارن، خليفي المنصور کي پنهنجو حاڪم تسليم ڪيو هو ڇوتہ اسلام جو اثر نہ فقط سنڌ جي سرحدن تائين، پر ان کان بہ اڳتي، سنڌ جي سرحد کان ٻيءَ پر، پاڙيوارن ملڪن تائين جنگ، تجارت ۽ علم جي ضرورت لاءِ پکڙجي چڪو هو. ان وقت سنڌ ۾ جيڪي ننڍا ننڍا حڪمران هئا، تن لاءِ اهو هڪ مناسب موقعو هو تہ اُهي پنهنجا سفير ۽ وفد، اسلامي مرڪز ڏانهن موڪلي، مقامي طور پاڻ حڪومت ڪرڻ لاءِ اجازت وٺن.(31)

اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ سنڌ۔ شناسي (Sindh studies) جو پيو دور عباسي خليفن جي ڏينهن ۾ شروع ٿيو. ان ٻئي دور جي ابتدا، خليفي المنصور جي ڏينهن ۾ ٿي هئي. اهو دور ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. پهرئين حصي ۾ هن قسم جي تحقيق ۽ مطالعي جو باني، عباسي خليفو المنصور هو، جنهن 754ع کان 775ع تائين حڪومت ڪئي. هن جي حڪومت واري زماني ۾، 755ع ۾، بغداد جي قيام کان پوءِ، خليفي المنصور جي دربار ۾، سنڌ حڪومت جي طرفان موڪليل وفد ۾ ڪيترائي سنڌي نجومي ۽ علم هئيت جا ماهر ۽ ٻين علمن جا ودوان پڻ هئا. دربار جي نجوميءَ ۽ ستارن جي علم جي ڄاڻوءَ، ’ابراهيم بن محمد الفزاريءَ‘، سنڌ کان آيل نجومين ۽ علم هئيت جي ماهرن جي ڪم ۾ خاص دلچسپي ورتي. هنن کان گهڻو ڪجهہ سکيائين. هن، سنڌي نجومين ۽ علم هئيت جي ماهرن جي مدد سان، سنڌ ۽ هند ۾، علم نجوم ۽ علم هئيت تي لکيل ڪتابن کي عربيءَ ۾ ترجمو ڪرائڻ جو منصوبو تيار ڪيو. انهيءَ منصوبي تحت،

’برهم گپت‘ جو علم هئيت تي لکيل ڪتاب، ’ڪرن کنڊ کاديڪ‘ کي ’الا ـ ڪند‘ جي عنوان سان ترجمو ڪرايو ويو. ان کان سواءِ، هن ئي دور (خليفي المنصور 754ع ـ 775ع) ۾، برهم گپت جي ٻئي ڪتاب ’برهم سڌانت‘ کي بہ ترجمو ڪرايو ويو. انهن ٻنهي ڪتابن، بغداد جي عالمن تي وڏا اثر ڇڏيا. اهو پهريون ئي موقعو هو جنهن بغداد جي عالمن کي، علم هئيت ۽ علم نجوم جي سائنسي طريقي (Scientific system) کان واقف ڪرايو. انهن عرب عالمن، ٽالمي (Ptolemy) کان بہ گهڻو اڳ، ’برهم گپت‘ جي لکيل ڪتابن تان گهڻو ئي فائدو حاصل ڪيو. 77ـ779ع ڌاري ابوعثمان عامر ابن بحرالحاظ البصريءَ جهڙو عالم ٿي گذريو آهي، جنهن ”ڪتاب البيان واتابعين“ لکيو. هن ڪتاب ۾ هن انهن سنڌي عالمن جا نالا ڏنا آهن، جيڪي خليفي المنصور جي دربار ۾ حاضر ٿيا هئا.

هن ئي دور ۾ ’سنڌ ـ بغداد‘ جي عالمن جي تعاون سان، هند جي عالمن (برهم گپت ۽ ٻين) جي طرفان، علم هئيت تي لکيل ڪتابن جو اڀياس ڪيو ويو ۽ ان ڏس ۾ وڏيڪ کوجنا ڪئي وئي. سنڌي عالمن جي مدد سان، ’الفزاري قبيلي‘ جي عالمن مان، ابراهيم بن حبيب الفزاريءَ ترجمي جي سلسلي ۾، المنصوره ۾ وڏو ڪم ڪيو.

البيرونيءَ، انهن سنڌي نجومين ۽ علم هئيت جي ماهرن جي مدد سان، الفزاري ۽ يعقوب ابن طارق طرفان، ’ستارن جي گردش‘ (Star cycle) واري ڪتاب جي ڪيل ترجمي تي تنقيد ڪئي. هن جي لکڻ موجب يا تہ هندو عالم، عرب عالمن کي صحيح طريقي سان سمجهائي نہ سگهيا هئا ۽ يا تہ عرب عالم صحيح ترجمو ڪري نہ سگهيا هئا. البيرونيءَ، برهم گپت جي ترجمو ٿيل عربي لکڻين ۾ درستيون ڪيون.

خليفي المنصور، هشام بن عمر التغلبيءَ کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو. هشام جي زماني (768ع/ 151هـ ـ 774ع/ 157هـ) ۾ سنڌ جو ٻيو وفد، خليفي المنصور جي دربار ۾ حاضر ٿيو. البيروني لکي ٿو تہ هن وفد ۾ سنڌ جا علم هئيت جا ماهر ۽ قابل نجومي پڻ شامل هئا. هن وفد، خليفي جي خدمت ۾ ’سڌانت‘ نالي سان هڪ ڪتاب پيش ڪيو جنهن، دربار جي علم هئيت جي ماهر، محمد بن ابراهيم الفزاريءَ کي، هن ڪتاب جي ترجمي ۽ هن علم تي کوجنا ڪرڻ لاءِ شوق ڏياريو. هند ۽ سنڌ جي انگن جو دربار ۾ تعارف ڪرايو ويو. دربار ۾ اهي ئي انگ شروع ڪيا ويا. ’سڌانت‘ جي عربي ترجمي جو نالو ’السند ـ هند‘ رکيو ويو.

هند ۽ سنڌ جي علمن جي، بغداد ۾ ٻيو دفعو ’پالوٽ‘ (Influx)، خليفي هارون الرشيد جي حڪومت (786ع کان 808ع) واري دور ۾ ٿي، ان زماني ۾ ’برمڪي خاندان‘، وزارت واري منصب تي هو. اهو خاندان (برمڪي)، حڪمران گهراڻي سان گڏ، بلخ آيو هو جتي سندن وڏا، ٻڌمت جي مندر ’نو وهار‘ (/Nau behar Nau Vihar) ۾ وڏو اثر رکندا هئا. محقق سخاؤ لکي ٿو تہ: ”برمڪ (Barmak) نالو، هندستاني بنياد جو معلوم

ٿئي ٿو. جنهن جي معنيٰ آهي: 'پرمڪ' (Parmak) يعني عمدو، بالا (Superior)، يعني مڙهيءَ جو مهندو."(32).

برمڪين، بغداد جي ڪن عالمن کي، طب، طبابت، دواسازيءَ (Pharmocology) ۽ علم نجوم جي اڀياس لاءِ سنڌ موڪليو هنن. اُن کان سواءِ، سنڌ جي هندو طبيبن ۽ طبابت جي ماهرن کي، بغداد ۾ گهرائي، انهن کي پنهنجن ادارن ۽ دواخانن ۾ مقرر ڪيو. ان سان گڏ انهن کي اها پڻ گذارش ڪئي وئي ته هو انهن مضمونن تي سنسڪرت ۾ لکيل ڪتابن کي عربيءَ ۾ ترجمو پڻ ڪن. طب، طبابت ۽ دواسازيءَ کان سواءِ، سنڌ جي عالمن کي اها پڻ گذارش ڪئي وئي هئي ته هو زهر جي ڄاڻ جي علم (Toxicology)، فلسفي، علم هئيت، علم نجوم ۽ ٻين مضمونن تي سنسڪرت ۾ لکيل ڪتاب ترجمو ڪن.

**6- سنڌ جا حڪيم عباسي دربار ۾:**

(الف) 801ع کان 821ع تائين، بغداد ۽ سنڌ جي وچ ۾، ثقافتي ۽ علمي آمد رفت کي وڌايو ويو.(33) 8-807ع ڌاري خليفو هارون الرشيد بيمار ٿي پيو. سنڌ ۾ 'پنڊت مانڪ' هڪ وڏو طبيب موجود هوندو هو. هن کي خليفي جي علاج لاءِ بغداد گهرايو ويو. خليفو هن جي علاج سان صحتياب ٿيو. ان ڪري خليفي هارون الرشيد، هن کي دارالحڪمه ۾ مقرر ڪيو. هن (پنڊت مانڪ)، سنسڪرت ۾ طب تي لکيل ڪتاب ترجمو ڪيا. هن عرصي (801ع کان 808ع تائين) ڌاري پنڊت مانڪ، طب تي لکيل ڪتاب، 'سُسرُتَ' جو ترجمو ڪيو. پنڊت مانڪ، ابو حاتم بلخيءَ جي، 'السامور' ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ ۾ پڻ مدد ڪئي.(34) پنڊت مانڪ، ابو حاتم بلخيءَ سان گڏجي، 'زهريات' تي لکيل ڪتاب، فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. پنڊت مانڪ، دوائي ٻوٽين تي لکيل ڪتاب جو پڻ ترجمو ڪيو. اهو ترجمو سليمان بن اسحاق لاءِ ڪيائين.(35)

ان کان سواءِ 'پنڊت گنگو' پڻ وڏو طبيب هو. هي به خليفي هارون الرشيد جو ذاتي معالج هو. هن کي به 'حڪيم مانڪ' سان گڏ، 'بيت الحڪم' ۾ مقرر ڪيو ويو.(36) ٽيون طبيب، 'صالح ابن ٻلو' هو جنهن کي خليفي جي ڀيڻوئي جي علاج لاءِ رکيو ويو. اهڙيءَ طرح خليفي هارون الرشيد پنهنجيءَ دربار لاءِ سنڌ مان ٻيا طبيب پڻ گهرايا.(37) جن مان ڪي (طبيب) هي هئا:

(i) ڪُلو (Kallr)- سخاوُ چوي ٿو ته هن نالي کي ڪُلوش (Klusha) پڙهڻ گهرجي ڇوته مهرتا، راجا سمباجيءَ جي برهمڻ وزير جو نالو ڪُلوش هو(38). پر منهنجي خيال ۾ اهو نالو 'ڪُلو' هو.

(ii) ابن دهن (ابن ڌنو)- هي نالو 'دهن' جي بدران 'ڌنو' پڙهڻ گهرجي. 'ڌنو' نالو ان وقت به عام هو ۽ اڄ به ٻهراڙين ۾، هندن توڙي مسلمان ۾ اهو نالو عام آهي. 'ابن ڌنو' معنيٰ 'ڌني جو پٽ'. هي ان

وقت هڪ وڏو ماهر طبيب هو. هي بغداد ۾ برمڪين جي اسپتال جو ناظم (Director) هو. سخاؤ لکي ٿو تہ اهو نالو 'ڌني' يا 'ڌنن' تي سگهي ٿو جيڪو 'علم الاشتقاق' (Etymology) موجب 'ڌنرنتري' (Dhanvantari) سان واسطو رکي ٿو. 'ڌنوَنتري'، منو شاستر ۾ ديوتائن جو تصوراتي طبيب هو.(39)، پر منهنجي خيال موجب اهو لفظ 'ڌنو' سمجهڻ گهرجي.

پڙهندڙ اهو بہ ڄاڻن ٿا تہ اسان جا مقامي سنڌي نالا 'ڏند ڪٿا' (Mythology) سان گهڻو واسطو رکن ٿا. انهن ۾ اهڙن نالن جو مطالعو ۽ انهن جي ديومالائي پس منظر تي کوجنا ڪرڻ جي ضرورت آهي. مثال طور هيٺيان نالا توجهہ ڇڪائين ٿا:

ڪرشن، گوپال، پاڳ، پاڳيري، ڪرم، ڪرم سَئين، مومل، سسئي، ليلا، پدمڻي، نصيبو ڀڳونتي، ڀڳوانِ، سونهن، سونهن ديوي، سهڻو سيتا، سيتل، سونهارو منو مانَ، چاڳ، پريم، چاڳلي، چاڳلو سنڌو سوني، سونل، سونو ڇتل، پلو پليڏنو لکپتي، سائينءَ ڏنو سائينءَ رکيو آگيڏنو راڻي، راڻو ناتر، سوڍو لاکو ميهار، کاتائو پاڳي، پاڳل، ننگر، پونگر، پانهن پيٺو تماچي، وسايو هيرو موتي، پدما، لالو ڌهيسر لال، لالڻ، همير، سچڻ، ساجن، جمعو چنچر، آچر/ آچار خميسو سومار پانهو اگارو ٻڌومل، ٿانور، چنيسر ، غلام، عارب، مبارڪ، لڇمي ۽ دودو وغيره. اهڙيءَ طرح : انب، ليمو جمون، ڪانديرو ڪرڙ نم، پپر، ڏاڙهون، ٻير، موتڻ، سانوڻ، ڇپڙ، صوف، جام، متر، مرچ، بصر، بصريو واڱڻ، شير، گدڙ مور مصري، ڦوٽو ناٿو نٿر، جوڙو کتو لؤنگ، جافر، سنجهر، ماڻڪ، مرلي، مرليڌر، چاندي، رونجهو چتون، شهباز شاهين، ڪونج، ديو، شنڪر، شيوڪ، کيانتو کتو کڌو ڪانو مير ۽ جوڳي.

اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ ٻيا حڪيم هي هئا، جيڪي عباسي دربار ۾ شامل ڪيا ويا هئا:

(i) واٿو۔ سخاؤ هن جو نالو 'واطر' لکيو آهي، پر هي نالو 'واٿو' پڙهڻ گهرجي ڇوتہ 'واٿو' ۽ 'واٿومل' بہ هندن جي عام نالن مان آهن. هي هڪ وڏو عالم هو ۽ پيئڻ جي شين (Drinkables) تي ڪتاب لکيائين.

(ii) بيدبا (بيدياءُ)۔ هن جو نالو 'بيد باه' بہ لکيل آهي. هي 'فلسفي جي شاخ، wisdom جي موضوع تي ڪتاب جو مصنف هو. سخاؤ جي راءِ موجب اهو نالو 'ويد وياس' (Veda Vyasa) هوندو ڇوتہ هن جي لکڻ موجب هن نالي واري عالم کي 'ودياس' پڻ سڏيو ويو آهي. هي عالم، ويدانت مڪتب فڪر (Vedanat School of philosophy) جو بنياد وجهندڙ هو.

(iii) ستيہ (سچوُ)۔ البيرونيءَ 'ستيہ' نالو بہ ڄاڻايو آهي، جيڪو 'جاتڪ' (Jataka) جو مصنف هو. سخاؤ جي راءِ موجب هي نالو 'ستيہ ورمن' (Satya Varman) جو مصنف آهي. دراصل هي نالو

'سچو' پڙهڻ گهرجي. سنڌيءَ (assimilation) جي قانون موجب 'ت' ۽ 'ي' پاڻ ۾ ملي ۽ هڪ ٻئي تي اثر ڪري 'چ' صوتيه ۾ بدلجن ٿا.

(iv) سنجهر- البيرونيءَ هي نالو 'سنجهل' لکيو آهي، جيڪو 'سنجهر' پڙهڻ گهرجي. 'سنجهر' نالو هن وقت به سنڌ ۾ عام آهي. سخاؤ جيئن ته سنڌي ٻوليءَ جو ڄاڻو نه هو تنهن ڪري هو هن نالي جي باري ۾ لکي ٿو ته: "هن نالي جي هندستاني نعم" البدل (Equivalent) لاءِ ڪو رايو ڏيئي نٿو سگهجي."(39)

(v) گوش- هن جو نالو 'ٻڌا گوش' به ڄاڻايو ويو آهي. هن، عورتن جي مڪرن (Cunnings of Women) تي ڪتاب لکيو هو. هي ڪتاب پوءِ عربيءَ ۾ به ترجمو ٿيو.

(vi) چندر- وياڪرٽي هو. ٻڌمت جو پوڄاري هو.

(vii) سُگريو (Sugriva)- علم نجوم جو ماهر هو. هي ٻڌمت جو پوڄاري هو. هي نالو 'سُگريو' پڙهڻ گهرجي. (سُگريو نالو رامايڻ ۾ استعمال ٿيو آهي. هو پولڙن جي فوج جو سپه سالار هو).

(viii) 'پنگل- ڇند وديا جو ماهر ۽ شاعريءَ جي صنف، 'سلوڪ' جو باني شاعر هو. سلوڪ شاعريءَ جو هڪ قسم هو جيئن اڳتي بيان ڪيو ويو آهي.

(ix) رتن- هي رياضيدان هو.

(x) جوڏو- هي طبيب هو.

(xi) دُرلڀ- ملتان جو نجومي هو. هن اهرگن/ قانون جو ڪتاب لکيو.

هندو عالمن کان سواءِ ڪيترائي مقامي مسلمان، ۽ سنڌ ۾ رهندڙ عرب عالم به هن دور ۾ اُميه دور سان واسطو رکندا هئا. انهن ۾ هيٺيان عالم مشهور ٿي گذريا آهن:

(i) ابوعطا سنڌي- هي 749ع/ 132هه ۾ اميه دور ۾ ٿي گذريو آهي.

(ii) محدث حافظ ابو محمد بن سليمان- هڪ غلام جي حيثيت ۾ سنڌ مان بغداد پهتو. هي هڪ وڏو محدث ٿي گذريو آهي.

(iii) ابوعبدالملڪ- هي به سنڌي غلام هو. بغداد موڪليو ويو هو. هي به هڪ وڏو عالم ٿي گذريو آهي.

(iv) ابو معشر سنڌي- 87- 786ع/ 170هه ۾ ابو معشر سنڌيءَ کي قيد ڪري جنگي قيدي بنائي، خليفي المنصور جي شهزاديءَ اُمِ موسيٰ وٽ موڪليو ويو. هي هڪ وڏو عالم ثابت ٿيو.

(v) ابو ضلع- هي به هڪ وڏو عالم هو.

هند ۽ سنڌ جي علم رياضيءَ کي عرب عالمن، 'الحساب الهندي' سڏيو. اهڙيءَ طرح هن دور تائين علم نجوم، علم هئيت، علم رياضي، طبابت، دواسازيءَ جي علم کان سواءِ عربن 'سرپ وديا' يعني نانگن

جي علم، زهر جي ڄاڻ جي علم (Viska Vidya)، نانگن تي منڊ پڙهڻ، هر قسم جي جادو ۽ ڪاري علم، تعويذن، ٽوڻن ڦيڻن، منتر پڙهڻ، ڦيٽو ۽ ڦوڪون وجهڻ جي علم ۽ منڊ، جانورن جي طبابت جي علم (Veterinary)، مهاتما گوتم ٻڌ جي سوانح ۽ ان سان واسطو رکندڙ ڪهاڻيون، قصا ۽ آکاڻيون، منطق ۽ فلسفي، اخلاقيات، سياسيات ۽ علم عسڪري يعني جنگ جي علم (Science of War) تي بہ ڪتاب ترجمو ٿيا. گويا سنڌ، انهن سڀني علمن ۾ مهارت رکندي هئي. جنهن ڪري عرب عالم هن طرف گهڻو متوجهه ٿيا. عرب عالمن، سنڌ جي هندو عالمن سان گڏ ويهي، نہ فقط انهن علمن تي لکيل ڪتابن جا ترجما ڪيا، پر انهن تي تبصرا، تشريحون ۽ تنقيدون پڻ لکيائون. عربن جو پسنديده مضمون 'الحساب الهندي' هو جنهن ۾ اڳتي هلي، الڪندي ۽ ٻين عالمن هن علم کي ترقي وٺرائي.

گورنر عمران بن موسيٰ برمڪيءَ (839 کان 841ع)، سنڌي عالمن جو هڪ وفد، خليفي معتصم بالله جي دربار ۾ بغداد موڪليو. هنن عالمن کي بيت الحڪمت ۾ شامل ڪيو ويو. انهيءَ لاءِ تہ هو سنڌ ۾ لکيل ڪتاب عربيءَ ۾ ترجمو ڪن. انهن عالمن ۾ ڪيترائي طبيب ۽ نجومي هئا. برمڪي گورنر، 'سوريہ سڌانت'، 'آريہ ڀٽ'، برهم گپت جو 'ڪرن کنڊ کاديڪ'، 'مها پارت' ۽ 'ارٿ سوترا' جا ترجمو ڪرايا.

### 7- عباسي دور کان پوءِ جي حالت:

ان کان پوءِ، سماني دور (892ع کان 999ع تائين) ۾، جڏهن عباسي خلافت ڪمزور ٿي وئي، تنهن زماني ۾ 'سمانين'، ڪابل ۽ سنڌ سان پنهنجا ناتا جوڙيا. انهن جي وزيرن، هند ۽ سنڌ جي باري ۾ گهڻي معلومات هٿ ڪئي. سمانين جي غلام 'الپتگين' پاڻ کي الڳ پڳ آزاد حڪمران ظاهر ڪيو. هي زمانو البيرونيءَ جي ولادت (973ع) کان ٿورو اڳ جو آهي. الپتگين کان پوءِ جڏهن سندس پٽ سُبڪتگين' حاڪم بڻيو تڏهن هن، هند ۽ سنڌ تي حملا ڪرڻ ۽ لڙائيءَ جون راهون ڳهڙيون ۽ موقعا ڳولهيا. هن کان پوءِ سندس پٽ 'محمود' بہ پيءُ جي نقش قدم تي هليو. البيروني لکي ٿو تہ:

> "خدا وند ڪريم، محمود غزنوي ۽ ان جي پيءُ تي رحم ڪري چو تہ ٻنهي، جنگين لاءِ پختو ارادو ڪيو هو. محمود تہ هندستان جي خوشحاليءَ کي تباهہ ڪري ڇڏيو ان ڪري ڪيترائي هندو عالم، انهن علائقن مان ڀڄي ويا، جتي هن (محمود) قبضو ڪيو هو يا اُهي اتي وڃي رهيا جتي هن (محمود) جو پهچڻ ناممڪن هو."(40)

### 8- البيرونيءَ جي سنڌ ۾ آمد:

البيروني، سنڌ ۾ يارهين صديءَ جي پهرئين ڏهاڪي (1017ع/ 708هه) جي شروعات ۾ آيو. هن سنڌ جي عالمن کي، هن، مٿي بيان ڪيل علمن ۾ گهڻو اڳتي ڏٺو. هن جي اچڻ وقت، علم ادب جون

سرگرميون تيز هيون. ڪيترائي بنيادي ڪتاب ۽ انهن جا عربي ترجما موجود هئا. هن، اصلوڪن ۽ بنيادي ڪتابن جو اڀياس ڪيو. انهن کي ترجمو ٿيل مواد سان ڀيٽيائين. ترجمن تي تنقيدون لکيائين. ۽ انهن (ترجمن) ۾ سڌارا ۽ واڌارا ڪيائين. هن کي سنڌ ۾ علم نجوم، علم هئيت ڪان سواءِ علم رياضي، طبابت جي علم، مذهبيات، لسانيات، علم تقطيع ۽ علم الانسان وغيره تي لکيل ڪيترائي ڪتاب مليا. هن، انهن علمن جو مطالعو ڪيو. هن مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته سنڌ اُن زماني ۾ مختلف علمن ۾ اوج تي پهتل هئي.

البيرونيءَ جي بيان موجب، عرب نسل جو هڪ سنڌي عالم، بشر، سنڌي زبان جو وڏو ڄاڻو هو. جنهن کي مقامي جڙين ٻوٽين، سُتين ڦڪين ۽ دوائن جي مقامي نالن جي پوري ڄاڻ هئي. مطلب ته جڏهن البيروني، قديم سنڌ ۾ وارد ٿيو هو. تڏهن هو هند ۽ سنڌ جي علمن جي باري ۾ گهڻوئي ڪجهه معلوم ڪري چڪو هو. هُن. هِتِ اچي، وڌيڪ مطالعو ڪيو. ودوانن ۽ پنڊتن کان مدد ورتائين. ماڻهن سان ملاقاتون ڪيائين، ذاتي مشاهدا ڪيائين، ۽ پوءِ نه فقط پاڻ ڪتاب تصنيف ڪيائين پر ڪانئس اڳ لکيل يا ترجمو ٿيل ڪتابن تي تنقيدون ۽ تبصرا پڻ لکيائين.

ڊاڪٽر سخاؤ جو خيال آهي ته البيرونيءَ سيارن ۽ گرهن جي 'ڦيرن ۽ چڪرن' (Revolution) جا نقشا ۽ چارٽ، خليفي المنصور (771ع / 154هه) جي دربار جي هڪ سنڌي سفير، جيڪو علم هئيت ۽ علم نجوم جو ماهر هو ان جي چارٽن تان نقل ڪيا هئا.(41)

البيروني، قديم سنڌ ۾ وارد ٿيڻ کان پوءِ جهلم شهر جي ويجهو 'ندنه' نالي قلعي ۾ اچي رهيو. 1019ع کان 1029ع تائين، هن قديم سنڌ ۾ سير ۽ سفر ڪيا. ۽ قديم سنڌ (موجوده پاڪستان) جي اتر۔ اولهه واري حصي ۾ رهيو. ان وقت سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت (پهريون دور) هئي. البيروني لاهور به ويو. هن لاهور، پشاور، 'ويهند' (سنڌو درياء تي هڪ شهر)، جهلم، ندنه قلعي، سيالڪوٽ، مند ڪڪور (جهلم ۽ لاهور جي وچ ۾ هڪ شهر) ۽ ملتان جون ويڪرائي ڦاڪون (Latitudes) مقرر ڪيون. 1029ع ڌاري هن پشاور ريجن، ڪشمير، مغربي پنجاب، سنڌ جي ملتان ريجن جو به سير ڪيو. هن مُلتان جي اوپر طرف وهندڙ 'بياس' (بياه) نديءَ جو ذڪر ڪيو آهي. هن، ملتان ضلعي ۾ واقع هڪ غير آباد ٿلهي 'روهتيڪا' (Rohitaka) (ممڪن آهي ته اهو 'روهتاس' نالي وارو موجود قلعو هجي) جو به ذڪر ڪيو آهي. عام رايو هي آهي ته 'روهتاس' جو قلعو شير شاهه سوريءَ تعمير ڪرايو هو پر جاءِ وقوع جي مشاهدي ڪان پوءِ اهو پڪيءَ پٽ ثابت ٿو ٿئي ته اهو قلعو شيرشاهه سوريءَ ڪان گهڻو اڳ تعمير ٿيل هو ۽ شيرشاهه ان جي مرمت ضرور ڪرائي هئي.

البيرونيءَ سنڌ جي جاگرافيائي حدن جو ڀرپور مطالعو ڪري، ان جي اترئين حصي (جهراور Jharawar ۽ ملتان تي مشتمل) کي 'سؤوير' (Sauvira) سڏيو آهي، جيڪو هن حصي جو ان وقت جاگرافيائي نالو هو. البيرونيءَ جي هن بيان مان ظاهر آهي ته هن کي ملتان شهر ۽ ان جي گرد و نواح جي حصن جي پوري پوري ڄاڻ هئي، جيڪي هن جي اچڻ وقت به سنڌ ملڪ جي اترئين حصي ۾ شامل ڪيا ويا هئا.

البيروني لکي ٿو ته ملتان جي ماڻهن ڪيس ٻڌايو ته سنڌ جا ماڻهو سن ۽ سال پنهنجو ڳڻيندا آهن. هنن ڪيس اهو به ٻڌايو ته اُهي ڪهڙي مهيني کان پنهنجو سال ڳڻين ٿا. البيروني لکي ٿو ته 'مريگلا' (Marigala) ۽ 'برداري' (Bardari) ملڪ جي وچ واري حصي ۾ رهندڙ ماڻهو پنهنجي سال جو پهريون مهينو ڪارتيڪ / ڪتي (Kartika) کان ڳڻين ٿا. هن مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته البيرونيءَ جي اچڻ وقت ٽئڪسيلا جو شهر، 'مرگلا' ڀهاڙين جي ڀنيان، موجوده مقام تي ئي آباد هو. البيروني، تڪش شِلا (Takshasila) کي تڪيسهر / تڪيشهر (Takeshar) لکيو آهي.(42) البيروني اڳتي لکي ٿو ته هو سنڌ جي باري ۾، هند جي ٻين حصن کان وڌيڪ ڄاڻ رکي ٿو. هن سنڌ جي ٻارهن کن وڏن شهرن جون ويڪرائي ڦاڪون مقرر ڪيون هيون.(43) هن، سنڌونديءَ جي وهڪرن، شاخن، ڇاڙن، ان جي ڇوڙ واري هنڌ، دو- آبي ۽ سامونڊي ساحل جو به ذڪر ڪيو آهي. هن پنهنجن ڪتابن 'ڪتاب الهند' ۽ 'قانون المسعودي' ۾ سنڌ ۾ سمنڊ جي ويرين جي چڙهڻ ۽ لهڻ، سج ۽ چنڊ گرهڻ وغيره جو ذڪر به ڪيو آهي.

(i) **'ڪتاب الهند' ۾ جاگرافيائي حالتن جو ذڪر:**

البيروني، پنهنجي ڪتاب ۾ ڌار ڌار ملڪن جا نالا به ڄاڻايا آهن. اهي ملڪ هي هئا: ڪمبوج، سنڌو (اروڙ کان وٺي هيٺ سمنڊ تائين) ۽ سؤوير (اروڙ کان اتر طرف ملتان کان وٺي جهراوَرَ تائين) ۽ سؤراشٽر.

هُو لکي ٿو ته ملڪن جا نالا، جُڳن مطابق ڦرندا هئا. مثال طور ملتان جو اصلوڪو نالو 'ڪسيپ پورَ' (Kasyapaura) هو. اهو نالو پوءِ 'هَمسپور' (Hamsapura) ٿيو. پوءِ بدلجي 'ڀاڳپور' (Bhagapura) ٿيو پوءِ 'سمبپور' (Sambhapura) ٿيو ۽ پوءِ 'مولستان' (Mulisthana) ٿيو. 'مولستان' جي معنيٰ آهي اصلوڪي جاءِ. مول معنيٰ بنياد: اصلوڪو ۽ ٿان معنيٰ جاءِ.

البيرونيءَ 'ور مهرا' جي حوالي سان، قديم ڀارت کي 9 'کنڊن' ۾ ورهايو آهي. هر کنڊ کي هو 'ورگ' ٿو سڏي. هر 'ورگ'، هڪ علائقي (ريجن) تي مشتمل هوندو هو. سنڌو- سؤوير هڪ 'ورگ' هو. البيروني پهريون عالم هو جنهن سنڌ کان مٿي اترئين حصي لاءِ اهو لفظ ڪم آندو آهي.

اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي ته البيروني قديم سنڌ جي جاگرافيائي حالتن، شهرن جي نالن، دريائن جي وهڪرن، سامونڊي ساحلن، دريائي ۽ سامونڊي بندرن ۽ تجارت گاهن جو به ذڪر ڪيو آهي. اهڙيءَ

طرح هن، علم التاريخ جي باري ۾ يا تہ عالمن ۽ فاضلن جي ڪتابن کي پڙهيو هو ۽ يا تہ هن سنڌ ۾ پنهنجيءَ رهائش دوران، ذاتي مشاهدن تي مواد حاصل ڪيو هو هن پنهنجي دور کان اڳ وارن يا ان دور جي راجائن، حاڪمن ۽ سردارن جي دور کي بہ بيان ڪيو ۽ انهن جا تاريخ وار احوال پڻ لکيا. سڪن جي مدد سان هن، مختلف دورن کي بہ بيان ڪيو ۽ انهن جا تاريخوار پڻ لکيا. سڪن جي مدد سان هن، مختلف دورن کي پيتڻ تي چاهيو ۽ اهوئي سبب هو جو هن، 'ساڪ دور' جي، 953 سال جي چيٽ مهيني جي، پهرينءَ تاريخ کي، 'سنڌين جي نئين سال' (سنبت) جو ڏينهن مقرر ڪيو. هن گپتا دور، ساڪ دور، سٿين دور، ڪُشان دور، آشوڪا جي ڪتبن ۽ فرمانن، ٻڌمت جي لکيتن، سڪن ۽ مهرن جو بہ ذڪر ڪيو. ملتان جي عالم، 'دُرلَڀَ' جو بہ البيروني ذڪر ڪيو آهي. هي اهو عالم هو جنهن 'ساڪ دور' جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ ان جو اندازو لڳايو آهي. البيرونيءَ، 'مرِگلا' (Marigala) يعني موجوده 'مرگلہ' پهاڙن، تڪش سيلا جو بہ بيان لکيو آهي.

هن، وڏن وڏن شهرن جي نالن کان سواءِ، انهن جي وچ واري مفاصلي جو بہ بيان ڪيو آهي. هو لکي ٿو تہ 'بزانہ' جي اولهہ ۾، پنجاهہ فرسخن جي مفاصلي تي، ملتان جو شهر آهي. ملتان کان 15 فرسخ پريءَ ٻن شاخن جي وچ ۾ 'بهمنوا' آباد آهي. 'بهمنوا/ المنصوره'، 'اروڙ' کان 20 فرسخ پري آهي. 'لوهاراني' شهر، سنڌونديءَ جي ڇوڙ وٽ، 30 فرسخن جي مفاصلي تي آهي.

پنجاب جون پنج نديون، ملتان کان هيٺ، جنهن مقام وٽ پاڻ ۾ گڏجن ٿيون، ان هنڌ کي 'پنج ـ نند' چوندا آهن، يعني 'پنجن دريائن جي ملڻ جو هنڌ'. اُهي پنج نديون آهن، 'بيات' (جهلم ندي)، 'بياه' (بياس) ندي، 'شتلدَر' (ستلج) ندي، 'اِرَو' (راوي) ندي ۽ 'چندره' (چناب) ندي.

هن، سنڌو دريا جو 'ويهند' دريا بہ نالو ڏنو آهي. مسلمان، سنڌونديءَ کي، اروڙ کان هيٺ، ڏکڻ طرف، 'مهراڻ' سڏيندا آهن. اروڙ کان هيٺ، سنڌو دريا، ويڪرو ۽ ويڪرو ٿيندو وڃي. 'المنصوره' تائين پهچنديءَ هي درياءَ (سنڌو)، ڪيترائي ڀيٽ ناهي ٿو. 'المنصوره' بہ ٻن دريائن جي وچ ۾ هڪ ڀيٽ آهي. سنڌونديءَ اتر طرف گنڌارا جي وچان وهي ٿي.

iii) **ملڪن ۽ شهرن جا نالا:**

البيرونيءَ، سيوهڻ کي 'سدو سان' سڏيو آهي. هن 'سدوسان' ۽ 'سيوستان' جي مقامي روايتن جو بہ ذڪر ڪيو آهي. ان عمارت کي 'ڪنشڪ چِئتيہ' (Kanishaka Chaitya) چوندا هئا.(44)

البيروني محمد بن قاسم جي باري ۾ لکي ٿو تہ:

"هو سنڌ ۾ 'سيجستان' (ساڪستان) کان داخل ٿيو ۽ 'بهمنوا' ۽ 'مولستان' فتح ڪيائين. هن، 'بهمنوا' کي 'المنصوره' سڏيو ۽ 'مولستان' تي 'المعموره' سڏيو آهي. هو 'گنڌارا' کان ٿيندو 'ڪنوج' تائين به ويو ۽ واپسيءَ ۾ ڪشمير تائين ملڪ فتح ڪيائين.(45)

ملتان ۾ سورج ديوتا جو مشهور مندر هوندو هو. هن مندر کي 'آديتيه' (Aditya) به سڏيندا هئا. مندر اندر ڪاٺ جو بُت رکيل هوندو هو. اهو بت، هڪ قسم جي چمڙي جي 'کلّ' (Cordovan Leather) سان ڍڪيل هوندو هو. اُن (بُت) جي اکين ۾ ڳاڙهيون لعلون لڳل هونديون هيون. عام رايو اهو هوندو هو ته اهو بُت زماني جي پهرئين جَڳَ يعني 'ڪرتا جُڳَ' ۾ تعمير ٿيو هو يعني ته البيرونيءَ جي آمد واري وقت تائين هن بُت کي تعمير ٿيندي 21،06،432 لک ڪن سال گذري چڪا هئا.(46)

البيرونيءَ سنڌ ۽ هنڌ جي عالمن جي راءِ جي حوالي سان، زماني کي چئن جُڳن ۾ ورهايو آهي. اُهي آهن: (i) 'ڪرتا جڳ'، (ii) 'تريتا جڳ'، (iii) 'دواپور جڳ' ۽ (iv) 'ڪلجڳ'. هن، انهن جڳن جو اڳتي عرصو به بيان ڪيو آهي. البيروني لکي ٿو ته: "جڏهن محمد بن قاسم ملتان فتح ڪيو تڏهن هن پڇيو ته: "هي شهر (ملتان) ايترو سکيو ستابو ۽ خوشحال ڇو آهي؟ هت ايترا خزانا ڇو آهن ۽ اهي ڪٿان ٿا اچن؟"(47) جواب مليس ته: "هن (سورج ديوتا جي) مندر ۾ انهيءَ بت جي ياترا لاءِ هر سال لکن جي تعداد ۾ ياتري ايندا آهن ۽ پيسا ڏيندا آهن. ان ڪري هي شهر خوشحال ۽ سکيو ستابو آهي. اُن ڪري هن (محمد بن قاسم) فيصلو ڪيو ته بُت، جنهن به جاءِ تي آهي، اتي ئي قائم رهڻ ڏنو وڃي، پر هن، ان (بُت) جي ڳچيءَ ۾، ٺٺوليءَ خاطر ڳئون جي گوشت جو ٽڪر لٽڪارائي ڇڏيو.(48) ان جي پر ۾ مسجد تعمير ڪرايائين. جڏهن اسماعيلي داعي، جلم بن شيبان (ملتان ۾ آمد ۽ رهڻ جو سن 982ع) جي هٿ هيٺ اسماعيلين (فاطمي خليفن) ملتان ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي، تڏهن هن (جلم بن شيبان) اهو بت ڀڃائي، ٽڪر ٽڪر ڪرائي ڇڏيو ۽ ان جي جاءِ تي (البيرونيءَ جي بيان موجب) هن پنهنجي حويلي تعمير ڪرائي. جلم بن شيبان، محمد بن قاسم واري ٺهرايل مسجد کي به تالو لڳرائي ڇڏيو، ڇو ته اها مسجد، 'اُميه' دور جي نشاني هئي، ۽ اتي پنهنجي مسجد تعمير ڪرايائين. جڏهن محمود غزنويءَ، اسماعيلين کي، (1010ع) ۾ ملتان ۾ شڪست ڏيئي، ملتان تي قبضو ڪيو تڏهن هن، محمد بن قاسم جي ٺهرايل مسجد کي کولرايو ۽ جلم بن شيبان جي ٺهرايل مسجد کي بند ڪرائي ڇڏيائين.(49)

**9- عليمي ۽ ادبي سرمايو:**

مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته البيرونيءَ پنهنجي دور، يعني سومرن جي حڪومت جي پهرئين دور (1010ع – 1025ع)، ۽ اُن کان اڳ واري زماني، لڳ ڀڳ ٽن صدين ۾، هند – شناسي ۽ سنڌ – شناسيءَ تي ٿيل

ڪم جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ اُن جو تفصيل سان جائزو ورتو آهي. هن پنهنجن ڪتابن ۾ ٻين علمن کان سواءِ علم لغت، ڇند وديا، وياڪرڻ، شعر و شاعري، لوڪ ادب، مثالاجي ۽ ائنتراپالاجيءَ جي باري ۾ به ڄاڻ ڏني آهي. هن ڏند ڪٿائن، ڀرمن، وهمن ۽ ٽوڻن ڦيڻن کان سواءِ، ماڻهن جي سوچ ويچار ذهني ارتقا، سماجي ۽ ثقافتي حالتن، رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ ريتين رسمن جي مطالعي (Cultural anthropology) جي اڀياس لاءِ راهون گهڙيون. هن جي ڪتابن ۾ ٻين ڪتابن کان سواءِ "الاثا الباقيه" (Chronology of Ancient Nations) به هڪ لاثاني ڪتاب آهي.

البيروني لکي ٿو ته ان وقت، عالمن جي عزت هوندي هئي. حڪمرانن وٽ، عالمن ۽ ودوانن لاءِ قدر ۽ مان هوندو هو. علم نجوم، علم طب، طبابت ۽ علم رياضيءَ جي ودوانن جي گهڻي شهرت هوندي هئي. ڄاڪاڻ ته اُن زماني ۾ هر قدم کڻڻ کان اڳ، نجومين سان صلاح مشورو ڪيو ويندو هو. ڏڻ وارا، گرهڻ ۽ ستارن جو فائدي يا نقصان واري، هجڻ لاءِ صلاح ورتي ويندي هئي. نجومين جي رهنمائي، هر ڪم ۾ ضروري سمجهي ويندي هئي، اڄ به سنڌ ۾ اهو رواج آهي. شاهه لطيف جو هي بيت گواهي ڏئي ٿو:

تتر مَ ٿئي تن کي، ڏونگر ۾ ڏائو

يعني ته اُن زماني ۾ ماڻهن، ڏينهن ۽ وارن کان سواءِ جانورن ۽ پکين وغيره کي به سٺي سؤڻ يا بدسؤڻ جي نشاني سمجهندا هئا. سچل سرمست به هن ڏس ۾ گهڻو ئي ڪجهه چيو آهي. فرمائي ٿو:

سو سجڻ مون ساڻ، جنهن جي ڪارڻ مون ٿي پوٿيون پٿايون
پوٿيون پٿايم جَن لاءِ، اُهي مون کي موليٰ ملايا.

قديم سنڌ ۾ Mathematical Astronomy ۽ علم نجوم جي ڄاڻ کي وڏي اهميت حاصل هوندي هئي. اسان جي ماهرن کي گهرجي ته البيرونيءَ جي حوالي سان، سنڌ ۾ انهن علمن جي ماضيءَ ۽ حال جو تقابلي مطالعو ڪن. البيرونيءَ جي دور ۾ 'سڌانت' ڪتاب کي، گهڻي قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. 'سڌانت' جي معنيٰ آهي 'سڌو يا سنئون'، يعني جيڪو ٽيڙو نه هجي. يا جنهن ۾ ڪا ڦيرڦار يا تبديلي نه اچي. ان ڪري علم نجوم جي هر ڪتاب کي 'سڌانت' چوندا هئا. اهڙا پنج سڌانت هئا. اُهي هئا(50):

(i) سورهيه سڌانت يعني سورج سڌانت ـ هي ڪتاب، لاڙ (ڪانياواڙ) ۾ لکيو ويو هو.
(ii) وَسِشٽ سڌانت ـ هي ڪتاب، دب اڪبر گره (Great- Bear) جي باري ۾، وشنو چندر لکيو هو.
(iii) پُليسا سڌانت ـ هي ڪتاب، پُليسا لکيو هو.
(iv) روماڪا سڌانت ـ هن ڪتاب ۾، رومن حڪومت جي باري ۾ لکيو ويو هو. هي ڪتاب سر شينا لکيو هو.
(v) برهما سڌانت ـ هي ڪتاب، 'برهم گپت' جي پٽ، 'جسوجيءَ' لکيو هو. هي ماهر به ڀلمال جو رهاڪو هو.

البيرونيءَ جي قديم سنڌ ۾ آمد کان گهڻو اڳ، ۽ سنڌ سنڌس رهائش واري دور ۾ به علم طب، خاص طور زور هو. هن علم جي اهميت به علم نجوم جهڙي هئي. طبابت (medicine) ۾ جنهن ڪتاب گهڻي شهرت حاصل ڪئي هئي، ان جو نالو 'چَرَڪَ' هو. هي ڪتاب، هن ڪتاب جي ليکڪ جي نالي پٺيان مشهور هو. ماڻهن جو عام عقيدو هوندو هو ته 'چرڪر' نالي وارو علم طب جو ودوان. 'دوراپور جڳ' ۾ هڪ رشي ٿي گذريو آهي. هن رشيءَ جو نالو پهرين 'اگنيويس' هو ۽ پوءِ هو 'چَرڪَرَ' جي نالي سان مشهور ٿيو. هن ڪتاب جو ترجمو خاص ڪري شهزادن لاءِ ڪيو ويو هو.(51)

نجومي هجڻ کان سواءِ، البيروني، 'علم هئيت' ۾ به مهارت رکندو هو. اُن علم تي به گهڻو ئي ڪجهه لکيو اٿس ڇوته هن جي خيال ۾، هن جي ڪتابن جا مسلمان پڙهندڙ هن علم جي سائنسي طريقي کان واقف ڪو نه هئا، ۽ نه ئي ورڻ ڪين هن کان اڳ، هند جي نجومين ۽ علم هئيت جي ماهرن جي لکيل ڪتابن جي پڙهڻ جو ڪو موقعو مليو هو. البيرونيءَ جو اهو به خيال هو ته هند ۽ سنڌ جي ماهرن جي لکيل ڪتابن جو صحيح ترجمو به ڪيل نه آهي، جيئن اڳ ۾ لکيو ويو آهي. هن جو خيال هو ته هند ۽ سنڌ جي ماهرن جي لکيل مواد جي اهڙي حالت ڪئي وئي آهي، جو جيڪڏهن اصلوڪا ليکڪ به اهي ترجما پڙهن ته جيڪر هو اهي پاڻ به سڃاڻي نه سگهن ته ڪو اهي ترجما، سندن ئي تصنيفن جا آهن.

اڳ ۾ چيو ويو آهي ته البيرونيءَ، سنڌ جي سُٺين ڦڪين، جڙين ٻوٽين ۽ پسارڪي وکرن بابت، ڪانئس اڳ لکيل ڪتابن ۽ ٻئي مواد جو مطالعو ڪيو، ڇاڪاڻ ته هن سلسلي ۾ گهڻوئي مواد ڪانئس اڳ به موجود هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو:

"ٻينءَ ۽ ٽينءَ صدي هجريءَ کان وٺي، عرب عالمن، علم طب تي تحقيق شروع ڪئي ۽ دوائن ۾ استعمال ٿيندڙ معدنيات، جڙين ٻوٽين ۽ پسارڪي وکر بابت ڪتاب لکجڻ لڳا. سنڌ نه فقط ان وقت بين الاقوامي حيثيت رکندڙ هئي، پر سنڌ ۾ پسارڪي وکر جو واپار اينترو ته وڏيل هو جو هند جي ٻين ڀاڱن جون جڙيون ٻوٽيون پڻ سنڌ مان ئي اولهه طرف ٻين ملڪن ڏانهن موڪليون ويندڀون هيون. انهيءَ ڪري ٻين معاصر ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ ۾ جڙين ٻوٽين ۽ پسارڪي وکرن جا نالا ڏيڻ پڻ ضرور سمجهيو ويو."(52)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڳتي لکي ٿو:

"چوٿين صديءَ هجريءَ جي آخر ۾، 'بِشر بن عبدالوهاب الفزاري'، پنهنجي ڪتاب 'تفاسير الادويہ' ۾ پسارڪي وکر ۽ دوائن جا سنڌي ۽ هندي نالا وڏيڪ تفصيل سان درج ڪيا. ان کان پوءِ محقق البيرونيءَ، پنهنجو ڪتاب 'لصيدنہ في الطب' لکيو جنهن ۾

جڙين ٻوٽين ۽ دوائن جا نالا، يوناني، سرياني، عربي، فارسي، سنڌي ۽ هندي ٽوڙي ٻين مقامي ٻولين ۾ قلمبند ڪيائين. هن ڪتاب ۾ البيرونيءَ ٻني سؤ کن جڙين، ٻوٽين ۽ دوائن جا نالا سنڌيءَ ۾ ڏنا آهن، جن مان اڌ کان وڌيڪ بشر بن عبدالوهاب الفزاريءَ جي 'ڪتاب تفاسير الادويہ' جي حوالن سان ڏنا اٿس."(53)

انهن لفظن مان ڪي هي آهن:

| بشر جو لفظ | البيرونيءَ جو لفظ | موجوده سنڌي لفظ |
|---|---|---|
| لِمُ | لِمُ | لم/ نِمُ |
| - | ڦَنُ | ڦَنُ |
| - | جاماها | جاماهو/ دراماهو/ ڏاماهو |
| بنج | دهطورا | ڀنگ/ ڌاتورو |
| توتيہ | توتيہ | توتيو |
| - | منيهل | ميڻ ڦل |
| حَرمُل | هملو | هرملو/ هرمرو |
| - | هين | هڱ |
| - | رَفاقُطي | رُپاڪُٽي (چانديءَ جي ڪُٽ) |
| - | بولو | ٻُلهڻ |
| - | شُند | شُنڍ |
| - | ڪَتوره | ڪتوري |
| - | شنڪر | سڱر |
| - | دُرب | ڏڀ |
| - | توهر | ٿوهر |

## 10- سنڌي مواد لاءِ ماخذ ۽ مواد:

هند ۽ سنڌ ۾ لکيل مواد ٻن ذريعن جي وسيلي، پهرين اُميہ دربار تائين ۽ پوءِ عباسي خليفن تائين (بغداد تائين) پهتو. انهن مان هڪ ذريعو هو سنسڪرت مان سڌوسنئون عربيءَ ۾ ترجما، ۽ ٻيو ذريعو ايران هو جوتہ هندو عالمن جا لکيل ڪيترائي ڪتاب، عربيءَ کان اڳ، ايراني تسلط جي زماني ۾، ۽ ان کان پوءِ

فارسيءَ ۾ ترجمو ٿي چڪا هئا. فارسيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتابن کي وري عربيءَ ۾ اُٿلايو ويو. ’ڪليلہ دمنہ‘ ان جو هڪ مثال آهي. هي ڪتاب (ڪليلہ دمنہ)، سنسڪرت مان، نوشيروان جي زماني ۾ (579 هـ ـــ 631هـ)، فارسيءَ ۾ ترجمو ٿيو. نوشيروان (خسرو اول)، ساساني خاندان جو حاڪم هو. هن جي دربار ۾، ’بُرزوهيا‘ (Burzohya) سندس ذاتي طبيب طور رهندو هو. ’ڪليلہ دمنہ‘، هن دور ۾ فارسيءَ ۾ ترجمو ٿيو ۽ پوءِ ان کي فارسيءَ مان عربيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح دوائن تي لکيل مشهور ڪتاب ’چرڪ‘ (Charaka) بہ پهرين فارسيءَ ۾ ترجمو ٿيو جنهن کي پوءِ عربيءَ جو ويس وڳايو ويو.

البيرونيءَ جو خيال هو تہ عرب عالم، هندن جي علم نجوم ۽ علم هئيت کان پوريءَ طرح واقف ڪونہ هئا، ان ڪري هن ’وَرهہ مِهرا‘ (Vraha Mihira) جي ڪتاب، ’برهَتسمهيتا‘ (Brihatsmahita) ۽ ’لگهوُ جاتڪم‘ (Laghu Jatakam) جو ترجمو شروع ڪيو. البيروني، هند ۽ سنڌ جي عالمن جي علمي ذهانت ۽ علميت کان خصوصاً علم نجوم، علم هئيت، علم رياضي ۽ علم ادب کان ايترو قدر تہ متاثر ٿيو جو هن، پنهنجي ملڪي ڀائرن (عربن) کي، هندن جي ڏار ڏار علمن جي ڄاڻ کان واقف ڪرائڻ لاءِ، مشهور ڪتاب، ’ڪتاب الهند‘ لکيو. هو هندن جي مذهبي ڪتاب ’ڀڳوت گيتا‘ ۽ وشنو پنٿ جي مذهبي ڪتابن کان بہ گهڻو متاثر هو ۽ غالباً هي پهريون ئي مسلمان عالم ۽ محقق هو جنهن سنسڪرت ۾ لکيل علم ادب جي جوهر کان مسلمانن کي روشناس ڪرايو هو. البيروني پهريون مسلمان عالم هو جنهن هندن جي ’پراڻن‘ ۽ ’مهاڀارت‘ جو بہ اڀياس ڪيو. هن لوڪ ڪهاڻين ۽ ديومالائي قصن کان واقف ٿيڻ لاءِ، ’پنچ تنتر‘ جو بہ اڀياس ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ ’المکف‘ جو ترجمو پڙهيائين.

البيرونيءَ نہ فقط ودوانن، پنڊتن ۽ عام ماڻهن کان مدد ورتي، پر ’برهم گپت‘ جي ڪتابن جي ترجمن جي مطالعي ۽ انهن کي نئين سِر ترجمي ڪرڻ لاءِ ’ڪتاب الهند‘ کان سواءِ ٻين ڪتابن لکڻ لاءِ هن ڪيترن ئي ڪتابن تان مدد ورتي، جن مان سخاؤ جي راءِ مطابق ڪي ڪتاب هي هئا:(54)

(i) A treatise on the determination of the lunar stations nakshatras

(ii) The Khayal alkusufam, which contained probably beside othe things, a description of the Yoga theory.

(iii) A book containing description of the Karanas's, the title of which is not mentioned.

انهن کان سواءِ هن هيٺين ڪتابن تان پڻ مدد ورتي:

(i) ’ڪپلا‘ جو لکيل ڪتاب ’سمکيا‘ (Samkhya)،

(ii) ’پتنجليءَ‘ جو ڪتاب،

(iii) ’ڀڳوت گيتا‘،

(iv) 'پراڻ'
(v) وشنو پنت جا ڪتاب.
(vi) 'وشنو پراڻ'.
(vii) 'متسيہ پراڻ'.
(viii) 'وايو پراڻ'.
(ix) 'اُديتي پُراڻ'.

انهن ڪتابن ۾ هن، علم نجوم، علم التاريخ، جاگرافي ۽ هئيت تي لکيل باب پڙهيا. انهن کان سواءِ هن، برهم گپت جا هيٺيان ڪتاب بہ پڙهيا:

(i) 'پُليس سڌانت' (Pulisa Siddhanta)
(ii) 'برهم سڌانت' (Brahma Siddhanat)
(iii) 'ڪرن کنڊ کاديڪ' (Karana Khanda Khadyaaka)
(iv) 'اُتر کنڊ کاديڪ' (Uttara Khanda Khadyaka)

'وَرَهہ مهرا' جي هيٺين ڪتابن جو بہ مطالعو ڪيائين:

(i) 'پنج سِڌانتڪ' (Pancha Sidhantika)
(ii) 'برهتسمهيتا' (Brihatsamhita)
(iii) 'لگهہ جاتڪم' (Laghu- Jatakam)
(iv) 'برهت جاتڪم' (Brihatjatakam)
(v) 'مهاديو چندرَ' (Mahadeva Chandra)

ڪشميري عالم، 'اتپل' (Utpala) جو ڪتاب سرودوَ (Srudhava)/ 'سَروَڌر' (Sarvadhara)) پڙهائين.

'وِتيسوَرَ' (Vittesvara) جو ڪتاب 'ڪَرَنَ سَرَ' پڙهيائين.

'وِجيَندِن' (Vijayandndin) جو ڪتاب 'ڪَرَنَ تِلَڪَ' (Karana- Tilaka) بہ پڙهيائين.

## 11- ڪشمير مان هٿ آيل ڪئلينڊر:

هن، قومن جي پراڻين ڳالهين جي تاريخ بہ بيان ڪئي آهي. اُن لاءِ 'الرينشهري' (Airenshahri) جي ڪتاب تي مدار رکيائين، جنهن جو عنوان هو 'قديم قومن جي تاريخ'.

جڏهن البيروني سنڌ ۾ آيو تڏهن اتي جون سياسي حالتون اهڙيون هيون جو ديسي عالمن سان دوستيءَ وارا ناتا رکڻ ممڪن نہ هو. ڇاڪاڻ تہ ان وقت هن جا واسطا محمود غزنويءَ جي دربار سان هئا. محمود غزنويءَ، پاٽيا جي حاڪم، راجپال کي شڪست ڏيئي، 'پال گهراڻي' جي 'هندو شاهي' حڪومت جو اتر - سنڌ (موجوده اتر پنجاب ۽ ڪابلستان) ۾ خاتمو آندو. ان ڪري اتر - اولهہ وارا مقامي حڪمران، محمود غزنويءَ جي سخت خلاف هئا. انهن پاڻ ۾، هن (محمود) جي خلاف اتحاد قائم ڪيو هو جنهن ۾ ملتان جو اسماعيلي حڪمران، 'دائود' پڻ شامل هو. ڇاڪاڻ تہ دائود کي، محمود کان هر وقت خطرو رهندو هو. انهيءَ اتحاد کان اڳ، ملتان جي اسماعيلي حڪمران ۽ پاٽيا جي حاڪم، 'انند پال' گڏجي، محمود غزنويءَ جو مقابلو ڪيو هو. ڪشمير جي حڪومت بہ آزاد حڪومت هئي. 'انند پال'، حملي جي ڊپ کان ڀڄي وڃي ڪشمير ۾ پناهہ ورتي. محمود، 'انند پال' کي گرفتار ڪرڻ لاءِ، ڪشمير تي حملو ڪيو. جنهن زماني ۾ (1019ع)، البيروني هي احوال قلمبند ڪري رهيو هو، تنهن زماني ۾، 'انند پال' جي بدران 'سؤگرمَ ديو' (Saugramdeva)، ڪشمير جو حاڪم هو. هن (سؤگرمَ ديو) کان حڪومت، 'اننت ديوَ' کي ملي. هن (اننت ديو)، 1030ع کان 1082ع تائين راڄ ڪيو.

محمود غزنويءَ جي زماني ۾، اترين ۽ ڏاکڻي سنڌ (صوبي ملتان کان ديبل تائين) محمود غزنويءَ جي دست - اندازيءَ کان بيزار هئي. سنڌ جي حڪومت، ٻن رياستن ۾ ورهايل هئي ۽ هر رياست تي ڌار ڌار حڪمرانن جي حڪومت هئي. اترين سنڌ يعني ملتان واري علائقي تي، اسماعيلي حڪمران، 'دائود' جي حڪومت هئي. محمود غزنويءَ، دائود تي حملو ڪري، کيس قيد ڪيو. ڇاڪاڻ تہ هُن، محمود جي خلاف 'انند پال' سان اتحاد ڪيو هو.

انهن ئي ڏينهن ۾، محمود غزنويءَ، گجرات جي دارالخلافہ 'اَنهِلوارَ پَٽن' (Anihilvar Patan) تي حملو ڪرڻ لاءِ، 1025ع ۾ سومناٿ تي ڪاهيو. ان زماني ۾، گجرات تي، 'سولنڪي گهراڻي' جو راڄ هو. هنن 980ع ۾ 'چولڪيا گهراڻي' کان حڪومت هٿ ڪئي هئي. محمود جي حملي جي ڪري سرلنڪي راجا، 'ڪمود' ڀڄي ويو. محمود غزنويءَ، ساڳئي خاندان جي هڪ شهزادي، 'ديو سرما' کي پنهنجي طرفان حاڪم مقرر ڪيو پر محمود جي وڃڻ کان پوءِ، 'راجا ڪمود' جي پٽ 'دُرلڀ'، 'ديو سرما' کي ڀڄائي، حڪومت تي قبضو ڪيو ۽ 1037ع تائين راڄ ڪيائين. ان ئي زماني ۾، 'مالوا' تي 'پرمار گهراڻي' جي حاڪم، 'ڀوجديو' حڪومت ٿي ڪئي. هن حاڪم، ڪشمير جي راجا وانگر، 'پال گهراڻي' جي حاڪم کي محمود جي خلاف مدد ڪئي. هن حاڪم (البيرونيءَ جي لکڻ موجب)، 997ع کان 1053ع تائين حڪومت ڪئي.

**12- گرامر، شعر و شاعري، لسانيات ۽ ڇند وديا:**

البيرونيءَ جي زماني ۾، يعني سومرن جي حڪومت جي پهرئين دور ۾، سنڌ ملڪ، علم ادب، شعر ۽ شاعري، علم لغات، لسانيات، وياڪرڻ ۽ ڇند وديا جي باري ۾ عظمت تي پهتل هو. البيرونيءَ جي لکڻ موجب، قديم سنڌ ۾ وياڪرڻ، لسانيات، شعر ۽ شاعري ۽ ڇند وديا جو به چوپول عام هوندو هو. هن جي راءِ موجب، وياڪرڻ ۽ ڇند وديا جا علم، مددي علمن طور پڙهيا ويندا هئا. انهن ٻنهي علمن ۽ وياڪرڻ کي وڏيڪ اهميت هوندي هئي. سنڌي عالمن، وياڪرڻ جي وصف هيئن ڪئي آهي:

"وياڪرڻ جي معنيٰ آهي ٻوليءَ جي ڳالهائڻ ۽ لفظن جي صحيح استعمال ۽ اشتقاق لاءِ قانون، جن جي مدد سان لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ فصاحت ۽ ڪلاسيڪي انداز اختيار ڪري سگهجي."(55)

البيروني لکي ٿو ته مون کي چيو ويو آهي ته وياڪرڻ جهڙي علم جي سکيا لاءِ آٺ هيٺين ڪتابن جو مطالعو ڪريان: (56)

(i) 'ائندرا' (Aindra)

(ii) 'چندر' – هي ڪتاب گيڙو- رتي چوغي پائيندڙ يعني ٻڌمت جي ڀڪشو 'چندر' لکيو هو.

(iii) پاڻيني – هي ڪتاب پنڊت پاڻينيءَ جوڙيو هو.

(iv) ڪتنترِ (Katantra) – هي ڪتاب، 'سروَ ورمن' لکيو هو.

(v) ساسيديوَ ورتي (Sasidevaviritti) – هي ڪتاب، 'ساسِيديوَ' لکيو هو.

(vi) دُرگا ورِتي.

(vii) سِشياهِتوَ ورِتي (Sishyahitoviritti) – هي ڪتاب، 'اُگربهوتي' (Ugarbhuti) لکيو هو.

البيروني لکي ٿو ته 'اُگر ڀوتي'، 'راجا جئپال' (پاڻيا جي حاڪم) جو پٽ، 'شاهه انند پال' جو استاد هو. البيرونيءَ، اگر ڀوتي ۽ پاڻينيءَ جو خاص ذڪر ڪيو آهي. البيرونيءَ جي حوالي سان علم اللسان جي شاخن، جهڙوڪ: 'تاريخي لسانيات'، 'تقابلي لسانيات' ۽ 'توضيحي لسانيات' جي اڀياس ۾ مدد ملي ٿي، ڇو ته هن (البيرونيءَ) سنسڪرت، پراڪرت ۽ ان جي اُپڀاشائن ۽ اُنهن جي لپين جو به ذڪر ڪيو آهي.

وياڪرڻ کان پوءِ، البيرونيءَ ڇند وديا تي لکيل مواد جو ذڪر ڪيو آهي. هن، شعر جي بحر ۽ وزن لاءِ، ان وقت ۾ مروج 'ڇند وديا' (يعني شعر جي مصرعن، چرڻن، پدن ۽ ماترائن جي ماپڻ جو علم) جي باري ۾ گهڻوئي ڪجهه لکيو آهي. دراصل البيرونيءَ جي حوالي سان، هن موضوع تي ڏار تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي. البيرونيءَ جي لکڻ موجب ڇند وديا جو واسطو، ڪِوتا يعني شاعريءَ جي مصرعن، چرڻن ۽ پدن جي تورتڪ يا ونڊ ورڇ جي باري ۾ آهي، ۽ اُن ۾ 'ماترائن' جي ماپڻ ۽ اُنهن جي ڊگهين يا ڇوٽين هجڻ

جي باري ۾ معلومات آهي. البيروني لکي ٿو تہ هندو. شعر ۽ شاعريءَ ۾، گهڻي جوش ۽ خروش سان حصو وٺندا هئا. ۽ انهن جي پڙهڻ ۾ بہ خاص انداز ۽ سندن هٿن جا اشارا، ٻڌندڙن کي دلچسپ لڳندا هئا.(57) هن جي راءِ ۾، عالم ۽ ودوان، نثر جي بدران، ٽڪبنديءَ واري نظماتي نثر لکڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندا هئا. ان وقت جا ڪي ڪتاب، شعر جي صنف 'سلوڪ' يعني 'ٽُڪبنديءَ' ۾ لکيل آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن جي ياد ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي هئي. (58) انهيءَ ڪري قديم زماني کان اقليدس جهڙا سائنسي علم ۽ نجوم جهڙا اوکا علم ۽ حقيقتون پڻ هن صنف، يعني 'سلوڪ' جي انداز يا مقفيٰ ۽ مسجع نثر يا تڪبنديءَ واري نثري عبارت ۽ طرز ۾ لکيون وينديون هيون. انهيءَ ڪري جو جيئن مٿي عرض ڪيو ويو آهي تہ انهن جي ياد ڪرڻ ۽ ڏهرائڻ ۾ سُڪيائي ٿيندي هئي. پروفيسر پيرومل لکي ٿو تہ:

"ويدن کان پوءِ سنسڪرت ۾ اڪثر 'سوتر' آهن. تنهن ڪري اها 'سوترن' جي زماني، واري سنسڪرت سڏجي ٿي. 'سُوتر' لفظ اهو ساڳيو آهي. جنهن جو بگڙيل اُچار سنڌيءَ ۾ آهي 'سُٽ'. وچولي زماني ۾ وڏيون ڳالهيون، ٿورن لفظن ۾ ائين آٽيندا هئا، جڻ تہ سُٽ يا ڌاڳي ۾ موتي پوئيندا هئا. سوترن جي مکيہ خاصيت آهي 'ٿور اکرائي'. سنڌيءَ ۾ جيڪي پهاڪا آهن، سي اڪثر سوترن جي نموني جڙيل آهن. مثلاً 'جُڙيءَ کي جس'، 'ڪندو سو پائيندو'، 'جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي' وغيره. هتي ڏسو تہ هرهڪ پهاڪي ۾ لفظ ٿورڙا آهن، پر منجهن وڏي فيلسوفي سمايل آهي. سوترن ۾ اڪثر قاعدا ڄاڻايل آهن. ڌرم سوترن ۾ ڌرمي ڳالهين بابت، گريهہ سوترن ۾ گهرو ڳالهين بابت قاعدا آهن. ائين سوتر لفظ جي معنيٰ ٿي قاعدو قول يا نقطو جو ٿورڙن پر پائيدار لفظن ۾ ڄاڻايل هجي."(59)

سنڌي ٻوليءَ جو آڳاٽو نثري علم، جنهن ۾ سنسڪرت جا شبد، اسماعيلي پيرن طرفان جوڙيل دعائون، آڳاٽو لوڪ ادب، لوڪ شاعري ٻول، چوڻيون، ناصحاڻا نُڪتا، ڳجهارتون ۽ پروليون، هن دعوي جي دليل طور مطالعو ڪري سگهجن ٿيون. اوائلي لوڪ شاعريءَ جي انداز ۾، اسماعيلي پيرن جون جوڙيل دعائون، 'مقفيٰ' يا 'نظماڻي نثر' يا 'تڪبنديءَ' جا مثال آهن. مون پنهنجي ڪتاب 'سنڌي نثر جي تاريخ' جي ٻئي ڇاپي ۾ اهڙا مثال ڏنا هئا، جيڪي هت وري مثال طور پيش ڪجن ٿا. مون عرض ڪيو هو تہ:

"هن سلسلي ۾ اسماعيلي داعين جو جيئن شعري ادب هٿ آيو آهي، تيئن اسماعيلي جماعت وٽ، پيڙهي بہ پيڙهي، اهڙو نثري مواد بہ موجود رهندو آيو آهي، جيڪو صدين تائين سيني بسيني هڪ بزرگ کان ٻئي بزرگ کي ملندو رهيو آهي. انهيءَ مواد کي سينن ۾ آسانيءَ سان سانڍڻ لاءِ، ان کي مقفيٰ نثر جي صورت ڏني وئي هئي. بلڪل ائين جيئن ڳجهارتون پڇيندڙ سگهڙ لفظن جون لڙهيون، الف ـ ب وار ياد

ڪندا آهن. ۽ جنهن وقت بہ ڦورو ڦولهڻ ويهندا آهن. تنهن وقت اهي لفظ هڪ ٻئي پٺيان الف- ب وار چوندا ويندا آهن، جڻ تہ درياءَ جو بند ٽٽي پيو هجي. سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن يا فقرن جي ياد ڪرڻ جو اهو طريقو بلڪل قديم ٿو نظر اچي.

اسماعيلي بزرگن بہ. نون اسماعيلي مسلمانن کي ديني ادب جون ڪي دعائون ياد ڪرائڻ لاءِ اهوئي پراڻو طريقو اختيار ڪيو ۽ ڪين مقامي ٻوليءَ ۾، مقفيٰ نثر ۾ دعائون جوڙي ڏنائون تہ جيئن عمر رسيده ماڻهو بہ اهي آسانيءَ سان ياد ڪري سگهن. انهن دعائن مان ڪي نمونی طور هيٺ ڏجن ٿيون:

(1) يا شاهہ! حق تون، پاڪ تون، دانا تون، بينا تون، اول تون،
آخر تون، ظاهر تون، باطن تون، پيدا تون، پنها تون.... الخ

(2) يا شاهہ! اتر، پورب، ڏکڻ، پڇم،
چار ڏسيون، چار اوڙِسيون، چار کاٽيون، چار واٽيون،
چار ڪتاب، چار ڪلپ، چار جُگ، چار ويد.... الخ

اهي دعائون مقفيٰ نثر ۾ آهن."(60)

اهڙيءَ طرح، سنسڪرت جو هڪ قول، جيڪو آزاديءَ کان اڳ، ٽنڊي محمد خان جي A.V اسڪول ۾، هندي ۽ سنسڪرت سکندي، استاد وٽان مون سکيو هو سو هن ريت هو:

آلسيِ ڪُتو وديا (آلسي يا سست ماڻهو علم ڪيئن حاصل ڪري سگهندو؟).
اَوِدسِيِ ڪُتو ڌنم (اڻپڙهيل ماڻهو دولت ڪيئن ڪمائي سگهندو؟).
اَڌَنسِي ڪُتو مِترم (بنا ڌن جي (غريب ماڻهو) ڪنهن ماڻهوءَ جو بہ ڪو مت مائٽ ڪونہ هوندو آهي).
اَمِترَ سِي ڪُتو سُکم (يعني بنا مٽن مائٽن، يارن دوستن جي ماڻهوءَ کي سک ڪيئن حاصل ٿيندو؟).

سنڌي ٻوليءَ جي لوڪ شاعريءَ جي صنفن، جهڙوڪ: چوڻي، ڀاڪن، ڳجهارتن ۽ ٻين صنفن جو مطالعو بہ هن ڏس ۾ گهڻي مدد ٿو ڪري، جن جو مدار ٽُڪبندي، سجعبندي يعني مقفيٰ يا مسجع عبارت تي آهن. مثال طور:

(1) **چوڻيون(61)**

(i) ڪٽيون آيون ڪاپار، مورک مينهن گهرن

(ii) آيا ڪنگاٽي، ويو ٻڄاريءَ مان پاٽي

(iii) لوڙهيءَ ڏرو سارين ڪرو

(iv) ڏڪڻ مينهن نہ وسڻو وسي تان ٻوڙي
(v) ڪانئر ڏڪ نہ هڻڻو هڻي تان توڙي

## (2) ٻاڪا (62)

(i) انبن ٻور اکين سور.
(ii) ايمان مزمان آهي.
(iii) اکين جوڳي، پيٽ جي بک.
(iv) بکون لاهين پنيون، پورهيو ڇا بک لاهيندو؟
(v) پوکي وڃجي، راهي نہ وڃجي.
(vi) جنهن کي ساھ ڪنئي سُڌ نہ پري، تنهن سان سور ڪهڙو سلجي.
(vii) جيترا هَر، اوترا ڦَر.
(viii) ڇٽ کي گهر ۾ هوندو ڪاسو تہ ڪوڙيندو وڃي پاسو.
(ix) زال چڱي تہ گهر پڻي، زال ميڙي تہ گهر ڀيڙي
(x) سڳا سي ئي سيڻ، پڪا جني اوڏڙا.
(xi) سانوڻ جو ستو ڪتيءَ جو ڪتو.
(xii) لوڪ لڏڻ ۾ ڇري اڏڻ ۾.
(xiii) چريا ڏيئي چار واڇان ونجي هڪڙي.

## (3) ٻهڳڻ جا ٻول (63)

پنجڪا ٻول:
(i) پنج ٿي نہ ٿيا، پنج ٿي نہ ٿيا.
ڏچر گهوڙي، سُچر زال، ڇجدي ڪٽڪ، گهاٽا ٽِرَ، اُڏارو وهاڻ.
اهي پنج ٿي نہ ٿيا
(ii) ٻيو نمونو:

چور کي پادر پلو سچي کي آذر پلو
آس لاءِ قادر پلو جاءِ کي سَر دَر پلو.

پنج ٿي گردن بار پنج ٿي گردن بار
ڇٽ چنوڙي جُتي، مٽي سند و بار.

تيو ايمان عالم ۾ گاهن ڪيا گلزار
هڪ پڇني، پتر، ٻيا لُنب ڪيا للڪار
ڪِهه ڦٽي خوشبو ڪري، ڳم ڳاهه ڳنڍيار
لاٿيون لاڪيو لسڙو ۽ ڪيرل جا خنڪار
ڪل، ڪبهه، ڪنڙو، ساوڙي ڪيا سينگار
ڪنيبون ٽيون خاصخيلي چوي، پوني پٽ ڪنوار
ٻهون ٽيون، ٻاٽيون، ٽيا هگ، هتم هزار
لوٹڪ، مريڙو ميٺي، ڪنڊڙي، منجهه ڪنار
ڊاماهو مانڌاٽو مڪٽي، نيم، سنا، سبزوار
ڳٽي ڳٽندو ڪونه ڪو، شاعر منجهه شمار
ڪنهن ڪي ٻاجهي چوي، يا آگي ري اختيار
سائين ڪيا سڪار تيو ايمن عالم ۾

پر ڳجهارت ڪانہ ٻڌي ان ڪري سگهڙ وري پکين جا نالا ڪٽندو:

هنجن جي هونگن جي ڪهڙي ڪل ڪنگن،
جڏ ڪونجون، ڪانون سان لڳيون، تڏ ماٺ لڳي مورن،
ڪانءَ ڪانويرا، ڪانوپريون، ڏريا ڏينگ ڏرن،
چيها، چهون، چتون، چمڙا، تا ولر ڪيو وتن،
باز باسا، ٻهريون، ٽيون ڦيٽايون ڦرڪن،
ڳيرا پنهنجي ڳوٺ تي، هيڙها هُل نہ ڪن،
وَهيا تا وڃن، پورا ٻُلج ڪينڪي،

هن بيت ۾ 'وَهيا' نالو آيو آهي، جنهن سان ڳجهارت ٻجي پيئي.

ڳجهارت تي، ڊاڪٽر سحرامداد، ڪينجهر رسالي جي نمبر3_ 1989ع ۾ جيڪو مضمون لکيو آهي، تنهن ۾ محترمہ ڊاڪٽر سحر، سائين طالب المولىٰ جا جيڪي حوالا ڏنا آهن، تن جو مطالعو ڪرڻ سان هي نقطو ذهن ۾ اچي ٿو. مخدوم صاحب ۽ البيرونيءَ جي راين ۽ نظرين کي سامهون رکي، سنڌي ادب جو اوائلي دور، لوڪ ادب، چند جي صنفن، سلوڪ، سوترن سان شروع ڪرڻو پوندو جنهن ۾ انهن صنفن کي سامهون رکي، تجزيو ڪرڻو پوندو. محترمہ ڊاڪٽر سحر امداد بلڪل درست لکيو آهي تہ:

"سومرن جو دور ڳجهارت جي فن جو ابتدائي تاريخي دور نہ، بلڪ ان فن جي تاريخي عروج جو دور آهي، ۽ ان جي مڪيہ ثابتي خود ڳجهارت جو گهاڙيتو (Form) آهي، جيڪو چند تي آڌارڪ آهي ۽ قديم آهي".

مخدوم طالب المولىٰ سائين جن جي هيءَ راءِ، منهنجي دعويٰ کي سچو ثابت ٿي ڪري. سائينءَ جن فرمائين ٿا:

"سنڌيءَ ۾ بہ ڳجهارت، قديم شاعريءَ جو هڪ قسم آهي." (ڪينجهر، نمبر3، 1989ع، ص 121). البيرونيءَ جي آمد وقت، يعني سومرن جي حڪومت جي پهرئين ابتدائي دور جي ادبي صنفن کي جيڪڏهن ڳولهبو تہ شايد چند جي هڪ صنفن جو نالو ڳجهارت بہ هجي، جيئن مخدوم صاحب جن جو حوالو ڏيندي ڊاڪٽر سحر لکي ٿي:

"ڳجهارت سنڌي سلوڪ ۾ اعليٰ چيز آهي."(65)

چئبو تہ سلوڪ، عام نالو هو جنهن جون صنفون هيون: ڳجهارت، سوتر، دوهو ۽ سورٺو. هي هڪ الڳ موضوع آهي، جنهن تي هن مقالي ۾ وڌيڪ لکي نٿو سگهجي، پر ايترو ضرور عرض ڪبو تہ قديم سنڌ جي، قديم علم ۽ ادب جي تاريخ جو اهو اوائلي مواد آهي، جنهن جي تلاش راءِ گهرائي جي دور وارن ڪتابن، مڙهين، مٺن ۽ مندرن ۾ ڪرڻ گهرجي. اهو نقادن جو فرض آهي تہ اُهي تفتيش ۽ کوجنا ڪري ثابت ڪن تہ اوائلي علم ۽ ادب، نظماڻي نثر (تڪبندي، مقفيٰ ۽ مسجع نثر) ۾ لکيو ويندو هو پر پوءِ نظم ۽ نثر واري انداز ۾ ڌار ڌار لکجڻ لڳو. اهو ڪڏهن ٿيو ۽ پهرين ڪنهن ڪيو؟ جتي 'پنگل' ۽ 'چَلِتُ' جا نالا ملن ٿا، ۽ جتي 'برهم سڌانت' جو نالو مليو آهي، اتي ٻين ماهرن، وياڪرڻين ۽ انهن جي ڪتابن جا نالا بہ ملڻ کپن، پر ان لاءِ پارت ۾ رهندڙ ودوانن کي تحقيق ڪرڻ گهرجي.

البيروني لکي ٿو تہ: "چند وديا جو فن، جن عالمن ايجاد ڪيو، انهن جا نالا 'پنگلَ' ۽ 'چَلِتُ' هئا."(66) سلوڪ، شاعريءَ جي مقبول صنف هئي. 'بُرهم سڌانت' ڪتاب جو هڪ باب چند وديا جي باري ۾ هو. البيروني لکي ٿو تہ مون چند وديا جو گهڻو مطالعو ڪونہ ڪيو هو ان ڪري آءٌ اها دعويٰ نہ ڪندس تہ ڪو آءٌ چند وديا جي باري ۾ ڪا ڄاڻ رکان ٿو(67). البيرونيءَ جي راءِ موجب هن علم تي ڪيترائي ڪتاب موجود آهن، پر انهن ۾ خاص نالي وارو ڪتاب 'گئسيتا' (Gaisita) آهي.(68)

البيروني لکي ٿو تہ چند جو مدار ماترائن تي آهي. ماترائون ڊگهيون ۽ ڇوٽيون ٿينديون آهن. ڊگهيءَ ماترا کي 'دِرگهہ' (Dirgha) يعني ڊگهي يا ڊگهو چئبو آهي ۽ ڇوٽي ماترا کي 'لَگھُہ' (Laghu) چوندا آهن. (69) ڊگهي ماترا جو نشان '<' آهي ۽ ڇوٽي ماترا جو نشان 'I' آهي. سڄيءَ مصرع کي 'چرڻ' چئبو

آهي ۽ اڌ مصرع کي 'پد'. ماترائن جي ڳڻڻ کي 'ڳڻَ- ڇند' (Gana- Chanda) چئبو آهي، يعني اهو ڇند جيڪو ڳاڻيٽي يا ڳڻڻ تي مدار رکي. هلڪي ماترا کي 'لَگهه' ۽ ڳري ماترا کي 'گُر' (Guru) چوڻ. 'گُرُ'، 'لَگهه' کان ٻيڻو ٿيندو آهي، يعني هڪ گرُ برابر آهي ٻن لگهن جي. 'درگهه' ۽ 'گُرُ' هڪ ٻئي جي برابر ٿيندا آهن. 'درگهه' ۾ 'ڊگهو سُر' (Long vowel) هوندو آهي ۽ 'لگُهه' ۾ ڇوٽو سُر. البيروني چوي ٿو تہ آءٌ اچاتائين 'لگُهه' ۽ 'گُرُ' کي چڱيءَ طرح سمجهي نہ سگهيو آهيان، ان ڪري ان جا عربيءَ ۾ مثال ڏيئي نٿو سگهان. پر ايترو ضرور سمجهيو اٿم تہ 'لگُهه' جي اها معنيٰ ڪانهي تہ اهو هڪ اُهو وينجن آهي، جنهن سان ڪوبہ سُر شامل ڪونهي. يعني اهو وينجن 'ساڪن' آهي، ۽ نہ وري ائين سمجهڻ کپي تہ گرُ هڪ اهو وينجن آهي جو متحرڪ آهي، جنهن سان سُر بہ شامل آهن. پر برعڪس ان جي، لگُهه اهو وينجن آهي جنهن سان 'ڇوٽو سُر' لڪل صورت ۾ شامل هوندو آهي، جيئن 'ڪ'، 'س' ۾ سُر لڪل آهي.

البيروني لکي ٿو تہ ڇندن جا جدا جدا نالا آهن، جيڪي شعر جي صنف مطابق رکيل آهن.(70) يعني ڊگهن بندن يا گهيٽن مصرعن واري نظم جو نالو ساڳيو نہ هوندو آهي. اهڙيءَ طرح اُن ۾ ڇند بہ مختلف هوندو آهي.

ڪڏهن وري هڪ ئي نظم (Poem) ۾، ڪيترائي ڇند ڪم آڻين، انهيءَ ڪري اهو نظم، ريشم جي اُن ٽڪر وانگر نظر ايندو آهي، جنهن تي ڌار ڌار رنگن ۾ پرت پريل هوندو آهي. البيروني، علم لغت جي هڪ ماهر 'هري ڀٽ' (Haribatta) جو نالو ڏنو آهي، جيڪو ڇند وديا ۾ بہ ماهر هو.

هن، ڊگهين ماترائن ۽ ڇوٽين ماترائن تي تفصيلي بحث ڪيو آهي، تقطيع جي فن تي گهڻو ئي ڪجهہ لکيو اٿس. هن لکيو آهي تہ سلوڪ ۾ چار پد ٿيندا آهن ۽ هر پد ۾ آٺ syllable ٿيندا آهن. چئن پدن مان، هرهڪ جي آخر ۾ ساڳيو گُر هجڻ گهرجي. هر پد ۾ پنجون syllable لگهہُ هوندو آهي ۽ ڇهون syllable گُرُ هجڻ گهرجن.

اهڙيءَ طرح هن موضوع تي البيرونيءَ جي حوالي سان، ڇند وديا جو اڀياس ڪري سگهجي ٿو. هن حقيقت مان اها ڳالهہ واضح ٿي ٿئي تہ سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان بہ اڳ، شعر و شاعريءَ جو سلسلو جاري هو ۽ جيڪو پوءِ بہ قائم رهيو.

### 13- سڪو، انگ ماپ، تور ۽ وزن:

سڪو- البيرونيءَ جي لکڻ موجب، سنڌ ۾ شهرن ۽ ضلعن جي لحاظ کان سڪي جو نالو ۽ وزن بہ ڌار ڌر هو. هن هڪ سڪي جو نالو 'دَنَڪ' لکيو آهي. هن جي راءِ موجب 'ست دَنَڪ'، هڪ 'درهم' جي

برابر هوندا هئا.(71) سون جو سڪو بہ هلندو هو. سونَ جو وزن تڏهن ڪيو ويندو هو، جڏهن ان مان زيور ناهڻا هوندا هئا. سون جي وزن کي 'سُورَڻُ' چوندا هئا.(72)

انگ۔ البيروني لکي ٿو تہ 'انگ' کي 'آنڪ' ('اڱڪ) ٿا چون. (73) هُو لکي ٿو تہ: "ڏاکڻي سنڌ جي دارالخلافہ المنصوره ۾، رياضيءَ ۽ حسابن جي ڳڻپ لاءِ انگ ڪم آڻين ٿا. هن جي لکڻ موجب منصوره ۾ مروج انگ، هند جي ٻين حصن ۾ مروج انگن کان مختلف آهن."

'انگن' لاءِ اکر نہ، پر 'انگ' ڪم آڻين. هُو لکي ٿو تہ: "اسان انگن لاءِ جيڪي نشان ڪم آڻيندا آهيون، اهي هندن جي بهترين طريقي تان ورتل آهن. رياضيدان، 'انگن' جي حصن ۽ ٻاڱن لاءِ وياڪريڻ کان مدد ونن."(74) ڳاڻيٽي ۾ ڪي عدد جيڪي البيرونيءَ بيان ڪيا آهن، اهي سنڌي زبان ۾ ان وقت بہ استعمال ٿيندا هئا ۽ اڄ بہ ٿوريءَ تبديليءَ سان ڳڻيا آهن. مثال طور:(75)

(i) ايڪم، دشم، ستم، لَڪش (لک)، پدمَ، کروَ (ڪرَب)

(ii) شُنَ = ٻُڙي

(iii) آدي = شروعات

سخاؤ لکي ٿو تہ: "البيرونيءَ ڪي انگ اهڙا بہ ڪم آندا آهن، جيڪي هُوبهو سنڌيءَ ۾ ملن ٿا. هن ٽرمپ جي گرامر جي صفحي 158 جو حوالو ڏيندي لکيو آهي تہ البيرونيءَ 'پَڪش' يعني مهيني جي 'پکواڙي' جي ڦهرئين ڏينهن لاءِ جيڪو انگ ڪم آندو آهي، اهو آهي 'ٻَرک' يعني ڦهريون."(76) اهڙيءَ طرح سخاؤ صفحي 559 تي انگ ڏيئي لکي ٿو تہ اهي انگ، سنڌي ٻوليءَ جي انگن سان ملي اچن ٿا. مثال طور:

برک۔ (ڦهريون)، ٻيو، ٽريو، چوٿو، پنجو، ڇهو، ستو، اٺو، نٿو/ نائون، ڏهو، يارهو، ٻارهو، تيرهو ۽ چوڏهو.

### 14- وزن، تور ۽ توراڙو:

مٿي عرض ڪيو ويو آهي تہ البيرونيءَ سونَ جي وزن کي 'سوَرڻ' لکي ٿو. هڪ 'سورَڻُ'، سوا تولي جي برابر هوندو آهي. عام وزن 'تولو' هوندو هو. هڪ تولو 10۔1۔2 مثقالن جي برابر هوندو هو. تولي جا بہ ٻاڱا يا حصا هوندا هئا. انهن ٻاڱن مان هڪ ٻاڱو يا حصو ماشا (ماسو) هوندو هو. هڪ ماشا (ماسو)، هڪ تولي جي 1/2۔1 (هڪ سڄو هڪ ٻاڱي بہ حصي) جي برابر هوندو هو يعني تہ هڪ تولي ۾ 12 ماشا (ماسا) هوندا هئا.

(i) اهڙيءَ طرح اها جدول، اسان جي ملڪ ۾ 'ڏهائي' (Decimal) طريقي واري تور جي وزن شروع ٿيڻ تائين جاري هوندي هئي. اها جدول ان وقت هن ريت هوندي هئي.(77)

ڏهائي سرشتي تائين چالو جدول:

| | |
|---|---|
| چار مگ | = هڪ رتي |
| اٺ رتيون | = هڪ ماسو (ماشو) |
| ٻارهن ماشا/ ماسا | = هڪ تولو |
| پنج تولا | = هڪ آنو |
| چار آنا | = هڪ پاءُ |
| چار پاءَ | = هڪ سير |
| چاليهه سير | = هڪ مڻ |
| اٺ مڻ | = ڪنڊي |

(ii) ڳڻپ جا ڪيترائي لفظ جيڪي پراڻي سرشتي موجب ڪم ايندا هئا، سي هاڻ متروڪ ٿي ويا آهن، مثال طور:

ڪپڙن جو جوڙو (جنهن ۾ شلوار ۽ قميص شامل هئا)

جوتن جو جوڙو

انبن جو هڪ سو = 130 داڻا

(iii) 20 عدد = هڪ ڪوڙي (قديم زماني ۾، ڳڻپ جو حساب ڪتاب ويهن تي هلندڙ هو جيئن پنج ويهون، ڇهه ويهون وغيره). گذريل زماني ۾ ڳڻپ جو حساب ڪتاب هيٺ موجب هلندو هو:

پنج ڪوڙيون = هڪ سو

اڍائي سير = هڪ ڌڙي

پکين جي ٽلي = چار عدد

پلي جي هاري = نر ۽ ماديءَ کي ملائي، اُن کي هاري چيو ويندو هو.

ڪچو سير

پڪو سير

(iv) **پهرين جدول** (تور ۽ ماپ جي):

هڪ تولو = 12 ماشا

هڪ ماشا = 4 آنڊي (ايرينڊا/ ڳؤر وڻ جو ٻج)

هڪ آندي = 4 ڀوَ (جَو)

هڪ ڀوَ = 6 ڪَلا

هڪ ڪَلا = 4 ڀدَ

هڪ ڀدَ = 4 مُدري

(v) ٻي جلدول: (سون جي تور ۽ ماپ)

هڪ سورڻ = 16 ماشا = 64 اندي = 256 ڀوَ = 1600 ڪلا = 6400 ڀدَ = 25600 مدري

(vi) ٽين جدول:

4 ڀوَ = هڪ اندي

4 اندي = هڪ ماشا

16 ماشا = هڪ سوَرَڻ

4 سُوَرَڻ = هڪ پَل

اهڙيءَ طرح تور ۽ ماپ جا ٻيا بہ مثال ان وقت واريءَ سنڌ ۾ مروج ملن ٿا.

اهڙيءَ طرح البيرونيءَ بين ماپن جو بہ ذڪر ڪيو آهي, جن جو مطالعو بہ دلچسپيءَ کان خالي نہ آهي.

## 15- وقت جي ماپ ۽ ڊيگهہ:(78)

هن کان اڳ, وقت جي ماپ جي سلسلي ۾, 'سنڌي_ سن'/ سنڌي 'سنبت' (سنڌي ڪال) ۾ جُڳن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اِن مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ نہ فقط شين جي تور ۽ وزن يا مفاصلي جي ڊيگهہ لاءِ ماپ جو رواج هو پر البيرونيءَ, ڪانئس اڳ لکيل ڪتابن جي حوالي سان, اُن زماني ۾, وقت جي ڊيگهہ جا ماپا ۽ پئمانا بہ بيان ڪيا آهن, يعني تہ ڏينهن کي پلن ۽ پراڻن جي ماپن جا نالا ڏنا اٿس, پر هفتي جي ڏينهن جا نالا, موسمن جا نالا ۽ ماپا (عرصي جي ڊيگهہ) مهينن جي نالن ۽ ان کان پوءِ سالن. ڪلپن ۽ جڳن جو بہ ذڪر ڪيو اٿس.

ڪشميري ودوان, 'اُتپَلَ', ڏينهن کي بہ حصن ۾ ورهايو هو. هن پنهنجي ڪتاب 'شروڌ' ۾ بيان ڪيو آهي, تہ سيڪنڊ کي 'چَشڪ' چيو ويندو هو. ڪلاڪ کي 'وِگهٽيڪ' چوندا هئا. ڪلاڪ کي سٺ حصن ۾ ورهايو ويندو هو هر حصي کي 'پَلَ' يا 'گهٽي' (منٽ) چوندا هئا. هر 'پل' کي سٺ حصن ۾ ورهايو ويندو هو ۽ هر حصي (سيڪنڊ) کي 'چشڪ' سڏيندا هئا. هر 'چشڪ' وري ڇهن حصن ۾ ورهايل هوندو هو. اُن مان هر حصي کي 'پراڻ' (breath) يعني 'دم' سڏيندا هئا.(79)

اهڙيءَ طرح 15 چَشڪَ، يعني 'گهڙيءَ' (منٽ) جي 1/4 حصي کي 'ڪشڻ' (ڪن) چوندا هئا. هر 'ڪشڻ' (ڪن) کي، 15 حصن ۾ ورهايو ويو هو ۽ ان جي هر حصي کي 'ڪَلَ' چوندا هئا. 'ڪَلَ'، 'چَشڪَ' جو ٻيو نالو هو.

اهڙيءَ طرح وقت جي جدول هيٺن هوندي هئي:

6 پراڻ = هڪ چَشڪَ / ڪل

15 ڪَلَ / چشڪ = هڪ ڪشڻ (ڪن)

60 چَشڪَ (سيڪنڊ) = هڪ پَل / گهڙي منٽ / گهڙي

60 پَل / گهڙي = هڪ وگهٽيڪ (ڪلاڪ)

ڏينهن کي عام زبان ۾ 'دِمس' چوندا هئا. پر ڪلاسيڪل ٻوليءَ ۾ ڏينهن کي 'ديوس' يا 'ڏيوس' بہ چوندا هئا. ۽ رات کي 'راتري'، مهيني کي 'ماس'، مهيني جي اڌ کي 'پَڪش' (پکَ) چوندا هئا. مهيني جي پهرئين اڌ، يعني 'روشن اڌ کي 'سُڪلَ پڪش' چوندا هئا ڇوتہ هن اڌ ۾ چانڊوڪيون راتيون ٿينديون آهن. ٻئي يعني پوئين اڌ (اونداهي اڌ) کي 'ڪرشڻ پڪشَ' سڏيندا هئا.

سال کي 'برهٽ/ برک/ برش' چوندا هئا. سال ۾ ڇهہ مندون شمار ڪندا هئا. 'مند' کي 'رُتُ' سڏيندا هئا. هر رُتُ ٻن مهينن جي هوندي هئي. سومناٿ (گجرات) طرف ٽي موسمون ٿينديون هيون، يعني هر موسم، چئن مهينن جي ٿيندي هئي.

زماني کي چئن جُڳن ۾ ورهايو هئائون. انهن جُڳن ۽ اُنهن جي عرصي جي، سالن جي ڏيگهہ البيرونيءَ هيٺ موجب ڏني آهي.(80)

(i) ڪرتا جُڳ = 17,28,000 لک سال

(ii) تريتا جڳ = 12,96,000 لک سال

(iii) دواپور جڳ = 8,64,000 لک سال

(iv) ڪل جڳ = 4,32,000 لک سال

البيرونيءَ، برهم گپت جي حوالي سان 'ڪلپن'، 'ڪل جڳ' ۽ 'چَتُر جڳ' جي عرصي جي باري ۾ بہ گهڻو ڪجهہ لکيو آهي.

سنڌ ۽ هند جا ماڻهو 'قمري مهينا' شمار ڪندا آهن. پر سندن سال 'شمسي' آهي. قمري سال، شمسي سال کان يارهن ڏينهن ننڍو ٿيندو آهي. تنهنڪري هندن جي حساب موجب، Leap year تيرهن مهينن جو ٿيندو آهي.(81) چاڪاڻ تہ ان ۾ 'اَدر/ اڌڪ/ اَديماس' جو مهينو بہ ملايو ويندو آهي.(82) ان سال کي هندو 'مَلماس' (Malmas) چوندا آهن. 'مَل' جي معنيٰ 'ميل' آهي. جو هٽ تي چُهٽي پوندو آهي، جيئن

تہ اهو 'ميل' هڪ جو حصو نہ هوندو آهي ۽ ان کي صاف ڪيو ويندو آهي. تيئن 'مَلماس' بہ سال جي مهينن ۾ شامل نہ ڪبو آهي ۽ سال جا ٻارهن مهينا ليکيا آهن. بهرحال ان (leap) مهيني کي 'اڌيماس' چئبو آهي. 'اڌيماس' جو مهينو 'نياڳو مهينو' سمجهيو ويندو آهي. ان مهيني ۾ شادي ۽ وهانءَ يا ڪوبہ ٻيو اهڙو جشن ڪونہ ملهائبو آهي.

## 16- طرفن ڏسيون، ڏينهن ۽ مهينا:

البيرونيءَ ست زمينون ۽ ست آسمان بيان ڪيا آهن. هن ڏسين ۽ طرفن جا بہ نالا ڏنا آهن: اهي نالا اڄ بہ سنڌ ۾ استعمال ٿين ٿا. البت اُچار ۾ ٿوري صوتي تبديلي ٿي آهي. مثال طور: اُتر، پورو (پورب)، ڏَکشڻ (ڏکڻ) ۽ پشچم (پڇم). اسماعيلي پيرن طرفان جوڙيل دعائن مان هڪ ۾ اهي لفظ هن ريت ڪم آندا ويا آهن:

يا شاهہ! اتر، پورو، دَکشڻ، پشچم،
چار ڏسيون، چار اوڏسيون، چار کاٿيون، چار واٽيون،
چار ڪتاب، چار ڪلپ، چار جڳ، چار ويد.... الخ

البيرونيءَ ڏينهن جا نالا بہ لڳ ڀڳ اهي ئي ڏنا آهن. جيڪي اڄ بہ سنڌيءَ ۾ ٿوريءَ تبديليءَ سان استعمال ٿيندا آهن. ڏينهن جا نالا گهڻو ڪري اُهي ئي آهن. جيڪي سيارن/ گرهن جا نالا آهن. صرف ڏينهن جي نالن جي سڃاڻپ لاءِ 'گرهہ' جي نالي جي پنيان، 'بار' ٻيجاڙي ملائي ويندي آهي. جنهن کي سنڌيءَ ۾ 'وار' اُچاريو ويندو آهي، ۽ عام تبديل موجب 'ب' جو 'و' ۾ بدلجڻ ثابت ٿئي ٿو. مثال طور (83):

آدِتيِ بار = آرتوار / آچر

سومَ بار = سوموار/ سومار/ سومر

منگل بار = منگل وار/ منگل

ٻڌوارَ = ٻُڌ وار/ ٻُڌ

برهشپتي بار = وسپت

سڪر بارَ = شڪروار

سَنسچر بار = ڇنڇر

اهڙيءَ طرح هن. سيارن ۽ گرهن جا نالا ۽ انهن جي باري ۾ تفصيل سان لکيو آهي. انهن جا نالا هي آهن:

سوريہ. اديتي = سورج Sun

سومَ چندر = چندر Moon.

منگل = منگل Mass

ٻڌ، چندر = Mercury

ورهسپتي = Jupiter

شُکر، پرج = Venus

سئنسچر = Satun

(ث) **مهينا:**

البيرونيءَ مهينن جا نالا بہ رڪارڊ ڪيا آهن، جيڪي اڄ بہ ٿوريءَ تبديليءَ سان سنڌ ۾ رائج آهن، مثلاً:

| موجوده سنڌي ٻولي | البيروني |
|---|---|
| چيٽ | چيتر |
| ويساک/ ويساک | ويشاک |
| جيٺ | جئشٺ |
| آکاڙ | آشاڙ |
| ساوڻ | سراوڻ |
| بڊو | بادر پَدَ |
| اسو | آشرَ يوجَ |
| ڪتي | ڪرتڪ |
| نهاري | مرگسرش |
| پوهہ | پُوش |
| ماگهہ | ماگهہ |
| ڦگڻ | ڦلگُن |

**17- ٻولين ۽ رسم الخط:**

(الف) جاحظ کان وٺي البيرونيءَ تائين جيڪي بہ عرب عالم، فاضل، جاگرافيدان ۽ محقق سنڌ ۾ آيا، تن سڀني، سنڌي ٻوليءَ کي روزمره جي استعمال واري ٻولي سڏيو آهي، ۽ ان جي ڌار ڌار رسم الخطن جو بہ ذڪر ڪيو اٿن. ان مان ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻولي، قديم زماني کان وٺي، نہ فقط روزمره جي استعمال لاءِ ڳالهائي ويندي هئي، پر اُها باقاعدي لکي بہ ويندي هئي. سنڌي ٻولي، ان وقت، ملتان تائين ڳالهائي

ويندي هئي. پر باقاعدي لکي بہ ويندي هئي. بلڪ تجزيو ڪيو وڃي ها تہ جيڪر سنڌي ٻوليءَ جا اُهڃاڻ ۽ آرڪاڻ سنڌو- ڪوهستان ۽ سوات- ڪوهستان جي، توروالي ۽ ڏکڻ- اوپر افغانستان ۾ گوجرن جي ٻوليءَ ۽ هندڪو ۾ بہ نظر اچن ها. جاحظ لکيو آهي تہ:

"سنڌ جي ماڻهن جو هڪ خاص سنڌي خط آهي.(84)

اصطخري (1951ع) لکي ٿو تہ: "منصوره، ملتان ۽ ان جي مضافات جي ماڻهن جي ٻولي، سنڌي ۽ عربي آهي."(85)

مسعودي (16_ 1915ع) لکي ٿو تہ: "سنڌ جي زبان، هندستان کان مختلف آهي. سنڌ، اسلامي ملڪن سان قريب تر آهي. 'مهانگر' يعني 'ولڀراءِ' جي سلطنت جي تختگاه جي ٻولي 'ڪري' آهي. هيءَ انهيءَ طرف ۽ پسگردائيءَ جي زبان آهي، مگر ثقيل آهي. سامونڊي ساحل. 'چيمور'، 'سوپاره' ۽ 'تاڻي' وغيره جي ساحلي شهرن جي زبان 'لاڙي' آهي."(85)

بشاري مقدسي 980ع لکي ٿو تہ: "ديبل هڪ سامونڊي شهر آهي. هن سان هڪ سؤ ڳوٺ مليل آهن. هتي جا رهاڪو زياده تر هندو آهن. سمنڊ جو پاڻي طغيانيءَ جي وقت، شهر جي ديوارن سان اچي لڳندو آهي، هتي جا باشنده واپاري آهن. سنڌي ۽ عربي زبانون ڳالهائين ٿا."(86).

ابن نديم (995ع) لکي ٿو تہ: "سنڌ جي ماڻهن جون زبانون ۽ مذهب باهم مختلف آهن، ۽ رسم الخط متعدد آهن. هنن جا تقريباً بہ سؤ رسم الخط آهن. سنڌ جي ماڻهن وٽ 9 رسم الخط رائج آهن."(87)

ابن حوقل (942ع_ 959ع) لکي ٿو تہ:

"منصوره، ملتان ۽ آسپاس جي علائقن ۾ عربي ۽ سنڌي زبانون رائج آهن."(88)

اهي سڀ سياح، البيرونيءَ کان گهٽ ۾ گهٽ 61 سالن کان وٺي 161 سال اڳ آيا هئا. البيروني هن ڏس ۾ وڌيڪ وضاحت ۽ تفصيل سان لکيو آهي، ڇاڪاڻ تہ هڪ تہ هن کي سنڌ ۾ رهڻ لاءِ وڌيڪ وقت مليو هو ۽ ٻيو تہ هن جي اچڻ جو مقصد فقط مشاهدو ڪرڻ يا سير و سفر نہ هو بلڪ هو تحقيق ڪرڻ لاءِ آيو هو. هن سنڌ ۽ هند جي ماهرن، نجومين، ستارن جي علم جي ڄاڻوئن جي باري ۾ گهڻو ئي ڪجهہ ٻڌو هو. ۽ پڙهيو بہ هو. هُو خود بہ وڏو نجومي هو.

هن، سنڌ ۽ هند ۾، رسم الخط جي باري ۾، پنهنجي ڪتاب 'ڪتاب الهند' ۾ هڪ باب لکيو آهي. البيروني لکي ٿو تہ: "سنڌ ۾ هڏين تي لکڻ جو رواج ڪونهي، البت هت وڻن جي پنن ۽ چوڏن تي لکڻ جو رواج گهڻو آهي." (89) البيروني سنڌ ۾ لکت جي فن جي باري ۾ لکي ٿو تہ: "ڳالهائڻ واري ٻولي (tongue)، ڳالهائيندڙ جي خيالن کي ٻڌندڙن تائين پهچائڻ جو هڪ وسيلو آهي. انهيءَ عمل (ڳالهائڻ) کي ٿوري

عرصي لاءِ جٽاءُ رهندو آهي. اهوئي سبب آهي جو صدري علم (سيني بسيني ياد ڪرڻ وارو طريقو) ۽ تاريخي واقعا، وقت گذرڻ سان گڏ، پنهنجي اصلي اهميت وڃائي ويهن ٿا. ان ڪري انسان ذات، اهم واقعن ۽ علمي ڳالهين کي محفوظ رکڻ لاءِ لکڻ جو فن ايجاد ڪيو. (90)

البيروني لکي ٿو ته: "سنڌ جا ماڻهو ڪتاب کي 'پوٿي' (Pothi) ۽ 'پُستڪ' چوندا آهن."(91) هن جي خيال موجب، هندن، لکڻ جو فن وساري ڇڏيو هو پر پوءِ 'پاراسر' (Parasara) جي پُٽ، 'وياس' (Vyasa)، انهن جي الف ـ ب کي وري ايجاد ڪيو. جنهن ۾ پنجاهه اکر هوندا هئا. البيروني لکي ٿو ته: "اکرن کي هي ماڻهو 'اڪشر' (Akshara) چوندا آهن." (92) اهي ماڻهو کابي کان، ساڄي طرف لکندا آهن.(93) ليڪ ڪڍي ان جي هيٺ اکر لکن. ليڪ جي مٿان جيڪي نشان ڏيندا آهن، اهي وياڪرڻ جو مفهوم رکندا آهن.(94) هر خطي ۾ رسم الخط جو نمونو ۽ ان جو نالو الڳ آهي. اهو رسم الخط جيڪو گهڻو مشهور آهي، ان جو نالو 'سِڌ ماتريڪا' (Sidhamatrika) آهي، جيڪو ڪن ماهرن جي خيال موجب، ڪشمير ۾ ايجاد ڪيو ويو هو (95)، ۽ ڪشميرين جي استعمال لاءِ هو. پر اهو رسم الخط 'وراڻاسي' (Varansai)، 'مديه ديش' ۽ 'آريه وَرتَ' (ڪنوج جي چوڌاري وارو ملڪ) ۾ به ڪم آڻبو آهي. مالوا ۾ 'ناگر رسم الخط' استعمال ٿيندو آهي، جيڪو شڪل ۽ صورت ۾ "سِڌ ماتريڪا" کان ٻيءَ طرح آهي.(96) ٻيو رسم الخط 'ارڌناگري' (Ardhanagari)/ 'اڌناگري' آهي، جيڪو ڀاٽيا ۽ سنڌ جي ڪن حصن ۾ هلندو آهي.(97) اهڙيءَ طرح ڏکڻ سنڌ ۾ سمنڊ تائين، 'مالوَ شائو' (Malwashau) خطي ۾، 'مَلواري' (Malwari) رسم الخط ڪم ايندو آهي. اهڙيءَ طرح 'بهمنوا' يا 'المنصوره'، ۾ 'سئنڌوَ' (Saindhava) رسم الخط، ۽ 'لاڙي' رسم الخط، 'لاڙ ديش' ۾ هلندو آهي.(98)

**18- عربي ـ سنڌي رسم الخط:**

هن وقت تائين، سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ، عربي ـ سنڌي رسم الخط به رواج ۾ اچي چڪو هو. جنهن جي ابتدا گهڻو اڳ جاحظ، 864ع ڌاري ڪئي هئي، بلڪ ٿي سگهي ٿو ته ان کان به اڳ عربي سنڌي رسم الخط جي ابتدا ٿي چڪي هئي، پر هن ڏس ۾ البيرونيءَ تمام گهڻو ڪم ڪيو.

البيرونيءَ، سنڌي ٻوليءَ جا سوَن جي تعداد ۾ لفظ، عربي ـ سنڌي رسم الخط ۾ لکيا. ۽ انهن لفظن جي لکڻ لاءِ هن ڪيترائي نوان حرف/ اکر به جوڙيا، جيڪي عربي رسم الخط ۾ اڳ موجود ڪونه هئا. هن، علم نجوم، علم هئيت، علم رياضي، وياڪرڻ، شعر و شاعري، ڇند وديا، وقت جي ماپن جي سيڪنڊن،

منٿن لاءِ وڏو لفظي خزانو ۽ ماپا، ماپ، تور، وزن، سڪي، گهڙين، ڏينهن، راتين، مهينن، سالن، جڳن، ڪلپن لاءِ مقامي ٻوليءَ جا لفظ، عربي ـ سنڌي رسم الخط ۾ لکيا. البيرونيءَ، سنڌي ٻوليءَ جي خاص نج آوازن لاءِ عربي رسم الخط مان جيڪي ويجها حرف جوڙيا ۽ ناهيا، انهن جو تفصيل اڳتي ڏنو ويو آهي. هن، سنڌ جي وڻن ٻوٽن، ٻسارڪي وکرن، جڙين ٻوٽين جي لاءِ مقامي لفظ جهڙوڪ: 'ٿوهر' لاءِ 'توهر'، 'نم' لاءِ 'لِم' ۽ اهڙيءَ طرح 'ڏڙ' لاءِ ڪم ايندڙ لفظ 'دمڙ' کي 'رمڙ' جي صورتن ۾ لکيو. اهي لفظ ۽ نالا، هن کي سنڌ جي حڪيمن، طبيبن ۽ ماهرن کان معلوم ٿيا هئا يا ڪانئس اڳ لکيل مواد مان کيس مليا. جيڪي عباسي دور وارن حڪيمن، طبيبن ۽ماهرن لکيا هئا.

البيروني کان اڳ، الفزاري عالمن، سنڌي ٻوليءَ جا لفظ، عربي رسم الخط ۾ لکيا. جن ۾ دوائن جا نالا، ستين ڦڪين جا نالا ۽ ٻسارڪي وکرن جا نالا اچي وڃن ٿا. سنڌي رسم الخط ۾ لکڻ لاءِ البيرونيءَ، لفظن جي اصلي اُچارن جو خيال ضرور رکيو مثال طور سنسڪرت لفظ 'دويپ' (Dvipa) کي 'ديپ' يا 'ديبپ' لکيو. ان قسم جا لفظ پهريون دفعو عربيءَ ۾ لکيا ويا. انهيءَ ڪري خاص سنڌي آوازن لاءِ حرف هيٺ موجب ناهيا ويا:

| سنڌي آواز لاءِ | البيرونيءَ جو ناهيل سنڌي ـ عربي حرف | سنڌي لفظ | البيرونيءَ جا لکيل لفظ |
|---|---|---|---|
| ٻ | ب/ بهہ | ٻنگ | بنج |
| ڳ | گ/ڪ | برهم ڳپت/ ڳنگو | برهم گپت/ ڪنڪ |
| پ | پ | بيد پاءِ/ رُپا ڪُتي | بيدبا/ رُفاقطي |
| ٿ | ت | ٿوهر/ ڪٿوري | توهر/ ڪتوره |
| ڌ | دهہ | ڌاتورو/ ڌنو | دهطره/ دهن |
| ڻ | ن | وڻ/ مڻ | ون/ من |
| ڙ | ر | رمڙ | رمر |
| ڊ | در | ڊيپ | درب |
| ڏ | د | سَنڌ | سَند |
| ڏ | د | ڪوڏي | ڪُدوَ |
| ٻ | ب | ٻلهڻ | بولو |
| ٽ | ط/ ت | واٽو | واطر |
| جهہ | جهہ | سنجهر | صنجهل |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڳ | نک/ ن/ نگ | سگر/ هگ/ آگر | شنکر/هين/ انگل |
| ک | ڪش | اکر/ کن | اکشر/ڪش |
| ڪ | ک | کٽوري | کٽوره |
| ڄ | تيہ/ج | سچو/ پنج تنتر | ستہ/ پنج تنتر |
| ٿ | ست | وِٽي | وِٽسي |

**(ٿ) صوتي تبديليون:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| ج > | ي | جَوَ | يَوَ |
| ر > | ل | نَلوَ | نري |

’ش‘ بدلجي ’س‘ ٿيو ۽ ’س‘ بدلجي ’ه‘ ٿيو. مثال طور: ڪروش > ڪروهہ > ڪوهہ ۽ ’ر‘ حذف ٿي ويو. پوش > پوهہ > پو

اهڙيءَ طرح آخري حرف تي ’سُرَ‘ (Vowel) جي اُچار لاءِ فعل جي ڦيرن جو خيال بہ رکيو ويو هئائين. مثال طور:

بندُ    سنسڪرت وِنديا

لَنڪُ    سنسڪرت لنڪَ (Lanka)

گورُ    سنسڪرت گوري (Gauri)

هر لفظ جي آخر ۾ سُرَ جو نمايان هجڻ، سنڌي وياڪرڻ جي خاص خوبي آهي. هن دعويٰ لاءِ سخاؤ جي راءِ هڪ وڏو دليل آهي، جنهن ۾ هو لکي ٿو تہ سنڌي وياڪرڻ ۾ اچاتائين اها خوبي موجود آهي. ’اُ‘ پڇاڙي، سنڌيءَ جي ڪيترن ئي اسمن ۾ موجود آهي.(99)

ان وقت ’پانشالائون‘ (Schools) بہ هونديون هيون. پانشالائن ۾ ٻارن لاءِ ڪاريون ’تختيون‘ ڪم آڻيندا هئا، ۽ انهن (ڪارين تختين) تي لکڻ لاءِ تختين جي ڊيگهہ تي لکندا هئا، يعني تختيءَ کي ڊيگهہ واري طرف جهليو ويندو هو ۽ نہ ڪہ ويڪر واري طرف. ڪتاب جو عنوان، ڪتاب جي آخر (پڇاڙيءَ) ۾ لکندا هئا ۽ نہ ڪہ مُنڍ ۾ يا سِري تي.

**19- ماڻهو، رسمون ۽ رواج، تهذيب ۽ تمدن، لباس، رانديون ۽ وندرون:**

**(الف) هندن جون ذاتيون:**

البيرونيءَ جي اچڻ وقت، هندن جون چار ذاتيون هونديون هيون. منجهن ذات پات جو ويد ڀاو گهڻو هوندو هو. ذاتيون هي هيون:

(i) برهمڻ ـ مذهبي ڪريا ڪرم کان سواءِ، برهمڻ حڪمران بہ رهيا.

(ii) ڪشتري (کتري) ـ اهي فوج ۾ شامل هوندا هئا.

(iii) ويشيه_ اهي زراعت ۽ واپار جو پيشو ڪندا هئا.

(iv) شودر_ اهي برهمڻن جا نوڪر چاڪر ۽ خادم هوندا هئا.

**(ب) آباد قومون:**

(i) البيرونيءَ پنهنجي وقت ۾ اتر_ هند ۾ رهندڙ قومن ۽ قبيلن جا نالا ڏنا به آهن. ڪي نالا هي آهن:

'وهيلَڪَ'، 'وڏ'، 'واڻَ' (وائين)، 'آڀيرَ'، 'ڪَلَتويڪَ'، 'پهلَوَ 'ڪُرمڪنديڪَ'، 'گندارَ'، 'يَوَن'، 'سندّو'، 'سؤويرَ'، 'ساڪَ'، 'مَلا'، 'ڪوڊارَ'، 'ڪُليندا'، 'جَهنگلَ'، 'پَرَڏو'، 'دَسيرُڪَ' ۽ 'لمپڪَ' وغيره. اهي قومون اڄ به سنڌ ۾ آباد آهن. البت انهن جي نالن جي اُچارن ۾ توري گهڻي ڦيرگهير ٿي آهي.

(ii) اهڙيءَ طرح اولهه هند ۾ ان وقت جيڪي قومون آباد هيون، انهن مان ڪن جا نالا البيرونيءَ جي لکڻ موجب هي آهن:

'مَلَدَ'، 'ڪَرُوش'، 'ميڪل'، 'اُتڪل'، 'سَرن'، 'پوڄ'، 'ڪِشڪند'، 'ڪوسَلَ' (ڪوشَلَ)، 'تريپُرَ'، 'وَئِدِڪَ'، 'نُمَبرَ'، 'پَدَ'، 'هُنَ'، 'مَلَو'، 'ڪيرت' ۽ 'تَمَر'.

(iii) ڏکڻ_ اولهه هند ۾ آباد قومون:

'ڪچل'، 'اروشت'، 'پَرَسو'، 'بربر'، 'ڪِرتَ'، 'ڪنڊ'، 'آڀيرَ'، 'چنچڪ'، 'سِندو'، 'ڪَلڪَ'، 'درَميڊَ'، 'ناريمُکَ' (زالن جي چهري وارا مرد).

**(ت) لباس:**

(i) البيروني لکي ٿو ته مرد مٿي تي پڳ ٻڌن. 'ڪرتو' (Kurtaka) ۽ شلوارون به پائين. شلوارون ايڏيون ته ڊگهيون پائين جو سندن پير به ڍڪڻ ۾ ڪونه ايندا آهن. ڪرتو ڊگهين ٻانهن سان پائين. زالون گهڻو ڪري 'پهراڻ' پائين. مرد 'جٽيو' به پائين. مرد، سينگار جو سامان (Cosmatics) به ڪم آڻين. مرد ڪنن ۾ 'ڪيوٽيون' (ڪن جو زيور)، ٻانهن ۾ 'چوڙا' ۽ سون جون 'مُهرون' (Seals) مُنڊيءَ طور پائين مرد، 'ڪڙيون' به پائين، ۽ چيلهه سان، ساڄي طرف خنجر (ڪٽار) ۽ ڪَنا' ٻڌن. بدن جا وار ڪونه ڪوڙين (لاهين). مٿي جا وار انهيءَ ڪري ڪونه ڪوڙين جو وار ڪين. 'اُس' جي تپش کان بچائيندا آهن.(100) هُو مُڇون به رکن. ننهن وڏا رکن. مٿي جي وارن کي ڪنهن ۽ انهن مان جونءَ به ڳولهين. وهنجڻ مهل پهرين پيرن کان شروع ڪن ۽ پوءِ منهن ڌوئن.

(ii) مرد، پنهنجن زالن سان، هر ڳالهه لاءِ صلاح مشورو ڪن. پٽ جي جمڻ تي خوش ٿين ۽ ڌيءَ جي جمڻ تي رنج ٿين.

(iii) ٻئي ڪنهن جي گهر وڃڻ مهل، اندر گهڙڻ لاءِ ڪاڻ اجازت ڪانه وٺن. پر وڃڻ مهل اجازت گهرن. ڪچهرين ۽ گڏجاڻين ۾ پلٿي ماري ويهن. هو ٿُڪ ٿڪ (ٿڪيندا رهندا) ڪندا رهندا آهن. ۽ سنگهه به ڪيڏندا رهندا آهن. سنگهون ۽ ڪانگهارا اُڇليندا رهندا آهن.

**(ث) شادي:**

مرد، چار شاديون ڪري سگهن، ۽ هڪ ئي وقت چار زالون رکڻ جي کين اجازت هوندي آهي، پر عورت کي سندس مڙس جي مرڻ کان پوءِ بہ شادي ڪرڻ جي اجازت ڪانہ هوندي آهي. شاديءَ لاءِ قانون آهن، جنهن موجب برهمڻ چار زالون رکي سگهي ٿو ڪتري ٿي زالون، وئش بہ زالون، ۽ شودر کي هڪ زال رکڻ جي اجازت هوندي آهي. هر قوم جي مرد کي فقط پنهنجي ذات يا قوم مان ئي شادي ڪرڻ جي اجازت هوندي آهي. پنهنجيءَ ذات کان ٻاهر، پنهنجي ذات کان هيٺ درجي واريءَ عورت سان بہ شادي ڪرڻ جي منع هوندي اٿن.

ٻار، ماءُ جي ذات سان شمار ٿيندو آهي ۽ نہ ڪہ پيءُ جي ذات سان. برهمڻ زال مان پيدا ٿيل ٻار برهمڻ سڏبو آهي، شودر زال مان ڄاول ٻار شودر سڏبو آهي. البيرونيءَ عورت جي پاڪائيءَ ۽ ناپاڪائيءَ لاءِ ڏينهن ۽ عرصي جو بہ ذڪر ڪيو آهي.

**(ج) کاڌي کائڻ جون رسمون:**

(i) هندو ماڻهو هڪ دسترخوان تي ويهي گڏجي کاڌو ڪونہ کائين. پر الڳ الڳ ۽ اڪيلا اڪيلا کائين.(101) بچيل کاڌو ڪونہ کائين. نہ ڪر جا برتن، کاڌي کائڻ کان پوءِ اُڇلائي ڇڏيندا آهن. هو پان ۽ سوپاري شوق سان کائيندا آهن. انهيءَ ڪري سندن ڏند ڳاڙهائڻ تي مائل هوندا آهن. ماني کائڻ کان اڳ ٻهرين شراب پيئندا آهن. هو ڳئون جي پيشاب مان سُرڪيون ڀرين. پر ان (ڳئون) جو گوشت ڪونہ کائين. (102)

(ii) کاڌي پيتي جي سلسلي ۾ بہ هي ماڻهو قانون جي پابندي ڪندا آهن. ڪن جانورن جي گوشت کائڻ جي اجازت هوندي اٿن ۽ ڪن جي کائڻ جي اجازت ڪانہ هوندي اٿن. هندن جي نظر ۾ اهي جانور جن جي مارڻ ۽ کائڻ جي اجازت هوندي آهي، اهي آهن:

رڍ، ٻڪري، هرڻ، سهو گينڊو، مينهن، مڇي، پاڻيءَ ۽ سُڪيءَ جا پکي، جهڙوڪ: جهرڪي، ڪبوتر، ڳيرو، مور ۽ ٻيا جيڪي مڪروهہ نہ آهن، ۽ زهريلا بہ نہ آهن.

اهي جاندار جن جي کائڻ جي کين اجازت ڪانہ هئي، اهي هئا:

ڳئون، گهوڙو، گڏهہ، خچر، اُٺ، هاٿي، پالتو ڪڪڙ، ڪانءُ، طوطو بلبل ۽ هر قسم جا بيضا.

هي ماڻهو گهوڙي تي سنج رکڻ کان سواءِ سواري ڪندا آهن، پر جيڪڏهن سنج رکن تہ پوءِ گهوڙي تي ساڄي پاسي کان چڙهن.

هڪ ٻئي کي ڪا شيءِ ڏيڻي هوندي اٿن تہ اُها اُڇلائي ڏين:

**(ح) راند يون ۽ وندرون:**

سنڌ جا ماڻهو رانديون ۽ وندرن جا شوقين آهن. شطرنج (Chess) هنن جي مقبول راند آهي. هن راند ۾ مهرا، هاٿي، گهوڙا، سوار، پيادا ۽ وزير جي صورت ۾ ٿين. راند ڪرڻ مهل هاٿيءَ کي سڌو هلائين ۽ اُن کي ٻين پاسن ڏانهن ٽپائين جيئن پيادي کي ٽپائبو آهي.(103) البيرونيءَ هن راند (شطرنج) جو خاڪو ۽ نقشو بہ ڏنو آهي.(104)

ٻي ونڊ جهانجهه (ساز) وڄائڻ آهي. (105) هي ماڻهو شڪار جا به شوقين آهن. خاص ڪري 'سرهه' (Ibex) جو شڪار شؤق سان ڪن.

**20- مذهب:**

البيرونيءَ سنڌ جي ذڪر ۾ ذڪر اولهه ۾ لنگ ۽ ٻتن جي پوڄا جو به ذڪر ڪيو آهي. هن جي بيان موجب، هندو ڌرم ڪان سواءِ هت 'شِوِپنٿ' ۽ 'وشنوپنٿ' جا مڃيندڙ به رهندا آهن. انهن پنٿن جي باري ۾ به هن گهڻو ڪجهه لکيو آهي.

البيرونيءَ پنهنجي دؤر ۾ برهمڻن کي زور ڏنو. ان وقت ٻڌن جو زور ختم ٿي چڪو هو. حالانڪ راءِ سهاسيءَ جي حڪومت تائين سنڌ ۾ ٻڌمت سرڪاري مذهب هو. يارهين صدي عيسويءَ جي پهرئين اڌ تائين ٻڌمت جا اثر وچ- ايشيا، خراسان، افغانستان، اُتر- اولهه هندستان ۾ ختم ٿي چڪا هئا. هن (البيرونيءَ) کي ٻڌمت جي باري ۾ گهڻي معلومات ملي ڪانه سگهي. ۽ سنڌس ڪتاب ۾ به ٻڌمت ۽ ٻڌن جي باري ۾ گهڻي معلومات ڏنل ڪانهي. هن، البت ٻڌمت جي عالمن ۾ وياڪرڻي چندر، علم هئيت جي ماهر، سُگرٿي (Sugriva) ۽ ان جي چيلن (شاگردن) جا نالا ڏنا آهن.

البيروني لکي ٿو ته عرب عالمن، ٻڌمت وارن کي 'شَمَني' (Shamaniyya) سڏيو آهي. اهو لفظ هن جي خيال موجب، پراڪرت جي سنسڪرت روپ، 'سرمن' (Sramana) تان ورتو ويو آهي. البيروني لکي ٿو ته: "سنڌ جي شهرن ۾، مسلم فاتح وٽ حملي دوران صلح جي ڳالهين لاءِ 'سرمنن' (Sramanan) يعني ٻڌمت وارن کي موڪليو ويو هو." هن جي خيال موجب ان مان ظاهر ٿو ٿئي ته 710ع ڌاري، يعني محمد بن قاسم جي حملي ۽ فتح کان اڳ، سنڌ ۾ ٻڌمت جا پيرو رهندا هئا. اهي بااثر هئا ۽ برهمڻ راڄ جي خلاف هئا.

**21- هندن جا عقيدا، ڀرم ۽ سنسا:**

هندو ماڻهو جيئن اڄ به پنهنجا خاص خاص عقيدا رکن ٿا تيئن البيرونيءَ به کين سندن عقيدن ۾ پختو محسوس ڪيو. جيئن هو موجوده وقت به ڌار ڌار مهينن ۽ ڏيهاڙن جي لحاظ کان ورت رکندا آهن، تيئن ان وقت به ڪنهن شڪا ۽ مانتا طور ورت رکندا هئا.

البيرونيءَ هن سلسلي ۾ تمام گهڻي وضاحت سان لکيو آهي. هندن جو عقيدو هو ته: (106)

(1) چيٽ جي مهيني ۾ ورت رکڻ سان، دولت ۾ اضافو ٿيندو ۽ ٻار نيڪ ٿيندا.

(2) ويساک جي مهيني ۾ ورت رکڻ سان، ورت رکندڙ پنهنجي قبيلي جو سردار ٿيندو.

(3) جيٺ جي مهيني ۾ ورت رکڻ سان، ورت رکندڙ عورتن جي نظر ۾ پسنديده ليکبا.

(4) آڪاڙ جي مهيني ۾ ورت رکڻ سان، دولت هٿ ايندي
(5) سانوڻ جي مهيني ۾ ورت رکڻ سان، ڏاهپ، عقل ۽ سياڻپ حاصل ٿيندي
(6) بڊي جي مهيني ۾ ورت رکڻ سان، تندرستي، مال، ڌن ۽ دولت ملندي
(7) آسوءَ جي مهيني ۾ ورت رکڻ سان، دشمنن تي ڪاميابي حاصل ٿيندي
(8) ڪتيءَ جي مهيني ۾ ورت رکڻ سان پنهنجن ماڻهن جي نظرن ۾ مقبول ٿبو ۽ مَن جون مرادون حاصل ٿينديون
(9) ناهريءَ جي مهيني ۾ ورت رکڻ سان، ورت رکندڙ حسين، دلڪش ۽ زرخيز ملڪ ۾ ٻيو جنم وٺندا.
(10) پوهه جي مهيني ۾ ورت رکڻ سان، اعليٰ منزل ۽ مراد ماڻبي.
(11) مانگهه جي مهيني ۾ ورت رکڻ سان، بي انداز دولت حاصل ٿيندي
(12) ڦڳڻ جي مهيني ۾ ورت رکڻ سان خوشحال رهبو.

## 22_ ڏهاڙا ۽ جشن:

(الف) اهڙيءَ طرح هندو ماڻهو الڳ الڳ مهينن ۽ موقعن تي، ڏهاڙا ۽ جشن ملهائيندا آهن. مثال طور:(107)

(i) چيٽ جي چنڊ رات، وسنت جو جشن ملهايو ويندو آهي. اهو جشن عورتن لاءِ هوندو آهي. ان ڏينهن تي اُهي ڳهڻا پائينديون آهن ۽ پنهنجن مڙسن کان تحفا ۽ سوکڙيون گهرنديون آهن.

(ii) چيٽ جي 22 تاريخ تي پاڳوتي ديويءَ جو جشن ملهائيندا آهن. ماڻهو وهنجي سهنجي خيراتون ڪندا آهن.

(iii) ويساک جي 3 تاريخ تي، عورتن جو جشن ملهايو ويندو آهي. هن جشن جي موقعي تي 'گوَري ديويءَ' (گوَري مهاديوَ جي زال، هِمَونت جبل جي ڌيءَ) جي پوڄا ڪئي ويندي آهي. عورتون ڏيئا ٻارينديون آهن، پر ڪنهن شيءِ جي کائڻ کان پرهيز ڪنديون آهن.

(iv) ويساک جي ڏهين تاريخ تي آتشبازي ڪئي ويندي آهي. گويا 'ويساکي ميلو' رچايو ويندو آهي.

(v) هندن وٽ باهه تي قرباني ڏيڻ جي رسم هلندي آهي. گهوڙيءَ کي چڙواڳ ڇڏي ڏيندا آهن. تہ جيئن اها آزاد گهمي. کتري (سولجر)، گهوڙي تي سواري ڪري سگهندا آهن. گهوڙي کي دنيا جو حڪمران سمجهندا آهن.

البيروني لکي ٿو تہ، ڌرم ۽ ڌرمي رسمن کان سواءِ هي ماڻهو ٽوڻن ڦيڻن ۾ گهڻو ڀروسو ڪن. ٽوڻن ڦيڻن ۽ ڏاڳن ڏورين کان سواءِ هنن ماڻهن وٽ 'ڪاري علم' (Witchcraft) جو بہ گهڻو رواج آهي. جيتوڻيڪ هي ماڻهو طب، دوائن ۽ سُٽين ڦڪين واري علاج ۾ مهارت رکندا آهن. تنهن هوندي بہ هو جهاڙن ڦوڪن، منڊن ۽ منترن ۾ بہ يقين رکن. نانگ جي 'ڏنگجڻ' ۽ 'ڪکجڻ' جي حالت ۾ جوڳيءَ وٽ منتر ۽ منڊ لاءِ وڃن، انهن کان جهاڙون پڙهائين ۽ ڦوڪون وجهرائين.

### 23. قصا ۽ ڪهاڻيون:

البيروني ۽ مهاديو جو قصو بہ بيان ڪيو آهي. مهاديو هڪ طاقتور ۽ ڏئيت حاڪم، 'هرٽا ڳش' جي ڌيءَ، 'دڪش' (Dkish) سان شادي ڪئي. قصن ۽ ڪهاڻين جي سلسلي ۾ 'پنج تنتر' مشهور ڪتاب هو.

### 24. اختتام:

البيرونيءَ جي سيني ڪتابن جي جائزي وٺڻ جي ضرورت آهي. خاص ڪري البيرونيءَ جهڙي محقق جي ڪتابن ۾ ڄاڻايل هرهڪ موضوع تي موجوده وقت ۽ ان وقت جي علمي حالت جي تقابلي مطالعي ۽ کوجنا ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسان جي ماهرن کي اهو تجزيو ڪرڻ گهرجي تہ گذريل هڪ هزار سالن ۾ سنڌ ڇا وڃايو آهي ۽ ڇا حاصل ڪيو آهي؟ ڪهڙن ڪهڙن موضوعن ۾ اسان پنهنجي علم ۽ ڄاڻ کي جاري رکيو آهي، انهن ۾ ترقي ڪئي آهي، ۽ ڪهڙن ڪهڙن موضوعن ۾ اسين بلڪل پٺتي رهجي ويا آهيون. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ سنڌ ۾ هر دور ۾ عالمن، فاضلن، ماهرن، مؤرخن، سائنسدانن، علم التاريخ جي سچاڻن جي کوٽ ڪانہ رهي آهي. سنڌ، بين الاقوامي شهرت يافتہ سياستدان، قانوندان، تعليمي ماهر ۽ مؤرخ پيدا ڪيا آهن، پر ان هوندي بہ ڪن علمن جهڙوڪ: علم نجوم، علم هئيت، چند وديا، علم اللغت، لسانيات، وياڪرڻ، علم رياضي، علم طب، طبابت ۽ اهڙن بين علمن ۾ اسين سڀ ڪجهہ وڃائي چڪا آهيون. سنڌي سنبت/ سن جي رکجي وڃڻ جو سبب ڪهڙو هو؟ اڄ ڪيترا عالم هن وقت بہ ان کان واقف آهن؟ علم عروض جا ماهر تہ پيدا ٿيا، پر چند وديا جو علم اسان کان ڇڏائجي ويو. هن علم ۾ تسلسل پيدا ٿي نہ سگهيو. اسان وٽان جڙين ٻوٽين جا ماهر بہ گم ٿي ويا. اڄ سوچڻ جهڙي ڳالهہ هيءَ آهي تہ ڪي ڪنيار هڏين جي جوڙڻ واري علم ۾ اڄ بہ مهارت رکن ٿا، چور وار ڪيڻ لاءِ هاڻ فقط ڪي حجام ئي مهارت رکن ٿا، ڪي ڊاڪٽر ۽ ماهر حڪيم بہ موجود آهن. جيڪي پٿريءَ جي بيماريءَ، موڪن جي بيماريءَ، ڪاري سائيءَ جي بيماريءَ ۽ ٻين خاص خاص بيمارين ۾ مهارت رکن ٿا. اسان وٽ ڪي اهڙيون دايون بہ موجود آهن، جيڪي گائناڪالاجيءَ (يعني زنانين بيمارين) ۾ مهارت رکندڙ ڊاڪٽرياڻين کان بہ وڌيڪ ڄاڻ رکن ٿيون. نڪتن ۽ سيارن جا سڃاڻيندڙ هاري ۽ مالدار هاڻ موجود نہ آهن. ماهر ٻيڙياتا ۽ ميربحر بہ نہ رهيا آهن. جيڪي انهن نڪتن جي مدد سان، هوا يا طوفان جي باري ۾ پيشنگوئي ڪرڻ ۾ ماهر هجن. اسان وٽ جانورن جي بيمارين جا ماهر پاڳيا بہ موجود نہ رهيا آهن. جڙين ٻوٽين جا ڄاڻو پساري بہ هي جهان ڇڏي ويا. هاڻ اهي ٻڍڙيون ئي نہ آهن جيڪي گهرو علاج ۾ مهارت رکنديون هيون. ۽ ٻارن جي بيمارين کي سڃاڻي سگهنديون هيون. نانگن بلائن جي ڏنگ جون علاج ڪندڙ ڦوڪون، جهاڙون ۽ منتر پڙهندڙ جوڳي بہ رهيا نہ آهن. پر جيڪي ڪجهہ باقي بچيو آهي انهيءَ ساري مواد کي هاڻ ڪير سموهي، ڪير گڏ ڪري، ۽ ڪير ان تي تحقيق ڪري؟ اهو هڪ اهم سوال آهي؟ هن ڏس ۾ سوچڻ ۽ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

## ببليوگرافي:


1- Thadhani, T.S, 1948, An Article, The Lohanas, Sind Historical Society, Vol: VIII, No: 3, January

2_ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1977ع، لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 170

3_ نڪر هيرو: قاضي قادن جو ڪلام، 1987ع، دهلي: پوجا پبليڪيشنس

4_ ڇڳاڻي جهمو: مقالو سنڌي ساهت جو هڪ لڪل ورق(پراڻ ناٿ جون 524 چوپايون)، سماهي مهراڻ، نمبر 1/ 1990ع (جنوري_ مارچ) ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 1990ع، ص 106 کان 114

5_ ميمڻ سراج الحق: مقالو ماهنامہ نئين زندگي، ڪراچي: پاڪستان پبليڪيشن

6- Sachau, E.C. Dr., 1962, Alberuni's India, English Edition, Vol. I, Lahore: Govt of Pakistan, preface, P.IX

7_ جاحظ: رسالتہ فخرالسودان علي البيضان، 1960ع، اردو ترجمو، هندستان عربون کي نظر مين، جلد اول، اعظم ڳڙه: دارالمصنفين، ص ص 4_ 7

8- Ref: 6, Vol: ii, p. 350

8_ علي ڪوفي: 1954ع، فتح نامہ سنڌ عرف چچ نامو، مترجم: مخدوم امير احمد (تشريح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ٻهريون ايڊيشن، ص 40

9_ ايضاً، ص 47

10_ ايضاً، ص 74

12- Ref: 6, Vol: I, p.25

13- Alberuni: 1973, Ghurrat-al-Zijat of Kirana Tilaka, Originally wnitten by Bijayanand of Benares, translated by prepared for publication by Dr. N. A Baloch,. Jamshoro: I nstitute of Sindholoagy, p.15

14- Ibid, p.15

15_ البيروني لکي ٿو تہ: "سنڌ جي فاتح محمد ابن القاسم جو بهترين عرصو 707ع کان 714ع تائين هو پر سنڌ ۾ اسلام جو پيغام هن جي فتح (712ع) کان 32 سال اڳ، يعني 680ع ڌاري پهچي چڪو هو-ڏسو سخاؤ حوالو نمبر6، جلد2، ص.350.

16- Ref 6, Vol: I, pp. 13, 14, 16
17- Ibid, p. 15
18- Ibid. preface, XXXIV
19- Ref: 6, Vol: I. p.35
20- Ibid, Vol, I
21- Ibid. Vol. I, p.413
22- Ref: 13, p.18
23- Ref: 13, p.33
24- Ref: 6, Vol: II, pp. 13& 499
25- Ref: 13, p.22
26- Ref: 6, Vol: II, pp. 12 & 13
27- Ref: 13. p.22
28- Panhwar, M. H, 1983, Chronological Dictionary of Sindh, Jamshoro: Institute of Sindhology, p.114

29ـ آڏواڻي ڀيرومل، 1956ع، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حاشيو حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ص 55

30ـ ايضاً

31- Ref: 6, Vol: II, p.428
32- Ibid.
33- Ibid., I, 429
34- Ref: 27, p. 172
35- Ibid., p. 172

36ـ البيرونيءَ، ’گنگو‘ جو نالو ’ڪنڪ‘ لکيو آهي. سخاؤ هن لاءِ (Kanikku) پڙهڻيءَ جي سفارش ڪري ٿو ڇوته اهو سنسڪرت لفظ ’ڪنشڪ‘ ٿي سگهي ٿو پر اهو لفظ گنگو آهي، جيڪو عباسي خليفن جي دربار جو هڪ وڏو طبيب هو.

37- Ref: 6
38- Ibid

39ـ بزرگ بن شهريار عجائب الهند، اردو ترجمو جلد اول، ص 101

40- Ref: 6, Vol: I. p.500
41- Ibid, Vol: I. p.35
42- Ibid, p.34
43- Ibid, p. 28
44- Ibid., p26 Also see ibid, Vol: II. pp. 11, 12 and 498
45- Ibid., p.40
46- Ibid, p. 50
47- Ibid. p. 25
48- Ibid.. p. 156
49- Ibid
50- Ibid
51- Ibid., Also see: Ibid. Vol: II. P. 400

52_ بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: 1980ع، سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ڇاپو ٻيو حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز، ص 76
53_ ايضاً، ص 78
54- Ref: 6. Vol: I, p. 46
55- Ibid, 6. Vol: I, p. 182
56- Ibid., Vol: I. p. 184
57_ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 1977ع، سنڌي نثر جي تاريخ، ڇاپو ٻيو، حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز، ص 3 ۽ 4
58_ ايضاً، حوالو ص 170
59_ سنڌيلو عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 1986ع، لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 450
60_ ايضاً، ص ص 44 ۽ 45
61_ ايضاً
62_ ايضاً
63_ سحر امداد
64_ ايضاً
65- Ibid., p. 186
66- Ibid. p. 193
67- Ibid., Vol: II, p. 421
68- Ibid., Vol: I, p. 215
69- Ibid., Vol: I, p. 233
70- Ibid, Vol: I, p. 238
71- Ibid, Vol: I, pp. 235 & 237
72- Ibid., Vol: II, pp. 265. 476 and 559
Also see: Trumpp. E. A Grammar of Sindhi Language, pp. 158 & 174
73- Ref: 6. Vol: I, p. 216
74- Ibid., Vol: I, p. 221
75- Ibid., Vol: I, pp. 219, 220 & 221
76- Ibid., Vol: I, pp. 223 & 224
77- Ibid., Vol: I, pp. 448, 449 & 450
78- Ibid. Vol: I, pp. 498. 499

79_ جاحظ, / حوالو 7

80_ اصطخري: المسالک الممالک: اردو ترجمو هندوستان عربون کي نظر مين. جلد اول. ص 375

81_ ابوالحسن مسعودي، مروج الزهب و معاون الجوهر. حوالو ڏنل آهي. جلد اول. ص ص 288_ 289

82_ بشاري مقدسي: احسن التقاسيم. ايضاً. ص ص 385_ 386

83_ ابن نديم: الفهرست. ايضاً. جلد دوم. 1922ع. ص ص 3 _4

84_ ابن حوقل

85- Ref: 6
86- Ibid
87- Ibid
88- Ibid
89- Ref: 6. Vol: I. p. 229
90- Ibid., Vol: I, p. 228
91- Ibid., Vol: I, p. 230
92- Ibid.
93- Ibid., Vol: I, p. 231
94- Ibid., Vol: I, p. 2321
95- Ibid.
96- Ibid., VolL I,
97- Ibid, Vol: I.
98- Ibid.
99- Ibid., Vol: II, p. 345
100- Ibid., Vol: I, p. 241
101- Ibid.
102- Ibid., Vol: I. p. 242
103- Ibid., Vol: I. p. 245
104- Ibid., Vol: I. p. 246
105- Ibid., Vol: I. p. 242
106- Ibid., Vol: II. pp. 233- 234
107- Ibid., Vol: II, pp. 240- 243

# پاڪستان ۾ قومي ٻوليءَ جو مسئلو

### 1_ قوم ڇا آهي؟

بين الاقوامي ماهرن جي راءِ موجب، ان سماجي گروهہ جي دائمي ميڙ کي 'قوم' سڏي سگهجي ٿو جيڪو گروهہ:

(i) ساڳئي ملڪ ۾ رهندو هجي،

(ii) ساڳي ٻولي ڳالهائيندو هجي،

(iii) اُن سماج ۾ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، اُٿڻي ويهڻي ۽ ريتيون رسمون بہ لڳ ڀڳ هڪجهڙيون هجن،

(iv) سندن رهڻ جون جاگرافيائي حدون بہ ساڳيون هجن،

(v) اُن قوم جون تاريخي روايتون بہ ساڳيون هجن،

(vi) اُن جا ثقافتي قدر بہ ساڳيا هجن؛

مطلب تہ ڪنهن قوم لاءِ ساڳي ٻولي، ساڳيو وطن، ساڳي ثقافت ۽ اُن قوم جا سياسي مفاد ۽ اُن جا ثقافتي ۽ سماجي قدر پڻ ساڳيا ئي هئڻ ضروري آهن.

### 2_ ٻولي:

جديد لسانيات جي ماهرن جي راءِ موجب:" ٻولي، سماجي گروهہ ۾ هڪ ٻئي سان تعاون ۽ هڪ ٻئي سان ڪار وهنوار لاءِ انسان ذات جي وات مان نڪتل آوازن جو هڪ سرشتو آهي."

لسانيات جي جڳ مشهور ماهر، بلو مفيلڊ جي اها بہ راءِ آهي تہ، "هڪ انسان، سماجي ۽ معاشي معاملن ۾، ٻوليءَ تي گهڻو مدار رکي ٿو. ٻوليءَ کان سواءِ ڪنهن بہ انساني معاشري کي سمجهڻ مشڪل هوندو آهي. ٻوليءَ ذريعي ئي هڪ انسان جي 'طلب يا تحرڪ' جو ڪو ٻيو انسان 'جواب' ڏئي ٿو. ٻوليءَ ۾ ئي ڪنهن قوم جي تهذيب ۽ ثقافت جون پاڙون کُتل هونديون آهن. هر ٻوليءَ جي تاريخ جي پس منظر ۾، اُن ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙ قوم جي تاريخ جا اُهڃاڻ موجود هوندا آهن. اهوئي سبب آهي جو انسان ذات جي گروهن، ٽولين ۽ ميڙن جي مطالعي لاءِ لازمي آهي تہ اول اُن گروهہ، اُن ميڙ يا اُن قوم جي ٻوليءَ جو مطالعو ڪجي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو چاهي تہ هو ڪنهن قوم جي طور طريقن، ۽ اُن قوم جي تهذيب، ثقافت ۽ تاريخ جو اونهو اڀياس ڪري تہ ان کي گهرجي تہ اول اُن قوم جي ٻوليءَ جو باقاعدگيءَ سان مطالعو ڪري."

مطلب تہ ڪنهن بہ سماجي گروهہ يا قوم لاءِ ڪنهن ٻوليءَ جو هجڻ ضروري هوندو آهي. ۽ ساڳئي وقت، ڪنهن بہ ٻوليءَ جي بقا ۽ بچاءَ لاءِ اُن ٻوليءَ جي سماجي گروهہ يا قوم جو هجڻ ضروري آهي.

### 3. قومي ٻولي ڪهڙيءَ ٻوليءَ کي چئبو آهي؟:

ماهرن جي بيان ڪيل وصف موجب، قومي ٻولي، اُن ٻوليءَ کي چوندا آهن، جيڪا، ڪا قوم يا قوميت، پنهنجي سماجي زندگيءَ جي روزمره جي وهنوار ۽ ڪاروبار ۾ استعمال ڪندي هجي.

اردو ٻوليءَ جي هڪ نادان دوست، ڊاڪٽر عبدالرحيم پراچا، روزانہ جنگ اخبار (مؤرخہ 8_7_1970ع)، صفحي 3 ۾، اردو ٻوليءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي مڃرائڻ جي سلسلي ۾، قومي ٻوليءَ جون جيڪي خاص خاص خصوصيتون بيان ڪيون آهن، اُهي هي آهن:

(i) ملڪ جي اڪثريت، اُن ٻوليءَ کي سمجهي سگهندي هجي ۽ ڳالهائي سگهندي هجي.

(ii) جيڪا ٻولي،اُن قوم کي پنهنجن ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ ملي هجي،

(iii) جنهن ٻوليءَ ۾، اعليٰ کان اعليٰ تعليمي، دفتري ۽ عدالتي ڪاروبار آسانيءَ سان هلائي سگهجي،

(iv) جيڪا ٻولي اُن قوم جي اُمنگن، جذبن تهذيب، ادب، مذهب ۽ شاعريءَ جو مظهر بڻجڻ جي اهليت رکندي هجي

(v) جيڪا ٻولي ڪنهن دشمن ملڪ جي زبان نہ هجي،

(vi) جنهن ٻوليءَ جي وسعت جو ميدان، محدود نہ هجي، يعني اُها ٻولي دنيا جي ٻين ٻولين جي لفظن ۽ اصطلاحن کي پاڻ ۾ مدغم ڪرڻ جي پوري اهليت رکندي هجي.

(vii) جنهن ٻوليءَ کي دنيا جي ٻين قومن جي سامهون پنهنجي قومي ٻولي ڪوٺيندي، فخر سان پيش ڪري سگهجي.

ڊاڪٽر پراچا جو رايو آهي تہ جنهن ٻوليءَ ۾ مٿي بيان ڪيل ڳالهيون نہ هجن تہ اها ٻولي، قومي ٻولي سڏائڻ جي حقدار نٿي ٿي سگهي.

حقيقت ۾، ڊاڪٽر پراچا صاحب، قومي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ هڪ اهم نقطو ڇاڙي واٽي ڇڏي ويو آهي: اهو نقطو هي آهي تہ: "قومي ٻولي اها ٿي سگهي ٿي جيڪا اُن ملڪ جي نسل مان هجي ۽ جنهن جو وطن بہ اهوئي هجي. جتي اُن ٻوليءَ کي قومي ٻولي مقرر ڪيو وڃي. هي نقطو قومي ٻولي ۽ سرڪاري ٻوليءَ ۾ فرق ڏيکاري ٿو.

### 4. پاڪستان هڪ گهڻ قومي ملڪ آهي:

سوال هي ٿو پيدا ٿئي تہ مملڪت پاڪستان جا جملي ماڻهو هڪ قوم آهن يا اُهي ڌار ڌار قوميتن جو هڪ ميڙ آهن؟ اڃا بہ هڪ اهم سوال هي آهي تہ پاڪستان هڪ وحداني مملڪت آهي يا وفاقي؟

انهن بنهي سوالن جا جواب، پاڪستان جي 23، مارچ، 1940ع جي لاهور واري ٺهراءَ مان ملي سگهن ٿا. حقيقت ۾ پاڪستان، مختلف لساني ۽ رياستي علائقن توڙي مختلف تهذيبن ۽ تمدني روايتن ۽ مختلف تاريخي حقيقتن تي مشتمل هڪ وفاقي ملڪ آهي. هن ملڪ ۾ ڪئين قومون آباد آهن، جن جي رهڻي ڪهڻي مختلف آهي، جن جو لباس مختلف آهي، جن جي تهذيب ۽ تمدن مختلف آهي، جن جي سوچ ۽ فڪر جو انداز مختلف آهي. انهيءَ ڪري انهن ڳالهين جي آڌار تي، ۽ 'قوم' جي مٿي بيان ڪيل وصف جي روشنيءَ ۾، جيڪڏهن ڪو سماجي گروهه يا ڪي سماجي گروهه، ٻوليءَ، تهذيب ۽ تمدن توڙي ريتين رسمن وغيره جي ڪري هڪ ٻئي کان الڳ الڳ آهن، يا هڪ ٻئي سان علحدگي رکن ٿا، ۽ هڪ ٻئي کان مختلف آهن ته پوءِ اهڙي هر سماجي گروهه کي هڪ ڌار قوم سمجهڻ گهرجي. انهيءَ دليل جي آڌار تي، مملڪت پاڪستان اندر ماڻهن مان، سنڌي هڪ ڌار قوم آهي، پنجابي هڪ ڌار قوم آهي، ۽ اهڙيءَ طرح سرائڪي، بلوچ، پختون، بروهي، شين، هندڪو بروش ۽ چترالي وغيره الڳ الڳ قومون آهن، جن جون ريتيون ۽ رسمون الڳ الڳ آهن، جن جو لباس ۽ رهڻي ڪهڻي الڳ الڳ آهي، جن جون ٻوليون الڳ الڳ آهن، جن جون ٻوليون،، علم ادب ۽ مطالعي جا دفتر آهن. جيڪي گوناگون خوبين ۽ خصوصيتن سان ڀريل آهن. دراصل 'پاڪستان انهن مڙني قومن جي ثقافت وارن گلن مان جُڙيل هڪ گلدستو آهي.'

پاڪستان، جدا جدا قومن تي مشتمل هڪ ملڪ آهي. اُن مان هر قوم کي پنهنجي ڌار ٻولي آهي، پنهنجو ڌار ڌار جاگرافيائي خطو آهي، پنهنجي پنهنجي تهذيب ۽ پنهنجي پنهنجي ثقافت آهي، رهڻي ڪهڻيءَ جا پنهنجا طور طريقا ۽ اصول آهن. جن کي ملائي هڪ ڪرڻ، يعني جن کي ملائي ۽ گڏي واحد ثقافت بنائڻ، هرگز ۽ هرگز ممڪن نه آهي. انهن قومن جي ماڻهن ئي پنهنجي پنهنجي هستيءَ ۽ تشخص، پنهنجيءَ پنهنجيءَ سڃاڻپ ۽ وجود کي قائم ۽ دائم رکيو آهي. سنڌين جي شڪل ۽ صورت، رنگ ۽ روپ، ڏيک ۽ ويک، ڪاڌو ۽ خوراڪ، رسمون ۽ رواج، پاڪستان ۾ رهندڙ ٻين سڀني قومن، جهڙوڪ: پنجابين، پختونن، سرائيڪين، بلوچن، بروهين، چترالين، هزاره وارن ۽ ٻين کان بلڪل مختلف آهن. اهڙيءَ طرح هر قوم جي ماڻهن جون پنهنجون پنهنجون عادتون ۽ خصوصيتون آهن، جن ۾ اُن قوم جي تاريخي روايتن جا نشان ۽ اُهڃاڻ ملن ٿا.

### 5- قومي ٻوليءَ جا مسئلا ۽ اُنهن جا حل:

پاڪستان جي قومي ٻوليءَ جي سلسلي ۾، هن ملڪ جا مختلف ماڻهو مختلف رايا رکن ٿا. هڪڙن جو رايو آهي ته پاڪستان لاءِ واحد ٻولي، قومي ٻولي هئڻ گهرجي. انهن جي راءِ موجب، اردو ئي اُها واحد ٻولي آهي جيڪا پاڪستان جي قومي ٻولي ٿي سگهي ٿي، پر ٻيا ماڻهو پاڪستان ۾ هڪ کان

وڏيڪ قومي ٻوليون رائج ڪرڻ جي حق ۾ آهن. اُنهن جي راءِ موجب. اردوءَ سان گڏ پاڪستان جي سيني مادري ٻولين. جهڙوڪ: سنڌي، پنجابي، پشتو بلوچي، بروهي، کووار هندڪو بلتي، سرائڪي ۽ شينا وغيره کي قومي ٻوليون تسليم ڪيو وڃي. تيان وري هن راءِ جا آهن ته جيئن ته اردو، پاڪستان جي ڪنهن به صوبي يا علائقي جي قديم مائهن جي ٻولي ڪانهي تنهن ڪري اردو ٻوليءَ کي ڪنهن به صورت ۾ پاڪستان جي قومي ٻولي تسليم ڪرڻ جائز نه آهي.

ٻئي طرف، اردو ٻوليءَ جا طرفدار، صرف اردو ٻوليءَ کي ئي پاڪستان جي واحد قومي ٻولي قرار ڏيڻ لاءِ دليل ڏيندي چون ٿا:

"پاڪستان جي تحريڪ، اردو ٻوليءَ جي ڪري ئي ڪامياب ٿي هئي تنهن ڪري پاڪستان جي قومي ٻولي، اردو ۽ رڳو اردو ئي ٿيڻ گهرجي."

اردو ٻوليءَ جي بابا، مولوي عبدالحق ته اردو نوازيءَ جي جنون ۾ ائين به دعوي ڪئي ته. "اردو جزوي ايمان آهي." مولوي عبدالحق صاحب ته متحده پاڪستان جي وقت ائين به چيو هو ته:

"بنگلا، ڪافرن جي زبان آهي". (ڏسو: اخبار صبح سنڌ 26-7-1970ع).

اردوءَ جا حامي ته اها به دعوي ڪندا آهن ته:

"اردو استحڪام پاڪستان جي ضمانت آهي." (ڏسو: ليل و نهار، 31 کان 6 سيپٽمبر، 1970ع، ص 39).

اهي صاحبان ته اهو به نعرو هڻندا آهن ته:

"اسلام ۽ اردوءَ جو چوليءَ ۽ دامن وارو ساٿ آهي."

اهي حضرات ته اها به هام هڻندا آهن ته:

"اردُوءَ جي مخالفت. اسلام ۽ پاڪستان جي مخالفت آهي."

مولوي عبدالحق جي ورسيءَ جي موقعي تي، ڊاڪٽر پراچا صاحب چيو ته:

"بالآخر مسلمانن پاڪستان حاصل ڪري ورتو. انهيءَ لاءِ ته پنهنجي مذهب. ثقافت ۽ پنهنجيءَ زبان يعني اردُوءَ جو تحفظ ڪري سگهن."

ڊاڪٽر پراچا صاحب وڌيڪ چيو ته:

"ڪنهن جي فهم ۽ گمان ۾ به هيءَ ڳالهه ڪانه هئي ته اردُوءَ کي هت آٿي. پنهنجيءَ پوزيشن تان ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. ۽ مقامي ٻولين (هن جي لکڻ موجب لهجن) کي قومي زبان جي مقابلي ۾ آڻڻ جي سازش ڪئي ويندي" (جنگ اخبار)

ابن مسعود اختر، روزانہ جنگ مؤرخہ 8_10_1970ع ۾ ’اردو سنڌھ کي عوام کي زبان ھي‘ جي عنوان سان، مبالغي کان ڪم وٺندي لکيو تہ:

”اردو اسان پاڪستانين لاءِ ھڪ اھڙي ناقابل ترديد حقيقت جي حيثيت ٿي رکي، جنھن تي اسان جي تمام معاشرتي ۽ ثقافتي زندگيءَ جا بنياد قائم آھن. پر انھن بنيادن کي ذرو بہ ھٽائڻ يا لوڏڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ ھيءَ پوري عمارت، واريءَ جي گھر وانگر اچي پٽ پوندي“

ابن مسعود اختر صاحب اڳتي لکي ٿو:

”اردو ۽ اسلام اھي بہ اھڙا ٿنڀا آھن جن تي پاڪستان جو بنياد رکيو ويو ھو. اردو تہ تقسيم کان اڳ، ڪنھن ھڪ فرقي يا جماعت يا صوبي جي زبان نہ ھئي ۽ نہ ھاڻ آھي. جيڪي ماڻھو ائين سمجھن ٿا تہ اردو ڪنھن خاص طبقي جي زبان آھي، اھي وڏيءَ گمراھہ ڪن غلط فھميءَ ۾ مبتلا آھن. اردو پنھنجن سينہ ھمہ گيرين جي ڪري ھندوستان جي اسي ڪروڙ انسانن جي زبان ھئي، ۽ 1947ع ۾ تقسيم کان پوءِ ھيءَ زبان پنھنجين بيشمار خوبين سان، پاڪستان کي ورثي ۾ ملي. دنيا جي ڪابہ طاقت اسان کي انھيءَ ورثي کان محروم ڪري نٿي سگھي. جھڙيءَ طرح اسلام کي ڪنھن بہ قيمت تي ’خيرباد‘ چئي نٿا سگھون، تھڙيءَ طرح پاڪستان مان اردو ڪڍھن بہ ختم ٿي نٿي سگھي. اچ خيبر کان ڪراچي، ڪاڪسز بازار تائين، ٻارھن ڪروڙ انسان، اھا زبان ڳالھائين ٿا. ھن جي استعمال جو حق بنگال ۽ سرحد کي بہ ايترو ئي آھي، جيترو پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ ڪشمير کي“.

ھو مبالغي کان ڪم وٺندي اڃا بہ اڳتي لکي ٿو:

”ھيءَ ڪاشتڪارن جي زبان آھي، ھيءَ ھاريءَ جي زبان آھي، ھيءَ نيلي وارن جي زبان آھي، ھيءَ تاجرن ۽ صنعتڪارن جي زبان آھي. اردو عام ماڻھن جي زبان آھي.“ (روزانہ جنگ: 8_10_1970ع).

حقيقت ھيءَ آھي تہ اردو زبان جا حامي، ٻوليءَ جي معاملي ۾ جذباتي وڌيڪ ھوندا آھن، انھيءَ ڪري ھُو نئين سچ، توان ۽ بي بنياد بيان ڏيندا رھندا آھن. تنھن ڪنڊ جي آزاديءَ ۽ پاڪستان تحريڪ ۾ جن بزرگن حصو ورتو ھو اُنھن مان سنڌ مان حاجي عبدالله ھارون، رئيس غلام محمد ڀرڳڙي، سائين جي. ايم سيد، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سر شاھہ نواز خان ڀٽو محمد ھاشم گذر، قاضي فيض محمد، سر

غلام حسين هدايت الله، مير بنده علي خان ٽالپر، مير حاجي غلام علي خان ٽالپر ۽ قاضي فضل الله توڙي بين بزرگن سياستدانن ڪڏهن بہ ڪٿي بہ ائين ڪونہ فرمايو هو تہ: ”ڪو پاڪستان، اردوءَ جي تحفظ لاءِ ٺهيو هو.“ اسين سنڌ وارا، اردوءَ جي حامين جي انهن بيانن کي هرگز قبول نٿا ڪريون.

(i) پاڪستان جي ڪنهن صوبي يا تبت- بلتستان يا فاٽا ۾ رهندڙ ماڻهو اهو هرگز قبول نٿا ڪن تہ پاڪستان، اردو ٻوليءَ جي تحفظ لاءِ ٺهيو آهي.

(ii) اُردوءَ وارن جي نظر ۾ اردو آسماني ٻولي آهي، مگر اسين سنڌ، بلوچستان، پنجاب، صوبہ خيبر- پختونخواهہ، سرائڪي خطي گلگت، بلتستان ۽ فاٽا جا رهاڪو اردو جي طرفدارن جي اها راءِ هرگز قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيون. سنڌ اهو ديس آهي جتان حضور پاڪ صلعم جن کي بهشت جي هير لڳندي محسوس ٿيندي هئي. سنڌ اهو ديس آهي، جنهن لاءِ عرب سياحن: جاحظ، بزرگ بن شهريار، المسعودي، ابن حوقل، البيروني ۽ ابن نديم پنهنجن سفرنامن جا صفحن جا صفحا پري ڇڏيا آهن.

(iii) اسين اهو دعوي سان چئي سگهون ٿا تہ گهٽ ۾ گهٽ سنڌ صوبو جنهن پاڪستان جي قيام جي حمايت ۾ نندڙي ڪنڌ ۾، سڀ کان پهرين، 3 مارچ، 1943ع تي سنڌ اسيمبليءَ مان ٺهراءُ منظور ڪيو هو تنهن جي سامهون اهي نقطا هئا ئي ڪونہ تہ:

- ڪو اردو آسماني ٻولي آهي.
- يا ڪو پاڪستان فقط اردوءَ جي تحفظ لاءِ ئي ٺهي رهيو هو.

(iv) اردوءَ جي حامين کي اهو سمجهي وٺڻ کپي تہ سنڌي ٻوليءَ جي مقابلي ۾ عربي زبان جهڙي عالم اسلام جي ٻولي، عربن جي سنڌ تي ٽي سؤ سال حڪومت ۾ رهڻ جي باوجود، سنڌي ٻوليءَ سان مقابلو ڪري نہ سگهي ۽ عربيءَ ڪڏهن بہ سنڌ جي عوام جي زبان بڻجي ڪانہ سگهي، ساڳيءَ طرح فارسي زبان، سنڌ ۾ اٺ سؤ سال، حاڪمن جي زبان رهڻ جي باوجود، سنڌ جي عوام تائين پنهنجي رسائي حاصل ڪري نہ سگهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌي، سنڌ جي عوام جي ٻولي آهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻوليءَ جون پاڙون، عام ماڻهن جي روزانہ زندگيءَ واري ماحول ۾ ائين اونهيون کُتل آهن، جيئن ڊڀ ٻوٽي جي پاڙ زمين اندر کُتل هوندي آهي. جيستائين سرزمين سنڌ قائم ۽ دائم آهي، جيستائين سنڌ جو عام ماڻهو سدا سجاڳ آهي، تيستائين سنڌي ٻولي بہ قائم ۽ دائم رهندي ۽ تاقيامت امر رهندي جيئن بزرگن چيو آهي تہ:

ڊڀ سائي جو سائو،
ڏاند ٻڪٽي جو ٻکيو.

اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جو سلو بہ همیشه ۾ هميشه سائو ئي رهندو ۽ سدائين وڌندو رهندو.

لفظ زبان يا ٻوليءَ ۾ ڪوبہ فرق نہ آهي. البت اردوءَ ۾ Language لفظ لاءِ 'زبان' ۽ dialect لاءِ 'ٻولي' لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي.

هاڻي حقائق جي روشنيءَ ۾، اردوءَ جي حامين جي دعوي ڪي، پاڪستان ۾ اردوءَ جي ڳالهائيندڙن جي تعداد ۽ في سيڪڙي سان ڀيٽڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ هيٺ آدمشماريءَ جا انگ اکر پيش ڪجن ٿا.

(i) ابن مسعود اختر، جنگ اخبار ۾، تاريخ 8-10-1970ع تي پنهنجي مذڪوره مضمون ۾ دعوي ڪندي لکيو هو تہ:

"تقسيم کان اڳ، هندستان ۾ پنجاهہ ڪروڙ ماڻهن جي زبان اردو هئي."

ابن مسعود اختر جي انهيءَ دعوي ڪي، حقيقتن جي روشنيءَ ۾ جاچڻ گهرجي تہ ڇا تقسم هند کان اڳ، هندستان ۾ سڀني ماڻهن جي ٻولي اردو هئي؟ ڇا ڏکڻ هندستان ۾ رهندڙ دراوڙ قومون بہ اردو ٻولي ڳالهائينديون هيون؟ ڇا مهاراشٽر، گجرات، پنجاب، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، اوڙيسا، آسام، راجستان ۽ هرياڻا جي عام ماڻهن جي زبان بہ اردو هئي؟ ڇا آسامي، اوڙيا، هندي، ڪشميري، بهاري، راجستاني، سنٿالي، ڀيلي، خانديشي، ٻوڊو، مُنڊا، لشائي، ڪوند، بومجي، ڪويا، ڪُئي، ڪرک ۽ ڪمائوني ٻولين ۽ دراوڙي ٻولين جي ڳالهائيندڙن، اردوءَ کي پنهنجيءَ زبان طور تسليم ڪيو هو؟ ڇا، انهن سڀني ماڻهن، اردوءَ کي پنهنجي روزمره يا تعليمي ۽ تدريسي زبان طور اختيار ڪيو هو؟ يا قبول ڪيو هو؟

(ii) ابن مسعود اختر، ٻن ڏينهن کان پوءِ پنهنجيءَ راءِ ۾ تبديلي آندي ۽ لکيائين تہ:

"تقسيم کان پوءِ، اردو ڳالهائيندڙن جو تعداد ٻارهن ڪروڙ آهي."

اڳ ۾ چيو هئائين تہ تقسيم کان اڳ، هندستان ۾ پنجاهہ ڪروڙ ماڻهن جي زبان اردو هئي. هيڏو وڏو تضاد! هوڏانهن وري روزانہ جنگ جي 10-10-1970ع واري پرچي ۾، زين نقوي لکيو هو تہ:

"سڄي برصغير ۽ ٻين هنڌ، اردو ڳالهائيندڙن جو ڪل تعداد 24 ڪروڙ آهي. اهڙيءَ طرح هو (نقوي صاحب) اردو ڳالهائيندڙن جو دنيا ۾ ٽيون نمبر تعداد ڄاڻائي ٿو ۽ اُن ۾ هنديءَ کي بہ شامل ڪري ٿو."

(iii) حقيقت ۾، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، اردوءَ جا حامي جيڪڏهن آدمشماريءَ جا سرڪاري انگ اکر (جيڪي بہ اسان جي لحاظ کان مبالغي وارا آهن) ڏسڻ جي تڪليف ڪن ها تہ جيڪر اهڙي بي بنياد دعوي هرگز نہ ڪن ها! پاڪستان پيپر بڪ جي 1969ع واريءَ اشاعت ۾، صفحي 44 تي، پاڪستان جي ڪل آبادي 90282674 ڪروڙ ڏيکاري وئي آهي. انهيءَ ڪل آباديءَ مان 50840235 ڪروڙ ماڻهو اڪوڻي اوير

پاڪستان ۾ رهندا هئا ۽ باقي 39442439 ڪروڙ ماڻهو اولهه پاڪستان يعني موجوده پاڪستان ۾ رهندا هئا. مذڪوره ساڳئي ڪتاب (پاڪسان پيپئر بڪ 1969ع) ۾، صفحي 24 تي بولين وار ماڻهن جا جيڪي انگ اکر ڏنل آهن، سي هت هوبهو پيش ڪجن ٿا:

| بولي | ڳالهيندڙن جو تعداد | پاڪستان جي ڪل آبادي | ڪل آباديءَ جو فني سيڪڙو |
|---|---|---|---|
| بنگالي | 5,08,40,235 ڪروڙ | 9,02,82,674 ڪروڙ | 55.48 |
| اردو | 032,98,454 ڪروڙ | | 7.57 |
| پنجابي | 2,61,96,263 ڪروڙ | | 29.39 |
| سنڌي | 49,63,996 لک | | 12.59 |

(iv) اردوءَ جا حامي، 1970ع ۾ بہ اها هام هڻندا هئا تہ ڪراچيءَ ۾ رهندڙ 35 لکن ماڻهن جي بولي اردو آهي. اُن زماني ۾، روزانہ هلال پاڪستان جي 17-12-1971ع واري پرچي ۾، ڪراچيءَ جي آباديءَ جا جيڪي انگ اکر ڏنل هئا، سي هن ريت آهن:

پشتو ڳالهائيندڙ 630000 لک

بلوچ 560000 لک

پنجابي ڳالهائيندڙ 450000 لک

بنگالي 060000 هزار

دراوڙ (ملباري وغيره) 180000 لک

گجراتي ڳالهائيندڙ 220000 لک

سنڌي ڳالهائيندڙ (سنڌي ڪڇي ۽ لاسي) 430000 لک

انهن جو ڪل تعداد 2530000 لک ٿئي ٿو. هاڻ اردوءَ جا طرفدار خود اهو فيصلو ڪن تہ دهلي، لکنو، جئپور، جوڌپور، حيدرآباد دکن، يوپي، ڀوپال، آسام ۽ ٻين شهرن ۽ ڀارت جي پراڻين رياستن مان جيڪي اردو ڳالهائيندڙ پاڪستان ۾ لڏي آيا هئا، تن جو تعداد ڪيترو ٿي سگهي ٿو. انهن ۾ گجرات کان ميمڻ بہ آيا. راجستان کان مارواڙي، ميواڙي ۽ ٻيون راجستاني بوليون ڳالهائيندڙ مهاجر بہ آيا. پاڪستان پيپئر بڪ موجب، 1969ع ۾ پاڪستان ۾، اردو ڳالهائيندڙن جو ڪل تعداد 3298454 لک هو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد 4970219 لک هو. اهڙيءَ طرح هلال پاڪستان جي 17-2-1971ع واريءَ رپورٽ موجب فقط سنڌ ۾، پشتو، بلوچي، پنجابي، بنگالي، دراوڙ، گجراتي ۽ سنڌي (ڪڇي ۽ لاسيءَ سميت) ڳالهائيندڙن جو ڪل تعداد 2530000 لک هو. تہ پوءِ ڪراچيءَ ۾ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جو تعداد ڪيترو

ٿي سگهي ٿو؟ پاڪستان پيئر بڪ موجب متحده پاڪستان ۾ اردو سنڌي بنگالي، پنجابي ۽ ٻين ٻولين جي ڳالهائيندڙن جو في سيڪڙو هيٺ موجب هو:

| | |
|---|---|
| بنگالي | 55.48% |
| پنجابي | 29.2% |
| سنڌي | 12.59% |
| پشتو | 2.70% |
| اردو | 3.65% |
| بلوچي | 1.9% |

جڏهن تہ گڏيل پاڪستان ۾ گجراتي، مارواڙي، ملباري ڳالهائيندڙن جو بہ وڏو تعداد رهندو هو اُن کان سواءِ چترال ۾ کووار ٻولي ڳالهائيندڙ صوبہ خيبرپختونخوا ۾ هندڪو شينا، بشگالي، توروالي، وَخي، گلگت۔ بلتستان ۾ بالتي، بروشسڪي، ڪالامي ۽ ٻيون بہ ڪيتريون ئي ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو رهندا هئا، جيئن اڄ بہ اُهي انهن علائقن ۾ رهن ٿا. اهڙيءَ طرح بلوچستان، سنڌ ۽ پنجاب ۾ سرائڪي ڳالهائيندڙ لکن جي تعداد ۾ رهن ٿا، ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ ۽ بلوچستان ۾ براهوي ٻولي ڳالهائيندڙن جو بہ وڏو تعداد آباد آهي.

(v) اهڙيءَ طرح 1971ع ۾ ڀارت ۾ خاص خاص ٻولين جي ڳالهائيندڙن جو تعداد هن ريت هو:

| ٻولي | تعداد | ٻولي | تعداد |
|---|---|---|---|
| اردو | 2,23.518 ڪروڙ | ملايالم | 1,70,18,782 ڪروڙ |
| بنگالي | 3,38,88,939 ڪروڙ | تامل | 3,05,62,706ڪروڙ |
| گجراتي | 2,03,06,464 ڪروڙ | تيليگو | 3,72,68,136 ڪروڙ |
| هندي | 13,37,35,360 ڪروڙ | مرهٽي | 3,36,86,771 ڪروڙ |

(vi) هاڻ جڏهن، پاڪستان ۽ هندستان ۾ رهندڙ اردو ٻوليءَ ڳالهائيندڙن جي تعداد جو جوڙ ٿو ڪجي تہ پاڪستان جي ٻنهي حصن ۾ 03298454 لک ۽ ڀارت ۾ اردو ڳالهائيندڙن جو تعداد 22323518 ڪروڙ هو. انهي ٻنهي جو جوڙ ڪنداسين تہ ٿيندو: 25621972 ڪروڙ پر اردوءَ جي حامين، ڪاٻي طرف هڪ جو انگ وڌائي ٻن ڪروڙن مان، ٻارهن ڪروڙ ناهي چڏيو ۽ ردوءَ جي ٻئي حاميءَ، ٻن جو انگ وڌائي ٻن مان 24 ڪروڙ ناهي چڏيو. اُن ۾ هنديءَ کي بہ شامل ڪري، اردو ڳالهائيندڙن کي خوشفهميءَ ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪيائين. حقيقت ۾ 1970ع واري آدمشماريءَ موجب، اردو ڳالهائيندڙن جو تعداد، گڏيل پاڪستان ۾، 3.65 في سيڪڙو هو ۽ فقط اولهہ پاڪستان ۾ 7.57 في سيڪڙو هو.

(viii) هاڻ ڏسجي ته ڌار ڌار آدم شمارين موجب (هي تعداد 2017ع واري آدمشماريءَ کان اڳ جو آهي) پاڪستان ۾ ڌار ڌار ٻولين جي ڳالهائيندڙن جو في سيڪڙو ڪيترو هو؟ بين الاقوامي اداري IUCN جي ڪتاب Sindh. state of Environment and Development 2004ع ۾ پاڪستان جي آدمشماريءَ جا انگ اکر هن ريت ڏنا آهن:

| بولي | 1981ع | 1998ع | 1981ع ديهي | 1981ع شهري | 1998ع ديهي | 1998ع شهري | ڪراچي 998ع |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اردو | 7.60 | 7.57 | 1.33 | 24.40 | 1.48 | 20.22 | 48.52 |
| پنجابي | 48.17 | 44.15 | 47.52 | 49.92 | 42.51 | 47.56 | 13.94 |
| پشتو | 13.15 | 15.42 | 15.05 | 08.04 | 18.06 | 09.94 | 11.42 |
| سنڌي | 11.77 | 14.10 | 13.77 | 06.43 | 16.46 | 09.20 | 07.22 |
| بلوچي | 03.02 | 03.57 | 03.50 | 01.74 | 03.99 | 02.69 | 04.34 |
| بروهي | 01.21 | – | 01.49 | – | 10.45 | – | – |
| هندڪو | 02.43 | – | 02.77 | – | 01.53 | – | – |
| سرائيڪي | 09.84 | 10.53 | 11.97 | 04.12 | 12.97 | 05.46 | 02.11 |
| ٻيون ٻوليون | 02.81 | 04.66 | 02.60 | 03.37 | 04.53 | 04.93 | 12.44 |

انهيءَ ساڳئي اداري، پنهنجيءَ ساڳيءَ رپورٽ ۾ سنڌ صوبي جي آدمشماريءَ جا به انگ اکر ڏنا آهن. اُهي هن ريت آهن:

| بولي | 1981ع | 1988ع | 1981ع ديهي | 1981ع شهري | 1998ع ديهي | 1998ع شهري |
|---|---|---|---|---|---|---|
| اردو | 22.64 | 21.05 | 02.17 | 49.68 | 01.62 | 41.48 |
| سنڌي | 52.40 | 59.73 | 78.23 | 18.28 | 92.02 | 25.79 |
| پنجابي | 07.69 | 06.99 | 04.38 | 12.05 | 02.68 | 11.52 |
| پشتو | 03.06 | 04.19 | 03.46 | 06.48 | 08.61 | 07.96 |
| بلوچي | 04.51 | 02.11 | 05.63 | 03.30 | 01.50 | 02.74 |
| بروهي | 01.08 | – | 03.03 | 00.30 | – | – |
| هندڪو | 0.35 | – | 00.06 | 00.74 | – | – |
| سرائيڪي | 02.29 | 01.00 | 03.44 | 00.77 | 00.32 | 01.70 |
| ٻيون ٻوليون | 05.97 | 04.93 | 03.94 | 08.65 | 01.25 | 08.80 |

1998ع تائين آدمشماريءَ جي انگن اکرن ۾ پنهنجو پاسو ڪمزور ڏسي، اردوءَ جي حامين مذهب جي آڙ ۾ سياسي پناهه گاهه ۾ لڪڻ جي ڪوشش ڪئي. هنن پاڪستان جي اڪثريت يعني اردوءَ کان سواءِ باقي ٻين ٻولين ڳالهائيندڙن کي، يعني مقامي ٻولين جي حامين کي، اسلام جا دشمن، پاڪستان جا دشمن ۽ نظريہ پاڪستان جا مخالف ۽ دشمن ڪوٺڻ شروع ڪيو. جنگ اخبار پنهنجي 5_8_1970ع واريءَ اشاعت ۾ لکيو تہ: "صوبائي زبانن کي، اردوءَ جي مقابلي ۾ آڻڻ جو رجحان، ملڪ ۽ ملت سان غداري آهي."

ساڳيءَ اخبار وڌيڪ لکيو تہ: "اردوءَ کي جيڪڏهن پاڪستان جي قومي ٻولي نہ بنايو ويو تہ پاڪستان جي سالميت ۽ استحڪامت کي خطرو آهي."

هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا پاڪستان جي 7.57 سيڪڙو آبادي، يعني اردو ڳالهائيندڙ خواتين و حضرات کي، 92.43 سيڪڙو عوام، جن جي مادري ٻولي اردو نہ آهي، تن کي غدار، شرپسند عناصر، پاڪستان جا دشمن، تخريب پسند يا نظريہ پاڪستان جا مخالف سڏيندڙ انهن اردو ڳالهائيندڙن کي اهو حق ڪنهن ڏنو؟

ڇا هز رائل هائنس، سر سلطان محمد شاهہ آغا خان ٽيون بہ پاڪستان ۽ نظريہ پاڪستان جي خلاف هئا، جن 1954ع ۾، ڪراچيءَ ۾ مؤتمر اسلاميہ ڪانفرنس ۾ پنهنجيءَ لکيل تقرير ۾، اردوءَ جي مخالفت ڪندي فرمايو: "پاڪستان جهڙي نئين ملڪ لاءِ، اُن زبان کي ڪيئن ٿو قومي زبان بنايو وڃي، جيڪا هندستان ۾ مسلمانن جي زوال جي زماني جي پيداوار آهي"؟

اهي ماڻهو جيڪي اردوءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي بنائڻ جي مخالفت ڪن ٿا، اهي پنهنجا دليل ڏيندي لکن ٿا:

> "اردو ٻوليءَ کي مسلمانن جي ٻولي چوڻ، يا اسلام سان اردوءَ جي رشتي کي ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪرڻ، غلط ۽ حقيقت کان انڪار آهي."

هُو لکن ٿا تہ: "اردوءَ جي ترقيءَ ۾، هندستان جي هندو اديبن جو بہ ايترو ئي حصو آهي، جيترو مسلمان اديبن جو ۽ اڄ بہ حالتن جي ناسازگيءَ جي جي باوجود هندستان ۾ اردو ٻولي ڳالهائيندڙن جو تعداد، پاڪستان ۾ ڳالهائيندڙن جي تعداد کان وڌيڪ آهي، ۽ اڄ بہ هندستان ۾ اردوءَ ۾ ادب جي تخليق ۽ اشاعت ٿي رهي آهي، ۽ جن ماڻهن طرفان اردوءَ جي ترقيءَ لاءِ 'نئشنل ڪائونسل فار ڊيولپمينٽ آف اردو' نالي ادارو بنايو ويو آهي، جنهن کي هر سال ڪروڙين روپيا گرانٽ طور ڏنا ويندا آهن.

پاڪستان ۾ وفاقي سرڪار طرفان فقط اردوءُ ٻوليءَ کي، قومي ٻولي نہ بنائڻ لاءِ جيڪي دليل ڏنا ويا آهن، اُنهن مان ڪي هي آهن:

(1) اردو پاڪستان جي ڪنهن بہ پاڪستاني اصل نسل واريءَ قوم سان تعلق نٿي رکي، انهيءَ ڪري انهيءَ اصول تحت فقط اردو پاڪستان جي قومي ٻولي ٿيڻ جو حق نٿي رکي سگهي.

(2) مذهبي لحاظ کان بہ اردو قومي ٻولي ٿيڻ جي حقدار نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ اردو ڪنهن بہ قوم جي مذهبي ٻولي ڪانهي. دراصل مسلمانن جي مذهبي ٻولي فقط عربي ۽ عربي ٻولي ئي آهي، جنهن ۾ عالمِ اسلام جي مذهبي ميراث موجود آهي.

(3) اردو فاتحن يا حاڪمن جي ٻولي بہ ڪانهي. اردوءَ وارا پاڪستان ۾ فاتح نہ پر پناهہ وٺڻ آيا آهن.

(4) اردو پاڪستان ۾ ڪنهن بہ صوبي يا پوري پاڪستان جي اڪثريت جي ٻولي بہ ڪانهي. جيڪڏهن اڪثريت جي ٻوليءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي ٿيڻ جو حق ڏجي تہ اهو صرف پنجابي ٻوليءَ کي ئي ڏيئي سگهجي ٿو.

(5) جديد نظريي ۽ اصولن موجب، قومي ٻوليءَ جو وطن هئڻ لازمي آهي. اردو ٻوليءَ جو اصل وطن هندستان آهي. مسٽر 'بيليءَ' جي راءِ موجب اردوءَ جو بڻ بنياد دهليءَ جي آسپاس ۾ ڳالهائي ويندڙ 'کڙي ٻولي' آهي. اردو ڄائي بہ هندستان ۾، وڏي ۽ ويجهي بہ هندستان ۾، ۽ ترقي بہ هندستان ۾ ڪيائين. اردوءَ جي انهيءَ ترقيءَ ۾ ڀارت جي هندن جو بہ وڏو حصو رهيو آهي. انهيءَ راءِ موجب، جيڪڏهن ڏسبو تہ اردو نہ فقط پاڪستان جي وطني ٻولي ڪانهي، پر اها هڪ اهڙي ٻولي آهي، جنهن جو اصل وطن هندستان آهي، جيڪا هن وقت بہ هندستان ۾ حيدرآباد دکن، اورنگ آباد، احمد نگر، ڀوپال، دهلي، ڪلڪتي ۽ ٻين شهرن ۾، ڪيترائي هندو ۽ مسلمان، مادري ٻوليءَ طور ڳالهائيندا آهن. پر اُن جي مقابلي ۾ پاڪستان ۾ فقط 7.57 سيڪڙو ماڻهن جي مادري زبان اردو آهي.

ٻوليءَ جي ماهرن، جديد نظريي موجب، قومي ٻوليءَ جو وطن هجڻ ڪري بہ لازمي نهرايو آهي، جو قومي ٻولي، وطني ماڻهن جي ذهني بلنديءَ ۽ فڪري معيار، تهذيبي ۽ ثقافتي لاڙن توڙي تاريخي روايتن جي آئينہ دار هوندي آهي. اهڙيءَ ٻوليءَ جون پاڙون اُن جي پنهنجي وطن جي سماج ۾ کتل هونديون آهن. اُن ٻوليءَ ۾، وطني ماڻهو پنهنجن خيالن، فڪرن ۽ احساسن کي آسانيءَ سان بيان ڪري سگهندا آهن. اردو ٻوليءَ ۾ اهڙو اظهار نہ سنڌي ڪري سگهندا آهن، نہ پنجابي، پختون، نہ هندڪو نہ سرائيڪي، نہ کووار ۽ نہ ئي وخي ڳالهائيندڙ ڪري سگهندا آهن ۽ نہ ئي وري بلوچ، بروهي، شين ۽ گجراتي ڳالهائيندڙ ڪري سگهندا آهن.

مٿي بيان ڪيل حقيقتن ۽ پيش ڪيل دليلن جي آڌار تي اها دعوا ڪري سگهجي ٿي تہ جيئن تہ پاڪستان گهڻين ئي ٻولين وارو ملڪ آهي، تنهن ڪري اُن ۾ ڪنهن هڪ ٻوليءَ کي، قومي ٻوليءَ طور

مسلط ڪرڻ، پين قومن جي ٻولين سان ناانصافي آهي. مٿي بيان ڪيل نقطن جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ پاڪستان جي ڌار ڌار صوبن ۽ علائقن ۾ مادري زبان طور ڳالهايون ويندڙ مڙيئي زبانون، پاڪستان جون قومي ٻوليون بڻجڻ جي لائق ۽ حقدار آهن. ڇاڪاڻ تہ:

(i) اُهي پاڪستان جي اصلي قومن جون مادري زبانون آهن.

(ii) اُهي اُنهن علائقن جي اصلي باشندن جون ٻوليون آهن.

(iii) اهي ئي ٻوليون آهن جيڪي حقيقت ۾ انهن خطن ۽ علائقن اندر رهندڙ هارين نارين، ڪمين ڪاسين، مزورن ۽ ڪارخانيدارن ۽ محنت ڪش ماڻهن جي روزمره ۾ رائج ٻوليون آهن.

(iv) اُهي ئي ٻوليون انهن صوبن، علائقن ۽ خطن ۾ ڳالهايون ويندڙ ٻوليون آهن، جن ۾ مسلمانن جي اڪثريت جي آڌار تي پاڪستان وجود ۾ آيو.

(v) اردوءَ کي هارين نارين، مزورن ۽ محنت ڪش ماڻهن جي ٻولي ۽ عوامي ٻولي سڏيندڙ دراصل وڏيءَ خوش فهميءَ ۾ آهن. اردو پاڪستان جي عام ماڻهن جي ٻولي ڪڏهن بہ ڪانہ رهي آهي. اردو دراصل هندستان ۾ لکنو دهلي، فتح پور، ڀوپال، حيدرآباد دکن، اَوڌ ۽ رامپور جي نوابن، رئيسن ۽ اُنهن جي دربار جي ٻولي رهي آهي. اردو ٻولي، عوامي مسئلن جي آئينہ دار هرگز ڪانہ رهي آهي، پر اها هڪ مخصوص طبقي جي آداب ۽ تهذيب جي آئينہ دار رهي آهي. اهوئي سبب آهي جو اردُوءَ جي لاءِ عوام تائين پهچڻ ۽ عام ماڻهن جي ٻوليءَ جي جاءِ وٺڻ ممڪن ئي نہ آهي.

مٿي ٻوليءَ جي وصف بيان ڪندي، لسانيات جي جڳ مشهور ماهر، بلو مفيلڊ جو رايو ڏيندي عرض ڪيو ويو آهي تہ هر ٻوليءَ ۾ پنهنجي خطي جي ثقافت جون پاڙون ڪتل هونديون آهن. هن جو اهو بہ رايو آهي تہ هر قوم جي بنجڻ ۾، ٻوليءَ کي وڏو عمل دخل هوندو آهي. ماهرن جو اهو بہ رايو آهي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو چاهي تہ ڪنهن قوم جي طور طريقن ۽ اُن قوم جي تاريخ ۽ ثقافت جو اونهون اڀياس ڪري تہ ان کي گهرجي تہ پهرين اُن قوم جي ٻوليءَ جو باقاعدگيءَ سان مطالعو ڪري. انهيءَ راءِ جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي، پنجابي، بلوچي، پشتو سرائڪي، شينا، کووار برهوئي، هندڪو بالتي ۽ بروشسڪي وغيره ٻولين جو مطالعو انهن علائقن جي علمي، ادبي، سماجي ۽ ثقافتي بنيادن جو مطالعو آهي، جن علائقن ۾ اهي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي تهذيب جي مطالعي، ننڍي کنڊ جي ماضيءَ جي مطالعي ۽ ننڍي کنڊ جي ماضيءَ جي تاريخ ۾ نوان نوان باب کوليا آهن. موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان هٿ آيل مهرن واريءَ ٻوليءَ جي مطالعي جا نتيجا ثابت ڪندا تہ هن قديم ۽ عظيم تهذيب جا

ماڻهو قديم زماني ۾ ڪهڙي ٻولي ڳالهائيندا هئا؟ اُن ٻوليءَ جو صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءُ ڪيئن هو؟ اُن ٻوليءَ جو لغوي سرمايو ڪهڙو هو؟ اُن ٻوليءَ جي لغوي ذخيري جي باقيات جي مطالعي جي مدد سان هزارين شين ۽ بيشمار جنسن، ماڻهن، وڻن ٽڻن، جانورن، پکين ۽ پسونئن جي نالن، ماڻهن جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ، کاڌي خوراڪ ۽ ڪپڙي لٽي جي نالن جي خبر پئجي سگهندي. اهو سمورو مواد، واديءِ سنڌ ۽ سنڌو تهذيب جي تاريخ، نئين سر لکڻ ۾ مدد ڪندو.

مٿي بيان ڪيل حقيقتن مان اهو واضح ٿئي ٿو ته پاڪستان هڪ گهڻ- قومون ۽ گهڻ- ٻوليائي ملڪ آهي. اِنهن قومن کي پنهنجون پنهنجون مقامي ٻوليون آهن. اهي ٻوليون اڄ به انهن قومن جي تهذيب ۽ تمدن، معياري ادب ۽ لوڪ ادب جي تخليق ۽ رچنا جون ٻوليون آهن. جيڪي انهن قومن جي روزمره جي زندگيءَ ۾ روزمره جي ڪار وهنوار ۾ ڪم ايندڙيون آهن. اهي ٻوليون، مملڪت پاڪستان جي ڌار ڌار علائقن جي عوام جون مادري ٻوليون آهن، جيڪي انهن قومن کي سنڌن ابن ڏاڏن کان، انهن کي انهن جي ابن ڏاڏن کان، لکين سالن کان ورثي ۾ مليون آهن. انهن قومن جون اهي ٻوليون، انهن ماڻهن جي ذهني ارتقا، فڪر ۽ سوچ، تهذيبي ۽ ثقافتي سرمايي سان ڀريل آهن. اهي ٻوليون، انهن قومن جي اُمنگن، اُميدن ۽ اُنهن جي معاشري جون آئينه دار آهن. لهاذا سنڌي، پنجابي، بلوچي، پشتو سرائڪي، برهوئي، کووار هندڪو، وخي، شينا ۽ بروشسڪي معاشري، سوچ ۽ فڪر جون آئينه دار اهي ئي ٻوليون آهن ۽ نه ڪ اردو ٻولي.

انهن قومن ۽ سنڌن قوميتن جي لسانياتي خوبين ۽ خصوصيتن جو ميدان به تمام گهڻو وسيع ۽ ڪشادو آهي. اهي ٻوليون، عربيءَ، فارسيءَ، منگوليءَ، تورانيءَ، تاتاريءَ، توڙي پورچوگيزي، ڊچ، يوناني، فرينچ ۽ انگريزي ٻولين جي لفظن، اصطلاحن ۽ ٻئي لغوي ذخيري کي،اُئين ڳڙڪائي ۽ پنهنجيءَ ساخت، سٽاءَ ۽ رچنا ۾ ملائي، پنهنجي لغوي سانچي ۾ وجهي، انهن کي اٿين گهڙي وئيون آهن، جو اصلي ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ هزارين هيلا به ڪڻي هلائين ته به پنهنجين ٻولين جي انهن لفظن ۽ اصطلاحن کي مشڪل سان سڃاڻي سگهندا.

پاڪستان ۾، هر قوم پنهنجي پنهنجيءَ ٻوليءَ تي فخر ۽ ناز ڪندي آهي، انهن مان سنڌي ته پنهنجيءَ ٻوليءَ جي بقا ۽ بچاءَ لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ کان هرگز ڊنا نه آهن. هزارين مخالفتن جي باوجود، ون يونٽ ۽ هر مارشل لا جي زماني ۾ بي شمار بزرگ ۽ نوجوان اديبن، شاعرن، صحافين ۽ سياستدانن توڙي اُستادن ۽ شاگردن کي جيلن ۾ بند ڪرڻ جي باوجود، سنڌ جا سرفروش جوڌا ۽ سرويچ فدائي، پنهنجيءَ مادري زبان لاءِ، پنهنجا سر ترئيءَ تي رکي بيباڪ چوندا رهيا، "هلو هلو جيل هلو". هن ڏس ۾ سنڌ جي شاعرن به ڀاڻ خوب ملهايو. مرحوم عبدالڪريم گدائيءَ فرمايو:

جيڪو وائي شاهہ جي ڳائي، ٻولي جيجل جي ورجائي،
تنهن تي پهريدار اچا پيي ساڳيا ڙيا

شيخ اياز فرمايو:

تون چؤ تہ لچان، تون چؤ تہ ڪچان، توکان هڪڙي ڳالهہ پچان؟
تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين، اعلان هزارين مان نہ رڳو.

سنڌ ۾ غير وطني ٻوليءَ کي نفرت جي نگاهہ سان ڏسڻ جي سُتي، سنڌ وارن کي اول اول لطيف سائينءَ ٿي پياري هئي، ۽ غير وطني ٻولي يعني فارسي ٻوليءَ جي ڄاڻندڙن کي مخاطب ٿيندي فرمايائون تہ:

جي تو فارسي سکيو گولو توءِ غلام،
اُجيو تان آب گهري، بکيو تان طعام،
هي عامن سندو عام خاصن منجهان ڪين ٿئي.

(iii) سنڌو ماٿر جي تاريخ گواهہ آهي تہ سنڌي ماڻهن، پنهنجي مادري زبان کي هميشه کان اوليت ڏني آهي، مثال طور:

(1) قرآن ڪريم جو دنيا ۾ پهريون ترجمو 270هہ/ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيو هو.
(2) دنيا ۾ سڀ کان پراڻي لکت جا آثار ۽ اُهڃاڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ ملن ٿا.
(3) ننڍي کنڊ ۾ ارڏناگري يا مقامي طرز تي لکت جا اوائلي نمونا، سنڌي ٻوليءَ ۾ پنيور ۽ ٻهمنوار (برهمڻ آباد/ منصوره) مان حاصل ٿيا آهن.
(4) ننڍي کنڊ ۾ تعليم جي ضابطن بابت پهريون نثري ڪتاب، مخدوم جعفر بوبڪائيءَ لکيو جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل جملا بہ ملن ٿا.
(5) موهن جي دڙي واريءَ تهذيب ۽ سنڌوماٿر ۾ رائج اُن ٻوليءَ جا ڪي عنصر ۽ رگ ويد واريءَ ٻوليءَ جا ڪي لفظ سنڌي ٻوليءَ پاڻ وٽ اڄ بہ محفوظ ڪيا آهن، جيڪي عام سنڌي زبان ۾ نظر اچن ٿا.
(6) تحقيق مان اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ ننڍي کنڊ ۾، اسلام جي تعليم سڀ کان اول سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏني وئي.

سنڌي ماڻهو پنهنجي مادري زبان تي انهيءَ ڪري بہ فخر ڪندا آهن جو سنڌي ٻوليءَ جو ادب، هن وقت بہ ترقي يافتہ ملڪن جي ٻولين جي ادب سان ڪُلهو ڪلهي ۾ ملائي سگهي ٿو. سنڌي نثر توڙي نظم ۾ هر قسم جو مضمون ڇپيل ڇڪو آهي. ناول، ڊراما، افسانا، سائنس جي هر مضمون، حڪمت، فلسفي، تاريخ جا دفتر، معرفت جا بيان، لسانيات ۽ لغات جا اصول وغيره. اهڙيءَ طرح نظم جي هر صنف تي سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻو مواد موجود آهي.

6- بهرحال مٿي قومي ٻوليءَ لاءِ جيڪي اصول مقرر ڪيا ويا آهن ۽ دليل ڏنا ويا آهن. انهن جي آڌار تي اهو بلڪل واضح ٿئي ٿو ته پاڪستان جي قومي ٻولي صرف اردو نه، پر پاڪستان جي هر قوم جي مادري ٻوليءَ کي، پاڪستان جي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي.

اردوءَ جا حامي، پنهنجيءَ مخصوص چاڻ ۽ ضد سبب، اردوءَ کي زبان يعني Language ۽ مقامي پاڪستاني ٻولين کي dialects ٿا ڪوٺين. ڊاڪٽر پراچا، پنهنجي مذڪوره مضمون (8_71970ع) ۾، جنگ اخبار ۾ لکي ٿو:

"پاڪستان بنجڻ کان فوراً پوءِ اسان کان هڪ غلطي ٿي جو اسان، قومي زبان جي متوازي مقامي ٻولين کي به زبان يعني لئنگئيج چوڻ شروع ڪيو. حقيقت ۾ بنگالي، سنڌي، پشتو بلوچي ۽ پنجابي صرف مقامي ٻوليون يعني ڊائليڪٽس آهن. جيڪي هڪ محدود علائقي ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون. انهن کي زبان يعني لئنگئيج جو درجو نٿو ڏيئي سگهجي. پاڪستان ۾ اگر ڪا زبان آهي ته صرف هڪ يعني اردو."

ڊاڪٽر پراچا جي هن خوش فهميءَ واريءَ راءِ جو رد، مٿي ڏنو ويو آهي، ۽ ٻولي ۽ قومي ٻوليءَ جي وصف جا واضح دليل ڏنا ويا آهن، جن مان ثابت ٿو ٿئي ته پاڪستان جي هر قوم جي مادري ٻولي، زبان جي حيثيت رکي ٿي. انهيءَ ڪري اڳ ۾ اها دعويٰ ڪئي وئي آهي ته پاڪستان، هڪ ٻوليءَ وارو نه، پر گهڻ-ٻوليائي ملڪ تسليم ڪيو ويو آهي.

پاڪستان ۾ قومي ٻوليءَ جو مسئلو دنيا جي سڌريل ۽ ترقي يافته ملڪن، جهڙوڪ: روس، برطانيه، ڀارت، ڪئناڊا ۽ سئيٽزرلئنڊ وانگر حل ڪرڻ گهرجي. انهن ۽ اهڙن ٻين ملڪن کي هڪ هڪ قوم/ قوميت وارو ملڪ نه، پر گهڻ- قومون ملڪ تسليم ڪيو ويو آهي. انهن سڀني قومن جي ٻولين کي هڪجهڙي حيثيت حاصل آهي. سابق سوويت يونين ۾ ڪي اهڙيون به قومون تسليم ڪيون ويون هيون، جن جي آبادي هڪ هزار ماڻهن کان به گهٽ هئي، پر انهن سڀني جي اُن وقت حيثيت هڪجهڙي هئي. سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ انهن سڀني قومن جون ٻوليون هن وقت پنهنجن پنهنجن ملڪن جون سرڪاري ٻوليون آهن. هر قوم جي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻولي هئڻ جو حق حاصل آهي. اُن زماني ۾، روسي ٻولي، هڪجهڙين سوويت قومن جي وچ ۾ رابطي جي ٻولي هوندي هئي. قومي جمهوريت جي تعليمي سرشتي ۾ روسي ٻولي ٻئي درجي تي شمار ٿيندي هئي، جيستوڻيڪ روسي ٻولي انهن جي مادري ٻولي ڪانه هوندي هئي.

اهڙيءَ طرح سئيٽزرلئنڊ ۾ هن وقت به چار قومي ٻوليون تسليم ڪيل آهن. برطانيه ۾، اسڪاٽلئنڊ ۾ اسڪاٽس ۽ ويلس ۾ ويلش ٻوليءَ کي قومي ٻولين جو درجو حاصل آهي. برطانيه ۾، انهن حصن ۾

انگريزيءَ کي ثانوي زبان جي حيثيت مليل آهي. ڪئناڊا ۾ فرينچ ٻوليءَ کي ٻـ اهائي حيثيت حاصل آهي، جيڪا اُن ملڪ ۾ انگريزيءَ کي حاصل آهي. ڀارت ۾ 800 ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن. اُتي 12 ٻولين کي ملڪ جي دستور ۾ انهين شيڊيوئل ۾ داخل ڪيو ويو آهي، جن مان سنڌي ٻولي بـ هڪ آهي.

بلڪل مٿين ملڪن وانگر پاڪستان ۾ بہ سنڌي، پنجابي، بلوچي، پشتو بروهي، سرائڪي، هندڪو شينا، کووار بلتي، بروشسڪي، وخي ۽ ٻين ٻولين کي قومي ٻولين جي حيثيت ڏني وڃي. انهن قومن جي ٻولين جي ترقيءَ ۽ استحڪام لاءِ ضروري آهي تہ انهن جي علحدي حيثيت تسليم ڪئي وڃي، ۽ هر قوم کي اهو اختيار ڏنو وڃي تہ اُهي پنهنجن سينې ڪمن ڪارين کي پاڻ سندن ئي ٻولين ۾ پورو ڪن. اهڙيءَ طرح سيني قومن جو اهو احساس ختم ٿي ويندو تہ فقط هڪ قوم ٻيءَ قوم تي غالب پوڻ يا اُن کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. ٻيو تہ هر قوم کي پنهنجيءَ حد ۾ رهي، پنهنجيءَ قومي ٻوليءَ کي ترقي ونرائڻ جو پوريءَ طرح موقعو ملندو. هن سلسلي ۾ 'ليل و نهار' هفتي وار رسالي جي ايڊيٽر لکيو تہ:

"قومي زبان، هڪ اهڙي معاشرتي حقيقت آهي، جنهن کي قانوني يا آئيني اعلان سان بدلائي نٿو سگهجي. انهيءَ اعتبار سان هن وقت پاڪستان ۾ جيترين بہ زبانون رائج آهن، جهڙوڪ: اردو، سنڌي، پنجابي، پشتو ۽ بلوچي وغيره سڀ قومي زبانون آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن مان ڪنهن بہ ٻوليءَ کي اوهين ڏارين يا غيرقومي ٻولي چئي نٿا سگهو. بيان جي سهوليت لاءِ اسان وٽ علاقائي زبانون ۽ اصطلاح ضرور رائج آهي، ليڪن جاگرافيائي تصور جي لحاظ کان انهن زبانن جي قومي ڪردار ۾ فرق نہ آهي. پاڪستان ۾ جڏهن تہ هڪ کان وڌيڪ زبانون رائج آهن تہ پوءِ ڪنهن بہ هڪ زبان جا ڳالهائيندڙ چاهي اُهي بنگالي هجن، اردو يا سنڌي يا پختون هجن، پنهنجي تعداد يا طاقت يا اثر رسوخ جي زور تي حڪومت کان مطالبو ٿا ڪن تہ انهن جي زبان ملڪ جي سرڪاري ۽ تدريسي زبان قرار ڏني وڃي ليڪن هي مطالبو تہ ڪابہ هڪ زبان پاڪستان جي قومي زبان قرار ڏني وڃي، عقلمنديءَ وارو نہ آهي."

ساڳئي رسالي جو ايڊيٽر اڳتي لکي ٿو:

"انهيءَ سلسلي ۾ قائداعظم يا مسلم ليگ جي سند پيش ڪرڻ سان ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو. انهيءَ ڪري جو هڪ تہ تقسيم کان اڳ جي حالتن هيٺ هنديءَ سان مقابلي ۾ اردوءَ جي تحفظ جي گهر ڪئي وئي هئي. اهي حالتون هاڻ موجود نہ آهن. ۽ ٻيو تہ اردوءَ جي حمايت برصغير جي مسلمانن دانشورن يا ارباب رياست تائين محدود ڪانہ هئي، پر غير مسلم اديب بہ انهيءَ مهم ۾ شريڪ هئا."

هُو اجا بہ اڳتي لکي ٿو:

"مغربي پاڪستان ۾ هن وقت اردو ۽ ٻين قومي زبانن جي حامين ۾ تڪرار جاري آهي. ان جو هڪڙو سبب هي مطالبو آهي تہ اردوءَ کي معربي پاڪستان جي واحد قومي زبان قرار ڏنو وڃي.

ايڊيٽر صاحب اڃا اڳتي لکي ٿو:

"ٻي ڳالهہ هيءَ آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن ملڪ ۾ هڪ کان وڌيڪ زبانون رائج هجن تہ انهن مان ڪنهن بہ هڪ زبان کي، ٻين قوميتن تي رياستي يا تدريسي زبان طور انهيءَ صورت ۾ مسلط ڪري سگهجي ٿو جڏهن حڪومت ۽ اقتدار ان زبان جي چاهيندڙ قوميت جي هٿ ۾ هجي. مغل حاڪمن جي زماني ۾ سندن راڄ ۾ سرڪاري ڪاروبار ۽ اعليٰ تعليم لاءِ فارسي زبان رائج ڪئي وئي، انگريز آيا تہ فارسيءَ جي جڳهہ انگريزيءَ ورتي. مشرقي پاڪستان ۾ آئيني تبديلين کان پوءِ بنگالي هم وطنين کي اها حيثيت يقيناً حاصل ٿي سگهي ٿي، پر مغربي پاڪستان ۾ اردوءَ جي ڳالهائيندڙ طبقي کي تعداد، دولت ۽ سرمائي، رياستي ادارن تي تسلط، مطلب تہ ڪنهن بہ لحاظ کان حاڪم يا بالادست قوميت قرار ڏيئي نٿو سگهجي. انهيءَ ڪري 'اردو امپيريئلزم' ۽ 'اردو فاشزم' ۽ اهڙي قسم جا ٻيا اصطلاح قطعي گمراهہ ڪن آهن."

هُو اجا بہ اڳتي لکي ٿو:

"علائقائي قومي زبانن کي جملي سرڪاري ۽ تدريسي ذميداريون سؤنپيون وڃن. رياست جي معاملن ۽ مختلف علائقن جي باهمي راهہ ۽ رسم جو ڪم اردوءَ جي حوالي ڪيو وڃي."

اردوءَ جا نادان دوست، بانيءِ پاڪستان، قائداعظم تي بهتان هڻي، سندس تقرير جو غلط ترجمو ڪري، ان تقرير کي پنهنجي مقصد لاءِ ڪم آڻين ٿا. اهي ماڻهو چون ٿا تہ قائداعظم فرمايو هو تہ: "پاڪستان جي قومي ٻولي، فقط اردو ٿي رهندي". حقيقت ۾ قائداعظم پنهنجيءَ تقرير ۾، قومي ٻوليءَ جو ذڪر ئي نہ ڪيو هو پر قائداعظم موصوف، رياست جي ٻولي يعني سرڪاري ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ارشاد ڪرڻ فرمايو هو.

روزانہ جنگ اخبار، مؤرخہ 9-11-1970ع جي صفحي 3 تي، ڊاڪٽر پراچا، قائداعظم جي انهن مشهور تقريرن جا 'تت' ڏنا آهن، جيڪي قائداعظم 21-3-1948ع ۽ 24-3-1948ع تي ڍاڪا ۾ ڪيون هيون. جن ۾ پاڻ پاڪستان جي سرڪاري ٻوليءَ متعلق ارشاد فرمايو هئائون. قائداعظم، 21-3-1948ع تي،

ريس ڪورس جي ميدان تي فرمايو هو:

"آءٌ اوهان کي نهايت ڪليل ۽ واضح لفظن ۾ ٻڌائڻ ٿو چاهيان، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ سڄي ملڪ ۾ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي شڪ ۾ يا غلط فهميءَ ۾ رهڻ نہ گهرجي تہ پاڪستان جي سرڪاري (رياستي) ٻولي، اردو ۽ فقط اردو ئي رهندي ۽ نہ ڪا ٻي ٻولي. ڪوبہ شخص جيڪڏهن انهيءَ سلسلي ۾ غلط رستي تي وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪندو تہ اهو پاڪستان جو دشمن ليکبو. رياستي ٻوليءَ (سرڪاري ٻوليءَ) کان سواءِ، دنيا جي ڪابہ قوم نہ مضبوطيءَ سان نہ متحد رهي سگهي ٿي، ۽ نہ ئي ٻي ملڪ جو انتظام ئي هلائي سگهي ٿي. تاريخ جي ورق گرداني ڪري ڏسو هر حڪومت کي پنهنجي ڪاروبار هلائڻ لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن ٻوليءَ کي رياستي ٻوليءَ جي حيثيت ۾ اختيار ڪرڻو پوندو آهي. انهيءَ ڪري جيستائين هتي جي رياستي يعني سرڪاري ٻوليءَ جو تعلق آهي، پاڪستان جي رياستي ٻولي اردو ئي هوندي"

قائداعظم، پنهنجيءَ انهيءَ تقرير ۾، رياستي ٻوليءَ جو فقرو ڪم آندو آهي، جنهن جو ترجمو پراچا صاحب 'قومي ٻولي' ڪيو آهي، جيڪو بلڪل غلط ۽ گمراهہ ڪندڙ آهي. جيڪڏهن state language جو ترجمو قومي ٻولي ڪيو وڃي تہ پوءِ National Language جو ترجمو ڇا ڪجي؟ جيڪڏهن اسٽيٽ لئنگئيج مان مراد، قومي ٻولي آهي تہ پوءِ اسين اهو مڃيون ڇا تہ انگريزن جي دور حڪومت ۾ انگريزي اسان جي قومي ٻولي هئي؟ فارسي هن ملڪ ۾ 800 سالن تائين سرڪاري ۽ دفتري ٻولي رهي هئي. ڇا اردوءَ جا نادان دوست اهو بہ قبول ڪندا تہ فارسي زبان، 800 سالن تائين اسان جي قومي ٻولي هئي؟

حقيقت ۾ state language ۽ National language جي مفهوم، مقصد ۽ عمل يعني ڪارج ۾ وڏو فرق آهي. هن کان اڳ، قومي ٻوليءَ جي مفهوم، مقصد ۽ دائري جي باري ۾ وضاحت سان روشني وڌي وئي آهي. قائداعظم مرحوم، پنهنجيءَ 24_3_1948ع واريءَ تقرير فرمايو تہ:

"آءٌ هڪ ڀيرو وري بہ پاڪستان جي سرڪاري ٻوليءَ جي باري ۾، پنهنجو فيصلو ٻڌائڻ ٿو چاهيان. هن صوبي (مشرقي پاڪستان) ۾ دفتري ڪاروبار هلائڻ لاءِ هتي جو عوام جيڪا بہ ٻولي چاهي سا ڪم آڻي سگهي ٿو پر ان ڳالهہ جو فيصلو هن صوبي جو عوام ڪندو. مناسب ۽ موزون وقت اچڻ تي، هر قسم جي جذبات ۽ تعصب کان بالاتر رهي، اهو فيصلو ڪيو ويندو. اهو فيصلو عوام جي انهن نمائندن جي معرفت ڪيو ويندو جن کي آزاد راءِ جي ذريعي چونڊيو ويو هوندو. جيڪي هن مسئلي ۾ عوام جي خواهشن کي چڱيءَ طرح

چاھيندا هوندا، ۽ جيڪي پاڻ بہ قابل اعتماد هوندا. مگر ياد رکو تہ هن ملڪ جي سرڪاري ۽ بين الصوبائي ٻولي صرف هڪ ۽ صرف هڪ ئي ٻولي هوندي ۽ اها اردو ئي هوندي"

قائداعظم پنهنجيءَ ساڳيءَ تقرير ۾ 24-3-1948ع تي ڍاڪا يونيورسٽيءَ جي ڪنوينشن ۾ بلڪل واضح طور فرمايو تہ:

"اردو پاڪستان ۾ بين الصوبائي ۽ رابطي جي زبان رهندي هر صوبي ۾ ان صوبي جي ٻولي دفتري ٻولي رهندي"

قائداعظم وڌيڪ فرمايو:

"اهو درجو ۽ رتبو ٻيءَ ڪنهن بہ زبان کي ڏنو نہ ويندو. انهيءَ ڪري ملڪ جي سرڪاري ٻولي، هر صورت ۾ ۽ هر حالت ۾ صرف اردو هوندي. هيءَ اُها زبان آهي جنهن کي هن برصغير جي ڪروڙين مسلمانن پالي، ترقيءَ تي پهچايو آهي. جيڪا پاڪستان جي هڪ چيڙي کان ٻئي چيڙي تائين، ڳالهائي ۽ سمجهي ويندي آهي. جنهن ۾ صوبائي ٻولين جي ڀيٽ ۾، اسلامي ثقافت ۽ مذهب جو مواد موجود آهي، ۽ جنهن کي ٻين اسلامي ملڪن جي ٻولين سان قريبي رشتو ۽ ناتو آهي."

قائداعظم جي انهيءَ اعلان تي مشرقي پاڪستان ۾ سخت اعتراض ڪيو ويو ۽ انهيءَ ڏينهن کان پوءِ اردو- بنگلہ مخالفت جي شروعات ٿي وئي، جنهن جو نتيجو آخر اهو نڪتو جو ڊسمبر 1971ع تي 'بنگلاديش' جي نالي سان نئون ملڪ وجود ۾ آيو.

بانيءَ پاڪستان جي مذڪوره تقرير جي هن حوالي سان سنڌ کان سواءِ ٻين صوبن ۽ علائقن ۾ جتي ٻولين جي حيثيت معياري ۽ ملڪي آهي اُتي انهن صوبن کي تہ اهو حق حاصل ٿئي ٿو تہ اهي صوبا، اهو فيصلو پاڻ ڪن تہ هُو پنهنجن پنهنجن صوبن ۾، ڪهڙي ٻوليءَ کي دفتري ۽ تعليمي ذريعي جي ٻولي/ ٻولين طور ڪم آڻين. بانيءَ پاڪستان بلڪل واضح لفظن ۾ فرمايو هو تہ: "اردو بين الصوبائي ٻولي رهندي ۽ ان کي ڪنهن بہ صوبي ۾، اُتي جي صوبائي ٻوليءَ جي جاءِ تي استعمال ڪرڻ جو حق نہ رهندو."

انهيءَ اصول ۽ اعلان تحت، سنڌي ٻوليءَ کي، سنڌ ۾ صوبائي ۽ دفتري توڙي تعليمي ذريعي جي ٻولي رهڻ جو هر ڪو حق آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ قائداعظم جي فرمان مطابق، انهيءَ حق جي ڳُهَرَ پاڪستان جي مخالفت هرگز نہ آهي.

دراصل قائداعظم جي فرمان جي انحرافي ڪندڙ جيڪڏهن ڪو گروهہ آهي تہ اهي اردوءَ جا حامي ٿي آهن، جن پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ خاطر اردوءَ کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن بہ ٻوليءَ کي تسليم نہ

ڪري، قائداعظم جي فرمان جي توهين ڪئي آهي، ۽ پاڪستاني قوم کي هميشه ۽ هميشه لاءِ مسئلن جي منهن ۾ ڌڪي ڇڏيو جنهن مان ملڪ اڄ تائين نڪري نه سگهيو آهي.

7 ـ موجوده جمهوري حڪومت لاءِ هيءَ هڪ اهم موقعو آهي ته جڏهن ملڪ ۾ ٻيا قومي مسئلا، جهڙوڪ: صوبائي خودمختياري، سرحد صوبي جي نالي بدلائڻ وارو مسئلو ۽ ٻيا اهڙا مسئلا حل ڪرڻ جو مصمم ارادو ڪيو ويو آهي ته اهڙي وقت ۾ پاڪستان ۾ قومي ٻولين جي مسئلي کي به هميشه ۽ هميشه لاءِ حل ڪيو وڃي. ان سلسلي ۾، مملڪت پاڪستان کي مضبوط ۽ مستحڪم بنائڻ لاءِ ضروري آهي ته:

(i) پاڪستان جي مختلف قومن جي حيثيت کي تسليم ڪري انهن قومن جي ٻولين جهڙوڪ: سنڌي، پنجابي، پشتو، بلوچي، بروهي، هندڪو، شينا، کووار، بالتي، بروشسڪي ۽ سرائڪي وغيره کي پاڪستان جون قومي ٻوليون تسليم ڪيو وڃي.

(ii) اردو زبان کي، صوبن ۽ علائقن جي درميان رابطي جي ٻوليءَ جي حيثيت ڏني وڃي.

(iii) مادري زبانن کي پرائمريءَ کان اعليٰ سطح تائين تعليم جو ذريعو بنايو وڃي.

(iv) هر صوبي ۾ ٻارهين ڪلاس تائين اردو ۽ مادري زبانون لازمي طور پڙهايون وڃن.

(v) انگريزيءَ کي ڪلاس ڇهين کان بين الاقوامي زبان طور لازمي پڙهايو وڃي.

(vi) هر صوبائيءَ ٻوليءَ وانگر سنڌ ۾، سنڌي زبان کي دفتري، ڪاروباري ۽ ڪورٽ جي زبان طور رائج ڪيو وڃي.

(vii) ڇنڊڇاڻيءَ وارو امتحان سڀني قومي زبانن ۾ ورتو وڃي.

اهوئي واحد حل آهي جنهن تي عملي قدم کڻڻ سان، پاڪستان ۾ ٻولين واري مسئلي کي هميشه لاءِ حل ۽ ختم ڪري سگهجي ٿو ۽ اهڙي قدم کڻڻ سان ملڪ ۾ هم آهنگيءَ سان گڏ، سڀني قومن جي ٻولين ۽ ثقافت کي وڌڻ ۽ ويجهڻ جو مناسب ۽ واجبي حق ملي سگهندو ۽ هر قوم سان انصاف ڪري سگهبو.

## ببليو گرافي

1ـ ابن مسعود اختر: روزانہ جنگ اخبار 8ـ10ـ1970ع، مضمون جو عنوان: (اردو سنده کي عوام کي زبان هي)

2ـ ايضاً

3ـ ايضاً

4ـ عبدالرحيم، پراچا، ڊاڪٽر: روزانہ جنگ اخبار 8ـ7ـ1970ع، ص 3

5ـ ايضاً، روزانہ جنگ اخبار 5ـ8ـ1970ع

6- Pakistan year Book, 1969, P.44

7ـ روزانہ جنگ اخبار 5ـ8ـ1970ع

8ـ زين تقي: روزانہ جنگ اخبار 10ـ10ـ1970ع

9ـ قائداعظم: تقرير، 21ـ3ـ1948ع، ڍاڪا يونيورسٽي ڪنوينشن ۾ 24ـ3ـ1948ع

10ـ ليل و نهار ايڊيٽوريئل 31 آگسٽ کان 6 سيپٽمبر، 1970ع، ص 39

11ـ مولوي عبدالحق: ڏسو صبح سنڌ، 26ـ7ـ1970ع

12ـ سر سلطان محمد شاھ آغاخان ٽيون: موتمر اسلاميہ ڪانفرنس، 1954ع، ڪراچيءَ ۾ ڪيل تقرير

13- Sindh, State of Enviroment and Development, IUCN, 2004, pp. 337-368

# سنڌي ٻوليءَ، اُن جو ماضي، موجوده مقام ۽ مستقبل لاءِ ڪي تجويزون

## 1- سنڌي ٻوليءَ جو مقام:

انسان ذات جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ، اُٿڻيءَ ويهڻيءَ ۽ روزمره جي زندگيءَ جو سڀ کان اعليٰ رڪارڊ ۽ خزانو هر دور ۾ ٻولي ئي رهي آهي. جيئن جيئن ڪنهن قوم جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ سماجي قدرن ۾ فرق ايندو رهيو آهي، جيئن جيئن انسان ذات جي تهذيب ۽ تمدن ۾ ترقي ايندي رهندي آهي تيئن تيئن انهيءَ ترقيءَ ۽ تبديليءَ جو اثر اُن قوم جي ٻوليءَ تي پڻ ٿيندو آهي، اُن ۾ تبديلي ۽ ترقي پڻ ايندي آهي، اُن ۾ اضافو پڻ ٿيندو آهي. دنيا جو اهو وهنوار، هر دور ۾ جاري رهندو آيو آهي. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي بلڪل درست لکيو آهي ته:

> "هر ڪا ٻولي، پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ گوناگون گنج ۽ عجب اسرار آهي. ٻولي عقل ۽ علم جو وڏو وسيلو آهي. ٻولي انساني عمل جو نمونو آهي. ٻولي ماڻهن جي ثقافتي ڪارڪردگيءَ جو حصو آهي." (الهداد ٻوهيو ڊاڪٽر، 1978ع: 132 ۽ 133)

ٻوليءَ جو علم، علم الانسان سان واسطو رکي ٿو. ٻوليءَ جو مطالعو ڪنهن قوم، ڪنهن سماج، ڪنهن تهذيب ۽ تمدن جو مطالعو آهي، ڇوته ٻولي، انساني عمل جي پيداوار آهي. ٻوليون، مثل ماڻهن جي هڏن مان نه، پر زنده ماڻهن جي روزمره جي زندگيءَ مان اُپريون ۽ اُسريون آهن. انهيءَ ڪري هيئن چئبو ته ٻولي، قومن جي زندگيءَ، ثقافت، رهڻيءَ ڪهڻيءَ جو آئينو آهي. ٻوليءَ جي تاريخ ۾، قومن جي زندگيءَ جي تاريخ لڪل ۽ سمايل هوندي آهي. ڊاڪٽر ٻوهيي، پورٽر جي حوالي سان لکيو آهي ته:

> "انساني ٻولي، عوامي پيداوار آهي. اها نه ڪن عالمن جي ٺاهيل آهي ۽ نه وري ڪن اُستادن جي، عالم ۽ اُستاد، ٻوليءَ/ ٻولين کي شاهوڪار ضرور بڻائين ٿا، اُن/ اُنهن کي سينگاري، سنواري، ٺاهي جوڙي، ادبي ٻوليءَ جي حسن جو گل ضرور بڻائين ٿا. پر ٻوليءَ جون اهم ترين مکڙيون، دراصل انهيءَ ٺاريءَ تي پيدا ٿين ٿيون جيڪا پنهنجو پاڻ اُپري ۽ اُسري آهي، وڌي ۽ ويجهي آهي، ۽ اُن جون پاڙون زمين اندر اونهيون کتل هونديون آهن. اُها زمين ئي آهي جنهن مان ٻوليءَ/ ٻولين کي پنهنجي تازگي ۽ غذا ملندي آهي (الهداد ٻوهيو ڊاڪٽر، 1978ع: 43)

حقيقت ۾ ٻوليءَ جو اڀياس، انسان ذات ۽ علم الانسان جو اڀياس آهي. پورٽر جي راءِ موجب:

"بهترين زبان اُها آهي جنهن جو بنياد، ڪنهن سماج ۽ سماجي قدرن ۽ روايتن تي رکيل هجي." (الهداد ٻوهيو ڊاڪٽر، 1978ع: 43)

ٻوليءَ جي مٿينءَ عام وصف جي اڀياس جي روشنيءَ ۾ جڏهن سنڌي ٻوليءَ جو جائزو ونجي ٿو تڏهن اهو چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻولي بہ هڪ سماجي قوت، علم ۽ عقل جو اٿاهہ ساگر، لغت، معني، علم ادب، خيال ۽ اظهار جو هڪ گنج آهي. هيءَ ٻولي، ڪنهن هڪ ماڻهوءَ، ڪنهن هڪ عالم يا ڪنهن هڪ اُستاد ويهي ڪانہ ٺاهي آهي، پر هيءَ ٻولي، سنڌ ڌرتيءَ سان گڏ وجود ۾ آئي آهي، ۽ هن ٻوليءَ جون پاڙون بہ، سنڌي سماج ۽ اُن جي ڌرتيءَ اندر ئي اونهيون کتل آهن، جن کي پٽي اُڇلي ڇڏڻ، ڪنهن بہ ماڻهوءَ لاءِ ممڪن ئي نہ آهي. اُهوئي سبب آهي جو هيءَ ٻولي، هر زماني ۾ سنڌي سماج جي روزمره جي ماحول ۾ سدائين مروج، سدائين استعمال واري ۽ سندس حيثيت ۽ مقام، هر زماني ۾ مجيل ۽ مؤثر رهيو آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ سنڌي ٻوليءَ جو سرچشمو سدائين عوام ئي رهيو آهي. هن ٻوليءَ جي عوامي ۽ سماجي حيثيت هميشه ۽ هر دور ۾ نمايان رهي آهي. انهيءَ ڪري هيءَ ٻولي، ابتدا کان وٺي اڄ تائين امر رهندي آئي آهي، ۽ انشاءَ الله تاقيامت امر رهندي. هن ٻوليءَ کي، مختلف دورن ۾ ڪن ڪوتاہ انديش ماڻهن جيتوڻيڪ ڇيهو رسائڻ جي ڪوشش بہ ڪئي، پر هن ٻوليءَ کي ڪامورو ڪوبہ ڪنهن بہ قسم جو ڪو ڇيهو رسائي نہ سگهيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ، سنڌ جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جي هميشه حفاظت جو ڪم ڪيو آهي، ۽ سنڌ جي قومي، وطني ۽ سماجي حيثيت کي هميشه بحال ۽ برقرار رکيو آهي. مشهور لطيف شناس، ڊاڪٽر سورلي، بلڪل درست فرمايو آهي تہ:

"سنڌي ٻوليءَ جي لغت تي اسان جي سماج، اسان جي معاشري، اسان جي معاش ۽ معاشي حالتن جو وڏو اثر رهيو آهي، ۽ ٻيو تہ سنڌي ٻوليءَ جهڙي ٻولي، اهڙي ئي سماج ۾ ڪاميابيءَ سان ڪم ڪري ٿي، جهڙو سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج آهي." (بحوالہ الهداد ٻوهيو ڊاڪٽر، 1978ع: 125).

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت ۽ مقام جي باري ۾، پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي لکي ٿو تہ:

"سنڌي ٻولي، اسان جي سماج جي اندر درياءَ شاهہ جيان وهندي، ماڻهوءَ ماڻهوءَ کي ڀائيندي، آباد ۽ سکيو رکندي، هلندي ويندي آهي، تان جو محبتن ۽ ميلاپن، ڏوراپن،

ويڻن، طعنن ۽ ٽوڪن، ميهڻن ۽ مهميزن، رازن ۽ رمزن، حرفن ۽ حيفن، ڏاهپن ۽ عقلن، حقيقتن ۽ حڪمتن جا گفتا نهي نهي، ٻوليءَ کي اٿاهه ساگر ۽ عميق سمنڊ جهڙو ڪري ڇڏيندي." (الهداد ٻوهيو ڊاڪٽر، 1978ع: 125)

سنڌي ٻولي، سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي زندگي، ذهني ۽ فڪري ترقيءَ جو ذريعو آهي. محترم محمد ابراهيم جويي، 'سنڌي ذات هنجن' ڪتاب جي مهاڳ ۾ فرمايو آهي ته:

"ٻولي، آواز- دانهن جو جواب- ٻوليءَ جا لفظ ٻوليءَ جون ڳالهيون، زندگيءَ جي وڏي وٿ آهن ۽ اُن لاءِ وڏو آڌت آهن، بلڪ ماڻهن لاءِ ماڻهپي سان جيئڻ جو بنياد آهي." (محمد ابراهيم جويو 1982ع: مهاڳ، ص 8)

جويي صاحب، هڪ روسي اديب، ترگنيف (1818-83ع)، جنهن پنهنجيءَ عمر جو اڌ عرصو ڪنهن طرح بيوطنيءَ ۾ گذاريو هو پنهنجيءَ روسي ٻوليءَ لاءِ هڪ موقعي تي چيل قول، نقل ڪندي لکيو آهي:

"جڏهن مان شڪ ۾ ويڙهجي وڃان ٿو جڏهن به پنهنجي ملڪ تي ويچاريندي، منهنجو من لرزجي ٿو تڏهن او منهنجي عظيم، سگهاري، سچار آزاد روسي ٻولي! تون ئي مون کي ڏڍ ڏين ٿي، ۽ مون کي بچائين ٿي، جي تون نه هجين ها ته پڪ ئي پڪ جو ڪجهه منهنجي وطن تي وهي رهيو آهي، اُن کي ڏسي، آءُ هوند ڍهي ٻنهه پٽ اچي پوان ها، پر ڪو آخر ڪيئن ٿو مڃي سگهي ته ههڙي عظيم ٻولي، عظيم قوم کان گهٽ ڪنهن قوم کي مليل هوندي." (محمد ابراهيم جويو 1982ع: مهاڳ، ص 8)

(ii) هن مثال کان پوءِ، جويو صاحب، سنڌي ٻوليءَ بابت، پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو ته:

"اسين به پنهنجيءَ ٻوليءَ لاءِ چئي سگهون ٿا ته اُها اسان جو وڏو ڏڍ آهي، آڌت آهي ۽ اسان جا شڪ ۽ نراسايون دور ڪري ٿي، ۽ جيڪا ٻولي اسان کي اڄ، 'سنڌي ذات هنجن' جهڙو نثر ڏيئي سگهي ٿي ۽ اُن جهڙي پرک ڏيئي سگهي ٿي، اها ٻولي ڪيئن نه عظيم هوندي! ۽ نيٺ ائين ڪئين ٿو ٿي سگهي ته ههڙي عظيم ٻولي، عظيم قوم کان گهٽ ڪنهن قوم کي ملي هجي!" (محمد ابراهيم جويو 1982ع، مهاڳ، ص 8)

هن مثال کان پوءِ هيئن چئي سگهجي ٿو ته هر ڪا ٻولي، پنهنجيءَ قوم جو آب حيات آهي. انساني روح جو سدا تازو پريو ياڳ پاڪ چشمو جنهن ۾ ماڻهو پنهنجو ماضي گڏ ڪري رکن ٿا ۽ پنهنجن تمنائن جو پنهنجيءَ جاڻ جو تجربي جو ۽ اڳ- ويچار ۽ پروڙ جو عڪس ڏسن ٿا، ۽ اهو سچو ڪم سنڌن سگهڙ، اديب ۽ شاعر ڪن ٿا.

## 2- سنڌي ٻوليءَ جي ماضيءَ ۾ حيثيت:

سنڌي ٻولي، هر دور ۾ ارتقا پذير رهي آهي. اُن جو خاص سبب هي آهي ته سنڌ جي اديبن، عالمن ۽ شاعرن، پنهنجي ماحول معاشري جو هر دور ۾ گهرو مطالعو پئي ڪيو آهي. هر دور جي ماحول ۽ معاشري جي تبديل ٿيڻ جو اثر، ٻوليءَ ۽ اُن جي ادب تي ضرور ٿيندو رهيو آهي. اديب ۽ شاعر، لاشعوري طور، هر دور ۾ اُن جو رڪارڊ، پنهنجين لکڻين ۾ هميشه رکندا آيا آهن. جنهن جي باري ۾، هر وقت جي نقادن ۽ ماهرن جائزو پئي ورتو آهي.

'سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ٻوليءَ جا تجزيا- اُيتي ٻولي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو مزاج' جي عنوان واري مقالي ۾ مون، عرض ڪيو هو ته:

> "سومرن جي دور کان وٺي، موجوده وقت تائين، نظم توڙي نثر جي صنفن جو جڏهن جائزو وٺجي ٿو، تڏهن محسوس ٿو ٿئي ته اسان جو ادب، هر دور ۾ عوامي ادب رهيو آهي، ۽ معاشري کي متاثر ڪندڙ تبديليون هميشه سنڌي ادب ۽ اُن دور جي ٻوليءَ کي بہ متاثر ڪنديون رهيون آهن، جنهن ڪري سنڌي ٻولي ۽ اُن جي ادب ۾ هميشه وقت جي رفتار سان گڏ نوان تجربا ڪيا ويا آهن، اُن کي نئون موڙ ڇيو ويو آهي ۽ اُن ۾ هر قسم جي نواڻ آندي وئي آهي." (الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 1979ع: 124)

هن سلسلي ۾، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو ته:

> "ادب جو سماجي ڪارج وارو اڀياس، افاديت جي خيال کان اسان لاءِ ٻولي، سماج، ڪلچر ۽ ادب جي باري ۾ ڪئين نقطا واضح ڪري ٿو ڪئين مسئلا حل ڪري ٿو، ڪئين راهون کولي ٿو ۽ ڪئين سوال اُڀاري ٿو. هن طرح اسان، هر قسم جي اڀياس مان، سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌي سماج جي باري ۾ وڌيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ وڏو مواد حاصل ڪري سگهون ٿا." (الهداد ٻوهيو ڊاڪٽر، 1978ع، 105)

سنڌي زبان هڪ نهايت ئي قديم ۽ تاريخي زبان آهي. نندي ڪنڊ، پاڪ- هند جي تمام جهونين ٻولين ۾، هن ٻوليءَ جو شمار ٿئي ٿو. سنڌي زبان هڪ علمي ۽ شاهوڪار زبان آهي. هن زبان کي پنهنجي لغت، پنهنجو لوڪ ادب، پنهنجو معياري ادب ۽ پنهنجو ثقافتي ورثو آهي. هن زبان ۾، اصطلاحن، پهاڪن، چوڻين ۽ محاورن جو وڏو ذخيرو موجود آهي.

هن ٻوليءَ کي پنهنجو معياري رسم الخط آهي، جنهن کي 'عربي- سنڌ رسم الخط' چيو وڃي ٿو. اهو رسم الخط، پوري اسلامي دنيا جي ٻولين ۽ اُنهن جي رسم الخطن کان تاريخي طور قديم رسم الخط آهي. جو خالص عربي رسم الخط 'نسخ' تان ورتل آهي. اُن جي مقابلي ۾ فارسي، اردو، پشتو ۽ بلوچي

زبانن جي رسم الخطن ۾ وڏو فرق آهي. فارسي زبان جو رسم الخط 'نستعليق' آهي: اردو زبان وارو رسم الخط فارسيءَ جي نستعليق رسم الخط تان ورتل آهي. لهاذا پوري اسلامي دنيا ۾ عربي رسم الخط وانگر ڪامل عربي رسم الخط فقط سنڌي زبان کي ئي عطا ٿيل آهي، جنهن ۾ هن وقت تائين هزارن جي تعداد ۾ ڪتاب لکجي ۽ ڇپجي چڪا آهن.

هت اهو بہ واضح ڪرڻ ضروري آهي تہ ننڍي کنڊ پاڪ - هند جي تهذيبي ۽ تعليمي تاريخ ۾ اهو پهريون عربي - سنڌي رسم الخط ئي آهي، جيڪو 'ديوناگري رسم الخط' جي جاءِ تي خالص ديني ۽ قومي اثرن کي قبول ڪندي، بحال ڪيو ويو ۽ جيڪو سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ واري زماني کان وٺي هلندو ٿو اچي.

سنڌي ٻولي جيتري قديم آهي، اوتري ئي آهي، اُن جي علمي، ادبي ۽ دفتري حيثيت قديم. موهن جي دڙي جي مهرن جي پڙهڻ ۾ ڪن ماهرن کي ڪجهہ قدر ڪاميابي حاصل ٿيڻ کان پوءِ، اهو تہ چئي سگهجي ٿو تہ هر ڪا ٻولي پنهنجي گهرو ماحول ۽ پاڙي ۾ ڳالهائڻ سان سکبي آهي، پر ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لکت سکڻ لاءِ ضروري اهتمام ڪيا ويا هوندا، ڪي بندوبست ڪيا ويا هوندا. قديم زماني ۾، سنڌوماٿر ۾ ڪي پاٺشالائون قائم ڪيون ويون هونديون، جتي لکڻ ۽ پڙهڻ سيکاريو ويو هوندو. مهرن ٺاهڻ لاءِ ضرور ڪي ڪاريگر هوندا، جن ڪن ماهر اُستادن ۽ ڪاريگرن وٽ تربيت ورتي هوندي، بلڪل ائين جيئن چر جا پور ٺاهبا آهن. اڄ بہ ڪن اُستاد ڪاريگرن وٽ ڪي ٻالڪا يا شاگرد ڪم ڪرڻ سکندا آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي سکيا لاءِ قديم زماني ۾ ڪهڙو بندوبست ڪيل هو تنهن جي باري ۾ ڄاڻ اسلام جي سنڌ ۾ آمد کان اڳ واري دور ۾ فقط تڪش شلا واري 'وديالیہ' مان ملي ٿي، ۽ ائين چئي سگهجي ٿو تہ اُن دور ۾ بہ ودوان، درس ۽ تدريس جو ڪم ڪندا هئا، ۽ پاٺشالائن ۾ پنهنجن چيلن ۽ شاگردن کي باقاعدگيءَ سان سکيا ڏيندا هئا.

عرب سياحن جي سفرنامن مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌ جا ودوان، علم جوتش، علم نجوم، علم رياضي، علم طب ۽ ٻين علمن ۾ وڏي مهارت رکندا هئا. سنڌ ۾ انهن علمن جا وڏا وڏا ڄاڻو ودوان ۽ پنڊت هوندا هئا. اُنهن سفرنامن مان ائين بہ معلوم ٿئي ٿو تہ اُن زماني ۾، بلڪ اُن کان بہ اڳ واري زماني کان، قديم سنڌ ۾ انهن علمن جي سکڻ ۽ سيکارڻ لاءِ ڪي پاٺشالائون بہ هيون، جن ۾ ودوان ۽ پنڊت روزانہ سکيا ڏيندا هئا. محقق، البيرونيءَ جو ڪتاب، 'ڪتاب الهند'، انهيءَ ڄاڻ سان تہ ڀريو پيو آهي.

سنڌ جا واپاري ۽ خاص ڪري 'هٽ واڻيا'، پنهنجن ٻارن کي، اُن وقت جي پاٺشالائن ۾ موڪلڻ جي بدران، اُنهن کي پنهنجن هٽن تي ويهاري، اُنهن کي واپار ڪرڻ بہ سيکاريندا هئا ۽ ساڳئي وقت کين پٽيءَ تي پڙهڻ ۽ لکڻ بہ سيکاريندا هئا. اُهي هٽائي واڻيا، پنهنجن ٻارن کي، پنهنجي لپي بہ لکڻ ۽ پڙهڻ سيکاريندا هئا. لپين ۾ شين وغيره جا نالا لکڻ، انگ لکڻ، حساب رکڻ کان سواءِ ڪوڙا، جدولون، جوڙ ڪٽ، ونڊ، ضرب، ڏيهي

حساب، نرو وياج، گڏيل وياج، نفعي نقصان وارا حساب سکڻ کان سواءِ ’هُنديون‘ لکڻ، ’ڪاپارو‘ لکڻ، هر سال جي اُپت ۽ کپت جو ’پوتاميل‘ ناهڻ بہ سيکاريندا هئا. مطلب تہ اُهي پار، سماجي اپياس وارن مضمونن کان سواءِ باقي سڄو نصاب پنهنجي ڏاڏي، پيءُ، چاچي، مامي يا وڏي ڀاءُ کان هٽ تي ئي سکندا هئا.

سنڌ ۾، اسلام جي آمد کان پوءِ، اسلامي تعليم لاءِ خاص جتن ڪيا ويا. مدرسا کليا. هت بہ ڪيترائي عالم ۽ فاضل پيدا ٿيا. جن مان ڪن پوءِ وڃي عرب دنيا کي آباد ڪيو. اهڙيءَ طرح عرب دنيا، ايران ۽ افغانستان کان ڪيترائي عالم، فاضل ۽ درويش، سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا (عبدالڪريم بن محمد سمعاني، الانساب، 1912ع: 237). جن پنهنجي رواداريءَ ۽ علمي ڄاڻ سان، سنڌ کي نوازيو ۽ سيراب ڪيو. انهن عالمن، عربيءَ ۽ فارسيءَ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ کي بہ زور وٺايو ۽ سنڌ جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن کي، عرب دنيا سان واقف ڪرايو.

عرب حاڪمن، سنڌي عالمن، حڪيمن، طبيبن ۽ ودوانن کي بغداد گهرايو جتي اُنهن جي تمام گهڻي قدرداني ٿي. سنڌي عالمن، مترجمن جي مدد سان، علم طب، علم نجوم، علم جوتش، علم رياضي ۽ ٻين علمن تي ڪتاب لکيا، ۽ پنهنجيءَ ڄاڻ کي عربي زبان ۾ ترجمو ڪيو (هن دعويٰ لاءِ ڏسو عرب سياحن، جهڙوڪ: اصطخري، مسعودي، بشاري المقدسي، ابن نديم، البيروني، جاحظ ۽ بزرگ بن شهريار جا سفرناما ۽ ڪتاب.)

سومرن جي حڪومت جو ٻيو دور (1051ع ـ 1351ع)، سنڌ، سنڌي زبان لاءِ جاڳرتا ۽ ديني تبليغ جو دور هو. هن دور ۾، سنڌي ٻوليءَ کي اسلام ۽ تصوف جي تعليم ۽ تبليغ جو ذريعو بڻايو ويو. هن دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ديني پرچار جو ادب، شاعريءَ ۾ بہ ملي ٿو. اسلام جي ٻين صوفي طريقن: سهروردي، قادري، نقشبندي ۽ چشتيہ کان سواءِ، اسماعيلي (باطني) فڪر ۽ فرقي جا داعي، سنڌ ۾، سن 172هہ کان پوءِ، هباري خاندان جي دور ۾ گهڻي قدر پکڙجي چڪا هئا.

سومرن جي ٻئي دور ۾، اسماعيلي داعي، پنهنجي فڪر جي پيغام ڏيڻ لاءِ هڪ ٻئي پٺيان سنڌ ۾ ايندا رهيا. هن دور ۾ اسماعيلي فڪر ’ست پنٿ طريقي‘ جو پهريون داعي، سيد نورالدين هو جنهن کي مصر جي ائين فاطمي خليفي، سيدنا مستنصر بالله (وفات: 1094ع)، اسماعيلي فڪر جي دعوت لاءِ هندستان موڪليو. سيد نورالدين (وفات: 462هہ/ 1079ع)، سنڌ ۾، گجرات، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾، پاڻ کي ’پير ستگرنور‘ جي نالي سان، سڏايو ۽ ماڻهن کي اسماعيلي فڪر جي ’ست پنٿ‘ طريقي جو پيغام ڏنو. پير ستگرنور پنهنجن پوئلڳن کي، ’ست پنٿ‘ جي اسماعيلي فڪر جي تعليم، سندس جوڙيل منظوم ڪلام ذريعي، مادري زبان ۾ ڏني. هن پنهنجي ڪلام کي ’گنان شريف‘ جو نالو ڏنو. پير ستگر نور کان پوءِ

هن ئي دور (سومرن جي ۽ئي دور) ۾، اسماعيلي فڪر جا ڀيا داعي بہ قديم سنڌ ۾ آيا، جن ۾ پير صلاح الدين، پير شمس سبزواري ملتاني (1165ع ـ 1276ع)، پير نصيرالدين بن پير شمس ايران کان آيا، پر پوءِ اُهي ۽ اُنهن جا پونير قديم سنڌ ۾ ئي پنهنجي تبليغي ڪم ۾ هت ئي آباد ٿي ويا. جتي پوءِ پير شهاب الدين ۽ اُن جو فرزند پير صدرالدين (1290ع ـ 1409ع) هتي ئي اوچ شريف ۾ پيدا ٿيا. انهن سيني بزرگن، گنانن ذريعي، پير ستگرنور جي ڏنل تعليم کي جاري رکيو. انهن داعين، پنهنجن پوئلڳن کي گنانن ذريعي، اسلام جا اصول ۽ عقيدا سمجهايا. انهن داعين، شريعت جا مسئلا، روحاني علمن جا راز، تصوف، ويدانت، ڀڳتي مت، ناٿ پنٿ ۽ هندومت جون ڳالهيون، پنهنجن پوئلڳن کي، سندن مادري ٻولين، گجراتيءَ، ڪڇيءَ، هنديءَ، پوربيءَ، سنڌيءَ، سرائڪيءَ ۽ پنجابيءَ ۾ سمجهايون.

اسماعيلي داعين مان ڀهرين پير شمس ۽ پوءِ اُن جي پڙ پوٽي پير صدرالدين، پنهنجي علمي سرمايي کي لکت ۾ محفوظ ڪرڻ لاءِ، 'شاهہ مکي' ۽ 'خوجڪي' رسم الخط ڪم آندا. پوئين رسم الخط ۾، نہ فقط گنانن کي محفوظ ڪيو ويو پر اُن رسم الخط ۾ پير صدرالدين پنهنجن پوئلڳن کي ٻين دنيوي علمن لاءِ نصاب پڻ تيار ڪري ڏنو. انهن ڳالهين جو ذڪر 'سنڌي صورتخطي' ڪتاب ۾ ڪيو ويو آهي. ('لانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 1993ع). بلڪ هن رسم الخط ۾ ڇپيل مواد، برٽش لائبرريءَ ۾ بہ موجود آهي.

هن راءِ مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌي زبان، يارهين صديءَ عيسويءَ کان، ذريعہ تعليم ۽ تدريس رهي آهي. اُن وقت بہ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت، علمي، ادبي، روزمره جي استعمال، تجارتي وهنوار ۽ مذهبي درس و تدريس واري هئي.

سمن جي دور (1351ع ـ 1521ع) ۾ بہ، سنڌ ۾ اسلامي علوم جي گهڻي ترقي ٿي. جيتوڻيڪ سومرن جي دور کان ئي اسلاميات جي تعليم، مدرسن ۾ ڏيڻ شروع ٿي چڪي هئي، پر سمن جي دور ۾ مدرسن لاءِ جدا عمارتون پڻ ٺهيون، جن ۾ وڏا وڏا محدث، عالم ۽ فاضل تعليم ڏيندا هئا. بکر، ٺٽي، سيوهڻ، اگهاماڻي، درٻيلي، ٺلٽي، ٻبرلوءِ، هالا ڪندي، نصرپور ۽ ٻين قديم بستين ۾، جيئن پوءِ تيئن مدرسن جي قائم ڪرڻ جو رواج وڌندو ويو. اُنهن مدرسن ۾ قرآن حڪيم، حديث، تفسير ۽ فقه جي تعليم ڏني ويندي هئي. (مولائي شيدائي، 1959ع: 413)

اسلامي دنيا ۾، اسلاميات جي درس و تدريس ۾، ٺٽي جي قديم شهر، 'دارالعلوم' جي حيثيت اختيار ڪئي هئي. ٺٽي جي اُن زماني جي عالمن ۽ فاضلن جي علم جي هاڪ ٻڌي، ايران، افغانستان، خراسان ۽ ٻين هنڌان، ڪيترائي عالم ۽ فاضل لڏي اچي ٺٽي ۾ آباد ٿيا. (مولائي شيدائي، 1959ع: 359)

مذهبي تعليم ۽ تدريس وارن مدرسن ۽ دانشگاهن، سنڌي علم ادب جي ترقيءَ ۽ سنڌي زبان جي واڌاري لاءِ بہ وڏو ڪم ڪيو. هن دور جا وڏا عالم، سنڌي ٻوليءَ جا نامور شاعر پڻ هئا (نبي بخش خان، بلوچ،

ڊاڪٽر: 1970ع ۽)، اُنهن مان قاضي قادن، اسحاق آهنگر، مخدوم احمد ڀٽي ۽ ٻين جا نالا فخر سان وٺي سگهجن ٿا. شاهه ڪريم بلڙائيءَ جا بيت ۽ سمجهاڻيون، 'بيان العارفين' ڪتاب جي صورت ۾ هن دعوي جو دليل آهن.

ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي نوابن جي ڏينهن ۾، سنڌي زبان، عام ماڻهن جي زبان طور گهڻي ترقي ڪئي. انهن دورن ۾ شاهه لطف الله قادريءَ، شاهه ڪريم بلڙائيءَ ۽ مخدوم نوح سرور جهڙا وڏا مفڪر ۽ عالم پيدا ٿيا، جن جي ڪلام عام ماڻهن جي دلين ۾ وڏي سجاڳي آندي.

ڪلهوڙن جو دور ته سنڌي زبان لاءِ وڏيءَ عظمت وارو دور ثابت ٿيو. هي دور سنڌي ٻوليءَ لاءِ نوان نياپا، نوان موڙ نيون ڏارائون ۽ نوان علمي ۽ ادبي ماپا ڪٺي آيو. هڪ طرف مخدوم محمد معين ٺٽوي، ميين شاهه عنايت صوفيءَ، خواجه محمد زمان لنواريءَ واري ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ، سنڌي زبان ۾ نئون روح ڦوڪي، اُن کي زنده جاويد بنائي ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح عام فهم ٻوليءَ ۾ صوفياڻو پيغام ڏنو جنهن سنڌي زبان کي امر بڻائي ڇڏيو. هونئن ته شاهه ڪريم بلڙائيءَ جي بيان العارفين ڪتاب مان ظاهر آهي ته ارغونن ۽ ترخانن جي زماني (1521ع - 1555ع) ۾، سنڌي ٻولي، ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان نستعليق يا نسخ خط ۾ لکجڻ ۾ پئي آئي. هوڏانهن هندن ۽ مسلمانن مان ڪن جاتين پنهنجي پنهنجي لپيءَ کي، پنهنجي ڪار وهنوار لاءِ ڪم پئي آندو پر نسخ رسم الخط ۾، پهرئين معياري ڪتاب، 'مقدمة الصلواة' جي لکجڻ سان، سنڌي ٻوليءَ کي نصابي حيثيت پڻ ملي وئي. اهو ڪتاب، 'مخدوم ابوالحسن جي سنڌي' جي نالي سان اهو رسم الخط، سڄيءَ سنڌ جي عالمن تسليم ڪيو ۽ اصولي طور سنڌي زبان لاءِ اهو رسم الخط ئي سڄيءَ سنڌ جي مدرسن ۾ نصاب ۾ شامل ڪيو ويو البت اُهي عالم جيڪي نستعليق رسم الخط تي هريل هئا، اُهي اُن (نستعليق) ئي رسم الخط ۾ پيا لکپڙهه ڪندا هئا. پر سنڌ جي اڪثر عالمن جهڙوڪ: مخدوم ضياء الدين، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم عبدالله ۽ ڪن ٻين عالمن، پنهنجن پنهنجن مدرسن ۾ نسخ رسم الخط اختيار ڪيو. اڄ به ڪلاسيڪي ادب ۾، اُنهن عالمن جون جوڙيل 'سنڌيون' وڏي اهميت رکن ٿيون. لهاذا اهو چئي سگهجي ٿو ته ڪلهوڙن جي دور (1718ع - 1782ع) جي شروع واري زماني کان ئي، سنڌي زبان، عوامي طور مدرسن ۾ تعليم جي ذريعي طور استعمال ٿيڻ لڳي هئي. سيني مدرسن ۾، سنڌي زبان جي صورتخطيءَ وارو مسئلو هيڪر حل ٿي ويو. اُن کان پوءِ مدرسن ۾ ڪم ايندڙ نصابي ڪتاب هن ئي رسم الخط (ابوالحسن جي سنڌيءَ) ۾ ئي لکجڻ لڳا هئا.

ڪلهوڙن جي دور ۾ لکيل ديني درسي ڪتاب توڙي ٻين موضوعن تي موجود قلمي نسخا، گهڻو ڪري ابوالحسن واريءَ سنڌيءَ ۾ لکيل ملن ٿا. اُن جي باوجود ڪن ڪن مدرسن جا عالم، نستعليق رسم الخط به جاري رکندا آيا. اُن دور ۾ جيڪي سنڌي ڪتاب، سنڌ جي مدرسن ۾ ڪم ايندا هئا، اُنهن مان ڪن ڪتابن جا نالا هي آهن:

| كتاب جو نالو | مصنف جو نالو |
|---|---|
| مقدمة الصلواة | مخدوم ابوالحسن |
| چؤ علمي | مخدوم ابوالحسن |
| مخدوم ضياءَ الدين جي سنڌي | مخدوم ضياء الدين ٺٽوي |
| فرائض الاسلام | مخدوم محمد هاشم ٺٽوي |
| وصيت نامہ | مخدوم محمد هاشم ٺٽوي |
| ذبح شڪار عرف راحت المؤمنين | مخدوم محمد هاشم ٺٽوي |
| زادالفقير | مخدوم محمد هاشم ٺٽوي |
| مطلوب المؤمنين | مخدوم عبدالخالق ٺٽوي |
| ڪنزالعبرت (ٻن جلدن ۾) | مخدوم عبدالله نريي وارو |
| بدرالمنير | مخدوم عبدالله نريي وارو |
| نورالابصار | مخدوم عبدالله نريي وارو |
| هفت بهشت | مخدوم عبدالله نريي وارو |
| قمرالمنير | مخدوم عبدالله نريي وارو |
| مخدوم ابراهيم جي سنڌي | مخدوم محمد ابراهيم ٻٽي هالائي |

ٽالپرن جي دور ۾، مدرسن ۾ ديني تعليم، عربي ۽ فارسيءَ سان گڏ سنڌي زبان ۾ پڻ ڏني ويندي هئي. اعليٰ تعليم لاءِ عربي ۽ فارسي زبانن ۾ تعليم ڏيڻ جو رواج هو. اُن زماني ۾، سنڌي ٻوليءَ جو نصاب هن ريت هوندو هو:

(1) مڪتبن ۾ پهرئين سال کان پوءِ جڏهن ڪو به ٻار لکڻ ۽ پڙهڻ شروع ڪندو هو تڏهن اُن کي پهرين قرآن مجيد پڙهڻ (سواءِ معنيٰ جي) سکياريو ويندو هو. هن عمر ۾، ٻار جي تربيت آهستي آهستي ڪئي ويندي هئي.

(2) جڏهن اُهو ٻار نون سالن جو ٿيندو هو تڏهن اُن کي مادري زبان يعني سنڌيءَ جي اڀياس لاءِ هڪ ڏاڪو اڳتي ٽپايو ويندو هو. اُن لاءِ اُن کي هيٺيون نصاب پڙهايو ويندو هو:

(i) نورنامو- هي هڪ آسان ۽ مختصر منظوم ڪتاب آهي، جنهن ۾ انسان ذات جي پيدائش کان اڳ جي تاريخ بيان ٿيل آهي. هي ڪتاب، عبدالرحمان جو جوڙيل آهي. هن ۾ ڏار ڏار پيغمبرن جون چوٽيون ۽ اسلام جي پيغمبر صلہ جن جي مختلف حديثن کي گڏ ڪيو ويو آهي.

(ii) مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو تصنيفون ۽ تفسير ـ مخدوم صاحب جا لکيل ڪتاب، جهڙوڪ: فرائض الاسلام، وصيت نامو ذبح شڪار عرف راحت المؤمنين، بياض هاشمي، تفسير تبارڪ، تفسير عمر، زادالفقير، تهذيب الاصلاح، فتح ڪلام ۽ حيات القوب، اُن زماني ۾ نصاب ۾ شامل هوندا هئا.

(iii) نظم ۽ نثر ۾ آکاڻيون ـ جهڙوڪ: سيف الملوڪ ۽ ليليٰ مجنون وغيره. هن سلسلي ۾ سڀ کان اهم ڪتاب، حڪايت الصالحين هو جيڪو عبدالحڪيم نالي ڪنهن عالم، عربيءَ مان، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. هن ڪتاب ۾ جيڪي مضمون شامل هئا، اُهي هي آهن: سوانح عمريون، اسلامي دور جي مشهور درويشن جون چوٽيون وغيره.

(iv) لاڏائو ـ هن ڪتاب ۾ پاڪ سڳورن صلعم جي هي جهان ڇڏڻ جي باري ۾ بيان آهي. هي ڪتاب ميان حبيب الله جي ڪتاب، ’حبيب سيار‘ جو ترجمو آهي.

(v) سؤ مسئلا ـ هي هڪ ننڍو ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ ڄاڻايل آهي تہ ڪيئن عبدالحليم نالي هڪ فقير، روم جي بادشاهہ جي ڌيءَ سان، سؤ سوالن جي صحيح جوابن ڏيڻ واري شرط ڪٽڻ ڪري، ساڻس (شهزاديءَ سان) شادي ڪئي.

(vi) معراج نامو ـ هن ڪتاب ۾ نبي ڪريم صلعم جن جي معراج تي وڃڻ واريءَ حقيقت جو بيان ٿيل آهي.

حاصل مطلب تہ انگريزن جي حڪومت جي شروعات کان بہ اڳ، سنڌي زبان نہ صرف تعليمي ۽ تدريسي ٻوليءَ طور ڪم ايندي هئي، نہ فقط مدرسن ۾، تعليم جي ذريعي طور ڪم ايندي هئي، پر هن زبان ۾ وڏا وڏا اديب، عالم ۽ شاعر بہ موجود هئا، جن پنهنجي ڪلام ۽ پنهنجن عالمانہ علمي ۽ ادبي شهپارن ذريعي، سنڌي زبان کي، علمي ۽ ادبي زبان جي معيار ۽ مقام تي پهچائي ڇڏيو هو. اُنهن عالمن، شاعرن ۽ مفڪرن ۾، سچل سرمست، ميان سرفراز خان عباسي، سيد ثابت علي شاهہ، مخدوم عبدالرؤف ڀٽي، سامي، دلپت، روحل، بيدل ۽ بيڪس جا نالا وڏي فخر سان پيش ڪري سگهجن ٿا. نہ فقط ايترو پر سنڌي زبان، روزمره جي وهنوار کان سواءِ، واپاري ڏيتي ليتيءَ واريءَ لکت جو ذريعو پڻ هئي. هندو واپارين کان سواءِ، مسلمانن ۾ خواجہ ۽ ميمڻ بہ هن ٻوليءَ کي پنهنجي پنهنجي رسم الخط جي مدد سان، واپاري لکپڙهہ کان سواءِ روزمره جي ٻئي ڪم ڪار ۾ پيا ڪم آڻيندا هئا.

انگريزن سنڌ تي 17، فيبروري، 1843ع تي قبضو ڪيو. اُنهن، پنهنجيءَ حڪومت واري زماني ۾، شروع کان ئي، سنڌي زبان جي مٺي بيان ڪيل خوبين ۽ مقام کي قبول ڪيو. انگريزن، پنهنجيءَ حڪومت جي شروع ئي وارن سالن ۾، سنڌي ٻوليءَ کي، سنڌي صوبي ۾ سرڪاري، دفتري، علمي، ادبي ۽ ڪورٽ جي ڪاروبار لاءِ استعمال ڪرڻ جو درجو ڏنو. سن 1848ع ۾ بمبئي صوبي جي گورنر، سر جارج

ڪلارڪ، هڪ حڪم نامو جاري ڪيو، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو هو تہ، سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ۽ سرڪاري ٻوليءَ طور ڪم آندو وڃي. اُن حڪم نامي ۾ ڄاڻايل هو تہ:

"اسان کي ملڪي ٻوليءَ (سنڌيءَ) کي دفتري ٻولي بڻائڻ گهرجي. مون کي خبر نہ پئي پوي تہ اسان جا روينيو ۽ عدالتي ڪاتن جا عملدار، فارسي ۽ انگريزيءَ جهڙين غيرملڪي ٻولين ذريعي ڪاميابيءَ سان ڪم ڪيئن ڪري سگهندا هوندا! انهيءَ سلسلي ۾ سيني سول ڪامورن کي ارڙهن مهينن جو مدو ڏنو وڃي، جنهن ۾ هو سنڌي ٻوليءَ ۾ امتحان پاس ڪن. اهڙن ڪامورن کي، ليفٽيننٽ اسٽئڪ جي ڊڪشنري وڏي مدد ڏيئي سگهي ٿي، جنهن جي ڇپائڻ جي هن کي اجازت ڏني وڃي."

انگريزي حڪومت جي دور ۾ پوءِ، سنڌي ٻوليءَ لاءِ سرڪاري طور صورتخطي مقرر ٿيڻ ڪري، سنڌي ٻوليءَ کي وڏو فائدو رسيو. سنڌ ۾ ڇاپخانا قائم ڪيا ويا، جنهن ڪري سنڌي زبان ۾ رسالا، اخبارون ۽ ڪتاب گهڻي تعداد ۾ ڇپجي ظاهر ٿيا. اُنهن ۾ نثر توڙي نظم جي گهڻو ڪري هر صنف اچي ٿي وَئي.

هن دور ۾، سنڌ جي اديبن، شاعرن ۽ عالمن، دنيا جي بهترين ۽ اعليٰ معيار وارين تصنيفن ۽ 'ادب عاليہ' جي معيار وارن ڪتابن کي، سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو. انهن عالمن، انگريزي، فرينچ، جرمن، روسي عربي، فارسي، ترڪي، هندي، بنگالي، سنسڪرت، گجراتي، اردو ۽ ٻين ٻولين ۾ ڇپيل اعليٰ پايہ جي ڪتابن کي، سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو. اُنهن قرآن مجيد، توريت، زبور، انجيل، مهاڀارت، رامايڻ ۽ گيتا جهڙن ديني، ڌرمي ۽ مقدس ڪتابن کي سنڌي ٻوليءَ جو ويس ونايو. دنيا جي نامور مفڪرن، عالمن، اديبن ۽ شاعرن، جهڙوڪ: روميءَ، شيرازيءَ فردوسيءَ، سعديءَ، عمرخيام، خليل جبران، شيڪسپيئر، ڊانٽي، والٽر اسڪاٽ، ڪانندائيل، ڊڪنس، ڪار لائل، ٽالسٽاءِ، ابسن، بيڪن، ميڪاولي، ڪاليداس، ٽئگور، مهاتما گوتم ٻڌ، مهاتما گانڌي ۽ ٻين عظيم مغربي توڙي مشرقي، اديبن، شاعرن، دانشورن، عالمن ۽ مفڪرن جا فلسفيانہ خيال ۽ ويچار، ناول، ناٽڪ، مضمون، شعر توڙي ٻيو مواد، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو.

اهڙيءَ طرح اسلام جي پيغمبر صلعم کان سواءِ حضرت عيسيٰ عليہ السلام، حضرت موسيٰ عليہ السلام، حضرت ابراهيم عليہ السلام توڙي ٻين پيغمبرن کان سواءِ خلفاءِ راشدين، امامن سڳورن، اصحابن، ولين، درويشن ۽ ساڌن سنتن جا احوال بہ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپايا ويا.

مطلب تہ سنڌي نثر ۾، ابن خلدون، بوعلي سينا، امام غزالي، شري ڪرشن، شري رامچندر، ڀڳت ڪبير، ميران ٻائي توڙي ٻين فيسلوفن، حڪيمن، عالمن ۽ سالڪن جي حياتين جا ڪارناما پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ قلمبند ڪري ڇپايا ويا. مطلب تہ انگريزن جي حڪومت جي دور ۾ دنيا جي مشهور ٻولين ۽ نامور اديبن، عالمن، مفڪرن ۽ شاعرن جو ڇپيل ادب عاليہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو.

### 3- جديد سنڌي ادب جي شروعات:

سنڌي ٻوليءَ ۾ جديد ادب جي شروعات دراصل ترقي پسند تحريڪ جي اثر جي ڪري شروع ڪئي وئي. هن نظريي جي شروعات 1936ع کان ٿي هئي. پر سنڌي ٻوليءَ تي هن تحريڪ جو اثر 1940ع ۾ نمايان طور ٿيڻ لڳو هو.

ورهاڱي (1947ع ۾) کان اڳ ئي سنڌي ٻوليءَ ۽ اُن جي ادب ۾ نون نظرين ۽ نون رجحانن جي شروعات ٿي چڪي هئي. هن سلسلي ۾ گوبند مالهي، گوبند پنجابي، تيرٿ وسنت، شيخ عبدالرزاق 'راز'، شيخ اياز، عبدالڪريم گدائي، اياز قادري، پرسرام ضيا، ڪيئلداس 'فاني'، حيدربخش جتوئي ۽ ڪشنچند 'بيوس' جون لکڻيون، دليل طور پيش ڪري سگھجن ٿيون.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ مان هزارن جي تعداد ۾ اديبن، شاعرن ۽ ناشرن جي لڏي وڃڻ کان پوءِ سنڌ ۾ ادبي ميدان ۾ ڪجھ وقت لاءِ ته ماٺار ڇانئجي ويو هو پر پوءِ جلدي سنڌ جا اديب، سنڌ ۾ توڙي هند ۾، پنهنجي تخليقي ادب جي ميدان ۾ نڪري پيا. سنڌي ٻوليءَ ۾ ادبي سجاڳيءَ وارو جذبو ڏسي، اُن زماني ۾ سنڌي ادب جي هڪ وڏي صحافيءَ ۽ نقاد، پير علي محمد شاهه راشديءَ بيباڪيءَ سان لکيو ته (اڳ ۾ به حوالو ڏنو ويو آهي):

> "سنڌيءَ ۾ تنصيف ۽ تاليف جو ڪم اهڙي زور شور سان اسان جي ڏسندي ڏسندي شروع ٿيو ۽ جيڪي ڪجھ اڄ تائين ٿي چڪو آهي، سو حيرت ۾ وجهندڙ آهي. جيتري قدر منهنجو خيال آهي ته آزاد پاڪستان اندر جيترو علمي ۽ ادبي ڪم، سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيو آهي، اوترو ڪنهن به مقامي زبان ۾ ڪونه ٿيو آهي. زيور هر ڪا پائي پر ڪا زيور نمڪائي به ته ڏيکاري! سنڌي اهل قلم حضرات بلڪل ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي. خدا کين نظر بد کان بچائي، ۽ سندن همتون بلند ڪري هنن ملڪ جي وڏي علمي خدمت ڪئي آهي. جڏهن ميان محمد حنيف صديقي يا ڊاڪٽر دائودپوٽو يا آءِ ڌڪا ٿاٻا کائيندا، ڪتاب ڳولهيندا، ڳنهندا، اوڌر تي وٺندا پئي وياسين، تڏهن اسان کي هي خواب خيال به ڪونه هو ته اسان جن پنهنجن مان ڪو اهڙو نسل پيدا ٿيندو جو سمورو اباڻو لساني ورثو ۽ خزانو ڳولهي ڦولهي، هٿ ڪري، هميشه لاءِ محفوظ ڪري وٺندو.
>
> اسان جي ابتدائي ڏينهن ۾ اڪثر ماڻهن کي ناٽڪن ۽ ڳانن جو شوق هوندو هو. ڪنهن کي اِها اُميد هئي ته اهي ساڳيا ماڻهو چچنامو معصومي، طاهري، تحفة الڪرام، بيگلار نامو ۽ مڪلي نامو وغيره جهڙن خشڪ ڪتابن ڏانهن مڙي پوندا يا پنهنجن

زنده جاويد املهہ ماڻڪ شاعرن کي ڳولهي، اُنهن جي ٻولي ٻولڻ لڳندا! شاعرن جو ذڪر چڙيو آهي تہ منهنجي هيءَ ڳالهہ بہ ٻڌي ڇڏيو تہ مان هن زماني ۾ اهڙا شاعر بہ ڏسان ٿو، جن جو ڪلام ڪنهن ڏينهن سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام سان ڪلهو گسائيندو نظر ايندو.“ (علي محمدشاهہ راشدي، پير:؟)

**(2) موجوده حيثيت:**

موجوده وقت، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپايل ادب کي پرکيندي، ائين چئي سگهجي ٿو تہ موجوده وقت سنڌي ٻولي، دنيا جي ڪنهن بہ ترقي يافتہ ٻوليءَ سان، ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهي سگهي ٿي. هن ٻوليءَ ۾ هر صنف ۽ هر موضوع تي ادب مهيا ڪيو ويو آهي. ايتري قدر جو موجوده وقت جي بين الاقوامي مسئلن کي بہ، سنڌي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو ويوآهي. ۽ سنڌي شاعرن جو ڪلام، سنڌي نثر نويسن جا لکيل ناول، افسانا، ڪالم، سوانح عمريون، ايشيا، يورپ ۽ آفريڪا جي مشهور ٻولين، جهڙوڪ: انگريزي، فرينچ، جرمن، روسي، اطالوي، چيني، جپاني، ٿائي، ملئي، هندي، مرهٽي، گجراتي، اردو، عربي ۽ فارسي زبانن مان ترجمو ٿي چڪا آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي علمي ۽ ادبي حيثيت ۽ اهميت جو قدر ڪري جيئن انگريز حاڪمن، پنهنجيءَ حڪومت جي ابتدائي دور کان وٺي، اُن ۾ تعليم ڏيڻ، اُن ۾ اشاعتي سلسلي کي وڌائڻ ۽ اُن ۾ ۽ اُن جي باري ۾ تحقيق ڪرڻ جي همت افزائي ڪئي، تيئن ورهاڱي کان اڳ يا اُن کان پوءِ، يورپ، اميريڪا ۽ روس جي اديبن، عالمن، مفڪرن ۽ محققن، جديد تحقيق جي روشنيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو مطالعو ڪرڻ شروع ڪيو. برطانيا جي، لنڊن يونيورسٽيءَ جي، ’اسڪول آف اوريئنٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز‘، فرانس جي ’سوربورن يونيورسٽيءَ‘، اميريڪا جي ’پينسلوانيا‘، ’ٽيڪساس‘ ۽ ’هارورڊ يونيورسٽيءَ‘، ۽ هيلسنڪيءَ ۽ اسڪئنڊينيويا جي ڪن ادارن کان سواءِ، جرمني، اٽلي ۽ ڪن ٻين ملڪن جي ادارن ۾ ماهرن، سنڌي ٻوليءَ جي ادب، سنڌي لسانيات ۽ خصوصاً موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان هٿ آيل سنڌو لکت تي تحقيقي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. خاص ڪري جرمنيءَ جي ٻون يونيورسٽيءَ جي مشهور مفڪر، ڊاڪٽر ائنيمري شمل، شاهہ لطيف، سچل سرمست ۽ سنڌي ادب جي سلسلي ۾ بهترين مقالا لکيا. يورپ ۽ اميريڪا ۾، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جو تعارف ڪرايو. اهڙيءَ طرح اٽليءَ ۾، ڊاڪٽر ٽُربياني، ماسڪو ۾ ڊاڪٽر رايا ايگوراوا ۽ پروفيسر گنڪو وسڪي، سنڌي ٻوليءَ جا وڏا ماهر ٿي گذريا آهن. ڊاڪٽر ايگوراوا جي پي ايڇ ڊيءَ جي ٿيسز بہ سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي باري ۾ هڪ وڏو تحقيقي ڪم هو. اهي حقيقتون ثابت ٿيون ڪن تہ سنڌي ٻوليءَ جي علمي، ادبي ۽ لسانياتي حيثيت، دنيا ۾ پنهنجو مقام

حاصل ڪري چڪي آهي. ۽ هن زبان جو مستقبل تمام گهڻو روشن آهي. اڳ ۾ ائين بہ چيو ويو آهي تہ موجوده زماني ۾، سنڌي ٻوليءَ جي چونڊ شاعريءَ، افسانن، ناولن، مضمونن ۽ تنقيدي ڪالمن کي جرمني، اميريڪا، روس، جپان، چين ۽ عرب توڙي آفريڪن ملڪن ۾ ترجمو بہ ڪيو ويو آهي.

موجوده دور ۾ لکيل سنڌي افسانن، ناولن، ڊرامن، مضمونن، گيتن، توڙي نظم، دوها، جديد وائي، جديد ڪافي، سنڌ ۽ سنڌي زبان جي روشن مستقبل جي بشارت ڏين ٿا. موجوده دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل اهي سڀ صنفون، انگريزي، فرينچ، جرمن ۽ ٻين ترقي يافتہ ملڪن جي زبانن ۾ لکيل صنفن وانگر، وڏي معيار واريون صنفون آهن. انهيءَ ڪري مستقبل ۾، سنڌي ٻوليءَ جي روشن مستقبل لاءِ وڏيون اُميدون رکي سگهجن ٿيون.

سنڌي ٻوليءَ ۾، پنهنجيءَ ڌرتيءَ، پنهنجن بزرگن، سياڻن ۽ سرويچن، اديبن ۽ عالمن جي سوچ ۽ ساڃهہ، سندن آسن ۽ اُميدن، سندن اُمنگن ۽ جذبن، سندن ڪوششن ۽ ڪاوشن جون ڳالهيون بيان ٿيل آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾، سنڌ شناسيءَ، تنقيدي ۽ تخليقي توڙي 'ادب عاليہ' جي ترجمي تي مشتمل، سوين مضمون، مقالا، ڪتابڙا ۽ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. انهيءَ ڇپيل مواد ۾، سنڌي ادب جي مختلف صنفن جي نون موضوعن ۽ مضمونن، وڏيءَ سوچ، ٻوليءَ جي پختگيءَ، ٻوليءَ جي حسناڪيءَ، لفظن جي فراواني ۽ وسعت سبب، اڄ جو سنڌي ادب (نظم توڙي)، سنڌي تہ خير پر بين الاقوامي سطح تي پسند ڪيو ويو آهي.

اڄ جو پڙهندڙ سنڌي ادب ۾، پنهنجيءَ پسند، پنهنجي دور ۽ پنهنجي ماحول جون ڳالهيون ڏسي ٿو. هر پڙهندڙ موجوده سنڌي ادب ۾، پنهنجي باري ۾، ۽ پنهنجن سهيوڳين جون ڳالهيون گهڻي چاهہ سان پڙهي ٿو. اهوئي سبب آهي جو هر طبقي جي ماڻهن ۾ هاڻ، سنڌي زبان ۾ ڇپيل مواد جي مطالعي جو شوق گهڻو وڌيل آهي.

سنڌي زبان جي اديبن، شاعرن ۽ نقادن، هر زماني جي گهرجن ۽ ضرورتن کي سامهون رکي، سماجي، سائنسي ۽ ٻين علمن جي ڌار ڌار موضوعن طرف ڌيان ڏنو آهي. هن سلسلي ۾، اقتصاديات، سياسيات، تاريخ، سماجيات، لسانيات توڙي ٻين علمن جي اصلوڪن ۽ معياري ڪتابن جي لکڻ کان سواءِ ٻين عالمي زبانن ۾ ڇپيل معياري ڪتابن جي ترجمي جو ڪم جاري رکيو آهي.

حاصل مطلب تہ هن وقت تائين سنڌي زبان ۾ لکيل ادب، ۽ سنڌي زبان، دنيا ۾ اعليٰ مقام حاصل ڪري چڪا آهن. هن زبان ۾، جديد ادب جي روشنيءَ ۾، ماحول ۽ معاشري جو گهرو مطالعو ڪيو ويو آهي. سڀني اديبن، عالمن ۽ شاعرن، حقيقت پسندانہ انداز ۾، پنهنجي معاشري جو اونهو اڀياس ڪري، حالات جي ترجماني ڪئي آهي.

ورهاڱي کان پوءِ، سنڌي زبان، سنڌي ادب ۽ سنڌ جي ثقافت سان جيڪي زيادتيون ۽ ناانصافيون ٿيون هيون، اُنهن جي باري ۾ هن ئي ڪتاب ۾ شامل هڪ مضمون ۾ ڪيو ويو آهي. اُنهن زيادتين جي

ردعمل ۾، وطن دوستيءَ، سنڌ دوستيءَ، سنڌي زبان ۽ ادب جي تحفظ لاءِ سنڌ ۾ جيڪو جذبو پيدا ٿيو هو تنهن سنڌ جي اديبن، عالمن ۽ شاعرن کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. انهن، اُن سلسلي ۾، مزاحمتي ادب جي صورت ۾ تمام گهڻو ئي ڪجهه لکيو. اهو مڪمل مواد، ڇپيل رسالن ۽ ڪتابن ۾ موجود آهي، پر هن موضوع تي اڃا ڪا تفصيلي تحقيق ڪانه ڪئي وئي آهي.

سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن، سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجن صنفن کان سواءِ، ڏيهي توڙي پاڪستان جي ٻين صوبن جي لوڪ ادب وارين صنفن تي پڻ، سنڌي زبان ۾ طبع آزمائي ڪئي. ڪلاسيڪي ادب ۾ وائي، ڪافي، دوهي ۽ سورٺي جو نہ فقط موضوع ۽ مضمون بدلايو ويو پر انهن صنفن جي سٽاءُ تي نوان تجربا بہ ڪيا ويا. ۽ اُنهن سٽائن ۾، فارسي بحر ۽ وزن کي ملائي، نئيون هيئتون جوڙيون وَيون (تنوير عباسي، ڊاڪٽر:) غزل جو فارسيءَ وارو رنگ، لب ۽ لهجو ۽ ماحول بدلائي اُن کي ٺيٺ سنڌي ماحول ۽ اُسلوب ڏنو ويو (عبدالجبار جوڻيجو ڊاڪٽر: 1983ع: 272)

موجوده دور ۾، سنڌي ادب ۾، شاعريءَ جي مزاج ۾ وڏو فرق آندو ويو آهي. ٻوليءَ ۾ ڪومل ۽ رس ڀريا لفظ ڪم آڻي، اُن ۾ نفاست، نزاڪت، نرملتا، ڪوملتا، رس، ڀاو لئي ۽ لذت پيدا ڪئي وَئي آهي. مه جبين، مه لقا ۽ مه وش جهڙن اوپرن ۽ اُڌارن لفظن جي جاءِ تي منڙا، ٻانورا، سانورا ۽ سائينءَ جهڙا وڻندڙ لفظ ڪم آندا ويا آهن. جن ۾ پنهنجائپ وڌيڪ آهي. شاهہ لطيف، شاهہ ڪريم ۽ مخدوم نوح وانگر، موجوده دور جي شاعرن بہ تشبيهن، استعارن ۽ ڪنايَن لاءِ مقامي ٻوليءَ ۽ مقامي ماحول ۽ رنگ وارا لفظ ڪم آندا آهن. جنهن ڪري سندن ٻولي وڌيڪ رس ڀري محسوس ٿئي ٿي. مثال طور شاهہ لطيف جو هي بيت ڏسو:

سر لوهيڙا ڳپيا، ڪُسَر نسريا.
آن ڪيئن وسريا. ڍوليا ڏينهن اچڻ جا.
يا مخدوم نوح سرور جو هي بيت ڏسو:
پيئي جا پريات، سا ماڪ مَ ڀانيو ماٺهوئا.
روئي چڙهي رات، ڏسي ڏکوين کي.

موجوده شاعرن پڻ مقامي ماحول ۽ منظر جي عڪاسي، ديسي لفظن ذريعي هن ريت ڪئي آهي:

ڦٽڻ لڳي آ ميندي منڙا،
نمن جهليو آ ٻورُ...
ڪيسين رهندين دور!

يا

او سانوري،

او بانوري،

سانوڻ جي ڪڪري هيڪلي،

ڪر خبر ڇوتي روئين،

ڇوتي روئين ڇاجي ڪري

نہ صرف موضوع جي لحاظ کان سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب، مالدار ۽ مايئدار نظر اچن ٿا، پر ادبي صنفن ۾ انهن لاءِ مناسب فن ۽ ٽيڪنڪ جي لحاظ کان بہ. سنڌي زبان پنهنجو اعليٰ مقام حاصل ڪري چڪي آهي. اُسلوب بيان، ماحول جو مطالعو، حقيقت نگاري، منظرن جي عڪاسي، ٻوليءَ جي حسناڪي ۽ اهڙيون ٻيون خوبيون، سنڌي ٻوليءَ جي اعليٰ معيار ۽ مقام لاءِ پختا دليل آهن. هن سلسلي ۾ سيد حسام الدين شاهہ راشديءَ پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکيو آهي تہ:

"سنڌ جو فڪر، سنڌ جي تعليم ۽ سنڌي ذهن جي جيڪڏهن تلاش ۽ تحقيق ڪرڻي هجي تہ اُها غزل گو شاعرن جي ديوانن مان نٿي ڪري سگهجي، بلڪ ڪافين، ڏوهيڙن ۽ ٻين ٺيٺ سنڌي صنفن جي کاڻ مان، مٽين ۽ هيرن کي ڪيرِي، پروڙي ۽ پرکي سگهجي ٿي. سنڌ جي شاعرن ۽ اديبن، هر دور ۾ اُن دور جي مسئلن، طبقاتي ظلمن ۽ سماجي بيرحمين کان متاثر ٿي، اُن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي. هن دور جو ادب، پنهنجي زماني جي سنڌ جي چشم ديد ۽ حقيقت پري تاريخ آهي. هن دور جو ادب، بامقصد ادب آهي. سنڌ جي جديد شاعرن نہ فقط سنڌي شعر کي بامقصد بڻايو آهي، پر زبان کي جيڪي ڏاج ۽ ڏيوڻ ڏنا اُتن سي پڻ اچرج ۾ وجهندڙ آهن." (سيد حسام الدين شاهہ راشدي، 1981ع: 676 ۽ 679)

ون يونٽ جي قائم ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ جي مسئلن کي، ڪهاڻين، ناولن، ڊرامن، ڪالمن ۽ شاعريءَ ذريعي بيان ڪرڻ ۾ سنڌ جي اديبن شاعرن ۽ ڪالم نگارن ڪابہ ڪسر ڪانہ ڇڏي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ لکيو تہ:

"ماضيءَ کي زنده ۽ محفوظ رکڻ جا ٻہ طريقا آهن. هڪ تاريخ ذريعي ۽ ٻيو ڪهاڻيءَ، ناول ۽ ڊرامن جي ذريعي. تاريخ جي ذريعي ڪنهن بہ قوم جي، ڪنهن بہ دور جي مجموعي تاثر کي محفوظ ڪري سگهجي ٿو پر ڪهاڻيءَ، ناول ۽ ڊراما ذريعي، اُن جي تفصيل (details) تي روشني وجهي سگهجي ٿي. اُن دور جا ڪردار اُنهن جي نفسيات، اُنهن جا لاڙا، مونجهارا، اُنهن جي روش، اُنهن جا مسئلا، اِهي سڀ تفصيل سان بيان ٿي سگهن ٿا.

فڪشن، تاريخ کي 'آتشي ڪائي' (magnifying lence) ذريعي 'وڏو' (magnify) ڪري ٿو ڏيکاري". (تنوير عباسي، ڊاڪٽر....)

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ، حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين ۾ بيان ڪيل سماجي ماحول، ڪردارن، مونجهارن ۽ سندس ڪهاڻين، خاص ڪري 'راڻا جي رجپوت' جي حوالي سان، سندس ٻوليءَ جي اُسلوب، عبارت، اُن ۾ ڪم آندل اصطلاحن ۽ محاورن جو ذڪر ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ٻين افسانہ نگارن جي باري ۾ لکي ٿو تہ:

"پر آءٌ سمجهان ٿو تہ جمال ابڙي، اياز قادريءَ، امر جليل، رشيد ڀٽيءَ ۽ نسيم احمد کرل جا، ون يونٽ واري دور ۾ لکيل افسانا، سنڌي ٻوليءَ، سنڌي سماج ۽ سنڌي ماحول جي نقش نگاريءَ ۽ ڪردار نگاريءَ جي لحاظ کان، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جا نمائنده افسانا آهن جن تي طوالت جي ڪري لکي نٿو سگهجي." (تنوير عباسي، ڊاڪٽر..؟)

پاڪستاني دور جي هڪ عظيم ترقي پسند ۽ قومي شاعر، شيخ اياز سنڌي ٻوليءَ ۾ نوان تجربا ڪيا. شيخ صاحب نوان لفظ ۽ اصطلاح بہ گهڙيا. هن، سنڌي ٻوليءَ ۾ نوان بيت ۽ نظم چيا. شيخ اياز کان سواءِ، هن دور ۾ اُستاد بخاري، پنهنجن همعصر شاعرن تي ڇانيل رهيو. اهڙيءَ طرح نارائڻ شيام، تنوير عباسي، نياز همايوني، شمشيرالحيدري، ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي، محمد خان مجيدي، عبدالڪريم گدائي، بردو سنڌي ۽ ٻيا بہ ڪيترائي شاعر، هن دور جا نمائنده شاعر هئا. انهن سيني شاعرن جي ڪلام ۾ لفظن جي فراواني آهي، ترنم ۽ موسيقيت آهي. شيخ اياز جي انهن خوبين واريءَ شاعريءَ لاءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي لکيو تہ:

"'گيت اُڃايل مورن جا' نظم ۾، اياز جي طبع جو وهڪرو درياءَ جي وهڪري کان گهٽ نہ آهي. مثال طور:

مان توکي گيت ڏيان اي ڌرتي،
تون مون تي زنجير وجهين،
هي گيت گلابي موتين جا،
هي گيت شرابي جهڙ ڦڙ جا،
هي ساوڻ جا، من ڀانوڻ جا،
هي آگم آگم، آوڻ جا،
هي گيت اُڃايل مورن جا،

ريتيءَ تي ڪنڌ ڪنورن جا.
هي گيت سُنهري سنڌوءَ جا.

(عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر، 1982ع: 27)

ترنم ۽ موسيقيت واري اها خوبي، جديد شاعرن دراصل شاهه لطيف جي اسلوب کان متاثر ٿي ڪئي. اهوئي انداز لوڪ شاعر، سانوڻ فقير جي ڏگهن بيتن ۾ به نظر اچي ٿو. اهائي خوبي، شيخ اياز ۽ سندس ٻين سهيوڳي شاعرن ۾ به ملي ٿي.

اديبن ۽ شاعرن، پنهنجي ڪلام توڙي نثري صنفن ۾، پنهنجي دور جي ماڻهن جا ڏک ۽ درد بيان ڪيا. شاعرن جمالياتي شاعري به ڪئي. هنن، پنهنجن محبوبن جي حسن ۽ جمال جو وستار به ڪيو پر هڪ نقطو خاص طور توجهه طلب آهي ته هنن جو پرين يا محبوب، ڪا پري پيڪر، حسين ۽ جميل دوشيزه ڪانهي. پر هنن جو محبوب، 'سنڌ وطن' آهي. هنن پنهنجي وطن، 'سنڌ' سان ئي پيار ڪيو آهي. هنن، سنڌي ٻوليءَ سان ئي عشق ڪيو آهي. هنن، سنڌي ماڻهن سان پيار ڪيو آهي. سنڌ جا ماروئي ئي سندن محبوب آهن.

وڏيءَ خوشيءَ ۽ فخر جي ڳالهه اها آهي ته سنڌي زبان، موجوده دور ۾ تعليم ۽ تدريس، علم ۽ ادب، نشر ۽ اشاعت، اخبار، ريڊيو، ٽي۔ وي، فلم، ويڊيو ڪمپيوٽر ۽ ٻين ڇپائيءَ وارن ۽ اليڪٽرانڪ ذريعن لاءِ بهتر وسيلي طور ڪم اچڻ لڳي آهي. اُنهن ذريعن لاءِ بهتر تحرير ۽ تقرير، روزمره جي ڪاروبار، وڻج واپار جي لکپڙهه، انشاپردازيءَ ۽ اشاعت لاءِ هڪ معياري وسيلي طور ڪم اچڻ لڳي آهي.

ورهاڱي کان پوءِ ترت پهرين، ڪراچيءَ ۾، ريڊيو اسٽيشن قائم ٿي، جتان سنڌي ٻوليءَ ۾ به پروگرام نشر ٿيڻ لڳا. ون يونٽ واري زماني ۾، حيدرآباد ۾ به ريڊيو اسٽيشن قائم ٿي. هن اسٽيشن تان شاهه سائينءَ جي ڪلام کان سواءِ ٻين ڪلاسيڪي توڙي جديد شاعرن جو ڪلام، ڪافيون، غزل، گيت، نظم ۽ لوڪ گيت نشر ٿيڻ لڳا. اُن ڪري سنڌي راڳ ۽ راڳداريءَ توڙي لوڪ ادب جون صنفون هارڻ، راڄن جي چڱن مڙسن يا رئيسن ۽ وڏيرن ۽ سيٺين جي اوطاقن ۽ اوتارن، لوهارن جي ٻيلڪن، ڪرن، تارن ۽ هرلن سان گڏوگڏ، ريڊيو ۽ ٽرانزسٽرن ذريعي، ننڍن ننڍن ڳوٺن ۾ چانهه ۽ پان وارن جي مانڊڻين، نانوائن جي هوٽلن ۽ بس اسٽاپن تي به عام ماڻهن جي وندر جو وسيلو بڻجي ويون. راڳ کان سواءِ، ريڊيو تي ڌار ڌار موضوعن، جهڙوڪ: زراعت، صحت، سماجي رسمن تي گفتگو کان سواءِ، ناٽڪ، لوڪ ڪچهريون، تعليمي پروگرام ۽ آبادگارن لاءِ پروگرام پڻ نشر ٿيڻ لڳا.

ريڊيو پاڪستان (حيدرآباد ۽ ڪراچي) ته سنڌي ناٽڪ کي نئون جنم ڏنو. هن ذريعي ئي، ريڊيو جي صداڪارن کي، اسٽيج، ٽي۔ وي ۽ فلمن جي اداڪاريءَ واريءَ منزل تي پهچايو. اُن زماني ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترين ئي فلمون به نهيون. ورهاڱي کان اڳ، سنڌ ۾، اسٽيج ڊرامن جو تمام گهڻو رواج هوندو هو. ڪيترين ئي ڊراما منڊليون هونديون هيون. ورهاڱي کان پوءِ، اسٽيج ڊرامن کي ڏهرايو ته ويو پر اداڪارن جي غريب هئڻ سبب، هن فن کي گهڻي اهميت ڪانه ڏني وئي.

ريڊيو پاڪستان، ڪيترائي مرد ۽ عورتون فنڪار پيدا ڪيا. ويتر ڪراچيءَ ۾ ٽي-وي اسٽيشن قائم ٿيڻ ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ به 'پرفارمنگ آرٽ'، 'شوبزنس' توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ميدان ۾ سنڌي ٻوليءَ کي وڏي ڪاميابي حاصل ٿي. ڪراچي ٽي-وي اسٽيشن تان، سنڌي ٻوليءَ ۾ هر هفتي ڊراما، لوڪ رس جا پروگرام، لوڪ ناچ، لوڪ ڪچهريون، ادبي محفلون، تنقيدي ادبي پروگرام، تعليمي پروگرام، چٽابيٽيءَ توڙي معلوماتي پروگرام، مشاعرا، ٻارن ۽ آباد گارن جا پروگرام نشر ٿيڻ لڳا. انهن پروگرامن، سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻو اُتساهه جاڳايو.

مطلب ته سنڌي ٻولي، هن دور ۾ پرنٽ ميڊيا کان ترقي ڪري، اليڪٽرانڪ ميڊيا تائين پاڪستان ۾ پنهنجو ڏاڪو جمائي چڪي هئي. اهڙيءَ طرح ريڊيائي ڊراما ۽ ٽي-وي ڊراما، هن دور جون اهم صنفون آهن. ريڊيائي ڊرامن ۾، منظور نقوي، مراد علي مرزا، آغا سليم، امر جليل، غلام حيدر صديقي ۽ علي بابا، سنڌي ٻوليءَ ۾ ريڊيائي ڊرامن لکڻ ۾ نوان تجربا ڪيا. منظور نقويءَ ته عشقيه ڊرامن کان سواءِ، جاسوسي ڪهاڻين، لوڪ ڪهاڻين، تاريخي ۽ نيم تاريخي داستانن جي پلاٽ تي ريڊيائي ڊراما لکيا. آغا سليم، 'دودو چنيسر'، 'دولهه درياخان' ۽ 'گل چنو گرنار جو' جهڙا تاريخي ڊراما لکي، سنڌي قوميت جي جذبي کي اُجاگر ڪيو. علي بابا جو ڊرامو 'رُج جا راهي' سنڌ جي تاريخ ۽ وطنيت جي جذبي جو اُتساهه جاڳائيندڙ ۽ هڪ نه وسرندڙ ڊرامو آهي. اهڙيءَ طرح علي بابا کان سواءِ امر جليل ۽ امداد حسينيءَ جا لکيل ريڊيائي ڊراما، سنڌي ٻوليءَ جو وڏو ذخيرو آهن. هاڻ ته سوَن جي تعداد ۾ اديب، اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي-وي ڊرامن لکڻ، شوبزنس ۽ ٻين پرفارمينگ آرٽن ۾ پنهنجو پاڻ مڃائي چڪا آهن.

حاصل مطلب ته سنڌي زبان موجوده وقت ۾، تعليم ۽ تدريس، علم ۽ ادب، نشر ۽ اشاعت، اخبار، ريڊيو ٽي وي، فلم، ڪمپيوٽر ۽ ٻين ذريعن لاءِ به بهترين ذريعي طور ڪم اچي رهي آهي، ۽ اُن لاءِ بهترين صلاحيتون رکي ٿي.

هيءَ زبان، هن وقت وسيع، مالدار، شاهوڪار، ابلاغ جي ذريعن لاءِ بهترين وسيلو ۽ لغوي خزاني سان هڪ ڀرپور ٻولي آهي، جنهن ۾ ٻين ترقي يافته ٻولين وانگر لغت لاءِ اٿاهه خزانو موجود آهي. هن زبان ۾ هڪ شاهوڪار سرمايدار ۽ مايدار ٻوليءَ وانگر، لغت جو اٿاهه خزانو موجود آهي. هن ٻوليءَ ۾، هڪ لفظ لاءِ ساڳي معنيٰ رکندڙ ڪيترائي لفظ، ۽ هڪ لفظ جون ڪيتريون ئي معنائون رکندڙ لفظ ميسر آهن. هيءَ زبان، تحرير توڙي تقرير لاءِ، روزمره جي ڪاروبار ۽ واپاري ڏيتي ليتيءَ لاءِ، انشاء پردازيءَ، اشاعت ۽ ابلاغ جي ذريعن لاءِ، تعليم ۽ تدريس لاءِ توڙي علم ۽ ادب لاءِ هڪ معياري زبان طور ڪم اچي رهي آهي.

مطلب ته سنڌي ٻولي هاڻ دنيا جي ترقي يافته زبانن جهڙي حيثيت ۽ مقام حاصل ڪري چڪي آهي. موجوده دور ۾، هن ٻوليءَ جي اديبن، شاعرن ۽ نقادن، شاعراڻين صنفن کان سواءِ دنيا جي ادب عاليه کي، سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري، سنڌي زبان ۾ نوان لاڙا، نوان نظريا، نوان ادبي رجحان، نوان اُمنگ ۽ جذبا ۽ وڏو لغوي خزانو مهيا ڪيو آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي شاندار مستقبل جي ضمانت ڏئي ٿو.

اڳ ۾ ون يونٽ جي قائم ٿيڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن سلسلي ۾ به سنڌ جي عوام کي سلام آهي، جنهن 16 سالن جي مسلسل ڪوششن ڪان پوءِ پاڪستان جي اُن وقت حڪومت کي مجبور ڪيو جنهن 1970ع ۾ ون يونٽ کي ٽوڙي، پاڪستان جي اڳوڻن صوبن جي ساڳي حيثيت بحال ڪئي. ون يونٽ ٽوڙڻ جو سهرو ڏڍوڪي آمر، آغا محمد يحيٰ خان جي سر تي ٿو سونهي. اُن آمر، پنهنجي اُنهيءَ حڪم سان گڏ، بلوچستان جي مڪمل ايراضيءَ کي هڪ نئين صوبي جي حيثيت ڏني، ۽ ساڳئي اعلان ۾، 1971ع ۾، پاڪستان ۾ قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي چونڊن ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪيو. 1971ع وارين انهن چونڊن ڪان پوءِ جيڪو ٿيو اهو هر سجاڻ ماڻهو ڄاڻي ٿو. مشرقي پاڪستان ۾، شيخ مجيب الرحمان جي عوامي ليگ ۽ مغربي پاڪستان ۾، محترم ذوالفقار علي ڀٽي جي پاڪستان پيپلزپارٽي، وڏيءَ اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪئي. ملڪ جو صدر، ملڪ جي ٻنهي حصن مان قومي اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيل ميمبرن جو اجلاس ڪوٺائڻ ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيو. نيٺ شيخ مجيب الرحمان، 'بنگلاديش' جي نالي سان هڪ ڌار ملڪ يعني قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. لکين جانين جي قربانيءَ ڪان پوءِ ۽ مشرقي پاڪستان تي، ڀارتي فوج جي حملي جي ڪري، مشرقي پاڪستان جي فوج پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪيا، ۽ 16 ڊسمبر، 1971ع تي، مشرقي پاڪستان، 'بنگلاديش' جي نالي سان هڪ نئين آزاد ملڪ طور، وجود ۾ آيو.

مغربي پاڪستان واري حصي ۾ جيئن ته پاڪستان پيپلزپارٽي، هر صوبي ۾ اڪثريت سان چونڊجي آئي هئي، انهيءَ ڪري اُن وقت جي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر، آغا محمد يحيٰ خان، 1971ع ۾ نئين پاڪستان جون واڳون، پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي چيئرمئن، جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي حوالي ڪيون.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي، حڪومت جون واڳون سنڀالڻ ڪان پوءِ، ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تي، پنهنجيءَ ڀرپور تقرير ۾، پاڪستان جي عوام کي، مشرقي پاڪستان ۾ ڪاڏل شڪست ڪان مايوس نه ٿيڻ لاءِ همٿايو ۽ قوم کي پنهنجو پروگرام ڏنو جنهن ۾ عام ماڻهن، خاص ڪري مزدورن، هارين ۽ ڪمين جي معاشي حالتن جي سڌارڻ جون ڳالهيون ڪيون.

ڀٽي صاحب، زرعي زمينن، صنعت، تعليمي ۽ تجارتي سڌارن جو نه فقط اعلان ڪيو پر هڪ هڪ نقطي لاءِ پنهنجن پروگرامن جي وضاحت پڻ ڪئي. انهيءَ ڪري سڄي ملڪ ۾ هلچل مچي وئي. شهيد ڀٽي، جتي ملڪ گير حيثيت وارن پروگرامن کي پنهنجي سامهون رکيو اُتي صوبائي، ضلعي ۽ ديهي سطح جي پروگرامن تي پڻ، پنهنجي خطاب ۾ واضح ڪيو. ڀٽي صاحب جي پروگرام، عام ماڻهن، خاص ڪري مزدورن، هارين ۽ محنت ڪش جون دليون موهي ڇڏيون. ڀٽي صاحب، سڄي ملڪ ۾ انقلابي جاڳرتا آڻي ڇڏي.

شهيد ڀٽي جي اقتدار ۾ اچڻ ڪان پوءِ، سنڌ جي ماڻهن، شهيد ڀٽي جي نئين حڪومت ڪان ون يونٽ ۽ ايوب خان جي مارشل لا واري زماني ۾ سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌ جي ماڻهن سان ٿيل زيادتين جي تلافيءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تعليمي، تدريسي، دفتري ۽ ڪورٽن جي زبانن جي اصلي حيثيت ۾ بحال ڪرڻ جي گهر ڪئي. سنڌ جي ماڻهن، نئين حڪومت ڪان گهر ڪئي ته:

- سنڌي ٻوليءَ کي، سنڌ ۾ تعليم جو ذريعو بنايو وڃي.
- مارشل لا جي دور ۾ سنڌي ڪتابن تي پيل بندش هٽائي وڃي.
- سنڌ جي صوبائي توڙي لوڪل باڊيز جي آفيسن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ۽ دفتري ٻولي بنايو وڃي.
- سنڌي ٻوليءَ کي پاڪستان جي هڪ قومي ٻولي بنايو وڃي.
- سنڌ ۾ ريلوي اسٽيشن جا نالا سنڌي ٻوليءَ ۾ لکرايا وڃن.
- سنڌ ۾ ريلوي جي پاڙن جو ٽڪيٽون سنڌي ٻوليءَ ۾ جاري ڪيون وڃن.
- سنڌ جي ماڻهن کي سرڪاري نوڪرين ۾ سندن حق ڏنو وڃي.
- سنڌ جي بئراجن جون زمينون، سنڌي هارين کي ڏنيون وڃن.

سنڌي ماڻهن جي انهن مطالبن جو احترام ڪندي، سنڌ پيپلزپارٽيءَ طرفان، 1972ع ۾، سنڌ اسيمبليءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت بحال ڪرڻ لاءِ، 7 جولاءِ 1972ع واري اجلاس ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جو بل' پيش ڪيو جيڪو يڪراءِ منظور ڪيو ويو. 15 جولاءِ 1972ع تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي، قومي اسيمبليءَ کي خطاب ڪيو جنهن ۾ شهيد مرحوم فرمايو ته:

"... سنڌي هڪ قديم زبان آهي، ۽ جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو تڏهن سر چارلس نيپيئر چيو هو ته زبان سان هٿ چراند ڪرڻ جي ڪابه ڪوشش نه ڪئي وڃي. جڏهن سنڌ، بمبئيءَ سان شامل هئي، تڏهن بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ به سنڌي ٻولي پڙهائي ويندي هئي، ۽ 1958ع تائين اها سرڪاري زبان هئي، جنهن کان پوءِ مارشل لا وارن، زباني حڪم جاري ڪري اُن تي بندش وجهي ڇڏي.

سنڌ اسيمبليءَ طرفان سنڌي ٻوليءَ واري منظور ڪيل بل تي عمل ڪرڻو پوندو. چاڪاڻ ته مان نٿو چاهيان ته سنڌ جي عوام ۾ پاڪستان لاءِ نفرت پيدا ٿئي. اردوءَ کي ڪوبه خطرو ڪونهي، ڇاڪاڻ ته اها برصغير ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، پر سنڌيءَ لاءِ خطرو پيدا ڪيو ويو هو ۽ اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي ماڻهن جا جذبات شديد ٿي ويا آهن. مان سنڌ جي عوام جي حقن کي غصب ڪرڻ نٿو چاهيان، ۽ نه ئي وري سندن زبان يا ثقافت کي تباهه ڪرڻ گهران ٿو." (شهيد ذوالفقار علي ڀٽو 1972ع)

سنڌ اسيمبليءَ طرفان، 7 جولاءِ 1972ع تي، سنڌي ٻولي بل يڪراءِ منظور ڪيو ويو ۽ 17 جولاءِ 1972ع تي، سنڌ صوبائي اسيمبليءَ جي سيڪريٽريءَ محترم جمال ابڙي جي صحيح سان، مذڪوره بل جي منظور ٿيڻ جو 'پڌرنامو' (Notification) جاري ٿيو. انهيءَ نوٽيفڪيشن جي ڪاپي ۽ اُن جا لفظ هن طرح آهن:

EXTRAORDINARY

Registered No. S.-443

The Sind Government Gazette

PUBLISHED BY AUTHORITY

KARACHI, FRIDAY, DECEMBER 8, 1972

Separate paging is given to this Part in order that it may be filed as a separate compilation

# PART IV

## PROVINCIAL ASSEMBLY OF SIND

NOTIFICATION

Karachi, dated the 8th December, 1972

No. PAS/Legis-14/72.—The Sind (Teaching, Promotion and use of Sindhi Language) (Application) Bill, 1972 having been passed by the Provincial Assembly of Sind on the 17th Day of November, 1972 and assented by the Governor of Sind on the 8th December, 1972 is hereby published as an Act of the Legislature of Sind:—

## THE SIND (TEACHING, PROMOTION AND USE OF SINDHI LANGUAGE) (APPLICATION) ACT, 1972

Sind Act No. XIV of 1972

(First published after having received the assent of the Governor of Sind in the Gazette of Sind (Extra Ordinary) dated the 8th December, 1972).

AN

ACT

*to make certain provision in relation to the application of the Sind (Teaching, Promotion and Use of Sindhi Language) Act, 1972.*

WHEREAS clause (2) of Article 267 of the Interim Constitution of the Islamic Republic of Pakistan provides that without prejudice to the status of the National languages, a Provincial Legislature may by law prescribe measures for the teaching, promotion and use of a Provincial Language in addition to a national language; Preamble.

AND WHEREAS Urdu is a national language and is spoken by a substantial section of the people;

AND WHEREAS it is considered expedient for the purposes of clarification and removal of doubts to make certain provisions in relation to the application of the Sind (Teaching, Promotion and Use of Sindhi Language) Act, 1972 (Act II of 1972);

It is hereby enacted as follows:—

Short title extent and commencement.

1. (1) This Act may be called the Sind (Teaching, Promotion and Use of Sindhi Language) (Application) Act, 1972.

(2) It extends to the whole of the Province of Sind.

(3) It shall come into force at once.

No discrimination on linguistic basis.

2. Notwithstanding the provisions of the Sind (Teaching, Promotion and Use of Sindhi Language) Act, 1972 (Sind Act II of 1972), for a period of twelve years commencing from 22nd July, 1972 (hereinafter referred to as the said date)—

(a) no person, otherwise qualified for appointment or promotion to any civil service, or a civil post in connection with the affairs, of the Province of Sind, shall be discriminated against only on the ground of want of knowledge of Sindhi or Urdu Language;

(b) no person who, immediately before the said date was serving in the civil service, or a civil post in connection with the affairs of the Province of Sind, shall be removed from service only on the ground of want of knowledge of Sindhi or Urdu Language.

Application of Sind Act II of 1972 to eliminate discrimination against Urdu.

3. Application of the Sind (Teaching, Promotion and Use of Sindhi Language) Act, 1972 (Sind Act II of 1972) shall be in a manner that shall not prejudice the use of Urdu.

Repeal of Sind Ordinance XI of 1972.

4. The Sind (Teaching, Promotion and Use of Sindhi Language) Act, (Application) Ordinance, 1972, is hereby repealed.

By Order of the Speaker,
Provincial Assembly of Sind.

JAMALUDDIN ABRO,
Secretary,
Provincial Assembly of Sind.

صوبائي اسيمبلي سنڌ. نوٽيفڪيشن:

ڪراچي 17ـ جولاءِ 1972ع

نمبر ص الف س/ ق ـ ب ـ 13/ 72 ـ سنڌ (سنڌي ٻولي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) سال 1972ع، جيڪو 7ـ جولاءِ 1972ع تي صوبائي اسيمبلي سنڌ، طرفان منظور ڪيو ويو ۽ جنهن جي پڄاڻي سنڌ جي گورنر 16ـ جولاءِ 1972ع تي ڪئي، تنهن کي سنڌ جي صوبائي قانون ساز مجلس جي ائڪٽ طور ڇاپيو وڃي. سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) ائڪٽ 1972ع) سنڌ ائڪٽ نمبر 2 بابت سال 19725ع

(سنڌ جي گورنر جي بحاليءَ بعد، پهريائين سنڌ جي غيرمعمولي گزيٽ ۾ تاريخ 17ـ جولاءِ، 1972ع تي ڇپيو)

سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال لاءِ اُپاءَ تجويز ڪرڻ لاءِ:

**هڪ ائڪٽ**

جيئن ته اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري دستور جي آرٽيڪل 67 جي مهاڳ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته قومي زبانن جي حيثيت کي نقصان پهچائڻ کان سواءِ، صوبائي مقننه، قانون جي ذريعي، هڪ قومي ٻوليءَ سان گڏ هڪ صوبائي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال لاءِ اُپاءَ تجويز ڪري سگهي ٿي.

۽ جيئن ته سنڌي ٻولي سرڪاري ڪاتن ۽ آفيسن ۾ استعمال ٿي رهي آهي، ۽ جيئن ته سنڌي ٻولي تعليمي ادارن ۾ پڙهائيءَ لاءِ لازمي مضمون هئي. پر اُن کي مارشل لا اختياريءَ وارن جي زباني حڪم تي ختم ڪيو ويو هو ۽ جيئن ته اها صوبي سنڌ جي فطري آرزو ۽ خواهش آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ۽ استعمال کي ترقي ڏني وڃي، تنهن ڪري هيٺيون قانون ٺاهيو ٿو وڃي.

1ـ (الف) هن ائڪٽ کي (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) ائڪٽ (مختصر عنوان، شروعات ۽ حد) 1972ع چيو ويندو.

(ب) اهو هڪدم عمل ۾ ايندو ۽ پوري سنڌ صوبي سان لاڳو ٿيندو.

2ـ هن ائڪٽ ۾، جيستائين ڪوئي ٻيو مطلب نه نڪرندو هجي، هيٺين (تشريح) لفظن جي اهائي معنيٰ سمجهي ويندي، جيڪا هر هڪ لاءِ ڄاڻائي وئي آهي:

(الف) "اسيمبلي" معنيٰ صوبائي اسيمبلي سنڌ.

(ب) "حڪومت" معنيٰ سنڌ جي حڪومت.

(ج) 'حڪومت جو ڪاتو' معنيٰ حڪومت جو ڪوئي ڪاتو ۽ اُنهيءَ ۾ ڪوئي خودمختيار ادارو، لوڪل ڪائونسل يا لوڪل اٿارٽي بہ شامل سمجهيا ويندا.

(د) 'ادارو' جي معنيٰ اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي يا ڪو ٻيو ادارو.

3_ سنڌيءَ کي سنڌ صوبي جي صوبائي ٻوليءَ جي طور استعمال (صوبائي ٻولي) ڪيو ويندو.

(الف) اهڙن سڀني ادارن ۾، جن ۾ چوٿين ڪلاس تائين پارهين ڪلاس تائين تعليم (سنڌيءَ جي سکيا) ڏني پيئي وڃي. سنڌي ۽ اردوءَ کي لازمي مضمون جي حيثيت هوندي.

(ب) لازمي مضمون جي حيثيت ۾ سنڌيءَ جي شروعات هيٺئين سطح يعني چوٿين ڪلاس کان عمل ۾ آندي ويندي، ۽ درجي بدرجي، جيئن مقرر ڪيو وڃي، مٿين درجن ۾ ٻارهين ڪلاس تائين رائج ڪئي ويندي.

4_ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ثقافتي ترقيءَ لاءِ (سنڌيءَ جي واڌاري لاءِ) حڪومت اڪيڊميون بورڊ ٺاهي سگهي ٿي.

5_ حڪومت آئين جي فقرن جي دائري اندر رهندي، آفيسن ۽ سرڪاري ڪاتن، جن ۾ عدالتون ۽ اسيمبلي شامل آهن، سنڌي ٻوليءَ جي درجي بدرجي استعمال لاءِ (سنڌيءَ جو استعمال) انتظام ڪري سگهي ٿي.

6_(1) هن ائڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت قاعدا ٺاهي (قاعدن جو اختيار) سگهي ٿي.

(2) مٿين عام اختيارن کي نقصان پهچائڻ کان سواءِ، اهڙا قائدا ٺاهي (قاعدن ٺاهڻ جو اختيار) سگهي ٿي.

(الف) سنڌي ٻوليءَ کي درجي بدرجي، پڙهائيءَ لاءِ لازمي مضمون طور تي رائج ڪرڻ.

(ب) ائڪيڊمين ۽ بورڊن جي ٺاهڻ ۽ اُنهن کي عمل ۾ آڻڻ ۽ اُنهن جي اختيارن ۽ ڪمن جي وضاحت ڪرڻ.

(ج) آفيسن ۽ سرڪاري ڪاتن، اسيمبليءَ عدالتن ۽ ادارن وغيره ۾ سنڌي زبان جو درجي بدرجي استعمال.

حڪم

اسپيڪر

صوبائي اسيمبلي سنڌ

جمال الدين ابڙو

سيڪريٽري، صوبائي اسيمبلي سنڌ (2)

هن نوٽيفڪيشن جي جاري ٿيڻ کان فوراً پوءِ، سنڌ جي ڪن ناتجربيڪار ۽ بي سمجهه ڪامورن ۽ سياستدانن، اُبهرا فيصلا ڪيا ۽ اُنهن فيصلن تي تڪڙا قدم کنيا. جنهن ڪري اُنهن ماڻهن جي اُميدن تي پاڻي ڦري ويو جن ون يونٽ جي زماني ۾، ۽ ايوبي مارشل لا جي بہ وقت ۾، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ سختيون سٺيون هيون ۽ قربانيون ڏنيون هيون.

سنڌ ۾ ٻوليءَ جي بل جي حوالي سان، اردو زبان ڳالهائيندڙن جي هڪ گروهہ طرفان مخالفت ۾ جلسا ڪرڻ ۽ جلوس ڪڍڻ شروع ڪيا ويا. جيتوڻيڪ ورهاڱي کان پوءِ ڀارت جي مختلف رياستن کان لڏي آيل اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن، شروع شروع ۾، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ثقافت کي وڏي اُتساهہ سان قبول ڪيو هو. اُنهن جي ٻارن، اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي سکڻ شروع بہ ڪري ڏني هئي. ڪيترن ئي ڪٽنبن ۾ گڏيل شاديون پڻ شروع ٿيون هيون. نتيجي طور ڪراچي ۽ حيدرآباد سميت، سنڌ جي جن جن شهرن ۽ بستين ۾ اردو ڳالهائيندڙ ڪٽنب آباد ٿيا هئا، اُتي ڀائيچاري وارو ماحول پيدا ٿي چڪو هو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪراچيءَ ۾، ڏار ڏار ٻولين جي ماڻهن جي آباد هجڻ ڪري، سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهن پڻ ڀارت مان لڏي آيلن سان، سنڌيءَ ڳالهائيندڙ ماڻهن پڻ ڀارت مان لڏي آيلن سان، اردو زبان ۾ گفتگو ڪرڻ کي ترجيح ڏني. انهيءَ هوندي بہ ڀارت جي گجرات رياست، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ ممبئيءَ کان لڏي آيل ميمڻن، ڪڇين ۽ خوجن کان سواءِ، راجستان جي اڳوڻين رياستن مارواڙ ميواڙ جوڌپور، ڄئپور، جيسلمير، ۽ بيڪانير کان آيل ڪن ماڻهن، راڳڙن تورڙي سنڌي ڳالهائيندڙ سمن، سماٽن ۽ ٻين قومن، سنڌ ۾ هرهنڌ، سنڌي ٻوليءَ ۾ وهنوار جاري رکيو. هونئن بہ تہ ميمڻي، ڪاٺياواڙي، ڪڇي، جيسلميري، مارواڙيءَ جو رشتو ۽ ناتو قديم رهيو آهي. ميمڻ ۽ ڪاٺياواڙي تہ سنڌ مان ئي سمن جي دور ۾، ڀارت جي انهن علائقن طرف لڏي ويا هئا. خوجا برادريءَ جو تہ مذهبي ۽ سماجي رشتي سبب، سنڌ جي ماڻهن سان واسطو رهيو هو. انهيءَ ڪري انهن سڀني قومن ۽ جاتين، سنڌ ۾ پاڻ کي ڌاريو ڪونہ سمجهيو هو بلڪ ائين چيائون تہ اسين پنهنجي اصلوڪي وطن ۾ واپس موٽي آيا آهيون.

بهرحال، 1972ع واري سنڌي ٻوليءَ جي بل جي منظور ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ جي ڪن سياستدانن ۽ ڪامورن جي اُبهرن فيصلن ۽ قدمن خاص ڪري، ون يونٽ ۽ ايوبي مارشل لا جي زماني ۾ سنڌ ۾ اڳي ئي پيدا ٿيل نفرتن سبب، سنڌ ۾ هنگاما ٿيا.

هن بل جي منظور ٿيڻ کان پوءِ، اردو دان طبقي جي هڪ گروهہ سمجهيو تہ هاڻ سندن زبان (اردو) کي ختم ڪيو ويندو، سنڌ ۾، اردو زبان جو هاڻ ڪو وجود ئي نہ رهندو ۽ جيئن ون يونٽ جي زماني ۾، ڪٽر ڪامورن ۽ ڪن سياستدانن، سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ پئي چاهيو، تيئن هاڻ اردو

زبان کي بہ ختم ڪيو وڃي، ۽ اردو هاڻ درس و تدريس جي زبان نہ رهندي. انهيءَ بي اعتماديءَ ڪرڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ميرپورخاص، نوابشاهہ ۽ ڪن ٻين شهرن ۾، اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ، اعتراضي هنگاما ڪيا. جلسا ۽ جلوس ڪڍيا. حقيقت ۾، انهن ماڻهن کي جنگ اخبار ئي ڀڙڪايو هو. جنگ اخبار ۾ رئيس امروهويءَ جو هڪ نظم، سڄي صفحي تي، وڏيءَ سرخيءَ سان ڇاپيو ويو. انهيءَ نظم جي مطلع جي پهرين مصرع، دراصل هڪ نعرو هو. اُها مصرع هئي: ”اردو کا جنازہ نکلے، زرا دہوم سے نکلے“.

حقيقت هيءَ آهي تہ ڪنهن بہ اردودان مذڪوره ائڪٽ پڙهيو ئي ڪونہ هو. رئيس امروهويءَ جي انهيءَ گمراهہ ڪندڙ نظم جي انهيءَ مصرع، سڄيءَ سنڌ ۾ باهہ ڀڙڪائي ڇڏي. وڏن وڏن شهرن ۾ لساني جهيڙا شروع ٿي ويا. سنڌين ۽ اردودانن جي وچ ۾ نفرتن، لساني جهيڙن جي صورت اختيار ڪئي. انهن نفرتن جو ازالو اڄ ڏينهن تائين ٿي نہ سگهيو آهي، وبتر، حيدرآباد ۾ نواب مظفر طرفان، 'مهاجر، پنجابي ۽ پٺاڻ محاذ' ناهڻ ڪري، اهي نفرتون وڏي وڻ تي وئيون. پهريون دفعو مهاجر لفظ شروع ڪيو ويو.

انهن هنگامن، اسلام آباد ۾، تڏهوڪي صدر مملڪت، جناب شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو ڏيان ڇڪايو جيئن اڳ ۾ بہ هڪ مضمون ۾ بيان ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ شهيد مرحوم جي ناهيل پيپلزپارٽيءَ جي شروع واري زماني کان وٺي، ۽ سنڌس حڪومت جي پهرئين دور ۾، پاڪستان جا گهڻو ڪري ترقي پسند تحريڪن جا اڳواڻ، مرد توڙي عورتون، شهيد مرحوم جي اڳواڻيءَ هيٺ، پيپلزپارٽيءَ ۾ شامل ٿيون هيون. انهن ۾ معراج محمد خان، ڊاڪٽر مبشر حسين، مير علي احمد خان ٽالپر، مير رسول بخش خان ٽالپر، اي۔ جي۔ رحيم ۽ ٻيا بہ ڪيترائي اڳواڻ شامل هئا. ڪراچيءَ جي اردو ڳالهائيندڙ اُنهيءَ گروپ، جنهن لساني فساد ڪرايا هئا، اُنهن پاڻ کي 'فاتح سنڌ' يا 'معمار پاڪستان' ٿي سمجهيو ۽ سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجو محڪوم ۽ جاهل ٿي سمجهيو.

سنڌ جي لساني جهيڙن جو مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي شهيد جي ذهن تي دٻاءُ ايتري قدر تہ وڌي ويو جو محترم ممتاز علي ڀٽي جهڙو باهمت شخص جنهن کي سنڌ اسيمبليءَ مان، سنڌي ٻوليءَ جي بل پاس ڪرائڻ تي، سنڌ جي ماڻهن ڏهيسر، جو خطاب ڏنو هو سو بہ في الحال دهلجي ويو هو.

جناب ذوالفقار علي ڀٽي شهيد، محترم ممتاز علي ڀٽي کي، جيڪو اُن وقت سنڌ جو چيف منسٽر هو، حڪم فرمايو تہ هُو سنڌي ٻوليءَ لاءِ، سنڌ اسيمبليءَ مان منظور ٿيل بل تي عمل درآمد واري قدم کي في الحال ملتوي ڪري.

پوءِ سنڌ مان، سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ اڳواڻن تي مشتمل هڪ ڪميٽي جوڙي وئي، سنڌ جي سياسي اڳواڻن ۽ اديبن مان، سائين جي ايم سيد، قاضي فيض محمد ۽ شيخ اياز انهيءَ ڪميٽيءَ تي نامزد ڪيا ويا، ۽ انهن کي اسلام آباد گهرايو ويو. محترم جي. ايم سيد، اهو چئي، اسلام آباد وڃڻ کان انڪار ڪيو ته: "هڪ چونڊيل اسيمبليءَ جي فيصلي ۾ ترميم ڪرڻ جو حق، ڪنهن به شخص يا اڻ چونڊيل ماڻهن، يا ڪنهن ڪاميٽيءَ کي نه آهي، اُن ڪري احتجاج طور آءُ ان ڪاميٽيءَ ۾ شامل ٿي، اسلام آباد اچڻ کان انڪار ٿو ڪريان، ۽ پنهنجو احتجاج تاريخ اڳيان رڪارڊ ڪريان ٿو. جڏهن ته قاضي فيض محمد ۽ شيخ اياز پنهنجي صاحب جي سڏ تي اسلام آباد ويا، ڪاميٽيءَ جي اجلاس ۾ شامل ٿيا. شهيد مرحوم طرفان مقرر ڪيل اُن ڪاميٽيءَ کي اهو اختيار ڏنو ويو هو ته اُها سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي مطالبن کي سامهون رکي، سفارشون تجويز ڪري. انهيءَ ڪميٽيءَ، هيٺيون تجويزون، شهيد مرحوم جي خدمت ۾ پيش ڪيون:

(i) سنڌي ۽ اردو ٻئي ٻوليون، مادري زبان طور ابتدائي ڪلاس کان وٺي غير ـ مادري زبان طور، مڊل ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين، ٻنهي ٻولين جي ڳالهائيندڙ شاگردن کي، لازمي مضمون جي حيثيت ۾ پڙهايون وڃن.

(ii) ٻنهي ٻولين جي پڙهائڻ لاءِ اسڪيم آف اسٽڊيز جوڙي وڃي.

(iii) سرڪاري ادارن ۾ نوڪريون ۽ خاص ڪري پيشور ادارن ۾ داخلائون، آباديءَ جي حساب سان بلديه ۽ ديهي آباديءَ جي تناسب سان ڏنيون وڃن.

(iv) سرڪاري ادارن ۾ نوڪريون به ڪوٽا موجب ڏنيون وڃن.

(v) چٽاڀيٽيءَ جي امتحانن (CSS ۽ PCS) پاس ٿيندڙ اُميدوارن کي، نوڪريون، ڪوٽا موجب ڏنيون وڃن.

(vi) ٻارهن سالن تائين، غير سنڌيدان ڪامورن لاءِ نوڪرين ۾ پرتي ٿيڻ کان پوءِ، سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪرڻ ملتوي ڪيو وڃي.

مطلب ته سنڌ اسيمبليءَ طرفان پاس ڪيل بل، وفاقي حڪومت جي غير جمهوري حڪم هيٺ واپس ورتو ويو ۽ پاڪستان ۾ جمهوري عمل ۾ هيءَ پهرين دخل اندازي ڪئي وئي، سنڌ جي تڏهوڪي گورنر، جناب مير رسول بخش خان ٽالپر جي صحيح سان، وفاقي حڪومت جي مداخلت تي، حڪومت سنڌ طرفان هڪ آرڊيننس ڪڍيو ويو جيڪو ڪراچيءَ مان، 22 جولاءِ 1972ع تي جاري ڪيو ويو. انهيءَ آرڊيننس مان واضح آهي ته سنڌ جي صوبائي اسيمبليءَ جي پاس ڪيل قانون ۾ وفاقي حڪومت طرفان، دست اندازي ڪئي وئي. مذڪوره آرڊيننس جو متن، ملاحظي لاءِ پيش ڪجي ٿو:

بهرحال سنڌ جي ماڻهن، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي انهيءَ فيصلي تي انتهائي غم ۽ غصي جو اظهار ڪيو. هت اهو ذڪر ڪرڻ به مناسب ٿيندو ته يارهين ۽ ٻارهين ڪلاس ۾ سنڌي ۽ اردو ٻولين کي غير ـ مادري زبان طور رائج ڪرڻ وارو فيصلو (جيڪو 1984ع ۾ عمل ۾ اچڻو هو). اڄاتائين صرف فائيل ۾ ئي موجود اهي، پر اُن تي ڪو به عمل ٿي نه سگهيو آهي.

سال 1973ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي پاڪستان جي تاريخ ۾ وڏي ۽ شاندار ڪاميابي اها مڃي ويندي آهي جو سندس ئي حڪومت جي پهرين ٻن سالن جي عرصي اند . پاڪستان لاءِ آئين، Constitution of Islamic Republic of Pakistan جوڙي، قومي اسيمبليءَ مان 'يڪراءِ' بحال ڪرايو ويو. حقيقت ۾ پاڪستان جي تاريخ ۾ اهو پهريون ڀيرو هو جو ملڪ کي 'آئين' مليو هو ۽ اُن 'آئين' ۾ 'قومي ٻوليءَ' ۽ 'صوبائي ٻولين' جي حيثيت واضح ڪئي وئي هئي. 1973ع واري آئين ۾ قومي ٻولي اردو ۽ صوبائي ٻولين جي باري ۾ واضح طور هيٺ موجب بيان ڪيو ويو:

اسلامي جمهوريه پاڪستان جي 1973ع واري آئين جي قلم 251 (3) هيٺ ڄاڻايل آهي ته:

"قومي ٻوليءَ جي حيثيت کي قائم رکندي، ڪابه صوبائي اسيمبلي،
قومي ٻوليءَ سان گڏ صوبائي ٻوليءَ جي سکيا، ترقيءَ ۽ استعمال لاءِ
قانوني اُپاءَ وٺي سگهي ٿي."

پاڪستان جي 1973ع واري مذڪوره آئين کان سواءِ اُن کان پوءِ وفاقي حڪومت طرفان وقت بوقت جاري ڪيل تعليمي پاليسين ۾ قومي ٻولي (اردو) ۽ صوبائي ٻولين جي ترقي ۽ واڌاري کان سواءِ صوبن جي مرضيءَ سان صوبائي ٻولين کي، صوبن اندر ذريعه تعليم طور استعمال ڪرڻ لاءِ واضح پاليسي ڄاڻائي وئي آهي، پر اُن جي باوجود سنڌ ۾ ڪراچي، حيدرآباد توڙي ٻين سيني شهرن ۾ خانگي اسڪولن ۾ خاص طور انگريزي ميڊيم وارن اسڪولن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي مادري زبان توڙي غير ـ مادري زبان طور لازمي مضمون جي حيثيت ۾ پڙهائڻ جو ڪو به بندوبست نه ڪيو ويو. بلڪ پاڪستان ٺهڻ وقت سنڌ ۾ هر ننڍي يا وڏي ڳوٺ، شهر ۽ بستيءَ ۾ سنڌي ميڊيم اسڪول هوندا هئا. اُهي سڀ اسڪول، ون يونٽ واريءَ حڪومت جي زماني ۾ بند ڪيا ويا. اُهي اسڪول وري ڪڏهن به جاري نه ٿيا. ۽ نه ئي وري غير ـ مادري زبان طور سنڌي ٻوليءَ جي پڙهائيءَ طرف ڪو توجهه ڏنو ويو. لساني جهيڙن کان پوءِ ته سنڌي ٻوليءَ لاءِ نفرت ۾ پاڻ وڌو اضافو آيو.

مارچ 1972ع ۾ سيني خانگي اسڪولن کي نئشنلائيز ڪيو ويو، پر جنرل ضياء واري مارشل لا جي زماني کان وٺي، جڏهن خانگي اسڪولن جي کولڻ جي اجازت ڏني وئي، تڏهن وڏن شهرن جي ته گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ننڍين ننڍين بنگلن اندر ۽ ننڍين شهرن ۾ به انگريزي ميڊيم اسڪول کوليا ويا. اُنهيءَ زماني کان وٺي، اهڙن سيني خانگي اسڪولن (سواءِ هڪ ٻن جي) ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پڙهائي بلڪل ختم ڪئي وئي.

هونئن تہ سنڌ سرڪار طرفان انگريزي، اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي لازمي طور پڙهائڻ لاءِ واضح طور حڪم جاري ڪيل آهن. پر انهيءَ هوندي بہ خانگي اسڪولن ۽ ڪاليجن جا مالڪ، سنڌ سرڪار جي حڪمن جي ڪابہ پرواهہ نٿا ڪن.

وفاقي حڪومت جي پاليسيءَ سبب، سنڌ ۾ ڪلاس ٽئين کان ٻارهين ڪلاس تائين، سنڌي ۽ اردو لازمي طور، مادري زبان ۽ غير- مادري زبان جي حيثيت ۾ پڙهائيون آهن. پر سروي مان معلوم ٿيو آهي تہ ڪراچيءَ جي سواءِ هڪ يا ٻن خانگي اسڪولن جي، ٻئي ڪنهن بہ اسڪول ۾، سنڌي ٻولي، مادري زبان يا غير- مادري زبان طور بلڪل پڙهائي نٿي وڃي. ڪراچيءَ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهن جي اها حالت ۽ سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي جي اهڙي بيوسي ڏسي، هاڻ هيئن چوڻو پوندو تہ:

”ڪراچيءَ ۾ هار سنڌي ٻوليءَ جو ڪو ڪلهي ڪانڌي بہ ڪونہ رهيو آهي.“

سنڌي ٻولي، 1857ع کان وٺي 1954ع تائين، سنڌ ۾ سرڪاري دفترن، ڪورٽن ۽ تعليمي ادارن ۾، دفتري، سرڪاري ۽ تعليمي زبان طور، رائج رهندي آئي. پر ون يونٽ جي قائم ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ جي سيني سرڪاري کاتن، ڪورٽن ۽ تعليمي ادارن ۾، سنڌ صوبي کان ٻاهران، بدلي تي آيل آفيسرن جي ڪثرتي واري رويي سبب، اڳوڻيءَ حڪومت جي انهيءَ حڪمنامي طرف ڪوبہ توجهہ ڪونہ ڏنو ويو. انهيءَ حڪمنامي ۾ اهو بہ ڄاڻايل هو تہ: ”سنڌ ۾ ٻاهران بدلي تي آيل ڪامورن کي سنڌي ٻولي لازمي طور سکڻ گهرجي.“ پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ، ۽ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن کي، سنڌي ٻوليءَ جو اهو امتحان وٺڻو هو ۽ هر غير- سنڌي ڪاموري کي اهو امتحان پاس ڪرڻو هو. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي 28، مارچ، 1981ع واري پڌرنامي ۾ ڄاڻايو ويو هو تہ:

> ”اُهي سرڪاري ملازم جيڪي گريڊ 5 ۽ اُن کان مٿئين گريڊ ۾ سنڌ صوبي ۾ ڪم ڪن ٿا، اُنهن مان جن جي مادري زبان اردو نہ آهي، تن کي اردو ٻولي، ۽ جن جي مادري زبان سنڌي نہ آهي، اُنهن کي سنڌي ٻوليءَ جو امتحان لازمي طور پاس ڪرڻو پوندو. اهو امتحان سال ۾ ٻہ دفعا ورتو ويندو.“

انهيءَ پڌرنامي ۾ اهو بہ ڄاڻايل آهي تہ: ”اُهي ڪامورا جيڪي اهو امتحان، مقرر عرصي اندر پاس نہ ڪندا تہ انهن جي سالياني انڪريمنٽ ان وقت تائين روڪي ويندي جيستائين هو اُهو امتحان پاس نہ ڪندا، پر جنهن تاريخ کان اُهي اُهو امتحان پاس ڪندا، اُن تاريخ کان اُنهن کي سندن روڪيل انڪريمينٽ جاري ڪئي ويندي.“

پر سنڌ سرڪار جي ’سروس ۽ جنرل کاتي‘ (S&G)، سرڪار جي انهيءَ حڪمنامي تي قدم کڻڻ جي ڪڏهن بہ ڪا ضرورت محسوس ئي ڪانہ ڪئي. نتيجي طور خود سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن، پنهنجيءَ رپورٽ، سال 1997ع ۾، صفحي 108 تي ڄاڻايو هو تہ:

"سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن، 16 گريڊ کان وٺي مٿي سول آفيسرن جا سنڌي ۽ اردو ٻولين جا، سال ۾ ٻه دفعا، حيدرآباد، ڪراچي ۽ سکر وارن مرڪزن ۾، Sindh Civil Servants Language Examination Rules 1981 Syllabus preserved ۾ جنهن جا تفصيل: Appendix-VII صفحي 39 تي رپورٽ ۾ ڏيندي جاٽايل آهي تہ:

"ڪوبہ اميدوار سنڌي ٻوليءَ جي امتحان ۾ نہ ويٺو."

1973ع ۾ پاڪستان جي 'آئين' نافذ ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ صوبي ۾، صوبائي زبان طور، سنڌ جي سيني سرڪاري، نيم سرڪاري، لوڪل باڊيز جي دفترن، ڪورٽن، تعليم کاتي جي سيني ادارن، روينيو ۽ پوليس کاتي جي دفترن ۾، سنڌي زبان کي دفتري زبان طور رائج ڪرڻو هو. انگريزيءَ جي جاءِ تي قومي زبان طور اردوءَ کي رائج ڪرڻو هو پر حڪومت جي قانون ۽ پاليسيءَ جو احترام نہ ڪندي، سنڌ ۾، سنڌ کان ٻاهر بدلي ٿي آيل ڪٽر ڪامورن، ميونسپل ڪميٽين، ميونسپل ڪارپوريشنن جي چيئرمنن، ميئرن، انگريزيءَ سان گڏ، سنڌي زبان جي دفتري حيثيت ختم ڪرڻ ۾ ڪابہ دير ڪانہ ڪئي. پر هنن فقط اردو ٻوليءَ کي دفتري زبان طور استعمال ڪرڻ جا حڪم ڪيا، ۽ سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجيءَ اصلي حيثيت تان بہ هٽائي ڇڏيائون. اهڙن ئي ڪامورن، سنڌ ۾ لساني جهڳڙن کي وڌائڻ ۽ سنڌ جي ماڻهن ۾ هڪ ٻئي خلاف نفرتون پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو.

ڪراچي، سنڌ صوبي جي صوبائي دفتر هجڻ جي باوجود، ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن، جتي ورهاڱي کان اڳ، انگريزي ۽ سنڌي، دفتري زبان طور استعمال ٿينديون هيون. اُتي ڪٽرپڻي ۽ سنڌ دشمنيءَ واري رويي سبب، هڪ ئي قلم سان، انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ کي خارج ڪري، اُنهن جي جاءِ تي، سنڌ سرڪار جي فيصلي جي انحرافي ڪندي، فقط اردو ٻوليءَ کي دفتري ٻوليءَ طور رائج ڪرڻ جا احڪام جاري ڪيا ويا. اهوئي ڪارنامو، حيدرآباد ۽ سکر ميونسپل ڪارپوريشنن بہ ڪري ڏيکاريو. اهڙن غلط فيصلن تي، سنڌ سرڪار تہ بيوس ۽ خاموش تماشائيءَ طور سڀ ڪجهہ ڏسندي رهي، پر سنڌ جا ماڻهو بہ سڀ ڪجهہ ڏسندي بہ خاموش رهيا. اُن جو سبب سنڌ جا قوم پرست اڳواڻ ئي ٻڌائي سگهندا.

5 جولاءِ، 1977ع تي جنرل ضياء، ڀٽي صاحب جي حڪومت کي ختم ڪري ملڪ ۾ مارشل لا لڳايو. جنرل ضياء واري مارشل لا جي زماني ۾ سنڌ وارن لاءِ ظلم وارا ڏينهن وري شروع ٿيا. ويتر 1983ع ۾، سنڌ ۾ وڏي پئماني تي ايم. آر. ڊي (Movement for Restoration of Democracy) جي تحريڪ هلائي وئي. انهيءَ تحريڪ ۾ ٻين صوبن جي سياسي سربراهن، سنڌ جي اڳواڻن سان ناهہ ڪرڻ جي باوجود، (اُنهن اڳواڻن) سنڌ وارن سان ڪوبہ ساٿ نہ نباهيو.

اِهي ۽ اهڙا ٻيا سڀ موضوع، جنرل ضياء جي راڄ ۾، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جا موضوع رهيا. مختلف شاعرن، نثر نويسن، ڪالم نگارن ۽ نقادن انهن موضوعن تي تمام گهڻو لکيو. اُنهن شاعرن ۽ نثر

نويسن ۾ شيخ اياز اُستاد بخاري، نياز همايوني، تنوير عباسي، شمشيرالحيدري، امداد حسيني، ابراهيم منشي، محمد خان مجيدي، سرويچ سجاولي، احمد خان مدهوش، تاج بلوچ، قمر شهباز، راشد مورائي، سرڪش سنڌي، انور پيرزادو، ذوالفقار راشدي، عبدالحڪيم 'ارشد' ۽ ٻيا هن دور جا نمائنده شاعر هئا. نثر نويسن ۾ محمد ابراهيم جويو، مولانا غلام محمد گرامي، پير حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، رسول بخش پليجو، سراج، امرجليل، جمال ابڙو، آغا سليم، نسيم احمد کرل، غلام رباني آگرو، مراد علي مرزا، حميد سنڌي، غلام نبي مغل، عبدالقادر جوڻيجو، شوڪت شورو، علي بابا، جمال رند، رشيد ڀٽي، جيجي زرينه بلوچ، نورالهدي شاهه، ماهتاب محبوب، خيرالنساء جعفري، تنوير جوڻيجو، ثميره زرين ۽ ٻيون به ڪيتريون ئي سنڌي ٻوليءَ جي نمائنده افسانه نويس، ناول نگار، ڊراما نويس، ڪالم نگار، نقاد ۽ مضمون نگار هئا، جن سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ٻيباڪيءَ سان مزاحمتي ادب لکيو.

17، آگسٽ 1988ع تي، جنرل ضياء ۽ سندس 35 ساٿي، ٻهاولپور واري هوائي حادثي ۾ اجل جو شڪار ٿيا. انهيءَ حادثي کان پوءِ پاڪستان جي آئين موجب، پاڪستان جي سنيٽ جي صدر غلام اسحاق خان، ملڪ جي صدر جون واڳون سنڀاليون. غلام اسحاق خان، 1988ع ۾ ئي، پاڪستان ۾ قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جون چونڊون ڪرايون. انهن چونڊن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي، وڏيءَ اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪئي، ۽ محترمه بينظير ڀٽو شهيد، پاڪستان جي وزيراعظم ۽ مسلم دنيا ۾ پهرين خاتون وزيراعظم جي حيثيت ۾ قسم کنيو ۽ ملڪ جون واڳون سنڀاليون.

پيپلزپارٽيءَ جي هن نئين حڪومت کان، سنڌ جي ماڻهن، ٻين مطالبن سان گڏ، سنڌي زبان جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ، 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽي' قائم ڪرڻ جي گهر ڪئي، پر اُن وقت انهيءَ حڪومت 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽي' بدران، 'سنڌي لئنگئيج بورڊ' نالي جو اعلان ڪيو ۽ سراج الحق ميمڻ صاحب کي اُن جو چيئرمين مقرر ڪيو. سراج صاحب، چيئرمين ٿيڻ تہ قبول نہ ڪيو پر حڪومت کي لکي موڪليائين تہ سنڌي ٻوليءَ جهڙيءَ عظيم ٻوليءَ لاءِ 'اٿارٽي' نالي جي بدران، 'سنڌي ٻولي بورڊ' نالي اوهان، سنڌي ٻوليءَ سان ٺٺولي ڪئي آهي. اهڙيءَ طرح ٻن سالن تائين (يعني 1990ع تائين) سنڌ جي ماڻهن جي اها گهُر سردخاني ۾ ئي پيل رهي.

سنڌ جي ماڻهن مان ڪي، مون سان منهنجيءَ هن راءِ تي اتفاق ڪن يا نہ ڪن، پر آءٌ اهو دعوي سان چوندس تہ 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽي' نالي جي سعادت، اُن شخصيت کي نصيب ٿي جنهن جا هن وقت بہ لکن جي تعداد ۾ ماڻهو مداح آهن. تہ وري اوترائي اُن سان نفرت ڪندڙ بہ هوندا. اها شخصيت هئي، جناب نواب جام صادق علي خان مرحوم، جام صاحب، پنهنجي وزيراعليٰ هجڻ واري زماني ۾، 19 نومبر، 1990ع تي، سنڌ اسيمبليءَ مان، 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ' جي قائم ڪرڻ لاءِ بل منظور ڪرائي، اٿارٽيءَ جي قائم ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو.

سڀ کان پهرين، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ 1972ع واري قانون (Act) ۾، سنڌ جي تڏهوڪي گورنر، عالي جناب محمود اي هارون، 22 آڪٽوبر، 1990ع تي، ترميمي آرڊيننس جاري ڪيو، جنهن موجب 1972ع واري قانون جي شق (1) ۽ آرٽيڪل 128 ۾، ترميم ڪئي ۽ فرمايو ته:

(1) هن آرڊيننس کي، 'سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، ترقي ۽ استعمال) جي 1972ع واري قانون ۾، آرڊيننس 1990ع موجب ترميم سمجهيو وڃي.

(2) هي قانون فوري عمل ۾ ايندو.

(3) اڳوڻي قانون 'سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، ترقي ۽ استعمال) قانون 1972ع ۾، سيڪشن 5 ۽ سيڪشن 7، ضميمي سيڪشن (2) ڪلاز (ط) ۾ جا ٿايل فقرن. "اڪيڊميون ۽ بورڊ" لفظن ۽ ڪامائن جي جاءِ تي "اٿارٽي، اڪيڊميون يا بورڊ" لفظ استعمال ڪيا ويندا." (صوبہ سنڌ جي گورنر طرفان جاري ڪيل آرڊيننس، ڪراچي، 22 آڪٽوبر، 1990ع)

هن آرڊيننس کان پوءِ، سنڌ اسيمبليءَ ۾ اهو بل پيش ڪيو ويو جنهن کي 19 نومبر، 1990ع واري اجلاس ۾ منظور ڪيو ويو ۽ اُن بل، 4 ڊسمبر، 1990ع تي، سنڌ جي گورنر صاحب جي منظوريءَ سان، 'قانون' (Act) جي صورت ورتي. سنڌ اسيمبليءَ جي تڏهوڪي سيڪريٽريءَ، محترم ذاڪر حسين ڪي مرزا جي صحيح سان، تاريخ 23 ڊسمبر، 1990ع تي انهيءَ قانون جي پڌرائي ڪئي وئي.

**4- سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل ۽ اُن لاءِ ڪي تجويزون:**

اڳ ۾ چيو ويو آهي ته سنڌي زبان جو مستقبل تمام گهڻو روشن آهي. جيڪي ڪجهه ماضيءَ ۾ ڪيو ويو، يا جيڪي ڪجهه حال ۾ ڪيو ويو آهي، اُن جو جڏهن مرزا قليچ بيگ، سائين جي. ايم سيد، پير علي محمد شاهه راشديءَ، علامه آءِ. آءِ قاضيءَ، حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ، پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ ۽ پير حسام الدين شاهه راشديءَ جي تجزين ۽ تجويزن جي روشنيءَ ۾ مطالعو ٿو ڪجي ته محسوس ٿو ٿئي ته سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل تمام گهڻو روشن نظر اچي ٿو. مثال طور علامه آءِ. آءِ قاضي صاحب فرمايو ته:

"سنڌي زبان جي بقاء جو هڪ مؤثر طريقو هي آهي ته سنڌين ۾ قوت فڪر پيدا ٿئي ته جيئن هو نئين خيال ۽ نئين معنيٰ کي سنڌي زبان ۾ قلمبند ڪن. ائين ڪرڻ سان زبان جي زندگيءَ ۽ بقا جو سوال پاڻهي حل ٿي سگهي ٿو."

سيد حسام الدين شاهه راشديءَ، سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل ۽ اُن جي ترقيءَ لاءِ تجويزون ڏيندي لکيو ته:

"شعر، افسانی ۽ ڊرامی کان سواءِ ٻيا بہ اهم موضوع آهن جن تي نئين نسل کي فوري توجهہ ڏيڻ کپي. ڪابہ قوم فقط شعر، افسانی ۽ ڊرامی جي سهاري جيئري رهي نہ سگهندي. سنڌ جي تاريخ بہ هڪ اهم موضوع آهي، جيڪو هن وقت تائين اکين کان ٿريل رهيو آهي. سنڌ جي تاريخ طرف ڌيان ڏيڻ سان، سنڌن ادبي تعليمات ۾ نئون رنگ ۽ رس پرجي ويندو، نوان موضوع ملندا ۽ نرالا عنوان قائم ٿيندا، ۽ پنهنجن خواهہ پراون جون اکيون کلي پونديون." (سيد حسام الدين شاهہ راشدي، 1981ع: 681)

سيد صاحب اڳتي لکي ٿو:

"هن جدوجهد ۾ هيلتائين جي زماني ۾ اُهائي قوم قائم رهي سگهندي جيڪا ترقي يافتہ قومن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي هلڻ جي ڪوشش ڪندي. هن خطرناڪ ۽ عجيب دور ۾ اُها قوم جيئري رهندي ۽ اهوئي ماڻهو رفتار سان گڏوگڏ، پنهنجي رفتار قائم رکندو ايندو." (سيد حسام الدين شاهہ راشدي، 1981ع: 681)

حقيقت ۾ ٻنهي بزرگ دانشورن، يعني علامہ آءِ. آءِ قاضيءَ ۽ پير حسام الدين شاهہ راشديءَ جي تجويزن ۽ اهم نقطن طرف سنڌ جي ماڻهن کي فوراً ڌيان ڏيڻ جي گهڻي ضرورت آهي. سنڌ ۽ سنڌي زبان، فقط افسانوي ادب جي سلسلي ۾ گهڻي ۾ گهڻي مواد پيش ڪرڻ سان ترقي يافتہ زبانن جي دائري ۾ داخل ٿي نہ سگهندي.

هن سلسلي ۾ سال 1982ع ۾، محترم مراد علي مرزا، سنڌ يونيورسٽيءَ جي، سنڌي شعبي ۾ هڪ سيمينار ۾ پنهنجي هڪ مقالي ۾، سنڌي ٻوليءَ جي سيني گهٽگهرن کي خبردار ڪيو هو. مرزا صاحب اهو چئلينج ڏنو هو تہ سنڌي زبان ۾ سائنسي علمن تي گهڻو ڪم ڪونہ ٿيو آهي جو اسين اُن کي سائنسي علمن واريءَ فئڪلٽيءَ ۾ شامل ڪري سگهون. مرزا صاحب اهو خدشو ظاهر ڪندي چيو هو تہ جيڪڏهن اسان جي عالمن، اُستادن ۽ ليکڪن، جديد فني ۽ سائنسي علمن. جهڙوڪ: انجنيئرنگ، اليڪٽرانڪس، ڪمپيوٽر سائنس، علم طبعي، علم ڪيميا، علم ارضيات، علم حياتيات، علم طب، زرعي توڙي اهڙن ٻين علمن جي باري ۾، سنڌي زبان ۾ مواد پيش نہ ڪيو تہ سنڌي زبان اڳتي وڌي نہ سگهندي، ۽ اسان فقط شاعريءَ، افساني، ناول ۽ ڊرامي جي موضوعن تي لکيل چند ڪتابن کي زبان جي ترقي سمجهي، خوش فهميءَ ۾ رهجي وينداسين. سنڌ ۾ سوَن جي تعداد ۾ سنڌيدان، انهن موضوعن ۽ مضمونن جي اُستادن ۽ محققن جي حيثيت ۾ ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ باقاعدي اُستادن ۽ محققن طور مقرر ٿيل آهن. اهو اُنهن اُستادن ۽ محققن جو اخلاقي فرض آهي تہ پنهنجي روزمره جي مشغولين مان ڪجهہ وقت ڪڍي هن طرف ڌيان ڏين ۽ پنهنجي پنهنجي موضوع ۽ مضمون جي سلسلي ۾ تحقيق ڪن، مقالا ۽ ڪتاب لکن.

اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ ٻارن لاءِ جديد اشاعتي اصولن موجب ٻاراڻو ادب خاص ڪري سائنسي فڪشن جهڙن موضوعن تي طبعزاد ڪتاب لکرايا وڃن يا ٻين ٻولين ۾ ڇپيل ڪتاب ترجمو ڪرايا وڃن.

**(2) پرائمري سطح کان وٺي، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا تي توجهه ڏيڻ جي ضرورت:**

سنڌي ٻوليءَ کي مستقبل جي زبان بڻائڻ لاءِ اهو به ضروري آهي ته پرائمري تعليم واريءَ سطح کان وٺي، تعليم جو ذريعو بڻائڻ گهرجي. سڀني سرڪاري توڙي خانگي اسڪولن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا لازمي ڪئي وڃي. اهو سنڌ جي ٻارن جي مائٽن ڏهن به ضروري آهي ته اُهي به ڏسن ته سندن ٻارن کي، سنڌي ٻولي پڙهائي وڃي ٿي يا نه؟ سنڌ جي هڪ وڏي اديب ۽ محقق، محترم شوڪت حسين شوري، روزانه عبرت اخبار جي، 9 جولاءِ 199ع واري شماري ۾، 'سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل' واري عنوان هيٺ، پنهنجي هڪ ڪالم ۾، سنڌي ٻوليءَ لاءِ خطرن طرف ڌيان ڇڪائيندي لکيو هو ته:

> "اسان جا عالم ۽ دانشور جڏهن ڪنهن ادبي ميڙ جي صدارت ڪندا آهن، يا مهمان خصوصيءَ جي حيثيت ۾ اسٽيج تي ڪرسي والاري ويهندا آهن ته اُهي صاحبان، پنهنجن تقريرن ۾ عجيب غريب حقيقت پسنديءَ ۽ خوش فهميءَ واريون ڳالهيون ڪندا آهن. اُهي خاص طور سنڌي زبان جي باري ۾ اهڙي جذباتي قسم جي دعويٰ ڪندا آهن، جنهن کي ٻڌي في الحال ته ماڻهو ٻي اونو ٿي ويندو آهي ۽ سمجهندو آهي ته سنڌي زبان کي ڪوبه خطرو ڪونهي."

شورو صاحب، پنهنجي انهيءَ ساڳئي ڪالم ۾ اڳتي لکي ٿو:

> "هڪڙا خطرا ٻاهريان آهن ۽ ٻيا اندروني. ٻاهرين خطرن تي ٻئي ڀيري ڳالهائينداسين. سنڌي زبان کي جيڪو اندريون خطرو آهي، اُن جي لاءِ ذميوار خود اسين سنڌي آهيون. تعليمي لحاظ کان، سنڌي زبان جي ٻيڙي ٻوڙڻ ۾ اسان جو پنهنجو ئي هٿ آهي. اُن ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جي وڏن شهرن، ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾، تعليمي لحاظ کان سنڌي زبان جا تڏا ويڙهجي ويا آهن. ڪراچيءَ جو شهر جيڪو سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ آهي، اُتي هڪڙو به سنڌي پرائمري اسڪول ڪونهي. حيدرآباد جي ايڏي ساريءَ سنڌي آباديءَ ۾ به تي سنڌي پرائمري اسڪول مس وڃي بچيا آهن.
>
> قاسم آباد جي سنڌي وسنديءَ ۾ بيڪن هائوس، پبلڪ اسڪول ۽ سينٽ بوناويچر اسڪولن ۾ وڌ ۾ وڌ سنڌي ماڻهن جا ٻار داخل آهن. جتي انگلش ميڊيم ته پنهنجيءَ جاءِ تي، پر سنڌي ٻارن کي، پهرئين ڪلاس، يا ڏوڪڙ ڏيڻ سان جيڪڏهن پرائمريءَ ۾ داخلا ملي وڃي ته جڻ ته زندگي ملي وڃي.

جيڪي نوجوان ڪاپي ڪري بي. اي. بي. ايس سي يا ايم. اي ڪري وينا آهن. يا نئين سهوليت موجب آسانيءَ سان بي. ايڊ آف ڪئمپس جي ڊگري حاصل ڪري چڪا آهن. اُهي نڪو ريڙهو لڳائي سگهندا ۽ نه ئي وري هر ڪاهي سگهندا. اهي پرائمري ماستر ٿي ويا ته وڏي کيپ ڪنيائون. هاڻي رهيو ڳوٺ جي اسڪول ۾ ٻارن کي پڙهائڻ جو معاملو ته اڳي گوسڙو شاگرد ٻڌبا هئا. پر هاڻي زمانون ڦري ويو آهي. گوسڙو شاگردن کان، گوسڙو اُستادن جو انگ وڌي ويو آهي. جنهن زبان جي بنيادي تعليم جو اهو حال هجي، اُها آخر ڪيستائين علمي ۽ ادبي زبان جي حيثيت سان قائم رهندي.

هن وقت جيڪڏهن سنڌي زبان ۾ ايتريون ساريون اخبارون نڪرن ٿيون، رسالا ۽ ڪتاب ڇپجي رهيا آهن ته اها پنهنجيءَ جاءِ تي خوشيءَ جي ڳالهه آهي. پر جڏهن سوچجي ٿو ته ايندڙ وقت ۾ انهن اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن جا پڙهندڙ ڪيترا هوندا ته سڄي خوشي ختم ٿيو وڃي. جيڪڏهن سنڌي تعليم جي صورتحال اهائي قائم رهي جيڪا ڏينهون ڏينهن ابتريءَ ڏانهن وڌندڙ آهي ته ايندڙ صديءَ جي ٻئي اڌ ۾. سنڌي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن کي پڙهڻ وارو ڳوليو به ڪونه لڀندو. سنڌي ماڻهو ته برابر هوندا پر سنڌي پڙهندڙ ڪونه هوندا. جيئن انڊيا ۾ هن وقت سنڌي زبان جي حالت آهي. انڊيا ۾ سنڌين جو پراڻو نسل جيئن جيئن ختم ٿيندو وڃي، اُنهن سان گڏ سنڌي زبان جي علمي ۽ ادبي حيثيت به ختم ٿيندي پئي وڃي. هن وقت انڊيا ۾ سنڌي لکندڙ به آهن. سٺا شاعر. سٺا ماڊرن ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار به آهن. پر پڙهندڙ ڪونه آهن. سنڌين جا ٻار نالي ۾ سنڌي آهن. پر اهي هندي ۽ انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن."

**(3) - (الف) سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي ادب جي واڌاري لاءِ ڪم ڪرڻ:**

اڳ ۾ چيو ويو آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي علمن تي مواد نه هئڻ جي برابر آهي. اڳ ۾ اهو به چيو ويو آهي ته سنڌي زبان. فقط افسانن. ڪهاڻين. ڊرامن. ناولن يا جذباتي قسم جي شاعريءَ سان ترقي ڪري ڪانه سگهندي، ۽ نه ئي وري ترقي يافته ٻولين ۽ ترقي يافته ادب پيدا ڪندڙ قومن جي دائري ۾ داخل ٿي سگهندي. سنڌي زبان ۾ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪل علمن جي باري ۾ گهڻي مواد لکڻ جي ضرورت آهي. اهوئي سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سامهون، اُن جي مستقبل ۽ ترقيءَ لاءِ وڏو چئلينج آهي. سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل ۽ ترقيءَ لاءِ. سنڌي ٻوليءَ کي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي زبان بنائڻ لاءِ. سنڌي ٻوليءَ ۾ اليڪٽرانڪ ميڊيا لاءِ گهربل مواد لکڻو پوندو. اُن لاءِ انهيءَ مضمون جي ماهرن کي پنهنجو وقت ڏيڻو پوندو.

پڙهندڙن کي ياد هوندو تہ 1970ع واري ڏهاڪي واري زماني ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي هڪ فاضل دانشور ۽ انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽريءَ جي فاضل پروفيسر ۽ ڊائريڪٽر مرحوم ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي صاحب جي نگرانيءَ ۾ 'سنڌ سائنس سوسائٽي' قائم ڪئي وئي هئي. مذڪوره سوسائٽيءَ، اُن ڏس ۾ تعريف جوڳو ڪم بہ ڪيو هو. هن اداري طرفان 'ماهوار سائنس مخزن' کان سواءِ سائنس جي مختلف موضوعن تي، سنڌي ٻوليءَ ۾ طبعزاد ۽ ترجمو ڪيل ڪتاب پڻ شايع ڪرايا ويا هئا. هن ئي اداري طرفان، سائنس جي ٽيڪنيڪي ۽ فني لفظن تي مشتمل، انگريزي- سنڌي لغت پڻ شايع ڪئي وئي هئي. اها لغت مرحوم قاضي صاحب پاڻ مرتب ڪئي هئي. پر ڪيترن ئي سالن کان اهو ادارو ختم ٿي چڪو آهي.

مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ 1991ع ۾ سنڌ حڪومت طرفان، سنڌ اسيمبليءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پاس ڪيل بل جي روشنيءَ ۾ 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ' جي نالي سان ادارو قائم ڪيو ويو. هن اداري جو باني چيئرمئن، مشهور سنڌ شناس ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب کي مقرر ڪيو ويو. ڊاڪٽر صاحب هن اداري جو ٽي سال چيئرمئن رهيو. هن اداري جي عملي قدمن جي سلسلي ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' ڪتاب ۾ تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي. هن اداري جي مقصدن مان هڪ مقصد هي بہ طي ڪيو ويو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪل علمن جي مضمونن تي ڪتاب لکرائي شايع ڪرايا وڃن. پنهنجي قيام واري زماني کان وٺي، هن اداري هن ڏس ۾ تعريف جوڳا قدم کنيا آهن. هن اداري طرفان شايع ٿيندڙ ڇهہ ماهي تحقيقي جرنل، 'سنڌي ٻولي' جي شماري 2، جلد چوٿين جي اپريل- مئي ۽ جون، 1994ع واري شماري ۾، 'سنڌيءَ ۾ سائنسي ادب جي واڌاري لاءِ سڏ' جي عنوان هيٺ، سائنسي ادب جي ليکڪن کي، سائنسي موضوعن تي لکڻ جي دعوت پڻ ڏني وئي. اُن دعوت ۾ مذڪوره جرنل ۾، صفحي 43 تي تفصيل پڙهي سگهجي ٿو.

1998ع ۾، هن اداري ۾ سائنسي ادب جي واڌاري لاءِ هڪ ڌار شعبو پڻ قائم ڪيو ويو. اداري پنهنجي سيني پروگرامن تي مستقبل ۾ عملي جامو پهرائڻ لاءِ 'شارٽ ٽرم' ۽ 'لانگ ٽرم' پروگرام پڻ طئي ڪيا، جن مطابق سنڌي ٻوليءَ ۾ 'حوالاجاتي مواد'، 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا' کان سواءِ 'سائنسي ادب'، 'ٻارن لاءِ ادب'، 'ڊڪشنريون'، ورڪشاپ، مذاڪرا، ادبي ڪلاسن ۽ ادبي ڪچهرين، سنڌي سکيا جي ڪلاسن کان سواءِ هر سال 'شاهہ لطيف قومي ڪانفرنس' ڪوٺائڻ جو پروگرام پڻ جوڙيو ويو هو. انهن سيني پروگرامن تي عمل ڪرڻ لاءِ ڌار ڌار مشاورتي ڪميٽيون پڻ جوڙيون ويون.

**(ب) سنڌي ٻوليءَ کي اليڪٽرانڪ ميڊيا واري ٻولي بڻائڻ:**

سنڌي ٻوليءَ کي فني ۽ ٽيڪنيڪل ٻولي بڻائڻ جي سلسلي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي، انسٽيٽيوٽ

آف سنڌالاجيءَ 1970ع ۾، سنڌي ٻوليءَ لاءِ سئيٽزرلئنڊ جي 'هرمز ڪمپنيءَ' کان، 'المصطفيٰ' نالي سنڌي ٽائيپ رائيٽر ٺهرايو. اُن کان پوءِ سنڌي ٽائيپ رائيٽر جي سکيا ۽ 'سنڌي شارٽ هئنڊ' جي نالي سان ڪتاب لکرائي ڇپايا. اهي ڪتاب، دراصل 'سنڌي ٽائيپ رائٽنگ' ۽ 'سنڌي شارٽ هئنڊ' جي سکڻ لاءِ ٽيڪسٽ بڪ ٿي هئا. اليڪٽرانڪ ميڊيا طرف، سنڌي ٻوليءَ لاءِ اها هڪ قسم جي پيش قدمي هئي، جنهن جي شروعات، سنڌالاجيءَ طرفان ڪئي وئي.

پر سنڌي ٻوليءَ جي ڇپائيءَ، يعني پرنٽنگ ٽيڪنالاجي جي سلسلي ۾، 1954ع ۾ علامه آءِ آءِ قاضيءَ، جرمنيءَ مان مشينون گهرائي، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پريس قائم ڪري، اُن ۾ ڇپائيءَ لاءِ جرمنيءَ مان Punch Operating System واريون مشينيون آنديون. انهن پريس جي مدد سان، سنڌ يونيورسٽي پريس، ڇپائيءَ جي سلسلي ۾، اليڪٽرانڪ ميڊيا جي سلسلي ۾، انقلابي قدم کنيا جيڪي سنڌ ۾ بلڪل نوان هئا.

سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي ٻوليءَ کي ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ پهريون دفعو 1984ع ۾ ڪنياٽا ڪمپنيءَ وارن جي مدد سان، ڇپائيءَ لاءِ ڪمپيوٽر واريون مشينون ٺهرايون. اڳتي هلي ريڊيو ۽ ٽي وي‌ءَ تي، سنڌي ٻوليءَ جي نشريات به هن ڏس ۾ هڪ ڪامياب شروعات هئي، انهيءَ عرصي ۾ سنڌ ۽ ڀارت ۾، سينيما گهرن ۾ سنڌي فلمن جو اچڻ به، سنڌي ٻوليءَ جي شوبزنس ۽ پرفارمنگ آرٽ وارن شعبن جي ترقيءَ طرف هڪ وڏو قدم هو.

اهڙيءَ طرح ڪمپيوٽر تي سنڌي ٻوليءَ کي ٽيڪنيڪل طريقي سان آڻڻ وارين ڪامياب ڪوشش جي سلسلي ۾ محترم عبدالماجد ڀرڳڙي ۽ بدر هيسباڻيءَ، سنڌي ٻوليءَ جي خدمت جي سلسلي ۾ پاڻ کي زنده جاويد بنائي ڇڏيو. اهي ٻئي صاحب، ڪروڙين سنڌين جي مبارڪن جا مستحق آهن. ڀرڳڙي صاحب ته 'مڪئنٽش ڪمپيوٽر ڪمپنيءَ' جي سهڪار سان، سنڌي ٻوليءَ لاءِ 'عربي سسٽم' جي ڪي بورڊ تي، سنڌي فانٽ تيار ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون پيرو سنڌي PC ناهي، مارڪيٽ ۾ آئي. ڪمپيوٽر تي سنڌي ٻوليءَ جي استعمال طرف، سنڌ جي ماڻهن جو ڌيان ڇڪايو ۽ 'سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم' جي شروعات ڪئي. جيتوڻيڪ 1984ع ۾، سنڌي ادبي بورڊ، ڪمپاٽا ڪمپنيءَ جي مدد سان، ادبي بورڊ ۾، سنڌي ٻوليءَ جي ڪمپوزنگ جي طريقي لاءِ ڪمپيوٽر تي آڌارڪ مشينون ٺهرائي استعمال ڪرڻ شروع ڪيون هيون، پر هڪ ته اجوڪي سسٽم ۽ انهيءَ سسٽم ۾ وڏو فرق هو ۽ ٻيو ته انهن تي سنڌي ڪمپوزنگ مهانگي پئي هئي. انهيءَ ڪري نه فقط واپاري لحاظ کان به سنڌ جي ماڻهن، خاص ڪري پرنٽنگ پريسن جي مالڪن ۽ آفيسن ۾ منتظمين جو ڌيان، 'مڪئنٽش ڪمپنيءَ جي جوڙيل PC' طرف

وڊيڪ تيو هو. ساڳئي وقت هي طريقو وڌيڪ جديد، گهٽ خرچ وارو ۽ جلدي نتيجا ڏيندڙ طريقو بہ هو.

ماجد ڀرڳڙي ۽ بدر هيسباڻيءَ کان پوءِ، ڪيترن ئي ٻين سنڌي نوجوانن، سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم جي سلسلي ۾، خاص ڪري نون سنڌي فانٽن جي ناهڻ طرف ڌيان ڏنو. انهن ۾ سيد اياز شاهہ IBM ڪمپنيءَ لاءِ سنڌي ڪي بورڊ ۽ نوان فانٽ ناهي، ڪن سنڌي اخبارن کي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي آڻڻ جي شروعات ڪئي. شايد 'عوامي آواز' پهرين سنڌي اخبار هئي، جنهن طرفان سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم موجب شايع ڪرڻ جي شروعات ڪئي وئي. هاڻي تہ سنڌي ٻوليءَ جون سڀ اخبارون، ڪتاب، رسالا ۽ ائڊورٽائيزمينٽ جو مواد، سنڌي ڪمپيوٽنگ واري سسٽم موجب ڇپايو ويندو آهي. اهو بہ نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ سنڌيءَ ۾ پرنٽنگ ٽيڪنالاجيءَ جي لحاظ کان، سنڌي ۾ 'سنڌيڪا اڪيڊميءَ'، 'روشني پبليڪيشن' ۽ 'ڪويتا پبليڪيشن'، سنا ۽ ڪامياب تجربا ڪيا. ۽ اُن سان گڏ انهن ادارن، ڪمپيوٽر تي ڪمپوزنگ جي سلسلي ۾ ڪيترن ئي نوجوانن کي سکيا ڏيئي، ڇپائيندڙ ادارن، خاص ڪري اخبارن کي ڪامياب آپريٽر تيار ڪري ڏنا آهن.

ايترين سارين انفرادي ڪوششن جي باوجود ضرورت هن ڳالهہ جي هئي تہ سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم لاءِ 'معياري ڪي بورڊ'، 'معياري ڪوڊ پليٽ'، ۽ 'معياري فانٽ' ۽ 'سافٽ ويئر' ناهڻ جي ڪوشش ڪجي. ماجد ڀرڳڙي، بدر هيسباڻي ۽ اياز شاهہ کان سواءِ ٻين نوجوانن، ڪمپيوٽر جي سکيا جا پنهنجا پنهنجا سنڌي فانٽ پڻ ناهيا. اُنهن جا نالا اٿارٽيءَ جي 2001ع واريءَ ساليانيءَ رپورٽ ۾ ڏنا ويا آهن.

هن سلسلي ۾، 1998ع کان سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ، نهايت ئي ڪامياب ڪوششون ڪيون. اٿارٽيءَ طرفان، 'لطيف ناشر' نالي سان هڪ معياري فانٽ تيار ڪري سنڌ سرڪار کي اُن جي منظوريءَ لاءِ گذارش بہ ڪئي وئي. هن اداري سنڌي ٻوليءَ لاءِ 'معياري ڪوڊ پليٽ'، 'معياري ڪي بورڊ'، 'معياري فانٽ' ناهيا ويا آهن.

هر سجاڻ ماڻهو ڄاڻي ٿو تہ هيءُ دور، اليڪٽرانڪ ميڊيا جو دور آهي. هن دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي آڻڻ لاءِ ڪن خاص خاص ماڻهن، خانگي ادارن ۽ ڪن اخبارن ۽ ٽي- وي چينلن، پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن وقت سرڪاري ادارن ۾، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ئي هڪ اهڙو ادارو آهي، جنهن هن سلسلي ۾ نہ فقط باقاعدگيءَ سان شروعات ڪئي، پر هن ڏس ۾ ڪافي ڪاميابي پڻ حاصل ڪئي آهي. اٿارٽيءَ طرفان، پاڻ سان اڪثر انهن نوجوانن کي پڻ شامل ڪيو ويو، جن انفرادي طور هن ڏس ۾ ڪوششون پئي ڪيون. اُنهن نوجوانن ۾ محترم عبدالماجد ڀرڳڙي، سيد اياز شاهہ، سيد دانيال شاهہ، اعجاز جعفري ۽ سارنگ رام جا نالا وڏن ٿورن سان وٺي سگهجن ٿا. انهن نوجوانن جي مدد سان، اٿارٽيءَ، اُن وقت ۾

ڏار ڏار استعمال ٿيندڙ ’فانٽن‘ مان ’لطيفي ناشر‘ فانٽ کي معياري فانٽ طور منظور ڪيو.

اليڪٽرانڪ ميڊيا جي سلسلي ۾ خاص ڪري ’سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم‘ تي ڪم ڪرڻ لاءِ، اٿارٽيءَ جي ڪمپيوٽر لئب کي ترقي ڏيئي، ’سنڌي انفرميٽڪس شعبو‘ قائم ڪيو ويو. انهيءَ شعبي، وفاقي سرڪار جي اداري NADRA سان هڪ گڏجاڻيءَ ۾ ڪيل فيصلن تي عمل ڪرڻ جي سلسلي ۾ هن شعبي جي مشاورتي ڪميٽيءَ عملي قدم کڻڻ شروع ڪيو ۽ NADRA جي مشوري موجب، سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ ڪم ايندڙ ’حرفن جي استعمال جي رفتار‘ (frequency of letters) جي بنياد تي ’معياري سنڌي ڪي بورڊ لي آئوٽ‘، ’سنڌي ڪوڊ پليٽ‘، ۽ سنڌي صورتخطيءَ ۾ حرفن جي هڪ ٻئي جي اڳيان يا پٺيان ملڻ/ گڏجڻ جي ترتيب، يعني Collation Order بہ تيار ڪري ورتو. پوءِ اهو پورو پئڪيج، سنڌي سافٽ ويئر ٺاهڻ لاءِ اٿارٽيءَ طرفان منظور ڪيو ويو ۽ ساڳيءَ طرح اٿارٽيءَ طرفان ٺاهيل اهو فانٽ، اسلام آباد ۾ NADRA کي، ۽ سيڪريٽري ڪلچر، حڪومت سنڌ جي معرفت سنڌ سرڪار جي چيف سيڪريٽريءَ کي ڪراچيءَ موڪليو ويو تہ جيئن اٿارٽيءَ طرفان ٺاهيل ’سنڌي ڪي بورڊ لي آئوٽ‘، ’ڪوڊ پليٽ‘ ۽ ’ڪوليشن آرڊر‘ کي سرڪاري طور منظور ڪري، اهڙو نوٽيفيڪشن جاري ڪيو وڃي. انهيءَ پئڪيج جي تيار ٿيڻ کان پوءِ، سنڌي ٻوليءَ لاءِ هر قسم جي سافٽ ويئر ٺاهڻ ۾ آساني ٿي وئي.

اٿارٽيءَ، محترم عبدالماجد ڀرڳڙيءَ جي تعاون ۽ ڪوشش سان، سنڌي ٻوليءَ کي انٽرنيٽ تي آڻڻ ۾ بہ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي. انهيءَ ڪاميابيءَ کان پوءِ اسين هاڻي دنيا ۾ ڪٿي بہ ۽ ڪنهن سان بہ، سنڌي ٻوليءَ جي عربي- سنڌي رسم الخط ۾، انٽرنيٽ تي خط و ڪتابت ڪرڻ جي صلاحيت رکڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين.

اٿارٽيءَ ۾ قائم ڪيل سنڌي انفرميٽڪس شعبي، اليڪٽرانڪس ميڊيا جي حوالي سان، سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل ۾ ترقيءَ لاءِ هيٺيون پروگرام رٿيو هو:

(i) جڳ مشهور مائڪروسافٽ ڪمپنيءَ جي ’يوني ڪوڊ‘ جي بنياد تي، سنڌي ٻوليءَ ۾ اي ميل کي بنا رڪاوٽ جي عام ڪرڻ.

(ii) سنڌي ٻوليءَ جون ونڊوز (Windows) تيار ڪرڻ لاءِ، مختلف سافٽ ويئر ڪمپنين جو سهڪار حاصل ڪرڻ.

(iii) ڪمپيوٽر جي حوالي سان، سنڌي ٻوليءَ لاءِ اهي سڀ سهوليتون مهيا ڪرڻ جن جي سهوليت انگريزي ٻوليءَ جي ڪي بورڊ ۾ موجود آهي، يعني: ايڊيٽر، ڊڪشنري، سارٽنگ آرڊر، لئنگئيج ڪنورٽر/ يعني ٽرانسليٽر وغيره تيار ڪرڻ.

**سنڌي ٻوليءَ جي Text form ۾ ويب ڊزائننگ ڪرڻ**

سنڌيءَ جي ويب سائيٽ ڊزائننگ جي سلسلي ۾، اٿارٽيءَ، IUCN ۽ گورنمينٽ ٽيڪنيڪل ڪاليج، وحدت ڪالونيءَ جي سهڪار سان، ڪوٺايل هڪ ورڪشاپ جي افتتاح جي موقعي تي مهراڻ يونيورسٽيءَ جي تڏهوڪي وائيس چانسلر، ڊاڪٽر عبدالرحمان ميمڻ صاحب، پنهنجيءَ تقرير ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل جي حوالي سان فرمايو ته:

"سنڌي ٻوليءَ جي Marketability گھٽبي رهي آهي، اُن لاءِ سوچڻ جي ضرورت آهي."

هن وڌيڪ چيو ته:

"ڀارت، برطانيا، آمريڪا، ڏور مشرق ۽ ٻين ملڪن ۾ رهندڙ لکين سنڌي ماڻهن، سنڌي ٻوليءَ ۾ دلچسپي وٺڻ ڇڏي ڏني آهي. ايتري قدر جو هاڻ سنڌ ۾ به، سنڌي ماڻهن جي، سنڌن ٻارن کي سنڌي ٻولي پڙهائڻ جي سلسلي ۾ دلچسپي ختم ٿيندي وڃي."

اهي ئي ڳالهيون، محترم شوڪت حسين شوري، پنهنجي هڪ ڪالم ۾ چيون هيون، جن جو اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.

ڊاڪٽر ميمڻ صاحب جون اهي ڳالهيون ۽ سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل لاءِ خدشا، سنڌ جي سيني يونيورسٽين ۽ سرڪاري توڙي نيم سرڪاري ادارن لاءِ هڪ وڏو چئلينج آهن. هن صاحب بلڪل وقتائتيون ڳالهيون ڪيون هيون. هن چيو هو ته هن زماني ۾، سنڌي ٻوليءَ جي Marketability جو سڄو دارومدار، اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ميدان ۾ ترقي حاصل ڪرڻ تي آهي. اُن لاءِ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ۽ سنڌ ۾ قائم يونيورسٽين ۾ قائم ادارن کي 'انفرميشن ٽيڪنالاجي' (IT) جي سلسلي ۾ وڏو ڪم ڪرڻو پوندو. 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ' ۽ سنڌ ۾ قائم سرڪاري يا خانگي يونيورسٽين کي، هن سلسلي ۾ گڏجي ڪي پروگرام ٺاهڻ گھرجن ڇاڪاڻ ته يونيورسٽين وٽ 'ماهر' (Technocrats) موجود آهن. سنڌي ٻوليءَ جي Marketability وڌائڻ لاءِ، اٿارٽيءَ ۽ يونيورسٽين جي ماهرن کي گڏجي ڪي پروگرام ٺاهڻ گھرجن. هن سلسلي ۾ هيٺيان قدم کڻڻ گھرجن:

(I) سنڌي ٻولي جيڪا هاڻي ڪمپيوٽر جي ٻولي به بڻجي چڪي آهي. پر اُن کي معياري ٻولين جهڙوڪ: انگريزي، فرينچ، جرمن، روسي، چيني ۽ ٻين ٻولين جي معيار تي آڻڻو پوندو. اُن سلسلي ۾ اٿارٽيءَ سميت سيني يونيورسٽين کي نه فقط سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم جا ڪلاس شروع ڪرڻ گھرجن. پر سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ پروگرام به ٺاهڻ گھرجن.

(II) انٽرنيٽ جي زبان بڻجڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ کان پوءِ، سنڌيءَ ۾ مختلف پروگرامن

جون CDs ناهڻ ۾ وڌيڪ مهارت حاصل ڪرڻ گهرجي، جنهن لاءِ انهن سڀني ادارن کي گڏجي ڪوشش ڪرڻيون پونديون. اسان وٽ ماهرن جي ڪوٽ ڪانهي، پر هڪ ٻئي سان سهڪار ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي.

(III) انٽرنيٽ ذريعي سنڌي ٻولي سيکارڻ لاءِ مختلف پروگرام تيار ڪرڻ گهرجن. دنيا ۾ جتي جتي سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهو آباد آهن، اُنهن مان جيڪي عربي- سنڌي رسم الخط ذريعي سنڌي ٻولي سکڻ نٿا چاهين، اُنهن لاءِ رومن- سنڌي رسم الخط ذريعي، سنڌي ٻولي سيکارڻ جون سهوليتون مهيا ڪرڻ گهرجن، پر زور وري به عربي- سنڌي رسم الخط تي ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته عربي- سنڌي رسم الخط ۾ لکن جي تعداد ۾ ڇپيل ڪتاب، هن وقت لائبررين ۾ موجود آهن.

(IV) ڪمپيوٽر لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهي سڀ سهوليتون مهيا ڪرڻ جي ڪوشش جاري رکڻ گهرجي ته جيئن اُن ۾ سنڌي ايڊيٽر، سنڌي ڊڪشنري، لئنگئيج ڪنورٽر/ ٽرانسليٽر ۽ لئنگئيج سارٽر جون سهوليتون مهيا ڪيل هجن. انهن سڀني سهوليتن لاءِ سنڌ جون يونيورسٽيون، سنڌ سرڪار جي منسٽري آف انفرميشن ٽيڪنالاجي، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ سان سهڪار ڪن.

ڪمپيوٽر کان سواءِ، سنڌي ٻوليءَ لاءِ سيٽلائيٽ چئنلن جي سلسلي ۾ هن وقت اخبارن کان سواءِ ڪي ٻئي واريون ڏريون ميدان ۾ اچي چڪيون آهن. ڇاڪاڻ ته هي شعبو جتي تجارت، اطلاعات، شوبزنس، پرفارمينگ آرٽ ۽ ثقافت، سماجي حالتن، علم ادب جي ترقيءَ لاءِ هڪ بهترين ۽ ڪامياب وسيلو آهي، اُتي واپاري اشتهارن وسيلي، وڻج واپار جي واڌاري لاءِ به هڪ ڪامياب وسيلو ثابت ٿيو آهي. خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو سنڌي ٻوليءَ جا ست چئنل هن وقت چوويهه ئي ڪلاڪ پنهنجي نشريات کي جاري رکندا اچن. انهن چئنلن جتي دنيا جي لڳ ڀڳ هڪ سؤ کان به وڌيڪ ملڪن ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي پيغام ڏيڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، اُتي سون جي تعداد ۾ نوجوان هاڻي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي مختلف شاخن ۾ مهارت حاصل ڪري چڪا آهن. اهو هڪ وسيع ميدان آهي، جنهن ۾ ائنڪر پرسن کان وٺي، خبرون پڙهندڙن ۽ خبرون لکندڙن کان سواءِ سنڌي موسيقيءَ، سنڌي اداڪاريءَ ۽ ٻين شعبن ۾ ٻيا هزارين نوجوان ماهر تيار ڪيا ويا آهن. انهن چئنلن ۾: ڪي. ٽي. اين، سنڌ ٽي وي، مهراڻ ٽي وي، ڌرتي، ڪشش ٽي وي، آواز ٽي وي، ٻي ٽي ويءَ کان سواءِ پارٽ مان گرنار کان سواءِ مئنچيسٽر مان نشر ٿيندڙ Digital D تي هر هفتي سنڌي پروگرام نشر ٿيندا رهندا آهن.

برطانيا، آمريڪا ۽ يورپ ۾ آباد سنڌي ماڻهن طرفان، اُنهن ملڪن ۾ ناهيل ادارن (جهڙوڪ مانا وغيره) کي گهرجي تہ اُهي هندستان ۽ پاڪستان جي ڪنهن سياسي اداري جي ذيلي سياسي يا سماجي ادارن بڻجڻ ۽ سياسي ڪم ڪرڻ جي بدران، سنڌي ٻوليءَ، سنڌي تهذيب ۽ ثقافت، ۽ خاص ڪري سنڌي ٻوليءَ کي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي حوالي سان، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي Marketability جي سلسلي ۾، سنڌ ۾ قائم ڪيل ادارن جي مدد ڪرڻ گهرجي. هن سلسلي ۾ اهو ضرور چئبو تہ مغربي دنيا ۾ رهندڙ سوين نوجوان سنڌين، پنهنجي سر محنت ڪري، سنڌي ٻوليءَ جون سوين Websites ناهيون آهن. جنهن لاءِ کين شاباس هجي.

هن وقت سنڌ ۾ فقط سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ئي هڪ اهڙو ادارو آهي. جيڪو سنڌ بابت Reference tools ۽ Data Bank جهڙن پروگرامن جي ناهڻ لاءِ عملي طور ڪم ڪري سگهڻ جي لائق آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ اهڙو ڪو بہ ٻيو ادارو هن وقت موجود ڪونهي جيڪو هن سلسلي ۾ ڪم ڪرڻ جي صلاحيت رکندو هجي. اٿارٽيءَ اهو ڪم شروع بہ ڪيو هو پر پوءِ ڪن سببن جي ڪري اڳوڻن اڳواڻن بند ڪري ڇڏيو.

سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل، خاص ڪري ڪمپيوٽنگ سسٽم، سنڌي فلمن، ڊرامن، لوڪ ادب، پرفارمنگ آرٽ ۽ ٻين پروگرامن جي سلسلي ۾ ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي قوم (خاص ڪري ممبئي، دهلي پوني، ڪڇ، گجرات، ڪاٺياواڙ، جيسلمير، ميواڙ، مارواڙ ۽ بيڪانير ۾ رهندڙ قديم سنڌي جاتين) کي اڳيان وڌڻ گهرجي. ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي قوم، ان سلسلي ۾ ڪي جتن تہ ڪيا آهن، پر ونن ڪو اهڙو پروگرام ڪونهي، جنهن ۾ هو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ سان، سڌيءَ يا اڻسڌيءَ طرح گڏجي، سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل لاءِ ڪجهہ ڪري سگهن. هن ڏس ۾ انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي موجوده ڊائريڪٽر، ڀاءُ لکمي کلاڻيءَ جا خيال، حوالي طور پيش ڪجن ٿا. کلاڻي صاحب، ڀارت مان شايع ٿيندڙ 'تماهي سپون' رسالي جي جولاءِ- آگسٽ 2000ع واري شماري ۾، صفحي 19 تي لکيو هو تہ:

"گذريل پنجاهہ سالن جي سنڌي ادب تي سرسري طور نظر وجهندي، هن دور جا پنج اهم ڪارناما، ازخود ذهن تي تري اچن ٿا. ورهاڱي کان اڳ هڪ ئي سڀ کان اهم ترين ڪارنامو نظر اچي ٿو اهو آهي ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ طرفان شاهہ جي ڪلام کي سوڏي ٽن جلدن ۾ ڇپائڻ ۽ اُن جو عالماڻو مهاڳ، 'مقدمہ لطيفي' لکڻ. ورهاڱي بعد لڳ ڀڳ ساڳيءَ اهميت واريون پنج ٻيون تخليقيون نظر اچن ٿيون، اُهي آهن: پروفيسر منگهارام

ملڪاڻيءَ جي لکيل 'سنڌي نثر جي تاريخ'، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ طرفان مرتب ڪيل 'شاهه جو رسالو'، ڊاڪٽر پريم پرڪاش جو سنڌي ناٽڪ جي اوسر جا سؤ سال'، هيري ٺڪر جو کوج ڪري هٿ ڪليل 'قاضي قادن جو نئون ڪلام'، ۽ جهمو ڇڳاڻيءَ جو سوڏي شايع ڪيل 'مهامتي پراڻ ناٿ جي سنڌي واڻي'. گذريل پنجن ڏهاڪن جا اهي پنج ڪارناما، ايندڙ سنڌي پيڙهين لاءِ سنڌي دستاويز بڻيا رهندا، جن لاءِ جاتي هميشه سنڌن قرضدار رهندي" (لکمي کلاڻي، 2000ع: 19)

کلاڻي صاحب اڳتي لکي ٿو:

"اڄ هن ويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ واري سال ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جو پوَشيہ اونداهو نظر اچي رهيو آهي. سنڌي ٻولي گهرن مان گم ٿي رهي آهي. سنڌي اسڪول هڪ ٻئي پٺيان بند ٿيندا ويا آهن. سنڌي ساهت جو وڪرو 'نہ' برابر آهي. سنڌي ڪتاب سوَن جي تعداد ۾ مفت ورهائجي رهيا آهن. پوءِ بہ اُنهن کي ڪو پڙهڻ وارو پاٺڪ ڪونهي. سنڌي پاٺڪن جي عدم موجودگيءَ ۾ ڪيترن سٺن ليکڪن پنهنجا قلم طاق تي رکي ڇڏيا آهن. رڳو ڪي وڏيءَ عمر وارا نئين سر جاڳيا آهن جيڪي پنهنجي ليکڪ بڻجڻ جو شوق پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجي هڙان ۽ وڙان ڪتاب ڇپائين ٿا ۽ مفت ۾ ڪٽاهه پرساد وانگر اُنهن کي ورهائين ٿا. نراسائيءَ جي اُن ڪاري رات ۾ نارائڻ شيام جا لفظ اسان جي اندر کي ڏڍ ڏين ٿا:

"رات پٺيان پربات، اي دل ماندي ٿين متان"

دل کي اهو ڏسي آٿت ملي ٿي، جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جو سج لهي ويو آهي، پوءِ بہ ڪي ڏيئا هن رات اونده ۾ بہ ٽمٽائيندا نظر اچن ٿا. 'شريڪانت صدف'، 'ڪيمن مولاڻي'، 'مهيش نينواڻي'، 'رشمي راماڻي'، 'رومي سدارنگاڻي' ۽ 'پارو چاولا' ليکڪن جي نئين سنڌي پيڙهيءَ جا نمائندا آهن. جيڪي تمام سٺو لکي، سنڌي ساهت جي جوت کي روشن رکيو وينا آهن. جيستائين ايڪويهين صديءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ، جي ساهت جو نئون سج ڪني ڪيدي، عام سنڌيءَ اندر سنڌي بڻجي رهڻ جي خواهش پيدا ٿئي. پنهنجيءَ ٻوليءَ، ڪلچر ۽ ادب لاءِ پيار پيدا ٿئي، هنن جي وڃايل خودداري واپس اچي، سنڌين ۾ اها نئين جاڳرتا ضرور ايندي. شاعر جو واشواس پڪو ۽ پختو آهي." (لکمي کلاڻي، 2000ع، 19)

شري لکمي ڪلاڻي، ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل لاءِ پُراُميد بہ آهي ۽ پنهنجي ساڳئي مضمون ۾ اڳتي لکي ٿو:

"گذريل پنجاھ سالن ۾ سنڌي ڇپائيءَ ۾، 'ڪمپيوٽر' جي آمد هڪ زبردست انقلاب آڻي ڇڏيو آهي. ٽريڊل مشينن تي ڪتاب ۽ مئگزنون ڇپڻ ڏينهون ڏينهن پوءِ ڏکيو ڪارنامو ٿيندو ويو هو جو نوجوان ڪمپازيٽر موجود ڪونہ هئا. لڳو ٿي تہ گوتم شڪارپوريءَ سان گڏ سنڌي لپيءَ جي ڇپائيءَ جو خاتمو اچي ويندو پر اڄ چؤطرف سؤن جي تعداد ۾ نئنڍڙين سنڌي نينگرين کي سنڌي سکي، ڪمپيوٽر تي سنڌي ڪتاب ۽ مئگزنون ڪمپوز ڪندو ڏسي پنهنجي سنڌي لپيءَ جو پوشيدہ اوجل نظر اچي رهيو آهي. اهو اسان جي سنڌي ادب لاءِ هڪ ڪرشمو ناهي تہ ٻيو ڇا آهي." (لکمي ڪلاڻي، 2000ع: 19)

## 6۔ سنڌي ٻوليءَ جي بگاڙ لاءِ مستقبل ۾ خبردار رهڻ:

هن موضوع تي ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن ۾ گهڻو ئي ڪجھ ڇپجي چڪو آهي. 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' ڪتاب ۾ انهيءَ سلسلي ۾ گهڻو ئي ڪجھ لکيو ويو آهي. ٻوليءَ جي ڄاڻو ماڻهن اهو خدشو ظاهر ڪيو آهي بلڪ مثالن ۽ دليلن سان لکيو آهي تہ، سنڌي ٻوليءَ جي بگاڙ جو وڏي ۾ وڏو خطرو، روزانہ نڪرندڙ اخبارن يا شايع ٿيندڙ رسالا ۽ مخزنن کان سواءِ ٽي- وي، ريڊيو ۽ ڪن ناشرن جي، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۽ اِملا کان اڻڄاڻ هجڻ جي ڪري آهي.

سنڌي ٻوليءَ قديم زماني کان، سرزمين سنڌ تي حملي آورن ۽ فاتحن جي ٻولين کان گهڻو ڪجھ ورتو پئي آهي. ساڳئي وقت، اُنهن قومن جي ٻولين ۽ ثقافت کي گهڻو ئي ڪجھ ڏنو بہ آهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌي ٻوليءَ جي لغات ۾ هزارن جي تعداد ۾ پراڪرت، سنسڪرت، فارسيءَ، عربيءَ، يونانيءَ، ڊچ، پورچوگيزيءَ، ترڪيءَ ۽ انگريزي ٻولين جا هزارين لفظ شامل ٿي ويا آهن. اُنهن مان ڪي لفظ تہ ايتري قدر تہ سنڌي ٻوليءَ جي ذخيري ۾ ضم ٿي ويا آهن جو اڄ اُهي سڃاڻپ ۾ ئي نٿا اچن تہ ڪو اُهي لفظ سنڌيءَ ۾ اوپرا آهن. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جا هزارين لفظ پاڙي وارين اڳوڻين رياستن، جهڙوڪ: مارواڙ ميواڙ آڏيپور، جيسلمير، جوڌپور، بيڪانير، ڪڇ، گجرات، ڪاٺياواڙ ٻهاولپور قلات ۽ لس ٻيلي جي ٻولين ۾ ايتري قدر تہ گڏجي سڏجي ويا آهن جو ائين محسوس ئي نٿو ٿئي تہ ڪو اهي لفظ بنيادي طرح انهن ٻولين جا اصلوڪا لفظ نہ آهن.

(i) ٻولين جو اهڙيءَ طرح، هڪ ٻئي کان لفظ اُڌارا وٺڻ ۾ ڪوبہ عيب ڪونهي. بلڪ اها تہ هڪ سڌريل ۽ شاهوڪار ٻوليءَ جي خوبي آهي. دنيا جون شاهوڪار ۽ سڌريل ٻوليون ائين هميشہ

هڪ ٻئي کان لفظ اُڌارا وٺنديون رهنديون آهن. لفظن جي اُڌاري وٺڻ واري انهيءَ عمل کي، ٻولين جي لغتن ۾ واڌارو چئبو آهي، ۽ نه ڪ ٻوليءَ جو بگاڙ.

(ii) ٻوليءَ جو بگاڙ يا ٻوليءَ کي بگاڙڻ، اُن عمل کي چئبو آهي جڏهن ڪنهن به ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ اديب ۽ شاعر، پنهنجي ٻوليءَ جي صوتياتي آوازن جو غلط اُچار ڪري، ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ غلط نموني سان ڦيرڦار ڪن. ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظن جي وياڪرڻي ڍانچي، يعني صرف ۽ نحو جي قاعدن ۽ قانونن کي پنهنجيءَ مرضيءَ يا وياڪرڻي قانونن جي ڄاڻ نه هئڻ سبب، اُن کي غلط نموني ڪم آڻيندا هجن. ٻوليءَ جي اهڙي بگاڙ جي سلسلي ۾ سنڌ جي عالمن، مفڪرن ۽ دانشورن جا رايا، 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن.

(iii) ٻوليءَ جي وياڪرڻي قانونن، اصولن ۽ سٽاء موجب، هر ملڪ جي درسي ڪتابن، سرڪاري دفترن، ڪورٽن، اشاعتي ۽ مواصلاتي ادارن يعني اخبارن، ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي، هميشه معياري لهجو ڪم آڻبو آهي. اهوئي قانون، سنڌي ٻوليءَ سان به لڳي ٿو پر ڏٺو ويو آهي ته سنڌ ۾، انهن اصولن ۽ قانونن تي، اشاعتي ادارا توڙي مواصلاتي ادارا ڪوبه توجهه ڏيڻ لاءِ تيار ئي نه آهن. سنڌي اخبارن، سنڌ جي ريڊيو اسٽيشنن ۽ ٽيليويزن لاءِ لکيل ڊرامن، نشر ٿيندڙ خبرن، معلوماتي مواد، ثقافتي ڳالهين کان سواءِ، درسي ڪتابن جا سبق لکندڙ خواتين ۽ حضرات ته اُنهيءَ مواد جي لکڻ يا ڳالهائڻ مهل، پنهنجي پنهنجي لهجي ۾ ڪم ايندڙ ٻولي لکندا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ ٻوليءَ جي سڌاري جي بدران، بگاڙ وارو عمل وڌيڪ نظر آيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، وقت بوقت ادارن کي آگاهه ڪندي رهي آهي. اهڙي بگاڙ جا ڪي مثال، 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن.

هن وقت سنڌي ٻوليءَ جي سجاڻ جون نظرون، سنڌي ٻوليءَ جي سڀني اشاعتي توڙي مواصلاتي ادارن طرف کتل آهن. وڏي اُميد ته سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ آهي، جنهن کي سنڌي ٻوليءَ کي ڪمپيوٽر جي ٻولي جي ترقيءَ لاءِ وڏا جتن ڪرڻا آهن. هن ئي اداري کي جتي سائنسي ادب، ٻاراڻو ادب، انسائيڪلوپيڊيا، ڊڪشنريون، معلوماتي ادب مهيا ڪرڻو آهي، اُتي سنڌي ٻوليءَ کي انٽرنيٽ جي ٻوليءَ سان گڏ اُن ۾ حوالاجاتي ۽ سائنسي بنياد تي تحقيقي ۽ تنقيدي مواد به مهيا ڪرڻو آهي.

هر ٻوليءَ جي بقا، بچاء ۽ بهترين مستقبل لاءِ اهي ئي وسيلا آهن، جيئن پير حسام الدين شاهه راشدي اڄ کان چاليهه سال اڳ اُميد ڏيکاري هئي.

## حوالا:


1_ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1979ع، مقالو سماهي مهراڻ، نمبر2، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، ص 124

2_ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1993ع، سنڌي صورتخطي، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.

3_ الهداد ٻوهيو، ڊاڪٽر: 1978ع، سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص ص 43، 105، 125، 132 ۽ 133

4_ تنوير عباسي، ڊاڪٽر:

5_ سيد حسام الدين شاهه راشدي، 1981ع، ڳالهيون ڳوٺ وڻڻ جون، ڪراچي_ حيدرآباد: انجمن تاريخ سنڌ، ص ص 676، 679 ۽ 981

6_ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، 15، جولا، 1972ع، قومي اسيمبليءَ ۾ ڪيل تقرير

7_ شوڪت حسين شورو: 1979ع، روزانه عبرت اخبار جي 9 جولاءِ 1999ع واري شماري ۾ ڇپيل ڪالم

8_ صوبہ سنڌ جي گورنر طرفان جاري ڪيل آرڊيننس، ڪراچي: 22، آڪٽوبر، 1990ع

9_ عبدالجبار جوڻيجو ڊاڪٽر، 1982ع، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز، ص 272

10_ علامه عبدالڪريم بن محمد سمعاني، 1912ع، الانساب، لنڊن: ص 273

11_ علي محمد راشدي، پير: ؟، اُهي ڏينهن اُهي شينهن، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، ص

12_ لکمي کلاڻي، 2000ع، سنڌي ساهت جا پنجاهه سال، ماهوار سپون، جولاءِ_ آگسٽ، 2000ع، ص 19

13_ محمد ابراهيم جويو: 1982ع، سنڌي ذات هنجن ڪتاب جو مهاڳ

14_ مولائي شيدائي، 1959ع، تاريخ تمدن سنڌ، حيدرآباد: سنڌ يونيورسٽي، ص 413

15_ مولائي شيدائي: 1958ع، جنت السنڌ، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ص 359

16_ نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: 1970ع، شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.

# "لغات سنڌي مخففات" جو مقدمو

1-آءُ پنهنجي هڪ دلگهرئي دوست جي ايئرپورٽ تي آجيان ڪرڻ لاءِ ڪراچي ويل هوس ۽ ڪنهن ٻئي ڪم سانگي ڪراچيءَ ۾ ٻه – ٽي ڏينهن ترسڻو پيم. واپس موٽڻ تي ۽ پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيڻ ڪان پوءِ، جنهن شئي منهنجو فوراً ڌيان ڇڪايو اها شئي هئي منهنجي ميز تي رکيل هڪ فائيل. هڪدم اهو فائيل کنيم ۽ کولي ڏٺم. منجهس ٻئي مواد سان گڏ مٿان ئي مٿان، منهنجي مهربان ۽ نوجوان ساٿي ۽ سڄڻ، مخدوم جميل الزّمان سائينءَ جن جو مون ڏانهن لکيل خط پيل هو جنهن جو مضمون هُوبهو نقل ڪريان ٿو.

4.10.90

هالا شريف

محترمي و مڪرمي ڊاڪٽر غلام علي الانه صاحب

السلام عليڪم،

اُميد آهي ته هميشه بخير و عافيت هوندا.

مرشدنا قبلا مخدوم محمّد زمان طالب المولىٰ سائين جن جي حڪم مطابق، سندن ۽ مرحوم سنڌي اُستاد شاعر احمد خان "آصف" مصراڻي صاحب جو گڏ مرتب شده ڪتاب، "لغات سنڌي مخفّفات" جي مسودي جي مڪمل فوٽو ڪاپي اوهان ڏانهن مفصل مقدمي واسطي موڪلجي پئي. مذڪور ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي هلندڙ سال جي شيڊول تي منظور ڪيل آهي. آءُ سمجهان ٿو ته آچر ڏاري سيڪريٽري بورڊ وٽان پڻ ساڳئي مقصد وارو خط اوهان تائين پهچندو – حالانڪ اوهان بيحد مصروف آهيو تاهم اُميد آهي ته هن ڪم جو اُڪلاءُ جلد ڪندا ته جيئن ڪتاب ترت منظرِ عام تي اچي سگهي. مهرباني.

والسلام

اوهان جو

مخدوم جميل الزّمان

مون کي قبلي جميل سائينءَ جو اهو خط پڙهي حيراني ٿي. سوچ ۾ پئجي ويس ته قبليٰ مخدوم محمّد زمان طالب المولىٰ سائينءَ جن، سندن هن هڪ اهم ڪتاب جي مقدمي لکڻ لاءِ مون جهڙي ادنيٰ انسان جو انتخاب ڪيئن ڪيو ۽ ڇو ڪيو؟ وري ساڳئي فائيل ۾ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ جو لکيل آفيشل خط به موجود هو جيڪو 9–10–1990ع تي لکيل هو. لکيو هئائين:

"اهو فيصلو ڪيو ويو تہ ڪتاب جي معيار جي پيش نظر ڪتاب جو
مقدمو لکڻ جو ڪم اوهان صاحبن جي حوالي ڪجي."

مذڪوره ڪتاب جي مواد تي بي صبريءَ وچان تڙ تڪڙ ۾ نظر وجهندو ويس ۽ پنا اُٿلائيندو ويس ۽ پنهنجيءَ حالت ۾ تبديلي محسوس ڪيم. منهنجا پار مون ڏانهن ڏسندا رهيا ۽ حيران بہ هئا چو تہ ڪين چاڻ هئي تہ آءٌ جڏهن بہ هڪ اڌ ڏينهن ڪٿي ٻاهر ٽڪي پوءِ گهر موٽندو آهيان تہ ٻارن سان ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهہ سان ملندو آهيان. اهو ڪو نياڳو مائٽ هوندو جيڪو پنهنجن ٻارن سان پيار نہ ڪندو هوندو. آءٌ ٻاهران واپس موٽڻ کان پوءِ پنهنجين نياڻين جون پيشانيون چُمندو آهيان ۽ ڪين ڀاڪر پائي پيار ڪندو آهيان. پر اڄ مون نہ ڪنهن جي پيشاني چمي، نہ ڪنهن کي ڀاڪر پاتو ۽ نہ ڪنهن سان پيار ڪيو. بس ايندي شرط هن فائيل کي هٿ ۾ کڻڻ سان ئي ذهني طور گم ٿي ويس. ٻارن سوچيو تہ آخر هن فائيل ۾ ڪهڙي خاص ڳالهہ آهي جنهن اسان جي پيءُ کي اسان کي پيار ڪرڻ کان پري ڪيو آهي. هنن پاڻ ۾ چڻ پڻ ڪئي ۽ چيو تہ هن فائيل ۾ اُها ڪهڙي، مٺيا آهي جا "پيا" کي اسان کان وڌيڪ مني لڳي آهي. ۽ ڪيس اسان کان بہ وڌيڪ پياري لڳي آهي. آخر منهنجي نياڻي "ڊاڪٽر ماهہ ميل" جيڪا مون سان هميشہ دل جهلي، همٿ ڪري ۽ حجت سان ڳالهائيندي آهي، چيو تہ: "پيا!! هن فائيل ۾ ڇا آهي جو اوهان اچڻ شرط اُن کي لڳي ويا آهيو ۽ اسان سان بہ ڪونہ ڳالهايو اٿو؟" منهنجي نياڻيءَ جي انهن لفظن مون کي هوش ۾ آندو. چيومانس تہ پٽ معاف ڪجو! آءٌ واقعي شرمسار آهيان. هن فائيل ۾ سنڌ جي هڪ عظيم روحاني رهبر، سنڌ جي هڪ عظيم عالم، شاعر ۽ اديب، قبلي طالب المولىٰ سائينءَ جن جو تصنيف ڪيل هڪ ڪتاب آهي، جنهن جي مقدمي لکڻ لاءِ سائين جن مون کي حڪم فرمايو آهي. آءٌ ان ڪري سوچ ۾ پئجي ويو آهيان تہ مخدوم صاحب جن مون کي هن ڪتاب جي مقدمي لکڻ لاءِ چو منتخب ڪيو آهي، جڏهن تہ هن ميدان ۾ وڏا وڏا عالم ۽ فاضل موجود آهن. آءٌ سندن بيحد شڪر گذار آهيان جو پاڻ مون کي اهو مرتبو عطا فرمايو اٿن. بهرحال اها ڳالهہ منهنجي سمجهہ کان ٻاهر آهي تہ مخدوم صاحب جن اهو فيصلو چو ڪيو؟

پڙهندڙ جڏهن هن لغات جو مطالعو ڪندا تڏهن هو خود فيصلو ڪندا تہ هيءَ لغات، علم اللسان جي لحاظ کان عموماً ۽ سنڌي زبان لاءِ خصوصاً ڪيتري قدر نہ هڪ اهم، اعلىٰ سرمايو ۽ علمي اساسو آهي. طالب المولىٰ سائينءَ جن جهڙي اعلىٰ آدرشي انسان جي اسان جي نظرن ۾ عظمت ۽ اعلىٰ مرتبوان ڪري ڪونهي تہ پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جا چيئرمئن آهن. سندن اعلىٰ ۽ عظيم هجڻ ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمنيءَ جو ڪو بہ واسطو ڪونهي، بلڪ آءٌ تہ ائين چوندس تہ سنڌي ادبي بورڊ جي عزت يا

عظمت ۾ واڌارو ان ڪري بہ ٿيو آهي جو طالب المولىٰ سائينءَ جن هن اداري جا سربراهہ آهن ۽ ان جي بورڊ آف گورنرس جا چيئرمئن آهن. ڪي ادارا پنهنجن ڪمن ۽ ڪارڪردگين جي ڪري اونچا سمجهيا ويندا آهن. تہ ڪي ادارا وري ڪن اعليٰ، مهان ۽ قداور علمي ۽ ادبي شخصيتن جي ڪري اونچي منزل تي ڳڻيا ويندا آهن. سنڌي ادبي بورڊ جي عظيم هجڻ يا عظيم اداري جي حيثيت ۾ اُن جو شمار طالب المولىٰ سائينءَ جن جي ذات ۽ سندن علمي، ادبي ۽ قداور شخصيت هجڻ جي ڪري ئي آهي. هن بورڊ گذريل زماني ۾ سندن ئي چيئرمئنيءَ واري دور ۾، پاڪستان تہ ڇا، پر سڄيءَ دنيا ۾ شهرت حاصل ڪئي هئي.

2- هن لغات يعني "لُغات سنڌي مخفّفات" جي باري ۾ ڪجهہ خيال ظاهر ڪرڻ کان اڳ هيٺين نڪتن کي سمجهڻ ضروري آهي. اُهي نڪتا هي آهن:

(الف) لغت ڇا آهي؟

(ب) لغت نويسي ڇا آهي؟

(ت) لغت نويسيءَ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا اصول ۽ پئمانا آهن؟

(ث) لغت جا ڪهڙا ڪهڙا قسم آهن؟

(ج) روز مره جي استعمال ۾ رائج لفظن تي مشتمل لغات لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ضروري آهن؟

سنڌ جي قابل فخر سپوت ۽ بين الاقوامي شهرت جي عالم ۽ فاضل ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي مرتب ڪيل لغات، 'جامع سنڌي لغات'، لغت، لغت نويسي ۽ خاص ڪري جامع سنڌي لغات جي باري ۾ پنهنجن املهہ ويچارن سان نوازيو آهي، پر اُن هوندي بہ انسائڪلو پيڊيا برٽئنيڪا ۽ ڪن بين بين الاقوامي لغتن جي حوالي سان لغت ۽ لغت نويسيءَ جي اصولن جي باري ۾ وضاحت ضروري آهي تہ جيئن "لغات سنڌي مخفّفات" جي تيار ڪرڻ لاءِ قابلِ احترام مصنّف ۽ اُن جي مُدير جي طرفان ڪيل محنت ۽ مفهوم سمجهہ ۾ اچي سگهي.

هن ڪتاب جي مقدمي ۾ مون ڪوشش ڪري سِرا (عنوان) ۽ اُنهن جا حصا (ذيلي عنوان) ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ جيئن نہ فقط 'لغات سنڌي مخفّفات'، پر هر قسم جي لغات جو مفهوم ۽ مقصد سمجهڻ ۾ آساني ٿئي. پڙهندڙن ۽ کوجڪن جي سهوليت لاءِ هن مقدمي ۾ بيان ڪيل ڳالهين جو نچوڙ ۽ تت، ڌار ڌار عنوانن جي صورت ۾ ڏنو اٿم. مقدمي جي اندرين صفحن ۾ ڪيل وستار جو وچور يا تت هن ريت آهي:

(1) لغت ۽ لغت نويسيءَ جي وصف، اصول ۽ فن

(2) لغات جا قسم

(3) سنڌي لغات / لغت نويسي

(الف) سنڌي لغات جي ابتدا

(ب) مشهور سنڌي لغتون

(4) لغات سنڌي مخففات

(الف) علم اللسان جي لحاظ کان اهميت

(ب) مواد جي ترتيب

(ت) هيءَ لغات، عام بوليءَ (Colloquial) يا ڪنهن هڪ لهجي جي نمائندگي ڪري ٿي.

(ث) هيءَ لغات، سڄيءَ سنڌ جي رائج اُچار جي نمائندگي ڪري ٿي يا انفرادي اُچار جي نمائندگي ڪندڙ آهي.

(ج) هيءَ لغات سنڌي شاعريءَ ۾ وزن جي پورائيءَ لاءِ لفظن جي اُچارن جي نمائندگي ڪري ٿي.

(ح) ويا ڪرڻي خصوصيت

(i) سنڌيءَ (assimilation) جي اصولن ۽ قانونن جي نمائندگي

(ii) صرف و نحو جي اصولن ۽ قانونن جي نمائندگي

(iii) هن لغات جي سنڌي بوليءَ ۾ افاديت

مٿي ڏنل اهي موضوع يا عنوان تفصيل سان، ايندڙ صفحن ۾ بيان ٿي نہ سگهيا آهن. پر ان هوندي بہ اها ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ هر موضوع جا مثال ڏنا وڃن تہ جيئن آئنده لغات واري موضوع تي مفصل مطالعو ڪرڻ ۾ مدد ملي. ۽ هن لغات يا ٻين لغتن جي لاءِ ڪا راءِ قائم ڪري سگهجي.

**1- لغت جي وصف:**

هن تعارفي تفصيل کان پوءِ هڪ هڪ موضوع تي هيٺ روشني وڌي ويندي. سڀ کان پهرين هن سوال تي روشني وجهڻي آهي تہ لغت ڇاکي ٿو چئجي؟ يعني لغت نويسي ڇا آهي. ۽ اُن لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ضروري آهن؟ پنهنجيءَ ڄاڻ، مطالعي ۽ مواد جي پڙهڻ کان پوءِ اهو واضح طور چئي سگهجي ٿو تہ:

"لغت اهو بنيادي حوالن لاءِ تيار ڪيل ڪتاب يا مواد آهي جنهن ۾ ڪنهن بہ بوليءَ ۾ مروج/رائج لفظن کي الف - ب وار گڏ ڪري انهن لفظن جي اچارن، تلفظ، لفظن جي لکڻ لاءِ هِجي (Spelling)، انهن لفظن جي معنائن، مفهوم، سمجهاڻي، ذاتن، بنيادي صورتن، صيغن ۽ اشتقاقن کان سواءِ جملن، فقرن، اصطلاحن،

پهاڪن، چوڻين، شعر وشاعريءَ ڪان سواءِ اُنهن جو خطي وار استعمال، مفهوم ۽ ڪارج سمجهايل هجي.

"لغتون جيئن ته ڌار ڌار قسمن تي مشتمل هونديون آهن. ان ڪري ڪن خاص قسم جي لغتن ۾ خطيوار جاتيوار ۽ ڌنڌيوار لفظن جو ذخيرو گڏ ڪيل هوندو آهي."

انسائيڪلو پيڊيا برٽئنيڪا ۾ لغات جي وصف هن ريت ڏني ويئي آهي:

"لغات (Lexicon) ڪنهن به ٻوليءَ جي لفظن جي الف – ب وار ترتيب جو اهو مجموعو يا ڪتاب آهي جنهن ۾ اُن ٻوليءَ جي لفظي خزاني جي گڏ ڪيل هر هڪ لفظ يا اُن لفظ جي حصن کي گڏ ڪري، اُنهن جي معنيٰ، مفهوم ۽ وصف سمجهائي وئي هجي. لفظن جي اهڙي ميڙ يا مجموعي ۾ اُهي لفظ يا ته ان فرد (ماڻهوءَ)، جي پنهنجي ماحول ۾ رائج هوندا آهن، جنهن اُها لغات جوڙي هوندي، جيڪي (اهي لفظ) هُو پاڻ ۽ ٻيا ماڻهو گفتگو ۾ ڳالهائيندا هوندا، يا ڪن ڪتابن، دستاويزن، لکتن، ڪاغذن پٽن، علم ادب ۽ شعر و شاعريءَ مان چونڊ ڪري گڏ ڪيا هوندا، ۽ يا وري هنن لفظن جو اهو ذخيرو ڌار ڌار ڪرت وارن، ڌنڌو ڪندڙ ماڻهن، پيشه ورن، هنرمندن، ڪاسبين توڙي خاص موضوعن سان دلچسپي رکندڙن وٽان گڏ ڪيو هوندو."[1]

جان رچرڊسن، لغات جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو:

"لغت جي معنيٰ آهي ٻولي، گفتگو (ڳالهائڻ) يا لهجو. انگريزيءَ ۾ هن لغت لاءِ Lexicon لفظ ڪم آندو آهي، علم لغات لاءِ Lexicography ۽ لغات نويس لاءِ اهلِ لغت يعني The writer of a Dictionary [2]

## 2- لغات جا قسم

لغتن جا ڪيئي قسم بيان ڪيا ويا آهن ۽ ڏنا ويا آهن. هر شاهوڪار زبان ۾ لغتن جا قسم ڪثرت ۾ ملن ٿا. سنڌي زبان به جيتوڻيڪ ننڍي کنڊ جي شاهوڪار زبانن مان هڪ آهي پر جيڪڏهن ڏٺو وڃي ۽ آزاد راءِ ڏني وڃي ته هيئن چئبو ته سنڌي زبان ۾ لغات جي سلسلي ۾ اڃا ايترو گهڻو ڪم ڪونه ٿيو آهي جو هن زبان کي انگريزي، فرينچ، جپاني، بنگالي، هندي يا ٻين مشرقي يا مغربي ملڪن جي زبانن ته ٺهيو پر ڏکڻ – ايشيا جي زبانن سان ڀيٽي سگهجي، پر تنهن هوندي به اها دعوا ڪري

[1] 'Encyclopedia Britanica', Micropaedia, 1983, Vol: VI, 15th Edition, pp. 187 & 532.

[2] John Richardson, 1984. "Dictionary of Persian, Arabic and English", revised & improved edition. Lahore: Sang-e-Meel publication. p p. 1269.

سگهجي ٿي تہ اردو زبان سميت، پاڪستان جي ٻين زبانن جي مقابلي ۾ سنڌي زبان ۾، سرڪاري مدد نہ ملڻ جي باوجود، تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي ۽ هيءَ زبان انهن زبانن کان وڌيڪ ترقي يافتہ آهي ۽ اڳتي آهي. منهنجي هن دعويٰ جي دليل لاءِ مون وٽ ڪيترائي مثال موجود آهن، پر انهن جي باري ۾ تفصيل سان هن مقدمي ۾ لکڻ موضوع کان ٻاهر ٿيندو. البت ايترو لکڻ مناسب ٿو سمجهان تہ ائين سمجهڻ خوش فهمي ٿيندي تہ سنڌي زبان ۾ هر قسم جي لغت موجود آهي. يا ان سلسلي ۾ سنڌي زبان ۾ وڏو ۽ باقاعدگيءَ سان ڪنهن منصوبہ بنديءَ موجب ڪم ٿيو آهي.

پڙهندڙن جي مطالعي لاءِ هيٺ لغتن جي ڌار ڌار قسمن جي باري ۾ وضاحت کان پوءِ انهن ڌار ڌار قسمن وارين لغتن جي سلسلي ۾ سنڌي زبان ۾ ٿيل ڪم ۽ تحقيق جو جائزو ورتو تہ جيئن هن ڪيتر ۾ سنڌي زبان جي شاهوڪاري، وسعت ۽ علمي ادبي خزاني جي باري ۾ پتو پئجي سگهي.

مطالعي جي مدد سان لغتن جا هيٺيان ڌار ڌار قسم مقرر ڪري سگهجن ٿا:

(الف) **لهجي – وار يا اُپڀاشا/اُپڀاشائن تي مشتمل لغات** – هن قسم واري لغت ۾ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ڪنهن هڪ يا هڪ کان وڌيڪ لهجي يا لهجن ۾ رائج لفظن جي ذخيري کي گڏ ڪيو ويندو آهي. سنڌ ۾ هن ڏس ۾ لهجن تي ڪو گهڻو ڪم ڪونہ ٿيو آهي. پر تنهن هوندي بہ هيٺيان ڪتاب هن موضوع ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا. انهن ڪتابن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڌار ڌار لهجن /اُپڀاشائن ۽ روز مره واري ٻولي /ٻولين تي مواد ملي ٿو:

I. سنڌي ٻولي جي تاريخ
II. ٻيلاين جا ٻول
III. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ
IV. تاريخ ريگستان
V. بدنصيب ٿري
VI. آفتاب ادب
VII. سير ڪوهستان
VIII. لاڙ جو سير
IX. لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ
X. سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي
XI. ڪڇين جا قول
XII. سبي واري علائقي ۾ ٻولين جو لساني جائزو
XIII. لاڙ جي لغت

هن ڏس ۾ ڀارت ۾ ڀاشاوگيان جو مشهور سنڌي عالم. ڊاڪٽر پرسو گدواڻي پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي زيارت" ۾ ڪافي رهنمائي ڪري ٿو ۽ لکي ٿو:

"ٻني ۽ ڪڇ جي دوري ڪان اڳ منهنجي من ۾ هميشه پيڙا هوندي هئي ته اڄ ڀارت جي غير سنڌي ڀاشا وگيانين کي پنهنجا ڳوٺ آهن. نه فقط ايترو پر ڳوٺن ۾ ڳالهائجندڙ انيڪ اُپڀاشائن جا قسم به آهن. ان سبب انهن لاءِ انيڪ ٻوليائي فرقن تي ڪم ڪرڻ جو وسيع دائرو آهي، پر منهنجي لاءِ فقط شهري سنڌي ٻوليءَ جا نمونا ئي ڪم ڪرڻ لاءِ موجود آهن. خاص ڪري جڏهن به الڳ الڳ پرديسن ۾ سيمينارن، ڪانفرنسن ۽ سمپوزيمن ۾ ويندو هوس ۽ پنهنجي ڀاشا وگياني دوستن کي الڳ الڳ جاتياتي اُپڀاشائن (جيئن جت، سوڍا، سما، سومرا ۽ ٿيٻا وغيره) يا وري الڳ الڳ ڌنڌي جي آڌار تي ٺهيل اُپڀاشائن (جيئن ڪنير، مهاڻا، لوهار، رازا وغيره) جي ابياس لاءِ مقالا پيش ڪندي ڏسندو هوس تڏهن بيحد پيڙا محسوس ڪندو هوس. ڪيترا دفعا ته پنهنجي ڪمري ۾ اچي روئندو هوس ۽ ورهاڱي جي درد کي سهڻ ڪان ٻاهر محسوس ڪندو هوس. پر هاڻي جڏهن سيمينار تي ويندو آهيان تڏهن شان سان پنهنجن مقالن ۾ سنڌي ڳوٺاڻن جي ٻوليءَ جي الڳ الڳ پهلوئن جا بيان ڪندو آهيان ۽ انهن جا ئي مثال ڏيندو آهيان. مون کي ائين ڪرڻ سان حد کان وڌيڪ خوشيءَ جو احساس ٿيندو آهي. مون کي هينئر ڀارت جي سنڌي ٻولي ۾ مڪملتا نظر ايندي آهي."[3]

(ب) **جاتيوار ٻولين جي لغات:**۔ ڊاڪٽر گدواڻيءَ جي مٿينءَ راءِ مان ظاهر ٿو ٿئي ته الڳ الڳ جاگرافيائي يا ٻوليائي اُپڀاشائن کان سواءِ ڌار ڌار جاتياتي اُپڀاشائن تي مشتمل لفظن جو ذخيرو گڏ ڪري انهن جون لغتون ٺاهيون آهن. گدواڻي صاحب پاڻ هن ڏس ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي. هن جي راءِ موجب جت، سوڍا، سما ۽ سومرا الڳ الڳ قومون يا جاتيون آهن، جن جي جاتيوار اُپڀاشائن/محاورن ۾ فرق آهي، يعني انهن جون جاتيوار اُپڀاشائون آهن. هر هڪ اُپڀاشا جي لفظن کي گڏ ڪري ڌار ڌار جاتيوار لغات ٺاهيون وئيون آهن. هن ڏس ۾ ڀارت ۾ گهڻو ئي ڪم ٿيو آهي، خاص ڪري ذڪرڻ هندستان جي آنمل يونيورسٽيءَ جي دراوڙي ٻولين واري اداري ته گهڻو ئي ڪم ڪيو آهي. سنڌ ۾ به هن قسم وارين لغتن تي تحقيق ٿي سگهي ٿي، مثلاً:

---

[3] پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جي زيارت"، گانڌي نگر، گجرات اڪادمي، 1989ع ص ص 2 ۽ 3.

خواجن، جتن، ريباڙين، اوڏن، ڪولهين، ڀيلن، مينگهواڙن، باگڙين، سوڍن، سمن، سومرن، شڪارين، مهاڻن ۽ شيدين وغيره جي ماحول ۾ رائج لفظن جون لغتون ٺاهي سگهجن ٿيون.

(ت) ڌنڌي وار لفظن جون لغتون:- ڊاڪٽر گدواڻيءَ هن قسم جي لغات طرف به اشارو ڪيو آهي. 'جامع سنڌي لغات' ۾ پڻ ڌار ڌار ڪرت ڪندڙن جي ڪرت لاءِ رائج لفظ شامل ڪيا ويا آهن پر هن (جامع سنڌي لغات) لغات کي خاص ڌنڌي وار لفظن جي لغات ڪونه چئبو. سنڌي زبان ۾ هن قسم جي لغات مرحوم ڊاڪٽر محمد صالح شاهه تيار ڪئي هئي. ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ڌار ڌار ڌنڌن ۾ ڪم ايندڙ لفظن جي ذخيري تي مشتمل لغات، ٻوليءَ جي اڀياس لاءِ اهم هوندي آهي. ڊاڪٽر پرسو گدواڻيءَ جو خيال آهي ته:

"ڌنڌي وارين اُپياشائن جو شبد – ڀنڊار ڪٺو ڪرڻ، انهن لفظن جو اشتقاقي اڀياس ڪرڻ ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جي اصلوڪن لفظن جي ڄاڻ پوي"[4].

ڊاڪٽر گدواڻيءَ ڌنڌي وار ماڻهن جي جيڪا فهرست ڏني آهي، اُها آهي: هيءَ فهرست وڏي آهي. مثلاً:

هاري ناري، اوٺار، ڏٺولي، ڀاڳيا، جهانگي، سانگي، واڍا، لوهار، ڪنيار، سونارا، سائي، مهاڻا، ميربحر، سوٽهڙ، ناٺارا، رنگريز، سيلاوٽا، پيجارا، بورچي، ملاح، ڪوري، ڪوڪڙي، ڪاريا، اوڏ، ڪاتير، رازا، ڪاشيگر، طبيب، وگهامل، تيلي، سراز، موچي، ۽ سوچي وغيره.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي مشهور ڪتاب، "ٻيلاين جا ٻول" ۾ فرمائي ٿو:

"ٻوليءَ جي اصلي لفظن جو ذخيرو به نج ٻهراڙين ۾، جن کي شهري هوا اچا گندو نه ڪيو آهي، محفوظ ۽ سلامت آهي ۽ وڏڙن جي صدري دفتر ۾ سمايل آهي ۽ پشت بپشت موروثي طور هلندو اچي. هر ڪنهن فن ۽ ڌنڌي جي اطوارن، اوزارن، محاورن ۽ معنائن جا نج سنڌي نالا اصلي سنڌي ڪاريگرن وٽ محفوظ ۽ مروج آهن. لوهارن، واڍن، ڪورين، ڪنيارن ۽ ملاحن وٽ انهن فني نالن جون فهرستون موجود آهن"[5].

(ث) ڌاتو ڪوش (Etymological dictionary):- هن قسم وارين لغتن ۾ لفظن جا ڌاتو، بنياد، ماده ۽ اشتقاق ڏنا ويندا آهن. هن قسم واريون لغتون، ٻولين جي تاريخي ابتدا ۽ ارتقا جي اڀياس ۾ مدد

[4] پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر: 1989ع "سنڌي ٻوليءَ جي زيارت". گانڌي نگر، گجرات اڪادمي.

[5] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: 1970ع "ٻيلاين جا ٻول". ٻيو ڇاپو، حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز، ص 5

ڪن ٿيون. سنڌيءَ ۾ هن ڪيتر ۾ گهڻو ئي ڪم ٿيو آهي. هيٺيان ڪوش خاص طور فخر ڪرڻ جي لائق آهن:

(i) جامع سنڌي لغات

(ii) وئتپتي ڪوش

(iii) تحقيق لغات سنڌي

Philological curiosities (iv)

انهن کان علاوه شاعرن جي ڪلامن جا ڪوش بہ لکيل آهن جن جا نالا الڳ ڏنا ويا آهن.

(ج) **جامع لغات:ـ** هن قسم واريون اُهي لغتون هر لحاظ کان جامع لغتون هونديون آهن جن ۾ لهجي وار لفظن جا مجموعا، جاتيوار اُپپاشائن جا شبد ڀنڊار، ڏنڌي وار لفظن جون لڙهيون، لفظن جا ڌاتو اُچار، ماده ۽ اشتقاق ڏنل هوندا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ 'جامع سنڌي لغات' هن قسم واري لغات لاءِ هڪ بهترين نمونو آهي.

پنهنجي لغات يعني 'جامع سنڌي لغات' جي باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب فرمائي ٿو:

”هن لغات لاءِ سڄيءَ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان عام رائج لفظن ۽ اصطلاحن کي سهيڙڻ لاءِ خاص ڪوشش ڪئي وئي. سنڌ جي هر ضلعي جي مکيہ ڀاڱن ۾ مڪاني ماڻهو مقرر ڪيا ويا، انهيءَ لاءِ تہ پنهنجي ترَ جي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح هٿ ڪري موڪلين (مثلاً ڪاسبين، ڪنڀارن، لوهارن، ڪورين، واڍن، وگهاملن وغيره جا الفاظ ۽ اصطلاح؛ جنسن جا نالا جهڙوڪ: گاهن، جيتن، گلن، پکين وغيره جا نالا: مقامي ريتين رسمن، جهڙوڪ شادي غمي، ميلن ملاکڙن جا اصطلاح: گهرو الفاظ، جهڙوڪ عورتن جا اصطلاح، پرت جا نالا وغيره. اُٺن ۽ گهوڙن جي سازن، سنجن، پنڌن، بيمارين ۽ علاج جا الفاظ ۽ اصطلاح؛ پوک جي مڙني قسمن جي پوکڻ ۽ سنڀارڻ جا الفاظ ۽ اصطلاح. ميوي جي فصلن جهڙوڪ: انب، ڪجي وغيره جا اصطلاح ۽ الفاظ).

هن سلسلي ۾ هي احتياط پڻ رکيو ويو آهي تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي مڙني مکيہ محاورن يعني تہ لاڙ سري، ٿر، ڪاڇي، ڪاري، ڪڇ ۽ لس ٻيلي جي مخصوص ٻولين جا انوکا عام رائج الفاظ ۽ اصطلاح هن لغات ۾ شامل ڪري سگهجن“[8]

(ج) **ثقافتي قسم جي لغات:ـ** هن قسم واريءَ لغات ۾ ثقافت سان واسطو رکندڙ موضوعن وارا لفظ گڏ ڪيا ويندا آهن. ڌار ڌار جاتين جي ثقافت وغيره جي جهلڪ هن قسم واري لغات ۾ نظر ايندي

---

[8] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: 1960ع "جامع سنڌي لغات"، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.

آهي. جامع سنڌي لغات لاءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جيڪي ڳالهيون بيان ڪيون آهن اُهي هن قسم واري لغات سان نهڪي اچن ٿيون، مثلاً: ڪاسبين، ڪنڀارن، لوهارن، ڪورين، واڍن ۽ وگهاملن جا الفاظ ۽ اصطلاح، جنسن جا نالا جهڙوڪ: گاهن، جيتن، گلن، پکين وغيره جا نالا، مقامي ريتين رسمن جهڙوڪ: شادي غمي، ميلن ملاکڙن جا اصطلاح، گهرو الفاظ، جهڙوڪ: عورتن جا اصطلاح ۽ پرت جا نالا وغيره، اُنن ۽ گهوڙن جي سازن، سنجن، پنڌن، بيمارين ۽ علاجن جا الفاظ ۽ اصطلاح، پوک جي مڙني قسمن جي پوکڻ ۽ سنڀارڻ جا الفاظ ۽ اصطلاح، ميوي جي فصلن جهڙوڪ: انب کجيءَ وغيره جا اصطلاح ۽ الفاظ. ان لحاظ کان جامع سنڌي لغات کي ثقافتي مقصد يا موضوع واري لغات سڏي سگهجي ٿو. ثقافتي لغات مان انهن قومن ۽ قبيلن، ماڻهن ۽ ملڪن جي ثقافت جي مطالعي ۾ مدد ملندي آهي.

(خ) **ٻه – لساني لغات:**۔ هن قسم واري لغات هر ٻوليءَ ۾ ملي ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن وقت تائين هن قسم جون هيٺيون لغتون شايع ٿيون آهن:

(i) انگريزي – سنڌي لغت

(ii) سنڌي – انگريزي لغت

(iii) عربي – سنڌي لغت

(iv) اردو – سنڌي لغت

(v) سنڌي – اردو لغت

(د) **گهڻ – لساني لغات:**- هن قسم واريون لغتون ڪيترن ئي ملڪن ۾ تيار ڪيون ويون آهن. پاڪستان ۾ هن سلسلي جو ڪم پشتو اڪيڊمي ۽ اردو مرڪزي بورڊ ڇپايو هو. پشتو اڪيڊمي پنج – لساني لغت ۽ مرڪزي اردو بورڊ هفت – لساني لغت تيار ڪرائي ڇپائي. انهن لغتن ۾ اردو ٻوليءَ جي لفظ کي مرڪزي لفظ مقرر ڪري، اُن جي سنڌي، پنجابي، پشتو، بلوچي، براهوي ۽ انگريزيءَ ۾ معنيٰ ڏني وئي آهي.

اردو سرائڪي ۽ ٻين ٻولين جي تاريخن ۾ ٻه هن قسم جي عام لفظن جو اڀياس پيش ڪيو ويو آهي. مثلاً عين الحق فريد ڪوٽيءَ جو ڪتاب 'اردو زبان ڪي قديم تاريخ' ۽ ظامي صاحب جا سرائڪي ٻوليءَ تي لکيل ڪتاب وغيره.

(ر) **ڪنهن هڪ شاعر جي ڪلام مان چونڊيل لفظن جي لغات:**۔ هن قسم جو ڪم دنيا جي ڪيترن ئي شاعرن ۽ اديبن جي سلسلي ۾ ڪيو ويو آهي. سنڌي زبان ۾ پڻ شاهه، سچل، سامي، شاهه ڪريم ۽

گرهوڙيءَ تي سنو ڪم ٿيل آهي. مثال طور هيٺيان عنوان هن موضوع جي مطالعي ۾ مدد ڪن ٿا:

(i) لغات لطيفي
(ii) لغات قديمي
(iii) ٻاروچي ٻولي
(iv) غريب اللغات
(v) ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري شاهه جو رسالو
(vi) شاهواڻيءَ واري شاهه جو رسالو
(vii) ڪلياڻ آڏواڻيءَ واري شاهه جو رسالو
(viii) ڪريم جو ڪلام
(ix) سامي ڏاتو ڪوش
(x) سچل جي لغت
(xi) ڊاڪٽر سنديلي صاحب طرفان سچل جا ڏاتو
(xii) شيخ اياز جي ڪلام ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ
(xiii) ڇپر ۾ ڇڙيون ڪتاب ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ

(ز) **ڪنهن بہ ٻوليءَ جي علم ادب جي لغات:**۔ هن قسم جون لغتون ڌار ڌار ملڪن جي ٻولين جي ادب تي ملن ٿيون. هن قسم جي لغات ۾ معياري ادب، لوڪ ادب ۽ ٻين علمي ۽ ادبي صنفن ۾ ڪم ايندڙ فني ۽ اصطلاحي لفظن جي سمجهاڻي ڏني ويندي آهي. هن قسم واري لغات ۾ هيٺيان عنوان/ڪتاب شامل ڪري سگهجن ٿا:

(i) سنڌ جو سينگار
(ii) هنر
(iii) ڏهسنامون
(iv) سرهاڻ
(v) سڳنڌ
(vi) لغت گنان

(س) **انسائڪلو پيڊيا:-** هن قسم واري لغات جو بنياد برٽنيڪا وڌو. 'نئين سوچ رسالي' ۾ هن قسم واري لغات جي وصف هن ريت ڏني وئي آهي:

"انسائيڪلو پيڊيا يوناني ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي لغوي معنيٰ آهي: انسائيڪلو=پوري، پيڊيا = تعليم. اصطلاحي معنيٰ، علم ۽ فن جي دائري ۾ سکڻ ۽ سيکارڻ. انسائيڪلو پيڊيا کي حوالن واري تصنيف به چئي سگهون ٿا. ائين ڪٿي چئجي ته اهڙو ڪتاب جنهن ۾ دنيا جي سمورين شين جي پوري ڄاڻ ڏني وڃي. تهذيب و تمدن جي ابتدا کان وٺي اڄ تائين انسان پنهنجي ذات ۽ ڪائنات جي باري ۾ جيڪي ڪجهه ڄاتو يا حاصل ڪيو آهي اهو سڀ ڪجهه انسائيڪلو پيڊيا ۾ گڏ ڪيو ويندو آهي. انسائيڪلو پيڊيا ۽ لغت (ڊڪشنريءَ) ۾ فرق آهي. لغت (ڊڪشنريءَ) ۾ لفظ جي هِجي، تلفظ ۽ معنيٰ درج هوندي آهي، پر انسائيڪلو پيڊيا ۾ انهيءَ اصل ڳالهه ڏانهن خاص ڌيان ڏنو ويندو آهي. جنهن لاءِ اهو لفظ واضح ٿيل هوندو آهي"[7].

(ش) **خاص موضوعن ۽ مضمونن تي مشتمل لغتون:-** هن قسم جون لغتون دنيا جي هر ملڪ جي ٻوليءَ ۾ لکيون وئيون آهن. سنڌيءَ ۾ ڪن موضوعن تي هن سلسلي ۾ ڪم ٿيو آهي. خاص خاص موضوع هي آهن:

علم ڪيميا، فزڪس، علم ارضيات، علم رياضي، اقتصاديات، معاشرتي علوم، سوشيالاجي، جاگرافي، لسانيات، صوتيات، صوتي اُچارن واري لغت، علم آثار شناسي، ٽيڪنيڪل ٽرمز واري لغت، بايولاجي، علم انسان شناسي، علم اللسان، علم طب، علم دواسازي، علم زهريات، زراعت، علم ادب، فنون لطيفه، علم نجوم، علم فلڪيات، علم موسيقي، علم التعليم ۽ علم التاريخ وغيره.

(ص) **انڊيڪس يا ڏسڻي:-** هن قسم جون ڏسڻيون دنيا جي سڀني ٻولين ۾ لکيون وئيون آهن. سنڌيءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جي ڏسڻين ۾ ماڻهن، مڪانن، ماڳن، دريائن، شهرن، ڳوٺن وغيره کان سواءِ ڪتابن جا نالا پڻ شامل ڪيا ويندا آهن. هت منهنجي مراد اها ڏسڻي آهي جنهن جي مدد سان هڪ شاعر جي ڪلام جي مصرعن ۽ انهن ۾ ڪم آندل لفظن جي ڏسڻي ڏنل هجي.

هن موضوع تي شاهه لطيف جي ڪلام تي ڪم ٿي رهيو آهي. ان کان سواءِ Concordance به هن موضوع ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا.

(ض) **گلاسري يا فرهنگ:-** هي به هڪ بين الاقوامي موضوع آهي. ڪن ڪن ڪتابن ۾ اهڙا فني

---

[7] خالد سيف الله پنهور، مقالو "انسائيڪلو پيڊيا"، هفتيوار نئين سوچ رسالو جلد 2، شمارو 19، 20، ڪراچي، 15 آڪٽوبر 1990ع ص 62

اصطلاحات ڏنا ويندا آهن جن جي سمجهاڻيءَ جي ضرورت هوندي آهي. اهڙا فني لفظ ۽ اصطلاحات. گلاسريءَ جي عنوان هيٺ گڏ ڪيا ويندا آهن ۽ انهن جي سمجهاڻي ڏني ويندي آهي.

(ط) **دفتري ٻوليءَ تي مشتمل لغتون:۔** سرڪاري طور آفيسن، ڪورٽن ۽ حڪومت جي ڪم ڪار لاءِ جيڪا ٻولي منظور ڪئي ويندي آهي اُن کي دفتري ٻولي چئبو آهي. سنڌ ۾ انگريزن جي دور ۾ سنڌ صوبي ۾ انگريزيءَ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ کي بہ سرڪاري ۽ دفتريءَ ٻوليءَ طور قبول ڪيو ويو هو. پاڪستان ۾، سنڌ اسيمبليءَ ۾ 1972ع ۾، "سنڌي لئنگوئيج ائڪٽ" پاس ڪري، سنڌي ٻوليءَ کي اهو درجو عطا ڪيو حالانڪ سنڌي سرڪاري زبان طور انگريزن جي زماني کان بہ اڳ رائج هئي. تازو نومبر 1990ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ، سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ وارو بل ترميم سان منظور ڪيو آهي. انگريزن جي دور ۾ دفتري ۽ سرڪاري ڪاروبار لاءِ هر قسم جو مواد سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپايو ويو هو پر جيئن تہ اُن ساري مواد جي هن مقدمي ۾ فهرست ڏيڻ، موضوع کان ٻاهر ٿيندو، تنهنڪري هت صرف دفتري ڪم ڪار لاءِ تيار ڪيل لغوي مواد جي نشاندهي ڪبي. انگريزي دور ۾ ۽ پوءِ پاڪستاني دور ۾ هيٺيون مواد شايع ٿيو:

(i) سنڌ گزيٽيئرس ۾ دفتري ڪاروبار لاءِ انگريزي لفظن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ۽ انهن جي فهرست

(ii) انگريزي -- سنڌي لغت

(ظ) **ڪرانالاجيڪل لغات:۔** هن قسم جي لغات جو ٻوليءَ جي رائج لفظن سان ڪو واسطو ڪونهي. هن قسم جي لغات ۾ ملڪ جي تاريخ، ثقافت ۽ تاريخي مواد، تاريخ وار ۽ سال وار درج ڪيو ويندو آهي.

(ع) **پنهنجي ماحول ۾ رائج روز مره وارن لفظن جي لغات:۔** ڪي ليکڪ، اديب، عالم ۽ شاعر پنهنجي چوڌاري واري ماحول ۾ رائج لفظن تي مشتمل لغوي مواد جو شبد – ڀنڊار گڏ ڪري، انهن کي لغات جي صورت ۾ شڪل ڏيندا آهن. هن جو هڪ مثال 'لغات سنڌي مخفّفات' ۾ ملي ٿو. محترم مرتب هن لغات ۾ اُهي لفظ بہ شامل ڪيا آهن جيڪي فقط سندس ماحول ۾ يعني دادو ضلعي ۾ (اُهو بہ فقط دادوءَ جي آسپاس) رائج آهن. مثال طور هيٺ ڪي لفظ ڏجن ٿا جن جي جائزي مان ثابت ٿو ٿئي تہ هن لغات ۾ انهن لفظن جي شامل ڪرڻ سان، هن لغات جي حيثيت، هڪ لهجي تائين محدود ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. اهي لفظ هن لغات جي اهميت کي گهٽائين ٿا ڇو تہ اهي لفظ سڄيءَ سنڌ جي لغوي خزاني جي نمائندگي نٿا ڪن، مثال طور:

| اصلوڪو لفظ | مخفف روپ |
|---|---|
| تاتي | تتي |
| تاتهين | تِت |

| | |
|---|---|
| تِتاهون | تتئون |
| تڏهن | تڏ |
| تيڏانهن | تاڏي |

هن فهرست ۾ 'تاتي'، 'تاهين'، 'تِتاهون'، 'تاڏي'، 'تتئون' لفظ نقط هڪ محدود حصي ۾ رائج آهن تڏ، 'ڪڏ' ۽ 'جڏ' روپن لاءِ طالب الموليٰ سائين پنهنجي ديوان ۾ واضع طور فرمائين ٿا[8]:

ڪڏهين ۽ جڏهين جو مخفف (گهٽايل) ڪڏهن ۽ جڏهن آهي.

ڪي تہ 'ڪڏ' ۽ 'جڏ' بہ لکندا آهن، جي غلط سمجهان ٿو[9].

**3ـ لغت نويسي (سنڌي لغات نويسي):ـ** لغت نويسيءَ لاءِ بہ ڪي اصول ۽ قانون مقرر ٿيل آهن. جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 'جامع سنڌي لغات' مرتب ڪرڻ جي سلسلي ۾ جن جن ڳالهين ۽ اصولن کي سامهون رکي هيءَ لغات تيار ڪئي هئي، انهن تي اڳتي هلي لکيو ويو آهي ۽ ڊاڪٽر صاحب جا بيان ڪيل اصول پڌايا ويا آهن.

عام طور لغت نويسيءَ لاءِ جيڪي اصول، قاعدا ۽ قانون، طور طريقا ۽ عملي قدم کنيا ويندا آهن. اُهي لڳ ڀڳ اُهي ئي آهن جيڪي هر ٻوليءَ جي لغات تيار ڪرڻ يا لغت نويسيءَ لاءِ لفظن جو سرمايو گڏ ڪرڻ يعني شبد - ڀنڊار ڪٺو ڪرڻ، گڏ ڪيل لفظن جا ذاتي ماده، اشتقاق ڪيڻ، ٻوليءَ جي لهجن، محاورن ۽ روز مرہ وارن اُچارن (Dialectology) ۽ ٻوليءَ جي لساني اڀياس ۽ ويا ڪرڻي جائزي لاءِ اختيار ڪيا ويندا آهن. انهن اصولن جي اڀياس لاءِ سر گريئرسن، بدولف (Biddulph)، مسٽر لاريمر، پروفيسر اسڪالموسڪي، ڊاڪٽر رُٽ، مارٽي فچ ۽ گريگري ڪوپر، ڊاڪٽر لورسنڊر، پروفيسر ايم – اي يانگ، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا ڪتاب ۽ جائزا رهنمائي ڪن ٿا. لغت نويسيءَ لاءِ ماهرن جيڪي اصول، قاعدا ۽ قانون مقرر ڪيا آهن، اُنهن مان ڪي هي آهن:

(i) ٻوليءَ جي دائري اندر، ختلف خطن ۾ مروج لفظن کي گڏ ڪرڻ ۽ انهن جون الف – ب وار چٽڪيون ۽ فهرستون ٺاهڻ.

(ii) هر هڪ لفظ جي اُچار، هجي (Spelling)، جزن ۽ پدن (Syllabication) ۾ ورهائڻ ۽ ان موجب اُچار مقرر ڪرڻ.

---

[8] ڀيرومل آڏواڻي: "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ، 1952ع ص

[9] طالب الموليٰ: "ديوان طالب الموليٰ"، هالا 1982ع ص ص 16 ۽ 17

(iii) هر هڪ لفظ جا ماده، ڌاتو ۽ اشتقاق ڪيڻ ۽ ان لفظ جي تاريخي ارتقا بيان ڪرڻ.

(iv) هر هڪ لفظ جي معنيٰ، ان جو مفهوم، سمجهائڻ ڏيڻ ۽ فقري، جملي ۽ شعر جي مصرع، چوڻيءَ ۽ پهاڪي ۾ ان جو مفهوم ۽ سمجهائڻ ڏيڻ ۽ فقري، جملي ۽ شعر جي مصرع، چوڻيءَ ۽ پهاڪي ۾ ان جو استعمال ڏيکارڻ تہ جيئن الڳ الڳ حالتن (Context of Situation) ۾ لفظ جي ڌار ڌار معنيٰ نمايان معلوم ٿئي.

(v) هر هڪ لفظ جي وياڪرڻي حيثيت يعني ڳالهائڻ جي اٺن صورتن (parts of speech) مان ڪنهن بہ هڪ حيثيت جي نشاندهي ڪرڻ.

(vi) هر هڪ لفظ اُچار لاءِ ڪنهن خاص علامت (Symbol) ذريعي اُچار جي نشاندهي ڪرڻ.

(vii) هر هڪ لفظ جي حيثيت ۽ معيار، نثري جملن، چوڻين، پهاڪن ۽ شعري مصرعن ذريعي بيان ڪرڻ تہ جيئن خبر پوي تہ اهو لفظ روز مره واري بوليءَ موجب عام محاوري (Colloquial) ۾ ۽ عام گفتگو ۾ عام طور مروج آهي يا بازاري بولي (Slang) ۾ رائج آهي.

(viii) اهڙيءَ طرح هر هڪ لفظ جي معنيٰ کان سواءِ هم معنيٰ لفظ ۽ انهن جا فقرن، جملن، چوڻين، پهاڪن ۽ بيتن وغيره ۾ رائج استعمال جا مثال ڏيڻ.

لغت نويسيءَ لاءِ ڌار ڌار لغت نويس، ڌار ڌار قدم کڻندا آهن. ڪي لغت نويس جدا جدا خطن ۾ پنهنجا 'خابرو' (Informants) مقرر ڪندا آهن. اُهي ماڻهو پنهنجي پنهنجي تر مان ڌار ڌار موضوعن وارا لفظ گڏ ڪري، لغت نويس يا مرڪزي آفيس ڏانهن موڪليندا آهن. ڪي لغت نويس پنهنجن ساٿين، مددگارن جي مدد سان ڪتابن، رسالن، اخبارن، مضمونن ۽ مقالن وغيره مان اساسو گڏ ڪندا آهن. ڪي ماهر ٻئي طريقا اختيار ڪندا آهن. هن ڏس ۾ جامع سنڌي لغات، لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جيڪو طريقو اختيار ڪيو تنهن لاءِ ڊاڪٽر صاحب خود فرمائي ٿو تہ:

"هن لغات جي لفظن جو ذخيرو هيٺين سرچشمن مان گڏ ڪيو ويو آهي:

(الف) ڇپيل ڪتاب، جن مان ادب توڙي ٻين مختلف موضوعن تي لکيل، اندازاً 450 ننڍا وڏا ڪتاب توڙي مخزنون پڙهيون ويون ۽ اُنهن مان الفاظ ۽ اصطلاح چونڊيا ويا.

(ب) اهي جملي ڇپيل لغاتون، جن جو سنڌي لفظن جي معنيٰ سان واسطو هو.

(ج) ادب ۽ لغت جي اڻ ڇپيل قلمي ڪتابن جو ذخيرو- خاص طرح شاهہ عنات رضوي، خليفي نبي بخش، فقير محمد صديق ۽ مولوي غلام محمد خان زئي جا رسالا جن مان انوکا الفاظ چونڊي

هن لغات ۾ داخل ڪيا ويا. اڻ ڇپيل لغاتن مان آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جي جواهراللغات ۽ مولوي علي محمد مهيريءَ جي سنڌي لغات (مسودو) انهن ٻنهي مان جملي الفاظ شامل ڪيا ويا آهن. بمبئيءَ مان مسٽر تاراچند گاجرا ۽ لالا هاسانند جي لکيل لغات جا الفاظ اُتاري موڪليا، جن کي ڇنڊڇاڻ بعد داخل ڪيو ويو.

مٿئين ماخذن کان سواءِ، اسان عوامي ادب ۽ عام رائج سنڌي ٻوليءَ جي سرچشمي کي وڏي اهميت ڏني آهي. اج ڏينهن تائين جيڪي بہ لغاتون يا ڪتاب لکيا ويا اهن تن جي اڪثر مصنفن ۽ مؤلفن جو واسطو شهرن سان رهيو آهي جي ٻهراڙيءَ جي نج سنڌي ٻوليءَ کان ڪماحقہ واقف نہ هئا. انهيءَ ڪري سندن تصنيفن ۾ ٻهراڙيءَ جي عام رائج ٻوليءَ جا ڪيترائي نج سنڌي محاورا، الفاظ ۽ اصطلاح موجود نہ آهن.

هن لغات لاءِ سڄيءَ سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ مان عام رائج لفظن ۽ اصطلاحن کي سهيڙڻ لاءِ خاص ڪوشش ڪئي وئي. سنڌ جي هر ضلعي جي مکيہ ڀاڱن ۾ مڪاني ماڻهو مقرر ڪيا ويا، انهيءَ لاءِ تہ پنهنجي تر جي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح هٿ ڪري موڪلين (مثلاً: ڪاسبين، ڪنڀارن، لوهارن، ڪورين، واڍن، وگهاملن وغيره جا الفاظ ۽ اصطلاح، جنسن جا نالا جهڙوڪ: گاهن، جيتن، گلن، پکين وغيره جا نالا، مقامي ريتين رسمن جهڙوڪ: شادي غمي، ميلن ملاکڙن جا اصطلاح، گهرو الفاظ، جهڙوڪ: عورتن جا اصطلاح ۽ ڀرت جا نالا وغيره، اُنن ۽ گهوڙن جي سازن، سنجن، ٻنڌن، بيمارين ۽ علاجن جا الفاظ ۽ اصطلاح پوک جي مڙني قسمن جي پوکڻ ۽ سنڀارڻ جا الفاظ ۽ اصطلاح، ميوي جي فصلن جهڙوڪ انب، کجيءَ وغيره جا اصطلاح ۽ الفاظ).

هن سلسلي ۾ هيءَ احتياط پڻ رکيو ويو آهي تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي مڙني مکيہ محاورن يعني تہ لاڙ سري، ٿر، ڪاڇي، کاري، ڪڇ ۽ لس ٻيلي جي مخصوص ٻولين جا انوکا عام رائج الفاظ ۽ اصطلاح هن لغات ۾ شامل ڪري سگهجن.

نج سنڌي لفظن کان سواءِ عربي ۽ فارسي لفظن جو پڻ ڪافي وڏو ذخيرو سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿي چڪو آهي. انهن مان هڪڙا الفاظ اهڙا آهن جن کي سنڌي ٻوليءَ آڏي مکي، پنهنجو ڪري ڇڏيو آهي ۽ ٻيا ڪي عربي، فارسي لفظ ۽ محاورا پوين ڏيڍ سو ورهين ۾ سنڌي شاعرن ۽ اديبن جي زبان ذريعي سنڌي ادب جو جز بنجي ڪتابن ذريعي، شايع ٿي چڪا آهن. اهڙن عربي ۽ فارسي لفظن ۽ اصطلاحن کي پڻ داخل ڪيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ تہ هيءَ لغات سيني طبقن لاءِ ڪارآمد ٿي سگهي."

ڊاڪٽر صاحب اڳتي لکي ٿو:

> هن لغات جي تياريءَ ۽ تڪميل لاءِ هڪ مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي ۽ تعلقي وار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا. جن هدايتن موجب سنڌ جي سيني ڀاڱن جي مقامي لفظن ۽

اصطلاحن جا ذخيرا گڏ ڪري موڪليا. مرڪزي آفيس جي عملي، ڪارڪنن کان پهتل مواد کي هدايتن موجب چنڊي ڇاڻي صاف ڪيو ۽ پڻ ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل ڪتابن مان الفاظ ۽ اصطلاح چونڊي قلم بند ڪيا"[10].

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، گڏ ڪيل لفظن جي اُچارن، مادن، جُزن، ذاتن، اشتقاقن ۽ انهن لفظن جي خطي وار استعمال، ڪارج، مفهوم ۽ عمل وغيره جي سلسلي ۾ جيڪي اصول مقرر ڪيا، تن جو پاڻ هن تفصيل سان ذڪر ڪيو اٿن. جيڪي جامع سنڌي لغات ۾ پڙهي سگهجن ٿا[11].

**(الف) سنڌي لغات نويسيءَ جي ابتدا ۽ ارتقا:**

سنڌي لغات نويسيءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب لکي ٿو:

"جيتوڻيڪ سنڌي لغات جو سلسلو هڪ سو سال اڳ ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري شروع ٿيو تنهن هوندي به باوجود ڪيترين ئي مخلصانه ڪوشش جي، سواءِ ڪن خاص لفظن تي مخصوص لفظن جي، سنڌي ٻوليءَ جي سنڌي لغات، جنهن ۾ مجموعي طور رائج ٻوليءَ جا مکيه لفظ ذنل هجن ۽ معنائون پڻ سنڌيءَ ۾ لکيل هجن، هن کان اڳ لکجي شايع ٿي نه سگهي آهي. ان ڏس ۾ هيءَ پهرين جامع سنڌي لغات آهي"[12].

ڊاڪٽر صاحب اڳتي لکي ٿو ته:

"هن لغات ۾ هي خاص احتياط پڻ رکيو ويو آهي ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جي مڙني مکيه محاورن يعني ته لاڙ سري، ٿر، ڪاڇي، ڪڇ ۽ لس ٻيلي جي مخصوص ٻولين جا انوکا عام لفظ ۽ اصطلاح، هن لغات ۾ شامل ڪري سگهجن. مطلب ته هيءَ پنهنجي نوع جي پهرين سنڌي لغات آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي هڪ جججهي ذخيري کي شامل ڪيو ويو آهي ۽ هر لفظ جي عام توڙي اصطلاحي معنيٰ کي، شاهدين ۽ مثالن سان کولي ورجايو ويو آهي"[13].

هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو پنهنجي ڪتاب، تحقيق لغات سنڌيءَ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

---

[10] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر "جامع سنڌي لغات"، 1960ع، مهاڳ

[11] ايضاً

[12] ايضاً

[13] عبدالڪريم سنديلو ڊاڪٽر: تحقيق لغات سنڌي مهاڳ

"جيتوڻيڪ سنڌي لفظن جو صحيح سلسلو انگريزن جي دور کان شروع ٿئي ٿو تاهم انهن سيني لفظن ۾ بنياد يا ڌاتوءَ جي ڪمي نظر اچي ٿي. ڪئپٽن اسٽئڪ پهريون انگريز هو جنهن 1848ع ۾ انگريزي – سنڌي لغت جي پيڙهه جو پٿر رکيو. هن صاحب 1855ع ۾ سنڌي – انگريزي لغت پڻ ناهي جا عربي – سنڌي آئويتا پدران ديوناگري لپيءَ ۾ آهي"[14].

سنڌ جي انهن پنهي عالمن، يعني ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ۽ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب، سنڌي ٻوليءَ جي جن جن لغتن جا نالا ۽ تفصيل ڏنا آهن انهن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

| نمبر | مصنف جو نالو | لغات جو عنوان | سال |
|---|---|---|---|
| (1) | جارج اسٽئڪ | انگريزي-سنڌي ڊڪشنري | 1848ع |
| (2) | ايضاً | سنڌي-انگريزي ڊڪشنري | 1855ع |
| (3) | پادري شرٽ | اکر ڌاتو | 1866ع |
| (4) | آخوند عبدالرحيم وفا | جواهر الغات | 1866ع |
| (5) | آخوند فتح محمد هالائي | ڪاشف الفيوض | 1866ع |
| (6) | پادري شرٽ | سنڌي-انگريزي ڊڪشنري | 1879ع |
| (7) | جهمٽ مل وسناڻي | وئتپتي ڪوش | 1880ع |
| (8) | مرزا صادق علي بيگ ۽ منشي اُڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي | سنڌي-انگريزي لغت | 1880ع |
| (9) | ڪاڪو ڀيرومل | غريب اللغات | 1906ع |
| (10) | پرمانند ميوارام | سنڌي-انگريزي ڊڪشنري | 1910ع |
| (11) | مرزا قليچ بيگ | Philological Curiosities | 1911ع |
| (12) | ايضاً | لغات لطيفي | 1914ع |
| (13) | علامہ علي محمد مهيري | سنڌي لغات (قلمي نسخو) | 1920ع |
| (14) | مرزا قليچ بيگ | لغات قديمي | 1924ع |
| (15) | ڊاڪٽر گربخشاڻي | شاهه جي رسالي ۾ لفظن جي معني ۽ ڌاتو وغيره | 1933ع |

[14] عبدالڪريم سنديلو ڊاڪٽر: تحقيق لغات سنڌي مهاڳ

| | | | |
|---|---|---|---|
| (16) | لالاهاسانند | سنڌي ڊڪشنري | 1947ع |
| (17) | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | جامع سنڌي لغات | 1960ع |
| (18) | ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو | تحقيق لغات سنڌي | |
| (19) | سيد غلام مصطفيٰ شاهه ۽ غلام اصغر ونڊيرِ | انگريزي سنڌي ڊڪشنري | |
| (20) | غلام محمد شهوائي | شاهه جي رسالي ۾ لفظن جي معنيٰ | |
| (21) | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | لاڙ جي لغت | |
| (22) | سيد حسام الدين شاهه راشدي ۽ ٻيا | بنيادي سنڌي لغات | |
| (23) | مظهر خوجا | لغت گنان | |
| (24) | سيد محمد صالح شاهه | ڏنڌي – وار لغت | |
| (25) | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان | اردو – سنڌي لغت | |
| (26) | ايضاً | سنڌي – اردو لغت | |
| (27) | پروفيسر غلام حسين جلباڻي | عربي ـ سنڌي لغات | |
| (28) | سيد نجف علي شاهه نقوي "ڪمتر" | ٻاروچي ٻولي | |
| (29) | ڪلياڻ آڏواڻي | شاهه جي رسالي ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ | |
| (30) | ڊاڪٽر دائود پوٽو | شاهه ڪريم جي رسالي ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ | |
| (31) | ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو | سامي ڏاتو ڪوش | |
| (32) | محمد علي هداد | سچل جي لغت | |
| (33) | ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو | سچل جي ڪلام ۾ لفظن جا ڌاتو | |
| (34) | محمد ابراهيم جويو | شيخ اياز جي ڪلام جي ڏکين لفظن جون معنائون | |

## 4_ لغات سنڌي مخففات:

**(الف) علم اللسان جي لحاظ کان اهميت:**

هيءَ پنهنجي نوع ۽ قسم واري پهرين ۽ اهم لغات آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جا مخفف روپ گڏ ڪري، اُنهن جي صوتي، صرفي، نحوي ۽ لغوي ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي ۽ اُنهن جي ڪارج کان سواءِ اُنهن جي منصل سمجهاڻي پڻ ڏني وئي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن قسم جي هيءَ پهرين واڪاڻ جوڳي ڪوشش آهي.

'مخفف' لفظ لاءِ انگريزيءَ ۾ abbreviation لفظ ڪم آندو ويندو آهي. پر مقصد ۽ ڪارج جي لحاظ کان، هن لغات جي حوالي سان مخفف جي معنيٰ ۽ مفهوم ٿيندو: ڪنهن لفظ کي سسائڻ، گهٽائڻ، يا ننڍو ڪرڻ. يعني ڪنهن لفظ مان ڪو آواز ڪا صوتيم، ڪا صرفيم، ڪووينجن يا ڪو سُر حذف ڪرڻ، گهٽائڻ، ڪيرائڻ يا سسائڻ، جيئن اردوءَ ۾ 'بدتر' لفظ جو مخفف يا سسيل اُچار يا روپ 'بتّر' ڪيو ويندو آهي.

مطالعي دوران اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته لفظن جا مخفف روپ ڪنهن ڏُڪيبازيءَ سان يا بيقاعدي نموني نٿا حاصل ڪجن پر اُن لاءِ به ٻوليءَ جي ارتقا دوران ڪي اصول يا قانون ٺهي ويندا آهن. مثال طور هيٺيان اصول عام طور لفظن جي مخففات لاءِ ڪارفرما هوندا آهن. مثلاً:

(i) سنڌي (ادغام) وارا اصول ۽ قانون

(ii) شاعريءَ يا نثر وارين صنفن ۾ ٻوليءَ جي استعمال ۾ لفظن جو مخفف روپ وٺڻ

(iii) روزمره واري ٻوليءَ ۽ عام گفتگو واري ٻوليءَ ۾ لفظن جو سسڻ وغيره.

سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي مخفف صورتن جي اپياس لاءِ حاصل ڪيل اصولن ۽ قانونن جي منصل تجزئي کان اڳ، اهو مناسب ٿيندو ته 'لغات سنڌي مخففات' جي مصنف جي هن اهم ڪم ۽ ڪارنامي، ۽ هن لغات جي باري ۾ ڪجهه عرض ڪجي. منهنجي خيال ۾ هن لغات جي مصنّف جو هي ڪارنامو هڪ 'جدت' مڃڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته هن لغات واري تحقيقي ۽ تخليقي ڪم جو خيال، هن کان اڳ ڪنهن به عالم جي ذهن ۾ اُڀري ئي نه سگهيو. اچا به وڌيڪ وضاحت سان هيئن چئبو ته هن لغات جي تخليق ڪرڻ جو خيال ڪنهن به ماهر جي ذهن ۾ هن کان اڳ سِرجيوئي ڪونه هو. هن لغات جي تيار ٿيڻ کان اڳ، البت مختلف لغتن ۾ لفظن جا ڌاتو، ماده ۽ اشتقاق ضرور ڏنا ويا آهن پر لفظن جا سسيل يا مخفف روپ، انهن جو لساني ڪارج ۽ وياڪرڻي حيثيت جي سلسلي ۾ ڪا به راءِ ڏنل ڪانهي. ان لحاظ کان هن دعويٰ ڪرڻ ۾ اهو ڪو وڌاءُ ڪونهي ته سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي مخفف يا سسيل روپن جي اپياس جي سلسلي ۾ هيءَ پهرين اهم لغات آهي جا جدت واري عمل ۽ تحقيق واري خوبيءَ سان مالامال

آهي. جنهن لاءِ طالب المولى سائين ۽ محترم احمد خان آصف مصرائي مبارڪن جا مستحق آهن.

ديوان جهمت مل وسنائيءَ پنهنجي ڪتاب 'وئتپتي ڪوش' ۾ لفظن جا ڏاتو ڪيندي، مخفف روپ تہ ڏنا آهن پر هن بہ مخفف روپ نالي ڪنهن بہ صورت جو ذڪر نہ ڪيو آهي. وئتپتي ڪوش تي تنقيد ڪندي ڊاڪٽر سنديلو صاحب لکي ٿو:

"گرچہ ڪتاب تي ڪافي مثا ڪٿ ڪيل آهي مگر اونهي اپياس ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ ڪن ڪن هنڌ، مصنف صاحب هٿي ويو آهي. مثلاً لکي ٿو: مُترڪو سنسڪرت 'مُدگر' مان نڪتل آهي. 'پيچرو' سنسڪرت 'پاد' مان نڪتل آهي. خير ائين بہ هجي ليڪن مخفي نہ رهي تہ 'مُترڪو' عربي لفظ 'مطرقہ' ۽ 'پيچرو' لفظ فارسي 'پايہ چارہ' مان نڪتل آهي"[15].

بهرحال 'پيچرو' لفظ لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ اهو لفظ فارسيءَ جي 'پايہ چارہ' جو مخفف روپ آهي پر اهڙو ذڪر نہ ڊاڪٽر سنديلي صاحب ڪيو ۽ نہ وري ڪو اهو نقطو ڊاڪٽر سنديلي صاحب جي ذهن ۾ ٿي هو. مخفف روپن يا مخفف جي ان حيثيت لاءِ سنڌي زبان ۾ پهريون دفعو لکڻ جو سهرو قبلي مخدوم طالب المولى سائينءَ جي سر تي ٿو سونهي ۽ هن لغات جي تصنيف ڪرڻ جي سعادت کين ئي نصيب ٿي.

ڊاڪٽر سنديلي صاحب کي 'تحقيق لغات سنڌي' جي اشاعت تي مبارڪن جو خط (مورخہ 18-11-1958ع) لکندي، جناب طالب المولى صاحب جن فرمائين ٿا:

"اوهان جي تصنيف 'تحقيق لغات سنڌي' زير مطالع آهي. رايو بعد ۾ موڪليندس پر ايترو ضرور چوندس تہ اوهان سنڌي زبان کي سونو نڪ وڌو آهي. هن قسم جي لغت جي سخت ضرورت هئي"[16].

جيڪڏهن سنديلي صاحب واري تحقيق (تحقيق لغات سنڌي)، سنڌي زبان کي سونو نڪ وڌو آهي تہ 'لغات سنڌي مخففات'، سنڌي زبان کي سونو تاج پهرايو آهي. هن لغات جي بہ ايتري ئي ضرورت هئي جيتري ٻين لغتن جي، ڇاڪاڻ تہ هن لغات جي مدد سان سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي فقرن، جملن ۽ شاعريءَ وارين مصرعن ۾ سسيل روپن ۽ مخففات جي، صرفي، نحوي ۽ لساني ڪارج ۽ حيثيت جي باري ۾ مفيد معلومات ملي ٿي.

---

[15] عبدالڪريم سنديلو ڊاڪٽر: "تحقيق لغات سنڌي"، حوالو ڏنو ويو آهي.

[16] ايضاً

سنڌي ٻوليءَ جي لغات واري ڪيتر ۾ هيءَ پهرئين قسم جي لغات آهي، جنهن ۾ چونڊيل لفظن جو اصلي اُچار ۽ اُنهن جا مخفف يعني سسيل روپ ڏيئي، انهن جي سمجهاڻي ڏني وئي آهي. ۽ روز مره واريءَ توڙي عام گفتگو واريءَ ٻوليءَ ۾ اُنهن سسيل روپن جي استعمال ۽ ڪارج جا مثال پڻ ڏنا ويا آهن. هي هڪ اهڙو اهم ۽ مفيد ڪم آهي جو گهڻو اڳ ٿيڻ کپندو هو. منهنجي هن دعويٰ ۾ ڪو بہ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو تہ هيءَ پنهنجي نوعيت جو پهريون ۽ هڪ اهم تحقيقي ڪم آهي جو گهڻي ۾ گهڻو داد لهڻي.

(ب) ترتيب:ـ هن لغات ۾ 2100 لفظ ڏنا ويا آهن. جن جي ترتيب 'ديوان طالب المولىٰ' ۾ صفحي 9 تي ڏنل الف — ب واري پٽيءَ موجب رکي وئي آهي. الف — ب جي هيءَ پٽي، سنڌ جي سرڪاري تعليم کاتي طرفان، 1940ع ۾ ڇپايل ٻاراڻي ڪتاب ۾ ڏنل الف — ب جي پٽيءَ موجب آهي. مواد جي ترتيب جي سلسلي ۾ هن لغات جو مرتب آصف مصراڻي صاحب لکي ٿو:

"هن لغات ۾ گڏ ڪيل مواد کي اساسي سرمايو سمجهي، اُنهن لفظن کي مُنڍ ۾ ساڄي طرف اهم لفظ طور برقرار رکيو ويو آهي تہ جيئن بقول سندس: "سندن انفرادي ڪارنامو نمايان رهي."

محترم مصراڻي صاحب سموري مواد کي الف — ب وار ترتيب ڏيڻ لاءِ سندس چونڊ موجب الف — ب جو سلسلو ٻاراڻي ڪتاب 1940ع واري ڇاپي، جنهن جو عڪس ديوان طالب المولىٰ جي صفحي 9 تي ڏنل آهي، اُن موجب رکيو آهي."

ساري مواد کي ڇهن بابن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرئين باب ۾، بقول مرتب جي، اسم، ضمير، صفت، ظرف ۽ فعل وغيره لفظن جا مخفف ڏنا ويا آهن. ٻئي باب ۾ اسم عام تي مشتمل لفظن جا مخفف روپ ڏنا ويا آهن. ٽئين باب ۾ اسم مصدر مان نڪتل لفظن جا مخفف روپ ڏنا ويا آهن. چوٿين باب ۾ بقول مؤلف جي ڪن ٻٽن لفظن جا مخفف ڏنل آهن. جن مان ڪي هي آهن:

| ٻٽو لفظ | مخفف روپ | ٻٽو لفظ | مخفف روپ |
|---|---|---|---|
| سنڌ جو | سنڌي | هند جو | هندي |
| عربستان جو | عربي | لوهہ وارو | لُهر |
| سون وارو | سونارو | | |

منهنجي خيال ۾ 'سنڌ جو'، 'عربستان جو'، 'هند جو'، 'لوهہ وارو' ۽ 'سون وارو' ٻٽا لفظ نہ آهن. بهرحال هيءَ هڪ ڌار بحث آهي جيڪو هن مقدمي سان واسطو نٿو رکي. ساڳيءَ طرح محترم مؤلف هيٺين گروهہ کي هم آواز لفظن طور پيش ڪيو آهي. منهنجي سمجهہ مطابق انهن لفظن کي هم آواز لفظ بيان ڪرڻ، علم اللسان جي حوالي سان صحيح نہ آهي. اُهي لفظ هي ڏنا اٿس:

| مخفف | لفظ |
|---|---|
| موهِن | موهِين |
| کوهِن | کوهِين |
| ڳوهِن | ڳوهِين |

انهن لفظن کي ڏار عنوان هيٺ رکڻ صحيح فيصلو نہ آهي.

**(ت) مخفف لفظن جي وياڪرڻي خصوصيت:**۔ هن لغات جي گهري مطالعي سان خبر پوي ٿي تہ هن ۾ شامل لفظن مان هرهڪ جو انفرادي حالت ۾ اُچار ڪيئن ڪيو ويندو آهي پر جڏهن اهو لفظ يا اهي لفظ ڪنهن گفتگو (روزمره واريءَ گفتگو) ۾ ڳالهايا ويندا آهن يا شعرو شاعريءَ ۾ ڪم آڻبا آهن، تڏهن اُنهن جي لکت واري صورت مان خبر پوندي تہ اُنهن لفظن جو اُچار ڪهڙي شڪل يا صورت وٺي بيهندو آهي، يعني اُهو لفظ يا اُهي لفظ روزمره واري گفتگو ڪنهن نثري جملي يا شعر جي مصرع ۾ ڪهڙي مخفف صورت ٿا ناهين. اهڙن مخفف لفظن جي اڀياس ڪرڻ مهل انهن لفظن تي علم صوتيات، علم صرف يا علم نحو جا قانون اثر انداز معلوم ٿين ٿا. اُنهن لفظن تي، 'سنڌي' (assimilation) جي قانون موجب، تخفيف يا سوس وارو اصول اثر انداز محسوس ڪبو آهي. انهن ۽ اهڙن لفظن جي مخفف روپن ۾ جيڪي صوتي، صوتياتي ۽ سنڌيءَ جي اصولن جي ڪري تبديليون رونما ٿينديون آهن، اُنهن کي (انهن لفظن جي مخفف روپن کي) چڱيءَ طرح جاچي يا پروڙي سگهجي ٿو. مثال طور:

| لفظ جي انفرادي صورت | عام جملي ۾ لکيل صورت ۽ اُچار | مخفف روپ |
|---|---|---|
| اٿن | ماني کاڌي آٿن | ماني کاڌي ٿن / ماني کاڌن |
| | هن چيو آهي / چيو آٿن | چيو ٿن / چيُن |

مٿين مثالن ۾ 'کاڌن' ۽ 'چيُن' مخفف روپن جو جڏهن غور سان اڀياس ڪجي تہ معلوم ٿو ٿئي تہ هن سلسلي يا عمل ۾ 'سنڌي' وارا اصول اثر انداز آهن، ۽ اهي اصول ئي مخفف روپن جي اصلوڪن لفظن جي ڳولڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

هن نقطي کي اڳتي هلي، مثال ڏيئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. انهن روپن جو تفصيلي جائزو تڏهن سامهون ايندو جڏهن انهن ۽ اهڙن ٻين لفظن يعني مخفف يا مسيل روپن کي روزمره واريءَ ٻوليءَ يا عام گفتگو يا شعر و شاعريءَ ۾ ڪم آڻي، انهن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويندي.

مرحوم ڊاڪٽر سنڌيلو پنهنجي ڪتاب، 'تحقيق لغات سنڌي' جي حوالي سان فرمائي ٿو:

"فلسفہ اللسان (Philology) بحر بيڪران آهي، جنهن جو انت لهڻ آسان نہ آهي"[17]

پر آءٌ تہ ائين چوندس تہ 'فلسفہ اللسان' تہ 'علم اللسان' جو فقط هڪ شعبو آهي. جڏهن تہ 'فلسفہ اللسان' (Philology)، مرحوم سنديلي صاحب جي خيال ۾ بحر بيڪران آهي تہ پوءِ 'علم اللسان' (Science Linguistic) جي آٿاهہ مهاساگر جي پاتال ۾ پيهي، اُن جو انت ڳولڻ تہ اوکي ۾ اوکو ڪم آهي. مخدوم طالب المولىٰ صاحب تہ هڪ غواص بڻجي، علم اللسان جي هن عميق ۽ بي انت بحر ۾ ٽٻو ڏنو آهي، ۽ موتي ميڙڻ جي نهايت ئي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي. نواءِ سنڌ اخبار جي ايڊيٽر پنهنجيءَ 1-1956ع واريءَ اخبار ۾ تبصرو ڪندي، سنديلي صاحب کي داد ڏيندي لکيو آهي:

"قابل مصنف هن بحر بيڪران ۾ هٿين خالي گهڙي، ٽڙڳي ٽڙڳي ۽ ٽٻيون هڻي، جيڪي موتي ڪڍيا آهن، تن جو قدر نہ ڪرڻ حد درجي جي زيادتي ٿيندي"

ماشاءَ الله هن قسم جو داد طالب المولىٰ سائينءَ جن کي بہ، سندن هن املهہ ماڻڪ ۽ اعليٰ پايہ جي شهپاري تي ڏيڻ گهرجي. مخدوم صاحب جن، ڪائنات تي فتح واري هن موجوده دور ۾، هڪ آزمودگار غواص بڻجي، سنڌي زبان ۽ ادب جي اٿاهہ مهاساگر ۾ ٽٻو ڏيئي، اُن جي پاتال تائين پهچي، املهہ ماڻڪ ميڙي هن لغات جي صورت ۾، سنڌ جي سڄاڻ ماڻهن اڳيان رکيا آهن. هاڻ اهو اسان تي ڇڏيل آهي تہ اُن جو ڪهڙي نموني سان قدر ڪريون. پر آئون تہ ائين چوندس تہ مخدوم صاحب سنڌي ٻوليءَ کي سونو تاج پهرايو آهي. وري جو ساٿي ملين محترم احمد خان آصف مصرائيءَ جهڙو مخلص، محنتي، سٻاجهو سخنور ۽ هن ڏس ۾ ماهر، جنهن مخدوم صاحب طرفان گڏ ڪيل مواد کي سهيڙي، سموهي ۽ سنڌري هڪ مڪمل مسودي جو روپ ڏنو. هو لکي ٿو:

"لغات سنڌي مخففات جو مواد قبلہ مخدوم محمّد زمان صاحب طالب المولىٰ جن، جدا جدا نوٽبوڪن، چوپڙين، بلڪ چٺڪين تي ڪٺو ڪري، ان کي باقاعدي ترتيب ڏيڻ لاءِ هڪ خاص نوٽبوڪ تي ڪم بہ شروع ڪيو مگر لڳاتار طبيعت جي ناسازي، سروري جماعت جي سالاري، ٻين ذميدارين، مشغولين ۽ مصروفيتن سبب اهو ڪم روڪي ڇڏيو هئائون.

مون لاءِ فخر جي بات آهي ۽ آءٌ پاڻ کي خوش نصيب ٿو سمجهان جو اُهو سمورو مواد ترتيب ڏيڻ لاءِ منهنجي حوالي ڪيائون."

وري وڏا ڀاڳ منهنجا ڇٽبا جو هن شهپاري جي مقدمي لکڻ جي سعادت مون کي نصيب ٿي، جنهن لاءِ آئون مخدوم صاحب جن جو ٿورائتو آهيان. مون هن کان اڳ وارن صفحن ۾ عرض ڪيو آهي تہ:

---

[17] عبدالڪريم سنديلو ڊاڪٽر. "تحقيق لغات سنڌي"، ص 33

"منهنجي خيال ۾ هن لغات جي مصنف جو هي ڪم 'جدت' ۽ تخليقي ڪم آهي. هن لغات واري تحقيقي ڪم جو خيال، اڳ ۾ ڪنهن به صاحب جي ذهن ۾ اُپريوئي ڪونه هو يعني ته هي خيال ڪنهن به ماهر جي ذهن ۾ هن کان اڳ سرجيوئي ڪونه هو."

منهنجي هن دعوا جي تصديق، محترم انور هالائيءَ جي هيٺينءَ راءِ مان ملي ٿي. انور هالائي صاحب، 'طالب المولىٰ سائينءَ جي شاعرانه حيثيت' جي عنوان سان 'ديوان طالب المولىٰ'، صفحي 29 تي لکي ٿو:

"چوٿين دور ۾ زير مطالع ڪتاب، ديوان طالب المولىٰ، 1982ع ۾ شايع ٿيو آهي. هڪ ڪتاب 'سنڌي مخففات'، مخدوم صاحب لکي رهيو آهي جيڪو عنقريب شايع ٿي ويندو. سنڌي مخفف بابت مخدوم صاحب جن پنهنجي ڪتاب ديوان طالب المولىٰ ۾ اڳي ئي ذڪر ڪيو آهي، توقع آهي ته اهو ڪتاب سنڌي ادب ۾ هڪ نئون تحقيقاتي ڪتاب ثابت ٿيندو"[18].

بيشڪ هيءَ لغات، سنڌي زبان ۽ ادب جو هڪ بي بها خزانو آهي. هن لغات سنڌي ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظن ۽ انهن جي صوتي، صرفي ۽ وياڪرڻي اڀياس واري کيتر ۾ شاندار اضافو ڪيو آهي. هن ڪتاب جي مرتب، لفظ جي مخفف روپ جي سلسلي ۾، صحيح راءِ ڪانه ڏني آهي. مهاڳ ۾ هُو لکي ٿو:

اصل لفظ مان 'ي' ڪيرڻ سان مخفف ملي ٿو". جيئن:

| لفظ | مخفف | لفظ | مخفف |
|---|---|---|---|
| اکيُن | آکِن | دکين | دَکِن |
| مکيُن | مَکِن | سکين | سکن[19] |

حقيقت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صوتي، صرفي ۽ نحوي اصولن ۽ قانونن موجب لفظ جي مخفف روپ ناهڻ لاءِ اهڙو ڪو به قانون ڪونهي، جيئن مصراڻي صاحب فرمايو آهي. پر حقيقت ۾ ڪنهن به لفظ جي مخفف ٿيڻ يعني سسڻ يا گهٽجڻ جي باري ۾ جيڪي اصول ۽ قانون، انهن لفظن جي اڀياس کان پوءِ نظر آيا آهن، اُنهن مان ڪي هن کان اڳ وارن صفحن ۾ بيان ڪيا ويا آهن. پر هت هڪ دفعو وري هيٺ دُهرائڻ مناسب سمجهان ٿو. اُهي اصول هي آهن:

(الف) سنڌي (ادغام) جا اصول ۽ قانون جيڪي لفظن جي مخفف صورتن ناهڻ ۽ اُنهن جي اڀياس ۾ مدد ڪن ٿا.

(ب) روز مره واري ۽ عام گفتگو واري ٻوليءَ جو اڀياس

---

[18] ڏسو: "ديوان طالب المولىٰ، ص 29

[19] ڏسو: "لغات سنڌي مخففات" جو مهاڳ

(ت) شاعريءَ يا نثر ۾ ڪم ايندڙ لفظن، فقرن ۽ جملن ۾ لفظن جو مخفف ٿيڻ.

**(ث) هن لغات جي ٻوليءَ ۾ افاديت:** انهن ئنهي اصولن مان جيتوڻيڪ شاعريءَ يا نثر ۾ ڪم ايندڙ لفظن جو فقرن ۽ جملن يا مصرعن ۾ استعمال، ٽئين نمبر تي ڏنو ويو آهي پر جيئن ته هن لغات جي مصنف، شاعريءَ واري اصول تي پنهنجيءَ هن لغات جو بنياد رکيو آهي، ان ڪري، پهرين اُن اصول جي باري ۾ بحث ڪبو. منهنجي جاچ ۽ مطالعي موجب ۽ پڻ مخدوم صاحب جن جي راءِ موجب، شاعريءَ ۾ چند جي ماترائن يا علم عروض جي وزن جي پورائي ڪرڻ لاءِ مصرعن ۾ ڪي لفظ يا ڪن لفظن ۾ ڪي آواز مخفف ڪرڻا پوندا آهن. هن دعويٰ کي جناب طالب المولى جن پنهنجي ديوان ۾ لکيل پُرمغز مهاڳ ذريعي وڌيڪ صحيح ثابت ڪيو آهي. مخدوم سائينءَ جن لکن ٿا:

> 'اُڇيو'، 'اُڇئو'، 'مُڙيو'، 'مُڙئو'، 'وڌيو'، 'وڌئو'، 'اڳيان'، اڳٿان'، 'لکيو'، لُکئو'، 'کليو'، 'کلئو'، پيو پئو وغيره لفظ اَنهيءَ، اُنهَيَ، لکندو آهيان. 'يَ' تي 'زبر' ڏيڻ سان اصل مطلب ادا ٿئي ٿو ۽ 'همزو' (ء) زائد آهي. 'آهيان'، 'آهيًا'، 'آهيان'، 'هُان'، انهن لفظن جون لکٽيون جدا مگر معنيٰ ساڳي آهي، تنهنڪري ضرورت سارو سواءِ 'هان' ۽ "هِن" جي باقي ٽنهي شڪلين ۾ اهي لفظ استعمال ڪندو آهيان انهن لکٽين ۾ عروض موجب تقطيع (وندوريچ) ۾ آساني ٿئي ٿي"[20].

اڳتي فرمائين ٿا ته:

> 'آئون لفظ 'لَءِ' يا لَئي' بدران 'لِءِ' ڪري لکندو آهيان ۽ اُن کي درست سمجهان ٿو ڇو ته ٻيءَ طرح جي لکٽي تقطيع ۾ غلط ٿيندي، مثال طور :
>
> ملاقات لَئي محب مشتاق جو
> سڪي ساهه وارو ادا ڪج عرض
> (فاضل)
>
> "نه آهي پروسو ڪايه نه مايه تي نه سايا تي
> انهيءَ تصديق لئه غافل وڃي گورو ڪفن ڪان پڇ"[21]
> (انجم)

---

[20] مخدوم محمد زمان طالب المولى، "ديوان طالب المولى"، 1982ع ص ص 16 ۽ 17.

[21] ايضاً

مٿي ڏنل وضاحت. مثالن ۾ هيٺ ڏنل راءِ مان بلڪل واضح ٿئي ٿو تہ مخدوم صاحب جن مخفف روپن جي مفهوم ۾ ڪارج کان 1982ع ۾ چڱيءَ طرح واقف هئا. فرمائين ٿا:

"ڪڏهين ۽ 'جڏهين' جو مخفف (گهٽايل) 'ڪڏهن' ۽ 'جڏهن'
آهي ڪي تہ 'ڪڏ' ۽ 'جڏ' بہ لکندا آهن جي غلط سمجهان ٿو"[22].

اڳتي لکن ٿا تہ:

"لفظ 'آهن' کي 'هن' ۽ آهيان' کي 'هان' بہ ڪري، ڪٽي

چون ۽ لکن ٿا. اهي لفظ سنڌ جي اُترئين حصي جا آهن. جهڙيءَ طرح عربي ۽ فارسي الفاظن جا مخفف آهن تهڙيءَ طرح ڪيترن ئي سنڌي لفظن جا مخفف موجود آهن.
ڪجهہ مثال هي آهن:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| هِنن | هِن | ندين | ندن | اکين | اِکِن |
| تنن | تن | آهِن | هِن | سَمين | سَمِن |
| وَهين | وَهِن | ستين | سَتِن | جنن | چِن |
| شکين | شکِن | آهيان | اَهيان | وسين | وَسِن |
| آهِن | هِن | گهٽين | گهٽن | هُٿايا | هُياها |
| مٿين | مِٿن | هُٿويا | هُيوهو | ڏنگين | ڏنگِن |
| سومار | سومر | چِڏين | چِڏِن | صدين | صَدِن |
| مجين | مجن | ادين | اِدن | چکين | چکن |
| ونين | وَنِن | يارَ | يَر"[23] | | |

طالب الموليٰ سائينءَ جن لکن ٿا:

"مٿيان لفظ شاعريءَ ۾ بغور پڙهڻ سان. آسانيءَ سان سمجهڻ ۾ اچن ٿا. لفظ 'وَهُ'. 'رهُ' بہ آهن. جيئن 'اوهان'، 'توهان' ۽ 'ڳرهاٽي'. پر انهن کي رديف نٿو بنائي سگهجي"[24]. طالب الموليٰ سائينءَ جن جي انهيءَ راءِ کي. شعر جا هيٺيان مثال وڌيڪ وزندار بنائين ٿا. انهن شعرن ۾ لفظن جي مخفف روپن جا مثال ملن ٿا:

---

[22] مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ: ديوان طالب الموليٰ. 1982ع ص 16.
[23] ايضاً ص 17.
[24] ايضاً ص 18.

| پڙهڻ ۾ | لکڻ ۾ |
|---|---|
| وري ادب محفل کا ٿيا او | وري آدابِ محفل کان ٿيا او |
| روشناساهن | روشناس آهن |
| نشيمن کا بي پروا هٿا آوارا | نشيمن کان جي بي پرواهه هٿا آواره |
| هرجائي[25] | هرجائي |

لفظن جي مخفف روپن جا مثال شاهه لطيف جي ڪلام ۾ بہ بيشمار ملن ٿا، مثال طور:

دوس مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين

هن مصرع ۾ 'دوس' لفظ 'دوست' جي مخفف صورت آهي ۽ 'ت' حذف ڪيو ويو آهي. ٻيو بيت آهي:

ٻاروچاڻا ٻار توڙان ترس نہ سکيا.

هن مصرع ۾ 'توڙان' لفظ 'توڙکان' لفظن جو مخفف روپ آهي.

اهڙيءَ طرح ڪڳمار لفظ ڪڙڳ مار جو مخفف آهي.

مرزا قليچ بيگ جي ڪلام ۾ مخففات جا ڪيترائي مثال ملن ٿا، مثلاً:

پنهنجي ڪوچي ۾ ڏسي رات رقيبن مُنکي،
پڻ خبردار ڪيو ڪنهن ڪيو دلدار ڪيو[26]

هن شعر ۾ 'مُنکي' لفظ 'مون کي' جو مخفف روپ آهي.

مير عبدالحسين خان سانگيءَ بہ شاعريءَ ۾ وزن جي پورائيءَ لاءِ ڪن ڪن لفظن جا مخفف روپ ڪم آندا آهن، مثال طور:

نڪا پوک پوکن، نڪو هر هَلي،
تڏهن ٻي سکيا آهن مارو مٺا[27]

هن شعر ۾ 'پوکن' لفظ 'پوکين' جو مخفف روپ آهي.

سانگيءَ جي ڪلام ۾ ٻيا مثال هي آهن:

سدا منهنجا منجهہ ملير،
پپن ۽ گولاڙن مان "ماڻن" مزا،

[25] مرزا سڪندر علي: "سنڌيءَ جو عروض"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1984ع ص ص 67 ۽ 68
[26] عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر: سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1980ع، ص 245
[27] ايضاً

پنهوارن جي آهي پُسيءَ سان پريت،
سگر سيڪي "ڪائن" سانگي سا سد ا[28]

مٿين ٻن شعرن
۾ 'ماٺن' ۽ 'ڪائن' لفظ، 'ماٺين' ۽ 'ڪائين' جا مخفف آهن.
هن قسم واريون خصوصيتون محترم شيخ اياز جي ڪلام ۾ به نظر اچن ٿيون. شيخ صاحب جي ڪلام مان ڪي مثال ڏجن ٿا:

ٻوڙي ٻوڙي تڪجي،
وڻ جي هينيان ٻيٺا سوچن .[29]

هن شعر ۾ 'سوچن' لفظ 'سوچين' لفظ جو مخفّف آهي. شيخ صاحب جي هڪ ٻي مصرع به ملاحظ فرمايو:

اڙي چنڊ اڙي چنڊ پرين تو نہ ڏٺو آ[30]

لفظن جي مخففات جا اهڙا ڪئين مثال محترم شمشير 'الحيدريءَ، تنوير عباسيءَ ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام ۾ به ملن ٿا. نوجوان شاعر اياز گل جي ڪلام مان ڪي مثال ملاحظ فرمايو:

سوچون ساريون هارايل سردار جيان،
خواب پيا ها پيرن ۾ تلوار جيان،
چپ اوهان جا پنهنجا، لفظ پراوا هِن،
يارو! آهيو ڊرامي جي ڪردارن جيان.

هن شعر ۾ 'ها' 'هِن' لفظ مخفّف روپن جا مثال آهن. اياز گل جو هڪ ٻيو شعر مثال طور ڏجي ٿو:

نفرت جنهن جي ٻولي آهي،
منهنجي هٿ ۾ گل سندس لَئہ
هن جي گن ۾ گولي آه ي[31]

هن شعر ۾ 'لَئہ' لفظ مخفف صورت آهي.

شاعريءَ وانگر نثر ۾ به روزمره واري ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ مخفّف ملن ٿا. مثال طور مخدوم صاحب، ديوان

---

[28] عبدالجبار جوڻيجو ڊاڪٽر: سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر، جامشورو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1980ع، ص 245

[29] عبدالجبار جوڻيجو ڊاڪٽر: حوالو ڏنل آهي، ص 245

[30] غلام علي الانا ۽ زيب شيخ: ادبي اوسر، حيدرآباد. زيب ادبي مرڪز 1967ع ص 5

[31] عبرت مخزن، 15 - آڪٽوبر 1990ع، ص 21

طالب المولیٰ جي مهاڳ ۾ لکن ٿا:

”ماڻهن جي تمنائن، تقاضائن ۽ ڪاڏ پيٽ سندن وڙهڻ جا سبب پيدا ڪيا“ [32]

سنڌيءَ وارا قانون ـ مٿي لفظن کي مخفف ڪرڻ يا سسائڻ جا جيڪي مثال شاعريءَ مان ڏنا ويا آهن، انهن جي مخفف ٿيڻ يا سسائڻ واري مطالعي لاءِ سنڌيءَ جا قانون مدد ڪن ٿا. هن ڏس ۾ ’سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس‘ ڪتاب[33] ۾ سنڌيءَ جي اصولن جي باري ۾ تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي، البت اهو قبول ڪرڻ ۾ ڪوبہ عار ڪونہ ٿو سمجهان تہ ان وقت منهنجي ذهن ۾ لفظن جي مخفف صورتن جو تصور بہ ڪونہ هو. هيٺ مثال ڏيئي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم تہ ڪنهن بہ لفظ ۾ ڪنهن آواز جي گهٽجڻ، سسجڻ، گم ٿيڻ يعني ڪنهن لفظ جي مخفف ٿيڻ ۾ ’سنڌيءَ وارا اصول ۽ قانون‘ اثر انداز ٿيندا آهن.

سنڌيءَ جي لغوي معنيٰ آهي ’جوڙ‘، ’ڳنڍ‘ يا ميلاپ‘. انگريزيءَ ۾ اُن عمل کيassimilation چئبو آهي، جڏهن ڪنهن بہ مرتب يا مرڪب لفظ، فقري يا جملي ۾ مثال طور مرتب لفظ جي حالت ۾ بنيادي لفظ سان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ’پروس‘ صرفيہ يا صورتون بنيادي لفظ جي اڳيان يا پٺيان اهڙي نموني ملن يا ڳنڍجن جو پهرئين لفظ يا صرفيہ جو پويون آواز ۽ پوئين لفظ يا صرفيہ جو پهريون آواز هڪ ٻئي تي اثر ڪري هڪ نئين آواز يا صوتيہ ۾ مٽجن يا تبديل ٿين، تہ اهڙي تبديليءَ کي لسانيات ۾ ”سنڌيءَ جي اثر کان تبديلي“ شمار ڪيو ويندو آهي. هن وصف جي مطالعي کان پوءِ جيڪي نتيجا حاصل ٿيا آهن اُهي هي آهن:

(الف) لفظن يا صرفين جي ميلاپ يا جوڙ وارا مرڪب آواز يا آوازن جا ميل، پاڻ ۾ سمائجي يا هڪ ٻئي تي اثر ڪري هڪ نئين آواز ۾ تبديل ٿيندا آهن: مثال طور:

اُت > چارڻ = اُچ + چارڻ > اُچارڻ

ايڪا - ڏش > ايڪا ۔ رهہ > اي + آ - رہ > يارہ

ٻوا - ڏش > ٻا - ڏش > ٻا - رس > ٻارہ > ٻارهن

پنج - ڏش > پند ۔ رهہ > پن - رہ > پندرہ[34]

---

[32] ديوان طالب المولیٰ، ص 1.

[33] غلام علي الانا، ڊاڪٽر: ”سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس“، جام شورو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1987ع ص ص 101_120

[34] ايضاً

شَت + جَن > سَج + جَن > سَجَّن > سجڻ

اهڙيءَ طرح وڌيڪ مثال سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪتاب ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

(ب) ٻن لفظن يا هڪ لفظ ۾ هڪ ٻئي صورت جي ميلاپ جي حالت ۾ پوئين آواز (صوتيا) جي اثر ڪان، پهريون آواز وچان ٿي هڪ نئين ٽئين آواز جو روپ وٺندو آهي: جيئن:

ڌُهہ + ٻل > ڌُر + ٻَل > ڏُٻل > ڏٻرو

نهہ + ڦل > نش + ڦجل > نس ڦل

نهہ + مل > نر + مل > نرمل > نمل

واٽيو + آٽي > واڻ + ياٽي > واچاٽي[35]

(ت) تاريخي ارتقا دوران ڪنهن لفظ ۾ هڪ آواز بدلجي ٻيو آواز ٿي ويندو آهي. هن عمل کي 'تاريخي سنڌي' چئبو آهي. سنڌيءَ جو هي قسم، ٻوليءَ جي ارتقا سان واسطو ٿو رکي، يعني ٻوليءَ جي ارتقا دوران جيئن جيئن ٻوليءَ ۾ ٻيون تبديليون واقع ٿينديون آهن، تيئن تيئن هن قسم واري سنڌي به پنهنجا اثر ظاهر ڪندي آهي. هن قسم واري سنڌيءَ جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته ڪو لفظ، ڪنهن زماني ۾ هڪ خاص نموني سان اُچاريو ويندو هو پر جيئن جيئن ٻوليءَ ۾ ترقي ايندي وئي تيئن تيئن اهڙن لفظن ۾ آوازن ۾ سنڌن گروهن ۾ يا خاندان ۾ فرق ايندو ويو. مثال طور:

(i) ڪن لفظن ۾ تاريخي ارتقا دوران 'ڪ'، 'گهہ' ۽ 'ٿ' آواز بدلجي "هہ" ٿيا. مثال طور:

مُنهن> مُهہ >مک

مينهن> ميهہ >ميگهہ

(ii) تاريخي سنڌيءَ جو هڪ ٻيو قسم اهو آهي جنهن ۾ ٻوليءَ جي ارتقا دوران ڪنهن لفظ ۾ آواز گم يا حذف ٿي ويندا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي موجوده صورت ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ موجود آهن، جن مان تاريخ جي گذرڻ سان گڏوگڏ ڪي آواز يا صوتيہ آهستي آهستي گم ٿي ويا، يا حذف ٿي ويا يا مخفف ٿي ويا. مثال طور:

| | |
|---|---|
| گرام > گام > ڳاؤن | سنيهہ > نيهہ > نينهن |
| پراتا > پرا > پا | سروي > سوي > سيي> سيي |
| ارڌ > اڌ | چرم > چم |
| ارگهہ > اگهہ | ماتر > مات > ماءُ |

[35] غلام علي الانا، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"، ص ص 101_120

ارڪ > اڪ ڪريندي > ڪندي

رسمي > رسي

شادباش > شاباش >شاباس

خوددار > خودار

شاهہ گرد > شاگرد

بادشاهہ > باشا >پاشا[36].

سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي توڙي جديد شاعريءَ ۾ 'ڪرن' 'ڪريندي'، لفظ جي استعمال جا مثال ملن ٿا. مثال طور اسحاق آهنگر جو هي سورٺو ڏسو:

تيان مان جهرڪ، ويهان پرينءَ جي ڇڄ تي،
مانَ ڪَرَن ٻُرڪ، ٻولي ٻاجهاريءَ سين.

شاهہ ڪريم جو دوهو بہ هڪ سٺو مثال آهي:

چندن چور ڪريندي، رتو منهن ڪُهاڙ
سجڻ ڏجڻ نہ تئي، رُسي جي سڱ وا ر[37]

هن سلسلي ۾ سنڌي ماڻهن ۽ شهرن جي نالن جا مخفف روپ بہ ڏاڍا دلچسپ معلوم ٿين ٿا، ۽ اڀياس طرف ڌيان ڇڪائين ٿا. مثال طور:

| اصلوکو لفظ | مخفف روپ | اصلوکو لفظ | مخفف روپ |
|---|---|---|---|
| خدا آباد | خداواد | خدا ڏنو | خدانو |
| الله ڏنو | الانو | الله ڏتو | الله تو |
| غلام محمد | گلاند | نورالدين | نوردين |
| عبدالقادر | ڪادر | غلام علي | گلاملي |
| سائينءَ ڏنو | سائينو | سائينءَ جن | سائيَن |
| سائينءَ جن وٽا | سائين ڏا | مير محمد | مير ند |

لغات سنڌي مخففات ۾ بہ اهڙا ڪيترائي لفظ ڏنا ويا آهن، جيڪي سنڌيءَ جي هن اصول سان واسطو رکن ٿا. مثلاً

---

[36]غلام علي الانا، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس". ڄام شورو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. 1987ع ص ص 101_120

[37]ايضاً

| اصلوڪو لفظ | مخفف روپ | اصلوڪو لفظ | مخفف روپ | اصلوڪو لفظ | مخفف روپ |
|---|---|---|---|---|---|
| اڻ ٻڻت | اڻ ٻڻ | اٺاوت | اُٺت | اوھان | ھان |
| چٽڪ | چٽ | الله تو آھار | الاتوھار/الاتوار | اٺورچ | اورچ |
| ٻلائتو | ٻلاتو | اولاڪو | اولڪو | تندور | تنور |
| ٽونگڙو | ٽونگو | پاڇولو | پاڇو | ڏولچي | ڏولي |
| ڏوھاري | ڏوھي | ڏندرو | ڏندو | ٻيجڙو | ٻيجو |
| راڏائو | راڏو | رانول | راءِ | ڏن پيرو | ڏاني |
| حجت | حج | خورشيد | خور | چاٽپ | چاڻ |
| جاءِ ٻجاءِ | جاٻجا | جڏھانڪر | جڏاڪر/جڏ | جڳت | جڳ |
| پولار | پور | پرين | پر | پڇاٽو | پڇا |
| پانڌيئڙو | پانڌي | پاسرائي | پاسري | راڳائي | راڳي |
| رڪوال | راڪو | روڪڙ | روڪ | آجيان | آجان |
| اٽيئي | ٽئي | چوانٽو | چاٽو | | |

(iii) **تاريخي سنڌيءَ جو هڪ وڏيڪ مثال تاريخي سنجوڳي سنڌي آهي. تاريخي سنجوڳي سنڌيءَ جا** مثال به مخففات واري اڀياس ۾ مدد ڪن ٿا. هن قسم واريءَ سنڌيءَ جي حالت ۾ لفظ ۾ ميل يا جوڙ وارا ڪي به مخفف آواز يا گڏيل آواز پاڻ ۾ سمائجي يا هڪ ٻئي تي اثر ڪري، هڪ نئين آواز ۾ بدليا آهن. تبديل ٿيل نئون آواز ميل وارن آوازن کان بلڪل الڳ ۽ نون گروهن وارن آوازن مان هڪ هوندو آهي.

مثال طور:-

| اصلوڪو لفظ | نئون لفظ | تبديل |
|---|---|---|
| اگر | اڳ | 'گ' ۽ 'ر' پاڻ ۾ سمائجي ۽ بدلجي نئين آواز 'ڳ' جو روپ ورتو آهي. |
| ياگيہ | ياڳ | 'گ' + 'ي' هڪ ٻئي ۾ سمائجي 'ڳ' جي صورت ورتي. |
| ستيہ | سچ | 'ت' + 'ي' هڪ ٻئي ۾ سمائجي 'چ' ۾ تبديل ٿيا آهن. |

| | | |
|---|---|---|
| هتيا | هَچا | 'ت' + 'ي' هڪ ٻئي تي اثر ڪري 'چ' ۾ تبديل ٿيا آهن. |
| ويديہ | ويج | 'د' + 'ي' هڪ ٻئي تي اثر ڪري 'ج' ۾ تبديل ٿيا آهن. |
| هست | هٿ | 'س' + 'ت' هڪ ٻئي تي اثر ڪري 'ٿ' ۾ بدليا آهن. |

(iv) لفظ جي انفرادي طور استعمال ڪان سواءِ اُن جو نحوي سٽاء ۾ استعمال بہ مخفّف روپ جي مطالعي ۾ مدد ڪري ٿو ڇاڪاڻ تہ 'سنڌيءَ جا قانون' نہ فقط انفرادي لفظن جي حالت ۾ اثرانداز آهن پر جملن ڪم آندل لفظن جي روپن تي بہ اهي قانون پنهنجو اثر ڏيکارين ٿا ۽ لفظن کي مخفّف بنائين ٿا. مثال طور:

| | فرق |
|---|---|
| نہ + آهي > ناهي | 'آ' سُر جي اثر ڪان، سندس اڳيان آيل 'آ' سر حذف ٿي ويو. |
| نہ + آهن > ناهن | ايضاً |
| ڇا + آهن > ڇاهِن | هن مثال ۾ 'آهن' لفظ جو 'آ' حذف ڪيو ويو آهي. |
| ڪانہ + آهي > ڪانهي | هن مثال ۾ 'نہ' وارو 'آ' ۽ 'آ' حذف ڪيا ويا. |
| ڪونہ + آهي > ڪونهي | قابل توجهہ نقطو هي آهي تہ هن جملي ۾ ڪونہ لفظ ۾ 'ن' آواز اوسرگ هو جو 'ڪونهي' لفظ ۾ بدلجي وسرگ 'نھ' ٿيو آهي |
| ڪين + آهن 7 ڪِينَهن | اهڙيءَ طرح 'ڪونَهن' ۽ 'ڪينهن' 'نھ' وسرگ آواز آهي. |

ٻيا مثال هي آهن:

ڇا + آهي > ڇاهي؟
ڇا + نہ > آهي > ڇاناهي
ڏنو اٿن > ڏنو ٿن > ڏِنن

| | |
|---|---|
| هُو ڪتاب ڏيندو اٿن | ڪتاب ڏوٿن /ڪتاب ڏيندن ٿڏيندن |
| هن کي چيو اٿن | چيوٿن / هن کي چئن / چئن |
| هُو رلندو وتي | هُو رلندوتي / رلندوتي |
| مان انب کان ٿو | مان ب کان ٿو |
| الله تو آهار | الاتوهار/ الاٿوار |

(vi) اهڙيءَ طرح ضميري پڇاڙين يعني متصل ضميرن جا هن لغات ۾ بيشمار مثال ڏنا ويا آهن، جن جو اڀياس بہ سنڌيءَ جي اصولن جي ڪارج جي روشنيءَ ۾ ڪرڻ گهرجي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ضمير متصل، مخففات واري موضوع جي خصوصيتن جي مطالعي ۾ مدد ڪن ٿا. هن لغات ۾ هيٺيان لفظ ضمير متصل واري موضوع سان واسطو رکن ٿا ۽ انهن جي چند چاڻ بہ اهڙن اصولن ۽ قانون جي مدد سان ڪئي ويندي تہ علم لغات سان دلچسپي رکندڙ ۽ ويا ڪرڻ جا شاگرد، اهڙن لفظن جي صحيح طريقي سان چند چاڻ ڪري سگهندا. هن لغات مان ڪي لفظ چونڊي چند چاڻ لاءِ پيش ڪجن ٿا:

| اصل لفظ | مخفف اصل | لفظ مخفف | اصل لفظ | مخفف | اصل لفظ | مخفف |
|---|---|---|---|---|---|---|
| آياريوم | آياريُم | آناريوم | آناريُم | آچيوم آچيُم | آلاپيوم | آلاپيُم |
| اُٺاريوم | اُٺاريُم | اٽڪايوم | اٽڪايُم | اُڏاريوم اُڏاريم | آهنجايوم | اَهنجايُم |
| ٻڌايوم | ٻڌايُم | ٻاريوم | ٻاريُم | ٻڏايوم ٻُڏايُم | ٽڙايوم | ٽڙايُم |
| ٿيوم | ٿيُم | ڇيوم | ڇيم | پيومُ پيُم | هَنيوم | هَنيُم |
| ڪنيوم | ڪنيم | ماريوم | ماريُم | ڪاڏوم | ڪاڏُم ڪاڏوَ | ڪاڏُءِ |

سنڌي ويا ڪرڻ جي ڄاڻوئن کي اها خبر آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي جملن ۾ ضمير خالص (ضمير متڪلم، ضمير حاضر ۽ ضمير غائب) جي بدران ضمير متصل بہ ڪم آڻيا آهن. ضمير متصل جو اهڙو استعمال مخفف لفظن جي مطالعي ۾ مدد ڪري ٿو. سنڌي زبان ۾ ضمير متصل، جا ٽي ڪارج آهن. مثال طور:

(الف) ملڪيت (اضافت) ڏيکارڻ لاءِ، اسمن يا ضميرن جي پنيان. 'جو' يا 'ٻخار' شامل ڪرڻ يعني ملائڻ ۽ ملڪيت جي معني ظاهر ڪرڻ.

(ب) فعلن سان گڏجي متعدي، متعدي بالواسطہ ۽ بنا بالواسطہ فعلن جو ڪارج يا مفهوم ظاهر ڪرڻ.

(ت) حرف جر طور ڪم اچڻ.

هيٺ انهن ٽنهي ڪارجن جا مثال ڏجن ٿا.

(الف) اُهي متصل ضمير جيڪي اسمن سان ملي، ملڪيت جي معنيٰ ۾ مطلب ظاهر ڪن ٿا:

| ضمير خالص | ضميري پڇاڙيون | | اسم جا مثال (اسم: پٽ) | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | پٽُ | | پٽَ | |
| | واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع |
| متڪلم | ـ م | اُون | پٽُم | پٽُئون | پٽَم | پٽَئون |
| حاضر | ءِ / اي | وَ | پٽُءِ | پٽُوَ | پٽَءِ | پٽَوَ |
| غائب | سِ | نِ | پٽُسِ | پٽُنِ | پٽَسِ | پٽَنِ |

ساڳيءَ طرح متصل ضميرن جو فعل سان ملي، مخفّف روپن جو مطالعو هيٺ ملاحظہ فرمايو.

فعل 'آهي سان' زمان حال ۾ ضمير متصل جو استعمال:

| ضمير خالص | ضميري پڇاڙيون | | | | فعل جا مثال (فعل 'آهي': آهي، آهن) | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع |
| متڪلم | م | اُون | آهيم/اٿم | آهيئون | آهِنم/اٿم | آهينئون/ اٿئون |
| حاضر | ءِ / اي | وَ | آٿءِ | آهيون/ آٿوَ | آهِنءِ/ آٿنءِ | آهِنوَ/ آٿنوَ |
| غائب | سِ | نِ | آهيس/آٿس | آهين/ آٿن | آهِنسِ/ آٿنس | آهيِن/ اٿنِ |

| فعل جو ڌاتو | زمان جي علامت | ضميري پڇاڙيون | فعل جو گردان |
|---|---|---|---|
| لِک | آند+او/اي (مستقبل) | متڪلم: م/س | لکندوم لکندوس > آءٌ لکندس لکنديس/ لکندم |
| | | سين/ سون | لکنداسين >اسين لکنداسين لکنداسون |
| = | حاضر: ءِ/ اين | | لکندين> تون لکندين |
| = | حاضر: وَ/ آ | | لکندئو/ لکندا >توهين لکندا |
| = | غائب: س / ن | | لکندو >لکندا > هو لکندو هُو لکندا |

زمان مستقبل ۾ فعل سان ضمير متصل جي ملائڻ وارو قانون ڏاڍو دلچسپ آهي. 'لکندوم' ۽ 'لکندُم' جي معنيٰ ۾ وڏو فرق آهي. 'لکندم' ۽ 'لکندس' ۾ 'م' ۽ 'س' جو ڪارج ساڳيو ئي آهي. اهڙيءَ طرح 'لکندوءِ' ۽ 'لکندُءِ' جي اُها ساڳي معنيٰ ڪانهي جيڪا 'لکندين' ۽ 'لکندا' جي آهي. اهڙيءَ طرح ضمير غائب جاگردان بہ ويا ڪرڻين جو ڏيان ڇڪائين ٿا.

(ب) متصل ضميرن جو ٻيو ڪارج متعدي، 'متعدي بالواسطہ' ۽ ٻٽن بالواسطہ فعلن جي باري ۾ آهي. هيٺ ڏنل مثالن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ ضمير متصل متعدي، متعدي بالواسطہ ۽ متعدي ٻٽا بالواسطہ فعل ناهڻ ۾ مدد ڪن ٿا. مثال طور:

| فعل جو ڌاتو | متعدي فعل | متعدي بالواسطہ | ٻٽا بالواسطہ |
|---|---|---|---|
| سَڙ۔ | ساڙ | ساڙا ۔ ءِ | ساڙارا ۔ ءِ |
| مَر۔ | مار | مارا ۔ءِ | مارا را۔ ءِ |
| | لِک | لکا۔ءِ | لکارا ۔ ءِ |
| | ڇَوْ | ڇوا ۔ ءِ | ڇوا ۔ ءِ |

اهڙيءَطرح 'ڇَپِيُم'، 'ڇوائِيُم'، 'ڇوارائِيُم'، 'ڇوايومانس'، 'ڇوارايومانس'، 'ڏيکاريم'، 'ڏيکاريومانس'، 'ڏيکارايومانس' ۽ اهڙا ٻيا مثال ڏاڍا دلچسپ آهن. جيڪي هن لغات جي حوالي سان وضاحت طلب آهن. سنڌي وياڪرڻ جي مطالعي وارن موضوعن مان حالتن جا گردان دلچسپ آهن. 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' ڪتاب ۾ حالت اپاران، حالت مڪاني ۽ حالت اوزاريءَ جا مثال ڏيئي اهو بيان ڪيو ويو آهي تہ سنڌيءَ ۾، 'ڀِر'، 'ڪان'، 'مان'، 'ڪئون' ۽ 'مئون' حرف جر آهن. انهن حرف جرن جو ڪنهن اسم جي پويان اچڻ سان، اُن لفظ جو نہ فقط اُچار بدليو آهي پر اُهي حرف جر، اُنهن اسمن يا اسم سان 'مدغم' ٿي گم ٿي وڃن ٿا. اهڙن مخفف لفظن جي اڀياس ڪرڻ سان انهن لفظن ۽ حرفُ جرن جو اصلوڪو روپ بہ سڃاڻڻ ۾ ڪوند ايندو آهي. مثال طور:

| اسم | حرف جر | حالتن جي ڦيري کان پوءِ ورتل روپ |
|---|---|---|
| گهَرُ | کان | گهَرَ کان > گهران > گهرا |
| گهَرُ | مان | گهَرَ مان > گهران > گهرا |
| گهَرُ | کئون | گهَر کئون > گهَرَئون > گهروُن |
| گهَرُ | مَئون | گهَرَ مَئون > گهَرَئون > گهروُن |

انهن مثالن ۾ ’گهرا‘ ۽ ’گهروُن‘ مخفَف صورتون آهن. البت ’گهرئون‘ ۽ ’گهرون‘ اُترادي لهجي ۾ رائج آهن. ’گهرا‘ ۽ اهڙا ٻيا مثال ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام ۾ ملن ٿا.

(ت) اهڙيءَ طرح ’وٽ‘، ’ڪي‘، ’سندو‘ وغيره سان متصل ضمير ملي دلچسپ صورتون اختيار ڪن ٿا. هن لغات ۾ هينيان لفظ هن قسم جي اڀياس جي دعوت ڏين ٿا:

’وَٽُم‘، وٽِئِ‘، ’ڪيُس‘، ’ڪين‘، ’ڪيم‘، ’وٽن‘، ’وٽس‘،

’وٽانئس‘، ’وٽانئن‘، ’سُندم‘ ’سندن‘ ’سندُءِ وغيره.

سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي لهجي ۾ متصل ضميرن جا ڏاڍا دلچسپ مثال ملن ٿا. جيڪي مخفَف صورتن جي لاءِ اهم موضوع آهن[38]

| ضمير خالص | ضميري پڇاڙيون | فعل جا ڌاتو | زمان | معياري لهجي ۾ اُچار | لاڙي لهجي ۾ مخفف اُچار |
|---|---|---|---|---|---|
| متڪلم واحد | آن | ڏس-ڏسانءِ ٿو | حال | آءٌ توکي ڏسان ٿو | ڏسين ٿو >ڏساني ٿو. |
| = جمع | اُن | - | | اسين توکي ڏسون ٿا | >ڏسون ٿي ٿا ڏسونءِ ٿا |
| ضمير حاضر | اين / اين | = | | تون ڏسين / ڏسين ٿو. | ڏسين / ڏسين ٿو. |
| ضمير غائب | اي | | | هو توکي ڏسي ٿو | ڏسني ٿو ڏِسءِ ٿو. |

اهڙيءَ طرح ’چانس ٿو‘ ’چوم ني‘، ’چاني‘ وغيره جا مثال ڏيان ڇڪائين ٿا. پر ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد ڪتاب‘ ۾ هن سلسلي جا ٻيا ڪئين مثال ملن ٿا.

حاصل مطلب تہ هن ساري ڇنڊ ڇاڻ مان هي ثابت ٿو ٿئي تہ قبليٰ مخدوم محمّد زمان طالب المولىٰ جن، هن لغات جي مدد سان سنڌي ٻوليءَ جي لساني مطالعي جي سلسلي ۾ هڪ نئين موضوع طرف ڌيان ڇڪايو آهي ۽ سنڌي لغات جي ڪيتر ۾ هڪ نئين قسم جو اضافو ڪيو آهي. هيءَ لغات، شاعريءَ ۾ لفظن جي مناسب استعمال کان سواءِ روزمره واري ٻوليءَ جي اُچارن ۽ لفظن، فقرن ۽ جملن ۾ انهن جي ڪم اچڻ کان پوءِ اُنهن جي مخفَف صورت يا شڪل وٺڻ واري عمل جي اڀياس ۾ مدد ڪري ٿي.

(ث) جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ سنڌي لسانيات جي مطالعي جي ميدان ۾ هي هڪ اهم موضوع آهي، جنهن تي هن وقت تائين ڪنهن بہ عالم قدم نہ کنيو آهي. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ جي تحقيق بہ ڪافي مدد ڪري ٿي. ڊاڪٽر گدواڻيءَ سسيل روپ جي ڳالهہ ڪئي آهي. هو لکي ٿو:

[38] غلام علي الانا، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد"، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز 1974ع.

”سوڊين جي نالن جو اپياس ڪرڻ سان گهڻين ئي نئين ڳالهين جي ڄاڻ ملي اٿم. پهرين ۽ سڀ کان اهم ڳالهه ته جيئن اسان هندن جي مؤنث نالن ’بائي‘ (راڌابائي)، ’ديوي‘ (هري ديوي) ۽ ڪماري (وجيه ڪماري). نالي جي پڇاڙيءَ ۾ گڏبو آهي. تيئن سوڊين جي نالن ۾ وري ’با‘ ۽ ’ڪؤر‘جوڙين. ’با‘ تي سگهي ٿو ته بائيءَ جو ’سسيل روپ‘ (Abbreviated) هجي. پر ڪؤر ته بلڪل سک ڌرم جي پوئلڳ جي مؤنث نالي پنيان ايندڙ ’ڪؤر‘ آهي. اُچار ۾ ڪو به فرق ڪونهي. لفظ ’ڪؤر‘، ’ڪنور‘ مان نڪتو آهي“[39].

گدواڻي صاحب اڳتي لکي ٿو:

”راجپوت پاڻ کي راجائي خاندان سان ڳنڍيين ٿا ۽ ان ڪري هرڪو پاڻ کي راجڪمار سمجهندو آهي ۽ نالي سان گڏ ’ڪنور‘ لکندو آهي. راجڪمارين. ’ڪنور‘ نالي سان ڳنڍڻ شروع ڪيو ۽ وقت جي دوران ۾ اُن مان نڪائون آواز گم ٿي ويو ۽ پوءِ اهو ’ڪؤر‘ ٿي پيو“[40]

هيءَ لغات گهڻ ـ ڪارج واري لغات آهي. هن ۾ اڪيچار خصوصيتون آهن جن جو اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. هن لغات جي مدد سان لفظن جا ذاتي اُچار اشتقاق، ٻوليءَ ۾ لفظن جي معنيٰ سمجهاڻي ۽ وياڪرڻي ڪارج معلوم ڪري سگهجن ٿا. هن لغات جي مطالعي سان لساني، وياڪرڻي، تهذيبي، تمدني ۽ ثقافتي ڳالهيون، نڪتا ۽ حقيقتون سامهون اچن ٿيون، جن جي چند ڄاڻ کي بنياد بنائي ڪئين ڪتاب لکي سگهجن ٿا.

حقيقت ۾ ’لغات سنڌي مخفّفات‘ جو مطالعو سنڌي ٻوليءَ جي صوتيات، صرف و نحو، سنڌيءَ ٻوليءَ جي تاريخي ارتقا ۽ سنڌي لسانيات جو مطالعو آهي. هي هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن تي وڏيڪ تحقيق لاءِ بنياد رکيو ويو آهي.

عزت مآب مخدوم محمّد زّمان طالب المولىٰ سائين کي هن لغات لکڻ لاءِ آئون سلام ڪريان ٿو. مون وٽ اهڙا لفظ ئي نه آهن جيڪي سندن محنت، قابليت، ذهانت ۽ علميت جي مڃتا لاءِ ڪم آڻيان. کين لکين لکين مبارڪون هجن. محترم احمد خان آصف مصراڻيءَ جي محنت به قابل داد آهي. هن طالب المولىٰ سائينءَ جي گڏ ڪيل لفظن کي چٽڪين ۽ چوپڙين تان اُتاري، اُنهن کي موجوده صورت ڏني آهي. منهنجي دعا آهي ته هن خدمت ۽ محنت جي عيوض ربّ پاڪ مرحوم مصراڻي کي جنت ۾ جاءِ ڏئي ۽ سندس آل اولاد کي سکي ۽ آباد رکي.

سنڌ جو هر فرد هن لغات تي فخر ڪري سگهي ٿو.

(مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي جوڙيل لغت ’لغات سنڌي مخففات‘ ڇپيل 1991ع، تان ورتل)

---

[39] پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر: ”سنڌي ٻوليءَ جي زيارت“، گانڌي نگر، گجرات سنڌي اڪادمي، 1989ع، ص ص 39 ۽ 40

[40] ايضاً

# لاڙ جي بدين واري علائقي ۾ قديم دور ۾ ڪم ايندڙ رسم الخط

1ـ سنڌ جي پراڻي تاريخ جي ورق گردانيءَ مان معلوم ٿو ٿئي تہ لاڙ واريءَ ايراضيءَ جا ماڻهو، سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ کان بہ گھڻو اڳ، يعني راءِ گهراڻي جي راڄ واري زماني ۾، پنهنجن پاڙيسري ملڪن کان سواءِ، ڏورانهن ملڪن سان تجارتي ۽ واپاري ناتا رکندا هئا (قاضي اظهر مبارڪپوري 1965ع: 19 ۽ 20). نہ فقط ايترو پر پروارن ملڪن جا واپاري، جهڙوڪ: بندر عباس، بصري ۽ ايراني نار جي بندرن تان، پنهنجن واهڻن جا سڙهہ ساڄا ڪري نڪرندا هئا ۽ سنڌ جي سامونڊي ۽ دريائي بندرن تي ڏاهو ڪندا، ۽ اڳتي ڪڇ، گجرات ۽ ڪانياواڙ کان بہ هيٺ، ملبار جا ڪنارا، سري لنڪا ۽ چين جي سامونڊي ساحل تي آباد بندرن ۽ واپاري منڊين تائين پهچندا هئا. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾، اسلام جي آمد کان اڳ، هتي جا تاجر ۽ واپاري، خشڪي رستن ذريعي پڻ، ايران، سيستان، بلخ ۽ بخارا تائين، پنهنجا واپاري قافلا ڪاهي ويندا هئا.

انهيءَ اچ وڃ ۽ واپاري ڏي ـ وٺ جو اثر جيئن سنڌ ملڪ جي اقتصادي حالتن تي ٿيو، تيئن هن علائقي جي ثقافت ۽ ٻولي پڻ هن اثر کان بچي ڪانہ سگهي. سنڌي ٻوليءَ ۾، ڪيترن ئي غير ـ ملڪي ٻولين جي لفظن جي ڏي ـ وٺ ٿي. ڪيترائي سنڌي لفظ، فارسي، عربي ۽ ٻين پر وارين زبانن جي لغتن ۾ داخل ٿي ويا، ۽ اهڙيءَ طرح اُنهن زبانن جا هزارين لفظ، سنڌي زبان جي لغت جو حصو بڻجي ويا.

2ـ سنڌي زبان، قديم زماني کان روزمره جي استعمال ۽ وڻج واپار واري ٻولي رهي آهي. عرب سياحن جي سفرنامن ۽ تازين کوجنائن مان ثابت ٿيو آهي تہ سنڌ ۾ عرب حڪومت جي شروع واري زماني ۾، بلڪہ اُن کان بہ گهڻو اڳ، سنڌي زبان، عام ماڻهن جي روزمره واري ۽ تجارت توڙي وڻج واپار واري ٻولي هئي. هيءَ هڪ شاهوڪار ٻولي هئي، ۽ هر دور ۾ ٻين ٻولين کان بہ متاثر رهي آهي، ۽ متاثر رهڻ جي ڪري، هن جي لغت ۾ ڌارين ٻولين جا بيشمار لفظ داخل ٿي ويا، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي.

اسلامي حڪومت جي ابتدائي دور ۾، عربيءَ کي سرڪاري ۽ دفتري ٻولي بڻايو ويو پر تنهن هوندي بہ سنڌي ٻولي، عام ماڻهن، واپارين ۽ عالمن وٽ مقبول هئي. هن دعوي جي دليل لاءِ مسعودي (957ع)، اصطخري، بشاري المقدسي ۽ ٻين عرب سياحن جا سفرناما پڙهي سگهجن ٿا.

عرب سياحن جي سفرنامن ۾، سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ثقافت، سنڌ جي وڻج واپار، سنڌي علم ادب توڙي ٻين خوبين جا لکت ۾ ثبوت ملن ٿا. انهن سفرنامن مان اهو پڻ پتو پوي ٿو تہ سنڌي ٻولي، اُن زماني ۾ بہ باقاعدگيءَ سان لکي ۽ پڙهي ويندي هئي. اُن زماني ۾ حاصل ٿيل مسودن مان اهو پڻ معلوم ٿو ٿئي تہ اُن زماني ۾، سنڌي ٻولي ڪهڙين ڪهڙين لپين ۾ لکي ويندي هئي. هن ڏس ۾ ڀنڀور ۽ برهمڻ آباد جي ڪنڊرن

جي ڪوشش ۾ ماڻ جيڪي نڪريون هٿ آيون آهن. انهن نڪرين تي لکيل اکر، اُن زماني ۾ پڻ پنيور ۾ مروج لکت جي نمونن، عرب سياحن جي اُن دعويٰ کي سچو ثابت ڪيو آهي ته سنڌي زبان سنڌ ۾، عرب حڪومت جي ابتدائي زماني ۾ به هڪ معياري، روزمره واري ۽ وڻج واپار واري ٻولي هئي، جنهن کي پنهنجا ڌار ڌار رسم الخط هئا. نه فقط ايترو پر نڪر جي ٽانون جي حاشين تي اهڙا نشان ۽ چٽ پڻ ڪڍيا ويندا هئا، جيڪي ڌار ڌار اکر يا حرف يا حرفي صورتون معلوم ٿين ٿيون. اهڙن مڙني نشانن ۽ چٽن جي باري ۾ تحقيق ڪرڻ ۽ اُنهن جي باري ۾ ڪا راءِ قائم ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي.

پنيور جي کوٽائيءَ مان حاصل ٿيل لکيل نڪرين تي لکيل اکرن جي جائزي مان، نه فقط لاڙ ۾ رائج لپين جي باري ۾ ڄاڻ ملي ٿي، پر انهن جي ڇنڊڇاڻ سان سنڌي زبان جي لکت جي تاريخ جي باري ۾ پڻ گهڻوئي مواد ملي سگهي ٿو.

3_ هن ڏس ۾ سڀ کان اڳ، ابن نديم (وفات 955ع)، ۽ پوءِ البيرونيءَ (سنڌ ۾ قيام 1017ع کان 1031ع)، سنڌي زبان جي هن گم ٿيل باب تي روشني وجهي، اُن کي منظرعام تي آندو. البيرونيءَ ته سنڌ وارن تي وڏو احسان اهو به ڪيو جو هن پنهنجيءَ تحقيق، 'ڪتاب الهند' ۾، سنڌ ۾ مختلف علمن جي لفظن، جهڙوڪ: علم جاگرافي، علم هئيت، علم نجوم، علم طب، وڻج واپار ۽ روزمره جي زندگيءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظن جون لڙهيون پڻ ڏنيون. اُهي لفظ اڄ به معمولي ڦيرگهير سان، سنڌ ۾ ڪم ايندا رهن ٿا. اُنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪيو ويو آهي.

ابن نديم، سنڌي ٻوليءَ کي، ڌار ڌار قومن جي لپين ۾ بيان ڪيو آهي. هُو لکي ٿو:

"سنڌ جي ماڻهن جون ٻوليون ۽ مذهب مختلف آهن، ۽ رسم الخط متعدد آهن. سنڌ ۾ ويندڙ هڪ سياح مون کي ٻڌايو ته سنڌي ٻوليءَ جا تقريباً 200 رسم الخط آهن. اُن ساڳئي سياح ٻڌايو ته سنڌ جي ماڻهن ۾ عموماً 9 رسم الخط رائج آهن." (ابن نديم، 1962ع، 3 ۽ 4)

هن سلسلي ۾، محقق البيرونيءَ جو بيان وڌيڪ وضاحت وارو آهي. هن جي تصنيف، 'ڪتاب الهند' ۾ جيڪو حوالو ڏنل آهي، سو هيٺ وري دهرائجي ٿو:

"سنڌ جي ڏاکڻئين خطي ۾، سامونڊي ساحل تائين، 'مالو شائو' نالي جيڪو رسم الخط ڪم ايندو آهي، اُن کي 'ملواڙي' به چيو ويندو آهي. ٻهمنوا ۾ 'سئنڌو' رسم الخط ڪم ايندو آهي. 'لاڙي خط'، لاڙ ۾ ڪم ايندو آهي. 'اَرڌناگري' خط، ڀاٽيا ۽ ٻين خطن ۾ گهٽو ڪم آڻبو آهي." (Sachau, E., Dr., 1910: 170)

ابن نديم ۽ البيرونيءَ جي مٿي ڏنل بيانن، انهن دعوائن کي مضبوط ڪيو آهي، جن موجب اهو چيو ويو

هو تہ: "اها راءِ غلط آهي تہ سنڌي زبان، سنڌ ۾ عربن جي حڪومت کان پوءِ ئي موجوده صورت ورتي آهي." پر سياحن جا احوال هن دعويٰ کي مضبوط ڪن ٿا: 'سنڌي زبان، سنڌ ۾ عرب حڪومت کان بہ اڳ، روزمره جي استعمال واري ۽ واپاري ڏي- وٺ لاءِ ڪم ايندڙ هڪ معياري ٻولي هئي جا سنڌ ۾ رهندڙ ڌار ڌار قومن جي ماڻهن، انهن جي ڌار ڌار ڌنڌن،ڌار ڌار طبقي وارن ۽ ڌار ڌار خطن ۾ رهندڙ ماڻهن، پنهنجي پنهنجي حلقي ۽ ماحول ۾ نہ فقط ڳالهائڻ ۾ ڪم تي آندو پر اُن کي ڌار ڌار لپين ۾ لکيو بہ ٿي. معلوم ٿو ٿئي تہ اهي لپيون، ماڻهن سان گڏ، مختلف مرحلا طئي ڪنديون، هر حال ۾ هر حادثي مان گذرنديون، انگريزن جي حڪومت جي ابتدائي زماني تائين (عربي- سنڌي رسم الخط جي نافذ ٿيڻ کان اڳ)، پنهنجن لکندڙن سان گڏ، قائم رهنديون آيون. انهن لپين جا لکندڙ هر زماني ۾ اُنهن کي پاڻ وٽ واپاري بندين وغيره ۾ سانڍيندا ۽ سنڀاليندا آيا. ايتري قدر جو انگريزن جي حڪومت جي شروع واري زماني ۾، انگريز سياحن کي بہ سنڌ ۾ ڪيترائي رسم الخط نظر آيا. اُهي رسم الخط ڌار ڌار قومون ۽ جاتيون، پنهنجن ڌار ڌار ڪرتن ۽ ڌنڌن ۾، پنهنجن خطن ۾ واپاري روزنامچا، هُنڊيون، ڪاٻارا ۽ ٻيجڪ وغيره لکڻ لاءِ ڪم آڻيندا هئا. انهن رسم الخطن جو ذڪر ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، سر گريئرسن ۽ آر- ايف برٽن بہ ڪيو آهي. انهن غيرملڪي ماهرن جي راءِ ۽ ڀنڀور توڙي برهمڻ آباد جي کنڊرن جي کوٽائيءَ مان هٿ آيل ٺڪرين تي لکيل اکر، اهو دليل پيش ڪن ٿا تہ اها لکت، سنڌ ۾ عربن جي حڪومت کان بہ گھڻو اڳ واري دور جي آهي، جنهن لاءِ آرڪيالاجي کاتي جي ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر ايف- اي خان، اها راءِ ڏني هئي تہ:

"اِهي ٺڪريون مقامي آهن ۽ اُنهن تي لکيل اکر، ڪاريءَ ڪلڪ سان لکيل آهن."

ڀنڀور مان هٿ آيل ٺڪرين تي لکيل اکرن کي، ٽالپرن واري دور ۾ رائج اکرن سان جڏهن ڀيٽجي ٿو تہ پوءِ ائين چٽي سگهجي ٿو تہ اُنهن مان ڪي رسم الخط نہ فقط ٽالپرن جي دور ۾ بہ سنڌ ۾ رائج هئا، پر اُهي ڪافي زمانو اڳ، يعني سومرن جي دور ۾ بہ سنڌ ۾ رائج هئا، جن جو ذڪر البيرونيءَ پڻ ڪيو آهي. اُنهن مان لوهاڻڪو رسم الخط هٿ- واڻڪا اکر ۽ خدائي رسم الخط انگريزن جي دور ۾ بہ هلندا هئا. لوهاڻڪي رسم الخط مان 'خواجڪو' ۽ 'ميمڻڪو' رسم الخط ٺاهيا ويا. انهن رسم الخطن جا ثبوت اڄ بہ ملن ٿا.

تحقيق مان اهو بہ پتو پوي ٿو تہ سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ گجرات ۽ پنجاب ۾ رهندڙ خواجہ اسماعيلي جماعت جا ماڻهو مسلمان ٿيڻ کان اڳ، هندو لوهاڻا هوندا هئا. جيڪي پنهنجي روزمره ۽ وڻج واپار واريءَ زندگيءَ ۾، لوهاڻڪو رسم الخط ڪم آڻيندا هئا. انهيءَ ئي رسم الخط کي پوءِ سنواري، سڌاري، اُن ۾ واڌارا ڪري، پير صدرالدين، اُن تي 'خواجڪا اکر' نالو رکيو. جنهن کي 'چاليهہ اکري' بہ چيو ويندو هو اهو رسم الخط، سڄيءَ دنيا ۾ رهندڙ اسماعيلي خواجہ جماعت جا ماڻهو ويهہ کن سال اڳ واري زماني

تائين ڪم آڻيندا هئا. اهڙيءَ طرح جوڻ، فتح باغ، بدين، راهمڪي بازار ۽ ڪن ٻين قديم شهرن ۾ رهندڙ نو مسلم خواجہ توريءَ تبديليءَ سان لاڙي رسم الخط بہ پيا ڪم آڻيندا هئا. انهيءَ لاڙي خط جا ڪي نمونا، جوڻ شهر جي ڦتل دڙن جي اوپر طرف، سيد ڪبيرشاهہ جي درگاهہ واري قبرستان ۾، خواجہ جماعت جي ماڻهن جي قبرن تي اُڪريل ڏسبا هئا. جيڪي هاڻ ڊهي ويا آهن.

4-اڳ ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ ابن نديم، سنڌ ۾ رائج 9 رسم الخطن جو ذڪر ڪيو آهي. ابن نديم پاڻ تہ سنڌ ۾ ڪونہ آيو هو پر جن سياحن کيس اهڙو اطلاع ڏنو هو اُنهن اُهي خط فقط لاڙ ۾ ئي ڏٺا هئا. انگريزن جي حڪومت جي اوائلي دور تائين، سنڌ ۾ ديوناگري لپيءَ مان جوڙيل جيڪي لپيون رائج هيون، اُهي هي هيون:

(i) ٺٽي جي شهر ۾ بہ رسم الخط لکيا ويندا هئا. اُنهن مان هڪ کي 'لوهاڻڪو خط' سڏيو ويندو هو. اهو رسم الخط، لوهاڻا قوم جا ماڻهو استعمال ڪندا هئا. ٻيو رسم الخط، 'ڀاٽيا رسم الخط' هو جيڪو ڀاٽيا قوم جا هندو ڪم آڻيندا هئا.

(ii) <u>لاڙي يا لاڙائي رسم الخط</u>۔ هي رسم الخط، لاڙ جي دريائي بندرن ۽ شهرن، جهڙوڪ: جوڻ، فتح باغ، رڙي، سنڌو بندر ۽ راهمڪي بازار جا واپاري ڪم آڻيندا هئا.

(iii) <u>راڄائي رسم الخط</u>۔ هي رسم الخط، لاڙ جي ساموندي بندرن، ڏبي، ڄاڪي بندر ۽ ميرپورساڪري طرف جا ماڻهو ڪم آڻيندا هئا.

(iv) <u>ميمڻڪو رسم الخط</u>۔ هي رسم الخط ٺٽي ۾ رهندڙ ميمڻ قوم جا ماڻهو ڪم آڻيندا هئا. ميمڻ هتان پوءِ سنڌ جي ڏار ڏار شهرن کان سواءِ ڪاٺياواڙ طرف بہ لڏي ويا.

(v) <u>خواجڪا اکر</u>۔ هن رسم الخط کي چاليهہ اکري بہ چوندا آهن. هيءُ رسم الخط اسماعيلي خواجہ قوم جا ماڻهو ڪم آڻيندا هئا. اهي لوهاڻا قوم مان مسلمان ٿيا هئا.

(vi) <u>ڏاڪڻو لوهاڻڪو رسم الخط</u>۔ هي رسم الخط، موجوده بدين ضلعي جي اڳوڻي چاچڪان سرڪار جي وَنگي، وَلهار ۽ ڪوچي پرڳڻن ۾ ڪم آڻبو هو. پراڻ تي وڏن دريائي بندرن، 'ونگي پتڻ'، 'ٻنگار جي شهر' ۽ 'باغ جي پتڻ' جا رهاڪو، توڙي 'وَلهار' ۽ 'ڪوچي' جا ماڻهو هي رسم الخط ڪم آڻيندا هئا. انهيءَ ڪري هن رسم الخط کي، 'ونگائي رسم الخط' بہ چوندا هئا.

هن مضمون ۾ اسان کي فقط لاڙ تائين ئي محدود رهڻو آهي، نہ تہ وچولي سنڌ ۾، 'خدا آباد' ۾ 'خداوادي رسم الخط'، ڪم ايندو هو. اهڙيءَ طرح شڪارپور ۾ ڪم ايندڙ رسم الخط کي شڪارپوري سکر ۾ ڪم ايندڙا رسم الخط کي، 'ساڪرو' ۽ سيوهڻ ۾ ڪم ايندڙ رسم الخط کي 'سيوهاڻي' رسم الخط سڏيندا هئا.

5- موجوده بدين وارو علائقو مغلن جي دور ۾ ’چاچڪان سرڪار‘ سڏيو ويندو هو. اهو علائقي ’جوڻ‘، ’وَرياهه‘، ’فتح باغ‘، ’ونگ‘، ’ولهار‘، ڪوڇي ۽ بدين محلن ۾ ورهايل هو. انهن محلن يا پرڳڻن مان، ’جوڻ‘، ’فتح باغ‘، ’رڙي‘ ۽ ’بدين‘ ۾ لاڙي رسم الخط رائج هوندو هو ته وري ’ونگي‘، ’ولهار‘، ’ڪوڇي‘ ۽ ’ولاسي‘ ۾، ’ونگائي رسم الخط‘ ڪم ايندو هو.

ونگي، ولهار ۽ ڪوڇي جي طبعي جاگرافيائي ۽ اقتصادي حالتن جو مطالعو ڏاڍو دلچسپ آهي. هي سڄو علائقو پُراڻ درياءَ جي ٻن ڀورن جي دو- آبي جي وچ ۾ آباد هوندو هو جتي سنڌ جا وڏا واڏا دريائي بندر هوندا هئا. انهن بندرن ۾، ’ونگو پتڻ‘، ’باغ جو پتڻ‘، ’ٻنگار جو شهر‘، ’راهمڪي بازار‘، ’علي بندر‘ ۽ ’سنڌڙي بندر‘، آباد ۽ وسندڙ بندر هوندا هئا.

انهن ٻنهي ڀورن مان هاڻ هڪ کي هن وقت ’اُيرنديون پُراڻ‘ ڀورو چوندا آهن ۽ ٻئي کي ’الهنديون پراڻ‘ ڀورو سڏيندا آهن. اهي ٻئي ڀورا، ونگي پتڻ کان هيٺ، ڏکڻ طرف، چنبڙ وٽ گڏبا هئا. اُيرنديون پراڻ ڀورو، ضلعي سانگهڙ ۽ ميرپورخاص کان ايندو ڪنري، فضل ڀنڀري ۽ نئين ڪوٽ کان ڦرندو هاٿوڪي بدين ضلعي جون حدون ڏيکاريندو ونگي پتڻ جي ڀر وٽان لنگهي، ڏکڻ طرف، راهمڪي بازار ڏانهن ويندو هو.

ٻيو ڀورو (الهنديون ڀورو)، ’جُهڏي‘، ’ڏيهي چرڪس اولياءَ‘ جي درگاهه کان ڪجهه پريرو لنگهندو نندي شهر وارا پٽ پسائيندو چنبڙ وٽ، اُيرندي واري ڀوري سان اچي ملندو هو. اهي ٻئي ڀورا هيٺ گڏجي، هڪ وهڪري جي صورت ۾، ’ڪوري ڪاريءَ‘ ۾ چوڙ ڪندا هئا.

انهن ٻنهي ڀورن جي، ننڍين ننڍين حصن جا، ڌار ڌار خطن ۾، ڌار ڌار مقامي نالا هوندا هئا. مثال طور: ’لوهاٽو درياءَ‘ ’وڏو نيرو‘، ’ننڍو نيرو‘، ’سهڻيءَ جو درياءَ‘ ۽ ’بدرو‘ وغيره.

انهن ۽ اهڙن ٻين ڀورن، واهن ۽ درياءَ جي شاخن جي حدن کي سامهون رکي، سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي لهجي کي پڻ، خطي وار محاورن ۽ اُنهن مقامي لهجن ۾ ورهائي، لاڙي لهجي تي وڌي تحقيق ڪري سگهجي ٿي.

حاصل مطلب ته سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جو هي هڪ اهم باب آهي، جنهن تي ڪم ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي.

# ببليوگرافي


## اردو ڪتاب

1- ابن نديم: 1962ع، الفهرست، اردو ترجمہ، هندوستان عربوں کي نظر ميں، جلد دوم، اعظم گڑہ: دارالمصنفين، ص ص 3-4

2- قاضي اطہر مبارکپوري: 1965ع، عرب وہند عہد رسالت ميں، جامع مسجد دہلي: ندوة المصنفين، ص ص 19 اور 20

## English Books

3- Sachau, E., 1960, Alberuni's India, Vol: II, Lahore: p.173

# اولهہ ڀارت، بلوچستان، سرائڪي ٻوليءَ واري خطي ۽ ماڇڪي واري خطي ۾ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب صدين کان قائم آهي

**1 ـ سنڌ کان ٻاهر سنڌي ٻوليءَ جو قيام:**

1 ـ اولهہ ۽ ڏکڻ ـ اولهہ ڀارت جي قديم رياستن ـ ڪڇ، ڪاٺياواڙ (سؤراشٽر)، گجرات، ميواڙ مارواڙ ٻارميڙ جوڌپور، جيسلمير ۽ بيڪانير ـ کان سواءِ، پاڪستان ۾ بلوچستان صوبي جي اولهہ، اوڀر ۽ ڏکڻ ۾ اڳوڻين رياستن ـ لس ٻيلي، مڪران، قلات، جهل مگسي ۽ مڪران کان سواءِ، اُن صوبي جي ڪيتران، ڪڇي ۽ سبي علائقي توڙي پنجاب جي سرائڪي خطي ۽ ماڇڪي واري خطي ۾، صدين کان وٺي موجوده زماني ۾ بہ سنڌي ٻولي، سنڌي ڪلاسيڪي ادب، سنڌي لوڪ ادب، سنڌي لوڪ ڪلا ۽ سنڌي ثقافت جي موجودگي ۽ اثرانداز هجڻ جي سلسلي ۾ ڀارت کان سواءِ، سنڌ ۾ ڇپيل ڪيترن ئي مضمونن، مقالن ۽ ڪتابن ۾ مثالن سان، تفصيلي معلومات ڏني وئي آهي. اهڙيءَ طرح ممبئيءَ مان شايع ٿيندڙ ٽماهي رسالي، سپون جي، جولاءِ ـ آگسٽ ـ سيپٽمبر، 2004ع واري شماري ۾، صفحي 9 کان 14 تائين ڇپيل منهنجي مضمون: 'ڇا، ڀارت مان سنڌي ٻولي ختم ٿي سگهي ٿي؟' کان سواءِ 'سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ'، ماستر محمد سومار جي ڪتاب، 'ڪڇين جا قول' توڙي ڪن ٻين مقالن، مضمونن ۽ ڪتابن جي حوالي سان هن موضوع تي تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي.

دراصل هن موضوع جي باري ۾ سوچڻ ۽ اُن جي جائزي وٺڻ جو ڪارڻ، سنڌي ٻوليءَ جي هڪ وڏي ڀارتواسي شاعر، 'ارجن حاسد' جو اُهو انٽرويو هو جيڪو هن، ڪلڪتي ۾، سنڌي چئنل KTN لاءِ ڏنو هو. ارجن حاسد صاحب، اُن انٽرويو ۾، ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل جي سلسلي ۾ تمام گهڻو نااميد ۽ مايوس نظر پئي آيو. هُن، هن ڳالهہ تي گهڻو زور ڏيندي چيو تہ:

"ڀارت ۾ سنڌي ڀاشا جو ڪوبہ مستقبل ڪونهي."

ارجن حاسد صاحب جي هن راءِ مان مون ائين محسوس ڪيو تہ ارجن حاسد صاحب، شايد سنڌو واديءَ جي قديم تاريخ کي ڄاڻي واڻي نظرانداز ڪيو آهي. نہ تہ سنڌو واديءَ ۾، صدين کان وٺي، ڀارت جي پراڻين رياستن ـ ڪڇ، ڪاٺياواڙ جي رياستن، اولهہ ۽ ڏکڻ ـ اولهہ ۾ گجرات، مارواڙ ميواڙ ٻارميڙ، جوڌپور، جيسلمير ۽ بيڪانير ۾، صدين کان سنڌي قومون آباد آهن. انهن سنڌي قومن، اِنهن رياستن ۾، هزارين سالن کان اڄ ڏينهن تائين، پنهنجي سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ڪلاسيڪي توڙي لوڪ ادب، لوڪ ڪلا ۽ پنهنجيءَ سنڌي ثقافت کي قائم رکيو آهي.

ارجن حاسد صاحب، ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ ۽ وجود، شايد ورهاڱي کان پوءِ واري دور کان ٿو سمجهي، پر دراصل ڀارت جي مٿي ڄاڻايل قديم رياستن ۾ سنڌي تهذيب ۽ تمدن، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جي موجود هجڻ جا ثبوت، سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جي دور جي قديم سنڌ تي حڪومت (449ع - 641ع) واري زماني کان به اڳ ملن ٿا، جيئن 'سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي' ڪتاب ۾ ڏنل ثبوتن مان ظاهر ٿئي ٿو.

## 2- اولهه ۽ ڏکڻ- اولهه ڀارت ۾ سنڌي ٻولي صدين کان موجود رهندي آئي آهي:

1993ع ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي' ڪتاب ۾ هن موضوع تي محققن جي لکيل تحقيقي مواد جي حوالي سان ڀرپور بحث ڪيو ويو آهي. اُن ڪتاب ۾ اهو به ڄاڻايو ويو آهي ته ڀارت جي قديم رياستن- ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ علائقي جي پراڻين رياستن- ڄام نگر، راجڪوٽ، گونڊل، جهوناڳڙهه، هالار مانا وادر ۽ درول وغيره ۾ قديم زماني کان وٺي رهندڙ سنڌي قومن، پنهنجيءَ ٻوليءَ، پنهنجي سنڌي ڪلاسڪي توڙي لوڪ ادب، لوڪ ڪلا، سنڌي تهذيب ۽ ثقافت کي اڄ تائين قائم رکيو آهي. (الانا، غلام علي، 1993ع: 61 -84)

اهڙيءَ طرح راجستان ۽ سنڌ جا مؤرخ لکن ٿا ته راجستان جي اولهه وارين قديم رياستن- ميواڙ مارواڙ ٻارميڙ، جوڌپور، جيسلمير ۽ بيڪانير سان سنڌ جا تمام قديم زماني کان، پراڻا رشتا ۽ ناتا رهيا آهن. انگريزن ته هن سلسلي ۾ وڏو تحقيقي ۽ معلوماتي مواد لکيو هو.

ورهاڱي کان پوءِ ڀارتواسي سنڌي اديبن، ودوانن ۽ محققن به هن ڏس ۾ تمام گهڻو معلوماتي مواد پيش ڪيو آهي. انهن محققن ۾ ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، پروفيسر جهمٽ مل ڀاوناڻيءَ، هيري ٺڪر، جهمو ڇڳاڻيءَ، ڊاڪٽر چيتي لالواڻيءَ، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، پريتم ورياڻيءَ ۽ ڊاڪٽر ڪشني ٿلواڻيءَ، هن سلسلي ۾ معياري ۽ معلوماتي تحقيقي ڪم ڪيو آهي.

اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ رائچند چيلهاري، منگهارام اوجها، ماستر محمد سومار شيخ ۽ امداد علي سرائيءَ جي تحقيق مان به گهڻو ئي مواد ملي ٿو. انهيءَ تحقيقي مواد مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته ڀارت جي مذڪوره قديم رياستن (ڪڇ، اولهه گجرات، ڪاٺياواڙ توڙي اولهه- راجستان جون قديم رياستون، ميواڙ مارواڙ ٻارميڙ، جوڌپور، جيسلمير ۽ بيڪانير) ۾ قديم زماني کان، سنڌي جاتيون آباد آهن. جن پنهنجيءَ سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ڪلاسيڪي توڙي لوڪ ادب، لوڪ ڪلا کي اڄ به سندن روزمره جي سماجي زندگيءَ جو حصو بنايو آهي.

شري جٿرامداس دولترام، 1958ع ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ طرفان، ترتيب ڏنل 'شاهه جي رسالي جي ڇاپي' جي مهاڳ ۾، شاهه سائينءَ جي ڪلام جي ٻوليءَ ۽ سنڌ جي قديم تاريخ کان سواءِ، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جي سلسلي ۾ جيڪي خيال ظاهر ڪيا آهن، تن کي سنڌ ته خير پر شايد ڀارت ۾

۽ سندس پڙهندڙن، غور سان پڙهيو ئي ڪونہ هو يا هاڻ شري جيٺرامداس دولترام جون اُميدن پريون ڳالهيون ۽ سندن چاهنائون ڪين وسري وئيون آهن.

هن مقالي ۾ مون، شري دولترام جي انهن سوچن ۽ ڳالهين کي ورو ڌهرايو آهي تہ جيئن پارتواسي سنڌي ماڻهن کي اهو ياد اچي وڃي تہ ڀارت ۾ سنڌي لوڪ ڪلا ۽ سنڌي ٻوليءَ جو وجود، ورهاڱي کان پوءِ سنڌين جي ڀارت لڏي وڃڻ کان پوءِ واري زماني کان سمجهڻ نہ کپي، پر ڀارت جي مٿي بيان ڪيل قديم رياستن ۾ سنڌي ٻولي، سنڌي تهذيب ۽ تمدن توڙي سنڌي ڪلاسيڪي ۽ لوڪ ادب، صدين کان قائم رهندو آيو آهي.

صرف شاهہ لطيف جي ڪلام جي سلسلي ۾، شاهہ سائينءَ جي ٻوليءَ جي باري ۾ تحقيق ڪرڻ جي سلسلي ۾، شري جيٺرامداس دولترام، محققن کي جيڪي نئيون راهون ڏسيون آهن، اُنهن تي سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر رهندڙ سنڌي اديبن، عالمن، ودوانن، شاعرن، محققن ۽ نقادن کي سوچڻ گهرجي. شري جيٺرامداس دولترام لکي ٿو تہ:

> "ستر هين - ارڙهينءَ صديءَ جي لوڪ ڀاشا، عام خلق جي زنده ٻوليءَ جو املهہ ورثو شاهہ اسان لاءِ ڇڏي ويو آهي. سندس رسالي جي آڌار تي ئي، سنڌي ٻوليءَ جي صورت ۽ نسل نسبت، ٻولين جا اڪثر ماهر، ڪجهہ چٽي ۽ لکي سگهيا آهن. سنڌي صرف نحو (وياڪرڻ) جي صورت بہ گهڻي ڀاڱي شاهہ جي رسالي جي وسيلي چٽي وئي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ لاءِ پڻ شاهہ جو رسالو هڪ خزانو آهي. ان ڪري سچ پچ تہ شاهہ جي هٽن جي هيرن جواهرن جي جڙت کي 'سڌاري' ٻئي ڪنهن چالو ٻول پٽاندر نئين سر گهڙڻ نہ جڳائي. رسالي جا 'ماڻڪ، موتي، لال'، جيئن گهڙي جڙي ڏنا اٿس تيئن ئي قبول ڪرڻ گهرجيئون. سنڌي ٻوليءَ جي وگيانڪ اڀياس لاءِ سندس اتهاس جي پوري ڪهاڻي لکڻ خاطر بہ اهو بلڪل ضروري آهي." (مهاڳ)

(iv) شري جيٺرامداس دولترام جتي شاهہ جي ڪلام جي ٻوليءَ تي کوجنا ڪرڻ تي زور ڏنو آهي، اتي هُن، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي باريڪ نقطن تي پڻ کوجنا ڪرڻ لاءِ پنهنجيءَ خواهش جو اظهار پڻ ڪيو آهي. هُو لکي ٿو:

> "ٻوليءَ جي نقطہ نظر کان، شاهہ جي رسالي جي اڃا بہ اونهي کوج ٿيڻ گهرجي، ڪئپٽن اسٽئڪ، ڊاڪٽر ٽرمپ (Dr. Trumpp)، هوتچند مولچند گربخشاڻي، پيرومل آڏواڻي، محمد صديق ميمڻ ۽ ٻين، شاهہ جي رسالي مان چڱو مال هٿ ڪري، سنڌي ٻوليءَ نسبت گهڻو ئي لکيو آهي، پر اجوڪي وگيانڪ نيمن سان کوج ڪرڻ ۾ اڃا گهڻوئي ڪم پيو

آهي. اها سنڌيءَ لاءِ فخر جي ڳالهه آهي تہ گڏيل هندستان جي سيني ٻولين ۾ پهريائين پهريائين سنڌي ٻوليءَ جي ئي وگيانڪ صورت چٽي وئي. 1872ع ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ (Dr. Trumpp) هڪ جرمن، اهو ڪشالي جو ڪم ڪيو پر اهو زمانو ٻيو هو. اڄ ٻولين جي وگيان (Science of Linguistics) اڳتي وکون وڌايون آهن.

دل جي چاهنا اٿم تہ هندستان ۽ پاڪستان ۾، سنڌي ٻوليءَ جا ڪي نہ ڪي ماهر ميدان ۾ نڪرن جي نون وگيانڪ اصولن پٽاندڙ سنڌي ٻوليءَ جي باريڪ صورت چٽين. جيئن اجڪلهہ ٻين ٻولين جي چٽجي پيئي، ۽ سنڌيءَ جي مصوري اتهاس تي روشني وجهن. جيئن سچو نسل کلي ظاهر ٿئي، ۽ ڪڇ، مڪران، راجستان ڏي سندس وڏڻ ويجهڻ نسبت پوري ڄاڻ پوي."

شري جئرامداس دولترام جي لکيل مذڪوره مهاڳ جي اڀياس مان اها پڪ ٿي ٿئي تہ هُو سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل لاءِ هميشه بااُميد هو. پنهنجي مذڪوره مهاڳ ۾، شاهہ سائينءَ جي رسالي کي سيني سنڌين لاءِ اُميدن جو سهارو بيان ڪنديءَ هن لکيو آهي تہ:

"جيسين سنڌي ٻولي آهي ۽ سنڌي آهن، جيسين ڪين روحاني پياس آهي، ۽ انساني جذبا آهن، جيسين سندن سامهون جيون جي اوکي رڻ پٽ پوڻ آهي، تيسين شاهہ جو رسالو آهي. هي رسالو اسان جن روحاني، اخلاقي، دنيوي، راڄنيتي ۽ سماجڪ مسئلن لاءِ سکيا جو ساگر آهي ۽ رهندو."

2ـ ڀارت ۾، راجستان جي اولهہ واري حصي ۾، مٿي بيان ڪيل اڳواٽين رياستن ۾، سنڌي ٻوليءَ جي موجود هجڻ، ۽ خاص ڪري سنڌي ڪلاسيڪي ۽ لوڪ ساهتيہ ۽ لوڪ ڪلا کي قائم رکڻ ۾ اُن جي واڌاري ۾، اُتي جي ڄتن، چارڻن، چواهڻن، ڀٽن، ڀانن، ڄاجڪن، ميراثين، مڱڻهار لنگهن ۽ ٻين ذاتين جي لوڪ ڪلاڪارن، سگهڙن ۽ شاعرن جو وڏو هٿ رهيو آهي. اُن سلسلي ۾، لسانيات (ڀاشا وگيان) جي ڀارتواسي، سنڌي ماهر، پروفيسر جهمٽ مل ڀاوناڻيءَ جي راءِ ۾:

"ناگر اپڀرنش، قديم دور ۾، ساهتيہ جو ذريعو (وَهاڻ) هئي، جا گجرات، راجستان ۽ اُن جي اولهہ طرف واريءَ ايراضيءَ تي ادبي لحاظ کان چانيل هئي. ڏکڻ ۽ ڏکڻ- اوڀر ۽ سنڌ جي اوڀر واري حصي جا گجرات ۽ راجستان جي اولهہ واريءَ ايراضيءَ سان گهاٽا ۽ گهرا ناتا هجڻ سبب، اُن وقت جا سگهڙ ۽ سياڻا، ٻنهي طرفن ۾ بنا ڪنهن جهل پل جي، پيا ايندا ويندا هئا." (جهمٽ مل ڀاوناڻي، 1956ع: 77)

پروفيسر ياوناڻي اڳتي لکي ٿو:

"اپيرنش مان جدا جدا ديش ڀاشائون، سنڌي، راجستاني، گجراتي ۽ هندي وغيره ڇڇي ڌار ٿيون. اها جدائي، عيسوي يارهينءَ صديءَ ۾ شروع ٿي، پر پوءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻه صديون، سنڌي ۽ اولهه راجستاني لوڪ وهنوار ڀاشا ۾ گهڻو ڦيرو ڪين آيو. حڪومتي ٻوليءَ ۾ برابر گهڻو ڦيرو آيو، پر اُنهيءَ جو لوڪ ڀاشا تي اثر خير ڪو پيو. ڪن سنڌي عالمن، عربي ۽ فارسيءَ ادبي مهارت حاصل ڪئي، پر عام خلق جي ٻولي سنڌي هلندي آئي، جا اُن وقت اولهه راجستانيءَ کان گهڻي علحدي ڪانه هئي. ڪي صديون پوءِ، هاٽوڪيءَ سنڌ جي ڪجهه حصي جو راجستان سان سياسي ۽ سموريءَ سنڌ جو راجستان سان ڀنگتي ناتو هلندو آيو." (جهمٽ مل، ياوناڻي، 1956ع: 77)

انهيءَ سلسلي ۾، ٿرپارڪر جي مشهور تاريخي ودوان، رائچند چيلهاريءَ پنهنجي ڪتاب، تاريخ ريگستان ۾ لکيو تہ:

"ڪڇ ۽ گجرات جي حاڪمن وانگر، راجستان جي راجائن سان، سنڌ جي سوڍن، راٺن ۽ ٻين راجائي ڪل وارن مائٽيون ڪيون. امرڪوٽ جي پرمار راجا، سسوڍ جي ڌيءَ سان، لدوري ۽ پُونگل جي يادونسي منڊم راءِ شادي ڪئي." (رائچند چيلهاري، 1956ع: 72)

چيلهاري صاحب اڳتي لکي ٿو تہ:

ٿرپارڪر جا سوڍا بہ پنهنجون نياڻيون، ڪڇ، مارواڙ ۽ جيسلمير ۾ پرڻائيندا هئا." (رائچند چيلهاري، 1956ع: 77)

3- پارت ۾، راجستان جي اولهہ طرف، ميواڙ مارواڙ ٻارميڙ، جيسلمير ۽ بيڪانير توڙي ڀارت جي ڏکڻ - اوير طرف ڪڇ، گجرات ۽ سؤراشٽر وارا علائقا اهڙا آهن، جتي اڄ بہ سنڌي ٻوليءَ جون اُپڀاشائون ڳالهايون وينديون آهن، ۽ اُتي جي زباني روايتن ۾، سنڌي قصا، ڪهاڻيون، داستان ۽ سنڌي لوڪ گيت پڻ موجود آهن. اها خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ ڀارت ۾ موجود سنڌي ڪلاسيڪي ادب تي تحقيق ڪندڙ ڪن سڄڻن جو ڌيان، هن طرف بہ وڌيو آهي. ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، شري جينت ريلواڻي، ڊاڪٽر ڪشني ڦلواڻي ۽ ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي، سنڌ، ڪڇ، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ توڙي راجستان جي قديم رشتن ۽ ناتن تي ڪافي وقت کان لکندا رهيا آهن.

انهن جي لکيل ڪتابن کان سواءِ سندن مقالا ۽ مضمون، سيون ۽ ڪونج رسالن ۾ ڇپبا رهيا آهن. شري جنت ريلواڻيءَ جو ڪتاب، 'سنڌ - ڪڇ - ڪاٺياواڙ جا سيپتڪ ناتا' اُن سلسلي ۾ هڪ بهترين

ڪتاب آهي. البت ريلواڻي صاحب، هڪ آزاد خيال مؤرخ جي حيثيت ۾ نہ، پر هڪ نظرياتي هندو ودوان جي حيثيت ۾ پنهنجا رايا ڏنا آهن، جيڪي شايد ڪن حلقن ۾ پسند نہ ڪيا وڃن.

اهڙيءَ طرح اجمير ۾ رهندڙ هڪ سنڌي نياڻي ۽ اُتي هنديءَ جي ليڪچرر، ڊاڪٽر شريمتي ڪشني ڦلواڻي ڪيماڻيءَ، اولهہ راجستان ۾ رائج، سنڌي لوڪ ڪلا جي باري ۾ کوجنا ڪري، جوڌپور يونيورسٽيءَ مان، ڊاڪٽر آف فلاسافيءَ جي ڊگري حاصل ڪئي. ڊاڪٽر ڪشني ڦلواڻيءَ جي پيش ڪيل ان ٿيسز جو عنوان آهي: 'راجستان ۾ سنڌي لوڪ ڳائڻا ـ ڳائيندڙ'. اهڙيءَ طرح ٽماهي سپون رسالي جي آڪٽوبر ـ نومبر ۽ ڊسمبر 2008ع واري پرچي ۾، ڊاڪٽر ڪشنيءَ جو هن موضوع جي باري ۾ تحقيقي مقالو پڻ شايع ٿيو هو. پنهنجي اُن مقالي ۾، ڊاڪٽر ڪشني ڦلواڻي لکي ٿي تہ:

"راجستان ۾، سنڌي ڳائڪيءَ جي روايت اوترو ئي قديم آهي جيترو هتي جو سنڌي عوام. ائين تہ لوڪ ساهتيہ جي هر هڪ صنف، مثلاً: لوڪ ڪٿا، لوڪ گيت ۽ لوڪ ناچ وغيره، سموري لوڪ جي ملڪيت هوندي آهي، ۽ اُن کي قائم رکڻ ۾ سموري لوڪ جو يوگدان هوندو آهي. اُن جي پڙهندڙن جو پتو نہ هوندو آهي، جو پيءُ کان پٽ کي، ماءُ کان ڌيءَ کي، سس کان ننهن کي ۽ گهوٽ کان زال تائين، نديءَ وانگر پرواهت ٿيندو رهي ٿو پر راجستان ۾ پيشور ڳائڻن جي مختلف گروپن، هن روايت کي وڌيڪ سگهارو ڪري، جيئرو رکيو آهي، جن ۾ لنگها، مڱڻهار هندو ڍولي، مسلم ڍولي، ميراثي، ڀاپوجيءَ جا ڀوپا، ديو نارائڻ يا بگڙاوتن جا ڀوپا ۽ ماتا جا ڀوپا وغيره عام آهن."

ڊاڪٽر ڪشني ڦلواڻي اڳتي لکي ٿي: ورهاڱي کان اڳ، اولهہ راجستان جو سمورو حصو سنڌ صوبي سان جڙيل هو جنهن کي 'ٿر' (ٿار پرديش) چئجي ٿو. ورهاڱي بعد جيڪو حصو ڀارت جي حد ۾ آيو اُتي سنڌي سنسڪرتي پنهنجي جيئري جاڳندي روپ ۾ قائم آهي." (ڪشني ڦلواڻي، ڊاڪٽر، 2004ع: 31)

ڊاڪٽر ڪشني اڳتي لکي ٿي:

"سنڌ (پاڪستان) جي سرحد سان لڳل راجستان جو اٽڪل 100 کان 125 ڪلوميٽر کيتر جنهن کي 'گهاٽ' (گهٽ) چئجي ٿو اُن ۾ رهندڙاج بہ سنڌي ڀاشا جو استعمال ڪن ٿا. ٿار کيتر جو ٻن ملڪن (هندستان ۽ پاڪستان) ۾ ورهائجي وڃڻ ڪري ڀاشائي حالت ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ آيو آهي.

حقيقت ۾، 'ٿار' جو ريگستاني کيتر، سنڌي ڀاشا جو بنيادي کيتر آهي، ۽ هتان جي ڪڻ ڪڻ ۾ سنڌي سڀيتا، سنسڪرتي ۽ سنگيت جو رنگ رڱيل آهي.' (ڪشني ڦلواڻي، ڊاڪٽر، 2004ع: 31)

ڊاڪٽر ڪشني اڃا بہ اڳتي لکي ٿو:

"سنڌي لوڪ سنسڪرتيءَ جا رکشڪ (بچائيندڙ)، خاص ڪري لنگها ۽ مڱڻهار جاتيءَ جا مسلمان آهن. اِهي راجستان جي اُتر- اولهہ حصي، پارميڙ، جيسلمير، جوڌپور ۽ بيڪانير ۾ آباد آهن. اُنهن جا گهڻائي ڪٽنب، جيسلمير نالي پراڻي رياست ۾ رهندا آيا آهن. سياسي ۽ جاگرافيائي نظر کان اِهي حصا، ڀارت ۽ پاڪستان جي سرحد جو نرماڻ ڪن ٿا. ان ڪري ظاهر آهي تہ هن جاتيءَ جا گهڻا ڪٽنب اڄ بہ ٻنهي ملڪن جي سرحدي کيترن ۾ آباد آهن."

ڊاڪٽر ڪشنيءَ، پنهنجيءَ تحقيق ۾ لوڪ ادب جي انهن صنفن جو بہ ذڪر ڪيو آهي، جيڪي اُنهن لوڪ ڪلاڪارن پنهنجن سينن ۾ سانڍي رکيا آهن. ۽ اڄ بہ اُهي ڪلاڪار لوڪ ڳائڻا، اهي صنفون ڳائيندا آهن.

ڊاڪٽر ڪشني لکي ٿي:

"اهي سڀ لوڪ ڳائڻا، لئہ ۽ سنگيت جا ماهر ۽ سرن جا جادوگر آهن، جيڪي پنهنجي ساٿي ڳائڻ ۽ سازن سان گڏ، جنهن وقت ڳائيندا آهن تہ ٻڌندڙ جو ڀتوئي پاڻي ٻڻجي ويندو آهي. اهي لوڪ ڳائڻا، لوڪ قصا، پريم ڪهاڻيون، بيت، ڏوهيڙا، ڏور، ڪافي، ڪلام ۽ وائي وغيره، سنڌي شعر ۽ سنگيت جا ڪيترائي روپ ڳائيندا آهن."

انهن صنفن کان سواءِ، ڊاڪٽر ڪشنيءَ، اُنهن قصن جا نالا بہ ڄاڻايا آهن، جيڪي اولهہ راجستان جي کيتر ۾، اِهي لوڪ ڳائڻا ڳائي ٻڌائيندا آهن:

"اُنهن قصن ۾ لالي جي ڳالهہ، مورڙو مگر مڇ، دودو چنيسر، رُپو شهزاديءَ بروا بادشاهہ، يوسف زليخا، راجڪماري عائشہ ۽ نہ ڄاڻ ٻيا بہ ڪيترائي قصا.
عمر ڪوٽ جي باري ۾، بارميڙ جي باري ۾ جيسلمير جي باري ۾ ڪيتريون ئي ڳالهيون ٻڌائيندي، سندن ڳائڪيءَ تي خمار ڇانئجي ٿو وڃي. نتيجي طور ڳائڻ سان گڏ ٻڌندڙ بہ بي خود ٿي جهومڻ لڳي ٿو." (ڪشني قلواڻي، 2004ع: 33)

ڊاڪٽر ڪشني، هن خطي ۾ لوڪ فنڪارن جي موجود هجڻ جي قدامت بيان ڪندي لکي ٿي تہ:

"راءِ ڏياچ جي قصي ۾ جنهن چارڻ جي سنگيت جو ذڪر ڪيو ويو آهي، هنن لوڪ ڳائڻ جي پرمپرا، اُن کان بہ پراڻي آهي. اهي نہ ڄاڻ ڪيترين ئي صدين کان راجستان جي اُتر- اولهہ وري ڀاڱي ۾، سنڌي توڙي گجراتي ڀاشا ڳالهائجندڙ کيتر جي ماڻهن جي هردي ۾ وسيل قصا، ڳائيندا رهيا آهن." (ڪشني قلواڻي، 2004ع: 33)

ڊاڪٽر ڪشني اڳتي لکي ٿي:

"اِهي لوڪ ڳائڻا، راڄ ڪوي ڪونہ هئا، پر لوڪ ڪوي ضرور هئا. هو ڳائڻا بہ هئا تہ هنن ۾ ڪوي پرورتي بہ جنم جات ۽ ڪُل جي پرمپرا سان قائم لوڪ ڌُنن ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ پنهنجون سٽون بہ جوڙيندا ويندا هئا.

اڄ بہ سوين سال گذري وڃڻ بعد بہ سنڌين چالو پيڙهيءَ ۾ پڻ، پنهنجي ڀڏنڌڙن ڪي پنهنجي سرن جي جادوءَ سان ٻڌي رکڻ جي سگهہ موجود آهي.

سنڌي لوڪ ساهتيہ جو هيءُ وٽندڙ رومانچڪاري پکش، پڙهڻ يا ٻڌڻ سان سمجهہ ۾ نٿو اچي، اهو تہ پنهنجي شخصي ڪنن ۽ اکين سان ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۾ ئي ضروري آهي."

ڊاڪٽر ڪشنيءَ، پنهنجيءَ تحقيق ۾ اهو بہ ڄاڻايو آهي تہ هن علائقي جي لوڪ فنڪارن، شاهہ لطيف جي ڪلام کان سواءِ، ٻين ڪهڙن ڪهڙن صوفي درويشن ۽ شاعرن جي ڪلام کي بہ پنهنجن سينن ۾ پيڙهي بپيڙهي سلامت رکيو آهي. هُوءَ لکي ٿي:

"شاهہ جي رسالي جا جيڪي بہ سر آهن، اُهي هي اڻ پڙهيل، گائڪيءَ جي روپ ۾ ڳائيندا آهن. سنڌين لاءِ ڪيڏي نہ فخر جي ڳالهہ آهي جو اسان جو شعر، اسان جو سنگيت ۽ اسان جي فيلسوفي، اِهي غريب مسڪين، ڪيترين ئي صدين کان سنڀالي ويٺا آهن. اسان جي هڪ پيڙهي بہ پنهنجي عاليشان ورثي کي سنڀالي نہ سگهي آهي."

ڊاڪٽر ڪشني اڳتي لکي ٿي تہ:

"لوڪ ڳائڻن کي نہ ڄاڻ ڪيترن ئي صوفي شاعرن جو شعر ياد آهي. قاضي قادن، شاهہ عنايت، منٺار فقير، صاحبڏنو فقير فاروقي، سچل سرمست، صادق فقير، عالم خان، ميرو ساوڻ فقير، روحل فقير، مراد فقير ۽ قاسم کان سواءِ بابا بلهي شاهہ جو صوفياڻو ڪلام، لوڪ ڳائڻا ڳائي، محفلون مچائيندا آهن." (ڪشني ٿلواڻي، 2004ع: 33)

ورهاڱي کان پوءِ، سنڌي جاتيءَ جو وڏو تعداد گجرات ۽ اولهہ راجستان ۾ بہ وڃي آباد ٿيو آهي. اُنهن مان ڪيترائي سٺا ۽ ڪامياب اديب، شاعر ۽ محقق بہ پيدا ٿيا آهن. جيئن اڳ ۾ ڊاڪٽر ڪشني ٿلواڻيءَ جي ٿيسز کان سواءِ ٻئي مواد جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح جيسلمير جي هڪ سنڌي رهواسي، پريتم ورياڻيءَ بہ اولهہ راجستان ۾، سنڌي سنسڪرتيءَ جي هڪ وڏي رکپال جي حيثيت ۾ هن، سپون ۽ ٻين رسالن ۾، ڀارت جي سنڌين کي پنهنجي تهذيب کي قائم رکڻ لاءِ اُنهن کي اُڪسائڻ جون ڪوششون ڪيون آهن. شري پريتم ورياڻيءَ، ٽماهي سپون رسالي جي، اپريل – مي – جون، 2006ع واري

پرچي ۾، 'جيسلمير جو تهذيبي اپياس' جي عنوان سان هڪ مضمون لکيو هو. دراصل ورياڻي صاحب جو اهو ساڳيو مضمون، 1987ع ۾ بہ ڇپجي چڪو هو. پنهنجي اُن مضمون ۾ ورياڻي صاحب لکي ٿو تہ:

"جيسلمير جا ماڻهو پاڻ کي سنڌي ڪوئائڻ ۾ فخر وٺندا آهن. سچ پچ تہ ۹ ۶ آهن بہ وشال سنڌ جا لوڪ. ساڳي حالت آهي بار ميڙ، ڪڇ ۽ سؤراشٽر جي ماڻهن جي، پر اسان پنهنجيءَ تنگدليءَ ڪارڻ کين پرائو ڪوٺي، سنڌي جاتيءَ کي ننڍڙو ڇامڙو ڪري ڇڏيو آهي. سنڌي سازيندڙ ڳائڻا ۽ ڪلاڪار سڀ اِنهن پاسن جا آهن." (پريتم ورياڻي، 2006ع: 18)

پريتم ورياڻي صاحب، ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي جاتيءَ ۽ ڀارت جي رياستي سرڪار تي افسوس جو اظهار ڪندي لکي ٿو:

"هر سال، فبروري مهيني ۾ ٽن ڏينهن جو 'مارو ميلو' لڳندو آهي. هي ميلو ٽورسٽ کاتي ۽ انفرميشن ڊپارٽمينٽ جي سهڪار سان لڳندو آهي. هڪ شاهي ميدان (جو لڳ ڀڳ قلعي جي پٺ ۾ آهي) تي، ملهہ، ڪُشتي، ديسي رانديون، اُنن جا ڪسرتي ڪرتب، گهوڙن جي ڊوڙ مردن جي تلواري لڙائي، سنڌن ڪپڙن جي چمڪ ڌمڪ، جدا جدا پڳڙيون ۽ پٽڪا، ڏوتيون ۽ سٿڻيون، چوڙيدار پائجاما، قميصون ۽ ڪُڙتا، هٿيار ۽ ڪرتب، سهڻيون ۽ چمڪندڙ موچڙيون ۽ جتيون، اُنهن تي زريءَ جو ڪم، ڇيلهہ تي ٻڌل پٽا، ڪمر ۾ جلويدار مياڻ ۽ اُن ۾ شمشير (تلوار) ڏسڻ لائق هوندا آهن. اُن کان سواءِ زالن جا گيت، سنگيت، آلاپ، نرتيہ واري سامان سان ڏيکاريا ويندا آهن. ڪڏهن جوڌپور تہ ڪڏهن ٻارميڙ، ڪڏهن جيسلمير تہ ڪڏهن بيڪانير ۽ گجراتي گيت، گربا ۽ نرتيہ.

هي جلويدار گيت ڏسي حيرت ۾ پئجي وياسين. اوچتو پڌرائي ڪيائون تہ هيءَ 'ويسٽرن انڊيا ڪلچر' جو منظر آهي. پر انهن ۾ مون کي 'مراڻي' ۽ 'سنڌي ڪلچر' جا ڪي بہ اسم نظر نہ آيا. ايرڪا ٽي رهي هئي تہ اسين بہ جيڪر پنهنجا نجي پروگرام ٻانيڪارن معرفت پيش ڪرايون. ۽ هرسال، سنڌي ڪلا ۽ ڪلاڪارن کي اوج ڏيون. ۽ اُن لاءِ سنڌي ڊانسن، ڊراما سنگيت ۽ نرتيہ اڪيڊمي کوليون.

هتي هڪ ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ شايد موزون ٿئي سو هيءَ تہ مرڪزي سرڪار جي ڪلچر وڀاڳ طرفان، هر پرانت ۾ 'سانگ ائنڊ ڊراما ڊويزنس' کوليا ويا آهن. سرڪار کي لڳاتار ڏهہ سال لکندا رهياسين تہ سنڌ بارڊر تي اهڙو يونٽ کولجي. پر سرڪار وٽ نہ

ڪن آهن ۽ نہ ئي مَن. اسان وٽ بارگيننگ پاور جو ڪونهي! اسين بہ اگهور ننڌ ۾ آهيون." (پريتم ورياٽي، 2006ع: 17)

شري پريتم ورياٽيءَ جي انهيءَ شڪايت کي، ڊاڪٽر ڪشني ڦلواٽيءَ بہ ورجايو آهي. سندس راءِ آهي تہ: "ڀارت ۾ سرڪاري طور سنڌي سنسڪرتيءَ کي بچائڻ جو سرڪاري طور ڪوبہ منصوبو ڪونهي، صدين کان هر کيتر جي ماڻهن، پنهنجي ڪلچر کي پاڻ ئي بچايو آهي." هن سلسلي ۾، ڊاڪٽر ڪشني مشورو ڏيندي لکي ٿي تہ:

"الهندي راجستان جي 'ٿار کيتر' ۾، مارواڙي ۽ سنڌي ڀاشا جي هڪ وسيع لوڪ گائڪي پرمپرا آهي. مارواڙي لوڪ- گائڪيءَ کي ڦلڻ ڦولڻ جو ڪم، راجستان جا عالم، سرڪاري ۽ خانگي سنستائن جا عملدار پنهنجو پورو سهڪار ڏيئي وڌائين ٿا. ڀارن، وڏن ۽ بزرگ لوڪ ڪلاڪارن لاءِ اسڪالرشپ طئي ڪيل آهي، جڏهن تہ سنڌي ڀاشا جي جيڪا اُيتري وسيع لوڪ روايت آهي، اُن جو ڪو قدردان ڪونهي.

مون پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ سنڌيءَ جا لوڪ ڳائڻا، سنڌي ڪلام، ڪافيون ۽ بيتن جون ڪجهہ سٽون ڳائي، چپ ٿي ويندا هئا ۽ مون کي چوندا هئا تہ اسان ڇا ڪريون؟ سوين گيت ڪلام اسان کي ايندا هئا، پر نہ ڳائڻ ڪري اسان اُهي ڀلجي ويا آهيون. مان چپ چاپ پنهنجي هن وسيع ورثي جي زوال (پتن) کي ڏسندي رهندي هئس. هڪ تہ هن کيتر ۾ جان ولڻ جيترو ڏڪار پوندو آهي، ٻيو تہ سنڌ پاسي وڃڻ جا هنن جا رستا بند ٿي ويا آهن. هندستان جا سنڌي پنهنجي، وراثت کي ڀلجي ويا آهن. هاڻي ويچارا هي مسڪين ماروئڙا، پنهنجي روح رهاڻ هن سنگيت سان ڀيا ڪندا آهن، پر اُها ڪيستائين ڪندا؟

ضرورت آهي سنڌي ڀاشي سنسڪرتيءَ جي لوڪ گيتاتمڪ روپ کي پوريءَ طرح محفوظ رکڻ جي. مان هن منچ تان سيني کي هڪ دفعو وري وينتي ٿي ڪريان. پنهنجي هن وسيع وراثت کي بچائڻ جي، جيڪا اچڻ واريءَ پيڙهيءَ کي راهہ ڏيکاريندي ۽ اچڻ واريون پيڙهيون پنهنجي هيءَ وراثت بچائي، اُن تي ناز ڪنديون." (ڪشني ڦلواٽي، 2004ع: 33)

شروع ۾ عرض ڪري آيو آهيان تہ اولهہ ڀارت جي قديم رياستن ۾ صدين کان پراڻيون سنڌي جاتيون آباد رهنديون اچن. انهن جاتين، پنهنجيءَ ثقافت، رهڻي ڪهڻيءَ، لباس، ڪلاسيڪي ادب، لڳڪ ادب، لوڪ ڪلا ۽ پنهنجي ٻوليءَ کي قائم رکيو آهي. جيتوڻيڪ قديم زماني کان، اُنهن جاتين جي ماڻهن

لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جو بندوبست بنهه ڪيو نہ ويو آهي. البت ورهاڱي کان اڳ. ڪڇ ۾ ڪن ڳوٺن جي مدرسن ۾، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جو بندوبست هوندو هو پر ورهاڱي کان پوءِ اُتي جي حالتن جي هاڻ ڪا بہ خبر ڪانهي.

انهيءَ سلسلي ۾ لطيف سائينءَ جو رسالو هڪ تاريخي ذخيري جي حيثيت رکي ٿو. ڪجهہ سال اڳ مون، شاهہ عبداللطيف ادبي ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ Historical References in Shah Jo Risalo جي عنوان واري مقالي ۾، شاهہ سائينءَ جي رسالي جي حوالي سان، اولهہ ڀارت جي رياستن ۽ اُنهن جي شهرن ۽ اُتي جي حاڪمن جو بہ ذڪر ڪيو هو جن جو احوال شاهہ سائينءَ رسالي ۾ ڌار ڌار سرن ۾ موجود آهي. شاهہ لطيف پنهنجي رسالي ۾، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي ڪن شهرن، گجرات جي جهوناڳڙهہ رياست ۽ اولهہ راجستان جي جيسلمير شهر جي تهذيب جو ذڪر ڪيو آهي. شاهہ سائين اولهہ ڀارت جي ڪڇ، ڪاٺياواڙ اولهہ راجستان ۽ گجرات جي جهوناڳڙهہ شهر کان سواءِ ٻيا بہ ڪيئي ماڳ ۽ مڪان گهميو هو. هن جهوناڳڙهہ جي مشهور تاريخي داستان، 'سورٺ۔ راءِ ڏياچ' کان سواءِ، 'اُڏوڪيهر ۽ هوتل پدمڻي'. 'ڍولا مارو' 'لاکو ۽ اوڏڻ' ۽ ڪن ٻين قصن جا حوالا پڻ پنهنجي رسالي ۾ ڏنا آهن. 'مومل ۽ راڻي' واري سر ۾ مومل، ۽ 'ليلا ۽ چنيسر' واري سر ۾، 'ڪؤنروءَ' کي بہ پيش ڪيو آهي، جيڪا ڪڇ جي رهاڪو هئي. اهڙيءَ طرح لطيف سائينءَ، ڪڇ جي 'ڪارا ڏونگر'، 'دوارڪا' جي مندرن کان سواءِ، هالار ۽ جيسلمير جي تهذيب ۽ ثقافت ۽ جيسلميرياڻين جي ڪردار جي نقش نگاري بہ ڪئي آهي. فرمايو اٿن:

تن جيسلمير ياڻين جَس، جي لي الله ڪارڻ لَنديون.

اهڙيءَ طرح جيسلمير کان مومل جي ماڳ. لُڊاڻي تائين پهچڻ ۽ رسالي ۾ سر مومل راڻي ۾ لُڊاڻي جي محلن ۽ ماڙين کان سواءِ، مومل توڙي ٻين سوڍين جي سونهن جي تصوير چٽي اٿس. انهن ماڙين جو ذڪر. موجوده دور ۾، ڀاءُ پريتم ورياڻيءَ بہ پنهنجي مقالي ۾ ڪيو آهي.

مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ مومل جو ماڳ لُڊاڻو جيسلمير جي بلڪل ويجهو آهي. اهڙيءَ طرح 'ڍولا مارو' جو قصو بہ انهيءَ طرف جو آهي. لطيف سائينءَ جي سورمي، 'ليلا' بہ ڪڇ جي هئي تہ وري 'ڪؤنرو' بہ ڪڇ جي هئي. ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ لطيف شناس، شاهہ جي رسالي جي حوالي سان، ڪڇ، گجرات ۽ جيسلمير جي رومانوي داستانن تي تحقيق ڪن. جيتوڻيڪ ديوان جينت ريلواڻيءَ هن سلسلي ۾ تمام سٺي تحقيق ڪئي آهي. پر ريلواڻي صاحب جي تحقيق، يڪطرفي سوچ ۽ نظريات جو حصو بڻجي وَئي آهي.

### 3. ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ وارن علائقن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو موجوده زماني ۾ وجود:

I-اڳ ۾ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي رياستن ۾ سنڌي ٻوليءَ، سنڌي تهذيب ۽ ثقافت، ۽ سنڌي ڪلاسيڪي توڙي لوڪ ادب ۽ لوڪ ڪلا جي، صدين کان وٺي موجوده وقت ۾ به قائم هجڻ جي باري ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. ڀارت جي انهن علائقن ۾، قديم زماني کان وٺي، سنڌي ٻوليءَ، سنڌي تهذيب ۽ ثقافت ۽ سنڌي ڪلاسيڪيءَ توڙي لوڪ ادب جي حوالي سان ذڪر، 'سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي' ڪتاب ۾ حوالن سان، تفصيلي طور ڪيو ويو آهي.

مطالعي مان اهو به معلوم ٿو ٿئي ته سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ جي رياستن ۽ اولهه راجستان جي پراڻين رياستن جا لاڳاپا، عيسوي سن کان به ڪافي آڳاٽا رهيا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ ايٽڪن، پنهنجي ترتيب ڏنل سنڌ گزيٽيئر (1907ع) ۾ لکي ٿو:

> "ڪڇ جو رڻ، سنڌ، ڪڇ ۽ گجرات (ڀارت) جي ڏکڻ ۽ ڏکڻ- اوڀر جي سرحد آهي، جا سمنڊ تائين پکڙيل آهي. اڄ ڪلهه اهو خطو ڪلر ٻڌجي ويو آهي، پر سڪندراعظم جي هن خطي ۾ اچڻ واري زماني ۾ اهو خطو هڪ نار جي شڪل ۾ هوندو هو. اُن نار ۾ سنڌو درياءَ جي 'پراڻ شاخ'، 'ڪوري ڪاريءَ' ذريعي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. ڪوري ڪاريءَ تي، سنڌ ۾ 'علي بندر' 'راهمڪي بازار' ۽ 'سنڌڙي بندر' آباد بندر هوندا هئا. انهن بندرن، ڪڇ جي ترقيءَ ۽ آباد هجڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ٿي ڪيو.
>
> ڪوري ڪاريءَ وسيلي، سنڌ جو ڪڇ ذريعي، ڏيساور سان واپار هلندو هو. سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ ۾ ماڻهن، مال ۽ واپارين جي اچ وڃ ٿيندي هئي." (Aitken,E., 1907: 9)

ٻئي طرف، قديم سنڌ جي ڏکڻ- اولهه طرف، موجوده ڄاتي تعلقي ۾ پراڻو گونگڙو ڦاٽ، سير ڪاريءَ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. اُن زماني ۾ سير ڪاريءَ تي 'سنڌو بندر' ۽ ٿَل ڪاريءَ تي 'شاهه بندر' اُن وقت جا وڏا واپاري بندر هوندا هئا. (Aitken. E., 1907: 9)

مطالعي مان اهو به معلوم ٿو ٿئي ته سنڌ ۽ ڪڇ جا سياسي ناتا ڪافي قديم آهن. راءِ گهراڻي جي حڪومت واري زماني (499ع- 641ع) ۾ سنڌ جي حڪومت جون سرحدون، اوڀر ۾ ڪنوج تائين ۽ ڏکڻ- اوڀر ۾ گجرات جي سورت بندر تائين هونديون هيون." (مولائي شيدائي، 1957ع: 122 ۽ 132) جڏهن برهمڻ گهراڻي جي دور ۾ (641ع- 712ع)، عربن سن 93هه/ 712ع، سنڌ ملڪ فتح ڪيو تڏهن ڪيترائي لوهاڻا ۽ ٻيون هندو ذاتيون، سنڌ ڇڏي، پير وارين هندو رياستن سان گڏ ڪڇ طرف لڏي وڃي آباد ٿيون. (Thadhani, T.S., 1948: 166) اهڙيءَ طرح سومرن جي حڪومت جي پهرئين دور (1051ع- 1351ع) ۾ سومرن جي چوٿين

حاڪم، 'سنگهار پٽ دودي اول جي حڪومت وارن ڏينهن ۾، ڪڇ کان وني هالا ڪنڊيءَ وارو سڄو ملڪ، سومرن جي حڪومت جي تابع هو(علي شير قانع، 1957ع: 88)

اهڙيءَ طرح، سمن جي حڪومت واري زماني (1351ع_ 1521ع) ۾ بہ ڪڇ ۽ ڪانياواڙ وارا علائقا، سمن جي حڪومت ۾ شامل هئا. انهيءَ ڪري بہ اُن زماني ۾ ڪيتريون ئي سنڌي قومون، سنڌ مان لڏي، ڪڇ، گجرات ۽ ڪانياواڙ جي ڪن رياستن ۾ وڃي آباد ٿيون. ساڳيءَ طرح، انهن علائقن مان ڪيترائي قبيلا لڏي، سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا. ايتري قدر جو پارت جي ورهاڱي واري زماني تائين سنڌ جي ڪيترن ئي قبيلن جا سردار ۽ چڱا مڙس، ڪڇ ۾ رهندا هئا، ۽ ڪڇ ۽ ڪانياواڙ ۾ رهندڙ ڪيترين ئي جاتين جا سردار ۽ چڱا مڙس، سنڌ ۾ رهندا هئا. (الانا، غلام علي، 1993ع: 28)

ورهاڱي کان پوءِ، سنڌ جي سرحد بند ٿي وڃڻ ڪري، هُن طرف کان اينڊڙيا هِن طرف کان سرحد پار وڃڻ لاءِ ماڻهن جي، هر قسم جي اچ ـ وڃ جو سلسلو بند ٿي ويو پر انهيءَ هوندي بہ سنڌ واريءَ سرحد جي هُن پار وارن علائقن، يعني اولهہ راجستان جيسلمير ۽ بيڪانير کان سواءِ ڪڇ، گجرات ۽ ڪانياواڙ جي رياستن ۾ صدين کان رهندڙ سنڌي قومن، پنهنجي ٻوليءَ، پنهنجيءَ ثقافت، ڪلاسيڪي لوڪ ادب ۽ لوڪ ڪلا جي ڏار ڏار پهلوئن کي اڄ ڏينهن تائين پاڻ وٽ قائم ۽ دائم رکيو آهي. ايتري قدر جو هن وقت بہ سنڌ جي وڏي صوفي شاعر، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جا وڏا وڏا ڄاڻو بہ ڪڇ، ڪانياواڙ جي ڪن رياستن ۽ جيسلمير ۾ ملن ٿا.

تحقيق مان اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ ڪڇ ۾، سنڌي ٻوليءَ جا وڏا شاعر بہ ٿي گذريا آهن، جن مان ڪيترن ئي جا نالا ماستر محمد سومار شيخ جي ڪتاب: 'ڪڇين جا قول' کان سواءِ منهنجي ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ' ۾ ڏنا ويا آهن.

2- ڀارت جو سنڌي ڀاشا وگيان جو هڪ وڏو ماهر، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، ڪڇ جي خطي جو هڪ وڏو عاشق هوندو هو. پوني يونيورسٽيءَ ۾، ملازمت واري زماني ۾، گرميءَ جي وئڪيشن وارا ڏينهن، هو ڪڇ ضلعي جي، ٻنيءَ واري خطي ۾ گذاريندو هو. پوءِ تہ اُتي ئي پنهنجو گهرڙو بہ اڏايو هئائين، ۽ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ، پنهنجي حياتيءَ جو وڏو حصو ڪڇ جي ٻنيءَ واري ڪيمپ ۾ ئي گذاريائين.

ڊاڪٽر گدواڻيءَ، ڪڇ جي مختلف موضوعن تي ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ چار ڪتاب بہ لکيا. هن سلسلي ۾، پنهنجي لکيل هڪ ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي زيارت' ۾، ڪڇ واري پنهنجي پهرئين سفر کي هو 'سنڌي ٻولي ۽ ڪلچر جي زيارت' ٿو ڪوٺي. هو لکي ٿو تہ:

> "ها! اها منهنجي، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ڪلچر جي زيارت هئي. هر دفعي ٻنيءَ ۽ ڪڇ ۾، ٻوليائي اڀياس لاءِ ويندو آهيان تہ اُن دوري کي، سنڌي ٻوليءَ ۽ ڪلچر جي زيارت ئي

سمجهندو آهيان. چوتہ ٻنيءَ جو علائقو، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ڪلچر جي انيڪ پهلوئن کي ساهہ سان سانڍي ويٺو آهي.

ٻنيءَ جي سنڌين، انيڪ ڪشٽ ۽ ڪشالا سهندي بہ سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکيو آهي. انهن سببن جي ڪري اُتي وڃڻ، اُتان جي ٻوليءَ جو اڀياس ڪرڻ ۽ اُتان جي ڪلچر جي مزو ماڻڻ، ڪنهن بہ درگاهہ تي وڃي سجدي ڪرڻ کان گهٽ ڪونہ آهي. يا ڪنهن تيرٿ آستان تي وڃي، اُتي مندر ۾ مورتيءَ اڳيان متو ٽيڪڻ کان گهٽ ڪونہ آهي.

هر دفعي پنهنجيءَ سنڌي امڙ جو نئون ۽ نرالو روپ ڏسندو آهيان. ۽ اُن جي ٻوليائي قسمن (varieties) جو اڀياس ڪري، پنهنجيءَ سنڌڙي امڙ جي شاهوڪاريءَ اڳيان سجدو ڪندو آهيان. ۽ اُن جي شاهوڪار ڪلچر اڳيان متو ٽيڪندو آهيان.“ (پرسو گدواڻي، 1989ع: 1_2)

ڪڇ ۾ صدين کان ڪيترين ئي هندو ۽ مسلمان، سنڌي قومون آباد آهن. جن صدين کان سنڌي ٻوليءَ، ڪلاسيڪي ۽ لوڪ سنڌي ادب ۽ سنڌي لوڪ ڪلا کي قائم رکيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، پنهنجي ساڳئي ڪتاب: ’سنڌي ٻوليءَ جي زيارت‘ ۾ لکي ٿو تہ:

”هن وقت تائين جيڪي بہ مقالا يا پي. ايچ. ڊيءَ جون ٿيسزون ڇپيون آهن، اُنهن ۾ ڪنهن بہ ڄتن، سمن، سومرن، سوڍن ۽ ڪنيرن وغيره جي ٻوليءَ جي ڪنهن بہ پهلوءَ جو اڀياس ڪونہ ڪيو آهي. نہ فقط ايترو پر رچناتمڪ ساهت ۾ پڻ فقط لڏي آيل هندن جا ئي بيان آهن. ڪٿي بہ قديم دور کان ڀارت ۾ رهندڙ ڄتن، سمن، سومرن، ٿيٻن، ڪُنيرن، مڱڻهارن، سوڍن ۽ مينگهواڙن جي نہ زندگيءَ جا بيان ڪيا آهن ۽ نہ ئي اُهي ڪردار ڀارت جي سنڌي ساهت ۾ ملن ٿا، پر سنڌ ۾ ڇپيل ساهت ۾ بہ ائين نہ آهي.“ (پرسو گدواڻي، 1989ع: 2)

ڊاڪٽر گدواڻي، ڪڇ ۾، سنڌي لوڪ ساهت ۽ لوڪ سنگيت جي صدين کان زنده هجڻ جي باري ۾ دليل ڏيندي لکي ٿو تہ:

”ڪجھ سال اڳ جڏهن بہ سنڌي لوڪ ساهت جي ڳالهہ نڪرندي هئي تڏهن ائين چوٽو پوندو هو تہ سنڌي لوڪ ادب فقط ڪن ڀڏن وٽ، سنڌن بستين ۾ وڃي بچيو آهي، بچيو ڇا آهي، بلڪ پوين پساهن ۾ آهي، پر اڄ اِهو سچ نہ آهي. اسان جا سنڌي ڳوٺ، لوڪ ادب جا خزانا آهن. لوڪ سنگيت جا پڻ خزانا آهن. لوڪ ساز ۽ لوڪ ڌنون اڄ بہ اسين ڀارت جي ڀُونءِ تي ئي ٻڌي سگهون ٿا. نڙ، چنگ، بوڙيندو، بينون ۽ مرلي وغيره سڀ ساز اڄ بہ ٻنيءَ ۾ جيئن

جو تيئن زنده آهن. اهوئي سبب آهي جو پارت سرڪار جي سهڪاري جيڪو پهريون 'فوڪ لور' (فوڪ لور ۾ فقط ادب نہ ايندو آهي، پر لوڪ فن بہ اچي ويندو آهي) تي ورڪشاپ ٿيو هو اهو ڪنهن سنڌي بستيءَ ۾ ڪونہ ٿيو هو پر اُهو ڪڇ جي 'ندونا' ڳوٺ ۾ ٿي ٿيو هو. اهو ڳوٺ بنيءَ جي ڪناري تي آهي ۽ جتي سنڌ جون جهونيون ذاتيون اڄ بہ سنڌي ڪلچر کي زنده رکڻ لاءِ پنهنجن ويهن ٿي ننهن جو زور لڳائي رهيون آهن. اهو ورڪشاپ 1987ع ۾ ٿيو هو. ڪجهہ سال اڳ شايد اهو ناشدني مجيو وڃي ها. اهو ورڪشاپ بہ ڪيترن ٿي ياڳ وئندڙن لاءِ زيارت ٿي هو." (پرسو گدواڻي، 1989ع: 3 ۽ 4)

پنهنجي ساڳئي ڪتاب ۾، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ:

"لوڪ ساهتيہ جي ڦهلاءَ ۾ وڏي هٿي، پٽن، پانن، ڪٽڪن، چارڻن ۽ پڳتن ڏني آهي. جڏهن اخبارون ڪونہ هيون ۽ سفر جا وسيلا بہ محدود هئا، تڏهن اهي سڀ پٽ ۽ پڳت ئي هوندا هئا جي ديسان ديس رلن ڪندا وتندا هئا، ۽ هتان جون خبرون ڪٺي هُت پهچائيندا هئا. خشڪ نموني خبر چار نہ ڏيندا هئا، پر ڳوتا ۽ ڪهاڻيءَ جي روپ ۾." (پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر، 1989ع: 88)

ڊاڪٽر گدواڻي، ساڳئي سلسلي ۾ اڳتي لکي ٿو:

"اِهي هتي هند ۾، لوڪ ساهتيہ ۾ لوڪ سنسڪرتيءَ کي پنهنجي اصلوڪي روپ ۾ رکيو ويٺا آهن. سوڍا، سومرا، سما، متوا، جتُ ۽ ٻيون سنڌي ذاتيون، هن وقت ڪڇ جي بنيءَ واريءَ ايراضيءَ ۾ ڪن ٻين دور دراز ڳوٺن ۾ رهن ٿيون. انهن جي محفل رات جو مچندي آهي، ۽ پڳت بدران شاهہ لطيف، چڱي جت، سانوڻ فقير ۽ ٻين مڪاني شاعرن جي بيتن، ڏوهيڙن، واين ۽ ڪافين سان رات رنگين ٿي ويندي آهي. وري جو اُن محفل ۾ سنڌي سگهڙ، ڏِئون، ڏور هنر ۽ ڳجهارتون ڏيندا، وئندا ۽ سليندا آهن، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي جهونن لفظن جي پلٽ پلٽان ڪندا آهن. اهي ڳالهيون نہ رڳو اُن محفل کي چار چنڊ لڳائينديون آهن ۽ محفل ۾ شريڪ ٿيندڙن کي وندر ۽ وروندهن ڏينديون آهن، پر اُن ڳالهہ جو ثبوت بہ ڏينديون آهن تہ سنڌي لوڪ ساهتيہ ۽ سنڌي سنسڪرتي جڳان جڳ ٻيئي جيئي." (پرسو گدواڻي، 1989ع: 88)

3- ڪڇ جي باري ۾ تحقيق جي حوالي سان ٻيو محقق ڊاڪٽر جينو لالواڻي آهي. هن صاحب، 'بنيءَ جو لوڪ ادب' جي عنوان سان 1992ع ۾، پي. ايڇ. ڊي ڊگريءَ لاءِ، ٿيسز پيش ڪئي هئي. هيءَ ٿيسز

اُن ئي سال (1992ع) شايع بہ ٿي. اُن ڪتاب جو مهاڳ، شري ليلارام رچنداڻيءَ لکيو هو. شري رچنداڻي، اُن مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ:

"هن ڪتاب ۾ جيئني جو ڪيتر محدود رهيو آهي. رڳو ڪڇ ضلعي جي هڪ ننڍيءَ ايراضيءَ تائين جنهن کي 'بني' چيو ويندو آهي. ۽ جنهن ايراضيءَ ۾ سنڌي جاتي، صدين کان وٺي رهندي پيئي اچي. وري بني ايراضي ڪا گهڻ اهم بہ ڪانهي. ملڪ جي برک مخزنن ۾ اُن جو احوال اچي چڪو آهي." (ليلارام رچنداڻي مهاڳ، 1992ع: 3 ۽ 4)

شري ليلارام رچنداڻي، ڪڇ جي بني علائقي جو وڏيڪ ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"بني، ڪڇ جو اُهو علائقو آهي، جتي اڄ بہ اصلوڪيون سنڌي قومون رهن ٿيون. بني، چاليهن ڳوٺن وارو ايشيا جو وڏي ۾ وڏو چراگاهہ وارو علائقو آهي، جتي اڄ بہ سنڌي ٻولي، سنڌي سنسڪرتي ۽ سنڌي لوڪ ادب قائم آهي."

شري رچنداڻي اڳتي لکي ٿو:

"'بنيءَ جو سنڌي لوڪ ادب' نالي هن ڪتاب ۾، بنيءَ جي سنڌي لوڪ ادب جي جدا جدا صنفن جي مواد کي ڪٿو ڪري پيش ڪيو ويو آهي. هن لوڪ ادب ۾، سنڌي ٻوليءَ جي جدا جدا اُپڀاشائن، سوڍڪي، جتڪي، ڪڇي، ڍاٽڪي ۽ ٿريءَ جا لفظ، جيئن جو تيئن ڏنا ويا آهن." (ليلارام رچنداڻي، 1992ع: 9)

ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ، ڪڇ جي بني خطي ۾ رهندڙ ڪيترين ئي هندو ۽ مسلمان سنڌي قومن جو ذڪر ڪيو آهي. اُنهن قومن ۾، ڄت، هتوا، نوڙي، هگورجا، سوڍا، ڀانوٽالي، ڪولهي، نوٽيار، جوڻيجا، سما، سومرا، ريباڙي، ٻني، هالي پوتڙا، لوهاڻا ۽ مينگهواڙ وغيره قومون، جدا جدا ڳوٺن ۾ رهن ٿيون. اهي سڀ قومون پاڻ کي سنڌي سڏائينديون آهن. اهي قومون، سنڌي ٻولي ڳالهائينديون آهن. منجهن ڪيترين ئي سنڌي رسمون اڄ بہ قائم آهن. پهراڻ ڪاڌ خوراڪ، رهڻي ڪهڻيءَ ۾ اُهي سنڌي ئي آهن. سنڌي سنگيت ۽ سنڌي ڪچهريءَ جو لطف، بنيءَ جي ڳوٺن ۾ ماڻي سگهجي ٿو. بنيءَ جي سگهڙن وٽ اڄ بہ سنڌي لوڪ ادب ۽ سنڌي لوڪ گيتن جا قيمتي انبار پيا پيا آهن. جن کي هُو وقت بوقت ڪچهرين ۾ پيش ڪندا آهن. (جيٺو لالواڻي، 1992ع: 25)

ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي، بنيءَ جي سنڌي لوڪ گيتن جي باري ۾ اڳتي لکي ٿو:

"بنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت، هن علائقي جي ماحول ۽ سماجڪ جيون جي عڪاسي ڪن ٿا. گيت، لئہ، رس، تال ۽ ڀاو سان ڀريل آهن. جيڪي ٻڌڻ واري جي دل ۽ دماغ تي

چائنجي وچن ٿا. ٻنيءَ جي گيتن ۾ گونا گونيت پڻ آهي ته خوشيءَ جي گيتن ۾ نصيحتون لاڳاپيل آهن." (چينو لالواڻي، 1992ع: 26)

'ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت' واري عنوان تي، ڀارت جي هڪ ٻئي وڏي سنڌي ودوان، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ٽماهي رسالي، سپون جي جنوري- فبروري ۽ مارچ 2004ع واري شماري ۾، ڊاڪٽر چيني لالواڻيءَ جي مذڪوره تحقيق جي حوالي سان رايو ڏنو آهي. ڊاڪٽر چيني لالواڻي صاحب، پنهنجيءَ ساڳيءَ تحقيق ۾، شاهه لطيف کي، ڪڇ، گجرات ۽ سؤراشٽر جو سرتاج شاعر ڪري سڏيو آهي. هُو لکي ٿو ته:

"شاهه صاحب، سنڌ جو سرتاج شاعر ته آهي ئي، پر گجرات ۽ ڪڇ جي سنت ڪوين جو به سرتاج شاعر ڪري سڏيو ويو آهي. سؤراشٽر، ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ جو ادب، شاهه صاحب جي ڪلام کان سواءِ چٽڪ اڌورو آهي. شاهه صاحب خود نسي ٻيلي کان ٿيندا، ڪڇ پهتا هئا. ٻنيءَ جي ميڙن، ملاکڙن، ڪچهرين ۽ درگاهن تي شاهه جو ڪلام ڳاتو ويندو آهي. ٻنيءَ جا سگهڙ، ڄت ۽ ٻيا فقير ۽ گايڪ، شاهه صاحب جا سچا شيدائي آهن." (چينو لالواڻي، ڊاڪٽر، 1992ع: 26)

ڊاڪٽر لالواڻيءَ، پنهنجيءَ تحقيق ۾ وڌيڪ ائين به ڄاڻايو آهي ته:

"شاهه لطيف، ٻنيءَ جي ڳوٺن ۾، ڪيرو، جمرو، هبو ۽ لوٽو ڄبلن جو پنهنجي رچنائن ۾ ذڪر ڪيو آهي." (چينو لالواڻي، 1992ع: 3 ۽ 4)

ڪڇ ۽ سنڌ جي قديم رشتن ۽ ناتن، ۽ ڪڇ ۾ سنڌي ٻوليءَ سنڌي ادب جي ڦهلاءُ توڙي قيام جي سلسلي ۾، ٽيون وڏو محقق، ماستر محمد سومار شيخ ٿي گذريو آهي. هن سلسلي ۾ شيخ صاحب جو تحقيقي ڪتاب: 'ڪڇين جا قول' جي عنوان سان، 1977ع ۾، سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو هو. انهيءَ ڪتاب جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي ته ورهاڱي کان صديون اڳ، ڪڇ ۽ سنڌ جي شاعرن ۽ سگهڙن جا هڪ ٻئي وٽ اچڻ وڃڻ، ڪچهريون ۽ معرڪا ڪرڻ جو گهڻو رواج هوندو هو.

شيخ محمد سومار، پنهنجي مذڪوره تحقيق ۾ ڪڇ جي گذري ويل توڙي زنده سگهڙن ۽ شاعرن جا نالا به ڏنا آهن. اُنهن مان ڪن جيئرن شاعرن ۽ سگهڙن سان شيخ صاحب، ڪڇ ۾ ملاقاتون به ڪيون هيون. پراڻن ۽ گذاري ويل شاعرن ۽ سگهڙن مان شيخ صاحب سمگ چارڻ ۽ ٻين 52 سنڌي سگهڙن ۽ شاعرن جا نالا ڏنا آهن. اهڙيءَ طرح 'سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ' ۾ به ڪيترن ئي اهڙن پراڻن شاعرن ۽ سگهڙن جا نالا ڏنا ويا آهن. مثال طور:

(i) پير غوث محمد لکپت وارو

(ii) سيد مير صاحب، آرڪاٽي وارو

(iii) سيد باقر شاھہ، نارابي وارو

(iv) عمر لوھار، پاٽث وارو

(v) سيد قاسم شاھہ، مڏئيءَ وارو

(vi) سيد منثار شاھہ

(vii) ميرڻ ملوڪ، کوڙلکت وارو

(viii) چگوجت

(ix) عمر ميندرو

شيخ محمد سومار پنهنجيءَ تحقيق جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

"آءٌ مڃيان ٿو تہ مون کان، ڪافي ڪڇي اديب، شاعر، سگهڙ ۽ سياڻا رهجي ويا آهن، پر تڏهن بہ جيڪو ماسو مال مليو آهي سو پڙهندڙن جي خذمت ۾ رکُو هن ڳالهہ کي اڳيان رکي پيش پيو ڪريان تہ اسان کي اها ڳالهہ بہ توجهہ ۾ رهي تہ ڪڇ ۾ بہ ڪافي سنڌي اديب، شاعر ۽ سگهڙ رهن ٿا ۽ ڪڇ جي نسبت اسان سان آهي ۽ اها نسبت ڪنهن جي نہ آهي. اسان پنهنجي ادبي تاريخ ۾ انهن شاعرن ۽ اديبن کي وساري ڇڏيو تہ يقين آهي تہ اسان جي سنڌي ادب جي تاريخ ڪڏهن بہ مڪمل ٿي نہ سگهندي" (محمد سومار شيخ، 1977ع: مهاڳ)

محمد سومار شيخ صاحب جي مذڪوره ڪتاب جي هڪ باب جو عنوان آهي: 'ڪڇي ادب جا سرچشما" (ص ص 35ــ 42). هن باب ۾ شيخ صاحب، اُنهن بزرگ عالمن، اديبن ۽ شاعرن کان سواءِ انهن ڪتابن جا عنوان بہ ڏنا آهن جيڪي اُنهن اديبن ۽ شاعرن لکيا هئا. هن باب جي اڀياس سان، ڪڇ ۾ لکيل سنڌي ادب جي ڌار ڌار صنفن جي باري ۾ تمام سٺي معلومات ملي ٿي.

ڪڇ کان سواءِ، سنڌي قومن جو وڏو تعداد، قديم زماني کان، ڪاٺياواڙ جي اڳوڻين رياستن، جهوناڳڙهہ، درول، سانتلپور، ڀهاءُ نگر، گوندل، هالار، مانڊوي، ماراهي، راجڪوٽ ۽ منگرول ۾ آباد آهي.

اهڙيءَ طرح ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾، سنڌي سڀيتا ۽ سنڌي ٻوليءَ جي صدين کان قائم رهڻ جي باري ۾ تحقيق ڪندڙ پارتواسي سنڌي ودوان، شري جينت ريلواڻي آهي. هن صاحب، 'سنڌ۔ ڪڇ ۔ ڪاٺياواڙ سڀيتڪ ناتا' جي عنوان سان هڪ املهہ ڪتاب ڪاٺياواڙ جي اڳوڻيءَ رياست، راجڪوٽ ۾ 2008ع ۾ شايع ڪرايو هو. هن ڪتاب ۾، شري ريلواڻيءَ، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ رهندڙ سنڌي قومن کان سواءِ پراڻي زماني ۾

راجائن. ساهتيہ جي ڏي وٺ. پراڻي دور جي شاعرن. لوڪ ڪهاڻي ۽ لوڪ قصن ڪان سواءِ ڪڇ جي لوڪ ادب جو خاص طور ذڪر ڪيو آهي. 'ڪڇ ـ ٻنيءَ جو لوڪ ادب' جي عنوان واري باب ۾ هُو لکي ٿو:

"زمين وڃائڻ جي باوجود. سنڌي سنسڪرتي، جنهن جو مکيہ انگ آهي ٻولي، اُها تہ چوڏسي ڦهليل هئي ۽ ڦهليل آهي. سنڌ جي آسپاس، ٿارت جي سرزمين تي، راجستان جي ٻارميڙ، بيڪانير ۽ جيسلمير، ايراضين، ۽ گجرات ۽ سؤراشٽر جي ساموندي ڪناري ۽ ڪڇ ۾، خاص طور ڪڇ جي 'ٻني علائقي' ۾. اڄ بہ سنڌي ٻولي. ڪن اُچارن جي ٿيرگهير سان زنده آهي. ۽ اهي ايراضيون. سنڌي سڀيتڪ مرڪز بڻجي رهيون آهن. ۽ اُن سبب انهن ايراضين ۾ اٿاهہ سنڌي لوڪ ادب موجود ملي ٿو. اُن ۾ بہ ڪڇ پرديش جي ٻني علائقي ۾، مؤل سنڌي لوڪ رهن ٿا ۽ سنڌ جيان سنڌي لوڪ سنسڪرتي ۽ لوڪ ادب اُتي جيئن جو تيئن قائم رهيو آهي." (جيينت ريلواڻي. 2008ع: 461)

شري ريلواڻيءَ بہ ڪڇ ۾ رهندڙ سنڌي قومن جو ذڪر ڪيو آهي. هُو لکي ٿو:

"ٻنيءَ ۾ سما، سومرا، جت، لوهاڻا، ڀانوڻالي، سوڍا، ڀٽي، هتوا، هگورجا، ڪولي، رٻاري، جوڻيجا، هالي پوٽڙا ۽ ٻيون جاتيون رهنديون آهن. هتان جا سما جيڪي اڳ هندو راجپوت هئا، اُنهن ۾ ڪن ٻين جاتين جي بعد ۾ مسلم مذهب اختيار ڪرڻ سبب، هتان جي آدم شماريءَ ۾ مسلمانن جي گهڻائي رهي آهي. سندن ٻولي، سنڌي ئي رهي آهي، ۽ هُو پاڻ کي ٻنيءَ جا سنڌي سڏائيندا آهن. سنڌي جي رهڻيءَ ڪرڻيءَ جون ڪيتريون ئي ريتيون رسمون هتي برقرار رهيون آهن. سنڌ واري مهمان نوازي، خوش خير عافيت. ٻاڪر ٻائي ملڻ ۽ پڇڻ جو ڍنگ جيئن جو تيئن قائم آهي، تہ وري اوطاق جي اهميت بہ برقرار آهي." (جيينت ريلواڻي، 2008ع: 463)

شري ريلواڻيءَ، پنهنجي ڪتاب ۾، ڪڇ جي لوڪ ادب جي صنفن جو بہ ذڪر ڪيو آهي. (ص ص 465، 466 ۽ 469).

### 4. بلوچستان صوبي ۾ سنڌي ٻولي، سنڌي ڪلاسيڪي ۽ لوڪ ادب ۽ سنڌي ثقافت جي موجودگي:

ٿارت جي ڪڇ، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ اولهہ راجستان جي پراڻين رياستن وانگر، پاڪستان ۾ بہ، بلوچستان جي پراڻين رياستن، لس ٻيلي، مڪران، قلات، جهل مگسي، ڪيتران توڙي ڪڇي ـ گنداوا ۾ صدين کان سنڌي ٻولي، سنڌي ڪلاسيڪي ۽ لوڪ ادب، لوڪ ڪلا ڪان سواءِ سنڌي ثقافت جا ڏار ڏار پهلو اڄ بہ قائم آهن. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، الله بچائي سمي، ڊاڪٽر داد محمد بروهيءَ

جي ڪتابن کان سواءِ، 'سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي' ڪتاب ۾ به تمام گهڻي معلومات ڏني وئي آهي.

مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌ ۽ بلوچستان جا سياسي، سماجي، تاريخي، ثقافتي ۽ وڻج واپار جا رشتا ناتا، قديم زماني کان قائم رهيا آهن. قديم زماني ۾، بلوچستان وارو علائقو هڪ طرف واديءَ سنڌ ۽ ٻئي طرف مغربي ايشيا جي ملڪن جي وچ ۾، اتي جي جاگرافيائي حالتن جي ڪري هڪ سنگم جي حيثيت رکندو هو. اُن زماني ۾ مشرق قريب ۽ ايران کان ايندڙ اهم شاهراهون، بلوچستان جي مختلف خطن مان لنگهنديون، واديءَ سنڌ ۾ داخل ٿينديون هيون. انهيءَ لحاظ کان بلوچستان جو ڪوهستاني خطو قديم زماني کان ٻنهي طرفن جي تهذيب جي وچ ۾ باهمي ميل جول لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندو هو.

بلوچستان جي ڪڇي- گنداواهه واري خطي جي آباديءَ ۾ قديم زماني کان جَتَ قوم اڪثريت ۾ رهي ٿي. هيءَ هڪ قديم قوم آهي. راءِ گهراڻي جي زماني (499ع- 641ع) ۾، جت قوم جا ماڻهو سنڌ مان لڏي، بلوچستان جي ڪڇي ۽ لس ٻيلي وارن علائقن ۾ پکڙجي ويا ۽ اُتي ئي رهڻ لڳا. (Sigrid West phal. Hellbusch. Dr., 1964: 104) اهڙيءَ طرح سبي، ڪڇي ۽ لس ٻيلي واري علائقي تي، سنڌ جي سياسي ۽ سماجي تسلط جا ثبوت، آڳاٽي زمان کان ثابت ٿين ٿا. (اعجاز الحق قدوسي، 1971ع: 45 ۽ 5) مطالعي مان ائين به ثابت ٿيو آهي ته سنڌ جي سمن حاڪمن جي حڪومت واري زماني (1351ع- 1521ع) ۾، سمن جي حڪومت جون سرحدون، اُتر ۾ سبيءَ تائين پکڙيل هيون (گل خان نصير، 1952ع: 20 ۽ 21)

مطالعي مان ائين به معلوم ٿئي ٿو ته بلوچستان جي سبي، ڪڇي، جهالاوان ۽ سنڌ جي اُتر، اولهه ۽ اوڀر وارن خطن ۾، مختلف قبيلن ۽ قومن جي لڏپلاڻ هميشه ٿيندي رهي آهي. ڪيترائي بلوچ قبيلا لڏي، سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا. اُنهن سنڌي تهذيب کي اختيار ڪيو. سنڌي ٻوليءَ کي مادري زبان طور اختيار ڪيائون. اهڙيءَ طرح ڪيترين ئي سنڌي قومون، اُتر سنڌ مان لڏي، بلوچستان جي سبي، ڪڇي، قلات، جهالاوان، ساراوان ۽ لس ٻيلي وارن علائقن ۾ وڃي آباد ٿيون. اُهي سنڌي قومون ۽ قبيلا، صديون گذري وڃڻ جي باوجود، پنهنجي سنڌي تهذيب ۽ ثقافت توڙي ٻوليءَ کي قائم رکيو اچن. مثال طور، قديم رياست، 'جُهل' جي مگسي نوابن توڙي عام ماڻهن جي مادري ٻولي سنڌي آهي. هن قديم رياست ۾، سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي شاعر ٿي گذريا آهن. اُنهن ۾، نواب قيصر خان جو فرزند، نواب گل محمد خان مگسي، سنڌي زبان جو هڪ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. اهڙيءَ طرح هر سال، سياري جي موسم ۾، جهالاوان ۽ قلات خطي جا رهاڪو بروهي، سوين ڪٽنبن سميت، سنڌ ۾ لڏي ايندا آهن، ۽ سيارو ختم ٿيندي ئي واپس قلات طرف هليا ويندا آهن. ساڳيءَ طرح مڪران خطي ۾، جدگال ايراضيءَ ۾، جدگالي ٻولي ڳالهائيندڙ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو آباد آهن. اهي صديون اڳ سنڌ مان لڏي انهيءَ خطي ۾ وڃي آباد ٿيا هئا.

بلوچستان جي جاگرافيائي اپياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ سبيءَ وارو علائقو، سنڌ جي سرحد کان اٽڪل هڪ سؤ اسي ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي. هن علائقي ۾، هرنائي، لورالائي، ڍاڍر، گنداواهہ، بيل پٽ، مري ۽ بگٽي علائقا اچي وڃن ٿا. هن خطي ۾ بروهي، بلوچي، پشتو ۽ سرائڪي بوليون، مختلف قبيلن جون بوليون آهن. پر عام طور هن خطي ۾ عام ماڻهن جي بولي، سنڌي آهي. سنڌ جي سرحد کان ٻہ سؤ کن ڪلوميٽر پري هجڻ جي باوجود، هتي جي ماڻهن جي اڪثريت عام طور سنڌي بولي ڳالهائيندي آهي، البت اُنهن جي اُچار ۾ ڪجهہ فرق ضرور آهي.

اهڙيءَ طرح سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحدي شهرن، يعني سنڌ جي پرواريءَ بلوچي ايراضيءَ ۾، اوستہ محمد، جَهٽ پٽ، مانجهيپور، جهل مگسيءَ ۽ گنداخو ۾، سنڌي بولي، مادري زبان طور ڳالهائي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح سبيءَ کان ٻہ اڳتي مچ شهر تائين، سنڌي بولي عام طور ڳالهائي ويندي آهي. انهيءَ پوري علائقي ۾ جيڪا سنڌي بولي ڳالهائي ويندي آهي، مقامي ماڻهو اُن کي سنڌي بوليءَ جو 'فراڪي لهجو' سڏيندا آهن. (داد محمد بروهي، ڊاڪٽر، 1978ع)

سبيءَ واري علائقي ۾، 'سُٺي ڳوٺ' (سُٺي گٺس) کان وٺي، لس ٻيلي تائين، ٻہ سؤ کن ڪلوميٽر ويڪري ۽ نَوَ سؤ ڪلوميٽر ڊگهي پٽيءَ واريءَ هن ايراضيءَ ۾، نہ صرف بروهي، بلوچ ۽ پٺاڻ قومون رهن ٿيون پر هن خطي ۾ ڪيترين ئي سنڌي قومون بہ صدين کان آباد آهن. انهن سنڌي قومن ۾، ابڙا، اعواڻ، آرائين، بوهڙ، ٻبر، ٻُرڙا، ٻلال، ٻنهيار، ٻنهور، ٻنگر، ٽُنيا، چڪڙا، چهواڻ، چاچڙ، ڏيالي، ڏونگر، رُڏ، سميجا، سيال، سيانچ، سومرا، سيلاچي، شيخ، ڪنير، ڪورائي، ڪوري، ڪولاچي، کوکر، گوپانگ، ملڪ، ماچي، موچي، ناوڙا، نائچ، هاڙها ۽ سنڌي هندو جاتيون بہ آباد آهن. انهن سڀني قومن جي مادري بولي سنڌي آهي، جيڪا هن خطي ۾ اڪثريت جي بولي آهي.

سبي ضلعي ۾، قديم زماني کان رهندڙ پٺاڻن بہ، مقامي ماحول کي پنهنجو بنائي ڇڏيو آهي. ايتري قدر جو هنن پنهنجي بولي، پشتو بہ وساري ڇڏي آهي ۽ سڀ پٺاڻ گهڻو ڪري سنڌي بولي، مادري زبان طور ڳالهائيندا آهن. البت 'خَجڪ' (Khajjak) ڳوٺ ۾ رهندڙ 'خجڪ' قوم وارا پٺاڻ، سنڌيءَ سان گڏ، پشتو پڻ ڳالهائيندا آهن. (District Cencues Report of Sibi District, 1961: 1-16)

ڪڇيءَ ضلعي ۾ رهندڙ سڄي آباديءَ جي مادري زبان سنڌي آهي، پر اُهي ماڻهو بلوچي ۽ سرائڪي بہ ڳالهائيندا آهن. دراصل، بلوچستان ۾، ڪڇي، سبي، قلات، جهالاوان ۽ ساراوان وارن علائقن ۾، سنڌي بوليءَ جي پهچ ۽ پکيڙ جي مطالعي لاءِ ضروري آهي تہ اوستي محمد، روجهاڻ، گنداخو هديرو مگسين جي ڳوٺن، ٻاگناڙي، فتح پور، ديره بگٽي، سبي، ڍاڍر، مستونگ، قلات ۽ جهالاوان جي خطن جو لسانياتي اپياس ڪجي.

اها بہ هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ ڪڇي ضلعي جي 'جَهٽ پَٽ' تعلقي جي ڳوٺ. فتح پور ۾، سنڌي زبان جو مشهور صوفي شاعر، 'سيد رڪيل شاهہ' ٿي گذريو آهي. اُن جي مزار بہ اُتي ئي آهي. اُتي هر سال وڏو ميلو لڳندو آهي. رڪيل شاهہ سنڌي ٻوليءَ جو مشهور شاعر هو. سيد رڪيل شاهہ جو فرزند، 'سيد چيزل شاهہ' بہ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ مشهور شاعر ۽ راڳي ٿي گذريو آهي.

بلوچستان جي اڳوڻي رياست، 'لس ٻيلي' جي تہ مادري زبان ئي سنڌي آهي. ون يونٽ جي قائم ٿيڻ (1954ع) کان اڳ، هن رياست تي، سنڌ جي سما گهراڻي جي شاخ، ٻرفتن جي حڪومت هئي. (نبي بخش خان. بلوچ. ڊاڪٽر. 1973ع: 13) اهڙيءَ طرح، هن رياست تي، ڪوريجن بہ حڪومت ڪئي. اُهي بہ سنڌي هئا. (نبي بخش خان. بلوچ. ڊاڪٽر. 1973ع: 25)

ماضي ۽ بعيد ۾، مختلف حڪومتن جي دور ۾، سنڌ جون ڪيتريون ئي قومون، سنڌ مان لڏي، لس ٻيلي ۾ وڃي آباد ٿيون. اُنهن قوم ۾ رونجها، نومڙيا، ٻرفت، صابرا، جدگال، شهزادا، موندرا، واهرا، موچي، ٻاريچا، جيلاني پير، سنگر، مسڻ، جاموٽ، ميد، ڪاتيار، ٻراديا، ٻربان ڄُتا، دودا، آٿا، راهُو ساسولي شاهڪ، شيخ، ڪڙياڻي، گونگا، لنگها، ماندڙا، مردوئي ۽ خواجا مشهور سنڌي قومون هيون. انهن قومن جي مادري زبان بہ سنڌي هئي. (نبي بخش خان. بلوچ. ڊاڪٽر. 1973ع: 61). اهڙيءَ طرح ڪي سنڌي هندو قومون بہ لس ٻيلي طرف لڏي، اُتي وڃي آباد ٿيون.

مطلب تہ سياسي تسلط، ساڳي حڪومت، سماجي، مذهبي ۽ ادبي ميل جول سبب، لس ٻيلو، سنڌ جو سياسي، طبعي ۽ لساني خطو بڻجي چڪو هو. سنڌي قومن ۽ قبيلن جو لس ٻيلي جي ڊار ڊار خطن ۾ پکڙجي وڃڻ سبب، حاڪمن جي مادري ۽ درٻاري ٻولي سنڌي هجڻ سبب، لس ٻيلي جي عام ماڻهن جي مادري زبان سنڌي بڻجي وئي. اهو اثر، اُن سڄي علائقي تي اڄ بہ قائم آهي.

**لس ٻيلي ۽ بلوچستان جي ٻين خطن ۾ سنڌي ادب جو موجود هجڻ:**

بلوچستان صوبي جي مٿي بيان ڪيل سيني خطن ۾، ڪلاسيڪي ادب ۽ لوڪ ادب جا وڏا وڏا شاعر ۽ سگهڙ پيدا ٿيا. جن جو شمار هن وقت بہ سنڌي زبان جي وڏن شاعرن ۾ ٿئي ٿو. شاهہ لطيف جيتوڻيڪ ڄائو سنڌ ۾، رهيو بہ سنڌ ۾ ۽ وفات بہ سنڌ ۾ ڪيائين، پر شاهہ سائينءَ جي ڪلام جا وڏا ڄاڻو ۽ لطيف شناس، مٿي ڄاڻايل خطن ۾ اڄ بہ موجود آهن. شاهہ لطيف، بلوچستان جي انهن خطن جي شاعرن جو بہ سرتاج مڃيو ويندو آهي.

بلوچستان جي سنڌي شاعرن ۾، سيد ڪبيرشاهہ، شيخ ابراهيم، شيخ حمر، شيخ بکر، چام ميرخان، احمد شاهہ، نمر، دوس محمد، نواب گل محمد خان مگسي، سيد رڪيل شاهہ، سيد چيزل شاهہ ۽ ٻيا بہ وڏا شاعر ٿي گذريا آهن. (نبي بخش خان بلوچ، 1973ع: 83 ۽ 84)

بلوچستان جي اڳوڻي رياست لس ٻيلي کان سواءِ، جدگال واري خطي ۾، شاهه لطيف جي ڪلام جو وڏو اثر رهيو آهي. شاهه سائينءَ جي رسالي جا وڏا ڄاڻو لطيف شناس ۽ سگهڙ، انهن خطن ۾ ئي آباد آهن. حقيقت ۾، شاهه صاحب جي ڪلام جي اثر جي ڪري ئي، لس ٻيلي، ڪڇي علائقي، جدگال ۽ ٻين خطن ۾، سنڌي شاعري، سنڌي راڳ ۽ سنڌي لوڪ ڪلا جو رواج پيو، ۽ انهن علائقن ۾ قادرالڪلام شاعر پيدا ٿيا، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي. هن سلسلي ۾، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب لکي ٿو ته:

”شاهه جي شاعرانه سخا ۽ لَٽَ مان، سنڌي ٻوليءَ جي هر شاعر، هرهنڌ ورچ ورتي آهي. سنڌ جي الهندن جبلن، البت سنڌ ۽ لس ٻيلي جي وچ ۾، ماڻهن جي آمد رفت کي مشڪل بنايو هو. مگر شاهه صاحب جا بيت، درياءَ مٿان ٽپندا، نئين تان ڳڙندا، جبل لتاڙيندا وڃي، پار پيا، ۽ لس ٻيلي ۾ به شاهه صاحب جي بيتن جو اهوئي چرچو ۽ ذوق جاري رهيو. جهڙو سنڌ ۾ ٿيو.“ (نبي بخش خان بلوچ، 1973ع: 130 ۽ 131)

اهڙيءَ طرح بلوچستان جي مڪران واري خطي ۾ به، سنڌي ٻوليءَ جو اثر موجود رهيو. تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته بلوچ قبيلا، بلوچستان جا اصلوڪا رهاڪو نه آهن. بلوچ قبيلن، مڪران ۽ بلوچستان ۾، چوٿين صديءَ عيسويءَ کان اچڻ شروع ڪيو. (Mir Ahmed Yar Khan, 1975: 55) بلوچ قبيلن جي، هن علائقي ۾ اچڻ کان اڳ، هن خطي ۾ دراوڙ عرب، ايراني، بروهي، راجپوت ۽ جدگال (جت) قومون گهڻي تعداد ۾ آباد هونديون هيون. (District Cencues Report of Makran District, 1961: 1-14)

اُن زماني ۾، ڪرمان کان هيٺ وارو سڄو ملڪ، سنڌ جي حڪومت جي سرحد ۾ شامل هو. اُتي جا رهاڪو يقيناً سنڌي هئا ۽ لشڪر ۾ به سنڌي جوانن جي اڪثريت هوندي هئي. اُنهن مان ڪي قبيلا اڃاتائين بلوچستان کان سواءِ، ايران جي دَشت ۽ ڪرمان واريءَ ايراضيءَ ۾ رهن ٿا ۽ پاڻ کي جدگال سڏائين ٿا. (مولائي شيدائي، 1957ع: 122 ۽ 132)

جدگالن جي ٻولي به سنڌي آهي، جنهن کي هُو 'جدگالي ٻولي' سڏيندا آهن. اهي قبيلا هزارين سالن کان، دَشت، ڪرمان ۽ زاهدان جي وچ وارن خطن ۾ آباد آهن. اهڙيءَ طرح، بلوچستان جي گوادر خطي جي اُتر ـ اولهه ۾، باهو ۽ دَشتياري ضلعن ۾ پڻ جدگال قوم جي وڏي آبادي رهندي آهي. جدگالن جا ٻه پاڙا آهن. اُنهن پاڙن مان ڪي تربت، ڪيچ، پنجگور جي ماڻري، گوادر جي چوڌاري، ڪولوا ۽ پشوڪن کان اولهه طرف، ايراني مڪران ۾، باهو ۽ دَشتياريءَ تائين پکڙيل آهن. جيتوڻيڪ اهي (جدگال) هاڻي بلوچن سان گڏجي ميسجي گاڏڙ ٿي ويا آهن، پر تنهن هوندي به هُو پنهنجي جدگالي ٻولي قائم رکندا اچن، ۽ هزارين سالن جي گذري وڃڻ جي باوجود، هُو پاڻ ۾ عام طرح جدگالي ٻولي ڳالهائيندا آهن.

**5-پنجاب جي سرائڪي پٽي ۽ ماڇڪي وارن علائقن ۾ سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌي لوڪ ڪلا جو وجود:**

جيتوڻيڪ لسانيات جي ماهرن، سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين جي وچ ۾ رشتيداريءَ جي سلسلي ۾، مضمون، مقالا ۽ ڪتابن جا صفحا پري ڇڏيا آهن، پر سرائڪي خطي ۾، سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ادب ۽ سنڌي ثقافت توڙي سنڌي لوڪ ڪلا جي باري ۾ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ لکيل مضمون مون کي نظر آيو آهي. اهڙيءَ طرح پنجاب جي ماڇڪي واري علائقي ۾، سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ادب، سنڌي تهذيب ۽ سنڌي ثقافت جي باري ۾، هن وقت تائين لکيل ڪوبہ مضمون منهنجي نظر مان ڪونہ ٽڪيو آهي.

منهنجي ذاتي مطالعي ۽ ڪيل سفر موجب، سرائڪي خطي جي ذڪڻ واري علائقي ۾، سنڌ جي سرحد وارن ڳوٺن ۽ بستين کان وٺي، رحيم يارخان، صادق آباد ۽ اُن جي اولهہ طرف وارن خطن ۾ اُهي ئي قومون آباد آهن، جيڪي اُتر سنڌ جي اُٻاوڙي، ڪشمور، ڪنڌڪوٽ، ميرپورماٿيلي، گهوٽڪي، پنو عاقل، سکر، شڪارپور، جيڪب آباد ۽ خيرپور ضلعن جي اُتر طرف وارن خطن ۾ آباد آهن. اُنهن ۾ مهر، چنڙ، ڏاريجا، ڪوريجا، جوڻا، اُنڙ، سنديلا، چنا ۽ ٻيون بہ ڪيتريون ئي قومون اچي وڃن ٿيون. اهي سڀ قومون، سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙيون آهن.

مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ قديم سنڌ جون سرحدون، اُتر ۾ ڪشمير تائين ۽ اوڀر ۾ ڪنوج تائين پکڙيل هيون.. پنجاب گزيٽيئر مطابق، سنڌ جي سومري حاڪم، همير جو تختگاهہ 'پتڻ پور' نالي شهر ۾ هوندو هو. انهيءَ شهر جا قديم آثار، هن وقت، رحيم يارخان کان 9 ڪن ڪلوميٽر پريءَ اوڀر طرف، قديم هاڪڙي درياءَ جي ڪنڌيءَ تي اج بہ موجود آهن.

سياسي اثر ۽ سنڌ جي حاڪمن جي حڪومت هجڻ سبب، ڪيترائي سنڌي قبيلا، مختلف دورن ۾، سنڌ مان لڏي، هن علائقي ۾ اچي آباد ٿيا. اُن سلسلي ۾ 'پتڻ منار' وارن قديم آثارن تي تحقيق ڪنديءَ سنڌ جي اُڀرندڙ مؤرخ، مرحوم عبدالله ورياهہ، پنهنجيءَ تحقيق ۾ ڄاڻايو هو تہ:

> "بندر، پتڻ کان ٽي ميل اولهہ طرف آهي، جيڪو پتڻ جي بادشاهيءَ جو قيد خانو هو. اُن جاءِ تي اڄ بہ هڪ بستي، 'بندر' جي نالي سان سڏجي ٿي، جنهن ۾ سماٽ قوم جي هڪ ذات، 'ورياهہ' جا ماڻهو رهن ٿا. بندر جي ڀرسان هڪ ٻي بستي، 'ٿُٻي لاڙان' جي نالي سان سڏجي ٿي، جنهن ۾ هڪ ذات، 'لاڙ' نالي سان آباد آهي. اُهي 'ورياهہ' ۽ 'لاڙ'، اصل سنڌ جا رهندڙ آهن، ۽ اڄ ڏينهن تائين اُنهن کي 'جام' جي لقب سان سڏيو وڃي ٿو. اُنهن جو تعلق اڄ بہ سنڌ جي ٻين ذات وارن سان آهي، جيڪي سنڌ جي اندروني علائقن ۾ رهن ٿا. سنڌي ٻوليءَ ۽ لباس تي، علائقي جو اثر ٿيو آهي. پوري بهاولپور رياست ۾، اهڙيون گهڻيون ئي ذاتيون رهن ٿيون، جن جو اصل نسل سنڌ جو آهي." (عبدالله ورياهہ، 1981ع: 138)

حقيقت ۾، سياسي ۽ سماجي ناتن، ۽ مذهبي ۽ روحاني رشتن سبب، سنڌ جي ماڻهن جو ملتان تائين وڏو اثر ۽ رسوخ رهيو آهي. انهيءَ ڪري سنڌي ٻوليءَ کي اوچ شريف ۽ ملتان تائين پکڙجي وڃڻ جو موقعو مليو. اهوئي سبب آهي جو اڄ بہ، سنڌي ٻولي، سرائڪي خطي ۾ رهندڙ سنڌي قوم جي ماڻهن جي مادري زبان طور قائم رهي آهي. سرائڪي خطي تي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو اثر ايترو قدر تہ غالب رهيو جو شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست جي روحاني ڪلام کان متاثر ٿي، سرائڪي ٻوليءَ جي وڏي ۾ وڏي شاعر، خواجہ غلام فريد، سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجو ڪلام چيو.

**6- پنجاب جي ماڇڪي واري علائقي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مادري ٻوليءَ واري حيثيت:**

ماڇڪي وارو علائقو سرائڪي پٽيءَ جي ڏکڻ- اولهہ ڪنڊ تي، سنڌ جي سرحد سان شامل آهي، بلڪ قديم زماني ۾ اهو خطو سنڌ جو حصو هو پر حيرانيءَ جي ڳالهہ آهي تہ ماڇڪي علائقي ۾ قائم سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ادب، سنڌي لوڪ ڪلا ۽ سنڌي ثقافت جو اُتر سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن سميت، ڪنهن بہ محقق، اديب، نقاد ۽ ٻوليءَ جي ماهر، اڄ ڏينهن تائين ڪوبہ مطالعو نہ ڪيو آهي.

تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ ٽالپرن جي حڪومت واري زماني ۾، سرائڪي خطي ۾ 'سبزل ڪوٽ' کان وٺي، 'ٻُنگ ڀاڙهہ' وارا پرڳڻا، ٽالپرن جي حڪومت جو حصو هئا. 'ڊسٽرڪٽ ۽ اسٽيٽ گزيٽيئر آف پنجاب' ۾ ڄاڻايل آهي تہ:

> "سن 1812ع ۾، حيدرآباد جي ٽالپر حاڪم، مير غلام علي خان، سبزل ڪوٽ ۽ ٻنگ ڀاڙهہ جا پرڳڻا، بهاولپور جي نواب کان فتح ڪيا." (Extracts from the District and state Gazetteers of the Punjab (Pakistan) L 1977: 441)

ساڳئي گزيٽيئر ۾ ائين بہ ڄاڻايل آهي تہ:

> "1842ع ۾، سبزل ڪوٽ ۽ ٻنگ ڀاڙهہ جا پرڳڻا جيڪي 1808ع ۾ خيرپور جي حاڪم فتح ڪيا هئا، اُهي پرڳڻا، انگريزن، ميرن کان فتح ڪيا، ۽ سر چارلس نيپيئر ٻوءِ اهي علائقا، بهاولپور جي نواب جي حوالي ڪيا." (Extracts from the District and state Gazetteers of the Punjab (Pakistan) L 1977: 440)

1985ع ۾، علامہ اقبال اوپن يونيورسٽيءَ جي بهاولپور واري ريجنل ڊائريڪٽر سان گڏجي مون، رحيم يارخان، صادق آباد ۾ اسٽڊي سينٽر کولڻ کان پوءِ، ماڇڪي واري خطي ۾، رحيم آباد، ٻوڻگ شريف ۽ اُن جي آس پاس وارن علائقن جو جائزو ورتو، اُن وقت منهنجي ذهن ۾ اها ڳالهہ ڪانہ هئي تہ ماڇڪو خطو بہ سنڌي ڳالهائيندڙ خطو آهي. البت رحيم آباد، ٻونگ شريف ۾ ويجهن ڳوٺن ۾ ماڻهن کي ٻاڻ ۾

سنڌي ڳالهائيندي ٻڌڻ کان پوءِ، اُنهن مائٽن ٻڌايو تہ هن خطي ۾ سنڌي ٻولي، مادري زبان طور ڳالهائي وينڌي آهي، پر ڪنهن بہ ماڇڪي خطي جو نالو نہ ورتو ۽ نہ ئي وري ڪو مون ان طرف ايترو توجهہ ئي ڏنو هو. پونگ شريف جي چڱي مڙس، رئيس بشير، پونگ شريف واري مسجد گهمائي ۽ اُن سان شامل مدرسو بہ گهمايائين. اُن مسجد کي، اُن سال 'آغاخان ڪلچرل اوارڊ' ڏنو ويو هو. انهيءَ اوارڊ ملڻ تي، رئيس بشير ۽ اُتي جي مائٽن کي گهڻو فخر هو.

حقيقت ۾ اُتر سنڌ جي اديبن، شاعرن ۽ محققن کي، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي يا شاهہ عبداللطيف يونيورسٽيءَ جي سچل چيئر جي سهڪار سان، سڄي ماڇڪي واري خطي جو، تحقيقي جائزو وٺڻ گهرجي، ۽ اُن ڏس ۾ اُن خطي جي جاگرافيائي حالتن، سماجي ۽ سياسي حالتن، ٻوليءَ، ڪلاسيڪي، معياري توڙي لوڪ ادب، لوڪ ثقافت، لوڪ ڪلا ۽ ٻين شعبن جي حوالي سان تحقيقي اڀياس ڪري، نتيجا عوام جي آڏو پيش ڪري، ماڇڪي واري خطي کي نمايان ڪرڻ گهرجي.

**7- نتيجو:**

هن سڄي مطالعي مان هي نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ ڀارت جي جاٿايل خطن ۾ سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ڪلاسيڪي توڙي لوڪ ادب ۽ سنڌي سڀيتا جي بقا، بچاءَ ۽ واڌاري لاءِ، ڀارت سرڪار جي قائم ڪيل اداري Indian Institute of Sindhology ۽ National Council for development of Sindhi Language (NCDSL) کان سواءِ رياستي سرڪارن جي سهڪار سان ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي جاتيءَ جا اڳواڻ، جهڙوڪ: لال ڪرشن آڏواڻي، رام جيٺملاڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، هيرو ٺڪر، جيئنو لالواڻي، پريتم ورياڻي، ڪشني ٿلواڻي، ڪملا گوڪلاڻي، لکمي ڪلاڻي، رام جوهراڻي، رام گربخشاڻي ۽ ٻين اڳواڻن کي گڏجي ڪا جامع رٿا ناهڻ گهرجي، ۽ هر سال ڪڇ ۾ 'سنڌو ڪلچر' (يا ڪنهن ٻئي نالي سان) نالي سان هڪ هفتي جي ميلي جي بندوبست ڪيو وڃي، اُن ۾ اُهي سڀ پهلو نمايان ڪيا وڃن، جن جو پريتم ورياڻي صاحب ذڪر ڪيو آهي.

ڀارت ۾ آباد ٿيل سنڌي جاتيءَ کي اهو بہ ٻڌائڻ گهرجي تہ سنڌي جاتي فقط اُها نہ آهي جيڪا ورهاڱي کان پوءِ سنڌ مان لڏي اچي، پوني ممبئي، دهلي، ڀوپال، احمد آباد، بئنگلور، حيدرآباد دکن يا ڪن ٻين شهرن ۽ بستين ۾ آباد ٿي آهي پر اُها سنڌي جاتي جيڪا صدين کان ڪڇ، ڪاٺياواڙ، ٻاڙميڙ، جوڌپور، ميواڙ، مارواڙ، جيسلمير، بيڪانير ۽ اولهہ ڀارت جي اڳوڻين رياستن ۾ آباد آهي، جنهن پنهنجي ورثي کي هزارين سالن کان سانڍيو، تانيو، نڀايو ۽ سنڀاليو آهي، اُن جاتيءَ وٽ موجود ٻولي، ڪلاسيڪي توڙي لوڪ ادب، لوڪ ڪلا ۽ سنڌي سڀيتا موجود آهي، اُن کي بہ سنڀالڻو آهي ۽ وڌائڻو گهرجي.

حقيقت هيءَ آهي تہ جيئن ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ، پريتم ورياڻي ۽ ڊاڪٽر ڪشني قلواڻيءَ جي تحقيق مطابق، انهن علائقن جا سنڌي ماڻهو هر لحاظ کان مسڪين ۽ غريب آهن. جيتوڻيڪ سنڌي لوڪ ادب، سنڌي ڪلاسيڪي ادب، خاص ڪري شاهہ لطيف، سچل سرمست جي ڪلام جي سگهڙپائيءَ جي لحاظ کان هُو وڏا ودوان، سنڌي لوڪ ڪلا جا وڏا ماهر ۽ ڄاڻو آهن، پر اُنهن جي ڪنهن بہ اداري پرگهور ڪانہ لڌي آهي.

پارت ۾ جيڪڏهن، صدين کان آباد سُنڌي ڄاتيءَ جي ٻوليءَ، ڪلاسيڪي ادب، لوڪ ادب، لوڪ ڪلا ۽ سنڌي سڀيتا کي سنڀاليو ويو تہ يقين سان اُتي نئين سنڌ جنم وٺندي

اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، شاهہ لطيف چيئر ۽ سچل چيئر گڏجي ڪو منصوبو ناهي، بلوچستان ۾ آباد سنڌي قوم جي لسانياتي، ادبي ۽ ثقافتي ورثي جي بقاءِ، بچاءِ ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي، ۽ ساڳئي وقت سرائڪي خطي ۽ ماچڪي علائقي ۾ بہ ساڳئي قسم جو ڪو تحقيقي پروگرام شروع ڪرڻ گهرجي، ۽ اُتي هن وقت موجود اديبن، شاعرن، سگهڙن ۽ محققن جو سهڪار حاصل ڪري، تحقيقي ڪم کي اڳتي وڌائجي تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي صحيح طرح خدمت ٿي سگهي. جنهن جي ورهين کان ضرورت آهي.

# ببليوگرافي

## سنڌي ڪتاب


1ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 2004ع، ڇا ڀارت مان سنڌي ٻولي ختم ٿي سگهي ٿي؟ ٽماهي سپون، ممبئي: جولاءِ ـ سيپٽمبر، ص ص 9ـ14

2ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1993ع، سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، ٽيون ڇاپو، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص ص 28، 61، 84

3ـ پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر: 1989ع، سنڌي ٻوليءَ جي زيارت، دفتر پندار ـ گانڌي نگر: گجرات سنڌي اڪادمي، ص ص 1ـ2، 3ـ4 ۽ 88

4ـ پريتم ورياڻي: 2006ع، جيسلمير سرحد جو تهذيبي اڀياس، (1987ع) ٽماهي سپون، اپريل ـ مي ـ جون، 2006ع، ممبئي: ص ص 15، 18 ۽ 21

5ـ جٺرامداس دولترام 1958ع، مهاڳ، شاهه جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي جو ترتيب ڏنل

6ـ جينت ريلواڻي: 2008ع، سنڌ ـ ڪڇ ـ ڪاٺياواڙ جا سپتيڪ ناتا، راجڪوٽ: پروين پراڊڪشن، پي وي ٽي، ص ص 461، 465ـ 469

7ـ جيٺو لالواڻي، ڊاڪٽر: 1992ع، ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت، احمد آباد: ساهيجپور بوگها، ڪوٽا پرنٽنگ پريس، ص ص 3، 4، 25 ۽ 26

8ـ جهمٽمل ڀاوناڻي، پروفيسر: 1956ع، ڍولاماروِ بمبئي: هندوستان ساهتيه مالا، ص 77

9ـ دادمحمد بروهي، ڊاڪٽر: 1978ع، سڀي علائقي ۾ سنڌي، ڪراچي: مقالو روزانه هلالِ پاڪستان، 5 مارچ

10ـ رائچند چيلهاري: 1956ع، تاريخ ريگستان، پاڳو ڀهريون، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 72 ۽ 77

11ـ عبدالله ورياهه: 1981ع، پٽڻ منارو مقالو ڇهه ماهي سنڌي ادب، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 138

12ـ علي شير قانع: 1957ع: تحفة الڪرام، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ص 88

13ـ ڪشني ٿلواڻي، ڊاڪٽر: 2004ع، راجستان ۾ سنڌي لوڪ ڳاٿا ـ راڳيندڙ ٽماهي سپون، آڪٽوبر ـ نومبر ـ ڊسمبر، 2004ع، ص ص 31، 32 ۽ 33

14ـ ليلارام رچنداڻي: 1992ع، ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ جي ٿيسز جو مهاڳ، احمد آباد: شاهيجپور بوگها، ڪوٽا پرنٽنگ پريس، ص ص 3ـ 4

15ـ محمد سومار شيخ: 1977ع. ڪچين جا قول. ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ. مهاڳ، ص ص 35ـ 42
16ـ مولائي شيدائي: 1957ع. تاريخ تمدن سنڌ. حيدرآباد: سنڌ يونيورسٽي پريس. ص ص 122 ۽ 131
17ـ مولائي شيدائي: 1958ع. جنت السنڌ. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ. ص ص 22 ۽ 60
18ـ نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: 1973ع. بيلاين جا ٻول. حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز. ص ص 13، 25

## اردو کتب

19- اعجاز الحق قدوسی لند 1971ع،تاریخ سندھ، حصہ اول،لاھور: مرکزی اردو بورڈ، ص ص4،5اور33
20- گل خان نصیر:1952ع،تاریخ بلوچستان، جلد اول، کوئٹا: اقبال اسٹیشنری مارٹ، ص ص20اور21

## فارسی کتب

21- خداداد خان:1959ع،لُب تاریخ سندھ، حیدرآباد: سندھی ادبی بورڈ، ص65

## English Books

22- Aitken A., 1907, Sindh Gazetteer Karachi District Cencuss Report of Makran District, 1961, pp. 1-14, 60, 86
23- District Cencuss Report of Sibi District, 1961, pp. 1-16
24- Extracts from the District and states Gazetteers of the Punjab (Pakistan), Vol: II, Lahore: Research Society of Pakistan, University of Panjab, 1977, p p. 425 and 441
25- Mir Ahmed Yar Khan, 1975, Inside Baluchistan, an autobiography, Karachi: Royal Book Company, p.55
26- Sigrid Westphal- Hellbusch, Dr. and Heinz Westphal, 1964, the Jats of Pakistan, Berlin: Dunker and Humbolt, p. 104
27- Thadhani, T. S., 1948, The Lohanas, and article published in JSHS, Vol: VIII, No: 3- January, p. 160

# سماجي لسانيات جي روشنيءَ ۾ سچل سرمست جي ڪلام جو مطالعو

انسان ۽ انسان شناسيءَ (Humanities) جي باري ۾ ڪيل مطالعي جو رڪارڊ، هر دور ۾ ملي ٿو. چاهي اهو مطالعو پٿر واري دور جي انسان جي باري ۾ هجي، يا تاريخ کان اڳ واري دور يا تاريخي دور جي انسان جو هجي. ۽ يا اهو مطالعو چاهي اڄ جي همعصر دور واري انسان جي باري ۾ هجي. انهيءَ سلسلي جو مطالعو انسان شناسيءَ جي مطالعي ۽ تجزئي جو موضوع پڻ رهيو آهي. البت اهڙي مطالعي ۽ تجزئي جا ماپ ۽ ماڻا، هر دور ۾ بدلبا رهيا آهن. آرڪيالاجيءَ جا ماهر، اُن مواد جو تجزيو پنهنجي موضوع ۽ مضمون جي لحاظ کان ڪندا آهن، علم بشريات جا ماهر، پنهنجا ئي ماڻ ۽ ماپا استعمال ڪندا آهن، تہ وري لسانيات جي ماهرن جي نظر ۾، سماجي لسانيات (Socio-linguistics) جي مطالعي ۽ تجزئي سان، هن مسئلي جو حل، علم اللسان ئي آهي.

اهڙيءَ طرح سماجيات ۽ ادبيات جا ماهر ۽ نقاد وري، پنهنجو ئي طريقو اختيار ڪندا آهن. مطلب تہ مذڪوره رڪارڊ جي مهيا ڪرڻ ۾، تاريخ جي ڌار ڌار دورن ۾، جن جن هٿن ڪم ڪيو هوندو آهي، اُنهن ۾ هنرمند بہ هوندا آهن. فنڪار بہ هوندا آهن تہ وري تاريخدان، بشريات جا ماهر ۽ لسانيات جا عالم بہ هوندا آهن. اهڙيءَ طرح اقتصاديات، معاشيات ۽ معاشرتي علمن جي ڄاڻوئن بہ هن ڏس ۾ پنهنجا تاريخي رڪارڊ ڇڏيا آهن. انهيءَ ساري 'اپياس' کي 'انسان شناسي' يعني (humanities) سان واسطو رکندڙ علمن ۽ موضوعن سان شامل ڪري سگهجي ٿو.

هر شاعر يا اديب، مصنف يا مؤرخ، يا وري معاشيات ۽ معاشرتي علمن جي ڄاڻوئن توڙي نفسيات، فلسفي ۽ ادبيات جي عالمن کي، 'انسان شناسيءَ' جا ماهر مڃيو ويو آهي. اُنهن ماهرن کي، اُن دور جي انسان ۽ اُن جي ڌار ڌار ضرورتن ۽ مسئلن جي باري ۾ گهڻي ڄاڻ هوندي هئي. شاهہ لطيف، سچل سرمست ۽ ٻيا ڪلاسيڪي توڙي اڄ جا جديد شاعر، اديب، سگهڙ، ناول نويس، افسانہ نگار، ڊراما نگار، تاريخدان، سماجيات جا ماهر ۽ ٻيا، اهڙن سڄاڻ شخصن ۾ شمار ڪيا ويندا آهن، جن کي پنهنجي پنهنجي دور جي ماحول، ماڻهن جي مسئلن، گهرجن ۽ انسان شناسيءَ جي ٻين موضوعن جي باري ۾ مڪمل خبر ۽ ڄاڻ هئي/ آهي. شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست، پنهنجي دور جا وڏا 'انسان شناس' (humanist) هئا. اُنهن، پنهنجي پنهنجي دور جي ماڻهن جا مسئلا، اشارن، ڪناين، تشبيهن، استعارن ۽ علامتن ذريعي، بيان ڪيا

آهن، اُنهن مسئلن جا عڪس چٽيا اٿن. اُنهن پنهنجي ڪلام ذريعي، سنڌن دور جي ماڻهن جي اخلاقي، معاشي، معاشرتي ۽ ثقافتي قدرن کي بيان ڪيو آهي.

علم الانسان (Anthropology) ۽ علم اللسان (Linguistics) جا ماهر جڏهن شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جي ڪلام، شاهه جي راڳ ۽ سچل جي راڳ جو تجزيو ڪن ٿا، تڏهن هُو واضح طور ٻڌائين ٿا ته انهن ٻنهي اعليٰ انسانن جي سوچ ۽ فڪر ۾ ڪهڙو فرق هو؟ مثال طور شاهه لطيف جي درگاهه جا فقير، ڪاري رنگ جي 'ڪفني' پائيندا آهن، هٿ ۾ دنبورو ڪٺي، شاهه جي ڪلام جي ڳائڻ مهل، گهڻو ڪري 'گرام' واري انداز ۾ ڳائيندا آهن. لطيف جي ڪلام ۾ 'گيرب' ۽ 'گاو' واري ڪيفيت هوندي آهي. لطيف جا راڳي، ويهي ڳائيندا آهن، نچڻ، ٽپڻ، هُل ۽ هنگامو ڪرڻ کان ٻي پرهيز ڪندا آهن. جڏهن ته سچل سرمست جي درگاهه جا راڳي فقير، 'گهيڙو- رتا' ڪپڙا پائيندا آهن، هٿن ۾ ڪڙا ۽ ڪنن ۾ ڪُنڊل پائيندا آهن، ڳائڻ مهل اُوچي ۽ 'ٽيپ' واري انداز ۾ ڳائيندا آهن، هڪ هٿ ۾ يڪتارو ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪڙتال کڻندا آهن، گوڙ ۽ گهمسان وارو رنگ پيدا ڪندا آهن، جنهن ۾ نچڻ ٽپڻ گهڻو هوندو آهي. شاهه لطيف جي درگاهه تي ٽيندڙ راڳ، سماع مثل هوندو آهي، ۽ اُن ۾ عبادت جو رنگ وڌيڪ هوندو آهي. سچل سرمست جي درگاهه واري راڳ ۾ جلال واري مستي زياده، ۽ ڳائڻ مهل هُل هنگامو گهڻو هوندو آهي.

بهرحال هي مطالعو به، سماجي زندگيءَ جي مطالعي جو هڪ پهلو آهي. هن مطالعي کي به 'انسان شناسي'، 'لطيف شناسي' ۽ 'سچل شناسيءَ' وارن موضوعن سان شامل ڪري سگهجي ٿو.

سيني صوفي بزرگن، ڪلاسيڪي ۽ جديد ادب جي سخنورن، 'انسان شناسيءَ' واري موضوع تي گهڻو ئي ڪجهه چيو آهي. هنن، اُن موضوع جا ڪئين پهلو نمايان ڪيا آهن، جن مان ڪي هي آهن: نياز نوڙت، هٺ، وڏائي، گيرب ۽ گاو، تڪبر، سچائي، نيڪي، نيڪ نيتي، عبادت، بندگي، شيوا، دنيافاني، عشق، محبت، سڪ، پيار، سوز، تڙپ، ميلاپ، وصل، وڇوڙو، جدائي، پياس، طلب، عزم، استقلال، مستقل مزاجي، مان، مريادا، ماڻهپو، انسانيت، رواداري، رک رکاءُ، انڪساري، پاڻ سچائڻ، آهه وزاري، فرياد، ايلاز، منٿون، عمل، قرباني، دولاب، ٺڳي، دوکو، دوکيبازي، احسان فراموشي، بي وفائي، خودشناسي، خود فريبي، خود قرباني، ديدار، هرکڻ، دل لڳڻ، اک لڙڻ، خود بيني، لوڀ، لالچ، مطلب، خواهش، جوش، جذبو، اُمنگ، تمنا، مشترڪ مفاد، باهمي عمل، بيائي، محنت، ڪوشش، ڪاوش، جاکوڙ، مدد ڪرڻ ۽ منافقت ڪرڻ وغيره.

هرڪنهن ٻوليءَ جو اهڙو اڀياس، انسان شناسيءَ جي وسيع موضوع جو هڪ اهم پهلو آهي. هر ٻوليءَ کي پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجو سماج هوندو آهي. ٻولي، پنهنجي سماجي ماحول ۽ پنهنجيءَ ڌرتيءَ مان ئي انسان ذات سان گڏ اُپري ۽ اُسري آهي. اُن جون پاڙون، پنهنجيءَ زمين ۾ ئي کتل هونديون آهن. انهيءَ ڪري 'پاٽر' (Potter) جو هي رايو بلڪل صحيح آهي ته:

"بهترين زبان اُها آهي، جنهن جو بنياد ڪنهن سماج ۽ سماجي قدرن ۽ روايتن تي رکيل هجي."
(Potter Simon, 1960: 24) پاٽر جي انهيءَ دعويٰ جو دليل، سنڌي سماج ۽ سنڌي ٻولي پڻ آهي. سنڌي ٻوليءَ جون پاڙون، سنڌي سماج ۽ سنڌ جي ڌرتيءَ ۾ ئي اونهيون کتل آهن. يعني تہ سنڌي ٻوليءَ جو سرچشمو سنڌ جي ڌرتي ۽ سنڌي سماج آهي. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر سورلي لکي ٿو:

"سنڌي ٻوليءَ جي لغت تي سنڌي سماج، سنڌي معاشري ۽ سنڌ جي معاشي حالتن جو گهڻو ۽ گهرو اثر رهيو آهي." (Sorly, H. T., 1940: ?)

ٻولي، ڪنهن گفتو ۽ مقصد جي عمل جو ڪردار ادا ڪندي آهي. انهيءَ ڪري اُن جي هر لفظ، هر فقري ۽ هر جملي ۾ ڪونہ ڪو مقصد يا مفهوم رکيل هوندو آهي. دراصل اهو مقصد يا مفهوم ئي آهي جو ڪنهن زبان جي عمل يا استعمال جي ضرورت طرف اشارو ڪندو آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو ڪنهن ٻوليءَ جو انساني معاشري اندر زنده رهي سگهڻ ئي هڪ دليل آهي.

هر زبان، هر زماني ۾، پنهنجي پنهنجي دائري اندر روزمره واري ماحول ۾، هميشه استعمال ۽ رواج ۾ رهندي آئي آهي. زبان، انسان ذات جي تخيلات، نظريات، قوت احساس ۽ سماج ۾ رهڻ سهڻ جو هڪ رڪارڊ آهي. اهو رڪارڊ، انسان ۽ انساني سماج لاءِ تاريخ جو ڪم ڏيندو آهي.

اگر ۾ چيو ويو آهي تہ زبان ۽ معاشرو هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم هوندا آهن. زبان جو مطالعو دراصل معاشري جو ئي مطالعو آهي، ۽ انهيءَ لحاظ سان معاشري جو مطالعو حقيقت ۾ اُن معاشري ۾ مروج ۽ مستعمل زبان جو ئي مطالعو سمجهيو ويندو آهي. زبان جي اهڙي مطالعي کي، 'سماجي لسانيات' جو مطالعو ئي چئبو آهي.

ڪنهن بہ ملڪ جي ٻولي، اُن ملڪ جي ادبي، سماجي، ثقافتي، تهذيبي ۽ تمدني تاريخ جي آئينہ دار هوندي آهي. هر قوم جي ٻوليءَ جي مطالعي مان، اُن قوم جي معاشي ۽ معاشي قدرن، سوچ ۽ فڪر جي ارتقا، تهذيبي ۽ تمدني تاريخ جي خبر پوندي آهي. زبان، ثقافت جو آئينو پڻ آهي. هر قوم جي ثقافت جو مرڪزي عنصر، زبان ئي هوندي آهي ڇو جو زبان، علم ادب جي تخليق، ادبي روايتن ۽ رجحانن جي محافظ هوندي آهي. ثقافت جي مطالعي ۾، هر قوم جي ٻولي ۽ علم ادب جو مطالعو پڻ شامل هوندو آهي، ڇوتہ ٻولي ۽ علم ادب جي اٿاهہ ۽ بي انت بحر جي اونهائيءَ ۾ ئي، اُن قوم جي سماجي، ثقافتي، تهذيبي ۽ تمدني تاريخ جا تهہ لڪل هوندا آهن. (الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 1988ع:؟)

سنڌي ثقافت جو مطالعو صرف قديم آثارن جو مطالعو نہ آهي، يا سنڌي ثقافت جو مطالعو صرف فنون لطيفہ، فن تعميرات، فن ڪئليگرافي، اجرڪ سازي، ڇُر جي ڪم، ڪاشيگريءَ ۽ جنڊيءَ جي هنر

جو اڀياس، يا راڳ ۽ راڳداريءَ جو اڀياس نه آهي، پر سنڌي ثقافت جو مطالعو، سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جو مطالعو پڻ آهي. سنڌي ثقافت جو مطالعو، شاهه لطيف، شاهه عنايت شهيد، شاهه عنايت رضوي، مخدوم نوح، شاهه ڪريم، قاضي قادن، سچل سرمست، سامي، ثابت علي شاهه، سانگي، قليچ، ڪوڙي مل، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، ڊاڪٽر دائودپوٽي، علامه آءِ آءِ قاضيءَ، سيد حسام الدين شاهه راشديءَ، سراج، شمشيرالحيدريءَ، نياز همايونيءَ، عبدالڪريم گدائيءَ، اُستاد بخاريءَ، امداد حسينيءَ، ذوالفقار راشديءَ، فقير محمد لاشاريءَ، عبدالقادر جوڻيجي، نورالهديٰ شاهه، ماهتاب محبوب، امرجليل، جمال ابڙي، آغا سليم، نسيم کرل ۽ ٻين سوَن جي تعداد ۾ اديبن، شاعرن، عالمن، فاضلن، محققن ۽ نقادن جي ادبي، تحقيقي ۽ تنقيدي شهپارن جو مطالعو به آهي.

حقيقت ۾، سنڌي ٻولي ئي، سنڌ جي ماڻهن جي سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ جو عڪس پيش ڪري ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي سنڌي تهذيب ۽ تمدن جي جهلڪ ڏسي سگهجي ٿي. اها جهلڪ يا اهو عڪس، شاهه، سچل سرمست،ساميءَ ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ به نمايان آهي. اهو عڪس جديد ادب جي شاعرن، ناول نگارن، افسانه نگارن، ناٽڪ نويسن ۽ مضمون نويسن جي شهپارن ۾ پڻ نظر اچي ٿو. سنڌي ادب جي اهڙي لسانياتي اڀياس کي سماجي 'لسانيات' يعني (Socio- linguistics) جو اڀياس چئبو. شاهه لطيف، سچل سرمست، سامي ۽ جديد ادب جي شاعرن، اديبن، نقادن ۽ محققن جي شهپارن ۾، سنڌ جي ڏار ڏار خطن جي ماڻهن جي تهذيبي، تمدني، ثقافتي، معاشي ۽ معاشرتي زندگيءَ جو عڪس نمايان طور چٽيل موجود آهي. انهن جي ڪلام ۽ نثري شهپارن جي مطالعي مان، سنڌ جي ڏار ڏار خطن جي ماڻهن جي مخصوص روايتن، ذهني لاڙن، سماجي قدرن ۽ قومي مزاج جو پتو پوي ٿو. سنڌي ادب ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جي اهڙي مطالعي کي، 'سنڌي ٻوليءَ جو سماجي مطالعو' چئبو آهي. ۽ اهو مطالعو 'سماجي لسانيات' جو مطالعو ئي چئبو.

سماجي لسانيات مان مراد، سماج ۾ ٻوليءَ جي ڪارج ۽ استعمال جو مطالعو آهي. ٻولي، انساني سماج جي تهذيب ۽ تمدن جو اهم حصو هوندي آهي. جوته اُن (ٻوليءَ) جي مطالعي مان، اُن جي سماج، سماجي گروهن ۽ فردن جي اُٿڻيءَ ويهڻيءَ، رسمن ۽ رواجن، سماجي قدرن، قومي مزاج ۽ انساني نفسياتي ڪيفيتن وغيره جي باري ۾ خبر پوي ٿي. ڪنهن به سماج ۽ اُن ۾ ڪم ايندڙ ٻوليءَ، اُن جي ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ گهاٽي ۽ گهري نسبت هوندي آهي. سماج ئي ٻوليءَ کي ناهي ٿو ۽ ڪا صورت ڏئي ٿو. اُن کي سنواري ٿو. اُن ۾ ترقيءَ جون راهون هموار ڪري ٿو ۽ اُن جي عيوض، ٻولي، اُن سماج جي نمائندي جي حيثيت ۾ ڪم ڪري ٿي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته ڪابه ٻولي، پنهنجي سماج جي بهترين نمائندي

جهڙو ڪردار ادا ڪندي آهي، ۽ اُن سماج جو آئينو پڻ هوندي آهي. اُن سماج جي قدرن جي باري ۾ وضاحت ڪندي آهي. هر دور جو علم ادب، اُن دور جي سماج جو آئينو هوندو آهي. (الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 1987ع: 142)

سچل سرمست واري دور ۾ پيدا ٿيل ادب، اُن دور جي سماجي حالتن جي عڪاسي ڪري ٿو. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ سچل سرمست واري دور جي سياسي، سماجي، اقتصادي، علمي ۽ ادبي، تهذيبي ۽ تمدني تاريخ جي معلومات جي سلسلي ۾، سچل جو ڪلام هڪ املهہ سرمايو ۽ بي بها خزانو آهي. هن سلسلي ۾ معلومات جو بهترين وسيلو سچل جي ڪلام ۾ ڪم آندل ٻولي ٿي آهي. سچل سرمست جي ڪلام ۾ استعمال ڪيل اشارا، ڪنايا، تشبيهون ۽ استعارہ، تمثيلون ۽ علامتون ٿي آهن. جن جي ذريعي، سچل جي دور وارين سماجي حالتن ۽ سچل جي ڪلام واريءَ ٻوليءَ جو، سماجي لسانيات جي مطالعي ۾ مدد ملي ٿي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ سچل جي ڪلام ۾ ڪم آندل ٻولي، سچل جي دور جي سياسي، سماجي، معاشي، معاشرتي، علمي ۽ ادبي، تهذيبي ۽ تمدني تاريخ جي نمائندگي ڪري ٿي، ۽ سماجي زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي روشني وجهي ٿي، يعني سچل سرمست جي ٻولي، اُن دور جي سماجي لسانيات جو هڪ اهم باب آهي.

6۔ سچل سرمست جي ولادت، 1152هہ/ 1739ع ۾ ٿي، ۽ سندس وفات 1242هہ/ 1829ع تي، يعني تہ هن درويش، ڪلهوڙن جي دور جو پورو پورو اڌ ۽ ٽالپرن جي دور (1782ع ۔ 1843ع) جا پهريان چوڏهن سال ڏٺا. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي حڪومت واري زماني ۾، عام ماڻهن جي ٻولي سنڌي هئي. پر دفتري ۽ سرڪاري ڪاروبار جي ٻولي فارسي هئي. البت ٻنهي حڪومتن جي دور ۾ حڪمرانن جي مادري زبان سرائڪي هئي. انهيءَ ڪري ٻنهي دورن ۾، فارسي ۽ سرائڪي ٻولين جي اهميت ڪجهہ زياده هئي. مدرسن ۾، عربي ۽ فارسيءَ سان گڏ، سنڌي ٻولي بہ ذريعہ تعليم هئي. سنڌي زبان ۾ شعر و شاعري ڪرڻ جو رواج عام هو ايتري قدر جو ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن حڪمران ۽ سندن درٻارن جا اعليٰ درٻاري بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ بهترين ڪلام چوندا هئا.

سچل سرمست ۽ سيد ثابت علي شاهہ ٻئي هم عصر شاعر هئا. ٻنهي تي ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور واريءَ ٻوليءَ، علم ادب، تهذيب ۽ ثقافت جو گهڻو ۽ گهرو اثر هو. ثابت علي شاهہ، سنڌي ٻوليءَ ۾، فارسي زبان جا انيڪ محاورا، استعارہ، تشبيهون ۽ لفظ ڪم آندا. جن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ اڳ ايترو رواج ڪونہ هو. انهيءَ ڪري سنڌي ٻوليءَ جي لغوي صورت ۽ وياڪرڻي سٽاء ۾ وڏي تبديلي آئي. سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ بہ وڏو فرق آيو. ثابت علي شاهہ وانگر، سچل سرمست پڻ عربي ۽ فارسي ٻولين جا بيشمار لفظ،

محاورا، ترڪيبون، تشبيهون ۽ استعاره، پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ ڪم آندا. اُن کان سواءِ سچل سرمست پڻ شاهه لطيف وانگر قرآن مجيد جون انيڪ آيتون پنهنجي ڪلام ۾ تلميحن طور استعمال ڪيون، ۽ فارسي لفظن ۽ ترڪيبن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ واڌارو ٿيو.

7_ هن مقالي ۾ اڳ ۾ 'انسان ۽ انسان شناسيءَ' جي باري ۾ ڪي ڳالهيون عرض ڪيون ويئون آهن. ۽ انسان شناسيءَ جي اڀياس لاءِ ڪن موضوعن جي نشاندهي پڻ ڪئي وئي آهي. پر جيئن ته انساني معاشرو هميشه ارتقا پذير رهيو آهي، تنهن ڪري هر انساني معاشري جي باري ۾ معلومات، اُن دور جي علم ادب، ٻوليءَ، لطيف فنن، هنرن ۽ ٻئي مواد جي مطالعي مان حاصل ٿي سگهندي آهي. مثال طور موهن جي دڙي وارن قديم آثارن مان هٿ آيل مواد جي مطالعي مان، اُن دور جي سنڌ جي سماجي حالتن، سماجي قدرن، علم الانسان ۽ انسان شناسيءَ جي باري ۾ خبر پوي ٿي. موهن جي دڙي جي قديم آثارن مان هٿ آيل برتنن ۽ مهرن تي، چٽيل چٽن، گلن ٻوٽن، جانورن جي شڪلين، تصويرن ۽ ٻين نشانين مان، اُن دور جي سماج ۽ سماجي مطالعي ۾ مدد ملي ٿي. موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي قديم آثارن مان هٿ آيل مهرن تي لکيل ٻوليءَ جي باري ۾ اڃاتائين ڪو فيصلہ ڪن نتيجو مطالعي جي صورت ۾ سامهون نہ آيو آهي. جنهن مان خبر پوي ته اُن زماني ۾، موهن جي دڙي واريءَ تهذيب ۾ رائج ٻوليءَ جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي ساخت ڪهڙي هئي ۽ اُن جو سٽاءُ ڪهڙو هو؟ اُن تهذيب ۾ رائج ٻوليءَ جو مزاج ڪهڙو هو؟ پر ڪجهه ٻئي حاصل ٿيل مواد مان، اُن تهذيب جي ماڻهن جي تهذيب ۽ تمدن، مذهب ۽ مذهبي لاڙن، فنن، هنرن، ماڻهن جي ڪرت ۽ ڌنڌن جي باري ۾ گهڻو ٿي ڪجهه معلوم ٿي سگهيو آهي. جيڪڏهن سنڌو تهذيب ۾ رائج ٻوليءَ جي باري ۾ راز کلي پون ته پوءِ ته هن تهذيب جي ماڻهن جي سماجي زندگيءَ جي باري ۾ گهڻو ئي ڪجهه معلوم ٿي ويندو، چاڪاڻ ته جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي ته ڪنهن ٻہ سماج جي مطالعي لاءِ ٻولي هڪ اهم ذريعو ۽ وسيلو هوندي آهي. جيتوڻيڪ لطيف فنن ۽ هنرن جي مطالعي مان ٻہ علم الانسان جي مدد سان، اُن دور جي سماج ۽ سماجي قدرن جي باري ۾ گهڻو ئي ڪجهه حاصل ٿي سگهي ٿو، پر ٻولي هن ڏس ۾ هڪ واحد ذريعو ثابت ٿي آهي.

سماجي لسانيات جي مطالعي جي مدد سان، ڪنهن ٻہ ملڪ جي ڪنهن ٻہ دَور جي سماج، سماجي حالتن ۽ قدرن جو پتو پوي ٿو. جيئن انسان جي جسم جي عضون جي عمل جي باري ۾ هڪ ڊاڪٽر کي ئي ڄاڻ هوندي آهي. تيئن سماجيات جو ماهر ئي پنهنجي سماج ۽ اُن جي قدرن جي باري ۾ ٻڌائي سگهي ٿو. پنهنجي سماج جي فردن جي باري ۾ هو هر حقيقت کان واقف هوندو آهي. شاهه لطيف، سچل سرمست توڙي ٻيا سڄاڻ سخنور پنهنجي پنهنجي دور جي سماجي حالتن جا ڄاڻو، پارکو ۽ ماهر

سماج شناس هئا. اهوئي سبب آهي جو اُنهن جي ڪلام ۾ سندن دور جي سماجي حالتن ۽ قدرن جي صحيح عڪاسي ٿيل آهي. انهن مفڪرن، جيڪي ڪجهه ڏٺو ۽ محسوس ڪيو تنهن جو ذڪر سچائيءَ سان، پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو اٿن. اُهي حقيقت شناس ۽ حقيقت نگار هئا. اُنهن جيڪي ڪجهه بيان ڪيو آهي، تنهن جي وضاحت، سماجي لسانيات جي مطالعي ۾ مدد ڪري ٿو.

8ـ سماجي لسانيات هڪ وسيع موضوع آهي. ۽ اهڙيءَ طرح سماجي لسانيات جي روشنيءَ ۾، سچل سرمست جي ڪلام ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جو جائزو ٻه هڪ وڏو ۽ وسيع موضوع آهي. پر هن مقالي ۾ اُن سلسلي ۾ نهايت اختصار کان ڪم ورتو آهي. ۽ ڪي ٿورا مثال ڏيئي، هن موضوع جو جڳ تہ تعارف ئي ڪرائڻو آهي.

سچل سرمست جي ڪلام جو سماجي لسانيات جي روشنيءَ ۾ مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ سچل سرمست جي زماني جو معاشرو ڪيئن هو ۽ ڪهڙو هو؟ اُن زماني ۾، سنڌي سماج ۾ ڪيترا ۽ ڪهڙا ڪهڙا طبقا هئا؟ اُن سماج ۾ مردن جو ڪردار ڪهڙو هو ۽ عورتن جو ڪردار ڪهڙو هو؟ اُنهن ڌار ڌار ڪردارن کي تشبيهن، استعارن ۽ علامتن جي مدد سان ڪيئن پيش ڪيو ويو آهي؟ اُن زماني ۾، سچل سرمست جي ماحول ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون ٻوليون ڳالهايون ويندڙيون هيون. يعني اُن زماني ۾، سنڌي معاشرو ڪهڙن ڪهڙن لساني گروهن ۾ ورهايل هو؟ اُن زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ جا ڪهڙا ڪهڙا لهجا هئا؟ سنڌي ٻوليءَ جون ڪهڙيون ڪهڙيون سرحدون هيون؟ اُن زماني ۾ سنڌ جي سماجي درجي بندي ڪيئن هئي؟ اُن زماني ۾ سنڌ ۾ رائج ڌنڌن ۽ ڪرتن وارين ٻولين ۽ محاورن جا ڪيترا ۽ ڪهڙا ڪهڙا قسم هئا؟ اُنهن مان هرهڪ ڌنڌي ۽ ڪرت جي ٻوليءَ جو استعمال ڪيئن ٿيندو هو؟ ڌار ڌار لهجن کان سواءِ 'ٻارهين ڪوهين ٻي ٻولي' واريءَ چوڻيءَ مطابق، هر شهر، هر ڳوٺ ۽ هر واهڻ توڙي وسيبءَ ۾ ڪم ايندڙ روزمره واري ٻولي. اُن ۾ ڪم ايندڙ اصطلاحن، پهاڪن ۽ چوڻين کان سواءِ، ڌار ڌار خطن ۾ ڪم ايندڙ لفظن جي معنوي حيثيت ۽ ڪارج ڪهڙو ۽ ڪيئن هو؟

اهڙيءَ طرح معياري ٻوليءَ جو مزاج ۽ اُسلوب وغيره جي سلسلي ۾ مطالعو سماجي لسانيات جي مطالعي سان واسطو ٿو رکي، جنهن جي تفصيلي تجزيي ۾، سچل سرمست جي ڪلام ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جو جائزو وڏي مدد ڪري سگهي ٿو پوءِ چاهي اهو سندس ڪلام ۾ ڪم آندل سنڌي ٻوليءَ جو جائزو هجي، سرائڪي ٻوليءَ جو جائزو هجي. يا اهو جائزو سندس ڪلام ۾ ڪم آندل اردو ۽ فارسي توڙي پنجابي ٻوليءَ جو هجي، پر اُن لاءِ سچل سرمست جي سموري ڪلام جو مطالعو ڪرڻ ضروري آهي.

سماجيات جي ماهرن کي اها بہ خبر آهي تہ ڪنهن بہ سماج جي مطالعي لاءِ اهو خيال رکڻ ضروري آهي تہ جيئن تہ ڪوبہ سماج، فرد واحد تي مشتمل نہ هوندو آهي، پر اُن ۾ ماڻهن جا مختلف طبقا

هوندا آهن. يعني تہ اُن سماج ۾ امير بہ هوندا آهن تہ غريب بہ، هاري بہ هوندا آهن تہ زميندار بہ، تاجر بہ هوندا آهن تہ آجر بہ، پيءُ بہ هوندا آهن تہ پار بہ، مرد بہ هوندا آهن تہ زائفائون بہ. مطلب تہ هر طبقي، هر ماحول، هر محلي، هر پاڙي ۽ ڳوٺ يا واهڻ جي ٻوليءَ ۾ فرق ضرور هوندو آهي. واپارين جي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ، اصطلاح، فقرا، چوڻيون ۽ پهاڪا اهڙا بہ هوندا آهن، جيڪي هارين نارين، مزورن، ڏنارن، جوڳين ۽ فقيرن واري سماجي ماحول ۾ ڪم نہ ايندا آهن.

اهڙيءَ طرح هر ماحول، هر طبقي ۽ هر تهذيب جي ٻوليءَ ۾ فرق ضرور هوندو آهي. اهو فرق، سماجي لسانيات جي مطالعي، سان معلوم ڪري سگهبو آهي. انهيءَ لحاظ کان شاهہ لطيف، سچل سرمست ۽ ٻين ڪلاسيڪي توڙي جديد شاعرن جي ڪلام جو سماجي لسانيات جي حوالي سان مطالعو، نهايت ئي دلچسپ موضوع آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي اپڀياس لاءِ هي موضوع گهڻي توجهہ جي لائق ۽ اهم آهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌي غزل، قصيدي، ڪافيءَ، نظم، وائيءَ، بيت، دوهي، گيت ۽ ٻين صنفن ۾، جتي عشق، محبت، پيار، وروُنهن ۽ وڇوڙي لاءِ ورلاپ آهن، اُتي محبوب ۽ ممدوح جي صفت، ساراهہ بہ ڪيل هوندي آهي، جتي وڇوڙي لاءِ ورلاپ، آهون ۽ دانهون هونديون آهن، اُتي وصل لاءِ آزيون، نيزاريون ۽ التجائون بہ ڪيل هونديون آهن، جتي محبوب جي حسن، سونهن ۽ سوڀيا جي واکاڻ ڪيل هوندي آهي، اُتي هن سان وصل ۽ ميلاپ لاءِ، آس، پياس ۽ انتظار جو بيان بہ هوندو آهي، جتي زميندارن، جاگيردارن، ڪارخانيدارن، سرڪاري ڪامورن، وقت جي حڪمرانن ۽ وڏيرن لاءِ نفرت، ڌڪار ڦٽڪار ۽ مزاحمتي موضوع ڪم آندل هوندا آهن، اُتي هارين نارين، مزدورن، ڪڙمين، سانگين ۽ جهانگين جي صورتحال ۽ اُنهن سان همدرديءَ جي اظهار جي عڪاسي بہ ڪيل هوندي آهي. مطلب تہ انهن موضوعن جو بيان، نہ فقط سماج، سماجي حالتن، سماجي طبقن ۽ سماجي قدرن جو اپڀياس آهي، پر اُنهن سڀني موضوعن جي مطالعي لاءِ سماجي لسانيات هڪ وسيلو ۽ ذريعو پڻ آهي.

9_ سماجي لسانيات جي مطالعي جو هڪ پهلو هي بہ آهي تہ هر سماج ۾، هڪ يا هڪ کان وڌيڪ سماجي گروهن جي فردن جي ٻوليءَ جو ٻين سماجي گروهن تي اثر ضرور ٿيندوآهي. يعني تہ هر سماج کي لسانيات جي لحاظ کان هيٺين لساني گروهن ۾ ورهايو ويندو آهي (الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 1988ع:6):

(1) يڪ – لساني گروهہ (Mono- lingual group)

(2) ٻہ- لساني گروهہ (Bi- lingual group)

(3) اڪثريتي لساني گروهہ (Majority language group)

(4) اقليتي لساني گروهہ (Minority language group)

انهن لساني گروهن جو تفصيلي مطالعو بہ سماجي لسانيات جي مطالعي ۾ مدد ڪري ٿو.

سنڌي سماج جو انهن ڇهن ئي لساني گروهبندين جي لحاظ کان جائزو وٺي سگهجي ٿو ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ اُترادي لهجي تي سرائڪي ٻوليءَ جو اثر، ٿر واريءَ ايراضيءَ ۾ ٿري لهجي تي، سرحد پار کان هڪ طرف گجراتي ٻوليءَ جو اثر رهيو آهي تہ وري ٻئي پاسي کان راجستاني ٻوليءَ جي ڍاٽڪي ٻوليءَ جو وڏو اثر رهيو آهي. اهڙيءَ طرح، ڪوهستاني لهجي تي، ڪيتراني لهجي جي اثر ڪري، سنڌي ٻولي، اوير ۽ ڏکڻ اوير طرف، لاسي، فراڪي، خجڪ، جدگالي ۽ لوري لهجن ۾ ورهائجي وئي آهي. شهرن ۾ وري، انگريزيءَ ۽ اردوءَ جا اثر نمايان نظر اچن ٿا. اُن کان سواءِ عربن جي حڪومت ۽ اڳتي هلي سومرن، سمن، ارغونن، ترخانن، مغلن، ڪلهوڙن ۽ ميرن جي حڪومت واري زماني ۾، عربي ۽ فارسي ٻولين جا اثر، نہ فقط سنڌي ٻوليءَ جي لغت جو حصو بڻجي ويا، پر اُنهن ٻولين جي اثر ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي مزاج، سٽاء، صوتيات ۽ صرف نحو تي بہ وڏو اثر ٿيو. ساڳيءَ طرح، ٻين ٻولين مان 'اُڌارن ورتل لفظن' (Loan words) ۽ اُنهن 'اُڌارن ورتل لفظن جي قائم رهڻ' (Co- existence of words)، ۽ انهن سڀني پهلوئن جو تفصيلي جائزو ۽ مطالعو پڻ، سنڌي سماج، سنڌي ثقافت ۽ سنڌي تهذيب جي مطالعي ۾ مدد ڪندو آهي. انهيءَ ساري مطالعي کي، مجموعي طور 'سماجي لسانيات' جو مطالعو چيو ويندو آهي.

سماجي لسانيات جي مطالعي لاءِ، مٿي بيان ڪيل لسانياتي گروهن جي گهري اڀياس دوران، جن 'لساني حدن' (Linguistic domains) کي سامهون رکڻو پوندو آهي، اُهي حدون هي آهن: (الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 1988ع:)

(i) حاڪمن جي ٻولي يعني حڪومت طرفان منظور ڪيل سرڪاري ٻولي

(ii) ڪٽنب ۾ ڪم ايندڙ ٻولي

(iii) دوستي ياريءَ ۾ ڪم ايندڙ ٻولي

(iv) وڻج واپار ۾ ڪم ايندڙ ٻولي

(v) مذهبي ڪرياڪرمن ۾ ڪم ايندڙ ٻولي

(vi) گذر ۽ معاش واري ٻولي

(vii) راندين ۽ وندرن ۾ ڪم ايندڙ ٻولي

(viii) سياسي حالتون ۽ اُنهن جو ٻوليءَ تي اثر

(ix) سماجي سنبنڌ جو ٻوليءَ تي اثر

(x) آباديءَ جي لڏپلاڻ جو ٻوليءَ تي اثر

انهن لساني 'حدبندين' (Linguistic domains) جي ڪري سنڌي سماج کي ڪن حالتن ۾ ٻہ لساني سماج جي صورت بہ اختيار ڪرڻي پيئي آهي. مثال طور عربن جي حڪومت واري زماني ۾ حاڪمن جي سرڪاري ٻولي عربي هئي، تہ وري عوام جي زبان، سنڌي ئي هئي. هن بيان جي تصديق، عرب سياحن جي سفرنامن مان بہ ٿئي ٿي. مثال طور اصطخري (951ع) ۾ لکي ٿو:

"منصوره، ملتان ۽ اُن جي مضافات جي ماڻهن جي ٻولي، سنڌي ۽ عربي آهي" (اصطخري، 1960ع: 375)

ٻئي عرب سياح، بشاري المقدسيءَ (985ع) لکيو آهي تہ:

"ديبل هڪ ساموندي شهر آهي. هن سان هڪ سؤ ڳوٺ مليل آهن. هتي جا رهاڪو زياده تر هندو آهن. سمنڊ جو پاڻي، طغيانيءَ جي وقت شهر جي ديوارن سان اچي لڳندو آهي. هتي جا باشنده واپاري آهن. سنڌي ۽ عربي ٻوليون ڳالهائين ٿا." (بشاري المقدسي، 1960ع: 358 ۽ 386)

اهڙيءَ طرح ابن حوقل، پنهنجي سفرنامي ۾ لکيو آهي تہ:

"منصوره، ملتان ۽ آسپاس جي علائقن ۾ عربي ۽ سنڌي ٻوليون رائج آهن." (ابن حوقل، 1960ع:)

ڪلهوڙن ۽ ميرن جي حڪومتن جي دور ۾، فارسي، دفتري ۽ سرڪاري ٻولي هئي، ۽ سنڌي ٻولي، عوامي ۽ روزمره جي وهنوار ۾ ڪم ايندڙ ٻولي هئي. اها بہ حقيقت آهي تہ سنڌ ۾ لڏپلاڻ جو سلسلو بہ هزارين سالن کان جاري رهيو آهي. ڪلهوڙن جي دور ۾، ۽ اُن کان پوءِ ميرن جي زماني ۾، سرائڪي ٻوليءَ واري خطي مان بيشمار آبادي سنڌ ۾ لڏي آئي. هن آباديءَ پنهنجن گهرن، ڳوٺن ۽ پنهنجي سماجي ماحول ۾ سرائڪي ٻولي ئي استعمال ٿي ڪئي. پر اُنهن ماڻهن، ٻين سماج وارن سان، روزمره جي وهنوار ۾ سنڌي ٻولي ٿي ڳالهائي. ساڳيءَ طرح پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ، اردو ۽ سنڌيءَ جي وچ ۾ اهڙوئي رشتو رهيو آهي، پر حقيقت هيءَ آهي تہ سنڌ جي وڏن شهرن ۾ اردو ٻولي اثرانداز رهي آهي، پر ٻهراڙين، ننڍن شهرن، ڳوٺن ۽ واهڻن ۾، سنڌي ٻوليءَ جو اثر وڌيڪ رهيو آهي. انهن حالتن جو سنڌي سماج تي گهڻو اثر ٿيو آهي، جنهن جا آثار سنڌي ٻوليءَ تي نمايان نظر اچن ٿا. انهن اثرن جو جائزو سماجي لسانيات جي اڀياس ذريعي ئي وٺي سگهجي ٿو.

هت اهو ٻڌائڻ بہ ضروري آهي تہ سنڌي سماج جا مختلف طبقا (Classes) ۽ اُنهن ۾ رائج ٻولي ٻوليون، سماجي لسانيات جي مطالعي ۾ مدد ڪن ٿيون. اُها ٻولي يا ٻوليون يا اُن ٻوليءَ جو ڪو لهجو جيڪو 'اعليٰ' (privileged) طبقي ۾ ڳالهايو ويندو آهي، اُن طبقي جي ٻوليءَ يا لهجي کي، سماج ۾ بيشڪ

مان ۽ مرتبي واريءَ نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي. پر سماجي لسانيات جي شاگردن جي نظر ۾، هر طبقي ۾ رائج ٻوليءَ يا اُن جي لهجي کي بہ اهم سمجهيو ويندو آهي.

10ـ سماجي لسانيات جي انهيءَ تعارف ۽ وصف جي سمجهاڻيءَ کان پوءِ، هن مقالي جي عنوان جي مناسبت سان، سچل سرمست جي ڪلام جو سماجي لسانيات جي روشنيءَ ۾ جائزو ورتو ويندو. اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ شاهہ لطيف وانگر سچل سرمست پڻ پنهنجي ڪلام ۾ مقامي ماحول، سنڌي تهذيب ۽ ثقافت جي قدرن کي بيان ڪيو آهي. هن پنهنجي ڪلام ۾ خودشناسي ۽ خوداحتسابيءَ جو درس ڏنو آهي. هن حق گوئيءَ ۽ حق پرستيءَ جو سبق سيکاريو آهي. هن کي بہ انسان ذات ۽ انسانيت لاءِ سچو پيار هو. يعني هو بہ هڪ وڏو انسان شناس هو.

شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست، پنهنجي پنهنجي دور جي عوام جا آواز هئا. هنن جي ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ هنن ٻنهي جي زماني ۾، سنڌ ۾ ٻين خطن جو عوام، کين تمام گهڻو ويجهو ۽ پيارو هو. شاهہ صاحب جا بيت ۽ وائيون، شاهہ سائينءَ جي دور جا عام ماڻهو بہ جهونگاريندا هئا. اهڙيءَ طرح سچل سرمست جون ڪافيون، سندس زماني ۾، سنڌ، پنجاب ۽ سرائڪي ٻوليءَ جي خطي ۾ مشهور ٿيون. انهن ٻنهي بزرگ شاعرن جي شاعريءَ ۾، مختلف طبقن جي ماڻهن جي سماج ۽ سماجي حالتن جو ذڪر ملي ٿو. اُن دور جي عوام جا ڏک ۽ درد، ٻنهي بزرگ شاعرن جي ڪلام جا موضوع هئا. ٻنهي بزرگن، اُن حقيقت جي عڪاسي ڪئي آهي، جيڪا اُن وقت جي عوام جي دل وٽان هئي. انهيءَ ڪري ٿي اهو چيو ويندو آهي تہ ٻنهي جو ڪلام، اصل ۾ سندن دور جي عوام جو آواز ئي آهي. ٻنهي جو ڪلام، سندن دور جي ترجماني ڪري ٿو. ٻنهي جو ڪلام، سندن دور جي سماجي حالتن جي عڪاسي ڪري ٿو. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ ٻنهي بزرگ شاعرن جو ڪلام، اُن دور جي حقيقت نگاري آهي.

سنڌ جي سماجي طبقن يا سماجي گروهن جي لحاظ کان، سچل سرمست جي ڪلام کي جن جن سماجي گروهن يا سماجي حدن ۾ ورهائي سگهجي ٿو ۽ اُنهن جو سماجي لسانيات جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهجي ٿو، اُهي سماجي گروهہ هي آهن:

(i) **سماجي سٿا:**

امير، فقير، سيد، مير، پير، شاهہ، گدا، حاڪم، واپاري، هاري ناري، سانگهي، جهانگي، ڪوهستاني (جابلو ماڻهو)، ڏوٿي، ڏنار، مهاڻا، ميربحر، سامي، جوڳي، ڳائڻا وڄائڻا، ڪوري، موچي، ملان ۽ مولوي وغيره.

(ii) **تهذيبي ۽ تمدني طبقا:**

لباس، پهرڻ، کاڌو خوراڪ، رهڻي ڪهڻي، اُٿڻي ويهڻيءَ، گذر ۽ معاش، گهرگهات، هنر، فن، ڪرتون ۽ ڌنڌا.

(iii) **مذهبي ۽ ڌرمي سوچون:**

اسلام، تصوف، ويدانت، هندومت، ٻڌمت، ڀڳتي مت، مهاپنٿ، مرشد، پيغمبر، امام، گرو ۽ چيلا

(iv) **سنڌ جون جاگرافيائي حدون:**

اُتر، لاڙ ٿر، سرو وچولو ڪوهستان، ٿر، ڪارو ۽ ڪس

(v) **انساني نفسياتي ڪيفيتون:**

انڪساري نياز نوڙت، نمرتا، آزي نيزاري نماڻائي، نهٺائي، هٺ وڏائي، غرور تڪبر، مستقل مزاجي، جرئتمندي، همت، بهادري، بيباڪي، ليلائڻ، سڪ، سوز، تڙپ، طلب، پياس، عشق، محبت، پيار، مستي، جلال، جمال، اُمنگ ۽ جذبو.

(vi) **لسانياتي خوبيون:**

لفظي ۽ مصنوي خوبيون، تشبيهون، استعاره، تمثيلون، علامتون، تجنيسون، تلميحون، تضمينون، ترجيع، مسجع ۽ ٻوليءَ جي حسناڪي

(vii) **سورميون:**

سهڻي، سسئي، مارئي، مومل، نوري، ليلان، ڪؤنرو هير، سورٺ، اوڏڻ.

(viii) **سورما:**

ميهار پنهون، عمر، راڻو، ڄام تماچي، چنيسر، رانجهو، راءِ ڏياچ، لاکو ڦلاڻي، مخدوم بلاول، شاهہ شمس، منصور الحلاج ۽ سرمد

مٿي بيان ڪيل، لسانياتي ۽ سماجي طبقن جي حوالي سان، سچل سرمست جي ڪلام جو سماجي لسانيات جي روشنيءَ ۾ جائزو هڪ تمام وڏو ۽ وسيع موضوع آهي، جيڪو هن مقالي جي دائري کان تمام گهڻو وسيع آهي، پر هت مختصر طور ڪن مثالن جي مدد سان، سچل سرمست جي ڪلام جو سماجي لسانيات جي روشنيءَ ۾ مطالعو پيش ڪيو ويندو تہ جيئن آئنده جا محقق، هن موضوع تي وڌيڪ ڪم ڪري سگهن.

سچل سرمست جي ڪلام ۽ سندس ٻوليءَ تي ڪلهوڙن (1718ع- 1782ع) ۽ ٽالپرن (1782- 1843ع) جي حڪومتن، جي سماجي، تهذيبي ۽ ثقافتي حالتن جو وڏو اثر هو انهيءَ ڪري سيد ثابت علي شاهہ وانگر هن بہ پنهنجي ڪلام ۾، فارسي ۽ عربي ٻولين جا بيشمار لفظ، اصطلاح، فقرا ۽ اُنهن ٻولين جو ترڪيبون پڻ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪم آنديون، مثال طور هينيان لفظ سندس (سچل سرمست جي) ڪلام ۾ گهڻي قدر ڪم آندل آهن:

ڪرامات، صفات، موجودات، مصلحات، اثبات، هدايت، ضلالت، تجريد، تفريد ۽ توحيد وغيره.

انهن ۾ اهڙن ٻين فارسي ۽ عربي ٻولين جي استعمال جا مثال، سنڌس ڪافين ۾ عام ملن ٿا. جيئن:

آءُ ادا سالڪ سهي ڪر تون طلسمات کي،
ٻيج دوئي تا ڪل پوئي، دور ڪر درجات کي،
سر اهو سارو سٺائج، ڪن نہ ڏي ڪرامات کي. (الخ)

اهڙيءَ طرح انهيءَ ئي ڪافيءَ ۾ طاعت، حڪايات، عزي لات ۽ محلات وغيره لفظ بہ ڪم آندا اٿس، جيڪي عوامي معاشري ۾ گهٽ، پر عربي ۽ فارسيءَ واري اثر واري سماج ۾ گهڻي قدر ڪم ايندا هئا. اهڙيءَ طرح صنعت ترصيع جي استعمال وارا مثال پڻ عربيءَ ۽ فارسيءَ واري سماج جي اثر جو نمايان دليل آهي. سچل سرمست جي ڪلام ۾ 'صنفت ترصيع' (موتي پوئڻ واري ڪاريگري يا صنعت)، يا علم اللسان جي ماهرن جي راءِ ۾ سجعبنديءَ جا ڪيترائي مثال، سچل سرمست جي ڪلام ۾ ملن ٿا. مثال طور:

حاضر ناظر تون، باطن ظاهر تون، تنهنجو هُل هنگامو هي

يا ٻيو مثال ڏسو:

تنهنجي حسن ماريا، سوريءَ سي سنياريا، انهيءَ ڳالهہ ڳاريا،
اُهي يار آيا، نيزن جي نوايا، نيئي سر سلايا، تنهين اگهار هزارين هزار،
جنهين موج آئي، تنهين سڌ سيائي، ڪيهي ڳالهہ ڪائي، لنگهيا شهسوار.

انهن مثالن مان ثابت ٿو ٿئي تہ عربي ۽ فارسيءَ واري سجبنديءَ ۽ ترسيع واري اندازِ بيان واريءَ ٻوليءَ جو اثر، سچل سرمست جي ٻوليءَ تي، نمايا طور نظر اچي ٿو.

ڊاڪٽر عطامحمد حامي لکي ٿو:

”سچل سائينءَ جي ڪلام جو گهري نظر سان مطالعو ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ کيس زبان تي وڏي دسترس ۽ عبور حاصل آهي. الفاظ جي نشست، بندش جي چستي، بيان جو جوش ۽ زبان جو زور سنڌس قادرالڪلاميءَ جو ڪلمو پڙهندا نظر ايندا. الفاظ سنڌس حڪم موجب، زبان جي صفائيءَ سان، فرمانبردار نوڪر وانگر، پنهنجي مناسب جڳهہ تي ازخود ايندا ويندا. محاورا، ضرب المثل ۽ اصطلاح بلڪل روزمره جي مطابق هوندا. مجال آهي جو هڪ حرف بہ بي مهل استعمال ٿيل هجي. مطلب تہ هر شيءِ مُنڊيءَ تي ٽڪ وانگر، پنهنجي جاءِ تي جڙيل نظر ايندي. ڪمال اهو آهي جو زبان جي صفائيءَ سان گڏ صنايع بدايع جي سرخي بہ شامل هوندي آهي، ۽ اُن ۾ ڪونہ ڪو ناصحاڻو پهلو بہ موجود هوندو.“ (عطامحمد حامي، ڊاڪٽر، 1983ع: 42)

حامي صاحب جي هيءَ دعويٰ، سچل سرمست جي ڪلام جي سماجي لسانيات جي روشنيءَ ۾، مطالعي ۾ گهڻي مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو انهيءَ سلسلي ۾ لکي ٿو:

"اسان ان حقيقت کان به انڪار نٿا ڪري سگهون ته شاعر پنهنجي ڪلام ۾ جيڪي به محاوره ۽ انوکا الفاظ ڪم آڻيندا سي عين ان وقت جي تقاضا ۽ روزمره جي استعمال تي مبني هوندا. ڪوبه شاعر من گهڙت الفاظ ڪم نه آڻيندو بلڪ اهي بامعنيٰ الفاظ ڪم آڻيندو جي سندس ڪلام جي سونهن ۽ سوڀيا هوندا." (عبدالڪريم سنديلو ڊاڪٽر، 1985ع: 45)

ڊاڪٽر سنديلي صاحب درست فرمايو آهي ته: "شاعر، پنهنجي ڪلام ۾ جيڪي به محاوره ۽ انوکا لفظ ڪم آڻيندا، سي عين اُن وقت جي تقاضا ۽ روزمره جي استعمال تي مبني هوندا"، ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته سچل سرمست، پنهنجي ڪلام ۾ روزمره واري ٻولي ڪم آڻي، پنهنجي وقت جي حالتن جو صحيح ۽ سچو نقش چٽيو آهي.

اڳ ۾ چيو ويو آهي ته ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي زماني ۾، سنڌ ۾، سنڌيءَ سان گڏ، سرائڪي ٻوليءَ جو رواج پڻ هو ڇو ته حاڪمن کان سواءِ، لاتعداد سرائڪي ڳالهائيندڙ قبيلا، ڪيترن ئي سببن جي ڪري لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا هئا. حڪمرانن جي ته مادري زبان ئي سرائڪي هئي، ان ڪري سرائڪي زبان ۽ سرائڪي سماجي ماحول جو سنڌي ٻوليءَ تي گهڻو اثر ٿيو. انهيءَ جو ثبوت، سچل سرمست جي ڪلام مان به ملي ٿو هن سلسلي ۾، ڊاڪٽر پروفيسر اياز حسين قادري صاحب لکي ٿو:

"سچل جي زماني ۾، رياست خيرپور جا حڪمران ۽ سنڌ جا ڪيترائي قبيلا، سرائڪي ڳالهائيندا هئا. ٽالپرن جي مادري زبان سرائڪي ئي هئي. سندن حڪمرانيءَ ڪري خيرپور رياست جي عام ماڻهن تي سرائڪيءَ جو وڏو اثر هو. سنڌ جا ملتان سان ڪيترائي پراڻا لاڳاپا ۽ ناتا رهيا آهن، جنهن ڪري ملتان مان ڪيترائي فقير، راڳ وارا ۽ قوالي وقت بوقت سنڌ ۾ ايندا رهندا هئا. ۽ سنڌ ۾ سرائڪي ڪلام ڳائي داد حاصل ڪندا هئا. ميرن جي اثر ڪري، ملتان سان قديم لاڳاپن، ۽ پڻ راڳ وارن جي آمد رفت سبب، خيرپور ۽ اُن جي آسپاس سرائڪي ڪلام جو ماحول پيدا ٿي ويو هو جنهن کان سچل فقير به متاثر ٿيو." (اياز حسين قادري، ڊاڪٽر، 1985ع: ؟)

ساڳئي سلسلي ۾، ڊاڪٽر نواز علي 'شوق' صاحب لکي ٿو:

"سندس سرائڪي ڪلام ۾ عوامي زبان ۽ محاورا جام نظر ايندا." (نواز علي 'شوق'، ڊاڪٽر، 1985ع: 68)

ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ 'سنڌي'، سچل سرمست جي ڪلام تي گهڻو ئي ڪم ڪيو آهي. هن ڏس ۾، ڊاڪٽر ميمڻ صاحب جي راءِ بہ گهڻي مدد ۽ رهنمائي ڪري ٿي. هُو لکي ٿو:

"سچل سرمست، سنڌي شعر سان گڏ، سرائڪي ۽ پنجابي شعر کان بہ واقف هو. سرائڪي ۽ پنجابي شاعريءَ ۾، پنجاب جي رومانوي داستان، هير- رانجهو تي شعر ملي ٿو. اُن کان متاثر ٿي، سچل سرمست سنڌيءَ ۾ هير- رانجهو جي تمثيل ۾ بيت چيا آهن. پنجابي شاعرن، هير- رانجهي جو قصو سلسليوار منظوم ڪيو آهي، پر سچل سرمست، سنڌي شعر جي روايت موجب اشاراتي ۽ تمثيلي انداز اختيار ڪيو آهي." (ميمڻ عبدالمجيد، سنڌي، ڊاڪٽر، 1988ع: 67)

ڊاڪٽر ميمڻ صاحب جي چوڻ موجب: "سچل سرمست جي ڪلام ۾ سرائڪي زبان جو گهڻو اثر ملي ٿو. اهو نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ سرائڪي ٻوليءَ ۾ 'ر' آواز کي 'ل' آواز ۾ بدلايو ويندو آهي." (ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، 1988ع: 67)

مثال طور:

| | | |
|---|---|---|
| (i) | ڪٿي گداگر گدائي والا، ڪٿي شهنشاه | وارو — والا |
| (ii) | سنڌيو سار سنيالَ، يار مون کي آهي، منهنجا ميان، | سنيارَ — سنيالَ |
| (iii) | سچو صدقي تن تئون، جند جنهين هٿ گهولي | گهوري — گهولي |

ميمڻ صاحب جو رايو آهي تہ سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾، سرائڪي ٻوليءَ جا لفظ بہ گهڻي انداز ۾ ڪم آندا آهن. مثال طور: (ميمڻ عبدالمجيد، سنڌي، 1988ع: 67)

(i) ٻيو جاڻڻ محض گناه، هر ڪنهن صورت آپ الله

هن مصرع ۾ 'آپ' لفظ، سرائڪي ٻوليءَ جو آهي.

(ii) حال پائي اڃي سي ٿيا، جن تان چيتڪ لايو

'چيتڪ' سرائڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي.

(iii) ڏوڙا طالع مون ٿين، جڏهن سچو ناوَ سڏيندا.

هن مصرع ۾ 'ڏوڙا' بہ سرائڪي ٻوليءَ جو لفظ ڪم آندل آهي. 'ڏوڙا' جي معنيٰ آهي 'ٻيڻا'.

اڳ ۾، سچل سرمست جي زماني ۾، سنڌ جي ماڻهن جي مختلف سماجي طبقن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اُنهن مان ڪي سماجي طبقا هئي هئا: امير، فقير، غريب، سيد، مير، پير، ملان، قاضي، برهمڻ، ڏنار ڏوٿي، شاه، گدا، حاڪم، واپاري، سوداگر، هاري ناري، سانگي جهانگي، جوڳي ۽ سامي وغيره. اهي طبقا،

ڌار ڌار سماجي گروهن طرف نشاندهي ڪن ٿا. انهن گروهن جي ٻولي، انهن سماجي گروهن جي دفعي ۾ داخل ڪئي ويندي. مثال طور سچل سرمست فرمائي ٿو:

چئو ميان عشقا ڪيئن، تون سوين سيل بنائين ٿو.
يا تون آهين ذات ديوانو، جو ڪيڏا ناهه ناهين ٿو
ڪاٿئين ملان قاضي تون، ڪاٿئين سيد سڏائين ٿو
ڪاٿئين مُغ برهمڻ تون، ڪاٿئين بانگ ٻڌائين ٿو
ڪاٿئين منهن ۾ محراب، ڪاٿئين تلڪ لائين ٿو
ڪاٿئين تسبيحان تون سورين، ڪاٿئين جڻيا پائين ٿو
ڪاٿئين پيرين آهين پيادو، ڪاٿئين بور بڄائين ٿو
ڪاٿئين منبر واعظي، ڪاٿئين پوٿيون پڙهائين ٿو
ڪاٿئين زربفت قبائون، ڪاٿئين ليڙا لڙڪائين ٿو
ڪاٿئين ڏيتي شرعي فتوي، ڪاٿئين منصور مارائين ٿو
ڪاٿئين هنومان ڪوٺائين، ڪاٿئين ڏهيسر ڏسائين ٿو
ڪاٿئين ٿئين رام سيتا، ڪاٿئين لڇمڻ لڪائين ٿو
ڪاٿئين نمرود ابراهيم ٿي، ڪيئي بيک بنائين ٿو
ڪاٿئين ٿي بادشاهه ملڪ جو ساور ديس دٻائين ٿو
ڪاٿئين ٿئين غرض گداگر، ڪاٿئين ٺوليون ٺڪائين ٿو
ڪاٿئين مفتي تون ’خدائي‘، ڪاٿئين اناالحق فرمائين ٿو.

اهڙيءَ طرح هيئنئين شعر ۾ پورهيت ۽ خان جي سماجي طبقن جو ذڪر ڪيو اٿس:

پورهيت پاٽيءَ ڍوئي، خانَ پاروچا تنهنجي،
حاضر خدمت اڄي اوهان جي، حال چونديس روئي.

انهن ڌار ڌار طبقن واري سماج ۾ ڪم ايندڙ ٻوليءَ جو انتخاب، اُن طبقي ۽ سماج مطابق ڪيو اٿس. هن ڏس ۾، عثمان علي انصاري صاحب لکي ٿو ته:

”اهو به ضروري آهي ته پڙهندڙن کي خبر هجي ته جو پيغام سچل پنهنجي ڪلام جي وسيلي ڏئي ٿو تنهن پيغام جا ٻڌڻ وارا ڪهڙي خمير جا ٺهيل آهن.“ (عثمان علي الانصاري، 1982ع: 9)

مٿي جن سماجي طبقن جا نالا ڏنا ويا آهن، اُنهن مان هڪ طبقو سوداگرن جو آهي. هن طبقي واري سماجي ماحول ۾ ڪم ايندڙ ٻوليءَ کي سچل سرمست، پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندو آهي. اُن ٻوليءَ جا ڪي لفظ هي آهن: سودو، آٽڻ، لڪائڻ، گم ڪرڻ، مُشڪ، عطر، گوهر، جوهر، مهر ۽ مشهر وغيره. اهي لفظ سوداگرن ۽ واپارين واري سماجي ماحول ۾ استعمال ٿيندا هئا. انهن لفظن کي سچل سرمست هن ريت سان بيان ڪيو آهي:

سل ڙي سوداگر، تون تان آئين وٺي هت سودو کهڙو؟
هُتئون آٽي هت ڪيئن لڪايئہ، ڪٿي مُشڪ عطر؟
هوڪو هت ٻيو ڪيهو گهمايئہ، ڪري تا گُم گوهر؟
ههڙي جوهَر جي هتي، ڪنهن سان ڪيئہ ڪا خبر؟
پنهنجي اڳئون ڪيئہ مڙيوئي، سارو ملڪ مَشهر،
چاڪئون تو تان شاهہ ڇُپائي، هيئن سا هَٿَ مُهر،
لکي ڏنائون تو ڪيترا، مُلن کي مضَحر،
ليلان لکين ڪيون پڏريون، 'سچو' وي سَرور.

ليلان چنيسر جي تمثيل وارو ماحول، محلاتي يا اميراڻو ماحول آهي. سچل سرمست انهيءَ ماحول ۾ اميراڻي سماج ۾ جيڪا ٻولي استعمال ٿئي ٿي تنهن جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

هار سينگار چنيسر ڄام، ليلان کسايو دستئون پنهنجي،
ڏاڳو مڻيون هو ڪسوٽي، جو دل جو ٿي پيو دام،
نظر وڌئي تا غيرتي، تيلهان تون ٿئين تمام،
ٻُلي ٻولي ۾ ٻئينءَ، هارُ ٻانيئي آرام،
تنهن ڏينهن آندئي پاڻ سان، سورن جو سرانجام،
'سچو' رهہ صبر ۾، عشق ٿيئي انعام

هن ڪافيءَ ۾، چنيسر جي لاڏلي ليلان جي تمثيل ۾، سچل سرمست هار، مڻيون، ڏاڳا، ڪسوٽي ۽ دام جهڙا اميراڻي سماج جا لفظ ڪم آندا آهن.

اُن جي برعڪس سانگين، جهانگين، ڌوٽين ۽ ماروئڙن جي ماحول ۽ سماج ۾ ڪم ايندڙ ٻوليءَ جا مثال، سچل سائينءَ جي ڪيترين ئي ڪافين ۾ ملن ٿا. مثال طور هيءَ ڪافي ڏسو:

هت ڏسان ڌوٽيڙن جون، ويٺي واٽڙيون،
هت ٻون پنهوارن تي، مئيون ماٽڙيون،
ياد اُتي جون مون پيون، ڇُوهُون ڇاٽڙيون،

اهڙيءَ طرح سهڻي ۽ ميهار واري دريائي سماجي ماحول ۾ ڪم آيل ٻولي، سسئيءَ جي ڪوهستاني ۽ جابلو ماحول کان علحدي سماج جي ساک ڀري ٿي. مثال طور: سسئيءَ جي سر ۾ سچل سرمست، جنهن سماج جو ذڪر ڪيو آهي، تنهن جو هڪ مثال پيش ڪجي ٿو:

توڙي جَهڪَ جَهڪي ڪئي جهولي،
ٻي تان ٻولي هڏ نہ ٻولي،
ڦيريون ڏئي، ڀرين کي ڦولي،
چوهُون ڀاڻ، چپر کي چولي،
گورَن رند ڏسي سِرُ گهولي،
ڳِڙ ڳِڙ ڳوڙها ڳاريو ڳولي،
ڏونگر ڏرڙ ڏکوئي ڏولي،
قادر شال قريبين ڪولي،
ڪندو گام ٿَڪر ڪئون ٽاري،

هن ڪافيءَ ۾، سسئيءَ جي تمثيل ۾، جابلو ۽ ڪوهستاني سماج جي ماحول جي ڇٽ ڇڻڻ لاءِ، سچل سرمست جن لفظن جو سهارو ورتو آهي، اُهي هي آهن: جَهڪَ، جهولو چوهُون، چپر، چولڻ، گورا، رَند، ڏونگر، ڏَرڙ ۽ ٿڪر وغيره. اهڙيءَ طرح نوريءَ جي تمثيل بيان ڪندي، مهاڻن واري معاشري جو سچل سرمست عڪس هيئن پيش ڪيو آهي:

ڳُڙهيون جن ڪنڌن تي، سي لڳي پاڳ پلا،
دمڙي تن نہ دست ۾، هُئا نهريل ڪينَ نلا،
اڄ ميئن جي گهر مالَ جا، ٿيا ٿَم ٿلا،
پر هُيڙي اکڙين ۾، ڪاجا مِيي ڪلا
ڪينجهر گهمن لاڏ ڪيون، ڪيون رَس رَلا،
اگلا سگلا، سمي نانوَ سجاڻيا.

ٻيو مثال:

ڇڇيءَ جي هُئي ڇِڻَ، ٿي آئي عام خلق کي،
وَهِ وڃائي وَهَ ۾، ميئي مڃائي نہ مَٽَ،
نوري جام تماچيءَ سان، ڪلي چڙهي هئي ڪٽ،
سر لاجو سَرَ پَٽ، ملاحن مشرو ڍڪيا،

انهن ڪافين ۽ بيتن ۾ سچل سائين، مهاڻن واري معاشري جو عڪس پيش ڪرڻ لاءِ هينين لفظن جو سهارو ورتو آهي:

مُنهن ميرا، مُنهن بڇڙا، سهاڳ، گاندر، گُنيرا، ڪُڙهيون، ميٺي، ڪلا، اگلا سگلا، سمو ملاح، چچي، چَٽ، چچيءَ چَٽ، ڪوجهيون، رنگ ڪاريون، منهن نه موچاريون، ڪاريون، سرڪٺن ڪاريون آريون ڪٺڻ، ڪلهين ڪيناريون، نوري، تماچي ۽ ڪينجهر.

ميمڻ عبدالمجيد 'سنڌي' هن سلسلي ۾ لکي ٿو:

> "سچل سائين، انهن ڪينجهر جي مهاڻن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته: 'اهي مهاڻا جيڪي ميرن پيرن سان گهمندا هئا، ۽ پاڻيءَ ۾ تڙڳندا هئا، اُنهن ۾ جام تماچيءَ سان تعلق ۾ اچڻ کان پوءِ، وڏي تبديلي آئي، ۽ هُو شان ۽ شوڪت سان زندگي گذارڻ لڳا.
> (ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، 1988ع: 67)
>
> مثال طور:
>
> پيرائون منهن ميرا، پاڻي پوندي جن هئا،
> سي اڄ بڊيون وتن سر تي، چاهه منجهان چيرا،
> ماڻڪ موتي منهن تي، هئا تن هيرا
> ڪات سپ ڪيرا، سگهڙ سي جام جا.
>
> ٻيو مثال:
>
> ڪوجهيون رنگ ڪاريون، مُنهن نه موچاريون،
> سي ڪڏيو ڪالورن جيئن، سر ڪٺڻ ڪاريون،
> ڪي ٿي ڪٺي اُن جيون ٿو تماچي آريون،
> سي اڄ سالون ڍڪين سر تي، ڪُلهين ڪيناريون،
> زور چڙيون زاريون، ٿو تماچي تن کي ڪري"

اهڙيءَ طرح، سهڻيءَ جي تمثيل ۾ درياءَ سان واسطو رکندڙ سماجي ماحول واري ٻولي ڪم آندي اٿس، جنهن ۾ درياءَ جي سير، درياءَ جا ڪنارا ۽ گهيڙ ۽ اهڙا ٻيا لفظ ڪم آندا اٿس. مثال طور:

> ساڄن اِنهيءَ سِيرَ، ايندئي ڙي اچا!
> سي پهتيون پرينءَ سان، جي گهڙن تيون انهيءَ گهيڙ،
> سيپريان جي سيرَ ۾، هيجئون هينڙو هيرَ.

ٻڏي نچج نينهن جي، ڇاتيءَ ڇاتيءَ ڇيڙ،
’سچو‘ سائين جي پچين، ڦند سيپئي ڦير.

سنڌي سماج جي ٻين طبقن ۾ سچل سرمست. شاهه سائينءَ وانگر، جوڳين ۽ سامين جو بہ ذڪر ڪيو آهي. ۽ اُن سلسلي ۾ جيڪا ٻولي ڪم آندي اٿس تنهن جا ڪي مثال هي آهن:

(1)

ڏوٽيءَ منجهہ ڏيانُ، آهي آڏوتين جو
گم تي، گُر گُم گودڙيا، ڪن گروڙي گيان،
اصل ڪان آشنان، گنگا جمنا تن جو.

(2)

جوڳين جُتائون، جوڙيون جوڙيون جانِ تي،
ڇمنا ٻڏي ڇيلهہ سان، تُنيون تڻيائون،
جنجيرن سان جمان تي، ڪشتا ڪڙيائون،
گروڙي گائون، پورب پنڌ پڇي ويا.

(3)

ورلو ويراڳي، گياني ڏنم گودڙيو،
ٻليا ڏنم پيرَ ۾، يوڳي ۽ ياڳي،
طالب تياڳي، لکن ۾ ڪو هيڪڙو.

مٿين بيتن ۾، جوڳين ۽ سامين جي سماج واري ماحول جي ٻوليءَ جا انيڪ لفظ ڪم آندا ويا آهن. هن سماج جي بيان لاءِ، سچل سائينءَ، ڏوٽي، ڏيان، آڏوت، گُرگُم، گودڙيا، گروڙي، اشنان، گنگا، جمنا، جوڳي، جتائون، ڇمنا ٻڏڻ، تنيون، ڪشتا، پورب، ويراڳي، يوڳي، ياڳي ۽ تياڳڻ لفظ ڪم آندا آهن. جيڪي لفظ هن سماجي ماحول ۾ ئي ڪم ايندا آهن.ا هڙيءَ طرح جوڳي، سامي، ڪفني، مشعل، منهن ـ انگ، پيوت، ڪُنڊيل، جوڳيسر، مرليون ۽ ونجهليون لفظ بہ ڪم آندا اٿس، مثال طور:

(1)

ڪُنڊيل ڪنن ۾ وجهي، خان ڇڏي خاني،
جوڳيسر جاني، راويءَ طرف رَوي هليو.

(2)

چڙهي چاهه چناب جو، راويءَ ڏانهن رَوِيو
مرليون سرليون ونجهليون، وڄائيندو ويو
ٽانيڪو ٿيو، سو نانگو نور نگيُر ۾.

(3)

جوڳي زلفن وارو سو سامي مون تان ڪين سڄاتو
ڳل ڪٽي ڪفني دست پهوڙا، مشعل منجهه موچارو
انگ پڀوت بڻائي آيو، بيک پئي وڻجارو
پئي لباس ڪو رانجهو ايندو، چڙهي تخت هزارو
سبب اِنهيءَ ڪٿون ڪين سڃاتم، ماريو مٺيءَ لَڌ وارو
'سچوءَ' سڃاتو نه رانجهو آهي، جڏهن جمال پسايئين سارو.

11ـ سماجي لسانيات جي مطالعي ۾ لهجن ۽ محاورن جو مطالعو پڻ اچي وڃي ٿو. سچل سائين، اُتر سنڌ جو رهاڪو هو انهيءَ ڪري سندس ڪلام جي ٻولي بہ 'اُترادي' يا 'سريلي' آهي. ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ، سچل سرمست جي ڪلام ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جي لهجن جي باري ۾ لکي ٿو:

"سچل جي ڪلام ۾، سنڌي ٻوليءَ جا سمورا لهجا موجود ڪين آهن. گهڻي ڀاڱي سرائڪي گاڏڙ شڪارپوري، معياري اُترادي ۽ لاڙي." (درمحمد پٺاڻ، ڊاڪٽر، 1985ع: 73)

ڊاڪٽر ميمڻ سنڌي صاحب، سچل جي ڪلام ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جي لهجي جي باري ۾ وضاحت سان لکيو آهي. هُو لکي ٿو:

"سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ اُترادي لهجو ڪارفرما نظر اچي ٿو."

ڊاڪٽر ميمڻ صاحب، مثال ڏيندي لکي ٿو:

"سريلي محاوري ۾ لفظ جي پويان 'آن' پڇاڙي ملائي جمع ٺاهيو ويندو آهي. پر لاڙي لهجي ۾ 'اون' پڇاڙي گڏي ويندي آهي. (عبدالمجيد ميمڻ سنڌي: 1988ع: 67)

مثلاً:

(i) جَن لِءِ روز نهارِم راهان، مولا سي محب ملايا.

هن مصرع ۾ 'راهون' جي بدران 'راهان' لفظ ڪم آندو ويو آهي.

(ii) مون کي رات رسيون، ڏيهه ڏاڏاڻئون خبران

هن مصرع ۾ لفظ 'خبران'، 'خبرون' اسم جمع جي بدران ڪم آندل آهي. هت هڪ ڳالهہ جي وضاحت ڪرڻ ضروري آهي تہ 'راهون' ۽ 'خبرون' لفظن ۾ 'اون' پڇاڙي صرف لاڙي لهجي ۾ ئي نہ. پر معياري لهجي ۾ بہ ملائي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح سچل سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ ظرف بہ اُترادي لهجي موجب ڪم آندا آهن. جيئن:

(i) قاصد ڪيچ وڃن ڏنهن، آئت سگهڙو آڻ.

(ii) آيو انهيءَ پار ڏهُون، اديون ڳُر ڪاڻ.

اُترادي لهجي ۾ 'جتي' بدران 'جاتي'، 'تتي' بدران 'تاتي'، ڪتي بدران 'ڪاتي'، 'ڪتان' جي بدران 'ڪاتئون' ۽ 'جتان' جي بدران 'جاتئون' ظرف ڪم آڻيا آهن. انهن جا مثال مٿي اچي ويا آهن.

(ب) اُترادي لهجي ۾ هڪ ٻي خاص ڳالهہ ماضي معطوفيءَ جو استعمال آهي. سچل سرمست جي ڪلام ۾ انهيءَ جا ڪيترائي مثال ملن ٿا، مثال طور:

(i) لالڻ ليئڙو پايون هليو ويو.

هن مصرع ۾ 'پايون هليو ويو' صورت ۾ 'پايوُن' لفظ، ماضي معطوفيءَ جو مثال آهي. جيڪو معياري لهجي ۾ 'پائي' استعمال ڪبو آهي. ٻيا مثال هي آهن:

(i) ڪينجهر گهمن لاڏ ڪيئون، ڪيون رس رلا

هن مصرع ۾ 'لاڏ ڪيون' ۾ فعل، اُترادي لهجي موجب استعمال ٿيل آهي، پر معياري لهجي موجب اُن جو استعمال ٿيندو، 'لاڏ ڪريو'.

(ii) زور چڙيون زاريون، ٿو تماچي تن کي ڪري.

هن مصرع ۾ 'زور چڙيون زاريون'، ۾ 'چڙيون' صورت اُترادي لهجي موجب آهي، پر معياري لهجي موجب، اُن لاءِ 'چڙيو' صورت استعمال ڪئي ويندي آهي.

(iii) سي اچ ٻڏيون وتن سر تي، چاهہ منجهان چيرا

هن مصرع ۾ 'ٻڏيون وتن'، اُترادي لهجي جي صورت جو استعمال آهي، پر معيارب لهجي موجب، اُن جو استعمال ٿيندو 'ٻڏيو وتن'.

اهڙيءَ طرح سچل سرمست، 'ڪان' ظرف جي بدران 'ڪئون'، 'ڏانهن' ظرف جي بدران 'ڏنهُن' ظرف ڪم آندا آهن.

ميمڻ عبدالمجيد 'سنڌي' صاحب جو رايو آهي تہ: "سچل جي ڪلام ۾ ڪٿي ڪٿي لاڙي لهجي جو اثر نمايان آهن. اهو شايد شاهہ لطيف جي شعر جي اثر سبب آهي، مثال طور سريلي محاوي ۾ عام

طرح 'نہ' جي معنيٰ ۾ 'م' ڪم ايندو آهي. سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ تورين جاين تي 'نہ' جي معنيٰ ۾ 'م' بہ آيو آهي، جيئن:

وچان تا م مري، جان ٻاروچي منهن ڏسان

اهڙيءَ طرح لاڙي محاوري ۾ ناڪاري بنائڻ لاءِ لفظ جي اڳيان 'آ' اڳياڙي آندي ويندي آهي، مثلاً: 'آجاڻ' ۽ 'اپر' وغيره، پر سريلي محاوري ۾ عام طرح اهڙا لفظ ڪم نہ ايندا آهن. سچل جي ڪلام ۾ اهڙيءَ اڳياڙيءَ وارا لفظ گھڻي قدر ڪونهن. البت ڪن جاين تي هڪ اڌ لفظ اڳياڙيءَ وارو ملي ٿو مثال طور:

هو سياڻا سپرين، عاجز هيءَ آجاڻ

12- شاهہ لطيف وانگر، سچل سرمست، سنڌ ۽ سنڌوماٿر جي ڪن تاريخي واقعن کي، لفظن ۾ اهڙيءَ طرح تہ پيش ڪيو آهي جو ڄڻ تہ سمنڊ کي ڪوزي ۾ بند ڪري ڇڏيو اٿس. اهڙن تاريخي واقعن کي هوُ پيرائتو بيان نٿو ڪري، پر انهن واقعن جي ڪردارن جا نالا کڻي، ساري تاريخي قصي کي دُهرائي ويو آهي، پر شرط اهو آهي تہ پڙهندڙ يا ٻڌندڙ تاريخ ۽ اُنهن تاريخي واقعن کان واقف هجي، مثال طور: سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾ سرمد، شيخ عطار زڪريا، يوسف علي، شمس سبزواري ملتاني، بلهي شاهہ، مخدوم بلاول ۽ شاهہ عنايت شهيد جا نالا، پنهنجيءَ هڪ ڪافيءَ ۾ بيان ڪيا آهن. اهي نالا سنڌو ماٿر جي تاريخ جا اهم ڪردار آهن جيڪي سنڌو ماٿر جي سماجي تاريخ ۾ اهم حصو ادا ڪري چڪا آهن، مثال طور فرمائي ٿو:

جي آئين پلي آئين تون، ڪنهن منزل پهچائين تون،
ٿو موٽي سر وڃائين تون!
سرمد کي ڏيئي لت ڪُهائيئي، سوريءَ تي منصور چڙهائيئي،
شيخ عطار جو سر وڃائيئي، هاٿي هيڏي پنڌ پڄائين تون.
زڪريا ساڻ ڪرت چيرائيئي، يوسف کي منجهہ کوهہ وجهائيئي،
شمس ملن جي هٿئون مارائيئي، عاشق ٿو آزمائين تون.
جٽيو ڪفر صنمان وجهائيئي، بُلهي شاهہ کي ذبح ڪرائيئي،
جعفر کي درياءِ ٻوڙائيئي، تن کي پار لنگهائين تون.
گهاٽي ۾ بلاول پيڙائيئي، عنايت ميدان مارائيئي،
ڪرمل کي هن حڪم هلائيئي، ڦيروءَ ڪنڌ ڪپائين تون.
قاسم ڏرن سان سنائيئي، موسيٰ کي بي سهاڳ ونائيئي،

اڪيداس تعزير ڏوايئي، سو اڄ ساڳيو آهين تون.
’سچو‘ سنڌيءَ پچائي، گهوريو پنهنجو سر گهمائي،
نينهن واري ڳالهه ڳالهائي، عاشق ٿي فرمائين تون.

اهڙيءَ طرح رام، سيتا، هنومان، لڇمڻ، راوڻ، نمرود، ابراهيم عليه، فرعون ۽ موسيٰ عليه جا نالا، اُهي نالا آهن، جن جي تاريخي احوال بيان ڪرڻ لاءِ ڪتاب لکي سگهجن ٿا.

13- سچل سرمست پنهنجي دور جي انسان جي نفسياتي ڪيفيتن ۽ جبلتن جي بيان ڪرڻ لاءِ تشبيهن، استعارن، تمثيلن، علامتن، اشارن ۽ ڪناين کان ڪم ورتو آهي. هن سلسلي ۾ مرحوم عثمان علي انصاري لکي ٿو:

”سرمست جيڪي ڏٺو سو چيائين، ۽ جيڪي چيائين، سو عيني مشاهدي کان پوءِ چيائين. سندس زبان ۽ نگاهه ۾ ڪوئي فرق ڪونهي.“ (عثمان علي انصاري 1982ع: 19)

انسان جي نفسياتي ڪيفيتن جا مٿي ڪي نمونا بيان ڪيا ويا آهن. ٻين مشرقي شاعرن وانگر سچل سرمست به عورت کي عاشق طور پيش ڪيو آهي. عورت جي روپ ۽ ڪردار کي، علامت ۽ اُهڃاڻ طور ڪم آڻيندي سچل سرمست، سنڌي عورت جي ڪردار، اخلاق ۽ مزاج، جهڙوڪ: محبوب تان سر صدقي ڪرڻ، قرباني ڏيڻ، سسئيءَ جي روپ ۾ مستقل مزاجي، همت، جُرئتمندي ۽ بيباڪي؛ ليلان جي روپ ۾ پڇتائڻ، ليلائڻ، آزيون نيزاريون ڪرڻ، منٿون ڪرڻ، لالڻ تان سر گهورڻ، غلطين کان پڇتائڻ؛ نوريءَ جي روپ ۾ نياز، نوڙت، نمرتا ۽ نهٺائي؛ مارئيءَ جي ويس ۾ وطن ۽ ويڙهيچن لاءِ سڪ، سُور طلب ۽ تڙپ، ۽ ويڙهيچن لاءِ واجهه وجهڻ، واڪا ڪرڻ، عمر بادشاهه جي محلن، ماڙين، پٽ- پٽيهرن، اطلس، عنبير ۽ ريشم کي، لوئي ۽ ڦاٽل ڪنجري جي مقابلي ۾ تڇ سمجهڻ جهڙا موضوع بيان ڪيا آهن. مثال طور:

(i) ڪيچيئڙن جي ڪاڻ، جيڏيون منهنجو جيئڙو جهڄي ٿو.

(ii) ولها وري آءِ، مون ڪئون موٽ نه ميندرا،
ميان مون سان نه مٿين، سوڍل سائين ساءِ.

(iii) توتان صدقي سپرين، هي ڏوهارڻ ڏڌ

(iv) صورت وارا سپرين، آءُ نماڻي ڇاهيان.

(v) دوست اوهانجڙي آهيان، ميان!
سائينءَ لڳ سجاڻين.

(vi) تون تان صاحب سپرين، ميان! هيءَ نانءَ نماڻي،

تارو پڇي نجم کي، موج پڇي مهراڻ،
ڦڙي پڇي مينهن کي، شاهه ڳولهي سلطان،
هُو مڙيئي پاڻ ٿيو، ڪير ٿيا حيران،
’سچُوءَ‘ جي صفت ۾، اهو باريءَ ڪيو بيان.

14 ـ سنڌي سماج ۾ ڪي اهڙيون رسمون ۽ رواج، پيرم، سنسا ۽ وهم اڄ به وٽ جاري آهن، جيڪي اسلام جي سنڌي کنڊ ۾ اچڻ کان اڳ واري زماني کان وٺي، سنڌي سماج جو حصو رهيا آهن. اهي سنڌ ۾ غيرمسلم سماج يا سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ کان اڳ واريءَ تهذيب سان واسطو رکن ٿا. اهڙين رسمن ۾ فال وجهائڻ، پوٿيون پڙهائڻ، اکا وجهڻ ۽ ڪانگل هٿان سنيهڙو موڪلڻ جهڙيون رسمون آهن، جن جو ذڪر سچل سرمست جي ڪلام ۾ به گهڻو ملي ٿو مثال طور:

(i) جنهن ڪارڻ مون ٿي، فالون وجهايون،

(ii) هو سو سڄڻ مون سان، جنهن جي ڪارڻ مون ٿي پوٿيون پڙهايون،

(iii) پوٿيون پڙهايم جن لاءِ، اُهي مولي ملايا

(iv) ڪانگل ڏج سنيهڙا، مان ويراڳڻ آهيان.

بهرحال سچل سرمست جي ڪلام ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جو سماجي لسانيات جي حوالي سان مطالعو هڪ دلچسپ ۽ معلوماتي مطالعو آهي، جيڪو سنڌ جي سماجي، تهذيبي ۽ تمدني تاريخ جي شاگردن لاءِ عام طور ۽ علم اللسان توڙي علم الانسان جي شاگردن لاءِ خاص طور هڪ وسيع ميدان آهي، پر هن مطالعي لاءِ سچل سرمست توڙي ٻين شاعرن جي ڪلام جي گهري مطالعي جي ضرورت آهي.

حاصل مطلب ته سنڌي سماج، سماجي حالتن جا اُهڃاڻ ۽ عڪس، علم ادب جي صورت ۾ لکت ۾ اسان وٽ موجود آهن. سنڌ جي ڪلاسيڪي توڙي جديد ادب ۽ سنڌ جي لوڪ ادب ۾ سنڌ جي سماجي زندگيءَ جي عڪس جون جهلڪيون نمايان طور نظر اچن ٿيون، جن جي مطالعي جي ذريعي، سنڌ جي ماڻهن جي اخلاقي، معاشي ۽ معاشرتي قدرن جا ڏار ڏار روپ ۽ ڏار ڏار پهلو نظر اچن ٿا. پر هي موضوع اڃا ڪنهن نقاد جي مطالعي هيٺ آيو ئي نه آهي. هن مطالعي جي اشد ضرورت آهي.

# ببليوگرافي

## سنڌي ڪتاب


1ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1987ع. سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. ص 142

2ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1988ع. مقالو انسان، زبان ۽ ثقافت. سماهي مهراڻ 4ـ 1988ع. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ. ص 50

3ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1983ع. سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي. ڇاپو پهريون. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

4ـ اياز قادري، ڊاڪٽر: 1985ع. مقالو سرمست ـ 5. خيرپور: سچل سرمست يادگار ڪميٽي

5ـ درمحمد پٺاڻ، ڊاڪٽر: 1985ع. سچل جي شاعريءَ ۾ مختلف لهجا. سرمست ـ 5. خيرپور: سچل سرمست يادگار ڪميٽي. ص 73

6ـ عثمان علي انصاري: 1982ع. سچل سرمست جو سنڌي ڪلام. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ. ص 9

7ـ عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر: 1985ع. مقالو سچل جي ڪلام جا ڪي انوکا لفظ. سرمست ـ 5. خيرپور: سچل سرمست يادگار ڪميٽي. ص 45

8ـ عطامحمد حامي، ڊاڪٽر: 1983ع. نينهن جا نعرا. سچل سرمست جي فارسي مثنوين جو منظوم سنڌي ترجمو ڪراچي: ڪافي پبليڪيشن. ص 42

9ـ مختيارملڪ: 1985ع. مقالو سچل سرمست جون صنفون. سرمست ـ 5. خيرپور: سچل سرمست يادگار ڪميٽي. ص 84

10ـ ميمڻ عبدالمجيد 'سنڌي'، ڊاڪٽر: 1988ع. ص مقالو شاهه ۽ سچل. سماهي مهراڻ 4ـ 1988ع. ص 67

11ـ نواز علي 'شوق' ڊاڪٽر: 1985ع. مقالو سچل سرمست جي سرائڪي شاعري. سرمست ـ 5. خيرپور: سچل سرمست يادگار ڪميٽي. ص 68

## اردو ڪتاب


-12 الانا، غلام علی، ڈاکٹر: 1988ع، زبان و ثقافت، اسلام آباد: علامہ اقبال اوپن یونیورسٹی

-13 اصطخری: 1960ع، المسالک والممالک، اردو ترجمہ، ہندوستان عربوں کی نظر میں، جلد اول، اعظم گڑہ: دار المصنفین، ص375

-14 بشاری مقدسی: 1960ع، احسن التقاسیم فی معرفتہ، اردو ترجمہ، ھندوستان عربوں کی نظر میں، اعظم گڑھ: دار المصنفین، ص ص385- 386


## English Books


15- Elliot, H. H., 1867, History of India, Vol: I. London: Trubner & Co., p.39

16- Potter Simon. 1960. Language in Modern world, Harred Watson, Ltd. p.24

17- Sorley, H.T.. 1940. Shah Abdul Latif of Bhit. London:

# تفصيلي ببليوگرافي

## ٻولي

### سنڌي ڪتاب ۽ رسالا


1ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1979ع. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ٻوليءَ جا تجربا. اُڀتي ٻولي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو مزاج، ٽماهي مهراڻ، 2/ 1972، ص 124

2ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1983ع. سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، ڇاپو پهريون، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص

3ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1987ع. سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ڇاپو پهريون، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 142

4ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1993ع. سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، ڇاپو ٽيون، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص ص 28، 61 ۽ 84

5ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1988ع. انسان، زبان ۽ ثقافت، ٽماهي مهراڻ 4/ 1985ع ۾ ڇپيل مقالو ص 50

6ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1993ع. سنڌي صورتخطي، ڇاپو ٽيون، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ص

7ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 2000ع. سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ڇاپو ٻيو ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 244

8ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 2004ع. ڇا ڀارت مان سنڌي ٻولي ختم ٿي سگهي؟ ٽماهي سپون جي شماري ۾ ڇپيل مقالو جولاءِ – سيپٽمبر، 2004ع. ممبئي: ص ص 9_14.

9ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 2006ع. سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ص ص 3، 9، 12، 35، 36، 77، 417 ۽ 418

10ـ الهداد ٻوهيو ڊاڪٽر: 1978ع. سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج. ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص ص 43، 125، 132 ۽ 133

11ـ پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر: 1989ع. سنڌي ٻوليءَ جي زيارت. دفتر پنڌار۔ گانڌي نگر: گجرات سنڌي اڪادمي، ص ص 1 ـ 4 ۽ 88

12ـ پرسو گدواڻي. ڊاڪٽر: 1994ع. سنڌڪي ۽ دراوڙ شخصي نالن ۾ هڪجهڙاين ۽ ميگهواڙ شخصي نالا، ڄام شورو: ڇهه ماهي سنڌي ادب. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

13_ پوپٽي هيراننداڻي، پروفيسر: 2006ع، ٽماهي ڪونج، مارچ - اپريل ۽ مي، ص 11
14_ ڀيرومل، آڏواڻي: 1956ع، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 55، 176 ۽ 177
15_ حميد سنڌي: 1967ع، روح رهاڻ رسالي جو ايڊيٽوريل، 4_ مارچ، 1967
16_ داد محمد بروهي، ڊاڪٽر: 1978ع، سبي علائقي ۾ سنڌي، ڪراچي: روزانه هلالِ پاڪستان ۾ ڇپيل مضمون، 5، مارچ، 1978ع
17_ دائودپوٽو علامه: 1983ع، اسان جي سنڌي زبان، اسان جي ٻولي، 'اسان جي ٻولي' ڪتاب ۾ شامل مضمون، حيدرآباد: سنڌ فرينڊس سرڪل، ص ص 9 ۽ 10
18_ سراج الحق ميمڻ: ؟، سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا، ماهنامه نئين زندگيءَ ۾ ڇپيل مقالو ڪراچي: پاڪستان پبليڪيشن
19_ سليم احمد: 1967ع، پاڪستان ۾ ٻولين جو مسئلو پمفليٽ، حيدرآباد: ص ص 1، 5 ۽ 7
20_ شوڪت حسين شورو: 1999ع، ڪالم، روزانه عبرت، 9 جولاءِ، 1999ع
21_ عبدالڪريم سنديلو ڊاڪٽر: 1985ع، سچل جي ڪلام جا ڪي انوکا لفظ، سرمست_5 ۾ ڇپيل مقالو خيرپور: سچل سرمست يادگار ڪميٽي، ص 45
22_ علامه آءِ آءِ قاضي: 1965ع، ٽماهي مهراڻ 4_1965/3ع ۾ ڇپيل مقالو
23_ علامه آءِ آءِ قاضي: 1967ع، روزانه عبرت اخبار ۾ ڇپيل انٽرويو 22، آڪٽوبر، 1967ع
24_ علي محمد شاهه راشدي: 1967ع، روزانه عبرت اخبار ۾ ڇپيل ڪالم، 17_ فيبروري، 1967ع
25_ غلام محمد گرامي: ؟ ايڊيٽوريل، ٽماهي مهراڻ 4_3
26_ ڪشني ڦلواڻي، ڊاڪٽر: 2004ع، راجستان ۾ سنڌي لوڪ ڳاٿا ۽ راڳيندڙ ٽماهي سپون، آڪٽوبر - نومبر ۽ ڊسمبر، 2004ع ۾ ڇپيل مقالو ممبئي: ص ص 31، 32 ۽ 33
27_ محمد ابراهيم جويو: 1982ع، سنڌي ذات هنجن ڪتاب جو مهاڳ، ص 8
28_ محمد ابراهيم، جويو: 1985ع، تعليم جو مؤثر ذريعو مادري زبان آهي، 'اسان جي ٻولي، اسان جي تعليم' ڪتاب ۾ شامل مضمون حيدرآباد، سنڌ: سنڌ فرينڊس سرڪل، ص ص 39، 47 ۽ 53
29_ محمد ابراهيم جويو: 2008ع، ڪونج رسالو مارچ - اپريل، ص 11
30_ نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: 1955ع، لاڙڪاڻي ۾ جمعيت الشعراء طرفان ڪرايل ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالو

31ـ نبي بخش خان. بلوچ. ڊاڪٽر: 1965ع. سنڌي ٻولي. اُن جو ماضي. حال ۽ مستقبل. ٽماهي مهراڻ رسالي جي شماري 4ـ3/ 1965ع ۾ ڇپيل مقالو ص ص 56 ۽ 65

32ـ نبي بخش خان. بلوچ. ڊاڪٽر: 1990ع. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ. ڇاپو ٽيون. ڄام شورو: پاڪستان اسٽڊيز ص ص 11, 13, 28 ۽ 70

33ـ نند ڇڄاڻي: 2008ع. ڪونج. ڇيٽي چنڊ سنڌين سيمينار پرچو مارچ. اپريل ۽ مئي. 2008ع. ايڊيٽوريل. ص 11

## روزانه اخبارون ۽ ماهوار رسالا

34ـ ماهوار روح رهاڻ. اپريل. 1997ع

35ـ روزانه خادم وطن. 27. جنوري 1967ع. ص 3

36ـ روزانه عبرت. 17 فبروري. 1968ع

37ـ روزانه هلالِ پاڪستان. 5 جولاءِ. 1969ع

38ـ روزانه هلالِ پاڪستان 28 آگسٽ. 1969ع

39ـ روزانه هلالِ پاڪستان. 14 سيپٽمبر. 1969ع. ص 3

40ـ روزانه هلالِ پاڪستان. 17 نومبر. 1969ع

41ـ روزانه هلالِ پاڪستان. 18 نومبر. 1969ع

42ـ روزانه هلالِ پاڪستان. 29 نومبر. 1969ع

## English Books

43- Allana, G. A., Dr., 2002. Origin and Growth of Sindhi Language. Jamshoro: Institute of Sindhology

44- Brian Stross. 1976. The Origin and Evolution of Language. Texas: W.M.C. Brown Company publishers. pp. 20, 32 and 33

45- Firth. J.R., 1964. The Tongue of Man and Speech. London: Oxford University press. p.19

46- Grierson. G., 1919. Linguistic Survey of India. Vol: VIII. Past-1. p.7

47- James. C., Melvile. 1848. Scinde the report of Sir George Clerk. Governor of Bombay on Administration of Scinde. East India, Sir George Clerk's Minutes of scinde. p.15

48- Melvin. L., Defleaun and Sandra Ball Rokeach. 1989. Theories of Mass Communication. fifth edition. Logman. New York and London: pp. 7 and 76

# علم ادب

## سنڌي ڪتاب


66_ جهمٽمل ڀاوناڻي، پروفيسر: ؟، چند سگنڌ، بمبئي: هندوستان ساهتيہ مالا
67_ ليلارام رچنداڻي: 1992ع، ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ جي ٿيسز جو مهاڳ، احمد آباد: شاهجيپور بوگها، ڪوتا پرنٽنگ پريس، ص ص 3_4
68_ محمد سومار شيخ، 1977ع، ڪڇين جا قول، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، مهاڳ، ص ص 35_42
69_ نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: 1973ع، ٻيلاين جا ٻول، حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز ص ص 13، 25، 43، 45، 61، 130 ۽ 131


# تاريخ

## سنڌي ڪتاب


70_ ڀيرومل آڏواڻي: ؟، قديم سنڌ، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 44، 46، 47، 173، 174 ۽ 465
71_ رائچند چيلهاري: 1956ع، تاريخ ريگستان، پاڳو ڀهريون، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 72 ۽ 77
72_ عبدالله ورياهہ: 1981ع، پٽن منارو، چهہ ماهي سنڌي ادب ۾ ڇپيل مقالو ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 138
73_ داني، احمد حسن، ڊاڪٽر: 1982ع، سنڌو سؤوير، سنڌ جي اوائلي تاريخ تي هڪ نظر: سنڌ صدين ڪان سيمينار ۾ پڙهيل مقالو مترجم: علي احمد بروهي، مرتب: ممتاز مرزا، ڪراچي: شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ص ص 51 ۽ 53
74_ علي اڪبر جعفري، ڊاڪٽر: 1982ع، 'اوائلي آريا دور ۾ سنڌ ۽ سنڌي'، سنڌ صدين ڪان سيمينار ۾ پڙهيل مقالو مترجم: علي احمد بروهي، مرتب، ممتاز مرزا، ڪراچي: شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ص ص 105 ۽ 110
75_ علي ڪوفي: 1954ع، فتح نامو عرف چچنامو، مترجم: مخدوم امير احمد (تشريح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) ڀهريون ايڊيشن، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 40، 47، 74، 98 ۽ 397
76_ علي شير قانع: 1957ع، تحفة الڪرام حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ص 88
77_ مرزا قليچ بيگ: ؟، قديم سنڌ، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ
78_ مولائي شيدائي: 1958ع، تاريخ تمدن سنڌ، حيدرآباد: سنڌي يونيورسٽي، ص ص 122، 132 ۽ 359
79_ مولائي شيدائي: 1985ع، جنت السنڌ، ٻيو ڇاپو ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص ص 3 ۽ 6

## English Books

80- Abdul Haq Mahar. Dr., 1992. The Soomras. Multan: Bacon Books. p.4

81- Abbot, J.. 1977. Sind, reprinted. Karachi: Indus publication. p.23

82- Al- Berumi, 1973. Ghurrat-al Zijat of Kirana Tilaka, Originally writter by Bijayaand of beniares. Dr. N.A Baloch, Jamshoro: Institute of Sindhology. pp. 15. 18. 22 & 172

83- Elliot. H. H. 1867. History of India. Vol: I. London: Trubner and Co: p.39

84- Haig. M.R., 1972, Indus Delta Country. reprinted by Indus publication. Karachi. p.35

85- Lamabrick. H.T.. 1975. Sind- A General Introduction. Hyderabad: Sindhi Adabi Board. pp. 1. 4. 102 and 148

86- Mir Ahmed Yar khan, 1975, Inside Balochan. an Autobiography

87- Sachau, E.C., Dr., 1962, al- Beruni's India, English edition, Vol: I. Lahore: Govt: of Pakistan. preface, pp. ix. 13. 14, 15. 16. 220. 221, 229, 233. 234. 345. 354, 428. 450. 449

88- Mirchandani. B. D., ?, Glimpses of Ancient Sindh. compilation of historical articles. pp. 19. 21, 22, 23. 25, 27, 30

89- Pahnwar. M.H., 1983, Chronological Dictionary of Sindh, Jamshoro: Institute of Sindhology, p. 114

90- Smith, V., 1914. Early History of India. Oxford:p. 360

## اردو کتب

91- ابوالحسن مسعودی:1960ع، مروج الزہب ومعاون الجہور، اردو ترجمہ، ہندوستان عربوں کی نظر میں، اعظم گڑھ: ص ص266- 289

92- اصطخری:1960، المسالک والممالک، اردو ترجمہ، ھندوستان عربوں کی نظر میں، جلد اول، اعظم گڑھ: دار المصنفین، ص375

93- اعجاز الحق قدوسی: 1971ع، تاریخ سندھ، حصہ اول، لاہور: مرکزی اردو بورڈ، ص ص4، 5اور33

94- بشاری المقدسی، 1960ع، احسن التقاسیم، اردو ترجمہ، ھندوستان عربوں کی نظر میں، جلد اول، اعظم گڑھ: ص ص 385- 386

95- جاحظ: 1960ع، رسالہ فخر السودان علی البیان، اردو ترجمہ، ھندوستاں عربوں کی نظر میں، اعظم گڑھ: دار المصنفین، ص ص4- 7

96- قاضی اطہر مبارکپوری:1965ع، عرب وھند عہد رسالت میں، جامع مسجد دہلی: ندوۃ المصنفین، ص ص19اور20

97- گل خان نصیر:1952ع، تاریخ بلوچستان، جلد اول، کوئٹا: اقبال اسٹیشنری مارٹ، ص ص20اور21

### فارسی کتب

98- خداداد خان: 1959ع، لُب تاریخ سندھ، حیدرآباد: سندھی ادبی بورڈ، ص65

## جاگرافي

### سنڌي ڪتاب

99ـ نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: 1982ع، سنڌي ڪال/ سنڌو سنبت، سنڌ صدين کان سيمينار ۾ پڙهيل مقالو ص ص 6 ۽ 154

### English Books

100- Cunnigham ?, Ancient Geography of India, pp. 286 and 287

101- Mushtaq-ur- Rehman, Dr. ?, A Geography of Sind Province of Pakistan. Karachi: The Karachi Geographical Association

102- Pithawala, M., Professor, 1959, A Physical and Economic Geography of Sindh, Hyderabad: Sindhi Adabi Board, p.9

## Indus Valley Civilization and Culture

### سنڌي ڪتاب

103ـ الانا غلام علي، ڊاڪٽر: 1999ع، ثقافتي ورثو، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، ص ص 47، 48، 197، 199 ۽ 263

104ـ پريتم ورياٽي: 2006ع، جيسلمير سرحد جو تهذيبي اپياس (1987ع)، تماهي سپون، اپريل- مي- جون، 2006ع، ممبئي.

105ـ جينت ريلواڻي، 2008ع، سنڌ- ڪڇ- ڪانياواڙ جا سپيتڪ ناتا، راجڪوٽ: پروين پراڊڪشن، پي وي ٽي، ص ص461، 465- 469

106ـ عبدالڪريم بن محمد سمعاني، 1912ع، الانساب، ص 237

## English Books

107- Allana, G. A., Dr., 1984. Sindhi Culture, Karachi: Indus Publication

108- Eathel- Jane, W., Bunting, 1980. Sindhi Tombs and Textile, the persistence of patterns. The University of Texas, p.5

109- Hiremath, R. C., Dr., 1984. The Genisis and Growth of Dravidian. Trivandrum: Dravidian Linguistic Association, publication No: 39, pp. 58 and 83

110- Kenoyer, J., Mark, 1977, Living Legacy. The Indus Civilization Lives on in Sindh in customs, architecture and Jewellary more, an article published in the monthly Herald, Karachi: Dawn Bureau of Publication

111- Kenoyer, J. Mark, 1977. 'Ancient Cities of the Indus Valley', an article published in Daily Dawn, Karachi: Tuesday, 3rd June, 1977

112- Nabi Buksha, Kazi, Dr., 1970, Sindon, an article published in Sindhological studies Jamshoro: Institute of Sindhology, P. 165

113- Paddaya, K., Dr., ? Cultural and Linguistic Conrenctions in Indian Subcontinent p. 3

114- Pervin Talpur, Prof. ?, The Indus seals: Symbols and Sigus (2600-1900 B.C), from Geometry to Iconography and their Socio- Cultural meaning, unpublished

115- Shaikh Khurshid Hassan, 1976, Chaukhandi Tombs of Sindh, Karachi: Royal Book Co: pp. 138 and 146

116- Taj Mohammad Sehrai, 1997, Lake Manchar, Karachi: Sindhi Kitab Ghar, pp. 16, 170-171

117- Wheeler, E. M., Sir, 1950, Five Thousand Years of Pakistan, London: Royal India Pakistan Society, pp. 86 & 87

## Ethnography

### سنڌي ڪتاب ۽ مقالا

118_ ليلو رچنداڻي: 1967ع، 'جپسي قوم'، ٽماهي مهراڻ، 3/ 1967ع ۾ ڇپيل مقالو ص ص 39_44

## English Books & articles

119- Dames, M. L., 1904, The Baloch Race, A Monograph, Published in JRAS, Vol: V, London: p. 254

120- Sigrid Westphal- Hellubusch, Dr. and Heinz, Westphal, 1984. The Jats of Pakistan, Berlin: Dunker and Hambolt, p.104,

121- Thadhani, T. S. 1948, The Lohanas, an article published in JSHS., Vol: VIII No-3, January, p. 166

## Encyclopaedia

122- Encyclopaedia Brittanica, Vol: VIII, p. 59

## Gazetteers

123- Aitken, A., 1907, Sind Gazetteer, Karachi: American press, p.9

124- Extracts from The District and States Gazetter of Punjab (Pakistan), Vol: II, Lahore: Research Society of Pakistan, University of Panjab, pp. 425 & 441

125- Sorley, H. T., Dr., Gazetteer of West Pakistan (Sind Region) Lahore: Govt of West Pakistan, p.1

## Reports

126- 1961. District Cencuss Report of Makran District, 1961, pp. 1-14, 60 & 86

127- 1961. District Cencuss Report of Sibi District, 1961, pp. 1-16

128- Sindh, State of Environment and Development, Karachi: IUCN, pp. 337- 368

129- Pakistan Year Book, 1969, p. 44

130- UNESCO Annual Report, 1996

ISBN 978-9-6962514-6-0